شاهڪار لکڻين جي چونڊ

ماهوار

ڪرنا

جرائتي



حليم بروهي جي ڪلاسڪ طنز و مزاح

خالد بن وليدؓ ۽ ڪارل مارڪس جي زندگيءَ جو احوال

مر جليل جي چونڊ ڪهاڻي

ول "رقاص راڻي"

شاهڪار لکڻين جي چونڊ
ماهوار
ڪرڻا ڊائجسٽ

جلد ٻيو، شمارو ستون، جنوري 2007ع

چيف ايڊيٽر (اعزازي)
ڊاڪٽر خالد نوراني

ايڊيٽر (اعزازي)
الطاف ملڪاڻي

ايڊيٽوريل بورڊ
عرفان نوراني سوجهرو سنڌي
مقصود قاضي ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ

ٽائيٽل ڊزائين : راڻو ميگهواڙ
ڪمپيوٽر لي آئوٽ : ساجن سنڌي
سورج پرنٽرس، 7- ربي چيمبر،
سامهون چائنيز ريسٽورينٽ، حيدرآباد
0333-2608528

پتو:
1. پوسٽ باڪس نمبر 2810، جنرل پوسٽ آفيس، ڪراچي
2. 507، برهاني سينٽر، فاران هوٽل جي سامهون، صدر، حيدرآباد
3. بنگلو نمبر D-121/B بلاڪ پنجون، ڪلفٽن ڪراچي
موبائيل: 0333-2745033, 0300-9370259
E.mail: krizmadigest@yahoo.com
Website: www.krizmadigest.com

قيمت : 30 روپيا
سالياني في: 300 روپيا

هيءَ ڊائجسٽ پبلشر مير محمد نورانيءَ القادر پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

سٿاءُ

16 ■ ڪرزما پوسٽ

جيون ڪتا:

ڊاڪٽر نور ناز جهتيال

22 ■ خالد بن وليد رضہ

ڏيهي ادب:

امرجليل

59 ■ پڪي

حليم بروهي

63 ■ عورت ۽ سماج

منور سراج

71 ■ ترشنا

عزيز ڪينجهرائي

77 ■ وڏي خليفياڻي

پرويز

80 ■ ڏاڙيل جي ڏيءَ

نرتن نوشاد

92 ■ ويهن ورهن جو خواب

فياض چنڊ ڪليري

106 ■ ۽ هن ڪي بي وفائي ماري ڇڏيو..

رياض بلوچ

114 ■ وڏو موچي

مظهر جروار

118 ■ ماضيءَ جا ڏنڌلا عڪس

پرڏيهي سنڌي ادب:

ريٽا شهاڻي

123 ■ تضاد زندگيءَ جا

رام پنجواڻي

130 ■ محمد گاڏي وارو

عالمي ادب:

وليم فاڪنر/عاطف علي ميمڻ

135 ■ ويجاري ايملي

ٽالسٽاءِ/طفيل مگسي

147 ■ ڏوهاري

ڪيٽ چوپن/عرفان نوراني

152 ■ هڪ ڪلاڪ جو قصو

سنڌيڪار: عبدالجبار ڪوسو

156 ■ برسات ۽ ڪاغذ جو ماڻهو

ڪرشن چندر/طفيل مگسي

160 ■ چريو

سفرنامو:

الطاف شيخ

190 ■ دهليءَ جو درشن

سلسليوار ناول:

ڊاڪٽر منظور ميمڻ

166 ■ شيطاني جنت

جيفري آرچر/نصرالله عباسي

208 ■ هابيل ۽ قابيل

مذهبي شخصيت:

محبوب سمون

221 ■ حضرت يوشع عليه الاسلام

پيراسائيڪولاجي:

خالد نوراني

239 ■ موت جي مشاهدي جون حالتون

تاريخ ساز شخصيت:

محمد حنيف نهڙيو

258 ■ ڪارل مارڪس

شاعري:

270 ■ شيخ اياز، مارگريٽ واڪر، ريٽا شهاڻي، اظهر ٻانيڻ، علي محمد سولنگي ۽ ٻيا

تاريخي ناول:

آزاد ايم طيب عباسي

278 ■ رقاصه راڻي

تفريح:

312 ■ ٺهڪ ٽائيم

ڪسڻ جو ڪوپ

ڪَنڌُ ڪَٽارو، مُنهن وٽي، عادت جَنين ايءُ
تَنين تڪون ڏنيون، جُنبي مَنجهان جيءُ
سَرو تِن سبيءُ، جِن حَاصِلُ ڪئو حالَ ڪي.

سِرُ ڏَيئي سِٽَ جوڙ، ڪِنهن پَر ڪَلاڙن سِين
ڪاتِي ڪَرٽ ڪَپار ۾، خنجر آٽي ڪوڙ!
مَرڻا مُنهن مَ موڙ، وَڻِي ٿِي وَڏ لَهي!

اڳيان اَڏِنِ وَٽُ، پوين سِرُ سَنباهِيا
ڪاٽِ تہ پوءِ قَبولَ ۾، مَڇڻ پايين گهٽ
مَٿا مَهاين جا، پيٽا نہ ڏِسين پَٽُ؟
ڪَلاڙڪي هَٽُ، ڪُسڻَ جو ڪوپُ وَهي.

آفاقي عشق جو پيغامبر، شاهہ لطيف عشق جي پانڌيئڙن کي خبردار ڪري ٿو تہ هيءُ پنڌ ايترو آسان ناهي. هن راهہ تي اهي ئي سرخرو ٿي سگهن ٿا جيڪي سِرَ جو سانگو نٿا ڪن. عشق جي ريت ۾ روايت جو مقام اهو آهي تہ ڪنڌ تي ڪاتي ۽ ڪرٽَ ڪپار ۾ پيل هجي، پر پوءِ بہ يڪساهي ڳيت ڏيئي ڪڙو ڪڪوہ (زهر) پي وڃجي. حال کي حاصل ڪرڻ جي بس اهائي واٽ آهي. شاهہ لطيف چوي ٿو تہ اڳي پوءِ مرڻو تہ هرڪنهن کي آهي پوءِ موت کي آڏو ڏسي منزل کان منهن ڦيرو موڙجي. جي اوهان جو عشق سچو آهي تہ اوهين پاڻ ئي اڇي پنهنجو سِرَ اڏيءِ تي رکو. اوهان کان اڳ بہ سچن عاشقن فقط تڏهن ئي منزل ماڻي هئي.

ـ سوجهرو سنڌي

پنهنجي پاران

"ڏسو! سڀ کان وڏو ڪبيرو گناهه ٻڌايانوَ ٿو. فريب ۽ دغابازيءَ جي ڳالهه ۽ ڪوڙي شاهدي." ائين چيو حضرت محمد صـ. ۽ اڄ اسان جو سڄو چرخو هلي رهيو آهي فريب ۽ دغابازيءَ جي ڳالهين ۽ ڪوڙين شاهدين سان.

ائين چوڻ واري هستيءَ جي جنم کان چوڏهن سو سال اڳ هڪ نيڪ انسانُ، پيار، محبت، امن، سهپ ۽ رواداري جو درس ڏيندڙ پيغمبر ۽ بيمار انسانيت جو مسيحا، فريب ۽ دغابازيءَ جي ڳالهين ۽ ڪوڙي شاهدي وسيلي صليب تي چاڙهيو ويو. جنهن جي چٽيءَ جي ڏينهن تي دنيا نئين سال جو جشن ملهائي ٿي.

بلاشڪ! سچ سرڪش روح جي پيشانيءَ منجهان ئي اڀري ٿو. عيسيٰ، محبت جو مسيحا بہ هڪ سرڪش روح آهي جيڪو هميشہ ڪوڙ، فريب ۽ دغابازي جي دنياداريءَ خلاف سچ، سونهن، امن، پيار ۽ نيڪي جي راهہ جو نشانبر رهيو آهي. ان ئي راهہ جا نشانبر رهيا آهن هر دؤر جا پيغمبر.

ارتقا جي اٽل قانون تحت هيءَ سموري ڪائنات تحرڪ ۾ آهي ۽ ان ڪائناتي تحرڪ ۾ سفر ڪندي انساني سماج بہ هميشہ تحرڪ، تبديلي، ترقي، عروج، زوال ۽ نئين جنم جي ارتقائي دؤرن منجهان گذرندو رهي ٿو. اڄ اسان جو سنڌي سماج بہ زوال جي تاريڪ ترين دؤر منجهان گذرندي نئين جنم جي ارتقائي دؤر ۾ قدم رکڻ جا سانباها ڪري رهيو آهي.

اسان جي ڪوشش آهي تہ اسين نئين سنڌ جي تعمير ۾ پنهنجو وس آهر مثبت ڪردار ادا ڪندي جديد ادارن جي تخليق ڪريون. اڄ اسان وٽ گذريل صدي جي سٺ ۽ ستر وارن ڏهاڪن جهڙا ادبي شاهڪار اٽلي آهن. جڏهن تہ نئين سنڌ انهن ڪان بہ هڪ قدم اڳتي وڌيل شاهڪارن جي تخليق جي تقاضا ڪري رهي آهي ۽ اسان کي پڪو ويساهہ آهي تہ تخليق جي ديوي هڪ ڀيرو وري اسان تي مهربان ٿيندي ۽ سنڌ جي ڪُک سائي ٿيندي. ان ئي ويساهہ سان اسين نئين سال جي آجيان ڪريون ٿا.

"ڊائجسٽ" هونئن تہ هلڪي ڦلڪي تفريح جو سلسلو هوندو آهي پر اسين ان کي تفريح سان گڏوگڏ زندگي جي ڀرپور معنويت بہ بخشڻ چاهيون ٿا. معياري ادبي تخليقن ۽ شاهڪار ناولن جا ترجما ان ئي ڪوشش جي ڪڙي آهن. اڄ اسان وٽ صحتمند ۽ معياري تنقيد ناپيد آهي جنهن ڪانسواءِ تخليق جو ٻوٽو اسري نسري ناهي سگهندو. تنقيد جي سهپ، سکيا ۽ خود تنقيد ئي جمهوري مزاج جي تخليق ڪندي آهي ۽ جمهوري مزاج ڪانسواءِ ڪنهن بہ اداري جو ادارتي بنياد تي ڪم ڪرڻ ممڪن ئي نہ هوندو آهي. اسان جا اڪثر ادارا اڄ بہ جمهوري مزاج کان وڌيڪ فردي آمريت جي صفت سان ڀريل آهن ۽ ان مرض مان نجات حاصل ڪرڻ بہ اسان جي اولين ذميداري آهي. اسين اميد ٿا ڪريون تہ اسان جا پڙهندڙ اسان کي سطحي تعريفي ۽ تنقيدي خطن کان اڳتي وڌي معياري تنقيد ذريعي اسان جي تربيت ۽ رهنمائي ڪندا تہ جيئن اسين اجتماعي پلاٽي جي روح روان هڪ جديد اشاعتي اداري جا مضبوط بنياد وجهي سگهون. **سدائين گڏ**

ڪرزما پوسٽ

✉ ڪرزما ست ڪي نئين سال ۽ عيدالضحيٰ جون ڊير ساريون واڌايون هجن. مواد شايع ڪرڻ لاءِ مهرباني.
علي محمد سولنگي، دادو

✉ اسان کي ڏاڍي خوشي آهي جو ڪرزما ڊائجسٽ ۾ اسان کي ترقي پسند ادب پڙهڻ لاءِ ملي رهيو آهي. سنڌ جي سڀني دوستن ۽ ليکڪن جا شڪرگذار آهيون جيڪي ادب جي ٻرندڙ شمع لاٽ کي روشن رکندا تا اچن.
وفا راشد رضا سولنگي، نوشهروفيروز

✉ پنهنجي پاران ۾ اوهان هميشه سنڌ جي سورن جي ڳالهه ڪندا رهندا آهيو. ان لاءِ ڪرزما ست کي واڌايون. هن پيري ڊسمبر 2006ع واري شماري ۾ ترجمو ٿيل ڪهاڻيون گهڻيون هيون. ڪهاڻين ۾ "هڏڙوڪي"، "هو ڪير هو"، "صفائي پسند" ۽ "موت جي مشاهدي جون حالتون ۽ ان جي درجه بندي" بهترين لڳيون. سنڌي ڪلاسڪ ادب جي ڪهاڻي شريفا پڙهندي آخر ۾ روئاڙي وڃائين. مون اوهان ڏي ٽي ڪهاڻيون موڪليون هيون. انهن جو ڇا ٿيو.
آڪاش لغاري، جاتي، ٺٽو

✍ *ادا، ڊسمبر 2006ع واري شماري ۾ ان ڪري ترجمو ٿيل ڪهاڻيون گهڻيون ڏنيون ويون هيون جو اصلي معياري لکڻيون اسان تائين گهٽ پهتيون هيون. اسان جي ڪوشش آهي ته اسين وڌ کان وڌ معياري لکڻيون شايع ڪريون ۽ ان کان علاوه توهان کي هتي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته اسان کي ڏاڍو افسوس آهي ته نثري ٿيم توهان جي ڪهاڻين کي رد ڪري ڇڏيو آهي. ڪو ٻيو معياري مواد موڪليو. ان کي ضرور شايع ڪيو ويندو. (ادارو)*

✉ هاڪر وٽان پهريون دفعو ڪرزما ورتم. ڊائجسٽ ايترو ته پسند آيو جو لکڻ تي مجبور ٿي ويس. اهو سڀ ڪجهه مواد جيڪو هرڪو پڙهڻ پئي چاهيندو آهي هن ڊائجسٽ ۾ موجود آهي. توهان کي لک آفرين آهي اهڙو سهڻو ۽ دلچسپ ڊائجسٽ ڪڍڻ تي، شاعري، دلچسپ ڳالهيون ۽ ٺهڪ ٽائيم جهڙا خوبصورت سلسلا شايد ئي ڪنهن ٻئي ڊائجسٽ ۾ شايع ٿيندا هجن. مون وٽ "ابوالهول" نالي ناول موجود آهي. چئو ته موڪلي ڏيان.
سهيل جميل پٽو، ڳوٺ ڇڄڙا، قمبر

✍ *ادا، اهو ناول موڪلي ڏيو. جيڪڏهن معياري هوندو ته ضرور شايع ڪيو ويندو. (ادارو)*

✉ "عظيم رشتو" جي عنوان سان نڪور ڪهاڻي موڪلي رهيو آهيان، اميد ته شايع ڪندا.
عبدالجبار "عبد" سومرو

ادا. اوهان جي ڪهاڻي نثري ٽيم کي موڪلي ويئي آهي. معياري هوندي ته پاڻيهي شايع ٿي ويندي. (ادارو)

☒ ڪافي وقت کان وٺي شاعري لکندو رهيو آهيان. منهنجي شاعري سنڌو ڊائجسٽ، عبرت اخبار ۽ ٻين ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندي رهندي آهي پر الاهي ڇو ڪرزما ۾ لکي نه سگهيس. شاعري موڪلي رهيو آهيان اميد ته شايع ڪندا.

جاويد شهباز لغاري، رڪن ٻرڙو، سانگهڙ

☒ مون کوڙ سارا رسالا شايع ٿيندي ۽ بند ٿيندي ڏٺا آهن. مان سمجهان ٿو ته ان ۾ سيڪس جي پرمار هوندي آهي. هالار ۽ سنڌ رنگ به سيڪس بابت مواد ڏيڻ تان بند ٿيا. توهان جي رسالي ۾ سيڪس متعلق ٽائٽل فوٽو ۽ ان کان علاوه پروف جون غلطيون هجن ٿيون ان کان رسالي کي پاڪ ڪندا.

ساحل بلوچ، گڊو سکر

ادا. سنڌي رسالو شايع ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو عمل آهي. اڪثر ڪري سنڌي رسالن، ميگزين يا اخبارن سان اشتهاري ڪمپنيون ماٺيجي ماءُ وارو سلوڪ ڪن ٿيون. اشتهارن ملڻ جي نه ڪري سيئي سنڌي رسالا بند ٿي وڃن ٿا. پي ڳالهه ته اسان به ان ڳالهه ۾ ايمان رکون ٿا ته سليقي وارو ۽ معياري ادب شايع ڪجي، جيڪو سيڪس کان پاڪ هجي. اميد ته اڳتي به اسان کي اسان جي غلطين کان آگاهه ڪندا رهندا.

(ادارو)

☒ گهڻي وقت کان پوءِ خط لکڻ لاءِ معافي جو طلبگار آهيان. ڊاڪٽر خالد نوراني جي سلسلي وار ڪهاڻي "مرڻ کان پوءِ جا اسرار" گهڻيون قسطون هجڻ ڪري بور ڪيو. مهرباني ڪري اهڙن سلسلن کي ختم ڪيو وڃي. شاعريءَ موڪليان پيو شايع ڪندا.

وقار احمد هانپي، جيڪب آباد

☒ هڻي ڪٽن وقت ۾ ڪرزما جهڙو خوبصورت ۽ بنا وقفي ڊائجسٽ باقائدگيءَ سان اسان تائين پهچائي رهيا آهيو. ان لاءِ جيتري تعريف ڪجي گهٽ آهي. اوهان منهنجي شاعري ڇاپي، باقي منهنجون ڪهاڻيون جيڪي مون اوهان ڏانهن موڪليون هيون انهن جو ڪوبه اتو پتو ناهي. هن پيري ابن خلدون جي زندگيءَ جو احوال، امر جليل، فياض چنڊ ڪليري، امر لغاري، نرتن نوشاد، ايس سرمد، عظيم ۽ ٻين ليکڪن جي ڪهاڻين خوب، نپايو. شاعريءَ ۾ علي محمد سولنگي، علي محمد پٽي، بچل شيخ، مايا ساگر اوڏ، عبد ڪنير، غلام آدرش، رحمت سومرو، مير حسن ڪوسو ۽ ٻين سنو لکيو.

مظهر علي جروار، امن آباد

☒ ڊسمبر 2006ع واري ڪرزما ۾ "پنهنجي پاران" ۾ توهان جي لکيل ڪڙي سچ واقعي دل کي ڏکويو. واقعي اسان جي سنڌ ۾ ڪاروڪاري جي ڪري روز ڪيئي بي ڏوهي ماڻهو مرن ٿا. اوهان کي جس آهي جو توهان هر بار سنڌي قوم کي جاڳائيندا رهو ٿا.

اختر رند بلوچ، ڪراچي

☒ ڊسمبر 2006ع ڪرزما ۾ تمام سٺيون ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ مليون. "پنهنجي

پاران“ واقعي شاندار لکيل هو. هن شماري ۾ ڊاڪٽر نور ناز جهتيال، امر جليل، پرويز، عزيز ڪينجهرائي، نرتن نوشاد، فهيم ميمڻ، طفيل مگسي جي ڪهاڻين واقعي نيايو پر سيني کان وڌيڪ اوهان جي سلسليوار ناولن شيطاني جنت ۽ هابيل ۽ قابيل موهيو ان لاءِ ڊاڪٽر منظور ميمڻ ۽ نصرالله عباسي کي جس هجي.

فيروز، مورو

☒ ڪرزما نومبر 2006ع ۾ ڇپيل سيئي ڪهاڻيون واقعي لاجواب هيون. محبوب سمون، مقصود احمد قاضي، نرتن نوشاد، حسن منصور، سيف الحق سيف، گلزار ولياڻي، ڊاڪٽر منظور ميمڻ ۽ گوبند خوشحالاڻيءَ جون ڪهاڻيون ۽ ناول واقعي بهترين هيون.

احمد نواز، پنج مورو، هالا

☒ اوهان رسالو ڪڍيو پر دير سان. ڪوڙ سارا سنڌي رسالا مارڪيٽ مان غائب ٿي ويا آهن. ماهوار ڪرزما جو نومبر جو پرچو لاڙڪاڻي ۾ رابيل ڪتاب گهر تي نظر آيو. دل کي وڻيو. پڙهي ڪري متاثر ٿي اوهان ڏانهن هيءَ پهريون خط اماڻي رهيو آهيان. شاعري موڪلي اٿم. اميد ته مايوس نه ڪندا.

محبوب مصور سومرو، ڳوٺ ڪوهري

☒ نومبر2006ع جو شمارو تمام گهڻي انتظار جي اذيت کان پوءِ مليو. امر جليل ۽ ريٽا شهاڻي ڪهاڻين جي حوالي سان پاڻ مجرائيندڙ ليکڪ ۽ ليکڪائون آهن. طارق خشڪ، يار محمد چانڊيو، سنڌيا شاهه جون نڪور ڪهاڻيون لکرائڻ لاءِ اوهان انهن سان رابطو ڪيو.

وقار احمد سيال، رتوديرو

☒ ڪرزما کي باقائدگي سان پڙهندو اچان. هر مهيني منجهس هڪ اڌ نئين خوبي ڏسڻ ۾ ايندي آهي جنهن مان ڪتاب جي معيار برقرار رکڻ لاءِ توهان جي محنت ۽ لڳن جي پروڙ پئجي ٿي. ڪهاڻين ۾ بامقصد ڪهاڻيون، تاريخ، فلسفو، سائنس ۽ مذهبي ڄاڻ جنهن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري اصل حقيقتون سامهون آڻڻ. ان کان علاوه پارتي سنڌي اديبن کي رسالي ۾ جڳهه ڏيڻ، سفرنامه، شاعري، سوانح حياتون ۽ ٿهڪ ٽائيم اهي سلسلا آهن جيڪي ڪرزما کي ادبي رسالي جي صف ۾ اول بيهاريو بيٺا آهن. خاص طور تي پهاڪن کي معنيٰ ۽ مفهوم سان پيش ڪيو اٿو. اهو طريقو به ڄاڻ ۾ اضافو آهي. ٻيلي مون وٽ سفارش ٻفارش ڪونهي. شاعري موڪليان پيو شايع ڪرڻ جهڙي هجي ته ضرور شايع ڪندا.

پيار علي پريمي، بدين

✍ ادا، اسان سڀني جي هن ڊائجسٽ ۾ مواد شايع ڪرائڻ لاءِ ڪنهن سفارش جي ضرورت نه پوندي آهي. توهان سڀ شاعري موڪليندو ته اها ضرور شايع ٿيندي.

(ادارو)

☒ ڪرزما نومبر جو پرچو ڪافي دير سان مليو پر جڏهن مليو ته دل باغ بهار ٿي ويئي. وڏي چاهه ۽ خوشيءَ سان خريد ڪري پڙهندو آهيان. هميشه وانگر منهنجو مواد توهان نه ڇاپيو. جيڪڏهن ائين منهنجي مواد کي توهان نظرانداز ڪندا رهندا ته

بي صورت ۾ آئون لکڻ چاهڻي ڏيندس. **الطاف حسين اداسي، ڪشمور**

✉ توهان ڏانهن مان پهرئين ٻه ڪهاڻيون موڪلي چڪو آهيان جيڪي توهان شايع نه ڪيو مهرباني ڪري آگاهه ڪندا. **پنهون پيل، نظرپور پيلو**

✍ ادا. توهان پنهنجي ڪهاڻين جو معيار بهتر ڪندا ۽ وڏن نالي وارن لکيڪن ۽ ليکڪائن وانگر ڪهاڻيون لکي ڪري يا ڪوبه معياري مواد ترجمو ڪري موڪليندا ته ضرور ان کي شايع ڪيو ويندو.(ادارو)

✉ بي پناهه محبتن ۽ اميدن سان هيءَ خط اوهان کي لکي رهيو آهيان. ههڙي بهترين رسالي ڪڍڻ تي آئون توهان سڀني کي مبارڪ ڏيان ٿو. شاعري موڪلي رهيو آهيان. شايع ڪندا ۽ مان هڪ ڪهاڻي به لکي رهيو آهيان. جيڪا توهان کي جلد موڪليندس. **محمد قاسم ڪوسو، جهڏو، بدين**

✉ منهنجي سامهون نومبر 2006ع جو ڪرزما رکيل آهي، ان ۾ هر ڪهاڻي پنهنجو مٿ پاڻ آهي. فياض چنڊ ڪليري، امر لغاري، نرتن نوشاد، حسن منصور، ايس سرمد، سيف الحق سيف ۽ عظيم واقعي لاجواب ڪهاڻيون لکيون آهن. نرتن نوشاد ۽ حسن منصور جي ڪهاڻين کي پڙهڻ ۾ لطف ملندو آهي ڇو ته انهن جي ڪهاڻين جا موضوع ڏاڍا عجيب هوندا آهن. اميد ته انهيءَ ليکڪن جون ڪرزما ۾ لکيل ڪهاڻيون اسان کي پڙهڻ لاءِ ملنديون رهنديون. **ايم. جليس، ميرپورخاص**

✉ "شيطاني جنت" واقعي هڪ شاندار سلسليوار ناول آهي. يقين ڪندو ته مان بي قرار هوندو آهيان ته ان جي اڳيان احوال پڙهان. ڊاڪٽر منظور کي منهنجي پاران لک مبارڪون. ان کان علاوه مقصود احمد قاضي جي لکيل "حجاج بن يوسف" به ڪافي متاثر ڪيو. الطاف شيخ، محبوب سمون، گلزار ولياڻي، امر اياز مهر ۽ نصرالله عباسي به سٺو نياڻي رهيا آهن. **غلام مرتضيٰ، سانگهڙ**

✉ ڪرزما جنهن نموني ادبي خدمتون ڏيئي رهيو آهي، ان لاءِ ڪرزما سٽ کي ڪوڙ ساريون مبارڪون. توهان جي ٻاريل اها لاٽ تاريخ ۾ هميشه امر ئي رهندي. توهان جي ڊائجسٽ جا سلسلا واقعي لاجواب آهن، عمر خيام، واليٽير، حجاج بن يوسف، مولانا جلال الدين رومي ۽ ٻين ڪيترن ئي عظيم ماڻهن جا اسان فقط نالا ٻڌا هئا. انهن جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ ڏيئي اوهان اسان تي احسان ڪري رهيا آهيو. اميد ته ڪرزما ڊائجسٽ شايع ٿيندو رهندو. **عبدالغفار پٽي، عمرڪوٽ**

✉ نومبر 2006ع جو ڪرزما خريد ڪيم. آئون هاڻي ڪرزما جو نئون نئون خريدار ٿيو آهيان. ڪهاڻيون، ناول ۽ ترجمو ٿيل مواد وڻيو. آئون هڪ نئون ليکڪ آهيان. هڪ ڪچي ڦڪي ڪهاڻي "اميد جو ڪرڻو" موڪليان پيو، جيڪڏهن معيار تي لهي ته نوڪ پلڪ سنواري ڪرزما ۾ جاءِ ڏيندا. **احسان هاليپوٽو، مڪلي، ٺٽو**

✍ ادا. توهان جي ڪهاڻي نثري ٿيم کي موڪلي ويئي آهي، معياري هوندي ته پاڻيهي ڇپجي ويندي.(ادارو)

✉ توهان جي محنت جي موٽ ۾ مون وٽ لفظ ناهن جو اظهار ڪري سگهان. ڪرزما جهڙو رسالو ڪڍي اوهان سنڌي ٻولي جي بي بها خدمت ڪري رهيا آهيو. توهان جس لهو. ڪرزما ۾ امر جليل، ريٽا شهاڻي، فياض چنڊ ڪليري جون تحريرون واقعي ڪرزما کي چار چنڊ لڳائي ڇڏين ٿيون ۽ ان کان علاوه ڊاڪٽر خالد نوراني جون تحريرون به جديد دور جي تقاضائن مطابق لک لهن. ڪجهه سنڌي تاريخ بابت مواد شامل ڪريو ته بهتر آهي ڇو ته سنڌ جي ڪافي تاريخ اڃا تائين ڪتابن تائين ناهي پهچي سگهي.

حاجي خان شاد راڄڙ، ڪپرو

✍ *ادا، ڪرزما کي پسند ڪرڻ جي مهرباني، سنڌ جي تاريخ بابت اسان ڪجهه مواد ڏنو آهي ۽ ان ڏس ۾ ستت ئي توهان وڌيڪ احوال پڙهندو. (ادارو)*

✉ آئون ڪرزما جو ريگيولر خريدار آهيان. مون کي هر مهيني اسان جي شهر جو ايجنٽ اوهان جو رسالو پهچائيندو آهي. ان کان علاوه مون کي توهان جي ڊائجسٽ ۾ تمام گهڻي دلچسپي آهي. غزلون اوهان ڏي موڪليان پيو شايع ڪندا.

سيد پناهه شاهه، ڏاڏاهي، جهڏو

✉ سنڌي ادب ۾ ڪرزما نئين اپرندڙ لاٽ جيان طلوع ٿيو آهي ۽ پنهنجي ارتقا جو سفر طيءَ ڪري رهيو آهي. هميشه خوبصورت ٽائيٽل سان سجايل هن ڊائجسٽ ۾ ڪيترائي رنگ من موهيندڙ هوندا آهن جن ۾ آخري صفحن تي مڪمل ناول ۽ سينيئر رائٽرن جو آڪاڻيون به، پر هن جي خوبصورت چهري جي چنڊ تي پروف جون غلطيون هميشه داغن جيان لڳل هونديون آهن. ڊسمبر 2006ع جي ڪرزما ڊائجسٽ ۾ نئين ليکڪ ڀاءُ ساگر شوڪت علي مهر جي ڪهاڻي "بيگناهه" جي ٻولي اردو هئي. ان طرف توجهه ڏيندا. الطاف شيخ جي سفرنامي جو آخري حصو به پيرا ڇپجي ويو آهي. جنهن ڪري ٿي قيمتي صفحا ضايع ٿيا. معياري شاعري جي ڪوٽ محسوس ٿي رهي آهي. ترجما گهٽ ۽ سنڌي ليکڪن کان ڪهاڻيون وٺي ڇاپيو ته رسالو وڌيڪ ترقي ڪندو، ڇو ته اردو جا رسالا مارڪيٽ ۾ زبردست مواد سان پريل هوندا آهن.

وفا سوائي لال مهاراڄ، چارنور

✍ *ادا، ڊائجسٽ پسند ڪرڻ جي مهرباني. رسالي ۾ پروف جون غلطيون هجن ٿيون ان لاءِ معذرت خواهه آهيون ۽ ان کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندا رهنداسين. الطاف شيخ جي ناول جو آخري حصو جيڪو ٽن صفحن تي ڊبل ڇپجڻ تي اوهان کان اسان معذرت خواهه آهيون. اسان جي اها هميشه ڪوشش رهي آهي ته سنڌي اديبن جون ڪهاڻيون وڌ کان وڌ تعداد ۾ ڊائجسٽ ۾ هجن پر اهو ڏک سان چيو وڃي ٿو ته اسان وٽ پهتل ڪهاڻيون ان معيار جون نه هونديون آهن جو انهن کي ڇاپي سگهجي، ۽ نالي وارن اديبن سواءِ چند ايڪڙ ٻيڪڙ اديبن جي هاڻي ته لکڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي. بهرحال اسان جي ان ڏس ۾ ڀرپور ڪوشش آهي ته نالي وارن اديبن کي ڪرزما ۾*

لکڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي ۽ انشاءِ الله توهان ڊائجسٽ ۾ نالي وارن اديبن جون ڪهاڻيون مستقل ۾ پڙهندا. (ادارو)

☒ ڪرزما ڊسمبر 2006ع جو شمارو مليو. اچا پڙهيو ڪونهي. ضرور معياري هوندو. منهنجي پاران ڪرزما جي پوري ٽيم کي عيد ۽ نئين سال جون ڪوڙ ساريون مبارڪون هجن. **اختر علي ڪيريو، سڪرنڊ**

☒ ڪرزما جو ڊسمبر 2006ع وارو پرچو مليو. مون بطور شاعر اوهان کي تعارف موڪليو هو. اوهان اهو ۽ منهنجي شاعري شايع نه ڪئي. اسان نوان ليکڪ آهيون تڏهن اوهان جي نظرن کان اوجهل آهيون. اسان کي به پيار پري نظرن سان ڏسو ۽ نفرتن جي نگاهن سان نه ڏسو. ڊسمبر 2006ع جي شماري ۾ امر جليل، نور ناز جهتيال، پرويز، منظور ميمڻ جون ڪهاڻيون دلچسپ ۽ وٽندڙ هيون.

غريب نواز جمالي، جهڏو

پيارا ياءِ، اوهان اچا ٿوري محنت ڪريو. هڪ ڏينهن ضرور ايندو جو اوهان جو نالو سنڌ جي مشهور شاعرن منجهه ٿيندو. اوهان جي جيڪا سڀي شاعري هوندي ان کي ضرور شايع ڪيو ويندو. (ادارو)

☒ منهنجي ڪهاڻي "بيگناهه" شايع ڪرڻ تان مان اوهان جو ٿورائتو آهيان. ڊسمبر 2006ع جون سڀئي ڪهاڻيون بهترين هئڻ سان گڏوگڏ مزيدار هيون. جن ڪهاڻين کي وري وري پڙهڻ تي مجبور ڪيو، تن ۾ امر جليل جي "پنجين موسم"، الطاف شيخ جي "دهلي جو درشن"، ڊاڪٽر منظور ميمڻ جي "شيطاني جنت"، ۽ نثار آزاد ٻرڙو جي ترجمو ٿيل "حبه خاتون" هيون. منهنجي پاران ڪرزما جي سڄي ٽيم کي دل جي گهرائين سان عيد جون لک لک واڌايون. "موت جن جو مقدر" نالي ڪهاڻي موڪليان پيو، شايع ڪري حوصلا افزائي ڪندا.

ساگر شوڪت علي مهر، لکي غلام شاهه

ادا، اوهان جي ڪهاڻي نثري ٽيم کي موڪلي وئي آهي، جيڪڏهن معياري هوندي ته پاڻيهي ڇپجي ويندي. (ادارو)

☒ شاعري جا صفحا وڌايو. هن ڀيري ڊسمبر 2006ع جي ڪرزما ڊائجسٽ ۾ به بهترين مواد هو. **مجيب سنڌي، دوڙ**

انهن دوستن جا نالا جن جا خط جاءِ نه هجڻ ڪري شايع نه ڪري سگهيا آهيون

الطاف ميمڻ پٽورو، ذڪي الله قادري جهوڪ شريف، رئيس جبار علي ناريجو سکر، عتيق اسحاق ابڙو لاڙڪاڻو، مير محمد لاکو نيو سعيدآباد، الياس قادري قاضي احمد، علي احمد نواز ۽ ظفر علي اقبال مٽياري، يعقوب ميمڻ ڪراچي، اسحاق گل رتوديرو، احمد شفاڪ نوان جتوئي مورو، موسيٰ علي ٽنڊو چام، فقير چام، نٿو، حسن تراب دوڙ نوابشاهه، وزيراحمد ٿل، زرين گل سکر، فهيم ميمڻ حيدرآباد، حاجي نصرالله ٻگهيو عمرڪوٽ ۽ مير محمد جسڪاڻي هالا.



خالد بن وليد رضہ جو شمار دنيا جي انهن چند فاتحن ۾ ٿئي ٿو، جنهن آڏو ڪنهن بہ علاقي کي فتح ڪرڻ مشڪل نہ هو. سندس فتح ڪيل علاقن جون سرحدون ايتري قدر تہ وسيع هيون جو ان جو حساب لڳائڻ بہ مشڪل هو. هيءَ دنيا جو اهو واحد شخص هو جنهن جي شهيد ٿيڻ تي حضرت عمر فاروق رضہ پاڻ مسلمانن کي چيو هو تہ اهي هن لاءِ ڳوڙها ڳاڙين.

خالد بن وليد رضہ

اسلامي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي فاتح جو احوال

ڊاڪٽر نور ناز جهتيال

رات وهامي رهي هئي. ريگستان ۾ طوفان آيل هو. هوائون مڪي جي گهٽين تائين وڄي رهيون هيون. سندن انداز پسار ڪرڻ وارو هو. قريش جي هڪ شاخ بنو مخزوم جو نهايت نامور فرزند وليد بن مغيره پنهنجي گهوڙي جي سارسنڀال ڪانپوءِ گهر آيو هو. سندس ٻانهيءَ پٽ ڄمڻ جي خوشخبري ٻڌائي. پهريون ٻار ۽ اهو بہ پٽ! جهالت جي خطي، عرب ۾ اها ڳالهہ ڪنهن اعزاز کان گهٽ نہ هئي. ٻانهيءَ جي جهولي ڳاڙهن دينارن سان ڀرجي وئي. راڳ رنگ جون ڪيتريون ئي محفلون نئين ڄمندڙ ٻار جي خوشيءَ ۾ مچنديون رهيون. مبارڪ جي گلن سان اڳڻ واسجي ويو. وليد جي اعزاز ۾

هڪ ٻئي اعزاز جو واڌارو ٿي ويو. وليد ڪو عام ماڻهو نه هو. هو مڪي معظم جو وڏو واپاري هو. اٺ، گهوڙا، ريوڙ، ٻڪرين جا وڏا وڏا ڌڻ هن جي ملڪيت هئا. سرسبز باغ ۽ زرخيز زمينون هن جي ملڪيت هيون. نسب جي لحاظ کان هو به قريش قبيلي جي ٽن وڏن خاندانن مان هڪ قبيلي بني مخزوم مان هو. ان خاندان جي حوالي جنگي معاملا هئا. هيءَ خاندان گهوڙا پاليندو هو هو، جن تي سواري ڪري قريش قبيلا جنگ لاءِ ويندا هئا. اهو خاندان جنگين ۾ قريش جي دستن جي قيادت لاءِ آفيسر به ڏيندو هو. وليد پنهنجي سونهن سوڀيا ڪري به قبيلي ۾ سڀني کان اڳتي هو. ايڏو سهڻو جو "قريش جو گل" سڏبو هو.

دف جو آواز ڪجهه جهڪو ٿيو ۽ ساٿا ٿيل بدن ٿڪ کان بي حال ٿيا ته وليد کي خيال آيو ته هاڻي ننڍڙي جو نالو رکجي. خاندان جا بزرگ گڏ ٿيا. ڪيترا نالا چونديا ويا، پوءِ خالد بن وليد سڀني کي وڻيو ۽ اهو ئي نالو رکيو ويو. نالو رکڻ کانپوءِ مڇي مانيءَ وارن گهرن جي رواج مطابق خالد کي ڪنهن صحرائي بدو قبيلي ۾ موڪلڻو. جيئن هن جي پرورش جا شروع وارا ڏينهن ڪليل آبهوا ۾ گذرن. ان مقصد لاءِ ماڻهو ڊوڙايا ويا ته هو خالد لاءِ ٿج پيارينڊڙ ماءُ ڳولين، جيڪا هن کي پنهنجو طاقتور ڪير پياري مضبوط جوانيءَ لاءِ تيار ڪري. انهن قبيلن ۾ جيئن ئي اها خبر پهتي ته وليد جهڙي امير ماڻهوءَ کي پنهنجي پٽ لاءِ ٿج پيارينڊڙ دائيءَ جي ڳولها آهي ته ڳري معاوضي لاءِ صحتمند ڳوناڻين عورتن، خالد کي هنج ۾ وٺڻ لاءِ ٻانهون ڦهلايون. خالد پنهنجي ماءُ کان جدا ٿي، ريگستان جي ڪليل آبهوا ۾ تربيت لاءِ هڪ بدوي عورت جي هنج ۾ پهچي ويو. طاقتور ڪير جي گوهن سان هن جو منهن ڏٺاريو ويو. صحرائي جنگي گيت هن جي لولي بنجڻ لڳا. ريگستان جي آبهوا ۾ جادو هو. خالد اهڙو رنگ روپ ڪڍيو جو هو پنهنجي عمر کان وڏو نظر اچڻ لڳو. بدوئن جي صحبت ۾ اهڙو رنگجي ويو جو ڪيس شهر وسري ويو. سڄو ڏينهن ريگستاني ٻارن سان راند روند کيڏيندو هو. رات دير تائين عرب سورمن جون ڳالهيون ٻڌندو هو. هو ڇهن سالن جو ٿيو ته مڪي معظم پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ موٽي آيو. ريگستان جي ڪليل ميدانن مان اونداهين گهٽين جو سفر هن کي ڏاڍو عجيب لڳو. هو ڪيترا ڏينهن اداس هو پر هڪ ڏينهن ريگستاني انن جي ڊوڙ کان وڌ دلچسپ منظر ڏسڻ لاءِ مليو. وليد هڪ ڏينهن هن کي عڪاظ جي بازار ۾ وٺي ويو. ڪجهه ٻيا ننڍڙا ٻار به هن سان گڏ هئا. هتان جو ماحول ئي ٻيو هو. شاعر پنهنجي شاعريءَ سان ماحول کي گرمائي رهيا هئا. تيراندازيءَ جا مقابلا ٿي رهيا هئا. پوءِ هو هڪ آڪاڙي ۾ هليا ويا. ٻه پهلوان هڪ ٻئي جي اکين ۾ اکيون وجهي داءُ هڻڻ لاءِ تاڙ ۾ هئا.

هنن جا اگهاڙا بدن اس ۾ شيشي جيان جرڪي رهيا هئا. ڏسندي ئي ڏسندي هو ٻن پهاڙن جيان پاڻ ۾ ٽڪرايا ۽ ڪن ۾ هڪ پهاڙ ڌرتيءَ تي ڊير ٿي ويو. هر طرف واهه واهه ٿي وئي. خالد سوچي رهيو هو ته جي هو به ان دنگل ۾ ملهه وڙهي ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي. هڪ پاسي نيزا اڇلايا ويا. هي راند به ڪيس وٺي. سج جا ڪرڻا جڏهن نيزي جي چهنب تي پيا پئي ته اکيون بند ٿي ٿي ويون. نشاني وارا اهڙا پڪا هئا جو ڪو وار به خالي نه ٿي وڃڻ ڏنائون. ملهه ۽ تلوار بازيءَ کانپوءِ هن کي جيڪا راند وٺي هئي، اها نيزا اڇلائڻ وارو مقابلو هو. ان ڏينهن هو گهر موٽيو ته خيالن ئي خيالن ۾ ڪيترن پهلوانن کي شڪست ڏئي چڪو هو. سمهڻ لاءِ ليٽيو ته خواب ۾ به ساڻي ٻارن کي ڪٿي ڦٽو ڪندو، گهوڙو ڊوڙائيندو ۽ نيزا اڇلائيندو رهيو. صبح جو اٿيو ته قبيلي جي ڪيترن ٻارن کي گڏ ڪري آکاڙو ٺاهيائين. ٻارن کي ان ڏينهن خبر پئي ته ابن وليد ۾ ته ڏاڍي طاقت آهي. ڪوبه ٻار ٿوري دير کان وڌ هن جي آڏو بيهي نه ٿي سگهيو ۽ اها ملهه روزانو هن جي عادت بڻجي وئي. وليد جو خيال هن کي پڙهائڻ جو هو، پر هن کي جلدي اندازو ٿي ويو ته خالد جو ڏيان سپهه سالاريءَ ڏانهن آهي. هن جي صحت انهن راندين لاءِ مناسب هئي. اهو پڪوپهه ڪري هن خالد جي فوجي تربيت شروع ڪئي. وليد کي اهو ڏسي حيرت ٿي ته خالد اجا ننڍڙو آهي، پر گهوڙي جي پٺيءَ تي اهڙي شان ۽ بيدپائيءَ سان ويهندو آهي، جڻ عظيم سپهه سالار هجي. ڪجهه مهينن جي تربيت کانپوءِ هو ڏنگي کان ڏنگي گهوڙي کي قابو ڪندو هو. هن جي هٿن ۾ اجان تلوارون ۽ نيزي کڻڻ جي طاقت نه هئي. ان لاءِ ننڍڙيون تلوارون ۽ نيزا ٺهرايا ويا. جن سان هو ويڙهه جا گر سکندو هو. تلوار بازيءَ سان ته ڪيس عشق هو. هن جو چوڻ هو ته جڏهن تلوار سان مقابلو ٿئي ٿو ته دشمن ويجهو اچي ٿو. مقابلي جو لطف اهو آهي ته دشمن هڪ هٿ جي فاصلي تي هجي. جڏهن هو ننڍپڻ کان جوانيءَ ۾ پهتو ته ڪيس ان حقيقت جو احساس ٿيو ته هو هڪ سردار جو پٽ آهي. هن جو خاندان قريش جي معزز گهراڻن ۾ ڳڻيو ويندو آهي. هو هڪ مالدار جو پٽ آهي. هو اجا به فخر ۾ ڀرجي ويو. هر طرف بي فڪري هئي. ڪرڻ لاءِ ڪجهه به نه هو. هر وقت جنگي مهم جا خواب ڏسندو هو. اهو مشغلو وقت سان گڏ جنون ۾ بدلجي ويو. جڏهن هو جوان ٿيو ته هن جو قد ڊگهو هو. ڪلها ويڪرا. هيءَ ننڍپڻ کان ورزش ڪندو هو. مقابلن ۾ اهڙا ته مظاهرا ڪيائين جو جلدي مشهور ٿي ويو. هاڻ اهڙي موقعي جو ڪيس انتظار هو جو جنگ جو بگل وڄي، خون جي بازار گرم ٿئي ۽ ميدان جنگ ۾ لهي. خالد جا ڪيترائي دوست هئا، جن سان گڏجي هو گهوڙي سواري ڪندو هو يا شڪار ڪندو هو. اهي سڀ دوست ڪنهن باغ

۾ ويهي شراب جي محفل مچائي شعر ۽ شاعري هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئا. هو سڀ بي فڪر ۽ اشرارتي ڇوڪرا هئا. هنن کي خبر ئي نه هئي ته هنن جي چوڏاري ڇا پيو وهي واپري. عرب تهذيب ۾ جيڪي برايون گهر ڪري ويون هيون، ان کان سڀ بي فڪر هئا. انهن کي ائين قبول ڪيو ويو هو. ان بابت سوچڻ جي ڪا گنجائش نه هئي. اها سعادت بنوهاشم جي هڪ معزز گهراڻي جي نوجوان جي پاڳ ۾ آئي هئي. عرب معاشري جا گهڻا پاسا ان لاءِ اذيت هئا. هن جون اڪيلايون سوچڻ ۾ گذرنديون هيون. اونداهي ۾ ٻڌل ان معاشري کي ڪهڙيءَ طرح سڌارجي! هو پهرين ٻه انهن بي فڪر نوجوانن کان پري رهندو هو. وقت گذرڻ سان گڏ هو بلڪل اڪيلو ٿي ويو. ان نوجوان جو نالو محمد ص هو. اهو سونهن ۽ سوڀيا وارو نوجوان دولتمند نه هو. هن جي نيڪ سياءَ ۽ خاندااني رتبي ڪيس معزز بڻايو هو. ماڻهو ڪيس امين ۽ صادق چوندا هئا. هڪ ڏينهن خالد بن وليد جي باغ ۾ هن جا دوست گڏ هئا. عمرو بن العاص ۽ ابوالحڪم (ابوجهل) محفل ۾ هئا ته باغ جي در آڏو حضرت محمد ص جن لاڪهاؤ ٿيا. "خالد! ڇاڻين ٿو ان ماڻهوءَ کي؟" "ان کي ڪير نه ٿو سڃاڻي؟" هن جا ۽ تنهنجا وڏا هڪ ئي هئا. اسان جو ته مائٽ ٻه آهي. الائي ڪهڙين سوچن ۾ ٻڌل هوندو آهي. ڪو هٿ اٿس."

"هٿ ته توکي هئڻ گهرجي جو تنهنجو پيءُ اهڙن باغن جو مالڪ آهي." ابو الحڪم. خالد کي چيو. "هن جو چاچو ابوطالب آهي. شايد اهو ئي هٿ هن کي آهي. اڪثر حرا غار ڏانهن اڪيلو هليو وڃي ٿو. شايد اسان مان ڪنهن کي ڳالهائڻ لائق نه ٿو سمجهي. اهڙو سهڻو ماڻهو اسانجي آسائش واري محفل ۾ هڪ ڏينهن به اچي ناهي ويٺو. افسوس! ويچارو يتيم آهي. شايد ان لاءِ ملول آهي. خير ڇڏ. اسان کي ڇا." سڀ ٻيهر شراب پيئڻ لڳا. گڏوگڏ منصوبا جوڙڻ لڳا. ٻئي ڇوڪرا هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هڪ ٻئي جي اکين ۾ اکيون وجهيو بيٺا هئا. باز جيان چمڪندڙ اکين ۾ ڪاوڙ يا نفرت نه هئي، پر مقابلو فتح ڪرڻ جي چمڪ هئي. اهو ملهه جو مقابلو هو. ٻنهي جا دوست ۽ مائٽ به هئا، پر ان وقت ٻئي هڪ ٻئي کي هارائڻ لاءِ سڀ گر آزمائي رهيا هئا. ٻنهي جا ورزشي بدن اس ۾ شيشي جيان جرڪي رهيا هئا. ٻئي قد جا ڊگها هئا، پر انهن مان هڪ جو قد وڌيڪ ڊگهو هو. ٻنهي مان ڪير هيٺ ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. ائين پئي لڳو ته ٻنهي جا داءَ ختم ٿي ويا آهن. پوءِ الائي ڪهڙو داءُ وچ ۾ اچي ويو جو ڊگهو ڇوڪرو بيٺي بيٺي هيٺ ڪري پيو. هن جي هيٺ ڪرڻ تي تماشاين تاڙيون وڄايون. اها خبر ته پوءِ پئي ته هيٺ ڪرڻ واري ڇوڪري جي ٽنگ ڀڄي پئي آهي. خالد هن کي ڏاڍو زخمي ڪيو هو. اهڙيءَ طرح بيا مقابلا

بہ ٿيندا رهيا. خالد هر مقابلي ۾ ڪٽندو هو. هاڻ ڪيس اهڙي قبائلي جنگ جو انتظار هو، جنهن ۾ هو پنهنجا جوهر ڏيکاري ۽ پنهنجو نالو عرب فاتحن ۾ لکرائي. عرب معاشرو انهن براين جي آڌار تي وقت جو فاصلو طئ ڪندو رهيو. تمام عرب سردارن کي هڪ دعوت نامو مليو. اهو دعوت نامو حضرت محمد مصطفيٰ صہ طرفان هوَ جنهن ۾ پاڻ سڀني کي ڪاڏي جي دعوت ڏني هئائون. دعوت ملندي ئي سندن ويجهن مائٽن ۾ ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. محمد صہ کي اسان جي ڪهڙي ضرورت پئي آهي جو دعوت ڪئي اٿس؟ هن کي تہ اسان جا خدا بہ نہ تا وٺن. هاڻ ڪيس اسانجي ضرورت پئي آهي. شايد پنهنجي رويي تي لڄي آهي. هلو هلي ڏسون تہ سهي. خالد بن وليد تہ وڃڻ بہ گوارا نہ ڪيو، پر وليد جو وڃڻ ضروري هو. ڪيس پنهنجي قوم جو سردار هئڻ جو هٿ هو. هو اهو ڄاڻڻ لاءِ بيچين هو تہ آخر محمد صہ ڇا ٿو چوڻ چاهي. هڪ هڪ ڪري سڀ معزز آيا. بنو هاشم، بني اميہ، بنو مخزوم جا سڀ ماڻهو سندن گهر گڏ ٿيا هئا. پاڻ گرمجوشيءَ سان سندن آڏرياءُ ڪيو. عجيب پُر فضا ماحول هو. وڏا وڏا سردار ساهہ روڪي ويٺا هئا. ڪجهہ نہ ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ آتا هئا. اهو قريش نوجوان جيڪو سندن پنهنجو هو، ڪالهہ تائين پراون جيان هو. اڄ سندن ويجهو هو. ڪيترن اڄ کين ويجهو ڏٺو هو. هن جي مُکَ تي اهڙو رعب هو جو ڪنهن کي اهو پڇڻ جي همت نہ هئي تہ کين ڇو سڏايو ويو آهي. ڪجهہ چوڻ کانسواءِ کين ڪاڏو اڳيان رکيو ويو تہ ڪيترن اهو سوچيو تہ سندن پائٽي فقط ڪاڏو ڪارائڻ لاءِ گهرايو آهي. ڪا ٻي ڳالهہ هجي ها تہ هو ضرور چوي ها. سڀني مهمانن پنهنجا هٿيار هڪ پاسي رکي ڪاڏو ڪائڻ شروع ڪيو. جڏهن سڀ ڪاڏو ڪائي واندا ٿيا تہ پاڻ کين چيائون، "اي لوڪو! الله جو قسم! عرب ۾ ڪو اهڙو ماڻهو نہ هوندو، جيڪو ان کان وڌ بهتر شيءِ ڪٽي توهان وٽ آيو هجي، جيڪا مان ڪٽي آيو آهيان. مان توهان آڏو دنيا ۽ آخرت جون بهترين شيون پيش ڪريان ٿو. مون کي الله حڪم ڏنو آهي تہ مان ان ڏانهن توهان کي سڏيان."

"تنهنجي الله اهو حڪم ڪٿي ۽ ڪهڙي جاءِ تي رڳو توکي ڏنو؟"

"مان حرا جي غار ۾ غور فڪر ۾ هوس جو مون آواز ٻڌو. ان آواز مونکي چيو، "پڙهہ! پنهنجي رب جي نالي سان، جنهن هر شيءِ کي پيدا ڪيو آهي. جنهن انسان کي رت جي ڍڳ مان ٺاهيو آهي. پڙهہ! ۽ تنهنجو رب نهايت ٻاجهارو آهي. جنهن قلم ذريعي علم سيکاريو. انسان کي اهو ڪجهہ سيکاريو. جيڪو هو ان کان اڳ نہ ڄاڻندو هو." اهو ٽي سال اڳ جو واقعو آهي. ان کانپوءِ مون تي وحي نازل ٿئي ٿي. مونکي هدايت ٿي آهي تہ مان حق جي دين جي ڳالهہ ڪريان. مان ان لاءِ توهان سڀني کي گهرايو آهي."

"هاڻ تون اهڙو ٿي ويو آهين جو اسانکي گهرائين ٿو؟" وليد پڇيو.

"مون الله جي هدايت تي توهان کي گهرايو آهي جيئن توهان کي سڌو رستو ڏيکاريان."

"اهو سڌو رستو ڪهڙو آهي؟"

"الله هڪ آهي. ان جو ڪير شريڪ ناهي. جيڪي بت توهان پوڄيو ٿا، اهي فقط پٿر جا ٿڪر آهن."

"تون اسان کي اسانجي عقيدن کان ڦيرڻ چاهين ٿو."

"مان الله جو نبي آهيان، جيڪي ڪجهه مون کي چيو وڃي ٿو، اهو ئي بيان ڪيان پيو. آهي ڪو جيڪو مون کي ها ڪري."

وينل هڪ پيرو ٻيهر ماڻ تي ويا. سندس ڳالهيون کين چرچو لڳي رهيون هيون هڪ چوڪرو، جيڪو ڏهرو هو، پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ سندن آڏو ها ڪيائين ۽ مڃڻ جو واعدو ڪيائين. اهو نوجوان علي رضہ ابن ابو طالب هو. مهمانن ان چوڪري جي همت تي ٿهڪ ڏنا ۽ پنهنجي پنهنجي جاين تان اٿي بيٺا. نفرت جو اهو حال هو جو ميزبان کان موڪلائڻ بنا ئي سندن گهر مان نڪري ويا. انهن مهمانن کي پنهنجي ميزبان کان ڪا شڪايت نہ هئي جو اهي سڀ سندس ڪردار کي چڱيءَ طرح ڄاڻندا هئا. ان مهل بہ سندن وات تي تعريف هئي، پر پنهنجي عقيدي خلاف ڪجهه ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئا. سڀني کان وڌ وليد جي دل خراب ٿي هئي. هن جو ردعمل اهڙي ماڻهوءَ جو ردعمل هو، جنهن جي وقار کي ڇيهو رسيو هجي.

"اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ نبوت محمد کي ڏني وڃي؟ مون کي، قريش جي سڀني کان وڏي سردار کي ڪجهه نہ ملي." هن ٻين سردارن کي چيو.

"مان اهو اعزاز کين حاصل ٿيڻ نہ ڏيندس." هو نبي ڪريم صہ بابت نا انصافيءَ سان سوچي رهيو هو. حضرت محمد صہ جو خاندان ڇهن نسلن کان مٿي ان خاندان سان وڃي مليو پئي. حقيقت اها هئي تہ نبي ڪريم صہ جو خاندان مڪي جي هر خاندان کان مٿانهون ۽ عزت وارو هو. سندن ڏاڏو عبدالمطلب سڄي قريش قبيلي جو سردار مڃيو ويندو هو. وليد ان وقت سوچيو تہ هو هر قيمت تي ڪيس روڪيندو. هن خلاف اهڙو قدم ڪڻندو جو هو پنهنجي ارادي کان مڙي ويندو. ان لاءِ ڪيس طاقت جو استعمال بہ ڪرڻو پيو تہ هو ڪندو. نبي ڪريم صہ جون تبليغي ڪوششون جاري هيون. صدين جي عقيدي کي ڏڪ رسائڻ ڪو سولو نہ هو. مخالفت جو طوفان هو. تبليغ جا ڏيئا ٻرندا ۽ وسامندا رهيا. جيئن جيئن سندن ڪوششون وڌنديون ويون، پاڻ دل آزاريندڙ ورتاءَ هوندي بہ گهٽين. رستن تي ماڻهن کي خطاب ڪندا رهيا ۽ ڪين جهنم جي باهہ کان ڊيڄاريندا رهيا. اڃا ڪجهه ماڻهن سندن آواز تي لبيڪ چيو هو. قريش جا ڪن اڀا ٿي ويا. وليد جيڪو اڃا تائين ماڻ هو، پريشان ٿي ويو. ٿوري دير ٿي تہ موقعو هٿان نڪري ويندو. هن

مڪي جي شرارتي ڇوڪرن کي پنهنجي ڇار ۾ ڦاسايو. انهن ڇوڪرن، کين پٿر هنيا. جنهن پاسي ويندا هئا، اهي ڇوڪرا کين وڃي تنگ ڪندا هئا. عمرو بن هشام سخت مخالف ٿي ويو. اذيت جو ڪو موقعو هٿان وڃڻ نہ ڏيندو هو. مسلمانن کيس ابو جهل جو لقب ڏنو هو جو هن حق جي آواز جي سخت مخالفت ٿي ڪئي. ابو سفيان جهڙو مخالف پوءِ بہ لڪ ڇپ ۾ هو. پر ابو جهل تہ نهايت ڪريل انداز اختيار ڪيو هو. اهو حال وليد جو هو. سازشن جو ڇار هن ٺاهيو هو. هن جو گهر سازشن جو ڳڙهہ هو. شام ٿيندي ئي هن جا پٽ ۽ مائٽ گڏ ٿيندا هئا. اسلامي تحريڪ کي روڪڻ جون سازشون ڪيون ويندون هيون. خالد جي دل ۾ سندن لاءِ نفرت وڌي وئي هئي. هو بهادر دشمن هو. هن جو خيال هو تہ ڪجهہ ماڻهو محمد صہ جي پٺيان آهن. انهن خلاف جنگ ڪجي. ماڻهو بہ هن سان سهمت هئا، پر کين اها خبر هئي تہ سندن خلاف تلوار کنئي وئي تہ بنو هاشم وارا اٿي پوندا. پوءِ سندن قاتل جي خاندان جو هڪ ماڻهو بہ نہ بچندو. قريش جي ڪجهہ ماڻهن کي جڏهن اهو احساس ٿيو تہ پيغمبر اسلام تي ڪا ڏمڪي اثر نہ ٿي ڪري ۽ تلوار کڻڻ ۾ بہ خطرو آهي تہ وليد جي گهر ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ هڪ وفد ابو طالب ڏانهن وڃي ۽ هن تي زور بار ڪجي تہ هو پنهنجي پائٽي کي سمجهائي. ان صلاح کي سڀني ساراهيو. ان وقت هڪ وفد ترتيب ڏنو ويو. ٻئي ڏينهن اهو وفد حضرت ابو طالب جي خدمت ۾ پهتو. "ابو طالب! توهان اسان جا رهبر آهيو ۽ اسان سڀني کان عزت وارا پڻ. توهان کان لڪل ناهي تہ توهان جو پائٽيو اسان جي مذهب سان ڪهڙو سلوڪ ڪري رهيو آهي. اسان جي ديوتائن کي خراب چوي ٿو. اسان جي ابن ڏاڏن جي عقيدي کي بدنام ڪري ٿو. توهان بہ تہ اسانجي مذهب جا آهيو. يا تہ توهان کيس ائين ڪرڻ کان روڪيو يا اسان کي موڪل ڏيو تہ اسان کي جيئن وٺي اسان ساڻس ائين سلوڪ ڪريون."

حضرت ابو طالب اهي ڳالهيون غور سان ٻڌيون ۽ هنن سان وعدو ڪيو تہ هو پاڻ ان بابت تحقيق ڪندو. اهو وفد مطمئن ٿي هليو ويو. ڪجهہ هفتن کانپوءِ اهو وفد ٻيهر حضرت ابو طالب جي گهر پهتو. ڪجهہ دير بحث ڪانپوءِ اهو وفد ناڪام ٿي موٽي ويو. ٻئي پاسي حضرت محمد صہ جون تبليغي سرگرميون جاري هيون. وفد ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ وليد ٻي اٽڪل سوچي. هو پاڻ پنهنجي پٽ عماره کي ساڻ ڪري ڪجهہ ماڻهن سان گڏ حضرت ابوطالب جي خدمت ۾ پهتو. حضرت ابو طالب بيمار هو ۽ بستر تي ستل هو. "ابو طالب، عماره بن وليد حاضر آهي. هي قريش جي نوجوانن مان سڀني کان شرافت ۽ تميز وارو آهي. هن کي پنهنجو پٽ سمجهو. هيءَ توهان جو هٿ وندائيندو ۽ توهان جو فرمانبردار ٿي

رهندو.“

”ان جي بدلي ۾ توکي ڇا گهرجي؟ اها ڪهڙي اٽڪل آهي، جيڪا سوچي تون منهنجي گهر آيو آهين.“

”ان جي عيوض تون پنهنجو پائٽيو محمد ص منهنجي حوالي ڪر. هن اسان جي ابن ڏاڏن جي عقيدن جي توهين ڪئي آهي. اسان هن کي قتل ڪنداسين.“ ”تون مون کان منهنجو بچيل سهارو به کسڻ چاهين ٿو.“ ابو طالب چيو. ”ڇا اهو انصاف ناهي ته اسان ماڻهوءَ بدلي توکي ماڻهو ڏيون پيا.“ هرگز نه! حضرت ابو طالب اتي ويٺو. ”هرگز نه! مان ان کي انصاف نه ٿو چوان. تون پنهنجو پٽ مونکي تربيت لاءِ ڏين پيو ۽ منهنجي پائٽيي کي قتل ڪرڻ لاءِ گهرين پيو. اهو ڪڏهن نه ٿيندو.“ ”ائين نه ٿيندو ته اسان پاڻ هن سان نبرنداسين.“ وفد ائين چئي اتي هليو ويو.

بي ڪوشش به ناڪام ٿي ته قريش جي ڪاوڙ ويتر وڌي وئي. هڪ دفعو ٻيهر سڀ وليد جي گهر ۾ گڏ ٿيا. ابو طالب کي راضي ڪرڻ جي ڪا اميد نه بچي هئي. سڀ اميدون ناڪام ٿي ويون. ”هاڻ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو به رستو ناهي جو محمد ص کي قتل ڪيو وڃي.“

”نه! اهو جذباتي فيصلو هوندو،“ وليد جو آواز گونجيو. ”هن مهل مصلحت کان ڪم وٺجي. اهو مصلحت جو نتيجو آهي جو حالتون ايستائين پهتيون آهن.“ ”هاڻ توهان جي ڪا ڳالهه نه ٻڌنداسين.“ هڪ نوجوان چيو. ”اهڙي اٽڪل ڪريو جو نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڃي. محمد کي قتل ڪرڻ بدران هن جي پوئلڳن ۽ هن سان اهڙي حالت ڪريو جو هو اسان آڏو جهڪڻ تي مجبور ٿي پوي.“ اها ڳالهه ٻڌندي ئي سڀني واهه واهه ڪئي. ابو لهب ۽ ابو جهل خاص ڪري اڳيان اڳيان هئا. ان مهل ئي وليد جي گهران نڪري پاڻ سڳورن ص جي ڳولها ۾ نڪتا. ان ڪانپوءِ مسلمانن لاءِ ڏکيائين جو دور شروع ٿي ويو. سازشين مڪي جي لوفر ماڻهن کي نبي ڪريم ص ڀڙيان لڳايو. پاڻ سڳورا جتان به لنگهندا هئا، غنڊا سندن مٿان گند اڇلائيندا هئا. مٽي ۽ ڪنڊا رستي تي وڇائيندا هئا. ان مهر ۾ انهن غريب ماڻهن کي گهڻو نقصان سهڻو پيو، جن اسلام قبوليو هو. پاڻ سڳورن ص کي ته خاندان جي پڻيرائي حاصل هئي، پر اهي مسلمان، جيڪي امير نه هئا، انهن جي حالت ڏاڍي خراب هئي. انهن کي ڏاڍيون سخت تڪليفون سهڻيون پيون. دشمنن جو خيال هو ته جڏهن سندن ساٿي ساٿ ڇڏي ويندا ته پاڻ اڪيلا ٿي ويندا. انهن مشرڪن جو خيال جلدي غلط ثابت ٿيو. جنهن هڪ دفعو ڪلمو پڙهيو، مارڻ واري جا هٿ ٽڪجي پيا، پر ڪلمو پڙهندڙ جو آواز ماڻو نه ٿيو. حضور ڪامل رحمت هئا. اذيتون ڏيندڙن لاءِ به دعا ڪندا هئا، پر سندن اها خواهش ضرور هئي ته ڪو اهڙو طاقتور ماڻهو سندن ساٿي بڻجي، جنهن جي پڻيرائي مسلمانن کي هجي.

"يا اَللهُ! عمر يا ابو الحڪم کي مون سان گڏ ڪر." سندن دعا قبول ٿي. حضرت عمر، جيڪو نهايت بهادر ۽ طاقتور هو. پاڻ سندن آڏو حاضر ٿيا ۽ اسلام قبول ڪري دشمنن آڏو پٽ بنجي بيٺا. هاڻ مسلمان ان لائق هئا جو اعلان ڪري عبادت ڪري سگهن. پر اڃا ڪجهه امتحان رهيل هو. حضرت ابو طالب وفات ڪري ويو. هاڻ قريش کي ڪير روڪڻ وارو نه هو. هو ڪلي طرح سامهون آيا. مديني جا ڪجهه ماڻهو مسلمان ٿيا هئا، انهن جا نياپا لاڳيتو اچي رهيا هئا ته پاڻ ساٿين سان گڏ انهن جي وستين ڏانهن هجرت ڪن ۽ هنن وٽ قيام ڪن. پاڻ ڪجهه ڏينهن دعوت نظرانداز ڪندا رهيا. جڏهن خطرا وڌي ويا ته پاڻ مسلمانن کي هجرت ڪرڻ جي موڪل ڏنائون.

ڪجهه مسلمان هجرت ڪري مديني پهتا. پاڻ اهو مناسب سمجهيائون ته پنهنجن ڪجهه جانثارن سان گڏ مڪي ۾ ترسيل رهن. قريش ان هجرت کان خوش هئا. هو ان کي پنهنجي فتح سمجهي رهيا هئا. پر حقيقت اڃا به سندن لاءِ اذيت واري هئي. محمد صه اڃا به سندن شهر ۾ ترسيل آهي. قريش اهو ارادو پڪو ڪيو ته حضرت محمد صه کي قتل ڪيو وڃي. اهو ڏاڍو نازڪ وقت هو. سازش جي خبر پئجي وئي هئي. حضرت محمد صه، حضرت ابو بڪر رضه جي گهر ويٺا هئا. سرهاڻن ۾ ڳالهيون ٿي رهيون هيون. دشمنن سان مقابلو ڪرڻ سولو نه هو. اڃا ايڏي طاقت نه هئي ته سازش جو مقابلو تلوار سان ڪجي. مڪي کان نڪرڻ به سولو نه هو. قدم قدم تي نگراني هئي. ان ڇڪتاڻ ۾ ڪجي ته ڇا ڪجي...؟

ڏينهن گذري ويو. اهو ٿئه ٿيو ته اونداهيءَ ۾ مديني ڏانهن هلجي جتي سندن ساٿي منتظر هئا. رات ٿي، پاڻ سڳورا صه ۽ حضرت ابو بڪر رضه مڪي کان نڪتا. نگراني هاڻ به ٿي رهي هئي، الله مشرڪن کي انڌو ڪري پاڻ سڳورن کي هجرت جو موقعو ڏنو. مشرڪن کي هوش ان مهل آيو، جڏهن پاڻ سڳورا صه وڃي چڪا هئا. پيچو ڪرڻ وارن پيچو ڪيو، پر بي فائدي... پاڻ خيريت سان مديني پهتا. اسلام جي دشمنن ان هجرت کي فرار چيو ۽ خوش ٿيا. حضرت محمد صه هنن جي وستيءَ مان هليا ويا. ابوجهل خوش هو. وليد کي به ناز هو. ابو سفيان مطمئن هو ته سندس رستي جو ڪنڊو نڪري ويو. وليد کي گهڻي خوش ٿيڻ جو موقعو نه مليو. نبي ڪريم صه جي مڪي کان وڃڻ جي ٽن مهينن کانپوءِ هو مري ويو. هن کي هڪ عظيم سردار ۽ قريش جي نالي واري فرزند جي حيثيت ۽ اعزاز سان دفنايو ويو. خالد پنهنجي ڪٽنب سان گڏ خوشيءَ واري زندگي گهاري رهيو هو. خالد، تجارتي قافلن سان گڏ شام ۽ بصري جي ڪيترن شهرن جو سفر ڪري ۽ منافعي جي دولت سان مالا مال ٿي موٽيو. ڪيترا ڪيترا ڏينهن

مڪي کان ٻاهر واپار ڪري پنهنجي دولت ۾ واڌارو ڪندو رهيو. هو شام ۾ ڪيترا ڏينهن گهارڻ کانپوءِ مڪي ڏانهن موٽي رهيو هو ته رستي ۾ هن ڪيترين ئي پريشانيءَ واريون ڳالهيون ٻڌيون. ڪجهه يقين ۽ بي يقينيءَ واري حالت ۾ هو مڪي ڏانهن هلندو رهيو. مڪي ۾ داخل ٿيندي ئي ان جي تصديق ٿي وئي. سڄو مڪو سوڳ ۾ ٻڏل هو. هر گهر مان روئڻ جا آواز اچي رهيا هئا. ڪا مصيبت هئي، جيڪا سڄي شهر تي ڪڙڪي پئي هئي. اها خبر صحيح هئي. بدر جي مقام تي مسلمانن ۽ مڪي وارن وچ ۾ شديد جهڙپ دوران قريش جي لشڪر کي عبرتناڪ شڪست ملي هئي. عتبه، حنظله، ابو جهل، وڏا وڏا ناليوارا سردار مارجي ويا. جيڪي نه ماريا ويا هئا، انهن کي مسلمانَ گرفتار ڪري مديني وٺي ويا هئا. "مسلمانن جو تعداد ايڏو وڏي ويو آهي جو هنن قريش کي شڪست ڏني!" جڏهن ڪيس اها خبر پئي ته مسلمانن جو تعداد فقط 313 هو ته هن کي پنهنجي غيرحاضريءَ تي افسوس ٿيڻ لڳو. "مان شام نه وڃان ها ته مسلمانن سان وڙهڻ جو شوق پورو ڪريان ها. مان ڏسان ها ته ٽي سؤ تيرنهن سپاهي مون اڪيلي سان ڪيتري دير وڙهن ها. پنهنجو دوست، پنهنجو سوٽ، (ابوجهل) ويچارو قتل ٿي ويو." ڪيس ان سان گڏ گهاريل شراب جون محفلون ياد اچي رهيون هيون. عڪرمه (ابوجهل جو پٽ) تي ڇا گذرندي هوندي. مان هن جي آڏو ڪيئن ويندس؟ هو گهر پهتو ته گهر ۾ ٻه ماتم هو. هن جو ماٽيلو ڀاءُ وليد به هن جنگ ۾ شريڪ هو ۽ هاڻ مسلمانن جي قيد ۾ هو. ڪهڙي خبر؟ مسلمان هن سان ڪهڙو سلوڪ ڪن. قتل ڪن يا غلام بڻائين. هو به ان ماتم جو حصو بنجي هڪ پاسي ماٺ ڪري ويهي رهيو. ان وقت خبر آئي ته ابوسفيان جي گهر سڀ سردارن جي هڪ مجلس ٿي رهي آهي. ان جو پيءُ وليد جيئرو نه هو. جنهن ڪري هن کي به ان مجلس ۾ وڃڻو هو. هو ابو سفيان جي گهر پهتو ته سڀ سردار آيل هئا. انهن سردارن ۾ ڪوبه سردار اهڙو نه هو، جنهن جو ڪو نه ڪو مائٽ جنگ بدر ۾ نه ماريو ويو هو. ابوسفيان جي زال هنده سڀني کان وڌ خساري ۾ هئي. هن جو پيءُ، چاچو، ڀاءُ ۽ هڪ پٽ قتل ٿي ويا هئا. هوءَ ان مجلس ۾ ماتم ڪري رهي هئي ۽ بدلو وٺڻ جو قسم کڻي رهي هئي. ابو جهل جي پٽ عڪرمه کي ماٺ ڪرائڻ ڏاڍو ڏکيو هو. هو ضد ڪري رهيو هو ته هن جي پيءُ جو بدلو وٺو. ٻيا سردار به ابوسفيان تي زور ڀري رهيا هئا ته هنن جي مائٽن جو بدلو ورتو وڃي. ابو سفيان جو آواز آيو، "مون کي پنهنجي پٽ جي مارجڻ جو افسوس آهي. منهنجي حالت به توهان کان گهٽ ناهي. توهان فڪر نه ڪريو. محمد صه خلاف هڪ زوردار مهم تيار ڪرڻ ۽ لشڪر موڪلڻ ۾ اڳرائي مان ڪندس.

اسان بدلي وٺڻ جو عهد ڪريون ٿا.“ سڀني سردارن هڪ آواز ٿي چيو، ”هاڻ ڪير بہ پٺيان نہ رهندو. ٻين مقامي قبيلن کي بہ ان مهم ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ۽ مسلمانن کي تباهہ ڪرڻ ۾ حصو وٺڻ جي دعوت ڏيون ٿا. اسان اعلان ڪريون ٿا تہ واپاري قافلي جو سڄو منافعو، جيڪو پنجاهہ هزار ٿئي ٿو، ان مهم تي خرچ ڪيو ويندو. اسان سڀ متفق ٿي ابوسفيان کي قريش جي لشڪر جو سردار مقرر ڪريون ٿا.“ سڀ سردار پنهنجي راءِ ٻڌائي چڪا تہ ابوسفيان پنهنجي جاءِ تان اٿيو. مونکي قريش جي لشڪر جو سردار مقرر ڪيو اٿو تہ منهنجو هڪ حڪم بہ مڃو، ”اڄ ڪانپوءِ ڪوبہ ماڻهو مقتولن لاءِ نہ روئندو ۽ نہ وري ڪو سوڳ ڪندو. ان فيصلي ڪانپوءِ مهم جون تياريون شروع ڪيون ويون. ابوسفيان جنگ بدر ۾ مسلمانن جي طاقت ڏسي چڪو هو. هو تڪڙ ڪرڻ نہ چاهيندو هو. هن کي خبر هئي تہ اٺ، گهوڙا ۽ هٿيار وٺڻ ۾ ڪجهہ وقت لڳندو. ان لاءِ ڪجهہ چئي نہ ٿي سگهيو تہ اهو لشڪر ڪڏهن روانو ٿيندو؟“

وقت گذرڻ سان گڏ مرڻ وارن لاءِ روئڻ گهٽ ٿي ويو هو، پر جن جا مائٽ مسلمانن جي قيد ۾ هئا، اهي ڏاڍا پريشان هئا. انهن ماڻهن ۾ خالد بن وليد بہ هو، جنهن جو ماٽيلو ڀاءُ وليد مديني ۾ قيد هو. جڏهن مديني مان اها خبر آئي تہ مسلمانن پئسا وٺي قيدين کي آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي تہ انهن قيدين جا مائٽ مديني پهچڻ شروع ٿي ويا. خالد پنهنجي ڀاءُ هشام سان مديني پهتو. اتي پهچي ڪيس خبر پئي تہ هن کي ڀاءُ جي آزاديءَ لاءِ چار هزار درهم ڏيڻا پوندا. هن اها رقم ڏئي ڀاءُ کي آزاد ڪرايو. ٽئي ڀائر خوش خوش مديني کان مڪي روانا ٿيا. ڪجهہ پنڌ اڳتي هليا تہ رات ٿي وئي. هو هڪ جاءِ تي ترسيا. خالد، وليد کان مديني جون حالتون پڇي ڏک ڪيو تہ هن ايڏا ڏينهن قيد جون تڪليفون سٺيون، پر هن کي حيرت ٿي جو وليد جي ذات تي مسلمانن جي ساراهہ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هو. وليد سان ڪابہ بدسلوڪي نہ ڪئي وئي هئي، پر هو اتي مهمانن جيان رهيو هو. ڪيتري دير تائين هنن جي سٺي اخلاق بابت ٻڌائيندو رهيو. هن جي ڳالهين ۾ مسلمانن سان نفرت جو هڪ بہ اکر نہ هو. صبح ٿيو تہ وليد پنهنجي خيمي ۾ نہ هو. هو ڪيڏانهن هليو ويو. هو ٻن پهرن تائين سندن انتظار ڪندا رهيا. پوءِ مايوس ٿي مڪي موٽي آيا. هڪ اميد هئي تہ هو گهر پهچي ويو هوندو، پر هو گهر بہ نہ پهتو هو. هڪ ماڻهوءَ جي واتان هنن ٻڌو، جيڪو مديني مان اچي رهيو هو، تہ وليد مديني وڃي اسلام قبول ڪيو آهي. خالد پنهنجي ڀاءُ جي مسلمان ٿيڻ تي حيران ٿيو ۽ ڪاوڙيو بہ. حيران ان لاءِ ٿيو جو جن ماڻهن هن کي قيد ڪيو هو، انهن جو عقيدو قبول ڪري مسلمان ٿيو. اها سوچ بہ سندس ذهن ۾

آئي تہ محمد صہ ۽ هن جي ساٿين ۾ ڪهڙي ڳالهہ آهي، جنهن وليد جي ذهن کي مٽائي ڇڏيو. ڪاوڙيو ان لاءِ تہ اسلام قبول ڪرڻو هوس تہ اڳ ۾ ڪري ها، چار هزار دينار ڇو خرچ ڪرايائين؟ سڀ مائٽ وليد تي لعنت ملامت ڪري روئي ڪري چپ ٿي ويا. اهو فڪر لهندي ئي هن سڄو ڏيان ابوسفيان جي مهم تي ڏنو. جنگ بدر مهل تہ هو موجود نہ هو. هاڻ هن مهم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بيتاب هو. مڪي ۾ ان ڏينهن وڏي رونق هئي. لشڪر تيار هو. مسلمانن خلاف فيصلہ ڪن جنگ جون تياريون عروج تي هيون. ٽي هزار اٺ، ٻہ سؤ گهوڙا تيار بيٺا هئا. زرهہ پوش سپاهي حڪم لاءِ تيار بيٺا هئا. عورتون بہ هن لشڪر سان گڏ هيون. ابوسفيان جي زال هنده انهن عورتن جي اڳواڻي ڪري رهي هئي. انهن عورتن جي ذمي اهو ڪم هو تہ قريش جي جنگ بدر ۾ قتل ٿيندڙن جي ياد ڏياريندیون رهن ۽ انهن جو حوصلو وڌائيندیون رهن. سپاهين جوش وڌائڻ وارا گيت پڙهيا، عورتن من موهيندڙ گيت ڳايا. قريش ڪافرن جو اهو لشڪر مديني ڏانهن روانو ٿيو. خالد ۽ عڪرمہ پنهنجن دوستن سان گڏ هلي رهيا هئا.

"تون جيڪڏهن محمد صہ جي چاچي حمزي کي قتل ڪري ڏيکارين تہ توکي آزاد ڪري ڇڏيندس." قريش جي هڪ سردار پنهنجي غلام وحشي بن حرت کي چيو.

اهو غلام سنهڙو سيڪپڙو ۽ طاقتور هو. نيزو هٽڻ ۾ ڪيس ڪمال حاصل هو. گول ۾ رکيل سئيءَ کي نيزي سان اڏائي ڇڏيندو هو. هن لاءِ اهو ڪو مشڪل ڪم نہ هو. آزاد ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ هن اها آڇ قبولي ورتي.

هڪ محمل اٺ هن آڏو اچي بيٺو. ان محمل ۾ ابوسفيان جي زال هنده ويٺي هئي. "اي ابو وسمہ! منهنجو اندر ٺار ۽ انعام وٺ."

"مونکي ڇا ڪرڻو پوندو؟"

"توکي خبر آهي تہ محمد صہ جي چاچي منهنجي پيءُ کي قتل ڪيو آهي. توکي پنهنجي نشاني تي ناز آهي. تون منهنجي پيءُ جي قتل جو بدلو وٺ تہ مان پنهنجا سڀ زيور، جيڪي هن مهل پاتل آهن، لاهي توکي ڏيندیس. وحشي بن حرب اک ڪٽي هن ڏانهن نهاريو. هن جي نظر هار تي پئي. منڊين ڏانهن ڏسي هن جو وات پاڻي تي ويو.

"سوچين ڇا پيو؟" هنده چيو، "اهو ڪم تہ ابوسفيان جي تلوار بہ ڪري سگهي ٿي. مان چاهيان ٿي تہ حمزي جو موت هڪ غلام جي هٿان ٿئي."

"مان تيار آهيان." وحشيءَ چيو. اٺ پنٽي تي ويو. وحشي اڳتي وڌي ويو. احد جبل جي وچ ۾ ڪين مسلمانن جو لشڪر نظر اچي ويو. نبي ڪريم صہ، اصحابين جي صلاح سان مديني کان ٻاهر نڪري جنگ ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. جنهن ڪري قريش جي پهچڻ کان اڳ مسلمانن اهڙي جاءِ ڳولهي ورتي جو هنن جي پٺي مديني ڏانهن

هجي. خابرن جي ان اطلاع تہ قريش کي ڇڻ فتح جي خوشخبري ڏني تہ مسلمانن جي لشڪر ۾ ست سؤ ماڻهن کان وڌ ماڻهو نہ هئا ۽ گهوڙا بہ ڳڻڻ جيترا هئا. جڏهن تہ قريش جي لشڪر ۾ ٽي هزار سپاهي هئا، جن ۾ ست سؤ زرهہ پوش هئا. پاڻ سڳورن صہ پنهنجي فوج جو جائزو ورتو. سڀ ڪجهہ صحيح هو، پر ننڍڙي پهاڙ عينين کان رستو هئڻ ڪري خطرو هو. پاڻ ان جي پٺيان پنجاهہ تيرانداز بيهاري حڪم ڏنائون تہ فتح هجي يا شڪست، هر حالت ۾ ڪين اتي بيهڻو آهي. ڪنهن بہ قيمت تي پنهنجي جاءِ نہ ڇڏين. قريش جي لشڪر جو روح خالد ۽ عڪرمہ هئا. ٻنهي وٽ سؤ سوارن جو دستو هو. هنن ٻنهي جي حالت ٻڌائي رهي هئي تہ جتان لنگهندا، لاشن جا پهاڙ ڪڙا ڪري ڇڏيندا. اڳين صف ۾ سؤ تيرانداز، ڪمانون جوڙي تيار بيٺا هئا. هنن جو آواز ميدان ۾ گونجي رهيو هو.

اي عبدالدار جا پٽؤ!
اسانجي گهرن جا محافظو!
اسان اونداهين ۾ حرڪت ڪريون ٿا
ڏاڍي نرميءَ سان
تون اڳتي وڌيندين تہ اسان توهان کي
ڳلي لڳائينداسين
جي توهان ڪمزور ٿيندا تہ اسان توهان
کان پري هليا ويندا سين
هڪ اٽڪڻ جدائيءَ سان....

مسلمانن طرفان آواز آيو، "الله اسان لاءِ ڪافي آهي ۽ هو نهايت سٺو نگهبان آهي." قريش جو علم بردار طلحہ بن ابي طلحہ سامهون آيو، "مان طلحہ بن ابي طلحہ آهيان. آهي ڪو مقابلو ڪرڻ وارو؟ طلحہ قتل ٿيو تہ هن جي پاءُ عثمان علم سنڀاليو. هو بہ قتل ٿي ويو. هڪ ٻئي پٺيان يارنهن بهادر قتل ٿيا تہ ڪافرن ۾ بيچيني پکڙجي وئي. ان مهل قريش ڀڄڻ لاءِ سوچيو، پر خالد جي بهادريءَ ٻيهر ڪين بيهڻ تي مجبور ڪيو. هو گهوڙو ڊوڙائي مسلمانن سان وڙهڻ لڳو. هڪ پاسي ڪان عڪرمہ جو دستو آيو. رڙيون پئجي ويون. قريش ۾ نئون جذبو جاڳيو. وحشي بن حرب ڪنهن اهڙي موقعي جي ڳولها ۾ هو. هو جنگ ڪان لاتعلق ٿي حضرت امير حمزه کي ڳولينڊو رهيو. پوءِ هن ڪين عمامي تي لڳل اٽ پکيءَ جي نشان جي مدد سان سڃاڻي ورتو. هن پنهنجو نيزو سندن ڏانهن وڌايو. پهاڙن ۽ ٻوڙن جي اوٽ وٺي لڪندو هو مناسب فاصلي تي پهتو. هن پنهنجي نشاني جو جائزو ورتو ۽ سڄي طاقت سان نيزو اڇليو. اهو نيزو حضرت حمزي جي پيٽ ۾ لڳو ۽ جسم مان پار ٿي ويو. حضرت حمزو، وحشيءَ ڏانهن وڌيو، پر ڪجهہ اڳتي هلي ڪري پيو. وحشي اڳتي وڌيو ۽ نيزو جهٽڪي سان پيٽ مان ڪڍي ورتائين ۽ لاتعلق ٿي اتان هليو ويو. قريش جو علم هڪ غلام کنيو ٿي هليو. اها انهن جي بيعزتيءَ جي انتها هئي. پوءِ اهو غلام بہ قتل ٿي ويو.

جيئن ئي جهنڊو ڪريو، قريش جا حوصلا خطا ٿي ويا ۽ ٻي ترتيبيءَ سان

پڇڻ لڳا. مسلمانن کي جيئن ئي قريش جي شڪست جي خبر پئي، هو مال غنيمت ميڙڻ ۾ لڳي ويا. قريش پڇي رهيا هئا ۽ مسلمان هنن جي لشڪرگاهه ۾ گهڙي مال غنيمت ميڙڻ ۾ رڌل هئا. اها حالت هوندي به خالد پنهنجن ساٿين سان گڏ پنهنجي جاءِ تي بيٺو هو. هن جي غيرت اهو نه سٺو ته هو شڪست کائي پڇي. هن پنهنجن ساٿين کي پڇندي ڏٺو. پوءِ مسلمانن کي مال ميڙيندي ڏٺو. هو پنيان حملو ڪري سگهيو پئي، پر اتي تير ڪٽي بيٺل مسلمان موجود هئا. خالد کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته هو ڇا ڪري. جلدي ڪيس هڪ موقعو ملي ويو. عينين جي تير اندازن، قريش کي پڇندي ۽ مسلمانن کي مال ميڙيندي ڏٺو ته پنهنجو پاڻ جنگ ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پاڻ سڳورن صه جو اهو حڪم وساري وينا ته ڪنهن به حالت ۾ پنهنجي جاءِ ناهي ڇڏڻي. خالد پنهنجي دستي سان گڏ مسلمانن کي ڏسي رهيو هو. هن جي بي جگري ڏسڻ وٽان هئي. سڄي فوج پڇي وئي هئي. هو پنهنجي دستي سان گڏ جنگ جاري رکيو ٿي آيو. هو وڙهندو ان جاءِ وٽ پهتو، جتي ٿوري دير اڳ تيرانداز بيٺا هئا. هاڻ اتي ڪير نه هو. خالد بهترين جنگي مهارت جو ثبوت ڏنو. پهاڙ جي اوٽ ۾ وڃي پنيان ظاهر ٿيو ۽ مسلمانن تي حملو ڪيو. عڪرمه پنهنجي دستي سان گڏ بيٺو اهو تماشو ڏسي رهيو هو. هن، خالد کي غور سان ڏٺو ۽ گهوڙو ڊوڙائيندو هن وٽ پهتو. ان جاءِ تي پاڻ سڳورا صه تمام ٿورن ساٿين سان گڏ هئا. مسلمانن جي ٻي فوج پري هئي. پاڻ، خالد جي حملي کان بچڻ لاءِ پنتي هٽيا. ايا چوٽون پاڳو به نه هٽيا هئا جو عڪرمه جي سوارن سندن رستو روڪيو. وقت ايڏو گذري ويو هو. قريش جي پيادل فوج به موٽي آئي هئي. هاڻ اڳيان ۽ پنيان ٻنهي پاسن کان حملا ٿي رهيا هئا. خالد جي جنگي مهارت هارايل جنگ کي فتح ۾ بدلايو. مسلمانن آڏو هڪ ئي مقصد هو. حضور اڪرم صه جي حفاظت ڪجي. مسلمانن سندن چوڏاري گهيرو ٻڌو ۽ جنگ ۾ مصروف ٿي ويا. وساٿيل چٽنگن مان شعلا ٻري رهيا هئا. خالد پنهنجي دستي سان گڏ مسلمان سپاهين تي حملا ڪري رهيو هو ۽ هر طرف کان هڪ ئي آواز اچي رهيو هو. "روڪي سگهو ٿا ته روڪيو، مان آهيان ابو سليمان خالد بن وليد..." هڪ وقت اهو به آيو جو پاڻ سڳورا صه ڏاڍا زخمي هئا. قريش جو هڪ سپاهي سڄي ميدان ۾ رڙ ڪري چئي رهيو هو، "مون محمد صه کي قتل ڪيو آهي. مون محمد صه کي قتل ڪيو آهي..." مسلمانن اهو آواز ٻڌو ۽ هٽي انهن هوڏانهن ڏٺو. پاڻ ڪين ڪٽي به نظر نه آيا. ان مهل پاڻ هڪ ڪڏ ۾ هئا. سندن ٻه ڏند مبارڪ شهيد ٿيا هئا. چهري تي به زخم هئا. ڪجهه اصحابي سندن زخم صاف ڪري رهيا هئا. پاڻ فرمايائون، "جيڪا قوم

پنهنجي پيغمبر کي زخمي ڪري، اها فلاح ڪيئن حاصل ڪري سگهندي؟"

مسلمانن کي جڏهن پاڻ سڳورا نظر نہ آيا تہ هو پريشان ٿي ويا ۽ ڀڄي ويا. قريش مطمئن هئا. پاڻ سڳورا صہ قتل ٿي ويا. سندن پٺيان وڃڻ جي ضرورت نہ هئي. هو ڀڄندڙ فوج کي ڏسي رهيا هئا ۽ خوشيءَ مان نعرا هڻي رهيا هئا ۽ قرلٽ ۾ پورا هئا. پاڻ سڳورن صہ سان گڏ چوڏنهن اصحابي سڳورا هئا، جيڪي ڪين حفاظت سان پري وٺي ويا. جتي پاڻ محفوظ هئا. ڪنهن کي خبر نہ هئي تہ پاڻ سڳورا صہ ڪٿي آهن...؟

جنگ جي ميدان ۾ هنن جو گيت گونجي رهيو هو:

اسان بدر جو حساب چڪايو آهي
هڪ خون ريز جنگ جي بدلي اهڙي جنگ سان
مان عتبہ جو غم سهي نہ سگهيس،
اهڙيءَ طرح پنهنجي چاچي، پنهنجي پاءُ، پنهنجي پٽ جو غم
هاڻ منهنجو هانءُ ٺري رهيو آهي
منهنجو قسم پورو ٿي ويو
۽ وحشي منهنجي دل جو درد ڏور ڪري ڇڏيو،
مان هميشہ وحشيءَ جي ٿورائتي رهنديس
جيسين منهنجا هڏا قبر ۾ خاڪ نہ ٿا ٿين!

اها خالد جي زندگيءَ جي پهرين جنگ هئي ۽ هن جي بهادري ۽ جنگي مهارت جو ثبوت پڻ. هن اڪيلي جي بهادري سڄي قريش جي لشڪر کي بدترين شڪست کان بچائي ورتو. مڪي اچڻ کانپوءِ بہ ڪيترا ڏينهن احد جي جنگ هن جي حواسن تي ڇانيل هئي. هن ڪيترا ڀيرا اڪيلائيءَ ۾ تصور ۾ پنهنجي جنگي مهارت جو ثبوت پئي ڏنو. مسلمان تيراندازن جنهن مهل پنهنجو مورچو ڇڏيو هو تہ ڪيئن ڪيس موقعو ملي ويو ۽ مون ڪيڏو تڪڙ ۾ ان موقعي جو فائدو ورتو. "اها ئي منهنجي جنگي مهارت هئي." ان فتح جو نشو ڪجهہ گهٽ ٿيو تہ هڪ ٻيو تصور هن جي ذهن تي بار ٿي پيو. هو مسلمانن جي جرئت ۽ ثابت قدمي ڏسي حيران هو. اها ڳالهہ فطرت خلاف هئي تہ هڪ ننڍڙي فوج، جيڪا بدحواس بہ هجي ۽ جنهن تي هر پاسي کان حملا ٿي رهيا هجن، اها پهاڙ بنجي مقابلو ڪري ۽ پنهنجي رهبر جي آخر دم تائين حفاظت لاءِ جنگ جاري رکي. سوچيندي سوچيندي هو ان نتيجي تي پهتو تہ مسلمان اسان جو ئي نسل آهن. شايد نئين عقيدي هنن ۾ اهڙي ڪا طاقت پيدا ڪئي آهي، جنهن کان اسين محروم آهيون. هن کي پنهنجو پاءُ وليد ياد آيو، جيڪو پاڻ سڳورن صہ جي هستيءَ جي سحر ۾ اچي پنهنجي پراڻي عقيدي کي ڇڏي ويو هو. هن کي پنهنجي انهر ڪنهن تبديليءَ جو احساس ٿيو. ڇا مان بہ نئين عقيدي ڏانهن وڃي رهيو آهيان؟ اهو احساس ٿيندي ئي ان ضد کيس گهيري ۾ آڻي ڇڏيو تہ مسلمانن سان

مونکي اڃا بہ اهڙيون جنگيون وڙهڻيون آهن. اهو ڇا، مان بيڪار ڳالهيون سوچيان پيو. هو فتح جو جشن ملهائڻ ۾ مصروف ٿي ويو. خالد هڪ نفيس ۽ آسائش واري زندگي گهاري رهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو مسلمانن سان ٻي جنگ جو انتظار ڪرڻ لڳندو هو. عڪرمہ ۽ هو جڏهن بہ پاڻ ۾ ملندا هئا، مسلمانن سان جنگ جون ڳالهيون ڪندا هئا. پر ابوسفيان ڏاڍو محتاط سردار هو. هو اڃا پنهنجو پاڻ کي جنگ لاءِ تيار نہ سمجهندو هو.

ابوسفيان جي اجازت کانسواءِ قريش قبيلا هڪ جهنڊي هيٺ گڏ نہ ٿي سگهيا. عڪرمہ ۽ خالد جون بي تابيون عروج تي هيون. 626ع جو اونهارو ختم ٿيو. خيبر جي يهودين جو هڪ وفد ابوسفيان سان ملڻ آيو. اها خبر خالد کان لڪل نہ ٿي رهي سگهي. هو اهو بہ ٻڌي رهيو هو تہ اهو وفد مسلمانن سان جنگ ڪرڻ لاءِ ابوسفيان جي مدد لاءِ آيو آهي.

هو ۽ عڪرمہ ملي ڪري ابوسفيان جي گهر پهتا. جيئن يهودين جي وفد جي گفتگو ٻڌي سگهن. هو ٻئي پهتا تہ گفتگو عروج تي هئي. وفد جا ڪارڪن انهن خطرن کان آگاهہ ڪري رهيا هئا، جيڪي اسلام جي ڪري مڪي وارن کي هئا. توهان پنهنجو اڏ واپار پنهنجن هٿن سان وڃائي ڇڏيو آهي. مديني ۾ مسلمانن جي اقتدار ڪري شام ڏانهن ويندڙ رستو توهان جي هٿن مان نڪري ويو آهي. هاڻ توهان عراق، بحرين ۽ يمامہ سان واپار ڪرڻ تي مجبور آهيو. توهان اهو تہ سوچيو تہ جي مسلمان يمامہ تائين پڪڙجي ويا تہ مڪي جي واپار جو يمن تائين محدود ٿيڻ اٽڪل آهي. ڇا توهان اهو نقصان سهڻ لاءِ تيار آهيو؟ توهان وٽ ان جو ڪهڙو علاج آهي؟ علاج تہ واضح آهي. اسان ۽ توهان مسلمانن خلاف لشڪر ڪشي ڪري ان جو نالو نشان مٽائي ڇڏيون.

"اي ابن خطيب!" ابو سفيان وفد جي سربراهہ کي چيو، "توهان ڪتاب وارا آهيو، ڇا تنهنجي راءِ ۾ محمد صہ جو نئون مذهب اسانجي مذهب کان بهتر آهي؟"

"مان توکي هڪ ڪتاب واري جي حيثيت هوندي پڪ تو ڏياريان تہ تنهنجو مذهب محمد صہ جي مذهب کان بهتر آهي. تون حق تي آهين."

ايڏي وڏي گواهي ملڻ کانپوءِ هن کي ڪجهہ آتت ملي. انهيءَ وفد عرب جي ٻين قبيلن غلقان ۽ بنو اسد وٽ وڃي اهي ڳالهيون ڪيون. ان وفد کي بہ اتان ڪاميابي ملي. انهن قبيلن کانسواءِ ڪيترا ٻيا قبيلا بہ مسلمانن سان وڙهڻ ۽ انهن کي تباهہ ڪرڻ جي مهم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ راضي ٿي ويا. مهم جون تياريون شروع ٿي ويون. قبيلن جا دستا جمع ٿيڻ شروع ٿي ويا ۽ ڏهہ هزارن جو لشڪر جرار هنن جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي ويو. ان ٻوڏ، ابو سفيان جي سپهہ سالاريءَ ۾ مديني منوره جو رخ ڪيو. اهي خبرون جڏهن

مديني پهتيون ۽ مسلمانن کي پريشاني وکوڙي وئي. ان عظيم لشڪر جو مقابلو ڪرڻ سولو نہ هو. ڳالهہ گهٽي تعداد يا ٿوري تعداد جي نہ هئي، پر هاڻ مسلمانن جي صفن ۾ سوين منافق بہ شامل ٿي ويا هئا. جن تي پروسو ڪرڻ مشڪل هو. پاڻ سڳورا صہ رضا تي راضي هئا، پر عام مسلمانن جو ڊڄڻ انساني تقاضا هئي. پاڻ سڳورا صہ پنهنجن ڪجهہ اصحابين سان گڏ ستارن وچ ۾ چنڊ بنجي چمڪي رهيا هئا. مسجد نبوي جو ڪچو اڳڻ پاڻ سڳورن صہ جي پڪي ارادي سان جرڪي رهيو هو. حضرت سلمان فارسي رضہ پنهنجي علم ۽ فضل سبب اعليٰ اصحابي هئا. حضرت سلمان فارسي رضہ مسجد ۾ داخل ٿيا ۽ نبي ڪريم صہ پرسان ويهي رهيا. ان مهل اها ئي گفتگو هلي رهي هئي. دشمنن جي گهٽائيءَ جو ذڪر هلي رهيو هو. حضرت سلمان فارسي رضہ اهي ڳالهيون غور سان ٻڌيون ۽ پوءِ چيو تہ جڏهن بہ ڪنهن ايراني فوج کي گهٽائي ۽ بچاءَ جي جنگ وڙهڻي پوندي هئي تہ هو دشمنن جي رستي ۾ ايڏي ويڪري گهري خندق کوٽيندا هئا جو اهي پار ڪري نہ سگهندا هئا. عربن لاءِ جنگ جو اهو طريقو اڻڄاتل ۽ نئون آهي. ان لاءِ قريش پريشان ٿي ويندا ۽ مديني ۾ داخل نہ ٿي سگهندا. ڪيترا عرب، ان حڪمت عمليءَ کان واقف نہ هئا، ان لاءِ مخالفت ڪري رهيا هئا. جڏهن تہ پاڻ سڳورن صہ، حضرت سلمان فارسيءَ جي ان ڳالهہ جي حمايت ڪئي تہ مخالفت گهٽجي وئي ۽ کوٽائيءَ جو ڪم شروع ٿي ويو. خندق جي کوٽائي پوري ٿيندي ئي مسلمانن اتي ترسڻ شروع ڪيو ۽ ڏينهن رات جي محنت کانپوءِ مديني کي محفوظ ڪري ڪافرن جو انتظار ڪرڻ لڳا. هاڻ فقط تيرن جي مٿا سٽا ٿي سگهندي ۽ مسلمانن ۾ ماهر تير اندازن جي گهٽتائي نہ هئي. ابو سفيان طاقت جي نشي ۾ چُور هو. هڪ وڏو تعداد هن سان گڏ هو. خالد بن وليد بہ ان لشڪر ۾ شامل هو. هو فتح جي آس ۾ تڪڙو فاصلو طئ ڪري رهيو هو. جڏهن مديني ويجهو پهتو ۽ ڏڳهي خندق سندس رستو روڪيو تہ هو پريشان ٿي ويو.

"عزيٰ ۽ هبل جو قسم! ان قسم جهڙين جنگي ترڪيبن جو عرب ۾ رواج نہ هو. مسلمانن کي ڪليل ميدان ۾ اچڻ گهرجي ها." هن جي پريشاني، خندق جي گهرائيءَ کي ڏسي موٽي آئي. هاڻ ان کانسواءِ ٻيو ڪو رستو نہ هو جو خندق جي ٻاهران ترسي مديني وارن کي گهيرجي. ڪافرن، ڏکڻ ۽ اولهہ پاسي خيما کوڙيا. خالد جي بيچين طبيعت کيس گهوڙي تان لهڻ نہ ٿي ڏنو. هو خندق جي چوڌاري ڊوڙي اهو اندازو ڪرڻ لڳو تہ ڪٿان خندق جي کوٽائي گهٽ هجي تہ گهوڙي سميت خندق ٽپي دشمنن سان جنگ جوٽي، پر هر پاسي کان سندس گهوڙو بيهي رهيو. شام جي اونداهي ٿيڻ کانپوءِ هو مايوس موٽي آيو. ڪيترن

ڏينهن جي ڪوشش ڪانپوءِ هن پنهنجي فوج جا دستا گهٽائي ڇڏيا. هر دستي جي قائد کي مختلف جاين تي بيهاري ڇڏيو. مقصد اهو هو تہ مسلمانن کي مصروف رکجي ۽ کين هڪ پل لاءِ بہ آرام سان ويهڻ نہ ڏجي. انهن سڀني دستن جي نگراني خالد جي ذمي هئي. انهن دستن ڪيترين جاين تان خندق ٽپڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ناڪام ٿي موٽي آيا. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تہ هنن جي پريشاني وڌندي وئي. آخر اولهہ پاسي اهڙي جاءِ ملي، جتان خندق جي کوٽائي ڪجهہ گهٽ هئي. عڪرمہ بن ابوجهل ڇاڻي ورتو تہ اتان خندق کي پار ڪري سگهجي ٿو. هن ۽ هن جي ساٿين خندق پار ڪري ورتي. انهن ۾ عمرو بن عبدو بہ هو. اهو ماڻهو ايڏو طاقتور هو جو اڪيلو پنج سؤ سوارن جي برابر سمجهيو ويندو هو. وڏا وڏا بهادر هن جو نالو ٻڌي ڏڪي ويندا هئا. هن جي خندق پار ڪرڻ جو مطلب هو، فتح نصيب ٿي وئي. خندق پار ڪندي هن رڙ ڪئي، "مان عمرو بن عبدود آهيان. ڇا توهان مان اهڙو ڪو ماڻهو آهي، جيڪو اڪيلو مون سان مقابلو ڪري؟" مسلمانن طرفان ان للڪار جو ڪو جواب نہ مليو. هر ڪو هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳو. عمرو ان مان مان مزو ماڻي رهيو هو. هاڻ هن جي للڪار ٽهڪن ۾ بدلجي وئي. "توهان مان ڪير بہ مرد ناهي. توهان جي اسلام ۽ پيغمبر جو ڇا ٿيندو؟" مسلمانن ان ٽوڪ کي مشڪل سان ٻڌو.

حضرت علي عہ اڳئين صف ۾ بيٺل هو. پاڻ پنهنجي جاءِ تان هٽي نبي ڪريم صہ وٽ آيو ۽ موڪل گهريائين. مون کي موڪل ڏيو. مان ان طعني ڏيندڙ جو وات هميشہ لاءِ بند ڪري ڇڏيندس. موٽي وڃ. هيءَ عمرو آهي. عمرو جا طعنا ويتر وڌي ويا. حضرت علي عہ ٻيهر پاڻ سڳورن صہ کان موڪل گهري. پاڻ کين موڪل نہ ڏنائون. عمرو اهو سڀ ڏسي رهيو هو. هن جا ٽهڪ وڌي ويا. "تنهنجي جنت ڪٿي آهي؟ هن ڏڪار مان چيو." اها جنت جنهن بابت تون چوين ٿو تہ جنگ ۾ مارجڻ وارا ان ۾ ويندا. ڇا تون مون سان وڙهڻ لاءِ ڪنهن کي بہ نہ موڪليندين؟" حضرت علي عہ هڪ دفعو ٻيهر پاڻ سڳورن صہ وٽ آيو. پاڻ سڳورن صہ پنهنجو عمامو لاهي حضرت علي عہ کي مٿي تي پارايو ۽ پنهنجي تلوار ڏيندي دعا ڪئي. "يا اللہ! هن جي مدد ڪر." حضرت علي عہ ان دعا سان گڏ اڳتي وڌيا ۽ عمرو کي للڪاريو. "گهوڙي تان لهي مون سان وڙهہ... منهنجي پاءُ جا پٽ، مان توکي قتل ڪرڻ نہ ٿو چاهيان."

"پر مان توکي قتل ڪرڻ چاهيان ٿو." اهو چئي عمرو گهوڙي تان ٽپ ڏئي لٿو ۽ تلوار سان حضرت علي عہ تي حملو ڪيائين. هڪ ڊگهي مقابلي کانپوءِ حضرت علي عہ هن جي سسي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏي. عمرو جي قتل سان گڏ اهو مقابلو ختم ٿيو. عڪرمہ

ڪجهه دير تائين تلوار جا جوهر ڏيکاريا ۽ پوءِ ڊپ مان پنهنجن ساٿين ڏانهن خندق ڏي موٽي ويو. خالد اها رات بيچينيءَ سان گهاري. ڪنهن نه ٿي ڄاتو ته هو پريشان ڇو آهي. صبح ٿيندي ئي اهو راز کلي ويو. هو پنهنجو دستو وٺي ان جاءِ تي پهتو، جتان عڪرمه خندق پار ڪئي هئي. هن دفعي اتي پهريدار بيٺا هئا. هنن خالد کي اڳتي وڌندي ڏسي روڪي ورتو ۽ وقت تي صف بندي ڪري بيهي رهيا. خالد جنگي چالاڪيءَ کان ڪم روتو. پنهنجي دستي کي ائين پنٽي هٽايو، جڻ هن خندق پار ڪرڻ جو ارادو ڇڏي ڏنو آهي. مسلمانن، دستي کي پنٽي هٽندي ڏسي اهو سوچيو ته خالد حملي جو ارادو ڇڏي ڏنو آهي. پوءِ پاڻ به پنٽي هٽي ويا ۽ ٿڪ ڀڃڻ لڳا.

خالد ان وقت جي انتظار ۾ هو. هن دستي کي اشارو ڪيو ۽ گهوڙو ڊوڙائيندو ڪجهه قريشين سان گڏ خندق پار ڪري ويو. پوءِ به ايڏي دير تي وئي جو مسلمانن صفون سنڀاري ورتيون. به مسلمان شهيد تي ويا، پر مزاحمت ايتري شديد هئي جو خالد کي مايوسي تي. هن مشڪل سان مسلمانن جو گهيرو ٽوڙيو ۽ خندق جي ٻئي پاسي هليو ويو. ان گهيري کي هڪ مهينو تي ويو هو. خندق جي ٻئي پاسي به ڏاڍي حالت هئي. مديني منوره ۾ ڪاڏي جي ڪوٽ هئي. پر حوصلا بلند هئا. قريش جي لشڪر ۾ بدمزاجي وڌي وئي هئي. حوصلا ڪمزور تي رهيا هئا ۽ هو انهن ناڪامين جو ذميوار هڪ ٻئي کي قرار ڏيڻ لڳا. ان رات به سپاهي هڪ ٻئي سان وڙهي پيا. فيصلي لاءِ ٻنهي کي ابوسفيانَ جي خيمي ۾ آندو ويو. ابوسفيان کي ڪنهن هڪ جي حق ۾ فيصلو ڏيڻو هو. اوچتو خيمي جون ميخون پٽجي ويون. ڏنو ويو ته لشڪرين جا خيما پري پري تائين اڏامي ويا. سڄي واديءَ ۾ تيز هوائون هلي رهيون هيون. خيما ۽ تانوَ هيڏانهن هوڏانهن اڏامي رهيا هئا. عجيب ڇڪتاڻ وارو ماحول هو. سپاهي پنهنجن ڪمبلن ۾ ويڙهجي طوفان ختم ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. طوفان هو جو وڌندو پئي ويو. ابو سفيان جو صبر ختم تي ويو. هن چرين جيان ڪنبل ڦٽي ڪيو ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو. هن جو آواز پري پري تائين وڃي رهيو هو، "ان طوفان اسانکي تباهه ڪيو آهي. اسانجا چلها ٺڏا تي ويا. اسان جا خيما پٽي ڇڏيائين. ساٿيو! مڪي موٽي هلو. مان وڃان ٿو." هن جو اٿ ويجهو بيٺو هو. هو اٿ تي ويٺو. ٻين قريشين به ائين ڪيو. انهن سيني ان بيرحم طوفان کان پري وڃڻ چاهيو پئي. خالد ان قافلي ۾ سيني کان پنٽي هو ڇو ته اهو جنگ ۾ ڇڻ جو نه پر جنگ کان واپسيءَ جو سفر هو. اهو به اهڙي جنگ جو، جنهن جو ڪوبه نتيجو نه نڪتو هو. مڪي معظم تائين پهچندي طوفان ٽري ويو. پر خالد جي دل ۽ دماغ ۾ طوفان متل هو. هو پنهنجي جنگي مهارت تي غور ڪري

رهيو هو. هن جي قابليت ۾ ڪو شڪ نہ هو. هو اهو سمجهڻ کان قاصر هو تہ فتح هن جي هٿ مان ڇو ٿي نڪري وڃي. هن کي احد جي جنگ ياد آئي. هن جي جنگي مهارت هوندي بہ مسلمان پنهنجو پاڻ کي وڏي شڪست کان بچائي ويا هئا. خندق جي جنگ جو حال هن آڏو هو. قريش ايڏيون تياريون ڪري وڏي تعداد سان جنگ ڪرڻ ويا هئا. فتح جي پڪ هئي. خندق جي معمولي اٽڪل سڀ طريقا خاڪ ۾ ملائي ڇڏيا. ڪيڏي هٿ سان ويا هئا ۽ مايوسيءَ سان موٽي آيا. طوفان جو خيال ايندي ئي هن جي من ۾ مانڌاڻ مچي ويو. مسلمانن جي مدد خدا ڪري رهيو آهي. هنن کي غيبي مدد ملي رهي آهي. ڇا مسلمان حق تي آهن؟ هن جو ايمان لڏي ويو، پر ضد تي هو. اهي سڀ اتفاق آهن. اهي اتفاق ڪيسين مسلمانن سان گڏ هوندا؟ جنهن ڏينهن منهنجو وارو آيو، مان هنن جو مٿو ڦاڙي ڇڏيندس: هڪ دفعو بيهر هو رنگين زندگيءَ ڏانهن موٽي آيو. سير ۽ شڪار ۾ وقت گذرندو رهيو. هڪ سال گذري ويو. 628ع جي شروع وارن ڏينهن ۾ ان خبر سڀني کي حيران ڪري ڇڏيو. مديني جا مسلمان، محمد صہ جي اڳواڻيءَ ۾ عمرو ڪرڻ جي لاءِ اچڻ وارا آهن. مسلمانن جو اهو سفر عمرو ڪرڻ جو هو. جنگ جو ارادو نہ هو. ان لاءِ پاڻ سڳورن صہ، اصحابين کي هٿيار رکڻ کان جهلي ڇڏيو هو. قريش کي اهو انديشو هو تہ مسلمان هنن تي حملو ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن. مسلمانن جو اهو تعداد ايڏو وڏو هو جو قريش هنن کان ڊنل هئا.

پاڻ سڳورن صہ جي وفا ۽ سچائيءَ جي گواهي عرب جو ٻار ٻار ڏيندو هو. پاڻ سڳورن صہ سفارتي سطح تي پڪ ڏياري هئي تہ پاڻ سڳورا صہ چوڏنهن سؤ مسلمانن سان گڏ مڪي ضرور اچي رهيا آهن، پر مقصد فقط عمرو ادا ڪرڻ آهي. پاڻ سڳورن صہ جي پڪ ڏيارڻ تي بہ ابوسفيان ۽ سندس ساٿين کي خوف هو. ابوسفيان رات جو خالد کي گهرايو ۽ کيس ٿي سؤ سوارن سان گڏ حڪم ڏنو تہ هو مڪي کان نڪري مسلمانن کي رستي ۾ روڪي. خالد کي قسمت آزمائڻ جو موقعو ملي ويو. هو مڪي کان نڪري مديني ڏانهن روانو ٿيو. هڪ پهاڙ جي اوٽ ۾ پنهنجي دستي کي بيهاريو. مسلمانن کي ان پهاڙ جي دنگ وٽان لنگهڻو هو. پاڻ مديني کان ٻاهر نڪري ڪجهہ ماڻهن کي قافلي کان اڳتي روانو ڪيو. جيئن کين خطرن کان ٻڌائين.

مسلمانن جو اهو قافلو هڪ جاءِ عسفان وٽ پهتو. اڳتي ويل سوار موٽي آيا. هو پاڻ سان گڏ ڪا سٺي خبر کڻي نہ آيا هئا. هنن دنگ ويجهو خالد جي دستي هئڻ بابت ٻڌايو. نبي ڪريم صہ رتوڇاڻ نہ ٿي چاهي. پاڻ سڳورا صہ فقط عمرو ڪرڻ آيا هئا. پاڻ سڳورن صہ، اصحابين کي چيو، "ڇا توهان مان ڪو اهڙو سجاڻو ماڻهو آهي، جيڪو اسانکي خالد کان بچائي

ٻئي رستي کان وٺي وڃي.“

ان سڏ تي سلم قبيلي جو هڪ ماڻهو اٿيو. هو انهن رستن کان واقف هو. هن ها ڪئي ته هو قافلي کي خالد کان بچائي وٺي ويندو. هو ان قافلي کي ڏکين پهاڙي رستن تان وٺي سمنڊ ڪناري هلندا پهاڙي رستي جي ٻئي پاسي پهچي ويا. اهو سفر ڏاڍو ڪٺن هو، پر ڪاميابيءَ سان طئ ٿي ويو. خالد جو دستو پنٽي رهجي ويو. خالد کي ان مهل احساس ٿيو، جڏهن قافلو دز اڏائيندو منزل ڏانهن روانو ٿيو. خالد مڪي ڏانهن ڊوڙيو. مسلمان تڪڙو هلندا مڪي کان اڳ حديبيہ وٽ پهتا ۽ اتي پنهنجا خيما کوڙيائون. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ قريشن کي يقين اچي ويو تہ مسلمان هنن تي حملو ڪرڻ نہ پر فقط عمرو ڪرڻ آيا آهن. تڏهن ٻنهي پاسي سفيرن جي اچ وڃ شروع ٿي وئي ۽ هڪ ٺاهہ ٿي ويو، جنهن کي صلح حديبيہ سڏجي ٿو. خالد هڪ دفعو ٻيهر سوچي ڏکي ويو. هن کي اهو خيال آيو تہ هو مسلمانن جو انتظار ڪندو رهيو ۽ هو هن جون سڀ اٽڪلون خاڪ ۾ ملائي هليا ويا. هن کي ٻيهر ناڪامي ٿي. هو پاڻ سڳورن صہ جي ڪمال جو معترف ٿي ويو. هو جنگ ڪرڻ جو عادي هو. هو سوچيندو رهيو تہ جي هو مسلمانن سان ملي وڃي تہ انهن جي مهمن ذريعي ڪيس مشهوري ملي ويندي. مسلمانن جو ستارو عروج تي هو. قريش کي هر محاذ تي شڪست ملي رهي آهي. ابوسفيان ۾ اهو ڪمال نظر نہ ٿو اچي. جيڪو حضرت محمد صہ جي هستيءَ ۾ آهي. سندس اڳواڻي قبول ڪري ڪيس فتح ۽ مشهوريءَ جا ڪيترا موقعا ملي سگهندا. مسلمانن سان گڏ شامل ٿيڻ لاءِ ضروري هو تہ هو اسلام قبول ڪري. هن پنهنجي زندگيءَ جو جائزو ورتو. هن کي مذهب سان ڪا خاص دلچسپي نہ هئي. پراڻا عقيدا ڇڏڻ جو رتيءَ برابر بہ افسوس نہ هو. هو ان نتيجي تي پهتو هو تہ اسلام حق جو دين آهي، پر قبائلي ڳالهيون آڏو اچي رهيون هيون. ان جو اعلان ڪندي هو هڻڪي رهيو هو.

مسلمانن سان نفرت سوچون ذهن اجا بہ هن جي رڳن ۾ ڊوڙي رهيو هو. ٻين مڪي وارن جيان هو بہ صلح نامي جو پابند تہ ٿي ويو، جنهن ۾ هڪ اهو بہ شرط هو تہ قريش ۽ مسلمان ڏهہ سالن تائين هڪ ٻئي سان جنگ نہ ڪندا، پر هو ڇڪتاڻ ۾ سوچي رهيو هو. ان کي هو پنهنجي شڪست چوي يا فتح.... مسلمانن جي طاقت ايڏي وڌي وئي آهي جو اسين ٺاهہ لاءِ مجبور ٿي وياسين. ان معاهدي ۾ هڪ شق اها بہ هئي تہ ايندڙ سال مسلمانن کي عمري لاءِ موڪل ڏني ويندي. هو اهو منظر پنهنجين اکين سان ڏسڻ نہ چاهيندو هو. اهو ئي محمد صہ ۽ ان جا ساٿي، جن کي مڪي مان ڪڍيو ويو هو، ٻيهر اچن ۽ هو روڪي نہ سگهي. هو ايندڙ سال تائين پنهنجو پاڻ کي راضي ڪندو رهيو. پر مسلمان عمرو ادا ڪرڻ لاءِ مڪي آيا. هو سهي نہ

سگهيو ۽ ٽي ڏينهن مڪي کان ٻاهر هليو ويو. هن جو ڀاءُ وليد، جيڪو اسلام قبول ڪري مسلمان ٿيو هو، مسلمانن سان گڏ عمرو ڪرڻ آيو ۽ خالد کي ڳولهيندو رهيو، پر هو مڪي ۾ ڪٿي هو جو هن کي لڀي ها. ٽي ڏينهن عمرو ڪري هو مديني هليو ويو ۽ خالد مڪي موٽي آيو. هن کي خبر پئي ته هن جو ڀاءُ ڪيس ڳولهيندو رهيو ۽ موٽي ويو. هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڪاش! مان ان وقت مڪي ۾ هجان ها. هڪ ڏينهن ڪيس وليد جو خط مليو. وليد سان نہ ملڻ جو ڏک ڪيس اڃا بہ هو. خط مليو ته ڪيس اکين سان لائي پڙهڻ لڳو. هن لکيو هو. "مون کي ان کان وڌ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ نہ ٿي لڳي ته تو جهڙو عقلمند ۽ ڏاهو ماڻهو اسلام جهڙي نعمت کان محروم آهي. تون اڃا تائين اسلام جي حقيقت ناهين سمجهي سگهيو. اسلام اهڙي شيءِ ناهي جو ڪو عقل وارو ماڻهو ان تي سوچي ۽ ان جي دل پوءِ بہ نہ قبولي. تو اسلام جي خدمت جا ڪيترائي موقعا هٿان وڃائي ڇڏيا. بهتر آهي ته تون هاڻ ان جي تلافي ڪرين." ڇڪتاڻ ٻيهر هن کي ڇڪيو. ان خط جي هڪ هڪ اکر هن تي اثر ڪيو. هن ڀاءُ جي ڳالهہ ٻڌي ته اسلام جي حقيقت هن جي دل ۾ گهر ڪري وئي. هاڻ هو ان سڳنڌ کي پنهنجي ڪپڙن تائين محدود رکي نہ سگهيو. هن انهيءَ مهل پنهنجي دوست عڪرمہ بن ابوجهل جو در کڙڪايو. هر باشعور ذهن لاءِ اها واضح حقيقت آهي. قريش جي الزام ابتڙ محمد نہ ته شاعر آهي ۽ نہ جادوگر...سندس پيغام سچ ته الله جو پيغام آهي. سڀني انسانن جو فرض آهي ته سندن پيروي ڪن.

خالد جون ڳالهيون ٻڌي عڪرمہ وائڙو ٿي ويو.

"ڇا تون اسان جو مذهب ڇڏين پيو؟"

"ها! مون حقيقي معبود تي ايمان آندو آهي."

"حيرت آهي ته تون اها ڳالهہ پيو ڪرين؟"

"ڇو! ڇا مونکي عقل ناهي؟"

"اها ڳالهہ حيرت ۾ وجهندڙ آهي. مسلمانن جنگ ۾ پنهنجن ويجهن مائٽن کي قتل ڪيو آهي. مان ڪنهن قيمت تي محمد کي نہ مڃيندس."

"تون ائين ڪري نہ ٿو سگهين." خالد ڪاوڙ ۾ چيو، "تنهنجي قسمت ۾ ناهي ته تون اونداهيءَ کان روشنيءَ ۾ اچين."

"ائين آهي ته پوءِ تنهنجو، منهنجو رستو جدا آهي. اڄ کان دوستي ختم....اسان ڪنهن جنگ ۾ آمهون سامهون ٿياسين بہ ته.." عڪرمہ چيو...پر ان سان گڏ خالد کي ڀاڪر پاتو. "دوست! تون اهو سڀ نہ پيو ڪرين."

خالد هن سان گهڻي دير بيهڻ مناسب نہ سمجهيو. ڪٿي عڪرمہ جي دوستي هن جو ارادو نہ بدلائي ڇڏي. هن عڪرمہ کي ڏسڻ کانسواءِ چائنڻ

ٽپي ۽ هليو ويو. "خالد ۽ محمد صہ جي ساراهہ ڪري!" جنهن ٻڌو، ان کي يقين نہ آيو. ابو سفيان ٻڌو تہ سندس منهن هئڊو ٿي ويو. هن حقيقت ڄاڻڻ لاءِ عڪرمہ ۽ خالد، ٻنهي کي گهرايو.

"جيڪي ڪجهہ مون ٻڌو آهي، اهو سچ آهي؟" ابوسفيان، خالد کان پڇيو.

"توهان ڇا ٻڌو آهي؟"

"اهو ئي تہ تون محمد صہ جو ساٿ ڏيڻ چاهين ٿو."

"ڇو نہ ساٿ ڏيان؟ محمدصہ اسان منجهان آهي. منهنجو هن سان رت جو رشتو آهي."

"هو اسان جي عقيدن کي غلط چوي ٿو."

"غلط آهن تڏهن تہ غلط چوي ٿو."

"خالد!" ابوسفيان رڙ ڪئي، "جي تون محمد صہ جو ساٿ ڏنو، مڪي مان جيئرو نہ ويندين."

"محترم سردار! توهان هڪ کان وڌيڪ پيرا منهنجي تلوار جو ڪمال ڏٺو آهي. مان ڪنهن ڏمڪيءَ کان ڊڄڻ وارو ناهيان."

"پائٽيا! قريش ۾ هڪ تون ئي بهادر ناهين. تنهنجو رستو عڪرمہ روڪيندو."

"خالد کي پنهنجي مرضيءَ سان عقيدو قبولڻ جو حق آهي. مان هن جو رستو نہ روڪيندس. مون هن سان دوستي ختم ڪئي آهي، پر مان هن جو پائيٽيو بہ آهيان."

"تہ ڇا تون بہ!...."

"نہ! مان پنهنجي عقيدي تي قائم آهيان. پر خالد کي روڪي نہ ٿو سگهان."

پوڙهي ابوسفيان پنهنجا وار پٽڻ شروع ڪيا. خالد پنهنجي زرهہ ۽ پنهنجا هٿيار ڪٽي گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ مديني ڏانهن روانو ٿيو. رستي ۾ قريش جي ٻن پٽن سان مليو. اهي هئا، عثمان بن طلحہ ۽ عمرو بن العاص... ٽئي هڪ ئي مقصد سان گهران نڪتا هئا ۽ باقي سفر گڏجي ڪيائون. مديني پهچندي ئي خالد جي مشهوري بہ پهچي وئي. هن جو پاءُ وليد ڪيس وٺڻ آيو. هو شايد اهو سمجهي رهيو هو تہ هن جو پاءُ هن سان ملڻ آيو آهي، پر جڏهن ڪيس خبر پئي تہ مذهب اسلام هن جي دل جي بند در کي کڙڪايو آهي تہ هو خوشيءَ مان جهومڻ لڳو. خالد غسل ڪيو، ڪپڙا بدلايا ۽ وليد سان گڏ نبي ڪريم صہ جي خدمت ۾ پهتو.

"تو مان اها ئي مونکي اميد هئي تہ هڪ ڏينهن اسلام جي دولت سان مالا مال ٿي ويندين." پاڻ سڳورن صہ خالد کي ڏسي فرمايو. ان مهل عثمان بن طلحہ ۽ عمرو بن العاص بہ پهتا. "مسلمانو! ڪيڏو نہ پاڳ وارو ڏينهن آهي، مڪي پنهنجي جگر جا ٽڪرا توهان ڏانهن موڪليا آهن." ان ڪانپوءِ شهادت جو ڪلمو پڙهائي، خالد بن وليد کي اسلام ۾ داخل ڪيو ويو.

"يا رسول الله صہ! جن جنگين ۾ مون توهان سان مقابلو ڪيو آهي، ان لاءِ معافيءَ جو طلبگار آهيان."

"اسلام سيني کيل گناهن کي ڏاهي ٿو ڇڏي."

ان کانپوءِ عثمان بن طلحہ ۽ عمرو بن العاص بہ اسلام قبوليو. اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ خالد جو روح پرسڪون ٿي ويو. اها خبر خوشبوءِ جيان پکڙجي وئي تہ خالد اسلام قبول ڪيو آهي. جتان بہ لنگهيو پئي، اکيون هن جي آڄيان لاءِ آتيون هيون. جيڪو مليو ان سندس پليڪار ڪيو.

جڏهن هو مڪي ۾ هو، ننڍپڻ ۽ جوانيءَ وارو وقت حضرت عمر رضہ سان گڏ گهاريو هئائين. هاڻ جو مليا تہ پويون سڀ ڳالهيون ڪين ياد اچي ويون. جذباتي منظر ڪان نڪري هنن حقيقت جي اک سان مديني کي ڏٺو تہ ڪين پنهنجو پاڻ کي اهڙي جاءِ تي بيٺل ڏٺائون، جتي حرڪت هئي، عمل هو، نيڪي هئي، سچائي هئي. جت ڪير ننڍو وڏو نہ هو. سڀ ماڻهو هڪ ڪٽنب جيان هئا. اهو ماحول خالد جي پسند جو هو. هن مديني ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. خالد بن وليد ۽ عمرو بن العاص رضہ چوٽيءَ جا فوجي ماهر هئا. ڪيترا پيرا جنگي مهارت جو ثبوت ڏنو هئائون. هنن جو اسلام ۾ داخل ٿيڻ ان امر جي ضمانت هو تہ ايندڙ دور ۾ مسلمانن لاءِ ڪاميابيون اچڻ واريون آهن. حضرت خالد بن وليد رضہ مديني ۾ ان آس تي ڏينهن گهاري رهيا هئا تہ ڪنهن جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ جي سعادت حاصل ڪن. اسلام جي تبليغ لاءِ ڪوششون جاري هيون. نبي ڪريم صہ دنيا جي وڏن وڏن ماڻهن کي اسلام قبول ڪرڻ لاءِ خط لکيا. هڪ خط شهنشاهہ هرقل قيصر قسطنطنيہ ڏانهن بہ لکيائون. جڏهن سندن سفير بصري جي حدن ۾ داخل ٿيو تہ اتان جي هڪ سردار شرجيل بن عمرو هن کي اتي ئي قتل ڪري ڇڏيو. اها ڏکوئيندڙ خبر جڏهن مديني پهتي تہ سيني کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پاڻ سڳورن صہ بدلي وٺڻ جو اعلان ڪيو. اعلان جي دير هئي جو سرفروشن جو لشڪر تيار ٿي ويو. خالد بن وليد بہ ان لشڪر ۾ هڪ معمولي سپاهيءَ جيان شامل ٿي ويو. پاڻ سڳورن صہ ان لشڪر جو سالار زيد بن حارث کي مقرر ڪيو. جي زيد شهيد ٿي وڃي تہ جعفر بن ابي طالب کي قيادت سنڀالڻي آهي. اهي ٻئي شهيد ٿي وڃن تہ عبدالله بن رواحہ کي لشڪر جي قيادت لاءِ اِمير چونڊجو." هدايت جا اهي گل ميڙي هيءَ قافلو مديني منوره مان نڪري شام جي حدن ۾ داخل ٿيو. خالد بن وليد ڪيترا پيرا واپار سانگي شام ويو هو هو پر هن سفر جي ڳالهہ ئي ٻي هئي. اسلام قبولڻ کانپوءِ اها هن جي پهرين جنگ هئي. اهو خيال ئي ان لاءِ ڪافي هو تہ هو اسلام جي خدمت لاءِ ڪوشان آهي. مسلمانن کي اهو اطلاع رستي ۾ ئي ملي ويو تہ شاهہ بصريٰ هڪ لک فوج موڪلي آهي. اهو اطلاع ملڻ ۾ دير نہ لڳي. شهنشاهہ هرقل، جيڪو ايرانين تي فتح حاصل ڪري بيت المقدس جي زيارت لاءِ آيو هو. ان بہ امدادي فوج

موڪلي ڏني. مسلمانن سان فقط ٽن هزارن جو لشڪر هو. اهو تعداد ايڏو تہ گهٽ هو جو مسلمانن ۾ اختلاف ٿي ويو. گهڻن جو خيال هو تہ اڳتي وڌڻ کان اڳ پاڻ سڳورن صہ کي اهو ٻڌائجي ۽ نيون هدايتون وٺجن. گهڻا اهو سبب پيش ڪري رهيا هئا تہ ان ۾ غير ضروري دير ٿي ويندي ۽ اهو بہ اثر پوندو تہ مسلمان ڊڄي رهيا آهن. خالد ان لشڪر ۾ فقط هڪ سپاهي هو. اهو فيصلو ڪرڻ سپهہ سالار جو ڪم هو تہ اڳتي وڌجي يا پوئتي هٽجي. پر هو اهو ضرور سوچي رهيو هو تہ اسلامي لشڪر جي هڪ سپاهيءَ جي حيثيت سان وڙهڻ جو اهو موقعو ٻيهر نہ ڇاڻ ڪڏهن ملي. ڪاش! اهو موقعو هٿان نہ نڪري وڃي. ڪاش! فتح ۽ شهادت ٻنهي مان ڪا هڪ سعادت منهنجي نصيب ۾ اچي.

حضرت عبدالله بن رواحہ جو آواز گونجيو. "مجاهد، تعداد يا هٿيارن جي زور تي نہ پر عقيدي جي آڌار تي جنگ ڪندا آهن. جهاد ۾ اسان لاءِ بہ امڪان آهن. فتح يا شهادت...جنهن ڳالهہ کان توهان گهبرايو تا، اهو ئي توهان جو مقصد آهي. گهٽائي ۽ ٿورائيءَ جو ڪهڙو اعتبار...اعتبار ۽ ڀروسو فقط خدا جي ذات تي آهي ۽ اهو ئي هميشہ اسان جو سهارو آهي." اهي ڳالهيون ٻڌي سڄي لشڪر ۾ باهہ ٻري وئي. جيڪي ماڻهو دير ڪرڻ جي حق ۾ هئا، اهي بہ اهو ٻڌي پنهنجي راءِ بدلائڻ تي مجبور ٿي ويا. خالد جون اميدون جاڳي پيون. لشڪر روانو ٿيو ۽ هڪ جاءِ "موتہ" وٽ خيما کوڙي ويهي رهيو. دشمنن جو تعداد خطرناڪ حد تائين وڌي رهيو هو.

حضرت زيد صف بندي ڪئي. هن قلب جي قيادت پاڻ سنڀالي ۽ خالد کي بہ پاڻ سان گڏ قلب ۾ رکيو. جنگ شروع ٿيندي ئي حضرت زيد علم سوڌو دشمنن جي قلب تي ڪڙڪي پيو ۽ بهاديريءَ جو مظاهرو ڪندي شهيد ٿي ويو. سندن شهيد ٿيڻ تي حضور صہ جي هدايت مطابق حضرت جعفر ابن ابي طالب رضہ اسلامي جهنڊو سنڀاليو. هو بہ ڪيترائي زخم کائي شهيد ٿي ويو. سندن شهادت تي مسلمانن ۾ بيچيني پکڙجي وئي. ٽين سالار عبدالله بن رواحہ رضہ علم کنيو. هيءَ اهو وقت هو، جڏهن ٻئي لشڪر هڪ ٻئي سان ملي ويا هئا ۽ ڇتي جنگ ٿي رهي هئي. بيچينيءَ واريون حالتون قابو ۾ مس آيون تہ حضرت عبدالله بن رواحہ رضہ بہ شهيد ٿي ويو. مسلمان شڪست جي ويجهو هئا جو حضرت ثابت بن ارقم جهنڊو کڻي چيو، "مسلمانو! جلدي سان ڪنهن کي امير ناهي وٺو."

"توهان ئي ان لاءِ حقدار آهيو." ماڻهن رڙ ڪري چيو.

"نہ! مان ان لائق ناهيان. ڪنهن ٻئي کي چئو."

حضرت ثابت بن ارقم جي نظر حضرت خالد رضہ تي پئي ۽ هن جهنڊو ڏانهس وڌايو. خالد بن وليد رضہ جهنڊو

هٿ ۾ ڪنيو، پر ڪيس اهو احساس ضرور هو تہ ڪين اسلام قبول ڪئي گهڻو وقت ناهي ٿيو.

"مون ڪان وڌ توهان حقدار آهيو."

"نہ، مان نہ، نہ تو سوا ڪو ٻيو!"

ان ڇڪتاڻ ۾ مسلمانن ۾ بيچيني وڌي وئي. صفون وکري ويون هيون. مسلمانن جيئن ئي ڏٺو تہ جهنڊو خالد جي هٿ ۾ آهي هو ٻيهر جنگ ۾ جنبي ويا. هنن ڪي پڪ هئي تہ خالد پنهنجي مهارت ۽ بهاداريءَ سان دشمنن جي گهڻائيءَ کي ٿورائيءَ ۾ بدلائي ڇڏيندو.

جنهن مهل حضرت خالد رضہ "موتہ" ۾ جنگ ڪري رهيو هو، ان مهل پاڻ سڳورا صہ مديني ۾ خدا کي ٻاڏائي رهيا هئا.

"يا الله! خالد تنهنجين تلوارن مان هڪ تلوار آهي. هاڻ تون هن جي مدد فرماءِ." اها دعا آسمان ڏانهن اڏامي رهي هئي ۽ خالد جي تلوار دشمن جي رت سان ڀرجي رهي هئي. هو جنهن پاسي ويو پئي، ڪافرن جي صفن ۾ ٽاڪوڙو مچي پئي ويو. هو فقط بهادري نہ ڏيکاري رهيو هو، پر موقعي جو فائدو ٻہ وٺي رهيو هو. ان مهل فوج ۾ نظم ۽ ضبط قائم رکڻ ٻہ هڪ ڪارنامو هو. اها جنگ ست ڏينهن هلي. ان جنگ ۾ حضرت خالد بن وليد جي هٿ سان نو تلوارون ٽٽيون ۽ آخرڪار هڪ يمني تلوار سندن هٿ ۾ آئي ۽ مسلمانن کي فتح ڏياري پوءِ ميان ۾ وئي. ان ڪاميابيءَ حضرت خالد کي هڪ خاص اعزاز سان نوازيو. هو هڪ سپاهيءَ جي حيثيت ۾ موتہ ۾ شريڪ ٿيو هو ۽ موٽيو تہ ڪامياب سپهہ سالار جي حيثيت ۾ موٽيو.

الله جي تلوار (سيف الله) جو لقب نبي ڪريم صہ جي دربار مان ڪين مليو. مديني جي فضا ۾ هر طرف خالد جو نالو گونجيو پئي. هاڻ سندن بهاداريءَ تي مسلمانن کي اعتماد هو. حضور صہ فرمايو، "مڪي پنهنجي جگر جا ٽڪرا اسان جي حوالي ڪيا آهن. مڪي جي جهولي ان املهہ هيري کان خالي هئي.جڏهن مڪي جي فتح جو وارو آيو تہ ابوسفيان کي پڪ هئي تہ مسلمانن جو لشڪر مڪي جي دل ۾ نيزي جيان ٽنبجي ويندو. ان مهل خالد ٻہ گڏ ناهي. هو وائڙو ٿي ويو. بنو خزاعہ ۽ بنوبڪر وچ ۾ رت جي راند ٿي تہ ابوسفيان پريشان ٿي ويو. بنوخزاعہ مسلمانن جا حامي آهن. ان لاءِ مسلمان بدلو وٺڻ مڪي ضرور ايندا. هو جنگ روڪڻ لاءِ مديني ڏانهن ڊوڙيو. حضور اڪرم صہ ڪانسواءِ سيني سان مليو پر ڪيس ڪا اهميت نہ ملڻ تي نامراد ٿي موٽي آيو. ابوسفيان جي موٽڻ ڪانپوءِ جلدي پاڻ سڳورن صہ فوجي ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. حڪم جي دير هئي، پروانا گڏ ٿي ويا. هي لشڪر مديني مان نڪري مڪي ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن هي لشڪر مڪي کان ويهہ ميل پري هو تہ حضرت عباس پريشان ٿي ويو. مڪي وارا رت جي راند تي لهي آيا تہ ڏاڍا ماٺهو

مرندا. ڪنهن طرح مڪي وارن کي روڪجي. پاڻ، حضرت محمد ﷺ کان موڪل گهريائون ۽ مڪي وارن کي سمجهائڻ لاءِ روانا ٿيا. ابوسفيان کي به ان لشڪر جي پٺڪ پئجي وئي هئي. هو به فوجي صورتحال ڏسڻ لاءِ مڪي کان نڪتو. حضرت عباس رضہ خچر تي اچي رهيو هو.

"ابوالفضل ڪهڙي خبر کڻي آيو آهين؟"

"رسول الله ﷺ هڪ لک ماڻهن جو لشڪر وٺي اچي رهيا آهن."

"پوءِ صلاح ڏي ڇا ڪريون؟"

"مون سان گڏ نبي ڪريم ﷺ وٽ هل. مان ڪين تنهنجي جان بخش ڪرڻ لاءِ چوندس."

ابوسفيان ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ حضرت عباس سان گڏ خچر تي چڙهيو. هن جي سرداري، هن جو وقار خچر جي پيرن هيٺان چيپاڻجي رهيو هو. هن جو خچر مسلمانن وٽ پهتو ته ان مهل رات هئي. ان وقت حضرت عمر رضہ پهرو ڏيڻ وارن جي نگراني ڪري رهيا هئا ۽ سندن نظر حضرت عباس رضہ کان ٿي ابوسفيان تي پئي. رڙ ڪيائون ته "ابوسفيان! خدا جا دشمن! تون اسان وٽ بنا پڌائڻ جي آيو آهين."

حضرت عباس سندن اها ڪڙاڻ محسوس ڪئي ۽ سندن ارادو سمجهي پنهنجي خچر جو رخ نبي ڪريم ﷺ جي خيمي ڏانهن ڪيو. حضرت عمر رضہ به ڊوڙندا خيمي تائين پهتا. ٽئي گڏجي حضور ﷺ جي خيمي ۾ پهتا. حضرت عمر رضہ کي شايد اها خبر نه هئي ته حضرت عباس، نبي سائينءَ کان موڪل وٺي مڪي ويا هئا. ان لاءِ سندن زور هو ته اسلام جي وڏي ۾ وڏي دشمن جو ڏڙ سسيءَ کان ڌار ڪرڻ جي موڪل ڏني وڃي. حضرت عباس جو زور هو ته ابوسفيان سندن پناهه ۾ آهي. پاڻ سڳورن ﷺ ٽنهي کي اها هدايت ڏئي روانو ڪيو ته هو صبح جو ٻيهر اچن. صبح جو حضرت عباس، ابوسفيان کي هٿ کان وٺي حضور ڪريم ﷺ جي خيمي ۾ پهتا. پاڻ سڳورا ﷺ سندن انتظار ۾ ٻاهر بيٺا هئا. رحمت عالم ﷺ، ابوسفيان ڏانهن ڏسي چيو، "ابوسفيان ڇا تون نه ٿو ڄاڻين ته الله کانسواءِ ٻيو ڪو معبود ناهي؟"

هاڻ مون تي اها حقيقت چٽي آهي." ابوسفيان چيو، "انهن معبودن جو ڪو وجود هجي ها، جن تي منهنجو ايمان آهي ته ضرور هو منهنجي مدد ڪن ها."

"ڇا تون نه ٿو ڄاڻين ته مان الله جو رسول آهيان؟"

اُن تي هو ماٺ ٿي ويو. هن کي ياد آيو ته هو مڪي جو سردار آهي. مڪي وارا سندس عزت ڪن ٿا. "مونکي ڪجهه شڪ آهي." ابوسفيان جي دل جي ڳالهه وات تي اچي وئي. "ڏاڍو خراب ٿيندءِ ابوسفيان، اطاعت ڪر نه ته سر ويندءِ." حضرت عباس سرپاڻ ڪيو. "مان گواهي ٿو ڏيان ته محمد

صہ، الله جو رسول آهي.“ ابوسفيان تڪڙ ۾ چيو. حضرت عباس رضہ، الله جي رسول کان هن جي جان بخشڻ جو عرض ڪيو.

”حضور صہ! ابوسفيان ان لاءِ آيو آهي تہ ڪيس ڪا خاص اهميت ڏيندا.“

جيڪو بہ ابوسفيان جي گهر ۾ داخل ٿيندو، اهو محفوظ رهندو.“

ابوسفيان اهو اعزاز ڪٿي مڪي موٽي ويو. ابوسفيان جي اهڙي عاجزيءَ واري انداز مان لڳو پئي تہ مڪي ۾ داخل ٿيڻ مهل جنگ نہ ٿيندي ۽ ڪا مزاحمت نہ ٿيندي. ان هوندي بہ حضور صہ پنهنجي لشڪر کي چئن حصن ۾ ورهائي ڏار ڏار پاسن کان مڪي ۾ داخل ٿيڻ جو حڪم ڏنو. جنهن دستي کي اوپر کان داخل ٿيڻو هو، ان جي قيادت حضرت خالد ڪري رهيو هو. مڪي ۾ عام راءِ ابوسفيان جي حق ۾ هئي. مزاحمت جو ڪو ارادو نہ هو، پر عڪرمہ ۽ صفوان، قريش جي ۽ ٻين قبيلن جي اهڙن ماڻهن کي جمع ڪيو، جن کي عام ماڻهن سان اختلاف هو. هي ماڻهو عڪرمہ جي قيادت ۾ مسلمانن جو رستو روڪڻ لاءِ مڪي کان نڪتا. ڪين خالد جي دستي سان منهن مقابل ٿيڻو پيو. خالد رضہ کي ان کان اڳ ڪو تجربو نہ ٿيو هو. هو اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ هن جي آڏو سندس عزيز دوست عڪرمہ ۽ پيٽويو صفوان جاني دشمن ٿي بيٺا هئا. حضرت خالد رضہ، حضور ڪريم صہ جي هدايت تي جنگ ڪرڻ جي حق ۾ نہ هو. هن عڪرمہ کي سڏ ڪري دوستيءَ جو واسطو ڏنو، پر ان جي جواب ۾ عڪرمہ جي لشڪر تير هڻڻ شروع ڪري ڏنا. خالد ان ڪانپوءِ بہ وقتي ڏني. جڏهن قريش تير هڻڻ بند نہ ڪيا تہ پاڻ بہ قريش جي مورچي تي حملو ڪيائين. الله جي تلوار سان عڪرمہ جو ڪهڙو مقابلو؟ هڪ ننڍڙي جهڙپ کانپوءِ عڪرمہ ۽ صفوان ميدان ڇڏي ڀڄي ويا. قريش ڪمزور ٿي ويا ۽ خالد فاتح بنجي شان سان مڪي ۾ داخل ٿيو. خالد جي دستي کانسواءِ ٽي دستا بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ڪي ۾ داخل ٿيا. مڪي جي گهٽين ۾ ڊپ ڇانيل هو. ابوسفيان جي گهر ۾ گڏ ٿيندڙن کي تحفظ جي ضمانت ڏني وئي هئي. ان لاءِ ماڻهو هن جي گهر ۾ گڏ ٿي ويا هئا. حضور اڪرم صہ مڪي پهچندي ئي ڪعبي جو طواف ڪيو. مسجد ۾ پناهہ وٺندڙ قريش انتقام جي ڊپ کان ڏڪي رهيا هئا.

”اي قريش!....“ نبي ڪريم صہ جو آواز گونجيو. ”مون کي توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ گهرجي.“

”خير! اي ڪريم ۽ ڪريم جا پٽ، خير....!“

”وڃو! توهان کي معاف ڪيان ٿو.“ مڪي وارن لاءِ اهو اعلان اهڙو هو جو هنن کي ڪنن تي اعتبار نہ ٿي آيو. جيڪي ماڻهو هڪ قتل جي بدلي ۾ وستيون اجاڑي ڇڏيندا هئا. هڪ اهڙي انسان واتان معافيءَ جو اعلان ٻڌي رهيا هئا، جنهن کي تڪليف ڏيڻ لاءِ هنن

ڪو گس نہ ڇڏيو هو ۽ جنهن خلاف هنن تلوارون ڪنيون هيون. اڄ جيڪو چاهي ها تہ انتقام وٺي ها. ”سچ بہ محمد صہ الله جو رسول آهي،“ سيني هڪ آواز ٿي چيو. ڪعبي جي بتن کي ٽوڙڻ کانپوءِ پاڻ سڳورا صہ پاڙي جي وستين ڏانهن ويا. انهن وستين ۾ مندر هئا. بت هئا. عزيٰ کي، جيڪا ديوين ۾ سڀ کان اهم هئي، ڊاهڻ جو مسئلو آيو. پاڻ سڳورن صہ جي نظر خالد تي پئي. هي مندر مڪي ۽ طائف جي وچ واري شاهراهہ تي هو. خالد حڪم ملندي ئي ٽيهہ سوارن سان گڏ وادیءِ نخلہ پهتو. عزيٰ کي مخاطب ٿي چيو، ”عزيٰ مان تنهنجو ڪفر ڪيان ٿو. مون خدا کي، توکي ذليل ڪندي ڏٺو آهي.“ اهو چئي پاڻ نہ فقط عزيٰ کي ان جاءِ تان پٽي ڇڏيائون، بلڪ بت خانو تباهہ ڪري ڇڏيائون. مشرڪن جي فوج طائف ۾ قلعي بند ٿي ويهي رهي. جڏهن خالد موٽندي اتان لنگهيو تہ مشرڪن تير وسايا. خالد هتي بہ نهايت بهاديريءَ سان مقابلو ڪيو ۽ مسلمانن کي نقصان پهچڻ کان بچايو. اسلام جي دعوت لاءِ پرپاسي دعوتون موڪليون پئي ويون. حضرت خالد بہ اهڙو آزمايل سپاهي هو. هو اسلام جي خدمت لاءِ بيچين رهندو هو تہ پاڻ سڳورا صہ اها مهم خالد جي حوالي ڪن. خالد هر جاءِ تان سرخرو ٿي موٽيو پئي. اها اهڙي سعادت هئي، جنهن جو خواب هو هر روز ڏسندو هو. جنگ جو ميدان هن جي لاءِ عيش جي جاءِ هئي.

اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ اهي موقعا ڪيس گهٽا ملي رهيا هئا.

غزوه حنين، جنهن ۾ پاڻ سڳورا صہ پاڻ شريڪ هئا، لشڪر ۾ شامل قبيلو بنو سليم جي قيادت پاڻ سڳورن صہ خالد حوالي ڪئي. محبت جو اهو حال هو تہ جڏهن تاڙ ۾ ويٺل دشمن سان مقابلو ڪندي خالد زخمي حالت ۾ گهوڙي تان ڪري پيو تہ فتح کانپوءِ حضرت محمد صہ ڳولها ۾ پريشان ٿي فرمائي رهيا هئا تہ توهان مان ڪو اهڙو آهي، جيڪو مون کي خالد وٽ پهچائي. ماڻهو کين اتي وٺي ويا، جتي حضرت خالد رضہ زخمي حالت ۾ پيل هو ۽ اتي نہ ٿي سگهيو. پاڻ سڳورن صہ زخمن کي ڪجهہ پڙهي ڦوڪيو ۽ دعا گهري.

630هہ جي اونهاري جي مند ۾ اها خبر پهتي تہ رومين، شام ۾ فوج گڏ ڪئي آهي. نبي ڪريم صہ مسلمانن کي حڪم ڏنو تہ جنگ لاءِ تيار ٿيو. اهو اعلان مسلمانن جي ايماني جذبي جو اعلان هو. ڪجيون پڇي تيار ٿي رهيون هيون. منافق هميشہ اهڙن موقعن تي ٽال مٽول کان ڪم وٺندا هئا. هن دفعي بہ مسلمانن جا قدم ڏڪي رهيا هئا. بهرحال گهٽائيءَ ان سڏ جو سٺي نموني آڏرياءُ ڪيو. تبوڪ وٽ پهچي مسلمانن کي خبر پئي تہ رومي دستا دمشق پهچي ويا آهن. هاڻ اڳتي وڌڻ جي ضرورت ناهي. انهن عرب رئيسن مان جيڪي رومين جا حامي هئا، اڪيدر بن عبدالمالڪ هو تہ عرب پر

رومي اثر ڪري نصراني ٿي ويو هو. هن جي اسلام دشمنيءَ جو وڏو چرچو هو. هن کي شڪست ڏيڻ سولو نہ هو. هن کي شڪست ڏيڻ لاءِ حضور صہ جي نظر حضرت خالد رضہ تي پئي. جيڪڏهن ڪو اهو ڪم ڪري سگهي ٿو تہ اهو حضرت خالد بن وليد رضہ هو. خالد بن وليد رضہ چار سؤ سوارن جو دستو وٺي اڪيدر جو مٿو چٽڻ لاءِ هن جي علائقي "دومت الجندل" پهتو. چانڊوڪي جهڙي ڏرتيءَ تي چانڊوڪي گلن جيان وکريل هئي. چنڊ ان منظر کي ڏسڻ لاءِ بيتاب هو. خالد بن وليد رضہ پنهنجي فوج کي با فصيل ڳوٺ آڏو صفن ۾ بيهاريو هو. اڪيدر پنهنجي دوستن سان گڏ شڪاري هٿيارن سان گڏ گهوڙي تي سوار هو. ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو. هنن ڏينهن جي گرميءَ کان بچڻ لاءِ تات جو شڪار ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. هن کي ڪهڙي خبر تہ چنڊ ڇو چمڪي رهيو آهي؟ پٽ ٻاهران ڪير بيٺو آهي؟ هي ٻاهر جيئن نڪتا حضرت خالد پنهنجن ساٿين سان گڏ حملو ڪيو. خالد رضہ پاڻ اڪيدر تي حملو ڪري گهوڙي تان هيٺ ڪيرايو. هن جا ڪجهہ ساٿي مارجي ويا. ٻيا قلعي ڏانهن ڀڄي ويا. خالد جو مقصد پورو ٿي ويو. هن اڪيدر کي قيدي ڪري ۽ گهوڙو ڊوڙائيندو تبوڪ موٽي آيو. جتي پاڻ سڳورا صہ ترسيل هئا ۽ خالد رضہ جي ڪاميابيءَ لاءِ دعا گهري رهيا هئا. اڪيدر دربار نبوي صہ ۾ پهچي پنهنجي آزاديءَ لاءِ ڳري رقم ڏئي جان آجي ڪرائي. انهن جهڙين ٻين ڪيترين مهمن مان ڪاميابي ماڻڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صہ مڪي وڃڻ جو ارادو ڪيو. مڪي اچڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صہ اسلامي رياست کي مضبوط بنائڻ لاءِ ڪوشان ٿي ويا. انهن حالتن ۾ جنگ کان وڌ تبليغ جي ضرورت هئي. ان موقعي تي الله جي تلوار خالد بن وليد رضہ نئين شان سان ظاهر ٿيو. پيغمبر اسلام جي حڪم تي خالد قبيلي بنو حارث بن ڪعب کي اسلامي مذهب جي دعوت ڏيڻ لاءِ روانا ٿيا. نجران پهچي حارثہ بن ڪعب سان رابطو ڪيو ۽ هن جي قبيلي کي مسلمان ٿيڻ جي دعوت ڏني. سندن تقرير جو ايڏو اثر ٿيو جو ان قبيلي اسلام قبول ڪيو. خالد رضہ ان قبيلي سان گڏ رهي اسلامي طريقن جي تعليم ڏيندو رهيو ۽ جڏهن ڪيس اطمينان ٿيو تہ هو سڀ مسلمان ٿي ويا آهن تہ پاڻ، نبي ڪريم صہ کي خط لکيائون ۽ ڪين بنوحارثہ بن ڪعب جو وفد وٺي مديني اچڻ جي هدايت ڪئي.

حضرت خالد بن وليد رضہ جي اسلامي خدمتن ۽ تمام گهڻين قربانين ڪانپوءِ مسلمانن کي ڪجهہ امن نصيب ٿيو هو. اسلامي تاريخ خلافت راشده ۾ قدم رکيو. مسلمانن تي ڏکن جو پهاڙ ٽٽي پيو. پاڻ سڳورن صہ جي وفات دشمن قبيلن لاءِ مديني تي حملو ڪرڻ جو بهترين موقعو فراهم ڪيو. مسلمانن جي رت جا اجايل ۽ عزت ۽ شهرت جي بڪايل ماڻهن لاءِ مسلمانن

تي حملو ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. هرقل ۽ ان جون ماتحت عرب رياستون سڄي سامان سان مسلمانن کي چيپاڻڻ لاءِ تيار تي ويون. سڀ کان وڏ چالاڪ ماڻهو پنهنجي نبوت جو اعلان ڪري ان موقعي مان فائدو وٺڻ تي چاهيو. ماڻهن سوچيو تہ اسلامي رياست جو مضبوط ٿنيو ڪري پيو آهي. هاڻ مسلمانن ۾ اهو دم خم ناهي. اها هستي هلي وئي، جنهن جي چوڏاري سڀ پروانن جيان گڏ هئا. اهي ماڻهو سياسي ضرورتن ڪري مسلمان ٿيا هئا. پنهنجي دين ڏانهن موٽي رهيا هئا. ان وقت ضرورت ان ڳالهہ جي هئي تہ مسلمان جيڪي طاقتور هئا، پنهنجي وجود جو احساس ڏيارين. ان لاءِ هڪ پرخلوص ماهر جنگ ۽ بهادر سپهہ سالار جي ضرورت هئي. خوش قسمتيءَ سان خالد مسلمانن مان هو. جيڪو پنهنجي تلوار سان انهن فتنن جو مٿو چٽي سگهيو ٿي. جي ان مهل مسلمان ڪنهن ڪمزوريءَ جو شڪار ٿين ها تہ ڪوڙي نبوت جا دعويدار ڪامياب ٿي وڃن ها. خالد جي تلوار انهن ڪوڙن دعويدارن کي چٽڻ لاءِ مياڻ مان نڪري آئي. طليحہ نالي هڪ جادوگر جنگ احد ڪانپوءِ مسلمانن سان دشمني ڪرڻ ۾ رڌل هو. پاڻ سڳورن صہ جي وفات جي خبر ٻڌي هو پاڻ کي نئون نبي مڃائڻ لاءِ وڏيڪ جدوجهد ڪرڻ لڳو. بنو اسد جو سڄو قبيلو هن کي سردار ۽ نبي مڃي هن جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي ويو. عطفان ۽ مي قبيلي جا ماڻهو بہ طليحہ جي جماعت ۾ اچي ويا. هن جي ايڏي طاقت وڏي وئي جو وقت جي خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضہ، خالد بن وليد رضہ جي تلوار تي پروسو ڪندي ڪيس طليحہ جو سر قلم ڪرڻ جو فرض سونپيو.

ان مهل طليحہ جي هٿ هيٺ هڪ لک ماڻهو گڏ هئا. ان ۾ طي قبيلي جا ماڻهو بہ هئا. حضرت صديق اڪبر رضہ، حاتم طائيءَ جي پٽ عدي بن حاتم کي بہ خالد بن وليد رضہ سان گڏ روانو ڪيو. جيئن هو قبيلي وارن کي سمجهائي. جي هو نہ مڃين تہ انهن خلاف تلوار کنئي وڃي. عدي بن حاتم لشڪر سان گڏ اڳتي وڏي مخاطب ٿيو. پنهنجي ذهانت هوندي بہ قبيلي وارن کي متاثر ڪري نہ سگهيو. "جي توهان نہ ٿا مڃو تہ پوءِ اهڙي لشڪر جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو، جيڪو توهان کي تباهہ ڪرڻ ۽ توهان جون عورتون توهان کان کسڻ لاءِ اچي رهيو آهي. خالد بن وليد رضہ ان لشڪر جي اڳواڻي ڪري رهيو آهي." قبيلي کي شايد اها خبر نہ پئجي سگهي تہ عدي لشڪر سان گڏ آيو آهي. جيسين اسان پنهنجن پاڻرن، جيڪي طليحہ وٽ آهن، حفاظت سان نہ ٿا وٺي اچون، ان لشڪر کي اسان کان پري رک. طليحہ سان اسانجو معاهدو ٿيل آهي. اسان اهو معاهدو ٽوڙيو تہ هو اسان جي برادريءَ جي ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيندو يا انهن کي يرغمال ڪري پنهنجي قبضي ۾ رکندو. طليحہ سان لاڳاپو ختم ڪرڻ

کان اڳ انهن کي ڇڏائڻو پوندو. طي قبيلي جي ماڻهن سوچڻ کانپوءِ عدي آڏو پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. عدي بن حاتم ان سوال جو جواب ڏيڻ لائق نہ هو. ڪين اها مهلت ڏيڻ لاءِ خالد بن وليد رضہ جي موڪل گهربل هئي. هو خالد وٽ موٽي آيو ۽ سڄي ڳالهہ ڪيس ٻڌائي. "مان هنن کي ان شرط تي معاف نہ ٿو ڪري سگهان. انهن سان نرمي نہ ڪرڻ گهرجي. جن ايمان بدران ٻين شرن ڏانهن ڏيان ڏنو آهي."

"هاڻ هي ماڻهو لڄي آهن. عدي بن حاتم چيو. هي ماڻهو وقت گهري رهيا آهن ۽ مان ان کي وقت وجائڻ ٿو چوان. فقط ٽي ڏينهن ٽن ڏينهن کانپوءِ مان پنهنجي قبيلي وارن کي توهان وٽ وٺي ايندس. جيڪي توهان سان گڏجي وڙهندا." خالد جي مزاج ۾ جلدي هئي. خاص ڪري مرتدن لاءِ هو ڏاڍو سخت هو. هو چاهيندو هو تہ طي قبيلو ان وقت ڪو فيصلو ڪري ۽ هو انڪار جي صورت ۾ ڪين جهنم رسيد ڪري اڇتي وڌي ۽ طليحہ سان هڪ هڪاڻي ڪري. عديءَ جي گهڻو سمجهائڻ تي هو آخر انتظار ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويو. طي قبيلي جا ماڻهو جيڪي طليحہ جي مدد لاءِ وڃي رهيا هئا ۽ جيڪي ويا هئا، اهي سڀ موٽي آيا هئا. انهن سڀني کي ساڻ وٺي عدي بن حاتم خالد سان مليو. ان کانپوءِ جديد قبيلي جا هڪ هزار هاڻي سوار خالد وٽ پهچي ويا. اهڙيءَ طرح هنن وٽ ڪل اٺ هزار لشڪر هو. اهو تعداد طليحہ سان مقابلي لاءِ گهڻ نہ هو. خالد ان لشڪر سان طليحہ جي علائقي "بزاخہ" ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. جڏهن بزاخہ ۾ ڏينهن جي فاصلي تي رهجي ويو، خالد ٻن انصار مسلمانن کي خابرو ڪري اڇتي موڪليو ۽ پاڻ خابرن جو انتظار ڪرڻ لڳو. خابرو نہ موٽيا تہ خالد لشڪر کي اڇتي وڌڻ لاءِ چيو. رستي ۾ مسلمان لشڪر انهن ٻنهي مسلمانن جا لاش ڏٺا. اها ڳالهہ ظاهر هئي تہ اهي ٻئي طليحہ جي ور چڙهي ويا هئا. هاڻ خالد کي ڏاڍي ڪاوڙ هئي. طليحہ کي خبر پئجي وئي هئي تہ مسلمان اڇتي وڌي رهيا آهن. هن ميدان بزاخہ ۾ پنهنجي فوج کي بيهاريو ۽ پاڻ لشڪر پٺيان هڪ خيمي ۾ ويهي رهيو. هن مراقبي واري حالت ۾ ويهي اها ڳالهہ پڪيڙي تہ هو الله جي ملائڪ جبرئيل کان هدايت وٺي رهيو آهي. خالد جنگ جي ميدان ۾ پهچندي ئي دشمن جي مورچي تي حملو ڪيو. هنن بہ مقابلو ڪيو، پر خالد جي حڪمت عمليءَ جلدي هنن کي پڇڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. جڏهن حالتون وڌيڪ خراب ٿي ويون تہ طليحہ جو هڪ طاقتور مريد عيينہ بن حصن پنهنجو گهوڙو طليحہ جي خيمي ڏانهن ڊوڙايو. هيستائين جبرئيل اچي ويو هوندو. جنگ لاءِ ڪانہ

ڪا هدايت ضرور ملي وئي هوندي. ڇا توهان وٽ جبرئيل آيو آهي؟ عينيہ خيمي جو پردو کنيو. نہ! جنگ ۾ هليو وڃ. عينيہ گهوڙو ڦيرائي لشڪر ۾ موٽي آيو. ان وقت تائين خالد دشمن جي لشڪر جي قلب تائين پهچي ويو هو. عينيہ جا ساٿي مقابلو ڪري رهيا هئا. پر حالت اڃا وڌيڪ خراب ٿي وئي. عينيہ ٻيهر طليحہ وٽ وڃي پهتو. "ڇا جبرئيل توهان وٽ آيو آهي؟" طليحہ ٻيهر انڪار ۾ جواب ڏنو. هو پنهنجي فتح لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيا هئا، پر حالتون وڌيڪ خراب هيون. هو سوچي رهيو هو تہ هيءَ ڪهڙو نبي آهي، جنهن وٽ جبرئيل اچڻ ۾ ايڏي دير ڪئي آهي. هو تڪليف مان ماٿهن کي مرندي ڏسي رهيو آهي. خالد جي تلوار چئني پاسي چمڪي رهي هئي، رت پي رهي هئي ۽ اڄ نہ لهي رهي هئي. پوءِ هو ٻيهر طليحہ وٽ آيو ۽ ٽيون دفعو پڇيو، "توهان وٽ جبرئيل آيو؟"

"ها! ڇا چيو هن؟"

"هن چيو تہ تو وٽ بلڪل هن جي هٿ جهڙي ڇڪي آهي ۽ اڄ جو ڏينهن اهڙو آهي، جيڪو وساري نہ سگهندو. والله! اڄ جو ڏينهن نہ وساري سگهندين." عينيہ جو جواب سندس منهن تي ڦهڪايو ۽ ڊوڙندو قبيلي وارن وٽ پهتو.

"اي بنو فرازه! طليحہ ڪوڙو آهي. جنگ بند ڪيو." عينيہ پنهنجي قبيلي جي ماڻهن کي اهو چوندو رهيو. بنو فرازه هن جي سڏ تي لبيڪ چيو ۽ ميدان ڇڏيو. ڪجهہ ماڻهو طليحہ وٽ پهتا.

"توهان جو ڪهڙو حڪم آهي؟ جنهن کي جيئن وٺي، ائين ڪري پنهنجي جان بچائي."

"توهان ڇا ڪندا؟"

"اهو ڏسو تہ مان ڇا ٿو ڪريان؟" هو ڏاڍو ذهين ۽ هوشيا ماڻهو هو. هڪ گهوڙو تيار ڪري پاڻ ۽ زال کي ويهاري گم ٿي ويو. ڇڻ هتي ڪڏهن هئا ئي ڪونہ. هو شام جي سرحد ڏانهن نڪري ويو ۽ مڪعب قبيلي سان گڏ ترسي پيو. هن جي پڇندي ئي جنگ ختم ٿي وئي. حضرت خالد جنگ مان پڇندڙن پٺيان سپاهين کي روانو ڪيو. هنن کين پڪڙي ورتو. هن وڙهڻ کانسواءِ اسلام قبولي ورتو. حضرت خالد هڪ تيز دستو ساڻ ڪري طليحہ جي خاص مريد عينيہ پٺيان روانو ٿيو. سٺ ميل جي فاصلي تي عينيہ ويجهو پهتا ۽ کيس گرفتار ڪري ورتو. خالد بن وليد، عينيہ کي ٽيهہ ماڻهن سان گڏ زنجيرن ۾ ٻڌي دربار خلافت مديني روانو ڪري پاڻ بزاخہ موٽي آيو. ڪجهہ سرڪش قبيلن کي چٽڻ لاءِ بنو اسد قبيلي غير مشروط معافي گهري. ٻيا قبيلا بہ ان جنگ کان ڏاڍو ڊنل هئا. سڀ هڪ ٿي خالد سان اچي مليا.

هر طرف کان "اسان بيعت ڪريون ٿا،" جا آواز اچي رهيا هئا. حضرت خالد، بزاخہ ۾ ترسيل هو. هر پاسي کان قبيلا اطاعت لاءِ اچي رهيا هئا. عينيہ جي سوٽ سلمي عرف ام زبل اچا تائين ماٺ هئي. هن جي ماءُ ڪنهن جنگ ۾ مارجي وئي هئي. ان لاءِ هن انتقام وٺڻ چاهيو پئي. بزاخہ ۾ عمره جي جنگ مان پڇي ويندڙن مان هوازن ۽ بنو سليم قبيلي جا ڪجهہ ماڻهو ڪوهستان سلميٰ جي الهندي ڪناري ظفر وٽ مليا ۽ هيءَ عورت مسلمانن کان بدلو وٺڻ لاءِ آتي هئي. خالد هن کي موقعو ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو. بزاخہ کان ظفر پهچي ۽ اڳرائي ڪري دشمن تي حملو ڪيو. خالد ان کي سردار سمجهي رهيو هو. پر ڪيس اندازو ٿيو تہ هيءَ ڏاڍو ڏکيو مرحلو آهي. سلمي اٺ تي ويهي جنگي هدايتون ڏئي رهي هئي. هن جي اٺ چوڏاري هن جي فوج جا دلير سپاهي بيٺل هئا. جيڪي سلميٰ لاءِ جان بہ قربان ڪري ڇڏيندا. خالد ان نتيجي تي پهتو تہ جيسين هيءَ عورت اٺ تي سوار آهي، ان کي فتح ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هن کي قابو ڪرڻ ڏاڍو ضروري آهي.هن جي فوج کي هدايتون هن کان ملي رهيون آهن. پاڻ سپاهين جو دستو وٺي اٺ جي ويجهو پهتو. سلميٰ جي جانثارن کي مرڻ جي پرواهہ نہ هئي. تيرن جا اهڙا ڪمال ڏيکاريائون، جيڪي ڪنهن بہ جنگ ۾ ڏسڻ لاءِ نہ مليا هئا. سلميٰ جا جانثار هڪ هڪ ٿي ڪري رهيا هئا. آخرڪار خالد، سلميٰ جي اٺ ويجهو پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ تلوار سان اٺ کي ڪيرايو. ان سان گڏ اٺ جو ڪجاوو بہ ڪري پيو. سلميٰ کي قتل ڪيو ويو. هن جي ويجهو هن جي تابعدارن جا سوين لاشا وکريل هئا. مزاحمت جي اها جنگ خالد هتان هميشہ لاءِ دفن ٿي وئي. هاڻ خالد جي تلوار بني يربوع جي دردار مالڪ بن نويره جي سسي لاهڻ جو ارادو ڪيو. هر ماڻهو اسلام قبولي چڪو هو ۽ نبي ڪريم صہ کيس بنو حنظلہ جو سربراهہ مقرر ڪيو هو. هن جي اهم ذميواري زڪوات ۽ ٻيا هديہ گڏ ڪري مديني موڪلڻ هئي. هو پنهنجو فرض ديانتداريءَ سان ادا ڪندو رهيو. جيئن ئي حضرت محمد صہ جو وصال ٿيو، هن اهي سڀ اختيار موٽائي ڏنا ۽ چيو تہ "اي ابوحنظلہ! توهان پنهنجي مال جا پاڻ ذميوار آهيو." ان وقت کان وٺي هاڻي تائين هو ان شرط تي مسلمان رهڻ چاهيندو هو تہ هو زڪوات نہ ڏيندو. ان شرط ڪيس اسلام تان ڦرڻ وارن ۾ شامل ڪيو. ام سلميٰ کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ خالد بن وليد ان ڦرٽي گهرٽي ڏانهن وريو. جنهن جو مرڪز بطاح هو. حضرت خالد بن وليد جڏهن بطاح ڏانهن هلڻ جو حڪم ڪيو تہ سپاهين جي هڪ وڏي گروهہ اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ خالد اهو سوچيو بہ نہ هو تہ الله جي راهہ ۾ هلندڙقومن کي ڪير روڪي سگهي ٿو. "توهان ٽڪجي پيا آهيو يا ڊڄي ويا

آهيو يا اهو سمجهو ٿا تہ مالڪ بن نويره دين تان ڦرڻ وارن مان ناهي؟" خالد بن وليد انصار سپاهين کان پڇيو. جيڪي بطاح وڃڻ جي حق ۾ نہ هئا. "توهان جو منصوبو اسلامي خليفي جي هدايتن ۾ شامل ناهي. هن جي هدايت اها هئي تہ بزاخہ وٽ جنگ ڪجي ۽ ان علائقي کي اسلام تان ڦرڻ وارن کان پاڪ ڪجي. ان کانپوءِ اسان کي سندن هدايت لاءِ انتظار ڪرڻ کپي ها. ممڪن آهي تہ توهان کي خليفي جون اهي هدايتون هجن." "مون لاءِ هي هدايتون هيون تہ مان ڪافرن خلاف ڪارروائي ڪريان. هونئن بہ هن فوج جو سپہ سالار مان آهيان. مون کي حالتن جو توهان کان وڌيڪ اندازو آهي. اهڙو موقعو هٿ اچي جنهن بابت مونکي هدايت نہ هجي تہ بہ مان ان کي هٿ مان وڃڻ نہ ڏيندس. مالڪ بن نويره بطاح ۾ آهي ۽ مان هن سان جنگ ڪرڻ ويندس. توهانُ جي مرضي. مان توهانکي مجبور نہ ڪندس." خالد پنهنجي عهد تي قائم رهيو. هن انصار جي سپاهين کي مجبور نہ ڪيو ۽ انهن کانسواءِ بطاح روانو ٿي ويو. هن جي وڃڻ کانپوءِ انصار کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. "ٿي سگهي ٿو تہ هن وٽ خليفي جون هدايتون هجن. اسان کي خبر نہ هجي. اسانکي هن سان گڏ وڃڻ گهرجي ها. ڪيس ڪاميابي ملي تہ اسان ان کان محروم ٿي ويندا سين ۽ ڪين شڪست ملي تہ ان شڪست جي ذميداري اسان جي سر تي ايندي. ان لاءِ هن تيز رفتار گهوڙي سوار کي ڊوڙايائون تہ هو وڃي ڪين چوي تہ انتظار ڪريو. اسان اچون پيا. سوار پيغام پهچايو. ٿوري دير ۾ انصار بہ پهچي ويا. خالد هنن کي فوج ۾ شامل ڪري بطاح ڏانهن وڌيو. هو وڏي تياري ڪري بطاح پهتو هو تہ ڪين وڏي حملي کي منهن ڏيڻو پوندو. پر ڪين هڪ بہ سپاهي ڏسڻ ۾ نہ آيو. خالد جي ڊپ کان مالڪ پنهنجن سپاهين کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو هو ۽ پاڻ گهر ۾ لڪي ويو هو. جيڪو بطاح جي ڪجهہ فاصلي تي هو. شهرين در بند ڪري ڇڏيا هئا. سڄو علائقو سانت جي چادر ۾ ٻڌل هو. هاڻي خالد جي سپاهين کي ڪير روڪڻ وارو نہ هو. خالد بطاح تي قبضو ڪري ڪجهہ سوارن کي تيزيءَ سان ڳوٺاڻن علائقن ۾ ڦهلجي وڃڻ ۽ انهن مرتدن (بنو تميم) جي ڪٽنب سان وڙهڻ لاءِ روانو ڪيو. ٻئي ڏينهن ضرار بن الازور جي سربراهيءَ ۾ هڪ وفد مالڪ بن نويره جي گهر پهتو. مالڪ ۽ هن جي گهر واري ليلىٰ کي گرفتار ڪري خالد جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو. حضرت خالد پنهنجن ساٿين کان پڇيو تہ جڏهن توهان هن وستيءَ ۾ داخل ٿيا هئا، ان مهل ٻانگ ٻڌڻ ۾ آئي هئي يا نہ؟ ان جي جواب ۾ اختلاف ٿي ويو. ڪن چيو تہ ٻانگ ٻڌڻ ۾ آئي هئي تہ ڪن چيو تہ ٻڌڻ ۾ نہ آئي هئي. ان تڪرار ۾ شام ٿي وئي. سياري جا ڏينهن هئا. هن ان جو فيصلو ٻڌائڻ ۾ جلدي ڪرڻ نہ ٿي چاهي. ان لاءِ هن

پنهنجن سپاهين کي چيو تہ پنهنجا قيدي وٺي وڃو. صبح جو ڏٺو ويندو. جڏهن سپاهي مالڪ ۽ هن جي سپاهين کي، جيڪي هن سان گڏ گرفتار ٿيا هئا، وٺي وڃڻ لڳا تہ خالد وڏي آواز ۾ عربيءَ جي هڪ چوٽي چئي. جنهن جو ترجمو هيءَ هو تہ: پنهنجي قيديءَ کي گرم ڪريو. (يعني سيءَ کان بچايو) سپاهين ۾ ڪجهہ سپاهي ڪنعان جا بہ هئا. هنن جي ٻوليءَ ۾ ان چوٽيءَ جي معنيٰ هئي تہ پنهنجي قيديءَ کي قتل ڪريو. انهن سپاهين ان کي قتل جو اشارو سمجهيو ۽ ڪنڌ لوڏي نويره ۽ هن جي سپاهين کي وٺي ويا. ڪجهہ دير کانپوءِ رڙين جي آواز تي خالد بن وليد ٻاهر نڪتو. هن تي حقيقت ظاهر ٿي. مالڪ بن نويره کي ساٿين سان گڏ قتل ڪيو ويو هو. "خدا جيڪا ڳالهہ چاهيندو آهي، اها پوري ٿيندي آهي،" خالد چيو ۽ مٿي تي هٿ ڏئي ويهي رهيو. ڪيس مالڪ بن نويره جي قتل جو ڏاڍو ڏک ٿيو. پاڻ پنهنجي ڪجهہ دلي دوستن سان ان خواهش جو اظهار هن ريت ڪيائين تہ "منهنجي ڪري هي خاندان تباهہ ٿيو آهي. ان جو ازالو ائين ٿيندو جو مان مالڪ جي بيوه سان شادي ڪريان." حضرت ابو قتاده اها ڳالهہ ٻڌي رهيو هو. هو ان نتيجي تي پهتو تہ مالڪ بن نويره اصل ۾ ڪافر نہ هو. هو اسلام ڏانهن موٽيو هو. خالد هن جي سهڻي زال سان شادي ڪرڻ لاءِ مالڪ کي قتل ڪرايو. اها غلط فهمي ٻين اصحابين جي دل ۾ بہ پيدا ٿي، پر حضرت ابو قتاده ان مهل لشڪر ڇڏي مديني حضرت ابوبڪر رضہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. "ڇا ڳالهہ آهي قتاده؟ جنگ ختم ٿي يا تون شڪست جي ڪري پڇي هيڏانهن هليو آيو آهين؟ لشڪر تہ اڃا بطاح ۾ آهي! مان هڪ خاص اطلاع کڻي آيو آهيان. مالڪ بن نويره مسلمان هو. خالد هن کي فقط ان لاءِ قتل ڪيو تہ جيئن هن جي سهڻي زال ليلیٰ سان خالد شادي ڪري سگهي. اهو فقط الزام آهي يا حقيقت؟ مون پاڻ خالد کي چوندي ٻڌو آهي تہ هو هن جي بيوه سان شادي ڪندو. مان تحقيق ڪرڻ کانسواءِ تنهنجي ڳالهہ نہ مڃيندس. مون کي هن مهل فقط اها خبر آهي تہ تون سالار جي موڪل کانسواءِ فوج ڇڏي هليو آئين. پنهنجي محاذ تي جلد کان جلد وڃ." ابو قتاده بطاح موٽي آيو. هن ويندي ويندي اهو اطلاع حضرت عمر کي بہ ڏنو. هو مزاج جو تکو هو ۽ دين بابت سخت پڻ هو. هو ان وقت ئي حضرت ابوبڪر جي خدمت ۾ پهتو، "توهان قيادت اهڙي ماڻهوءَ جي حوالي ڪئي آهي جيڪو مسلمانن کي قتل ڪري ٿو. تنهنجو اشارو مالڪ بن نويره ڏانهن آهي تہ ٻڌ، هن نبي ڪريم صہ جي وصال کانپوءِ زڪوات جي رقم ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. پوءِ نبوت جي ڪوڙي دعويدار شجاع سان معاهدو ڪيو هو. هن جي دين تان ڦرڻ ۾ ڪو شڪ نہ هو." "خالد جي تلوار ظلم تي لهي آئي آهي. هن کي ٻيڙيون پارائي وطن آڻجي."

"خالد جي باري ۾ اهڙي ڳالهه نه ڪر. مان هن جي تلوار مياڻ ۾ نه وجهندس جنهن کي الله تعاليٰ ڪافرن خلاف مياڻ مان ڪڍيو آهي." حضرت ابوبڪر رضہ، خالد جي حق ۾ گهڻو ڪجهه ڳالهايو، پر حضرت عمر رضہ ضد ڪيو ته خالد کان قصاص وٺجي. آخرڪار حضرت ابوبڪر رضہ ان جي تحقيق لاءِ راضي ٿيو. خالد کي نياپو مليو ته مديني پهچي دربار ۾ حاضر ٿئي. خالد کي اهو سمجهڻ ۾ دير نه لڳي ته مديني ۾ بدگماني جي هوا هلي رهي آهي. ڪيس اهي غلط فهميون دور ڪرڻ لاءِ مديني جو سفر ڪرڻو پوندو. پاڻ سفر جي تياري ڪري مديني پهتو. اها اسلام جي برڪت هئي جو پنهنجي وقت جو هڪ عظيم جنگجو سپهه سالار، خليفي جي حڪم تي هليو آيو. حضرت خالد بن وليد رضہ ان شان سان مديني پهتو جو سندن عمامي تي تير سجيل هو. جنهن سان اڳا سونهن وڌي وئي هئي. جڏهن خليفي جي آڏو پهتو ته سندس نظرون ادب مان جهڪيل هيون. حضرت ابوبڪر صديق رضہ کانئن جواب طلب ڪيو. پاڻ شروع کان وٺي سڀ ڳالهه ٻڌائي. پاڻ گهڻي سوچڻ کانپوءِ ان نتيجي تي پهتا ته خالد جو ڏوهه ڪونهي. باقي غلط فهميءَ جي ازالي ۽ ماڻهن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو ته مالڪ جي وارثن کي خون بها ڀري ڏنو وڃي.

جنهن ڏينهن حضرت ابوبڪر رضہ يارنهن لشڪر مرتدن جي مقابلي لاءِ روانا ڪيا، ان ڏينهن ابوجهل جو پٽ عڪرمہ جيڪو ايمان آڻي مسلمان ٿيو هو، (ڪوڙي نبيءَ جي) دعوي ڪندڙ جي مقابلي لاءِ روانو ڪيو ۽ اهو حڪم به ڏنو ته جيسين وڏيڪ لشڪر نه پهچي، جنگ نه ڪجانءِ. ان ڪوڙي نبوت جي دعويدار جي طاقت جو ڪين اندازو هو ۽ پاڻ نه ٿي چاهيائون ته گهڻ طاقت سان هن تي حملو ڪجي. عڪرمہ پنهنجي لشڪر سان (مسيلمہ) جي علاڪي ۾ ترسي پيو. مقصد اهو هو ته مسيلمہ پنهنجي علاڪي مان نڪري نه وڃي ۽ ٻين جي مدد ڪري نه سگهي. اهو مقصد به پورو ٿي ويو. مسيلمہ آڏو مسلمان خظري جيان بيٺا هئا. هنن جي هوندي هو پنهنجي تاڪ کان ٻاهر نڪري نه ٿي سگهيو. حضرت ابوبڪر رضہ ان انتظار ۾ هو ته ٻيا مرتدن سان وڙهڻ لاءِ موڪليل جٿا موٽن ته هو عڪرمہ ڏانهن فوج رواني ڪري، جيئن هو پوري تياريءَ سان هن کي چٽي سگهي. خالد جي فتح جون خبرون عڪرمہ تائين پهتيون ته خالد، طليحہ کي شڪست ڏني هئي. سلميٰ قتل ٿي وئي هئي. مالڪ بن نويره جو قصو ختم ٿي ويو هو. قبيلن جا قبيلا هن جي جهنڊي هيٺ گڏ هئا. الله جي تلوار فتح جي سڃاڻپ بنجي وئي هئي. عڪرمہ اهي خبرون وڏي رشڪ سان ٻڌي رهيو هو ۽ سوچي رهيو هو ته سڄو فخر ۽ شان خالد رضہ کي حاصل ڇو ڪرڻ ڏجي. جي هن مسيلمہ کي شڪست ڏني ته ٻين ماڻهن جون ڪاميابيون ڪمزور ٿي ويندیون ۽ خليفي لاءِ اها خبر اميدن جي ابتڙ هوندي. (هلندڙ)

پتي

امر جليل

امر جليل جي قلم مان نڪتل هڪ شاهڪار لکڻي جيڪا هڪ رواجي آفيسر جي هلت چلت بابت لکيل آهي. اهو آفيسر پهرئين ته تُرم خان هو پر جڏهن آفيسر ٿيو اهو ڪيئن بدلجي ويو، جنهن جو حال احوال عظيم ليکڪ جي ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا. اهڙيون ڪهاڻيون ان وقت سرجنديون آهن جڏهن هڪ حساس اديب معاشري جي ڪرندڙ حالتن کي ڏسي ڪري اندر جي آواز تحت لکندو آهي. هڪ اڻ وسرجندڙ يادگار ڪهاڻي.

احوال اسان جي بگڙيل معاشري جي هڪ آفيسر جو، جيڪو ڇا مان ڇا ٿي ويو.

امان مون کي اڌ رات جو ننڊ مان جاڳايو. ڊنل هئي. سڙهاڻن ۾ چيائين، "ٻاهر اگڻ ۾ نم جي ڏار تي هڪ پوائنٽو پڪي ويٺو آهي."

پاسو ورائيندي چيم، "ڇهرو هوندو. تون مانڙي ڪري سمهي پئ."

چيائين، "ڇهرو ناهي."

"ڇهرو ناهي، ته پوءِ ڇهري جو مائٽ

هوندو.“ پڪي ننڊ مان جاڳايو هئائين. اک نہ پئي ڪلي. چيم، ”مونکي سمهڻ ڏي، امان.“

”سمهڻ ڪيئن ڏيانءِ!“ امان مونکي ڏونڌاڙيندي چيو، ”ٻاهر نم جي ڏار تي هڪ پوائنٽو پڪي ويٺو آهي.“

انهن ڏينهن ۾ مونکي وڏين سفارشن کان پوءِ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو نوڪري ملي هئي، ۽ سا به پاپوليشن پلاننگ ڪاتي ۾ جنهن جو اصلي، يعني جنرڪ نالو فيملي پلاننگ ڪاتو آهي. جيئن تہ مان پهريون دفعو آفيسر ٿيو هوس، تنهنڪري مون ”روميو جوليٽ“ پائوڊر جو وڏو ڊبو خريد ڪيو هو. رات جو سمهڻ کان اڳ بدن کي پائوڊر سان پيوت ڪري ڇڏيندو هوس، ۽ پوءِ ڪنهن سهڻي من مهڻي ليڊي هيلٿ وزيٽر جي باري ۾ سوچيندي سمهي پوندو هوس.

جنهن رات اسان جي اڳڻ ۾ نم جي ڏار تي هڪ پوائنٽو پڪي اچي ويٺو هو، ۽ جنهن وقت امان مون کي ننڊ مان جاڳايو هو، تنهن وقت مان غزالي نالي هڪ ليڊي هيلٿ وزيٽر جي باري ۾ خواب ڏسي رهيو هوس. خواب ۾ هوءَ ايگزيڪيوٽو آفيسر سان سير سپاٽا ڪري رهي هئي، ۽ مان الغوزي تي لوڪ ڌن وڄائي رهيو هوس. امان مونکي ننڊ مان جاڳايو. خواب ٽٽي پيو. امان جي اها حرڪت مون کي بي واجبي لڳي. دل ۾ آيو تہ سمجهائي ڇڏيانس، تہ سنڌي آفيسر کي ننڊ مان نہ جاڳائبو آهي- مان نہ فقط تنهنجو پٽ آهيان، پر وڏين سفارشن کان پوءِ آفيسر ٿيل بہ آهيان. پر دل جي ڳالهہ زبان تي نہ آندم، پاسو ورائي چڏيم.

امان منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وجهندي چيو، ”عجيب انسان آهين، ٻاهر نم جي ڏار تي هڪ خوفناڪ پڪي ويٺو آهي، ۽ تون پاسو ورائي ننڊ پيو ڪرين!“

”اوهو. تون تہ مونکي اجايو پريشان پئي ڪرين!“ بيزار ٿيندي چيم، ”اهو پڪي چهرو هوندو، چهري جو ويجهو مائٽ چمڙو هوندو. يا خليفي هارون رشيد جو چمڙا پوش روح هوندو.“

”نہ، نہ“ امان وراڻيو، ”نہ چهرو آهي، ۽ نہ چمڙو. ڪو بيحد پوائنٽو پڪي آهي.“

”هڪ ٽنگ تي بيٺو آهي ڇا؟“

”نہ!“

”پلا تقرير پيو ڪري ڇا؟“

”نہ.“

”تہ پوءِ يقين ڪر، نم جي ڏار تي ويٺل پڪي ڪنهن بہ صورت ۾ پوائنٽو ناهي.“ امڙ کي سمجهائيندي چيم، ”تون مانڙي ڪري سمهہ رهہ.“

امان جي ننڊ اڏامي ويئي هئي. هوءَ ڪمري جي دريءَ مان ٻاهر اڳڻ ۾ بيٺل نم جي وڻ ڏانهن نهارڻ لڳي، جنهن جي ڏار تي هڪ پوائنٽو پڪي ويٺل نظر آيو هو.

مون امان کي چيو. ”اڳڻ واري بتي وسائي ڇڏ. اوندهہ ۾ توکي نہ وڻ نظر ايندو، ۽ نہ اهو ڏار نظر ايندو، جنهن تي تو هڪ پوائنٽي پڪيءَ کي ويٺل ڏٺو

آهي."

"مون پوائنٽو پڪي ڏسي ورتو آهي." امان دريءَ وٽان موٽندي چيو. "اوندهه ڪرڻ کان پوءِ به مونکي ان پڪيءَ جي موجودگيءَ جو خيال ايندو رهندو."

"تون وهمي آهين." مان اٿي ويهي رهيس. پڇيومانس، "پوائنٽي پڪيءَ کي ڇا ڪريان؟"

امان وڏي اچي منهنجي سامهون بيٺي. مون ڏانهن چتائي ڏسڻ لڳي. هن ڪجهه دير تائين نه ڳالهايو. مون ڏانهن ڏسندي رهي. سندس گهور مون کي گهائڻ لڳي. مان بيچين ٿيڻ لڳس. منهنجي اندر ۾، شعور ۽ لاشعور جي تهن هيٺان ڪجهه ميڻ وانگر رجڻ لڳو.

مون پنهنجي بيچيني لڪائڻ لاءِ امان کان پڇيو، "ٻڌاءِ نه. مان پوائنٽي پڪي کي ڇا ڪريان."

امان جواب نه ڏنو.

اوچتو هوءَ مون کي اجنبيءَ ۽ اوپري عورت نظر اچڻ لڳي. ٻاهرين اوندهه، ۽ رات جي خاموشيءَ ۾ هوءَ پراسرار روح وانگر محسوس ٿيڻ لڳي. ڪو اڻڄاتل خوف منهنجي وجود ۾ داخل ٿيڻ لڳو. تڏهن مون امان جو آواز ٻڌو.

چيائين، "پڪي کي ماري ڇڏ."

"پڪيءَ کي ماري ڇڏيان!" مون کان ڇرڪ نڪري ويو. مان اٿي بيهي رهيس، ۽ اچرج مان امڙ ڏانهن ڏسڻ لڳس.

"ان پڪيءَ تاريخ جي هر دوڙ ۾ توکي دوکو ڏنو آهي." امان چيو، "هيءُ آخري موقعو اٿئي، وڻ تي ويٺل پڪي ماري ڇڏ."

"امان، ڳالهه ٻڌ." مون ماحول جو طلسم ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، "منهنجو ڏند ڪٽائن ۽ جنن پوتن ۾ ڪو اعتبار ڪونهي."

امان جي منهن ۾ گهنڊ پئجي ويو. پروون تڻجي ويس. هوءَ اک ڇنيڻ بنا مون ڏانهن ڏسندي رهي.

چيائين، "تاريخ ڏند ڪٽا نه آهي، منهنجا بيوقوف پٽ. تاريخ ماضيءَ جو عبرتڪدو، ۽ آئيندي جو سونهون آهي."

"ان پڪيءَ جو تاريخ سان ڪهڙو واسطو آهي؟"

"جيڪو تنهنجو ۽ منهنجو آهي."

"مون کي تنهنجي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي. مان سمهان ٿو."

"جڏهن به اهو پڪي نظر آيو آهي، تڏهن تو نند ڪئي آهي." امان چيو، "هيءُ فيصلو ڪندڙ آخري دوڙ پيو هلي، توکي پڪيءَ کي مارڻو پوندو، يا پڪي توکي ماري ڇڏيندو."

امان جي ڳالهه ٻڌي مون کي حيرت ٿي. امان جي عمر اسي سال هئي. دل ۾ سوچيم، چوندا آهن اسي مت کسي، امان کي شايد خفخان ٿي پيو آهي، تنهن ڪري وڦلي پئي.

"توکي ان پڪيءَ کي مارڻو پوندو." امان الماڙيءَ ڏانهن وڌي ويئي. الماڙيءَ جا طاق کولي دونالي بندوق ڪڍي آئي. بندوق ۾ به ڪارتوس پري. مون کي ڏيندي چيائين، "وڃ، پڪيءَ کي وڃي ماري ڇڏ."

مون بندوق وٺي امان ڏانهن ڏٺو. پڇيومانس، "پڪيءَ کي مارڻ سان

منهنجي نوڪري خطري ۾ ته نه پوندي؟ وڏين سفارشن کان پوءِ ته نوڪري ملي آهي!“

امان اتلي پئي. ڪنبندڙ هٿن سان بندوق مون کان کسي ورتائين، ڪجهه ڪاوڙ ۽ ڪجهه ملامت واري لهجي ۾ چيائين، ”تاريخ جي ڪنهن به دوڙ ۾ تون ايترو ڇسو، وائڙو ۽ بيوقوف نه هئين، جهڙو هن دوڙ ۾ آهين. آهين ته منهنجو ئي پٽ، پر مون کي تنهنجي غيرت تي شڪ ٿيڻ لڳو آهي.“

منهنجي ننڊ ڦٽي ويئي، مان توائي ٿي امان ڏانهن ڏسندو رهيس.

امان اگڻ ڏانهن ويندي چيو، ”پوائنٽي پڪيءَ کي مان ٿي ماريان. اڄ کان پوءِ تون ٻانهيون پائي ڇڏجانءِ.“

امان ڪمري مان نڪري ويئي، ۽ وڃي وڃ اگڻ ۾ بيٺي.

مان ڊوڙندو، سندس پويان وڃي بيٺس. امان وڃ اگڻ ۾ بيٺي هئي. بندوق جو قنداق ڪلهي سان لڳائي نم جي ڏار جي چشت ورتي هئائين.

جنهن تي ڪو خوفناڪ ۽ پوائنٽو پڪي ڏنو هئائين.

مون پڪي ڏانهن چتائي ڏٺو. منهنجي حيرت جي ڪا حد نه رهي.

امان جنهن پڪي کي پوائنٽو پانيو هو، سو پڪي ڳيرو هو.

مون بندوق جي نالئ ۾ هٿ وجهندي امان کي چيو، ”نم جي ڏار تي ويٺل پڪي ڳيرو آهي. ڳيرو، امن جو پڪي آهي. امن جي علامت آهي.“

”اهو پڪي اسان لاءِ سپ کان پوائنٽو پڪي آهي.“ امان بندوق ڇڏائيندي چيو، ”اهو پڪي اسان جي وجود جو ويري آهي، مان ڪيس ضرور ماريندس.“

ان کان اڳ جو امان گهوڙي تي زور ڏيئي ڪارتوس ڇوڙي ڇڏي، مون هٿ وڌائي اگڻ جي بتي وسائي ڇڏي. هڪدم گهڻو اونده ڇائنجي ويئي.

”اهو ڇا ڪيئه. بيوقوف!“ امان رڙ ڪئي.

اونده ۽ خاموشي ۾ مون پڪيءَ جي پرواز جو پڙڪو ٻڌو. پڪي اڏامي ويو.

مون بتي ٻاري ڇڏي. امان ڏڪ، ڪاوڙ ۽ ارمان وچان چيو، ”اهو ڇا ڪيئه، اهو ڇا ڪيئه!“

مون ڪيس سمجهائيندي چيو، ”هيءُ ڏاڍو حساس علائقو آهي. بندوق جو آواز ٻڌي جڳ جاڳي پوي ها، ۽ پوءِ منهنجي نوڪري خطري ۾ پئجي وڃي ها. وڏين سفارشن کان پوءِ ته مان آفيسر ٿيو آهيان.“

امان بندوق مان ڪارتوس ڪڍي اڇلائي ڇڏيا. خالي بندوق مون کي ڏيندي چيائين، ”مان توکي پاراتو نه ٿي ڏيان پٽ، پر مان محسوس ٿي ڪريان ته ڪجهه عرصي کان پوءِ تون لولو لنگڙو ٿي پوندين، تڏهن هيءُ بندوق لٽ بدران استعمال ڪجانءِ.“

مون نم جي ڏار ڏانهن ڏٺو. مون کي خوشي ٿي ته پڪي صحيح سلامت اڏامي ويو هو. ☆

طنز و مزاج

حليم بروهي

سنڌي ثقافت ۾ عورت جي حيثيت سدائين بلند ۽ مقدس رهي آهي. جتي به ڪا عورت نظر ايندي آهي ته واتهڙو وات وساري مقدس نظرن مان ڪيس تيستائين گهوري ڏسندا رهندا آهن جيستائين يا عورت غائب ٿئي، يا دفع ٿئي، يا غرق ٿئي، يا سندن پنهنجا منهن اڳيان ايندڙ ٽانگي يا ماڻهوءَ ۾ ٽڪا ٽين

سماج ۽ عورت

(ڪي بنيادي حقيقتون)

سنڌيءَ ۾ مزاحيه ادب جي بهترين تخليق ڪار جي چوندڙ لکڻي جنهن سان زندگي ته ڇا موت به بار بار مذاق ٿو ڪري!

عورتون سماج جو اهم جزو آهن. جنهن سماج ۾ عورت نه هوندي تنهن ۾ ماڻ هوندي.

عورت کان سواءِ سماج لولو، لنگڙو ۽ انڌو آهي. عورتن کي گهرجي ته گهڻي تعداد ۾ سماج ۾ داخل ٿي سماج کي زور وٺائين.

سماج ۽ سس، ساڳي حرامپائي جا ٻه نالا آهن. سماج ازل کان ظالم آهي. نٿانون سماج کان ٻاهر هوندي به

سماج ۾ دخل انداز ٿيندیون رهنديون آهن. نٽانن جو خيال آهي ته هو پاڻ به سماج جو حصو آهن، پر سماج سڀ ڪجهه سمجهي ٿو. لوهار جا سوءِ ڏڪ، سماج جو هڪڙو ڏڪ. نٽانن کي گهرجي ته پنهنجي ڇنگهه سماج جي معاملن ۾ نه اڙائين.

گذريل ڪجهه سالن ۾ عورتن جا ترقي ڪئي آهي تنهن سماج کي منجهائي ڇڏيو آهي. سماج گهبرائجي وائڙو ٿي ويو آهي. هي قدرت جو قانون آهي. سماج ۾ برداشت جو مادو ڪجهه وڌيڪ هئڻ گهرجي.

عورت کي سماج کان ڌڇڻ نه گهرجي، سماج به اسان جهڙو انسان آهي.

جتي عورت آهي اتي سماج آهي، ۽ جتي سماج آهي اتي عورت آهي. سو سماج سان وئل آهي.

تعليم نسوان:

تعليم نسوان تعليم جو هڪ خاص قسم آهي، جيڪو عورتون واپرائيندیون آهن. مرد هن معاملي ۾ عورتن کان گهڻو پوئتي آهن، جنهنڪري مرد اڃا تائين جهالت جي اوندهه ۾ غرق آهن. جيڪڏهن مردن تعليم نسوان حاصل نه ڪئي ته جلد نيست و نابود ٿي ويندا.

تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ جيڪو حشر عورتون پنهنجي تعليم جو ڪندیون آهن تنهن کي به تعليم نسوان چئبو آهي. تعليم نسوان جو بهترين مظاهرو شادين مرادين ۾ ٿيندو آهي. لپ اسٽڪ، روج، ۽ پائوڊر تعليم نسوان جو اهم جزو هئا، پر هاڻي تعليم نسوان ۾ پنهنجو مقام وڃائي ويٺا آهن. تعليم نسوان ۾ آءِ لئشز ۽ آءِ بروز جو پنهنجو مقام آهي. تعليم نسوان سان آراسته عورت سماج ۾ پري کان پڌري هوندي آهي.

عورت آفيس ۾:

هزار سال اڳ عورت جو مڻ مقام ۽ بڻ بڻياد رڌڻو هو، پر اڄ جي عورت آفيسر بنجي وڏا وڏا ادارا هلائي رهي آهي، ۽ اهڙيءَ ڪاميابيءَ سان جو مرد به حيران آهن. خاص ڪري سندن پنهنجا مرد ته منجهي پيا آهن ته پنهنجو ڪم ڪار ڪن يا پنهنجين زالن لاءِ ڊرافٽ ۽ تقريرون لکن. پر اهڙين ننڍين ۽ خصيص ڳالهين سان اڄ جي عورت دل شڪسته نه ٿي آهي.

سائنس جي ميدان ۾:

دنيا جون وڏيون ايجادون جيڪي سائنسدان عورتن ڪيون آهن، سي آهن، ائٽم بم، هئڊروجن بم، نيوٽران بم ۽ غرارو، ۽ هي سڀيئي شيون سائنسدان عورتن پنهنجي مردن جي مدد کان سواءِ ايجاد ڪيون. اهو فقط اتفاق آهي ته سائنس جي تاريخ ۾ فقط هڪ عورت مئڊم ڪيوري جو نالو آهي جنهن ريڊيم ڳولهيو هو، ۽ هيءَ به فقط اتفاق هو ته سندس مڙس به ساڳي لئبارٽري ۾ ئي سائنسدان هو.

سنڌي ثقافت ۾ عورت جي حيثيت:

سنڌالاجي جي تحقيقاتي شعبي مطابق "سنڌي ثقافت ۾ عورت جي حيثيت سدائين بلند ۽ مقدس رهي آهي. جتي به ڪا عورت نظر ايندي آهي ته واٽهڙو واٽ وساري مقدس نظرن سان ڪيس تيستائين گهوري ڏسندا رهندا آهن جيستائين يا عورت غائب ٿئي، يا دفع ٿئي، يا غرق ٿئي، يا سندن پنهنجا منهن اڳيان ايندڙ ٽانگي يا ماڻهوءَ ۾ ٽڪا ٿين." پر سنڌي ادبي بورڊ جي تحقيقاتي شعبي مطابق "سنڌي ثقافت ۾ عورت جي حيثيت بلند ۽ مقدس فقط ان ڪري آهي جو جي چئون تا ته بلند يا مقدس ناهي ته پادر ٿيون ڪٿن. پر جي فقط پادر ڪٿن ته به ٺيڪ آهي پر مصيبت هيءَ آهي ته پادر ڪٿيو هٽيو ڪين. پر جي فقط پادر ڪٿيو هٽيو ڪين ته به ٺيڪ آهي پر مصيبت هيءَ آهي ته وري چون ٿيون ته پادر ڪٿي ڏي. پادر ته ڪٿي به ڏيون پر مصيبت هيءَ آهي ته وري هٽيو ڪين."

سنڌ عجائب گهر جي ڊائريڪٽر پاڻ پنهنجي تحقيقاتي مضمون ۾ لکيو آهي ته: به هزار سال قبل از مسيح جي زماني جي هڪڙي زناني هڏائين پڇري هڪڙي ڏينهن اهڙي زوردار لپاٽ هڪڙي مرداني هڏائين پڇري کي هئين جو لپاٽ جو ٽڪاءُ عجائب گهر جي آفيس ۾ ڪلارڪن به ٻڌو. ۽ ڪلاڪ کان پوءِ اهي ٻئي هڏائو پڇرا وري پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ ٿيو وينا هئا." ڊائريڪٽر صاحب پاڻ پنهنجا تاثرات قلمبند ڪندي لکي ٿو ته "صاف ظاهر هو ته اهي به هڏائو پڇرا قديم زماني ۾ پاڻ ۾ زال مڙس هئا جو اهو لقاءُ ڏسي مون کي پل ائين محسوس ڪيو ته جيئن مان پنهنجي گهر ۾ هجان!" پوءِ ڊائريڪٽر صاحب شايد گهران صلاح مشورو ونڻ کان پوءِ لکي ٿو ته "اهي به هڏائو پڇرا قديم زماني ۾ يقينن پاڻ ۾ زال مڙس هئا جنهن مان وڌيڪ ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي معاشري ۾ هزارين سال اڳ به عورت جي حيثيت اڄ وانگي ئي بلند ۽ مقدس هئي."

سو اديون، اهي ته ٿيا سنڌ جي ٽن عظيم ۽ قديم ادارن سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ عجائب گهر جا ٿوس تحقيقاتي رايا. هاڻ ڏسون ته اسان جي پنهنجي ٽنڊڻ جهڙي پياري سماجي تنظيم سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي اسان پينرن بابت ڇا راءِ آهي. هن سدا بهار تنظيم جي پنهنجي پڌرنامي ۾ سنهري اکرن سان لکيل آهي ته "جيڪڏهن سنڌي ثقافت کي ائين غور سان ڏسبو جيئن ننڍڙا ٻار ٽنڊڻ کي ڏسندا آهن، ته معلوم ٿيندو ته جڏهن سنڌي ثقافت وجود ۾ آئي تڏهن عورت ان ۾ اڳيئي ٽنڊڻ جيان موجود هئي. ۽ پوءِ جيئن جيئن سنڌي ثقافت وڌي ٿيندي وئي، تيئن تيئن عورت به ٽنڊڻ جيان وڌي ٿيندي وئي. ۽ آخر اهڙو به ڏينهن آيو جڏهن عورت ٽنڊڻ وانگي ثقافت کان به وڌي ٿي وئي ۽ ثقافت ٽنڊڻ جهڙي شڪل اختيار ڪري وئي.

۽ هن سڄي ڏماڇوڪڙي جو نتيجو هيءَ نڪتو جو سنڌي عورت ڪجهه پنهنجي نئڙت سان، ڪجهه پنهنجي حليمت سان، ۽ گهڻو ڪري پنهنجي داداگيري سان سنڌي ثقافت ۾ اهڙي حيثيت وٺي وئي آهي جهڙي ٻارن جي نظرن ۾ ٽنڊڻ جي آهي.“ پوءِ ساڳئي پڌرنامي ۾ اڳتي لکيل آهي ته ”پر جي عورت کي ائين غور سان ڏسبو جيئن ننڍڙا ٻار ٽنڊڻ کي ڏسندا آهن، ته هڪدم احساس ٿيندو ته سنڌي ثقافت ۾ عورت جي صحيح ۽ اصلي حيثيت هڪڙي اهڙي نهايت بلند ۽ مقدس ٽنڊڻ جهڙي آهي جنهن کي سنڌي ثقافت ائين غور سان ڏسندي آهي جيئن ننڍڙا ٻار ٽنڊڻ کي ڏسندا آهن.“

سو پيئر، سبق حاصل ٿيو ته سنڌي ثقافت ۾ عورت جي حيثيت ٽامي ۽ پٿر جي زماني ۾ به نهايت بلند ۽ مقدس هئي. سو اديون ان بلند حيثيت جو ئي نتيجو آهي جو پاڻ فلم گئلري ۾ ويهي ڏسنديون آهيون ۽ ان مقدس حيثيت جو ئي نتيجو آهي جو پاڻ پنهنجن مڙسن سان سندن مائرن وارو ورتاءُ ڪنديون آهيون، يا اهي وري ثابتيون آهن پنهنجي بلند ۽ مقدس حيثيت جون؟

حيدرآباد جي معاشري ۾ عورت جو مقام:

حيدرآباد شهر جي معاشري ۾ عورت جا دراصل به وڏا مقام آهن. هڪڙو مقام ٽنڊي يوسف واري رستي تي آهي، جنهن کي ٽنڊي يوسف وارو قبرستان به چئبو آهي، ۽ ٻيو مقام جيمخاني يا هل ٽاپ سئنيما جي پاسي واري لاهيءَ کان پوءِ لطيف اباد واري رستي تي ريلوي ڦاٽڪ کان پهرين آهي، جنهن کي صدر وارو قبرستان يا اميدن ڀريو قبرستان به چئبو آهي ڇو ته جنهن به عورت کي هن قبرستان ۾ دفنائبو آهي تنهن عورت جو مرد پنهنجي اها آخري اميد پوري ٿيندي ڏسي خوشيءَ ۾ جهومر هڻي نچندو آهي.

علامن (گهڻا علامه)، علمن (گهڻا علماءَ)، ۽ الائن (گهڻا ڊاڪٽر الائا) جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته حيدرآباد جي معاشري ۾ عورت جو مقام نه صرف عظيم آهي بلڪ بلند به آهي، پر حقيقت هيءَ آهي ته مٿي ڄاڻايل به وڏا مقام ورهن کان سيم ۽ ٿور جو شڪار ٿي واٽر لاڳڻ ٿي چڪا آهن، جتي عورتن کي دفنائڻ بدران ٻوڙبو آهي ۽ پوءِ خوش ٿبو آهي ته دفنائي آيا آهيون ڇو ته عورتن کي هونئن به ٻوڙڻ ئي گهرجي. عورتن کي جيڪڏهن سندن جيئري ئي ٻوڙجي ها، ته جيڪر ڪهڙو نه چڱو!

سئيٽر الائن:

ٿي، وي ٿي ان جا اشتهار خيال سان ڏسي ڪنهن سٽي اَن جا چار گولا ڊاٽرس هوَ قسم جي دڪان تان خريد ڪجن ۽ به سرايون به ساڳئي دڪان تان يا پاسي واري دڪان تان وٺجن ته جيئن پاسي واري دڪان جي به خبر پوي ته هلي پيو يا اتي ئي بيٺو آهي.

جي ڏسجي تہ دڪان هلي پيو تہ هڪدم ٽپ ڏيئي دڪان تان لهي وڃجي تہ متان پري نہ هليو وڃجي. پوءِ هڪ سرائيءَ ۾ ان جي هڪڙي گولي جو سرو ٻڌي انهيءَ ڳنڍ مان ٻي سرائي لنگهائي تڪڙو تڪڙو ڳالهائڻ لڳجي. جيترو تڪڙو ۽ گهٽو ڳالهائبو اوترو ئي تڪڙو سئيٽر نهندو. جي ڳالهائڻ ۾ عقل جو ذرو بہ داخل ٿي ويو تہ سئيٽر جو خانوخراب ٿي ويندو. اهوئي سبب آهي اديون جو مرد سوئيٽر نہ اٽي سگهندا آهن. مڻا ماريا هر ڳالهہ ۾ عقل کان ڪم وٺندا آهن. سو سئيٽر جي معاملي ۾ اسان جا محتاج آهن.

دراصل اسان عورتن جي فزيالاجي ڪجهہ اهڙي قسم جي آهي جو اسان جي وات جو سڌو تعلق اسان جي آڱرين سان آهي. جنهن ڪري جيترو تڪڙو ۽ گهٽو ڳالهائيندين آهيون اوترو ئي تڪڙو پنهنجون آڱريون هلنديون آهن جن ۾ جي سئيٽر ناهڻ جون سرايون هونديون تہ سوئيٽر پاڻمرادو آٽوميٽيڪلي خودبخود تڪڙو نهندو هلندو ۽ پاڻ کي هوش تڏهن ايندو آهي. جڏهن پنهنجو ڳالهائڻ اٽڪڻ لڳندو آهي. جو ان جو گولو ختم ٿي ويو هوندو آهي. پوءِ پاڻ ٻيو گولو سرائيءَ سان ڳنڍي وري ڳالهائڻ شروع ڪنديون آهيون ۽ ائين آخر جڏهن چوٿون گولو ختم ٿيندو آهي تڏهن سوئيٽر تيار ٿي ويندو آهي. هڪڙي جن پاڻ عورتن کي سوئيٽر اٽندي ڏٺو ۽ منجهي پيو تہ هيءَ عورتون آهن يا جن آهن!

بلائوز پائڻ (عورتن جو جسماني ڪرتب):

ساڙهيءَ سان بلائوز پائبو آهي. جيڪو اڳيان بلڪل بند هوندو آهي ۽ پٺيءَ پاسي زپ سان بند ڪبو آهي. پائڻ جو طريقو هيءَ آهي تہ ٻئي ٻانهون بلائوز ۾ وجهي پنهنجي مڙس کي چئبو آهي هاڻ پٺيءَ پاسي زپ چاڙهي. بلائوز بند ڪري ڇڏي. پر اهو شاديءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ ٿيندو آهي. پوءِ اسان جا مڙس جڏهن تجربيڪار ٿي ويندا آهن تڏهن پاڻ کي ڪين چوڻ جي تڪليف بہ نہ ڪرڻي پوندي آهي. مڻا ماريا گندا ڪنا ڪک. جهڙا چپ. ڪيئن اديون؟ پاڻ فقط بلائوز پائي پنهنجي مڙس کي پٺي ڏيئي بيهنديون آهيون تہ مڙس هڪدم بلائوز جا سرا چيلهہ وٽ ملائي زپ اٽڪائي حيرت انگيز ماهرانہ طريقي سان هڪ سٽ ۾ زپ مٿي ڪري زال جي ڪياڙي تائين پهچائي اتي ڏاڳي ۾ ڪندو اٽڪائي ائين خوش ٿيندو آهي جيئن ماڻس جو نڪاح پڙهيو هجيس. لچو ڪٽان جو.

جديد دور ۾ جتي مرد ايتري ترقي ڪري ويو آهي جو پنهنجي زال جي بلائوزن جي هرهڪ قسم جي زپ بند ڪري سگهي ٿو. اتي پاڻ عورتن بہ ايتري ترقي ضرور ڪئي آهي جو شادي فقط پنهنجا بلائوز بند ڪرائڻ لاءِ ڪنديون آهيون. هڪڙي ساهيڙيءَ پنهنجي ساهيڙيءَ کي چيو تہ "مون وٽ هڪڙو اهڙو بلائوز آهي جنهن جي زپ منهنجي مڙس کان زور آهي. سو

سوچيان پئي تہ مڙس بدلايان.“ هڪڙي ساهيڙيءَ ٻيءَ کي ٻڌايو تہ ”مڙس بدلايو ٿم جو بلائوڏن جون زپون بدلايون ٿم.“ پوءِ هڪڙي ساهيڙي هئي جنهن ٻي ساهڙيءَ کان پڇيو تہ ”مڙس جو بدلايو ٿم. سو ڇا بلائوڏن جون زپون بہ بدلائڻيون پوندم؟“

سچ آهي اديون تہ هيءَ دنيا عجيب گورک ڌنڌو آهي جو فقط مڙس ٿيون بدلايو نہ تہ مرڳو بلائوڏن جون زپون بہ بدلائڻيون ٿيون پون. وڃون روزو بخشائڻ تہ نماز ٿي گلي پوي.

منهنجو گهر منهنجي جنت:

پاڻ پينرون ڄاڻون ٿيون تہ گهر کي جنت بنائڻ لاءِ ضروري آهي تہ گهر کي مرد مئي لاءِ جهنم بنايو وڃي. سو اديون اچو تہ ڏسون گهر کي مئن مارين لاءِ جهنم ڪيئن بنائجي. سچ پچ اديون هيءَ اهڙو فن آهي جنهن تي جيڪڏهن پاڻ پينرن کي چڱي ڪماند هجي تہ پاڻ آخر تائين ٿهڪ ڏيئي ڪلنديون رهنديوسين ۽ مرد مئا چريا ٿي مئي جا وار پٽيندا واڪا ڪندا گهر ڇڏي ڀڄي ويندا.

جي مڙس مئو سگريٽ جو عادي آهي تہ گهر ۾ جتي بہ مئو ماريو چپ اجا سگريٽ دکائي مس تہ ائشٽري ڪٿي سندس ايترو ويجهو رکجي جو مئو ڇتو ٿئي. جي مئو ماريو سگريٽ ڇڪيندي گهر ۾ ڏهہ جايون بدلائي تہ هر ڀيري ائشٽري ڪٿي سندس ايترو ئي ويجهو رکبو اچجي. جي مئو ماريو چپ حد کان وڌيڪ چپو ٿي شرافت جا ليڪا لنگهڻ لڳي تہ فقط هيءَ سمجهجي تہ مئو ماريو هاڻ مس مس ڪجهہ ڇتو ٿيو آهي، ۽ پوءِ اهو ائشٽري ويجهو ڪري رکڻ وارو ڪم ٻارن جي ۽ خاص ڪري ڏيئرن جي حوالي ڪجي تہ جيئن مئو ماريو چپ اندر ئي اندر سڙندو پچندو رهي پر ڪيچي نہ سگهي. پوءِ هڪڙو اهڙو اسٽيج ايندو آهي جنهن ۾ پاڻ پينرن کي گهرجي تہ جي مڙس مئو سگريٽ نہ بہ پيو ڇڪي يا نہ پيو دکائي تہ بہ ائشٽري سندس ويجهو ڪري رکون. مڙس کي گهر مان ڀڄائڻ لاءِ هي ترڪيب ائين آهي جيئن ڪتي کي ميونسپالٽيءَ جي زهر واري گولي. تجربن مان ثابت آهي تہ وڏ ۾ وڏ هڪ مهيني اندر مڙس گهر مان گولي ٿي ويندو. پر جي اجا بہ ترسي تہ پوءِ ائشٽري ڪٿي مئي تي هٿجيس تہ ڀل اسپتال مان وڃي پٽي ڪرائي. هڪڙو اڳيئي چريو، ٻيو مئي تي جو پٽي بہ ٻڌل هوندس تہ مئو اجا بہ وڌيڪ چريو نظر ايندو.

جي مئو ماريو چپ اخبار پڙهڻ جو عادي هجي تہ ڇڏجيس تہ ڀل ڪپڙا مٽائي جوتا لاهي آرام سان صوفي تي ليٽي اخبار اجا هٿ ۾ مس ڪٿي تہ ٺيڪ ان وقت اٿو آٿي ڏي، دال ڪپي، ٻار کي ڪاپي وٺي ڏي، ٻار کي ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃ، وغيره وغيره مان ڪو هڪڙو ڪم ڪجهہ اهڙي ناٽڪ سان چئجي جو ان گهڙيءَ اٿي گهر کان ٻاهر وڃڻو پوي. ياد رکڻ گهرجي تہ ڪم معمولي چئجيس، اهڙو معمولي جو هفتو پوءِ بہ ڪري سگهجي ۽ هفتو اڳ بہ ٿي سگهي ها، پر هروڀرو بحث ۽

ضد ڪجي ته جي اهو ڪر هن گهڙيءَ نه ٿيو ته بس آسمان ڪري پوندو ۽ ڌرتي ڏري پوندي. هي به ياد رکجي ته فقط هڪڙو ڪر ڇئجيس ٻيو ڪر ٻئي ڏينهن اخبار پڙهڻ واري وقت لاءِ رکجي. ڪيئن اديون، هي ٽوٽڪو وٺيو؟ جنهن مهل مئو ماريو گهر کان ٻاهر نڪري رهيو هجي ته پويان مٿي تي ٽڦ به هٿي ڇڏجيس ته پل مئو در مان ٽاپڙجندو نڪري.

جي اٿ جو پڻ اديب آهي ته ڪيس چريو ڪرڻ تمام سولو آهي. جنهن ٽيبل تي اسٽوريون لکندو هجي تنهن ٽيبل تي پاڻ کي ٻارن جا ڪپڙا استري ڪرڻ گهرجن، جيڪي پنا لکي سي صفائي ڪندي ٻهاري ڦٽا ڪجن، جنهن وقت سوچ ۾ غلطان هجي تنهن وقت کو ڪروڌ ڪڙو ڪجي، جنهن مهل پنهنجي ڪا آڪاٽي ٻڌائي ته آڪاٽي هلندي اڌ مان اٿي بورچي خاني وڃجي ۽ ڪلاڪ کان پوءِ اچي ڇئجيس ته "ها، سو تو ڇا پئي چيو؟" مئو چتو ٿي، چريو ٿي، مٿي جا وار پٽيندو پاراتا ڏيندو ڀڄي ويندو.

جي رات جو دير تائين پڙهڻ جي عادت هجيس ته جنهن وقت ڪتاب پڙهندي ڏسوس تنهن وقت بتي وسائي ڇڏيو. گهٽو ڪري مرد اهڙو گڏهه هوندو آهي جو خارن ۾ اٿي پاڻ بتي ٻاريندو. جي ائين ڪري ته اوهان به خارن ۾ اٿي وري بتي وسائي سمهي پئو. جي هو گڏهه وري اٿي بتي ٻاري ته اوهان به وري اٿي بتي وسائي سمهي پئو. هو بيزار ۽ بخيل ٿي چتو ٿيندو ۽ ٻن چئن ڏينهن ۾ هاءِ بلڊپريشر جو مريض ٿي هڪڙي ڏينهن هارٽ اٽيڪ ۾ ائين مرندو جيئن رولو ڪتو ڪسيءَ ۾ مئو پيو هوندو آهي. سچ آهي. پينرون ته گهر ۾ مرد جو ڪهڙو ڪر؟

سنڌي ادب ۾ عورت جو ڪردار:

ڪنهن به شادي شده سنڌي اديب جي در تي ڪن لڳائي ٻڌڻ سان هڪدم خبر پوندي ته سنڌي ادب ۾ عورت جو ڪردار ڇا آهي. "پنهنجا ڪتاب دفع ڪر،" "جهنم ۾ وڃن تنهنجون آڪاٽيون ۽ قصا،" "ٽوٽي،" "سست،" "ڪاهل،" "ڪڏهن ڪجهه ڪمايو اٿئي؟" "ليي لوٽڪ ڪانه سڌون مريڙي جون،" "ڪارو ٿئي منهن ۽ نيرا ٿئي پير،" ۽ ٻيا اهڙا ئي عظيم ڪرداري زنانا گفتا ٻڌبا جيڪي اديب کي ادب جي عظمت تائين پهچڻ تي مجبور ڪيو ڇڏين.

سو پاڻ پينرون فخر سان چئي سگهون ٿيون ته سنڌي عورت الله جي فضل و ڪرم سان بخوبي ڄاڻي ٿي ته ادب فقط جهنمي ماحول ۾ ئي جنم وٺندو آهي ۽ فقط دوزخي ماحول ۾ ئي پروان چڙهندو آهي. ۽ تنهنڪري سنڌي عورت پنهنجي اديب مڙس لاءِ گهر کي واري سان ڪڏهن دوزخ ته ڪڏهن جهنم بنائيندي رهندي آهي.

سنڌي ادب ۾ عورت جي ڀرپور ڪردار جو ئي اثر آهي جو سڪل سڙيل سيپڪ اديبن جون زالون ڪجهه پهلوان قسم جون آهن. ۽ جي سنڌي اديب جي زال سنهي هوندي ته ان سنهي هجڻ ۾ به ڪا حرامپائي ضرور هوندي. سنڌي اديب شادي شده هجي ۽ زالس سنهي هجي، هن کان وڏي خواري ڪهڙي

ٿيندي.

پوءِ سنڌي ادب ۾ عورت جو ڪردار هميشہ عظيم ۽ اوچو رهيو آهي، جنهن جي ثابتي هيءَ آهي تہ سنڌي اديب جيڪڏهن شادي شده هوندو تہ گنجو ضرور هوندو، ۽ جي گنجو نہ هوندو تہ ان گنجي نہ هجڻ ۾ بہ ڪا حرامپائي ضرور هوندي. سنڌي اديب شادي شده هجي ۽ گنجو نہ هجي، هن کان وڌيڪ خواري ڪهڙي. دراصل سنڌي ادب ۾ عورت جو ڪردار اهڙو خوفناڪ ۽ دهشت انگيز رهيو آهي جو سنڌي اديبن جو لنگڙو يا لولهو نہ هجڻ هڪ معجزو آهي.

عورت تعليم ڪاٿي جو اهم جزو (هڪ اهم رپورٽ):

سکر بورڊ، حيدرآباد بورڊ، ۽ سنڌ يونيورسٽي جي ڪنٽرولرس آف ايگزيمنيشنس پنهنجي ڏهہ ساله گڏيل رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي تہ "مردن جي پيٽ ۾ عورتون وڏيڪ ڪامياب ممتحن ثابت ٿين ٿيون، ڇو جو جنهن بہ مائيءَ کي اسان ڪو پيپر وغيره سيٽ ڪرڻ لاءِ ڏيندا آهيون تہ اها مائي پنهنجي مڙس جون اهڙيون تپڻيون تپائيندي آهي جو مڙس پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي پهرين پنهنجي زال کي مليل پيپر سيٽ ڪري، پاڻ پنهنجي زال جون صحيحون ڪري، پاڻ لفافن ۾ بند ڪري، پاڻ ئي اچي ڪنٽرولر جي هٿ ۾ ڏيئي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح عورتن کي ڏنل پيپر اسان وٽ وقت اندر پهچي ويندا آهن ۽ اسان وقت اندر امتحان وٺي سگهندا آهيون."

گڏيل رپورٽ ۾ اڳتي ڄاڻايل آهي تہ "جنهن بہ مائيءَ کي ڪاپيون چڪاس ڪرڻ لاءِ ڏيندا آهيون سا مائي پنهنجي مڙس کي تيسين ساهہ کڻڻ نہ ڏيندي آهي جيسين مڙس سيئي ڪاپيون پاڻ چڪاسي، پاڻ لسٽون ناهي، پاڻ مائيءَ جون ڪوڙيون صحيحون هٿي، پاڻ پاڪيٽن ۾ بند ڪري پاڻ ڪنٽرولر کي پهچائي نہ اچي. اهڙيءَ طرح عورتن کي ڏنل ڪاپيون وقت اندر اسان وٽ پهچي ويندیون آهن ۽ اسان وقت اندر نتيجو ظاهر ڪري سگهندا آهيون."

پوءِ گڏيل رپورٽ ۾ اڳتي ڄاڻايل آهي تہ "هي جيتوڻيڪ معمولي ڳالهيون آهن، پر هنن معمولي ڳالهين جو ئي نتيجو آهي جو مائي جيڪڏهن پاڻ جاگرافي جي استاد آهي تہ مڙس وڪيل هوندي بہ جاگرافي جو ماهر هوندو، مائي جيڪڏهن پوليٽيڪل سائنس جي استاد آهي تہ مڙس ڊاڪٽر هوندي بہ پوليٽيڪل سائنس تي مهارت رکندو هوندو، پر جي مائي پاڻ سنڌي يا اسلاميات يا پاڪستان اسٽڊيز يا عربي يا فارسي يا مئٿس جي استاد هوندي تہ مڙس نپ جاهل هوندي بہ عقلمند نظر ايندو."

هي بہ جيتوڻيڪ معمولي ڳالهيون آهن، پر اديون، هنن معمولي ڳالهين جو ئي نتيجو آهي جو پاڻ پنهنجن مڙسن جي ڪاڏيءَ تي هٿ رکي گلابي اردو ۾ ڪين چونديون آهيون تہ "هم کو دعائين دو جس نے تمهين قابل بنا ديا." هونئن بہ اديون، هيءَ پنهنجا سو ڪالڊ مرد ڀي ڪهڙي ڪم جا آهن؟

منور سراج

ترشنا...!

سدائين وتندو هو جهرجهنگ جهاڳيندو ۽ جبل لتاڙيندو. درگاهن سان تہ دل هئس. ڪڏهن لاهوت پيو گهمندو پيو تہ ڪڏهن هاهوت. ڪڏهن شاهہ عقيق جي پوٺن ۾ پيو وڙڪندو تہ ڪڏهن درزان جي دهليز تي ويٺو هوندو. ڪڏهن سيوهڻ جي ور وڪڙ گهٽين ۾ پيو گهمندو تہ ڪڏهن اچ شريف جا وڻ پيو ووڙيندو پر ڪٿي بہ پنجن اٺن راتين کان مٿي رهي نہ سگهندو. ڇڻ هڪ جاءِ تي ٽانيڪو ٿي ويهڻ وس ۾ نہ هئس. سدائين هوندو سفر ۾ يا سفر جي سانباهي ۾.

هڪ صوفي ماڻهو جو احوال .

راڳ جي محفل برخاست ٿي چڪي هئي. پر هو ٻئي اجان هڪ ٻئي جي سامهون وينا هئا. "سانول سائين" ڪاري ڪرتي ۾ ملبوس. ٻنهي ٻانهن ۾ ڪنڊا ڪولابا پاتل وڏن وارن ۽ گهاٽي ڪاري ڏاڑهيءَ واري فقير ماروئل جي چولستاني لهجي ۾ سامهون پلٿي هٿي وينل هپي ڪٺ کان پڇيو "اپڻا حوال ڏي. ڪير ڇڻا هين. ڪٿون آيا هين؟" اجنبي نوجوان چپ هو ۽ بدستور ڪنڌ هيٺ نوائي ساڄي ـهٿ جي ڏسٽي آگر سان ٿڌيءَ واريءَ ناگڙ ونگڙ ۽ ابتا سبتا ليکا پئي پاتائين. شايد اهي انگڙ ونگڙ ۽ آڏا ابتا ليکا سندس تعارف هيو.

سدائين وتندو هو جهرجهنگ جهاڳيندو ۽ جبل لتاڙيندو. درگاهن سان تہ دل هئس. ڪڏهن لاهوت پيو گهمندو پيو تہ ڪڏهن هاهوت. ڪڏهن شاهہ عقيق جي پوٺن ۾ پيو وڙڪندو تہ ڪڏهن درزان جي دهليز تي ويٺو هوندو. ڪڏهن سيوهڻ جي ور وڪڙ گهٽين ۾ پيو گهمندو تہ ڪڏهن اچ شريف جا وڻ پيو ووڙيندو پر ڪٿي بہ پنجن اٺن راتين کان مٿي رهي نہ سگهندو. ڇڻ هڪ جاءِ تي ٽانيڪو ٿي ويهڻ وس ۾ نہ هئس. سدائين هوندو سفر ۾ يا سفر جي سانباهي ۾. اهو پهريون موقعو هو جو منڻ ڪوٽ جي پٽ ۾ ساندا پنج مهينا گذري ويا

هئس. الاءِ ڪيئن روح ريڏو هئس روهيءَ جي رولاڪ هوائڻ سان پهرينءَ رات ئي ميلن جي مسافت ڪري ٽڪل ٽٽل اچي فريد جي چائنٽ تي سيس نوايو هئائين تہ روح رڄي ويو هئس. ويتر فريد جي ڪافين ۽ ساماڻي جي آلاپن ڇڻ ڏانوڻ ڏائي ڇڏيس. ڳچيءَ ۾ فريد جا ڳانا ۽ ڪاراين ۾ ڪڙا پائي فريد جو فقير ۽ ساماڻي جو سنگتي بڻجي ويو هو.

"ڪا خبر ڪونهي تہ ڪير آهيان... ڪٿان آيو آهيان، ڪيڏانهن وڃڻو اٿم." ساماڻي جي سوال تي هن ڪنڌ مٿي ڪري پنهنجي وڏن ۽ الجهيل وارن کي هٿ سان پوئتي ڪندي ڪجهہ ڪجهہ هيڪندي وراڻيو هو. اجنبي نوجوان جي جواب تي ساماڻي جي اکين ۾ پراسرار مرڪ ڦهلجي وئي هئي. ان مرڪ ۾ پنهنجائپ جي خوشبوءِ بہ هئي تہ پيار جو هڳاءُ بہ هو. "تون ساڏي قبيلي دا ڇڻاهين سانول سائين... ساڏي قبيلي دا..." ساماڻي، پٽ تان سارنگي ڪٽي هن کي ساڻ ڪري ٿورو پريان پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن هلندي چيو هو. اجنبي نوجوان کي اها ڪکن ڪانن جي جهوپڙي ڏاڍي پرسڪون ڀاسي هئي. جنهن ۾ پهچندي ئي ڪيس ننڊ جا گهيراٽ اچڻ لڳا هئا. ساماڻو بہ سندس ٽڪ کان بي خبر نہ هو. هن ڪيس پٽ تي رلهي وڃائي ڏني تہ هو چند ئي لمحن ۾ ننڊ پئجي ويو هو.

منڻ ڪوٽ جي اها رات ڏاڍي پرڪيف هئي. چانڊوڪيءَ ۾ خواجہ غلام فريد جي مزار ڪير وانگر جرڪي رهي هئي. درگاهہ جي آڳنڌ ۾ متل راڳ جي محفل ۾ ساماڻو پرسوز آواز ۾ ڳائي رهيو هو... "ميڏا عشق وي تون، جند جان وي تون، ميڏا ڪعبہ قبلہ مسجد..." سندس آلاپن هوا جي پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي ڇڏيا هئا ۽ رات بہ رقاصا بڻجي جنائون ڪولي، روهيءَ جي رڻ ۾ نچڻ لڳي هئي. سانجهيءَ کان وٺيءَ هوءَ بہ راڳ جي محفل ۾ ويٺي هئي! هوءِ اداس ۽ گهرين اکين واري سرائڪڻ هئي. بنان ڪجل جي بہ هن جون اکيون رات جيئان ڪاريون ۽ گهريون هيون. ڪيس سفيد شلوار تي بادامي چولو پاتل ۽ مٿي تي وڏي ڪاري ملتاني چادر اوڍيل هئي. هوءَ ڪافي دير کان رکي رکي وڏن وارن ۽ خالي اکين واري نوجوان ڏانهن نهاري رهي هئي، پر هو سندس وجود کان بي نياز راڳ جي ندءَ ۾ تري رهيو هو. ندي، جنهن ۾ سوين هزارين لهرون هيون، هر لهر جي پنهنجي خوشبو هئي، پنهنجو رنگ هو، هوءَ ڏانهس ڏسندي رهي، ڪناري تي بيٺل ڪنهن مسافر جيئان ۽ هو.... ندءَ ۾ ترندو رهيو ڪنهن بتيلي وانگر. اڌ رات گذري وئي پر هوءَ ندءَ ۾ ترندڙ ٻيڙيءَ

۾ چڙهي نہ سگهيو... تان جو محفل تمام ٿي وئي ۽ هو ٻئي ڇٽا فريد جي بنيءَ تان ننگر پاٽي ڪري اچي جهوپڙيءَ ۾ آهليا. ڪجهہ ساعتن کان پوءِ ڪنهن پور ۾ پئجي هن ساماڻي کان سوال ڪيو. "ساماڻا سک ڪٿي آهي؟"

"بس سانول سائين" ساماڻي ڪجهہ لمحن جي چپ کان پوءِ وراڻيو. "اپٽي روح ني ڳالهہ اي، ڪنهن ڪون ترمت (عورت) ني اک ڇہ سک ملنا اي، ڪنهن ڪون سنگت ساٿ ني ڪچهري ڇہ، ڪنهن ڪون رلڻ ڇہ، ڪنهن ڪون روئڻ ڇہ، ڪنهن ڪون رقص راڳ ڇہ، تي ڪنهن ڪون روزي نماز ڇہ... باقي سچا سک تي اندر نا قصا اي سانول سائين... ٻاهر تي خالي پاڇولي هن..." ساماڻي جي آواز ۾ ريگستان جي اڪيلائيءَ جهڙو درد هو. درد جي ڍڳهي پاڇولي ۾ نوجوان کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هيءَ جهوپڙي ڪو پاڇولو آهي... ساماڻو بہ پاڇولو آهي... ۽ هو پاڻ بہ ڪوئي پاڇولو آهي.

"ڪنهن سيڪاريون اٿئي ساماڻا هي ڳالهيون" هن جي زبان مان اوچتو نہ پڇڻ جهڙو سوال نڪري ويو. "سکڻ سکاوڻ نہ ڪوئي حاجت نهين سانول سائين... بس اپٽي روح ني ڳالهہ اي" ساماڻي سانتيڪي لهجي ۾ وراڻيو ۽ پوءِ جهوپڙيءَ ۾ چپ ڇائنجي وئي. اها ڏاڍي اداس پر دل کي وٽندڙ چپ هئي. اها اهڙي چپ هئي جنهن جي ڪک ۾ ڪيترن ئي سوالن جا انگورڻ جي انتظار ۾ هوندا آهن... ڪيترين ئي ڳالهين جو وليون وڌڻ جون خواهشمند هونديون آهن.

"ساماڻا" هن ساماڻي هو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي چيو "تون ڪير آهين... هت ڪڏهن کان رهيل آهين." "سانول سائين." ساماڻي جو آواز لالٽين بڻجي ٻري پيو ۽ جهوپڙيءَ ۾ روشني ٿي وئي. "مين ڪي ڄاڻان مين ڪوڻ." ساماڻي ڪابي ٻانهن ۾ پاتل ڪولابي کي ڇهندي چيو. "ساماڻا، مون کي پنهنجي باري ۾ ڪجهہ ٻڌاءِ... مان ڪجهہ ٻڌڻ تو چاهيان." نوجوان منٿ جي انداز ۾ چيو. ساماڻو ڪا مهل چپ جي چادر ۾ ويڙهيل رهيو. پوءِ ٻڏل آواز ۾ چيائين "ٻهون پراڻي ڳالهہ اي، هڪ وسني برسات والي سياهہ رات ناقصا اي، اڌ رات ويلي هڪ اجنبي ترمت فريد سائين دي وڏي فقير ماهي خان دي اوتاري ڇہ لنگهہ آئي. آلي ڪپڙي، پير ننگي، پريشان حال، ڪلي اوئي وال، هڪ ڳنڙي نال. مائي چپ چپاتي او ڳنڙي فقير دي هنج ڇہ رک تکڙي تکڙي ٻاهر نڪل وڃ پراڻي ڪوهہ ڇہ ڏرنگ ڏتا..." هڪ لمحي لاءِ ساماڻو مات ٿي ويو. جهوپڙيءَ سالن کان ڦٽل پراڻي ڪوهہ جو ڏيک ڏيڻ لڳي. "ساماڻا" نوجوان چيو "ڪوهہ ۾ ٽپ ڏيڻ واري مائي ڪير هئي؟" "مرڻ والي مائي تہ رب ڄاڻي ڪوڻ باقي ڳنڙي ڇہ اي ساماڻا ها... جنهن ڪون ماهي فقير تات جوان ڪيتا، مرڻ ويلي ماهي فقير اي سارنگي ميڪون ڏي ڳيا... هڻ اي سارنگي ميڏي مان وي اي تي معشوقا

وي، اي جهوپڙا اپٽا گهر ٻار اي... فريد سائين مرشد اي... ڏوجها نہ ڪوئي سنگي نا ساٿي... رهسي رب ني ذات سانول سائين...“ ساماڻي ٿڌو ساهہ ڀري ڳالهہ پوري ڪئي تہ هوا جو هڪڙو تيز جهوٽو جهوپڙيءَ ۾ ڪاهي آيو ۽ لالٽين وسائي ٻاهر نڪري ويو. جهوپڙي اونداهيءَ جو حصو بڻجي وئي. نوجوان اونداهي جهوپڙيءَ ۾ ساماڻي سان برسات واري رات جو ڏک وندڻ چاهيو، پر ڪيس ڳالهائڻ لاءِ لفظ نہ لڌا. (جيڪي پنهنجو نندپڻ رت جي بنهہ ويجهڙن رشتن جي ڇهاءَ ڪان محروم ڪنهن بورڊنگ اسڪول جي دور دراز چوديواريءَ ۾ گذاري ڇڏيندا آهن، اهي شايد ڪنهن سان بہ سندس اڪيلائي جو ڏک ورجي نہ سگهندا آهن) هن تہ پنهنجي پيءُ جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ٻاروتڻ ئي نہ، پر جوانيءَ جا بہ ڪئي ورهيہ بہ واٽي تي بيٺل ڪنهن راهہ وجايل ماڻهوءَ جيئان ڇڏيا هئا. پڻس هن کي پاڻ جهڙو آفيسر ڏسڻ ٿي چاهيو ۽ هن پڻس جي خيالن جي ابتڙ ڪئميرا ڪلهي ۾ وجهي لئنڊ اسڪيپس جون تصويرون ڪڍڻ، درگاهن تي ٿيندڙ ڏمال ۽ راڳ رنگ جون موويز ٺاهڻ ۽ فرصت ۾ ٻارڙا پڙهائڻ ٿي گهريا. طبيعت ۽ خواهش جو اهو ٽڪراءُ ان رات پڇاڻي تي پهتو جنهن رات هو هميشہ هميشہ لاءِ گهر کي خيرباد چئي ٻاهر نڪري آيو. هو اڌ رات مهل گهر مان ٻاهر نڪري رهيو هو ۽ ماڻس زيورن ۾ جهنجهيل نئين نويلي ڪنوار جيئان لڏندي لمندي ڇم ڇم ڪندي هڪ هٿ سان ساڙهي سنڀالينديءَ ۽ ٻئي هٿ ۾ پرس لوڏيندي گهر داخل ٿي رهي هئي. ”ڪيتري عجيب ڳالهہ آهي يار ساماڻا“ هن دل ۾ چيو ”توکي پنهنجي ماءُ جي ڪا خبر چار ڪانهي پوءِ بہ ڇڻ تنهنجي ماءُ تو وٽ موجود آهي... هن جهوپڙيءَ ۾... ۽ مان... مان ماءُ هوندي ڇڻ ڇورو ڇنو آهيان... يتيم آهيان. ”سانول سائين“ ساماڻي جي آواز تي هو ڇرڪ ڀري ڇڻ ڪچي پڪي ننڊ مان جاڳي پيو. ننڊ جيڪا ماءُ جي لوليءَ بدران سدائين هڪ چيڙاڪ آيا جي دڙڪن تي ڪئي هئائين. ”تون هر ويلي ايڏا ملول ڪيون رهنائين... ڪهڙا ڏک ڪهڙا روڳ اي تيڪون...؟“ ساماڻي سوال ڪيو. ساماڻي جي سوال تي هن جو سينو دونهينءَ وانگر دکي پيو. ”ڪا خبر ڪانهي ساماڻا“ هڪ لمحي جي چپ کان پوءِ چوڻ لڳو ”ڪا آڳ آهي جا هر گهڙي ٻرندي ٿي رهي، دل آويءَ جئان جلندي ٿي رهي، اندر جو کورو ٻري پوندو آهي تہ سفر تي نڪري پوندو آهيان. پنڌ ۾ اندر جي ڇر ڪجهہ جهڪي ٿيندي آهي، پر ويهندو آهيان تہ وري مڇ مچي پوندا آهن.“ هو ٿڌو ساهہ ڀري سانت ٿي ويو تہ ساماڻي پڇيس ”ڪوئي منزل دانشان پتا؟“

”ساماڻا سفر ۾ سمجهندو آهيان تہ او هوءَ پريان منهنجي منزل آهي، پر جنهن کي منزل سمجهي پٺيءَ تان پٺارڪ لاهيندو آهيان اهو منهنجو ماڳ نہ پر پل جو پڙاءُ نڪري پوندو آهي. بس وري بہ ڪجهہ سک رلڻ ۾ ملندو اٿم. خبر ناهي ڇا وجايو اٿم. ڇا ٿو ڳوليان. ڪا خبر ڪونهي“ هن اجا

ڳالهايو پئي جو پريان مسجد مان فجر جي ٻانگ جو آواز فضا ۾ بلند ٿيو ته هو خاموش ٿي ويو. ان رات صبح تائين ٻئي نه وڌيڪ ڳالهائي سگهيا ۽ نه ئي سمهي سگهيا.

ان رات بہ دستور موجب فريد جي مزار ۾ راڳ جي محفل متل هئي، هو ڪنڌ هيٺ نوايو ساماڻي جي ساڄي پاسي ويٺو هو، ڪنهن لمحي اوچتو ائين محسوس ٿيس جڻ خواجہ فريد جو آڳنڌ هندورو بڻجي ويو آهي ۽ راڳ جي محفل کي سرخاب جا پر لڳي ويا آهن. زمين ۽ آسمان جو سنڌو ختم ٿي ويو آهي. هن بي اختيار ڪنڌ مٿي ڪري سامهون نهاريو. هوءَ ساڳي اداس اکين واري سرائڪڻ سفيد سنگ مرر تي چانديءَ جهڙا پير رکندي وڏي شان سان هلندي پئي آئي. ڪيس ڳاڙهو وڳو پاتل هو، وڏا وڏا ۽ گهاٽا ڪلهن تي جهومندڙ وار... چپن تي اهو ئي اداس مرڪ جو تهہ، اکين ۾ ڪنهن وڃايل شئي جو ڏک... هوءَ راڳ جي محفل ۾ ويٺل عورتن سان گڏ ويهي رهي. هوءَ محفل ۾ ويٺي تہ ساماڻي جو آواز وڌيڪ مٺو ٿي ويو ۽ سارنگي جا سر خوشبوءِ بڻجي ويا. نوجوان جي دل جو ڌڙڪو وڌي ويو. "عورت ڇا شيءَ آهي؟" نوجوان دل ۾ سوچيو. "سانول سائين... ترمت هڪ ڇال اي. سهڻي ترمت تي ويتر مضبوط ريشمي ڇال اي... جنهن ڇہ روح نا پڪي ڦس وينا اي... اپڻي آزادي تي اڏام پل وينا اي" ساماڻي بدران سارنگيءَ ڳالهايو.

اڪثر ساماڻي جي پاران سارنگي ڳالهائيندي هئي. پر هن سارنگيءَ مان اپريل آواز ڏي توجهہ نہ ڏني. بي اختيار هن جون اکيون سرائڪڻ جي اکين ۾ لڙهنديون پري هليون ويون. سرائڪڻ جي نديءَ جهڙين اکين ۾ لڙهندي ڪيس اهي سپ اکيون ياد اچڻ لڳيون جن ۾ هو اڳ بہ ٻڏندي بچيو هو. "اي تسي (اجاري) ترمت اي سانو سائين" سارنگيءَ مان وري سڏڪي جهڙي آواز اپريو "اي تيڪون هر جا تي نظر آسي. اندر ٻاهر... شهر جهنگل... بس ٿورڙا ويس وڳي تي بولي ٺولي دا فرق هوسي باقي هوس هر رنگ ڇہ ساڳي ترمت" عورت جي چپن تي مرڪ ڦهلجي وئي. هوءَ سارنگيءَ جي ٻوليءَ کان اڻ ڄاڻ نہ هئي. "ساماڻا" نوجوان ساماڻي کان سوال ڪيو. "عورت، مرد جي اج نہ تي لاهي سگهي؟" "سانول سائين! جهڙي آپ تسي هو اوڏو جهان دي تري ڪجي مريسي."

سارنگيءَ وراڻيو. هو انهن اکين کان ۽ سندن اج سان اڳ جو آشنا هيو. ڪيس سارنگيءَ جي لهجي تي گهڻي حيرت نہ ٿي. اهي اکيون ڪڏهن ساٺس درازن جي دروازي تي مليون هيون تہ ڪڏهن عقيق جي اڳڻ ۾... هڪ دفعي اهي اکيون سيوستان جي سوڙهين ڳلين ۾ ان وقت مٿس الرون ڪري آيون هيون، جنهن وقت هو نما شام ڌاري بودلي بهار جي درگاهہ جي پنئين پاسي هڪ قبر جي مٿن کان ٻرندڙ مٽيءَ جي ڏيئي ڏانهن ڏسي رهيو هو... مٿان ڪپڙ

جو گهاٽو وڻ هوا جي جهوٽن تي ڪنهن مست الست جيئان جهومي رهيو هو. "هيءَ قبر ڪنهن جي آهي؟" ماڪيءَ جي لار جهڙي مٺي ۽ موسيقيءَ جي تر نم جهڙي وٽندڙ آواز تي هن مڙي پوئتي نهاريو تہ سندس جسم سامهون ٻرندڙ ڏيئي جي وٽ وانگر ڏڪي ويو. سندس پٽيان بيٺل عورت جي اکين ۾ صدين جي اڃ هئي. هن عورت جي سوال جو جواب نہ ڏنو. ڪيس خبر هئي تہ جي عورت ڪي سندس سوال جو جواب ڏنم تہ مان هميشہ لاءِ پنڌ پاهڻ بڻجي انهيءَ قبر جو حصو ٿي رهجي ويندس. هو خاموشي سان قبر جي مٿان کان ٻرندڙ مٺيءَ جي ڏيئي ۾ ڏسندو رهيو... پوءِ الاءِ ڪيڏي مهل رت جهڙو لال جبو پهريل بودلي جي هڪ مجذوب فقير فرش تي زور سان هٿ هڻي گنبذ ۾ اکيون کپائي "يا علي" جو زوردار نعرو هنيو تہ هن ڇرڪي پوئتي نهاريو... سرائڪڻ ساڳئي جاءِ تي ويٺي هئي ۽ فريد جي آڱنڊ ۾ ساماٽو ڳائي رهيو هو:

"سسي نون مان متين ديندي ڏي
ڇوڙ بلوچ دي ياري"

سرائڪڻ جون اکيون ڏيئي وانگر ٻري رهيو هيون. جن ۾ ڏسندڙن جي، نيٺ پتنگن جيان پئي جليا. سندس ڪاريون اکيون اڃ جي ندي بڻجي ويون هيون ۽ سڀ ڪجهہ ٻوڙڻ لاءِ اڇلون ڏئي رهيون هيون. ان رات هوءَ سهي سنبري سورنهن سينگار ڪري آئي هئي. سون ۾ سجي ڳاڙهي. هٿن پيرن تي ميندي جا گلابي چٽ، هوا ۾ ڪيسو ڦلن جو هڳاءُ ۽ ساهن ۾ سهاڳ رات جهڙي سنڌوري خوشبو. هو خوشبوءِ جي اڻ جهل ۽ ويرو تار نديءَ ۾ پنهنجي اکين سميت لڙهندو پئي ويو. جڏهن تہ هن لڙهڻ نہ، ترڻ ٿي چاهيو، پر ڪيس پاڻ تي ڪو اختيار نہ رهيو هو. نديءَ ۾ بي پناهہ رواني ۽ ڇولين ۾ بي حد گهڻو جوش هيو. پوءِ جنهن مهل نديءَ جا بند پيچڻ لڳا هئا، هن جون اکيون ڪکن ڪانن وانگر نديءَ جي منهن زور سيلاب ۾ وهڻ لڳيون هيون. راڳ جي محفل عروج تي پهچي چڪي هئي ۽ ساماٽي جا آلاپ آڪاس ڏي اڏارون ٻرڻ ۽ ستارن جي مٿان ورڻ لڳا هئا تہ هو هڪ ٽٽل تختي تي پير رکي سرائڪڻ جي اکين جي نديءَ مان ٻاهر نڪري آيو هو.

ٻاهر رات لڙي چڪي هئي. ستارا آخري پساهن ۾ هئا. چنڊ ڪنهن الهڙ پياڪ جيئان ٽڙندي قدمن سان آسمان جي مڌو شالا مان ٻاهر نڪري رهيو هو ۽ هو روهيءَ جي رستي سان آهستي آهستي هلندو اولهہ طرف وڃي رهيو هو. پوئتي فريد جي آڱنڌ ۾ ۽ منڻ ڪوٽ جي فضائن ۾ ٻرندڙ ساماٽي جا آلاپ آهستي آهستي ڏيما پوندا پئي ويا:

ميڏا عشق وي تون، جند جان وي تون... ميڏا مسجد منور ڪعبہ قبلہ...

☆

وڏي خليفياڻي

عزيز ڪينجهرائي

هوندي بہ نانگي، نپٽي. در در ڏڪا جهلي مري ويندي!

روحانيت جي ٻاهرينءَ دنيا جي واڳ برابر خليفي جي هٿ ۾ هئي، پر حويليءَ واري جهان جو سڪان وڏيءَ خليفياڻيءَ جي هٿ ۾ هو. ڄامل راڄ جي عورتن سان گڏجي زنده پير جو سلام پري حويليءَ ۾ پهتي تہ وڏيءَ خليفياڻي هن کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي وٺي وڃي لنگر تي ويهاريو. پوءِ جڏهن سڀائي ساعت آئي تہ وڏيءَ خليفياڻي ۽ ڄامل "پيارل سائين" وٽ پهچي ويون. آخري ڏمال تي ڄامل ۽ پيارل سائين ڪنهن پوت جيان گم ٿي ويا.

"**زنده پير**" جي ميلي جي پڄاڻيءَ تي هوءَ جڏهن وڏي خليفياڻيءَ کان موڪلائي حويليءَ جي اڳڻ ۾ آئي تہ نندو پير پيارل سائين هن ۾ اکيون کپائي بند بنجي بيهي رهيو. ڄامل پيرين پئي جڏهن هن جا هٿ چميا تہ، اُنهن مان چٽنگون نڪري رهيون هيون. پوءِ ڪنڌ مٿي ڪٽي زيارت ڪيائين تہ، "پيارل سائين" جون اکيون هن جي اندر ۾ خانقاهہ ٺاهي ويهي چڪيون هيون!

هيءَ ڪا ٻار ڪونہ هئي!

اڙانگين اکين سان اڳ ۾ بہ پلئہ

پيو هئس! "شڪاري اکيون سون ۾ پڙريون!"

ڄامل ڳوناڻي ڇوڪري هئي، جتي ڇوڪرن سان راڻديون روڻديون ڪندي ڇوڪريون جوان ٿين ٿيون. جنهنڪري ڪيتريون ئي ڳالهيون سولائيءَ سان سمجهيو وٺن!

ڄامل بہ اهڙي سازگار ماحول ۾ سُرت سنڀالي هئي.

راڄ جا نوجوان پير تي پٽڪو، ڪلهي تي ڪهاڙي، پيروءَ جي گهر وٽ پهچندا هئا تہ، اک ٽيٽ ڪندا هئا.

پوءِ جڏهن ڄامل سان نظر ملي ويندي هين تہ مڇ کي وٽ ڏيئي ڏڏو شوڪارو ڀري لنگهي ويندا هئا.

وهراج جا ڏينهن آيا تہ ڇوڻطرف هيون آبتون. ڇاڇي وسند جي آبت ۾ راڄ جي نوجوانن اڳيان ڄامل جڏهن وَر ڪٽي، گندي ڇاتيءَ کان ورائي ڳنڍ ڏيئي ٻاري ۾ گهڙي تہ طوفان کڙو ٿي ويو. گراڙن جي اَڇل، گپ، پاٽي، وڏڙو، پوڙهن ۽ پوڙهين جا هانبارا ٻاري جي منڊي تي کل جا ناشوڙيا!

پيرو، پتي جي ٻيڙي ڏکائي سوٽو هنيو، پوءِ پونت ۾ اچي ويو!

وسند هڪل ڪئي، وڃي گراڙي ۾ هٿ وڌائين. پوءِ جڏهن جوانيءَ جو دور هن جي سر تي سوار ٿيو تہ، جوانڙيون وات تي آڱر رکي بيهي رهيون! ويرم نہ گذري تہ ڏيهہ زمينن ڪڍي وڃي پار پيا. ڪتيءَ جي ڦوهہ جوانيءَ ۾ زنده پير جو ميلو اچي سر تي بيٺو هو.

سيئي ميلي جي تيارين ۾ لڳي ويا هئا. ابا! "زنده پير" وٽ اهڙي تندڻ هئي جنهن ۾ جن ۽ پوُت ڇيلن وانگر ٻڌل هوندا هئا پوءِ "ٻين" "ٻين" پيا ڪندا هئا!

ناني ڀاڳل باڇيا پير جو قسم ڪٽي ڳالهہ ڪئي تہ سڀ ڪنوئي ڏيئي سندس ڳالهہ ٻڌڻ لڳا. ناني ڀاڳل قبر ۾ پير وجهيو ويٺي آهي. ڪوڙ ڪرڻ ڪا سندس مٺي جي ڀري تہ ڪونهي!

پيروءَ ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو!

مئل اڻ کي "زنده پير" ڏڏو هنيو تہ ٽپ ڏيئي اٿي ڊوڙڻ لڳي هئي! ناس جو چپڻو هٿي ناني ڀاڳل ڳالهہ ڪئي تہ سيني جا اصل وار اڀا تي ويا!

"وسند! هڪ ڳالهہ ڪن کولي ٻڌ!

اصل مان کان دوکو ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيندو!" هو ڪنڌ لوڏي ڳالهہ ٻڌڻ لڳو.

وسند کي لڳو تہ، سندس اباڻي قبرستان جي سري واري پير جيئل شاهہ جي درگاهہ اهڙو پناهہ گاهہ هو جيڪو سندس مري ويل ابن، ڏاڏن کي جنن، پوتن جي آزار کان بچائي رهيو هو.

پيرو چڳ وڍيو مريد هو. وڏي پير "وڏل سائين" ۽ "پيارل سائين" لاءِ تہ اصل وڪاڻل هو! ڄامل بہ پيءُ وانگر ڄائي ڄم کان هن در جي سلامي هئي.

ڄامل جي سر تي هٿ رکي ناني ڀاڳل جڏهن هن کي سمجهائيندي چيو تہ، "ٻچڙي! مرشد ٻنهي جهانن جو وارث هوندو آهي. نانيءَ جي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ ڄامل کي ڳالهہ دل سان لڳي. ٻيا تہ الائجي...! باقي "پيارل سائين" برابر هن جي ٻنهي جهانن جو وارث هو.

پر جي پاڪ دل ڪوسي ڪن تہ پوءِ....؟

قبر ڪاري....!

هو جي پاڻ وساري ڇڏي ته.....!
ائين ڪيئن ڪندو!
"پيار سائين" ضرور هڪل ۾ حامي ٿيندو! "سڄو سال" وسوسن جي ڪاري. قبر ۾ لڇندي تڙپندي ڄامل زنده پير جي ميلي تي پهتي ته سندس اندر ٺري پيو.

روحانيت جي ٻاهرين دنيا جي واڳ برابر خليفي جي هٿ ۾ هئي. پر حويليءَ واري جهان جو سڪان وڏيءَ خليفياڻيءَ جي هٿ ۾ هو. ڄامل راڄ جي عورتن سان گڏجي زنده پير جو سلام ڀري حويليءَ ۾ پهتي ته وڏيءَ خليفياڻي هن کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي وٺي وڃي لنگر تي ويهاريو. پوءِ جڏهن سڀائي ساعت آئي ته وڏيءَ خليفياڻي ۽ ڄامل "پيارل سائين" وٽ پهچي ويون. آخري ڏمال تي ڄامل ۽ پيارل سائين کنهن پوت جيان گم ٿي ويا.

پيروءَ اوچنگار ڏني ته. وڏي سائين هن کي ڇڪي ڪٽي ڇاتيءَ سان لاٿو.
پيرو منهنجي لح رک!
لوڪ جي وات تي هٿ ڪير رکندو...؟
ڳالهه ڪري پيرو ڏڪي ويو!
گدري ۽ ڪاتيءَ وارو ڪم هو!
"هتي وڙهڻ جي گهٽي ڪونه" هئي. نه ته پيرو غيرت جو ڪوٽ هو. ٻيو ڪو سندس لوڙهو لتاڙي ها ته ڪيس ڪهاڙين سان وڍي ڍير ڪري ڇڏي ها!
"پيارل سائينءَ" هن کي جيئري ماري ڇڏيو هو!
پيرو! درگاهه جو ننگ به ڪونه پيس.
چتي ٿي پيئي. هوندي به نانگي. نپٽي. در در ڏڪا جهلي مري ويندي! وڏل سائين بس ڪئي ته. پيروءَ ڍڪ ڏني مرشد اسان جو هي آخري پيرو اٿئي...!
"لوڙهو جي پوک کي ٻڌي ڪائي ته ڪنهن کي دانهن ڏجي."
ڳچيءَ ۾ ٻڌل اڇو ڏاڳو سٽ ڏيئي ڇني ڪٽي "وڏل سائين" جي پيرن ۾ اڇلايائين. پٽڪو بغل ۾ هڻي مٿو اگهاڙو ڪري هليو ويو. وڏل سائين نهاريندو رهيو. پر هن لوٽو به ڪونه هنيو.

"پيارل سائين" وڃي پرديس وسائي. هي پيڙهياتو مرشد هو. لاهيون چارهيون ته ڪاروهنوار ۾ ايندیون رهنديون آهن. پيارل سائين دُعا سان داءُ پيچ واري سيڙهي سنڀالي ته ڪاني ڪرامت، مريد خادم راڄ پاڳ سڀ پيڙا ٿي ويا.

"خانقاهه عاليه" ۾ روحانيت جو نور نانگڻ وچ جيئن چمڪاٽ ڪري رهيو هو.

ٻنين، واهڻ ۽ وستين ۾ بلبل جيئن ٽينگ، ٽپا ڏيندڙ ڄامل جڏهن روحانيت ۾ رڄي راس ٿي ته سندس پر پڇي پيا هئا. هاڻ هن جي دنيا رڳو "خانقاهه عاليه" جي اوچين ديوارن تائين وڃي رهي هئي. ڪاري هيٺان سج ڪيترو لڪندو!

ڄامل جڏهن پورن مهينن تي پهتي ته هن جو "خانقاهه عاليه" جي خادم "مامون بودلي" سان نڪاح ڪري. هن کي "وڏي خليفياڻيءَ" وارو سڪان هٿ ۾ ڏنو ويو!

عشق اهڙي ذات، جو مانجهي منجهائي مين ڪي.

پرويز

ڏاڙيل جي ڏيءَ

هڪ خطرناڪ ڏاڙيل جي باهمٽ ڏيءَ، جنهن ڪارو ڪاري جهڙي ڪڏي رسم کان بچندي پنهنجي عقل ۽ ڏاهپ سان پنهنجي پيار تائين پهتي! ڏسو ته ڪهاڙين ۽ ڪلاشنڪوف جي پاڇولن ۾ به عشق ۽ شڪ ڪيئن پلجن ۽ پارجن ٿا!

هوءَ سنهڙي هئي. سنهڙي ته هئي پر صحتمند به هئي. سانوري هئي. سنهڙي چيلهه اهڙي جو ٻن هٿن جي گهيري ۾ ئي اچي وڃي. ڊگهي سنهڙي ڳچي ته ڪونج جي ڳچيءَ کي به مات ڏيو بيٺي هئي. ڊگهيون ڪاريون

قدرتي ڪجل هاٿيون اکيون. پڪل ڄمونءَ جهڙا رسيلا چپ. سانوريون ماسيريون منّون. مٿي ۾ تيل وجهي، وڇان سينڌ ڪڍي، چيلهه تائين لڙڪندڙ چوٽيءَ ۾ پشم ۽ موتين سان مڙهيل رنگين سڄي ويڙهيندي هئي. هوءَ ٽپ ٻهراڙيءَ ۾ رهندي هئي. گجگاهه ٻيلي جي وچ ۾ سندن گهر هو. چاڄي سندس نالو هو. ماٽس چاڄان چوندي هيس ته پٽس وري چاڄلَ چوندو هئس. پر هوءَ هئي ماءُ توڙي پيءُ جي چاڄلي. ٻهرن جي گهاٽين هڙين، ڄارين جي گهاٽن ويڙهن، ۽ ديوين جي گهاٽن جهنڊن جي وچ ۾ سندن گهر هو. چڱيءَ خاصي ايراضيءَ ۾ جهنگ وڍي وڏا پرهه تار ڍنگهرن جا لوڙها ڏيئي هڪ ڪشادو گهر ٺاهيو ويو هو. اَن ويڙهي اندر ئي مال جو وٽاڻ به هو ته وڏي اڳڻ سميت هڪ خلاصو گهر به هو. ساڄئي نموني ۾ ٺهيل ٻه ٽي گهر ٻيا به هئا، پر هرڪنهن جو ويڙهو جدا هو. سڀ ڏوهاري قسم جا ماڻهو هئا. ويجهي ۾ ويجهو ننڍو شهر به وٽانئن 15 ميلن جي فاصلي تي هو. پر رڳو ڪچي گاڏي جي واٽ جهڙو رستوبه سندن گهر کان ٻه ميل پري هو. گهران نڪري ڪچي گاڏا واٽ تائين پهچڻ لاءِ جهنگ مان رڳو هڪڙو ئي پيچرو هوندو هو. هوءَ دلمراد جي ڌيءَ هئي. دلمراد، جيڪو ڪو وقت هو جڏهن نالي وارو چور ۽ ڏاڙيل هو. پوءِ سندس پوتار پوليس جي ونگار وهي ڪيس جهلائي وڏو. پر هو پوليس سان ڊيل ڪري وڏي رقم جي عيوض ٽاٽي تان ڀڄي نڪتو هو. هاٽي هو پاڄيلو هو. هو پنهنجو تر چڏي ٻه ٽي ضلعا ٽپي اچي هن جهنگ ۾ لڪيو هو. ذات ۽ نالو بدلائي، پنهنجو حليو تبديل ڪري، ويس مٽائي اچي هتي رهيو هو. هوُ اڻ پڙهيو هو. هنر ڏنڌو ڪونه ڄاڻندو هو. تنهنڪري ڪنهن وڏي شهر ۾ وڃي ماڻهن جي جهنگ ۾ گم ٿي وڃڻ بدران هن وٽن جي جهنگ ۾ رهڻ وڌيڪ پسند ڪيو هو. ظاهر آهي ته ڪٿي به ڪو ڏوهاري تر جي وڏيري جي اَجهي آسري کان سواءِ ته لڪي نٿو سگهي. سو دلمراد به ڪنهن نه ڪنهن جي سهاري سان ئي اچي هتي لڪيو هو. هاڻ هوُ هتي اٽن ڏهن سالن کان وٺي سڪ ۽ آرام سان رهيو پيو هو. هن ڏاڙن ۽ ڦرين مان ايترو ته ڏن گڏ ڪيو هو جو ٻن ٽن پُرين جي ويهي کائڻ لاءِ وٽس ڪافي ٽڪابي موجود هئي. هن ٻه مينهون هٿ ڪيون هيون، جنهن جو ڪير مکڻ ۽ لسي جام ٿيو ٿي پئي. ڪيس رڳو چاڄي ئي اولاد هو. هڪڙي زال، هڪڙو پاڻ ۽ هڪڙي ڌيءَ چاڄي ۽ بس. ٻه ٽي گهر ٻيا، جن گڏجي هن جهنگ ۾ هيءَ دنيا قائم ڪئي هئي، سي به ساڄي طرح مختلف بهانن سان پاڄيلا هئا. سڀني پنهنجا اصل نالا ۽ ذاتيون چڏي، نون نالن ۽ نئين ذاتين سان هي نئون جهان آباد ڪيو هو. گجگاهه ٻيلو هو. جتي عام ماڻهوءَ جو اچڻ وڃڻ ڪونه هو. تنهنڪري ڪين ڪنهن به قسم جي چوري چڪاري يا حملي جو ڪوبه ڊپ

ڍاءُ ڪونہ هوندو آهي. چور ڏاڙيل تہ هو پاڻ هئا.

گهرن کان ٿورو پريان هڪڙي وڏي گهاٽي نم جي وڻ هيٺان سندن بينڪ هئي. جتي گهڻو ڪري سڄو ڏينهن همراه پنهنجا پاڻ ۾ پتن راند پيا رهندا هئا. يا زماني جون لهواريون اوپاريون پيا ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڪيل وارداتن جو ذڪر نڪري پوندو هو تہ پنهنجن پنهنجن ڪارنامن کي بيان ڪري پيا پاڻ پڏائيندا هئا. وٽن ريڊيا، ٽيپ ۽ ٽي. ويون ۽ موبائيل پڻ موجود هئا، جن تي وندريو وينا هوندا هئا ۽ دنيا جهان جي خبرن کان باخبر پيا ٿيندا هئا. بظاهر ڪين ڪوبہ ڪنڪو يا فڪر ڪونہ هو. پر جيئن چوٽي آهي تہ "سئو ڪئا ڪائي ٻلي هلي حج ڪرڻ". تيئن هي همراه بہ هاڻ پاڻ کي ڏوهن کان پري رکيو وينا هئا، پر پوءِ بہ سندن اندر ڪاڏو پيو هو. جنهن سريال جي ڏڍ تي هتي اچي وينا هئا، تنهن جون ونگارون تہ وهٽيون پيون ٿي نہ. ۽ سريالن تي پروسو بہ ڪهڙو! جڏهن بہ ڪا ڪسر نہ آين تہ ڇغلي هڻندي ويرم ئي ڪونہ ڪندا. خير، جڏهوڪا مينهن، تڏهوڪيون چڪون! في الحال تہ اڃا اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانہ هئي. تنهنڪري سڀ همراه بي اونا ٿيا، پنهنجا ڪير مکڻ ۽ لسيون ڪايو مست ٿيو وينا هئا.

چاڳي جڏهن هتي پهتي هئي، تڏهن ڏهن سالن جي معصوم ٻار هئي. هينئر اوڻيهن ويهن سالن جي، ٻيلي جي سڌي ڪاٺيءَ جيان قدآور زال ٿي پيئي هئي. هاڻي، سا سنهڙي هيس. باقي آرڪاٽن مهاندن سڄي سڄر زال هئي. هوءَ گهر جي ٻهاري ڪڍڻ لاءِ ٽارن مٿ پيچڻ لاءِ يا ڪاٺين جي پري ڪرڻ لاءِ ڪڏهن صبح ويل تہ ڪڏهن پوجاڙيءَ سندن گهرن کان ٿورو پرپرو هڪ ڍنڊ پڏي جي ڪنڊيءَ تي ويندي هئي. پر جڏهن بہ گهران ٻاهر نڪرندي هئي تہ ڪهاڙي پاڻ سان ضرور کڻندي هئي. گس هلندي جي ڪنهن ٻير تي ڪونئر ڏٺائين تہ هٿ سان يا ڪهاڙيءَ سان لاهي ڪائيندي هئي. پر جي هيٺان پهچ کان مٿي هوندو هو تہ سٽڻ جا وَر ڪنجي ٻير تي چڙهي ويندي هئي. پر ڪونئر کي وسئون قطعي ڪانہ ڇڏيندي هئي.

اُن صبح جو بہ هوءَ ڪونئر لاهڻ لاءِ هڪ ڏگهي ٻير تي چڙهي ويئي هئي. ٽارا پيچڻ ويئي هئي. پر هڪ ٻير تان ڪونئر بنهہ ڳڙندو ڏٺائين. سو دل نہ رهيس. وَرَ ڪنجي چڙهي ويئي ٻير تي. چڱو خاصو ڪونئر لاٿائين. هڪڙو وات ۾ وجهندي ڪائيندي ويئي ۽ ٻيو ڏاڍو چولي جي پريءَ ۾ وجهندي ويئي. جيڏي مهل ڪونئر لاهڻ کان واندي ٿي، تڏهن اوچتو ڪيس ڪنهن اڻ ڏٺي شيءِ هجڻ جو احساس ٿيو. ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو. اتان ٻير مٿان ئي چوءطرف نظر ڊوڙايائين. ڇٽڪ ڪا شيءِ سندس آس پاس موجود هجي. سندس دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿيڻ لڳي. ڪيس ڪنهن خوف جو احساس تہ قطعي ڪونہ ٿيو هو. پر اُن اڻ ڏٺي شيءِ ڏسڻ جو اشتياق

ضرور اپريو هو. هن هيڏانهن هوڏانهن لوٽا ڦيريا ۽ هر پاسي چتائي ڊوڪا ڪئي، حال هڪيو تہ ڪيس ڪابہ شيءَ ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي. پر پوءِ بہ ڪيس اطمينان نہ ٿيو ۽ هوءَ وري وري گهاٽن وٽن جي ممڪن وٽين مان جيستائين نگاهہ پهچي سگهيس ٿي، جانچيندي رهي. ۽ پوءِ واقعي ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو هو. هن ڏنو تہ ڳچ جيترو پريرو هڪڙو همراهہ مينهن کي رسو هڻيو ڪاهيندو پيو وڃي. هڪدم سندس ذهن ۾ بہ ٽي خيال اپريا. هڪ تہ اتي بيٺي بيٺي وٺي رڙيون ڪري ڳوٺ وارن کي سڏي ٻڌائي تہ ڪو چور پنهنجي مينهن ڪاهيو پيو وڃي. ٻيو هي تہ ٻير تان لهي ڊوڙي وڃي ڳوٺ وارن کي ٻڌائي تہ ڪو ماڻهو مينهن ڪاهيندو پيو وڃي. هلي ڏسو تہ مينهن پنهنجي آهي يا پرائي. ٽيون خيال هي آيس تہ ڇو نہ آءٌ پاڻ ڊوڙي وڃي همراه کي پهچان ۽ ڏسان تہ ڪير آهي. همراه پنهنجو آهي يا ڪنهن چور اسان جي مينهن ڪاهي آهي. يا اجا ڪو ٻيو معاملو آهي. ڪن پل ۾ هن آخري خيال تي عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو ۽ تڪڙي تڪڙي وڻ تان هيٺ لٿي. ڪهاڙي ڪٿي لوهہ پاتائين ان طرف، جيڏانهن همراهہ کي ويندو ڏٺو هئائين.

هوءَ ڄارين جي ڄائي هئي. گهاٽي جهنگ ۾ پلي نپني هئي. ٽپ ٻهراڙيءَ جي صحتمند جانني جوان زال هئي. ڪيس پنهنجي ڦرتائيءَ تي، ڇڙڪائيءَ تي، ڀاڄ تي ۽ پنهنجي ٻل تي وڏو بانوَر هو. هوءَ ڪنهن هڪ ٻن ايرن سيرن کي تہ ڪنگهندي ئي ڪانہ هئي. پر هن جي چڱن خاصن تي بہ اک ڪانہ ٻڌندي هئي. ڊگهي ڳن واري ڪهاڙي، سا هجيس هٿ ۾، پوءِ ٻلي وکر مڙسن جو ڦري اچيس. وڃ وارا اهي وراڪا ڏيندي هئي جو، تيسين خبر ڪانہ پوندي هئي، جيسين مڙسن مان پتيون ڪڍي نہ ڇڏي. اجا تازو پنج ڇهہ مهينا اڳ ۾، هڪ رات پٽس کان لڪ چوريءَ، پٽس جا ڪپڙا پائي گهران نڪري ويئي هئي. مينهن جي لاءِ ڪين سان پاڏي جي ضرورت هئي. ڳوٺ وارن کان ٻڌو هئائين تہ سندن الهندان بہ ٽي ڪوهہ پري جاڪرن جي ڳوٺ ۾ سانڻ پاڏو موجود آهي. همراه انهيءَ ٻڌ ڇوڙ ۾ هئا تہ اهو پاڏو ڪيئن هٿ ڪجي. سو هڪ رات ڪيس جهجهڪي اچي ويئي تہ ڇو نہ پاڻ وڃي اهو پاڏو ڪاهي اچي. بس اها ڳالهہ دل ۾ رکيائين ۽ هڪ رات ڪهاڙي ڪٿي نڪري پيئي. پاڏو ڪاهي اجا ڳوٺ کان وک پنڌ جي بہ پري ڪانہ ٿي هئي جو پاڳيا جاڳي پيا. "ورتو ورتو" ٿي ويئي. پاڳيا پاڻ بہ ڪاٽڪو قسم جا ماڻهو هئا، سي ڪيس ڦري ويا. پوءِ تہ وڏائين پاڏي کي پڇ ۾ هٿ، يڪو سراڙو. جيڪو سامهون اچيس سو ڏڪ ئي هڪڙي سان ڍڻو پيو آهي. وڃيو گوڏن پر ڪري. اهي واڃڻ وڃايائين جو اٺ ڏهہ همراهہ ڪري پيا. باقي ٻيا هوائي توائي ٿي، ڪو ڪيڏانهن تہ ڪو ڪيڏانهن ٽڙ پڪڙ ٿي ويا. ۽ هوءَ پاڏو ڪاهي، گهاٽي

جهنگ ۾ پير وڃائي وڃي گهر پهتي. آڏيءَ مهل وٽاڻ ۾ بينل مينهن جو اوپرو پهرو اندر ايندي ڏٺو. سو وٺي رنيبون. مينهن جي ڍڪن تي دلمراد اٿي پيو. ٽارچ جي روشنيءَ ۾ ڏنائين تہ ڪو همراه وٽاڻ ۾ مٽي آيو آهي. هڪل ڪري چيائين: "متان ويندو آهين. اچيئي ٿي ماڻهين ڪاري. جهلجانءِ مٿو."

"بابا آءٌ آهيان چاڳي. متان فائر ڪريئين." چاڳيءَ وٽاڻ مان رڙ ڪري چيو. ۽ پوءِ پاڏو ٻڌي اچي پٽس سان حالي احوالي ٿي. پٽس رڳو حيرت مان ڏانهس نهاريندو رهيو.

"تو مون کي ٻڌايو ڇو ڪونہ؟" پٽس جي جڏهن حيرت ختم ٿي تڏهن پڇيائينس.

"جي توکان پڇان ها تہ تون ٿوروئي مون کي موڪل ڏيئين ها." چاڳيءَ حجت ڪندي چيو.

"پر اجا تہ آءٌ وينو آهيان. پاڙي ۾ ٻيا بہ ڇورا ڇنڀ آهن. پوءِ توکي ڪهڙي تڪڙ ٿي ٿئي."

"پاڻ کي آزمائي ٿي ڏٺم." چاڳيءَ ساڳي حجت هلائيندي چيو.

"جي جهلجي پوين ها تہ پوءِ." پٽس فڪرمند ٿيندي چيو.

"بابا تون بہ وارداتون ڪرڻ ويندو هئين. تو ڪڏهن ائين سوچيو هو تہ پڪڙجي پيس تہ پوءِ؟" چاڳيءَ گهوري پٽس کان سوال ڪيو.

"پر آءٌ تہ مرد ماڻهو آهيان...."

"تہ پوءِ آءٌ بہ تنهنجو پٽ آهيان. عورت ٿيس تہ ڇا ٿي پيو." چاڳيءَ پٽس جي ڳالهہ ڪٽيندي چيو ۽ دلمراد لاجواب ٿي رڳو مرڪندو رهيو.

چاڳيءَ کي مينهن ڪاهي ويندڙ همراه ڏانهن ويندي گس ۾ گذريل جهيڙي وارو واقعو ياد آيو تہ هوءَ مرڪي پيئي. دل ۾ سوچيائين تہ الائجي اڄ بہ ائين ٿيندو. پر بهرحال، ڪيس پنهنجو پاڻ تي پورو پورو بانوَر هو. جهيڙي جا گر پٽس ڪيس سيکاريا هئا. تنهنڪري ڪيس خبر هئي تہ چوٽطرف نظر ڦيري وجهہ وٺي ڏڪ ڪيئن هٽجي، ڏڪ ڪيئن گسائجي، هڪلن سان مڙسن جا هينئان ڪيئن ڪڍجن، واڪا ڪري مڙسن جون وايون بتال ڪيئن ڪجن. جي اوچتو مٿان وار ٿئي تہ ڪيئن نانگ وانگر بل ڏيئي گتَ هٽي، گوهي ڏيئي ڏڪ گسائجي ۽ ڏڪ گسائيندي گسائيندي حملہ آور کي ڪيئن پاڇيل ڪرائي آڪرائجي تہ جيئن مڙس ڦهڪو وجي ڪري. اهي ڳالهيون سوچيندي ڪنڊن تان ڍنگهَرن تان ٽپندي اچي مينهن ڪاهي ويندڙ همراهہ کي ويجهي پهتي ۽ هڪل ڪري چيائينس: "بيهي رهو اتي. ڪير مڙس آهين؟ ڪنهن جي مينهن ڪاهيو پيو وڃين." همراهہ نوجوان هو. مڙس تي رت بہ هو. اصل ڳنڍيو پيو هو. خفتي هو. ڏينهن ڏٺي مينهن جو ڪاهيو پئي ويو. سو هن کي بہ پاڻ تي گهٽو ڪو گهمنڊ هو. بظاهر هٿين خالي هو. پر ور ۾ روالور لڳل هئس. گهاٽو جهنگ هو. اڪيلي نوجوان ۽

سنهڙي سيپڪڙي عورت جو ڏنائين تہ وات ۾ پاڻي پرجي آيس. بيهي رهيو. ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنائينس. حال هڪيو تہ رڳو چتايو منجهس نهاريندو رهيو ۽ نهاريندو ئي رهيو. ٿورو مينهن تاٿايو تہ رسي کي ڇڪ ڏنائين تہ مينهن بيهي رهي. وري بہ چاڳيءَ ڳالهايو: "تو ٻڌو ڪونہ. مون پڇيو تہ ڪير آهين؟ ڪنهن جي مينهن ڪاهي اٿئي؟" چاڳي مينهن ڏسندي ئي سڃاڻي ويئي هئي تہ سندن ڳوٺ جي ڪانہ هئي. سندن ڳوٺ ۾ هيون ئي ڪي ست اٺ مينهون. سي سڀ هوءَ سڃاڻندي هئي. پر وري بہ هوءَ پري کان ڊوڙي اچي ڪيس پهتي هئي. سو مڙيئي داهو ڏنائينس. پر همراهہ منجهائنس اڪ ڪانہ ڪڍي ۽ سندس اکين ۾ نهاريندي چيائين:

"تڪڙ ڪهڙي آهي. سڀ ڪجهہ ٻڌايان ٿو تہ مينهن ڪنهن جي آهي ۽ آءٌ ڪير آهيان. پر ٿورو ڏسڻ تہ ڏي. ڊوڙ ڪري ڏسڻ تہ ڏي. اکين جي اڄ اجهائڻ تہ ڏي. پهريون پيرو تہ ڪا پلوڙ شيءِ ڏسان پيو."

"اي زبان سنڀال پنهنجي. شرم نٿو اچيئي اهڙيون واهيات ڳالهيون ڪندي. تون ڇا ٿو سمجهين پاڻ کي. ايڏو ڪو ڏاڍو مڙس آهين ڇا؟" ائين چئي همراه جي ويسلائيءَ جو فائدو وٺي سُٽ ڏيئي همراه کان مينهن جو رسو ڦري ورتائين ۽ ٿورو پرپرو هٿي ڇيڻي ڪري بيهي رهي ۽ وري ڳالهايائين: "سڌو پڌو ٻڌائين ٿو خبرون يا ڪريان همراهن کي هڪل تہ ڦوندا ڦوندا ڪري ڇڏين ني."

"خبرون تہ توسان دل واريون ڪريان ها. پر تو جو همراهن جو دڙڪو ڏنو آهي تہ هاڻ تون پلي پنهنجن همراهن کي هڪل ڪر. جي همراه مون کان خبرون وٺي سگهيا تہ پلي وٺن. هينئر تہ رسو واپس ڪر مينهن جو. هونئن تہ تون شيءِ بروبر پلي ٿي ڏسجين." همراه ڇپ سان پنهنجو هينيون ڇپ ڇڻيندي چيو.

"پلا مڙس. هونهہ! ايڏو ڏاڍو مڙس آهين تہ پلا وٺي ڏس رسو مون کان تہ خبر پوني."

"واهہ جوان جي ڏيءَ! خير. آءٌ ڪڏهن بہ ڪنهن زائفان سان هٿين ڪونہ پيو آهيان. اهو منهنجي لاءِ عيب آهي. تنهنڪري ٿون ماڻ مٺيءَ ۾ مينهن منهنجي حوالي ڪر تہ پوءِ توکي خبرون بہ ٿو ٻڌايان ۽ توکان بہ خبرون ٿو پڇان. باقي همراهن جو دڙڪو وري نہ ڏجانءِ. سمجهي!" اُن همراهہ بنهہ بي ڊپائيءَ سان اُن عورت کي هڪ معمولي ڇوڪري سمجهي عام رواجي طرح چيو ۽ ٿورو اڳيان وڌي چاڳيءَ کان رسو وٺڻ لاءِ هٿ وڌايو. همراه جي خواب جو خيال ۾ بہ ڪونہ هو تہ هيءَ جيڪا سنهڙي سانوري ناهوڪڙي ملوڪڙي ڇوڪري سندس سامهون بيٺي آهي، سا ڪا خطرناڪ شيءِ بہ ٿي سگهي ٿي. سو هن جيئن ئي رسو وٺڻ لاءِ اڳيان هٿ ڊگهاريو. تيئن خبر ئي ڪانہ پيس تہ ڪيئن سندس وڌايل هٿ جي ڪرائيءَ

۾ چاڳيءَ جي هٿ جي گرفت مضبوط ٿي ۽ جهٽڪي سان ڇڪي اڳيان جو سٽيائينس ته همراه جا حوصلا خطا ٿي ويا ۽ هو پنهنجو توازن برقرار رکي نه سگهيو. جيئن ئي هو اڳيان ٽڙيو تيئن چاڳيءَ جي لوهه جهڙي مضبوط ٽنگ اڳيان ڦسڪڙي هنيس ته همراهه ڏوُ منهن ۾ اچي چاڳيءَ جي ڀرسان ڪريو. اجا هن پاڻ سنڀاليو ئي ڪونه، تيستائين چاڳي پٺن تي پير رکي بيهي رهي. پر ٻئي لمحي ئي همراه ڪاريهر نانگ وانگر بل ڏيئي اٿي بيهي رهيو. سندس اوچتو بل ڏيئي اٿڻ سان چاڳي به ڪرندي ڪرندي بچي. پر جيستائين هوءَ توازن قائم ڪري بيهي، تيستائين ٻه ٽي ٽيڙ ڪائي ويئي. سندس ڪهاڙي به هٿ مان ڪري پيئي. همراه جهٽ هٿي ڪهاڙي کڻي ورتي ۽ مينهن جو رسو به هٿ ڪري ورتو. همراه ڳالهايو:

"مون چيو نه ته ڪنهن زائفان سان هٿين پوڻ منهنجي لاءِ عيب آهي. تنهنڪري هي ڀرڪو توکي معاف آهي. پر وري اهڙي تڪڙ نه ڪج. متان نه مون کان هٿ کڄي وڃي ۽ آءٌ توتي هٿ کڻڻ نٿو گهران. سمجهيئه نه منهنجي ڳالهه. هاڻ ٻڌ منهنجون خبرون، "راڻو نالو آهيم. ٽي چار ڪوهه اڳيان آمريءَ واري ڳوٺ ۾ گهر آهيم. رات شڪار تي ويو هئس. شڪار دير سان لڳو. اجا به ٽي ڪوهه هليس ته ڏينهن ٿي ويو. تنهن ڪري لهي پيس ٻيلي ۾. هاڻ ٻيلو ئي ٻيلو وٺيو پيو وڃان. توسان ڪو ميلو لکيل هو سو مليا آهيون. ٻيو سارو خير. هاڻ تون پنهنجون خبرون ٻڌاءِ؟" راڻي ڏاڍي اشتياق سان چاڳيءَ ڏانهن گهوري نهاريو پئي ۽ چاڳي راڻي جي ٻي ڏپائي، ڦڙتائي ۽ جوانمرديءَ جي قائل ٿي چڪي هئي. پر ڪٽيل بازي پنهنجي هٿان ويندي ڏسي شرمساري ۽ ندامت کان سوڙهي سوڙهي ٽيڻ لڳي هئي. پر وري به چاڳي پنهنجي شڪست قبول ڪرڻ بدران ڪروڌ ڀري نظرن سان راڻي جي اکين سان اکيون ملائي گهوري رهي هئي. جوش، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي ڪري سندس بدن ۾ هلڪي رڦڻي پئي ٿي. نيٺ ڪاوڙ مان چيائينس:

"متان ڪنهن ڀل ۾ رهين. مون کي ڏسي منهنجي ڪهاڙي. هونهه، مڙس خبرون ٿو وٺي. خبرن وٺڻ لاءِ مهانڊا ڪپن."

"مهانڊو ته جهڙو آهيم سو ئي آهيم. پر ڪهاڙي موُر نه ڏيان ني. هيءَ تنهنجي سوڪڙي ساڻ ڪٽي ويندس. ساڪ سان جيءَ سان جوڙي رکندس. سياڻ رات ۽ ڀرينهن رات وٽم مزمان اچڻا آهن. سو ڪونه، باقي ورندي رات آڏيءَ ٽاٽي هن ساڳي ڀيٽيءَ تي منهنجو انتظار ڪج. آءٌ باهه جو دريا تانگهي به تو سوڌي پهتو ٿيندس. اهو منهنجو قول آهي توسان." راڻي مرڪندي چيو.

"اجايون ڳالهيون نه ڪر. مون کي منهنجي ڪهاڙي ڏي ۽ گس وٺ پنهنجو. اهو به ٿورو ٿي ڪريان ني جو وارٿن کي ڄاڻ ڪانه ٿي ڪريان، نه ته اتي ئي ڊير ٿيو پيو هجين ها. ڪهاڙي

ڏيئين ٿو يا؟“

چاڳيءَ جملو اڌ ۾ ڇڏي انتهائي غضبناڪ نگاهن سان راٿي کي گهوريندي چيو.

”نڪو. مور نہ ڏيان ني.“

”ڏس آخري پيرو ٿي چوان ني.“

”پلي ڪيتران پيرا بہ ڪٿي چئو.“

”تہ چئبو تہ توکي ڪٿي ڪٿيو بيٺي آهي.“ ايئن چئي چاڳيءَ اوچتو ڇلانگ ڏنو ۽ قلابازي کائي نڪاءُ لت ڪرايائينس ڪهاڙيءَ واري ٻانهن ۾. ڪهاڙي راٿي جي هٿ مان ڇڏائجي، پريان وڃي ڪري. ۽ پڻ ٻانهن مان نڪاءُ نڪري ويس. هو سور جي سَٽ کان ٻيڻو ٿيڻو ٿيڻ لڳو ۽ ٻئي هٿ سان ٻانهن کي جهلي ويهي وٽ ڪائيندو رهيو. ٻانهن جي هڏيءَ کي زورائتي چوٽ رسي هئي. بازيءَ پلٽو ڪاڏو ۽ چاڳي سوائي ٿي ويئي. هن ڪهاڙيءَ تي پنهنجي گرفت مضبوط ڪئي ۽ راٿي کي گهوريندي چيائين: ”هونهن! مڙس سوکڙي ٿو ڪٿي، سا بہ زوريءَ.“

راٿو سور کي پيئندو رهيو ۽ شديد تڪليف هوندي بہ منهن تي مرڪ آڻي چيائين:

”بروبر تون مڙس ماڻهو آهين. مجيوسين. تو ڪٽيو. مون هارايو. آڻ مجي جهڳڙا ختم. آءٌ بہ راتيون ڇڏي ورنديءَ رات ايندس. هن ئي پيٽي تي. ياد ڪج.“

”هاڻ نهيو نهيو. پنهنجو پلو گهرين تہ وري هن جُوءِ ڏانهن وک نہ ڪڍج. ٻڌايو ڇڏيان ٿي. متان سرِ رلي وڃي.“ ايئن چئي هوءَ اٿي هلي. ۽ راٿو رڳو حسرت وچان ڏانهس نهاريندو ئي رهجي ويو. جڏهن هوءَ وٽن ۾ غائب ٿيڻ لڳي هئي، تڏهن هڪ پيرو پٽيان نهاريائين. راٿو اجا تائين ساڳي حالت ۾ بيٺو ڏانهس نهاري رهيو هو. چاڳيءَ کي پوئتي نهاريندو ڏسي سندس همت وڌي ۽ وري بہ ٿورو وڏي آواز ۾ چيائينس:

”بہ راتيون ڇڏي ورندي رات. ساڳي پيٽيءَ تي، آڏيءَ ٽاٽي آءٌ ايندس.“

سهائي رات هئي. چنڊ گهاٽن وٽن مان لياڪا پائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ٻن ڪونين اڳيان وراندي جهڙي ڇاپري هيٺ ٽي ڪٽون پيل هيون. الهندي ڇيڙي تي چاڳيءَ جي ڪٽ پيل هئي. ڊگهن وٽن جي لڏندڙ لامن مان چانڊوڪي ڇٽي ڇاپري تائين پهچڻ جا جتن ڪري رهي هئي. ڪنهن ڪنهن مهل چنڊ جي چانڊاڻ سڌي طرح چاڳيءَ جي سانورين ماسيرين منٿن تي چاهت جون چميون ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو ٿي ويئي. هوءَ اڪيون ڪولي چنڊ جي اهڙي چلولائيءَ تي مرڪي رهي هئي. سندس اندر ٺري رهيو هو. ڪيتري دير تائين سندس دل ۽ دماغ ۾ جاري رهندڙ جهيڙي جي ڪري هوءَ منڌل هئي. ايتريقدر جو ننڊ بہ وٽانئس رسي ويئي هئي. هن جون اڪيون ڪليون پيون هيون. هر طرف جهنگلي جيوت جي سنهڙن سنهڙن چرڙائن کان سواءِ مڪمل

خاموشي ڇانيل هئي. آڏي رات جو سمو هو. هوءَ جيئن ئي هنڌ تي ليٽي هئي، تنهن مهل کان سندس دل ۽ دماغ ۾ جهيڙو متو پيو هو. هڪ پاسي راڻو هو ۽ ٻئي پاسي پاڻ. دماغ سندس نمائندگي ٿي ڪئي ته دل وري راڻي جي پاسي هئي.

"نه ڄاڻ نه سڄاڻ، آءٌ تنهنجو مهمان." سندس ذهن ۾ احتجاج اپريو.

"ڇري، ڄاڻ سڄاڻ به ته ڏسڻ ملڻ کان پوءِ ئي ٿيندي آهي نه." دل دليل ڏنو.

"پر اهو ڪهڙو طريقو آهي ته گس هلندي، ڏسڻ سان ئي پيو ڊائيون ٻڌي ۽ سوڪڙي گهري." ذهن ۾ ڪروڌ جاڳي.

"ڇاهڻ وارين دلين ۽ اکين لاءِ فاصلا پنهنجي اهميت وڃائي ويهندا آهن. هڪ نگاهه ئي زمانن ۽ مڪانن جون ديوارون ڊاهيو ڇڏي." دل مان صدا نڪتي.

"پر هن کي خبر ڪانهي ته آءٌ ڪنهن جي ڏيءَ آهيان. دلمراد ڏاڙيل جي ڏيءَ آهيان. ڪا مشڪريءَ جي ڳالهه ٿوروئي آهي." دماغ ۾ هٿ ۽ غرور ڪر ڪٽڻ لڳو.

"پر هو به ته ڏينهن ڏٺي جهنگ مان مينهن ڪاهيو پئي ويو. ڪجهه ته داڻا ڪٽا هن ۾ به ته ڏسجن پيا. ايئن صفا ويل ته هو به ڪونه ٿو ڏسجي." دل ورندي ڏني.

پر هن جي ايتري همت ڪيئن ٿي جو چوي پيو ته "شيءِ ته پلي آهين." دماغ احتجاج ڪيو.

"عشق مٿي جو ڦريل هوندو آهي. عشق مٿاهون ٿي ڳالهائيندو آهي. عشق ڪنهن کان ڊڄندو ڪونهي،" دل دليل ڏنو.

"هونهه، سمجهي الاجي ڇا ٿو پاڻ کي،" دماغ آڪڙ ڏيکاري.

"توتي چريو ٿي پيو آهي، ٻيو ڇا ٿو سمجهي پنهنجو پاڻ کي." ڇاڳيءَ جي دل ۾ چهنڊڙي پئجي ويئي ۽ سرير ۾ سيئاندڙو ڊوڙي ويو.

"اون هون. مون کو چيومانس ته مون تي چريو ٿي ڇا؟" دماغ هٿيار ڦٽا ڪرڻ لڳو.

"ڪير ڪنهن کي چوندو ٿوروئي آهي ته مون تي چريو ٿي،" دل چيو.

"پر گهٽ ۾ گهٽ مون ته...!" دماغ هارائي ويو.

"ڪير چوي يا نه چوي، چريا ڇاهڻ وارا ڪنهن کان پڇي ٿوروئي ڇاهت جون وکون ڪٽندا آهن. ڇاهت ته هڪ دلي جذبو آهي، جيڪو جبل مان پاٽمرادو اڀڪي نڪرندڙ پاڻي جي چشمي وانگر ماڻهوءَ جي من ۾ هيجان برپا ڪندو آهي. هن به توکي ڏسڻ شرط ئي پنهنجو سر تنهنجي قدمن ۾ رکي ڇڏيو آهي،" دل خوش ٿيندي چيو.

"پر... پر...." دماغ وڏيڪ کو دليل ڏيئي نه سگهيو ۽ دل ۾ خوشيءَ جي لهر هوريان هوريان ڇوليون ڇوليون ٿي اڳتي ۽ اڳتي پيش قدمي ڪري رهي هئي. مناس پري سرور جي

ڪيفيت ۾ سرشار ٿي هوءَ سندس ڳل چمندڙ چنڊ جي چانڊاڻ کان شرمائڻ لڳي. هن جي سيني جي اُڀارن ۾ اهڙي سرور جون ڪتڪتايون ٿيڻ لڳيون. جيڪا زندگيءَ جي انمول حاصلات هوندي آهي ۽ جنهن جي تصور ۾ ئي ماڻهو حياتيءَ تان هٿ کڻڻ لاءِ به تيار ٿي ويندو آهي.

چاڳي پڻ ڪجهه اهڙيءَ ئي ڪيفيت ۾ سرشار ٿي، اڻ ڇهيل پيار جي مستيءَ ۾ مدهوش ٿي پنهنجو پاڻ کان شرمائڻ لڳي. چنڊ جي ڪير جهڙي چاندنيءَ ۾ مرڪ سندس چپن تي "هو جمالو" ڳائڻ لڳي.

"ڪيئن وجان!؟" ڳچ دير کان پوءِ دل ئي دل ۾ پنهنجو پاڻ ٿي پڇيائين.

"وڃ. الا! ويچاري هلندي هلندي پئي چيو ته "آءٌ باهه جو درياهه تانگهي به تو تائين پهچندس."

"پر چون تا ته عشق ۽ مشڪ، خون ۽ ڪتوري ڪي لڪڻ لڪائڻ جون شيون ڪونهن. اڄ نه ته سياڻي ڳالهه ته ڪلي پوندي. پوءِ ابو ته ڏک ئي هڪڙو ڪندو. اصل ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيندو. پوءِ؟" وري به پنهنجو پاڻ کان پڇي ٿي.

"عشق ڪرڻ وارا سر جو سانگو ڪونه ڪندا آهن." پاڻ ئي جواب ڏي ٿي.

"پر هيءَ ته اکين ڏٺي موت کي ٿي دعوت ڏيئي. هروپرو ڪو ته مران." مرڻ کان بچاءُ جو دليل ڏنائين.

"ابو به ته امڙ کي پڇائي ڪٿي آيو هو. پاڻ ئي ته ٻڌايو هئائين ته هڪڙي ڏاڙي جي واردات دوران امڙ سندس سامهون اچي ويئي هئي. پاڻ ڳالهايو ته ڪجهه ڪونه هئائين، باقي سندس اکين جي گهور مون کي گهائي وڌو هو. مون پنهنجن همراهن کي حڪم ڪيو ته ڏاڙي ۾ هٿ آيل سڀ مال اتي ئي ڇڏي ڏيو ۽ سڀ خالي موٽي هلو. ڪير به ڪنهن کي ڏکوئي نه. سيني همراهن حڪم جي تعميل ڪئي ۽ پاڻ صرف امڙ ۾ نهاريندو رهيو. جيڏي مهل واپس ورياسين، ان ويلي مون ڪيس چيو ته جمعي جي رات توکي وٺڻ ايندس. تيار ٿي ويهج. ۽ پوءِ واعدي مطابق ابو امڙ کي ڪٿي آيو هو." پٽس جي عشق جو راز جواز طور پيش ڪيائين.

"اهو ضروري ته ڪونهي ته جي ابو عشق ۾ انڌو ٿي امڙ کي پڇائي ڪٿي آيو هو، تنهنڪري آءٌ به ڪنهن سان پڇي وجان." نه وڃڻ جو خيال مٿس حاوي ٿيڻ لڳو.

"پر وڃڻ ۽ ملڻ ۾ هرج ئي ڪهڙو آهي؟ ملي ڏسجي ته مڙس ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. مڙس به آهي يا مڙيئي ٽرڙو آهي." دل کي دلاسو آيس.

"هرج ڇو ڪونهي. جي ڪنهن ڏسي ورتو ته منهنجي ته زندگي برباد ٿي ويندي. آءٌ ته ري ڪنن مارجي ويندس. ڪاري ڪري ماري بي ڪفنو ئي دٻالٽ ڪري ڍڪي ڇڏيندا. جهڙي چتي ڪتي ماري ڇڏيائون. هرج ڪيئن

ڪونهي!“

”تہ پوءِ نہ وڃ. هٽيس ڪڏ ۾. پوءِ سوچئين ڇو پيئي؟“

”نہ وڃان! ها ها، نئي وڃان. ڪهڙو لاچار آهي! نهيو. ڪانہ تي وڃان. پر... پر...!“

”وري هيءَ پر پر ڇا جي؟ بس نئي وڃين، تہ نہ وڃ. پوءِ هيءَ پر... پر... ڇا جي؟“

”پر هي مون کي ڇا پيو ٿئي؟! هي من بي چين ڇو پيو ٿئي؟! هيءَ بي سکائي ڇو پئي ٿئي؟! هي... هي... هن جون اکيون آڏو ڇو پيون ڦرن؟ هي... هي... منهنجي بدن تي ماڪوڙيون ڇو پيون سرن؟ هي چيلانا ڪٿان آيا جيڪي منهنجي انگ انگ کي چهٽي پيا آهن؟ هي من ماندو ڇو پيو ٿئي؟ شايد... شايد هو مون ۾ واسو ڪري ويو آهي! پر خير، ڪيئن بہ هجي! آءٌ پنهنجي دل خوش ڪرڻ ڪاڻ ايتري ٽرڙي ڪانہ ٿيندس.“

”تہ پوءِ هيئن ڪر.“

”ڪيئن ڪريان؟“

”ابي سان سچي سچي ڳالهہ ڪر. جيڪا جيتري آهي. جيئن آهي.“

”پر ابو ايتري ڳالهہ تي اعتبار ڪندو؟!“

”پلي نہ ڪري. پلي ماري ڇڏي. پر ضمير تہ مطمئن هوندو تہ مون ڪو گناهہ نہ ڪيو آهي.“

”ها، ايئن تہ آهي. ايئن تہ آهي.“

”تہ پوءِ جهجهي گهڻ مڻ نہ ڪر. سيان رات راڻو ايندو. صبح سان ئي ابي سان سارو احوال ڪري ڇڏ. پوءِ سندس مرضي. ڪيئن، نيڪ آهي نہ!“

”ها، نيڪ آهي.“

چنبہ لڙي چڪو هو. وڻن جي لامن مان چاندانڻ هٿوراڙيون هڻي رهي هئي. گهاٽو ونءَ آڏو اچڻ ڪري چنبہ جي سڏي پهچ رُڪجي ويئي هئي. چنبہ ڪتڪتايون ڪرڻ ڇڏي ڏنيون هيون. سندس سرير سانتيڪو ٿي چڪو هو. هن هڪ ڊگهي اوباسي ڏني ۽ پاسو ورائي پنهنجي ٻانهن جو گداز ڏوڙو پنهنجي پرتو مٿ مٿان رکي سمهي پيئي.

چاڳي اڄ اڳوٽي جي پيٽ ۾ ٿورو سوير پرو اٿي هئي. پڻس ڪٽ تي ئي ويٺو هو. ماڻس مکڻ ۾ ڳاڙهن چانورن جي اٿي جي اڦراٿي ماني گهڙي، چڱو خاصو مکڻ جو چاڻو مانيءَ تي رکي، گهاٽي جهڻ جو شاهوڙ ڪرشو پري اچي اڳيان رکيو هئس. دلمراد اجا بہ ٽي گراهہ مس کنيا هئا جو چاڳي اکيون مهٽي اٿي ويٺي.“

”ابي کي چوان، اڄ بابو منهنجو سوير اٿيو آهي.“ پڻس ٺري پيو. ”مون سان گڏ مکڻ ماني کائيندو بابو منهنجو!“ دلمراد ڏيءَ تان قربان ٿيندي چيو.

”نہ ابا، ماني تہ پوءِ کائيندس. پر توسان هڪڙي ڳالهہ ڪرڻي آهي.“ چاڳي پهريائين ٿورو هٻڪي، پر پوءِ دل جهلي پنهنجي تمام گهڻو پائيندڙ پيءُ سان اعتماد سان ڳالهائڻ لڳي.

"چئو بابا منهنجا، ڪهڙي ڳالهه آهي؟ خير تہ آهي نہ؟"

"ها ابا، آهي تہ خير، پر...."

"چئو پٽ، ڇا ڳالهه آهي. هيڪين ڇو پيئي؟"

پوءِ ڇاڳيءَ سڄي ڳالهه سربستي ڪري، جيئن هئي تيئن ٻڌائي. دلمراد ڳالهه ٻڌي ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو. جڏهن ماڻ جا جبل ڀاري ٿي دم گهٽڻ لڳا، تڏهن پٽس آهستي آهستي ڪنڌ مٿي ڪٽي ڇاڳيءَ ۾ نهاريو ۽ ڪجھ دير تائين منجهس نهاريندو ئي رهيو. توڙي جو ڇاڳي پٽس جي نگاهن سان نگاهون ملائڻ جي جرئت ڪانہ ڪري پئي سگهي ۽ نظرون هيٺ ڪري ٿي ڇڏيائين. پر رکي رکي جو پٽس ۾ نهاريائين ٿي تہ لڳو پئي تہ پٽس يڪو ڪيس گهوري رهيو هو. مانيءَ جو گراهه هٿ ۾ ئي هئس. جيتوڻيڪ ڇاڳيءَ کو گناهه ڪونہ ڪيو هو، پر پوءِ بہ مرد جي ذات، پٽس الاجي ڪهڙو فيصلو ڪري! اهو سوچي هوءَ فڪرمند پئي ٿي. ۽ پوءِ نَيٺ پٽس هٿ وارو گراهه وات ۾ وڌو ۽ وري آقراتي مانيءَ جو وڏو گراهه پيچي. مکڻ ۾ مکولي، وٺي سٽي ڪٽي وات ۾ وڌو ۽ بہ ٽي چاٻا ڏيئي، منهن تي مرڪ آڻي نرم لهجي ۾ چيو "پوءِ ڇاڳل بابا منهنجي جو ڪهڙو خيال آهي؟"

"ابا، مون تہ جيڪا ڳالهه هئي، سا جيئن جو تيئن توکي ٻڌائي. هاڻي تنهنجي مرضي."

"تہ بس، منهنجي اها مرضي آهي تہ تون اڄ هلي مون کي اٿا پيٽي ڏيکاري اچ. سانجهيءَ آڏيءَ رات ٽاٽي اسين بہ همراهه گڏجي ويندا سين ۽ راڻي جون ٻوٽيون ٻوٽيون ڪري انهيءَ پڏي ۾ ڍڪي ايندا سين. بس ڳالهه ختم." دلمراد روئشي خاطر اها ڳالهه ڪري ڇاڳل جي منهن ۾ نهارڻ لڳو تہ جيئن ڇاڳل جو ردعمل ڏسي سگهي.

"پر ابا...." ڇاڳل جو منهن لهي ويو ۽ سڄي هيسجي ويئي.

"پر ڇا بابا؟" دلمراد گهوري ڇاڳل ۾ نهاريو.

"پر ابا، راڻي ايڏو وڏو ڏوهه تہ ڪونہ ڪيو آهي جو مرڳو ڪيس خون ڪري ڇڏجي!"

"هيئن شاباش. هاڻ دل جي ڳالهه اچي ويئي نہ زبان تي بابا جي. تہ چئبو تہ بابا منهنجي کي بہ راڻو وڻيو آهي، ايئن نہ!" دلمراد خوش دليءَ سان چيو. هو دلير جوانن جو دل سان قدر ڪندڙ هو. ڇاڳل شرمائي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ آهستي آهستي چيائين "ابا، آءٌ سمجهان ٿي تہ منجهس مڙس ماڻهو وارا لڇڻ آهن. وري بہ... وري بہ..." ڇاڳل ڳالهه اڌ ۾ ئي ڇڏي ڏني.

"ٺيڪ آهي پٽ، تون فڪر نہ ڪر. هاڻ آءٌ ڇاڻان منهنجو ڪم ڇاڻي."

نرتن نوشاد

ويهن ورهين جو هڪ خواب

رياست جا سيئي ٿنيا، بالادستيءَ لاءِ پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن. مخصوص سياسي خاندانن، پارليامينٽ کي پنهنجي جاگير بڻائي ڇڏيو آهي. عوام جي اڪثريت اڻ پڙهيل ۽ بکايل آهي، ڪين صرف ووٽ ڏيڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ سيڪاريو ويو آهي. بيوروڪريٽن جي سوچ بہ حاڪماڻي آهي. اهي پاڻ کي معاشري جي ڪريم سمجهن ٿا. سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ان ڪريم مان ڪوبہ سقراط يا اولاطون پيدا ڇو نٿو ٿئي؟ اڳ ۾ گورو سڏيءَ ريت راڄ ڪندو هو ۽ هاڻ اڻ سڏيءَ ريت. نتيجو ڇا؟ غلاميءَ جي بدترين شڪل...

تون دفترن ۾ وڃي انهن جا اڇا ڪارا پڌرا ڪري اسان جي آڏو رک....!

"ان شام اسان سڀ حاضرين مئريٽ هوٽل جي هڪ ڪمري ۾ شهري تنظيم پاران سڏايل هڪ سيمينار ۾ شريڪ ٿيا هئاسين. سيمينار جو موضوع هو "ويهن ورهين جو هڪ خواب"، جنهن مطابق اسان جو شهر خوبصورتي ۽ منصوبابندي جي حوالي سان ويهن سالن اندر دنيا جي اهم ترين شهرن مان هڪ هوندو.

ان ڏينهن صبح جو سوير رسالي جي ايڊيٽر مون کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي ورتو. منهنجي هٿن ۾

دعوتنامو پڪڙائيندي هن تاڪيد ڪئي ته ان سيمينار ۾ شرڪت ڪري تفصيلي رپورٽ ترتيب ڏيان. هونئن به رپورٽنگ ڪرڻ ۾ منهنجي ساڪ هئي. منهنجي هڪ رپورٽ تي هڪ پيرو رسالي بند ٿيڻ جو خدشو ٿي پيو هو، ۽ مان جيل ۾ لاڪ اپ ٿيڻ وارو هئس. مشڪل سان پنهنجي جان ته آزاد ڪرايم، پر مون کي هڪ سبق ضرور ملي ويو. واقعي ڪان پوءِ لکڻين ۾ اڪثر محتاط ٿي پيو هئس. تلخ ۽ ڪڙي سچ کي بيان ڪرڻ لاءِ ڳجهن اشارن جو سهارو وٺڻ لڳس. ڇا به ٿي پوي، پر سچ کي ڪڏهن به نه لڪائيندو آهيان. خير، مون سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ جي حامي ڀري ۽ مقرر وقت تي اتي پهچي ويس.

ڪلهي ۾ ننڍو ٿيلهو لٽڪائي سيمينار واري ڪمري ۾ داخل ٿيس ته اڪثر وينلن جون نظرون مون ڏي ڪهيون. هڪ اٽينڊنٽ پاسي ۾ اچي مون کان تعارف پڇيو. مون ڏيمي آواز ۾ ڪيس پنهنجو نالو ۽ رسالي جي باري ۾ ٻڌايو. هن مون کي هڪ سيٽ تي ويهڻ لاءِ اشارو ڪيو، جتي رسالي جي نالي جو ٽئگ اڳواٽ ئي رکيل هو. مون ٿيلهي مان پين ۽ پئڊ ڪڍي ان کي ميز تي رکيو. منرل واٽر جي بوتل مان پاڻي ڪڍي پيتو ۽ ڪمري جي وايومنڊل تي هڪ سرسري نظر ڦيرايم.

ان تقريب ۾ منهنجي نظر وڏين وڏين قدآور شخصيتن تي پئي. انهن ۾ سياستدانن، بيوروڪريٽن، ريٽائرڊ فوجي آفيسرن، وڪيل حضرات، ميڊيا رپورٽرز وغيره سميت هر طبقي جا فرد شامل هئا. اتي عورتون به وڏي تعداد ۾ موجود هيون، جيڪي ماڊرن لباس ۾ وڏيڪ "ماڊرن" لڳي رهيون هيون. مردن لاءِ اهي اکين جو ٺار هيون. ڪائنات جي مالڪ اسان کي اکيون ڏئي اهڙن نظارن پسڻ کان محروم ناهي رکيو! ان وقت چند سيٽون اڃا به خالي هيون، جيڪي گذرندڙ لمحن سان والارجي پي ويون. ٻه نوجوان ڪئميرائن ذريعي مووي پرڻ سان گڏوگڏ مختلف مفاصلن تان تصويرون پڻ ڪڍي رهيا هئا. ڪجهه ئي گهڙين کان پوءِ، ميزبان ڊائس تي آيو. هن جي منڙي آواز اسان سيني کي هن جي طرف متوجه ڪيو.

"خواتين و حضرات" ميزبان تقريب جي شروعات ڪندي ڳالهايو، "هاڻي اسان پنهنجي تقريب جو باقاعده آغاز ڪريون ٿا. سڀ کان پهرين قرآن پاڪ جي تلاوت لاءِ قاري اسد الله کي گذارش ڪندس ته هو ڊائيس تي اچي. قاري اسد الله قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي. ڪمري ۾ ڪجهه گهڙين لاءِ سانت ڇانئجي وئي.

"هاڻي،" ميزبان قرآن پاڪ جي تلاوت ختم ٿيڻ کان پوءِ ڊائيس تي اچي وراڻيو، "مان محترمه شيرين کي دعوت ڏيندس ته هوءَ اسان کي نعت شريف ٻڌائي."

شيرين پنهنجي سريلي آواز ۾ نعت پيش ڪيو. هن مٿي تي رئو رکي ڇڏيو هو. منهنجون نظرون هن جي

ٻانهن ڏي ويون، جيڪي ڪپڙي جي ٽڪري کان آجيون هيون. ميڪ اپ بہ تازو ئي بيوٽي پارلر مان ڪرايل محسوس پئي ٿيو.

"خواتين و حضرات"، ميزبان هڪ ڀيرو ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو، "هن تقريب جي شروعات الله تبارڪ و تعاليٰ جي بابرڪت پاڪ نالي سان ٿي چڪي آهي... اسان ۽ اوهان سڀ هن شهر جا شهري آهيون. هي شهر اسان جو ورثو آهي، جنهن جي تاريخ ڍڳهي ۽ پراڻي آهي. افسوس جو مقام آهي تہ اسان هڪ سٺو شهزي هجڻ جو حق ادا نہ ڪيو آهي. شهر جي حالت اسان جي آڏو آهي. ان جا مسئلا اسان جا مسئلا آهن. انهيءَ ڪري اسان هن تنظيم جا بنياد وجهي قدم وڌايو آهي، جنهن لاءِ اوهان ڀائرن جي تعاون ۽ ساٿ جي ضرورت آهي. اسان ڄاڻون ٿا تہ هر شهري هن شهر جي خدمت ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ چاهي ٿو. ان ڳالهہ جو اسان کي احساس آهي. مسئلو اهو آهي تہ هرڪنهن کي ان ڪم لاءِ پليٽ فارم گهرجي. هر شخص جي خواهش آهي تہ هن جي اردگرد جو ماحول پرسڪون هجي. اسان بہ اهو چاهيون ٿا. اسان جي بہ اها دلي تمنا ۽ آرزو آهي. ان لاءِ اسان اوهان کي پليٽ فارم مهيا ڪريون ٿا. "شهري تنظيم" جو پليٽ فارم، جيڪو توهان ۽ اسان لاءِ عارف صاحب مهيا ڪيو آهي. اچو تہ هٿ ۾ هٿ ڏئي ان مقصد جي تڪميل ۽ حاصلات لاءِ جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪريون."

ميزبان کي ساعتون خاموش ٿي ويو. هن اسان جهڙن فقيرن ڏي هڪ نظر ڊوڙائي. مان هن کي تڪڻ لڳس.

"خواتين و حضرات"، ميزبان جو آواز ٻيهر ڪنن ۾ گونجڻ لڳو، "اسان چاهيون ٿا تہ اوهان اسان سان گڏجي ان خواب جي تڪميل لاءِ اڳتي اچو، جيڪو خواب عارف صاحب ڏٺو آهي. ان خواب جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ هن شهر جا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. هر شهري خوش ۽ آسوده رهندو جڏهن تہ ايندڙ نسل اسان کي ياد ڪري پيو دعائون ڏيندو!... عارف صاحب آمريڪا جي زندگي کي ترڪ ڪري هتي اسان وٽ آيو آهي. هو باقي زندگي هن شهر جي خدمت ڪرڻ چاهي ٿو. هن جو ننڍپڻ هتي گذريو. وڏيڪ تعليم لاءِ هو فارين ويو. هن ڪيترن ئي ملڪن جو دورو ڪيو ۽ نالو ڪمايو. هن پنهنجي سڄي ڄمار سچ ۽ حق لاءِ پٽوڙيو آهي. هن هاڻي "شهري تنظيم" جو بنياد وڌو آهي. جنهن جو مقصد شهر جي فلاح ۽ بهبود لاءِ سڀني شهرين کي پاڻ سان گڏائي جدوجهد ڪرڻي آهي. هن جو اهو مقصد ساراهہ لائق آهي. اچو تہ اسان سڀ گڏجي، تاڙيون وڄائي هن جي ان سوچ جي همت افزائي ڪندي دل جي گهراين سان داد ڏيون."

هال ۾ ڪافي دير تائين تاڙين جا ڦهڪا ٿيندا رهيا، نہ ڄاڻ ڇو مون بہ ٻين وانگر تاڙيون وڄائڻ شروع ڪري

ڏنيون.

"خواتين و حضرات،" ميزبان چپن تي هلڪڙي مسڪراهٽ پکيڙيندي چيو، "ان کان اڳ جو مان عارف صاحب کي دعوت ڏيان ته هو پنهنجو خواب پيش ڪري، اهو ٻڌائڻ مناسب ٿو سمجهان ته هن تقريب جون ٻه نشستون آهن. پهرين نشست ۾ عارف صاحب اوهان کي پنهنجو خواب ٻڌائيندو، جنهن کان پوءِ ان تنظيم جا مرڪزي عهديدار اوهان کي مخاطب ٿيندا. ٻي نشست ۾ بحث مباحثو ٿيندو، جنهن ۾ اوهان جي تجويزن ۽ مشورن کي تنظيم جي پروگرام ۾ شامل ڪيو ويندو. بحث مباحثي ۾ تنظيم اوهان جي پاران اٿاريل سوالن جا جواب به ڏيندي. آخر ۾ ريفريشمينٽ ٿيندي.... هاڻي مان عارف صاحب کي گذارش ڪندس ته هو ڊائيس تي اچي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري."

عارف تاڙين جي گونج ۾ ڊائيس تي آيو. هو سفاري سوٽ ۾ ملبوس پوڙهو شخص هو. هن جي عمر پنجاهه سالن کان مٿي هئي. هن جا وار، پرون ۽ مڇون مڪمل اڇيون هيون. هو قد جو پورو پنو، فيئر ڪلر، چهرو وڏو ۽ پريل، نڪ چتونءَ جهڙو ۽ اکيون وڏيون هئس. هن جي شخصيت ۾ هڪ قسم جو رعب هو. چند ماڻهو هن جي احترام ۾ پنهنجين سيٽن تان اٿي ڪڙا ٿيا.

"مان ڪوشش ڪندس" عارف هڪ هڪ لفظ چٻائي ڳالهائڻ لڳو، "ته اوهان جو گهڻو وقت نه وٺان. مقصد واري ڳالهه ڪريان، جيڪا ٿورن لفظن ۾ اوهان کي سمجهه ۾ اچي وڃي. اوهان جي اڳيان هڪ واضح خاڪو ايري نروار ٿئي. اسان هن صديءَ ۾ به انسانن واري نه پر جانورن واري زندگي گهاري رهيا آهيون. دنيا ڏينهون ڏينهن اڳتي پئي وڃي. ترقيءَ جون نيون منزلون ۽ رستا پئي طئ ڪري. ان جي برعڪس، اسان تنزلي طرف ڌڪجي رهيا آهيون. اسان کي پنهنجي زندگي جو اسٽائيل ۽ طريقءَ ڪار بدلائڻو پوندو. موجوده اسٽيٽس کي ختم ڪرڻ لاءِ اڻ ٽڪ جنگ وڙهڻي پوندي. ان صورت ۾ ئي اسان ڪامياب ۽ سرخرو ٿي سگهنداسين."

عارف تقرير ڪرڻ سان گڏوگڏ پروجيڪٽر جي مدد سان سلائيڊن ذريعي اسان کي دنيا جي مختلف شهرن جون خوبصورت جايون ڏيکاري انهن جي منصوبابندي بابت بريفنگ ڏئي رهيو هو. تصويرن ۾ گندي پاڻي جي نيڪالي جا سسٽم، فول پروف ٽرئفڪ جو نظام، ٻاڦ پاڻي جا فلٽر پلانٽ، ماحولياتي آلودگي کان بچڻ جا طريقا، سيڪيورٽي نظام وغيره ڏيکاريا ويا. اسان لاءِ اهي تصويرون ۽ ڳالهيون نيون ۽ حيرت جو باعث هيون. اسان کي محسوس ٿي رهيو هو ته ترقي يافته ملڪن جا ماڻهو واقعي به زندگي گذارڻ جو فن ڄاڻن ٿا. اسان جهڙن کي ته بس زندگي گهاري رهي آهي.

"منهنجا دوستو ۽ عزيزو،"

عارف صاحب ڳالهائي رهيو هو، "اسان جي دلي تمنا آهي تہ هيءُ اسان جو شهر بہ انهن شهرن جيان مثالي هجي. رستا ويڪرا ۽ ڪشاده هئڻ گهرجن. ٽرئيفڪ پرابلم پيدا نہ ٿئي. ليندڙ مافيا جو علائقن تي قبضو نہ هجي. پيئڻ لاءِ صاف پاڻي، تن ڍڪڻ لاءِ اڇو اجرو ڪپڙو ۽ منهن لڪائڻ لاءِ اجهو هئڻ ڪپي. ماحولياتي آلودگي تي ڪنٽرول هئڻ گهرجي. گندي پاڻي ۽ برسات جي پاڻي جي نيڪالي جو سسٽم مؤثر انداز ۾ ڪم ڪري. سيڪيورٽي سسٽم جو اعليٰ بندوبست هجي. چورين ۽ ڦرن جو نالو نشان بہ نہ هجي. قانون جي پيڪڙي ڪير بہ نہ ڪري، شهر ۾ خوبصورت پارڪ، ڦوهارا، مينار ۽ راندين جا ميدان هئڻ گهرجن. ڪوڙ ساريون تفريحي جايون هئڻ ڪپن. بس، هر اها شيءِ ۽ خوبصورتي اسان جي هن شهر ۾ هجي، جيڪا هن شهر کي ٻين شهرن کان مثالي ۽ آئيڊيل بڻائي. هڪ پيرو جيڪو هن شهر ۾ داخل ٿئي، اهو وري واپس وڃڻ جو نالو نہ وٺي. جي اوهان جو تعاون ۽ ساٿ رهيو تہ اسان ان مقصد ۾ انشاءالله ڪامياب ٿي ويندا سين!"

هو ڪي ساعتون چپ ٿي ويو. هال ۾ بہ خاموشي ڇانيل رهي.

"ان لاءِ مون وٽ هڪ پلان آهي،" عارف پنهنجو منصوبو ظاهر ڪندي چوڻ لڳو، "جنهن جا چار حصا آهن. نمبر ون تہ ڪوبہ شخص قانون کان مٿي نہ هجي ۽ ملڪ اندر هڪ جائز قانوني حڪومت هئڻ ڪپي. نمبر ٽو تہ اهڙو تعليمي سرشتو قائم ڪجي، جنهن تي برابريءَ جي بنيادن تي هرڪنهن جي رسائي هجي. ماڻهن ۾ سوچ جو مادو پيدا ٿئي ۽ هو شهر جي فلاح ۽ بهبود لاءِ اڳتي اچن. نمبر ٽري تہ آبادي منجهہ مذهب، نسل، رنگ، قوميت وغيره جي بنيادن تي ڪي بہ ويڇا نہ هجن. ڪير بہ ڪنهن سان نفرت نہ ڪري، برداشت ۽ حوصلو هئڻ ڪپي، پيار، سڪون، شانتي ۽ امن. هن شهر جا خاص جزا هجن. نمبر فور ۽ لاسٽ تہ ٽن اهم بنيادي جزن يا ڪردارن وچ ۾ تعاون ۽ هم آهنگي جي فضا جنم وٺي ۽ اهي جزا آهن..... سياستدان، منصوبابندي ڪندڙ ۽ عوام. اهي چار حصا منهنجي خواب ۾ شامل آهن. ٿي سگهي ٿو تہ ان ۾ واڌارن يا ترميمن جي ضرورت هجي. انهيءَ لاءِ اوهان سڀني ڀائرن کي دل جي گهراين سان ڪوٽ ڏجي ٿي تہ پنهنجا نيڪ مشورا ۽ تجويزون سامهون آڻين. آخر ۾ اوهان سڀني کي التجا ڪندس تہ شهر کي خوبصورت ۽ آئيڊيل بڻائڻ لاءِ اسان جي تنظيم سان لهہ وچڙ ۾ اچو تہ جيئن هن شهر کي جنت بڻائي سگهجي."

عارف اهو چئي ڊائيس تي رکيل پاڻي جو گلاس کنيو ۽ پاڻي پيتو.

"ان خواب جي تڪميل لاءِ" عارف تقرير کي پڇاڻي تي پهچائيندي چيو، "مون ويهن سالن جو عرصو منتخب ڪيو آهي. ان عرصي تائين اسان سڀني کي اڻ تڪ جدوجهد ڪرڻي

پوندي تڏهن ئي لاءِ حاصل ٿيندو. جيئن هڪ وڻ کي ميوو ڏيڻ لاءِ هڪ وقت گهربل هوندوآهي، ساڳيءَ ريت مون بہ ان خواب لاءِ اهو وقت مقرر ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ ان ڪم لاءِ ايترو پيرڊ جو تعين ڪرڻ هڪ جائز ۽ صحيح قدم آهي. اسان کي ويهن سالن تائين مستقل مزاجي کان ڪم وٺي ان خواب کي سچ ثابت ڪري ڏيکارڻو پوندو.“

عارف تقرير ختم ڪري وڃي پنهنجي نشست سنبالي هن جي چيل خاص جملن کي مان پنهنجي قلم وسيلي ڪاغذ تي لاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هئس. لکڻ دوران مان اردگرد جي ماحول تي بہ نظرون رکيو ويٺو هئس. مون محسوس ڪيو تہ هڪ دلڪش حسينہ مون کي مسلسل تڪي رهي هئي. مان بہ هن جي مقناطيسي ڇڪ ۾ قابو ٿيڻ لڳس. هن جي پاسي واري سيٽ جڏهن خالي ٿي تہ مون پنهنجي سيٽ کي ڇڏي اها سيٽ والارڻ ۾ دير نہ ڪئي. مون تيزي جو مظاهرو ڏيکاريو. حسينہ مسڪرائڻ کان رهي نہ سگهي. هن معنيٰ خيز نگاهن سان پلڪ جهپڪ لاءِ مون کي گهوريو. مون کيس ”هيلو“ ڪيو ۽ هن بہ ڪلي موٽ ڏني. هن جي جسم مان نڪرندڙ عطر جي خوشبو مون کي معطر ڪري رهي هئي. هن جي صحت مان هن جي خوشحالي جواندازو ٿي رهيو هو!

”توهان سڀني“ ميزبان ڊائيس تان ڳالهائڻ لڳو. ”عارف صاحب جو خواب ٻڌو. يقينن ان خواب کان اوهان محفوظ ٿيا هوندؤ. هاڻي مان سنبرين صاحب کي دعوت ڏيندس تہ هوءَ آرگنائيزيشن بابت اوهان کي آگاهي ڏي.“

منهنجي پاسي ۾ ويٺل دلڪش حسينہ سيٽ تان اٿي ڊائيس طرف وڃڻ لڳي. مون سيٽ تان اٿي ڪيس اتي وڃڻ ۾ آساني پيدا ڪئي. هوءَ ٽئنڪس چئي اڳتي رواني ٿي. مون کي حيرت ٿي تہ هوءَ ان تنظيم جي سرواٿن مان خاص هئي!

”اسان تازوئي هن تنظيم جو بنياد وڌو آهي.“ سنبرين پنهنجي منڙي آواز ۾ اسان جون دليون کڻيندي اظهار ڪرڻ لڳي. ”مان هن آرگنائيزيشن جي چيف ڪوآرڊينيٽر آهيان. عارف صاحب ان جا چيئرمين آهن. مسٽر خليل صاحب ان جو ڊائريڪٽر آهي. جيڪو جلد ئي اوهان جي آڏو مخاطب ٿيندو. انجم شهزاد مرڪزي ڪو آرڊينيٽر آهي. انهن سڀني اهم عهديدارن ٻاهرين ملڪن مان ڊگريون حاصل ڪيون آهن. ڪين ڪيترن ئي ادارن اعزازي ڊگريون پڻ عطا ڪيون آهن. انهن سڀني جو واسطو هن شهر سان رهيو آهي. ننڍپڻ هتي گذريو آهي. اسان سڀني جو مقصد هڪڙو ئي آهي ۽ اهو آهي انسان ذات جي خدمت ڪرڻ، پوءِ پل اٿا ڪهڙي بہ سطح تي هجي. موجوده وقت ۾ اسان هن شهر جي خدمت ڪرڻ لاءِ هتي آيا آهيون. اسان جو مقصد هڪ اهڙي شهر جي تعمير ڪرڻ آهي، جتي پيار، امن ۽ خوشحالي جو دؤر هجي. ان لاءِ اسان

ڪي اوهان جي ساٿ جي سخت ضرورت آهي. هن تنظيم ٿوري عرصي اندر ڪيترائي ٻانهن ٻيلي ۽ والنٽيئر تيار ڪري ورتا آهن. هن سيمينار جي ختم ٿيڻ کان پوءِ اوهان مان جيڪو به والنٽيئر طور ڪم ڪرڻ چاهي ٿو، اُهو پنهنجو نالو خليل صاحب وٽ لکرائي. چڱو، سدائين ساٿ سلامت!"

هن مختصر تقرير ڪئي. ڊائيس تان واپسي مهل هوءَ پنهنجي نشست تي ويهڻ جي بدران وڃي عارف صاحب جي پاسي ۾ خالي پيل سيٽ تي ويٺي. ان ڳالهه ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ڪندس ته اسان ٻنهي جون نظرون اڃا به پاڻ ۾ ٽڪرائجي رهيون هيون!

سنبرين جي تقرير کان پوءِ خليل گرافڪس وسيلي ماحولياتي آلودگي جو نقشو ڇڪيو. هو ٻڌائي رهيو هو ته آلودگي سبب زميني ذريعا ڏينهون ڏينهن پنهنجي افاديت وڃائي رهيا آهن ۽ آبادي جي واڌ سبب ان ۾ گهٽتائي جي بدران اضافو ٿي رهيو هو. هن جو خيال هوته جي انسانذات اندر سڃاڻي پيدا نه ٿي ته دنيا جا سمورا جيو پنهنجي زندگي جي سائيڪل گهٽ مدت ۾ ختم ڪري ويهندا. عمر جو اهو مدار هر روز گهٽجي پيو. ايندڙ نسل ۽ جيوت کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هينئر کان ئي جدوجهد ڪرڻي پوندي.

ان وقت ئي مون کي ڪنگهه جو دورو پيو. سڀ حاضرين مون ڏي متوجه ٿيا. ڪي ته شڪليون بچڙيون ڪري ڏسڻ لڳا. ڪنگهه به هڪ پيرو شروع ٿي ته وري بس ٿيڻ جو نالو ئي نه وٺي رهي هئي! ميزبان مون ڏي وڏيو، پاڻيءَ جو گلاس ڀري ڏنائين ۽ مشڪل سان وڃي ڪنگهه تي ضابطو ٿيو. ائين پي لڳو جڻ مون ماحولياتي آلودگي ۾ اضافو ڪري ورتو هو!

خليل جي ليڪچر کان سُٽت ئي پوءِ، انجم شهزاد ڊائيس تي آيو. هو سلائيڊس ذريعي اسان کي شهر جا مختلف روپ ڏيکارڻ لڳو جيڪي انتظاميه جي نااهلي سبب متاثر ٿيا هئا. اسان جي اڳيان هاڻي شهر جو هڪ ڀيانڪ تصور سامهون آيو.

"هاڻي ٻي نشست جو آغاز ڪجي ٿو"، ميزبان ڊائيس تي وڏي آواز ۾ ڳالهائڻ لڳو، "جيڪو به ڳالهائڻ چاهيندو، اُهو پهرين هٿ مٿي ڪندو، ڪيس مائيڪ ڏنو ويندو. هر شخص پنهنجي ڳالهه ٿورن لفظن ۾ بيان ڪري. ڳالهه مقصد واري هجڻ گهرجي. اجائي تنقيد ۽ نگيٽواز ۾ ڪان پاسو ڪرڻ ڪپي. اسان اوهان جي سڻن ۽ تعميري مشورن کي دل سان ويلڪم ڪنداسين. اوهان هن فورم تان پنهنجو اظهار ڀرپور نموني ڪريو." هر ماڻهو هٿ مٿي ڪٽي مائيڪ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

"مان"، هڪ ريٽائرڊ پوڙهي فوجي آفيسر مائيڪ سنڀاليندي پنهنجي ڳالهه بيان ڪرڻ لڳو، "عارف صاحب جي پروگرام ۽ خواب سان اتفاق ٿو ڪريان. اهو خواب عمل ۾ اچي ئي نه ٿو سگهي. زندگي جو

مشاهدو مون کي سمجهائي ٿو تہ ان کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪابہ سچي جدوجهد نہ ٿيندي ۽ خواب هڪ خواب بڻجي ئي رهجي ويندو!“

”مهرباني ڪري“ ميزبان ڊائيس تان ورندي ڏني، ”مايوسي جون ڳالهيون نہ ڪريو! هونئن بہ اسلام ۾ مايوسي ڪفر آهي.“

”پلا اهو خواب ڏينهن جو ڏٺو ويو؟“ هڪ ٻي شخص طنزيہ وراڻيو، ”ان کي علامہ اقبال جي خواب سان تشبيهہ ڏئي سگهجي ٿي؟“

”اهو اهو خواب ناهي جيڪو نند دوران ڏٺو وڃي،“ عارف صاحب پنهنجي سيٽ تان ورندي ڏني، ”۽ نہ ئي وري ان کي اوپر جي شاعر سان پيٽجي سگهجي ٿو.“

”جي اهو خواب ناهي“ هڪ وڏي عمر جي صحافي عورت ڳالهايو، ”تہ پوءِ ان کي خواب جو نالو ڇو ٿو ڏنو وڃي؟ اسان جي قوم هونئن بہ خواب لهڻ ئي ڇاڻي! اڳ ۾ تہ راتَ جو خواب لهڻ ٻڌاسين، پر هاڻي اهي ڏينهن جو بہ ڏٺا پيا وڃن!“

”اها سني ڳالهہ آهي“ هڪ وڪيل بحث ۾ شامل ٿيندي چيو، ”تہ اسان خوابن جي دنيا ۾ اچي ڪريا آهيون. هيءَ قوم پنجاهہ سالن کان اهڙا خواب سانڍيندي پئي اچي، نہ ڄاڻ اهي خواب ڪڏهن حقيقت جو روپ اختيار ڪندا.“

”مون تہ خواب ڏسڻ ئي ڇڏي ڏنا“ هڪ سوشل ورڪر مائيڪ تي ڳالهايو، ”جڏهن کان محسوس ڪيم تہ هن معاشري ۾ خوابن جو قتل ڪيئن ٿيندو آهي.“

”دوستو“، ميزبان ڊائيس تي اچي سخت لهجي ۾ چوڻ لڳو، ”مهرباني ڪري اجايون ڳالهيون نہ ڪريو. تجويزون ۽ مشورا پيش ڪريو. مايوسي ۽ ناميدي جون ڳالهيون نہ ڪريو. مثبت رويو اختيار ڪريو. جي توهان وٽ ڪا ٺوس تجويز آهي تہ بيان ڪريو نہ تہ خوامخواه وقت ضايع نہ ڪريو.“

”هي خواب درحقيقت هڪ خيال آهي، هڪ تصور آهي، هڪ سوچ آهي...“ عارف وڏي آواز ۾ چيو.

”ڪيي ڪيي ميري دل ۾ خيال آتا هي....“ هڪ شاعر پڙڪيو.

هال ۾ ڪافي ماڻهو مسڪرائڻ لڳا، مان بہ ڪلي پيس. ڪنهن کي بہ اهو يقين نہ ٿي آيو تہ عارف صاحب جو اهو خواب سچ ٿيندو؟

”مان عارف صاحب جي خواب جي پهرين نقطي تي ڳالهائيندس“ هڪ ڪائونسلر چوڻ لڳو، ”اهو نقطو شهر سان نہ پر ملڪ سان تعلق رکي ٿو. جن اڳواڻن آئين ترتيب ڏنا، انهن سان ڇا ٿيو؟ اها ڳالهہ سڀني کي خبر آهي. اهو سچ آهي تہ هر شخص قانون تي عمل ڪري ۽ ڪوبہ ان کان مٿانهون ناهي. پر ڇا قانون تي عمل درآمد ٿي سگهي ٿو؟ قانون تي تڏهن ئي عمل ٿي سگهي ٿو. جڏهن هر شخص پنهنجو ڪم ايمانداري سان ڪري.“

"ان ڳالهه کان انڪار ناهي تہ هر شخص پنهنجو ڪم ايمانداريءَ سان سرانجام ڏئي" سنبرين جواب ڏنو. "پر اهو ڪم آئين ۽ قانون تحت هئڻ گهرجي. هرڪو پنهنجين پنهنجين حدن ۾ رهي ڪري ان ڪم کي تڪميل تي پهچائي. ڪوبہ پنهنجي بائونڊري اورانگهي ٻي جي حد ۾ گهڙي ٽنگ نہ اڙائي. حد کان ٻاهر نڪري ڪير بہ بالادستي جي جنگ نہ وڙهي. ان صورت ۾ ئي معاشرو ترقيءَ جون منزلون طئ ڪندو نہ تہ اهڙوئي حشر ٿيندو. جيڪو اسان سڀ ڏسي رهيا آهيون."

"هن معاشري کي ٺيڪ ٿيڻ ۾ ويهہ سال نہ پر سئو سال لڳندا!" هڪ ميڊيا رپورٽر ڳالهايو. "رياست جا سڀئي ٿنيا، بالادستيءَ لاءِ پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن. مخصوصي سياسي خاندانن پارليامينٽ کي پنهنجي جاگير بڻائي ڇڏيو آهي. چند خاندانن جا بااثر ماڻهو ان تي قابض آهن. عوام جي اڪثريت اٽپڙهيل ۽ بکايل آهي. ڪين صرف ووٽ ڏيڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ سيکاريو ويو آهي. بيوروڪريٽن جي بہ سوچ حاڪماڻي آهي. اهي پاڻ کي معاشري جي ڪريم سمجهن ٿا. سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ان ڪريم مان ڪوبہ سقراط يا افلاطون جهڙو ڇو نہ پيدا ٿي سگهيو آهي؟ اڳ ۾ گورو سڏيءَ ريت راڄ ڪندو هو پر هاڻي اڻ سڏيءَ ريت راڄ ڪري ٿو. نتيجو ڇا نڪتو آهي. غلامي جي بدترين شڪل..."

ميزبان هن کان مائيڪ ڦري ورتو.

"هيءُ فورم سياسي تقريرن لاءِ نہ آهي"، ميزبان غصي جو اظهار ڪندي وراڻيو. "ڪنهن کي بہ اهو اختيار ناهي تہ معاشري جي اهم ٿنين تي ڪچرو ڦٽو ڪري. پاڻ کي عارف صاحب جي خواب تائين محدود رکو."

"اهي سڀ مسئلا صحيح نموني حل ٿي سگهن ٿا" مون مائيڪ ڦريندي ڳالهايو. "جي اسان سڀ پنهنجي ڪم سان سچائي رکون. مون ڪيترن ئي دفترن ۾ پاڻ وڃي اهو ڏٺو آهي تہ آفيسرن جي نااهلي ۽ لاپرواهي جي ڪري ڪيترائي فنڊ ضايع ٿيو وڃن. فنڊن کي صحيح نموني استعمال نہ ٿو ڪيو وڃي. سرڪار طرفان چڱي خاصي رقم مختلف پروجيڪٽن جي حوالي سان مختص ڪئي وڃي ٿي، پر ان جو جيڪڏهن پنجاهہ سيڪڙوبہ بنا ڪرپشن ۽ لاپرواهي جي جائز نموني استعمال ٿئي تہ هوند اسان جو هي شهر جنت هجي! ۽ پوءِ عارف صاحب کي خواب ڏسڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿئي ها!"

مون محسوس ڪيو تہ منهنجي تجويز کي پسند ڪيو ويو. سنبرين ڊائيس تي اچي مون کي "ويل ڊن" چئي ساراهہ ڪئي.

"هي جيڪو فلاڻو ناظم ويٺو آهي،" هڪ شرارتي گنجي ماڻهوءَ ماحول کي جهڳڙالو بڻائڻ جي ڪوشش ڪندي چوڻ لڳو. "اهو انتهائي غريب

هو. ٻہ ويلا ماڻي مشڪل سان نصيب ٿيندي هئس. هاڻي هن وٽ بنگلا، گاڏي ۽ زندگي جي هر سهولت ۽ عياشي ڪٿان آئي؟ مهرباني ڪري اهو ٻڌائڻ پسند ڪندؤ؟"

"مون کي بہ خبر آهي" تنقيد بڻيل ناظر وراڻيو. "تہ هن محفل ۾ ڪهڙا ڪهڙا معزز آهن؟ ايئرڪنڊيشن محفلن ۾ وڏيون ڳالهيون ڪن ٿا. هتي اسان هڪ مسئلي تي گڏ ٿيا آهيون نہ ڪي زندگي جو باب کولڻ لاءِ! هن مسٽر کي انتظار ڪرڻو پوندو جيستائين مان آتم ڪهاڻي لکان!"

"مان هڪ پيرو ٻيهر چوان ٿو" ميزبان تکي لهجي ۾ چيو. "تہ پاڻ کي شو نہ ڪيو. سنجيده مشورا ڏيو ۽ پاڻ کي عارف صاحب جي خواب تائين محدود رکو. توهان سمجهو ٿا تہ اهو مڪمل خواب آهي يا ان ۾ اضافو ٿيڻ کپي؟"

"هن معاشري ۾ ڪابہ برابري ۽ هم آهنگي ناهي." هڪ دلڪش عورت سنجيدگي سان مائيڪ تي وراڻيو. "ڪنهن کي بہ ڪنهن سان محبت ناهي. هرڪنهن کي پنهنجو غرض ۽ مفاد آهي. پئسي جي ڊوڙ ۾ سڀ ميراثن ريس ڪري رهيا آهن. هن معاشري ۾ قومن ۽ فردن جو استحصال ٿي رهيو آهي. هر قوم ۽ فرد جو استحصال. پوءِ ڀل اهو ڪنهن بہ سطح تي ٿيندو هجي. جيڪا دراصل دهشتگردي آهي. مان تعليم جي مسئلي تي روشني وجهندس. مان هڪ اسڪول ۾ ويس تہ اتي صرف پارليامينٽرين، جرنيلن، ججن ۽ وڏن عهدن تي فائز بيوروڪريٽن جي ٻارن لاءِ داخلا هئي. اتي ليڊرن کي پيدا پئي ڪيو ويو. پرنسپال جو چوڻ هو تہ هر ٻار هڪ مادل هو مان ڪنهن کي بہ منتخب ڪري ان جي ٽيسٽ وٺي سگهان ٿي. مون هڪ ننڍو ٻار چونڊيو، ۽ ڪيس ٽن ڪلاڪن اندر پنجاهہ هزار روپيا گڏ ڪرڻ جو چيو. مون کي حيرت تڏهن ٿي جڏهن هن اهو ڪم ٽن ڪلاڪن کان بہ گهٽ وقت ۾ پورو ڪري ورتو. هو هر ٻار ڏي ويو ۽ گهربل روپيا گڏ ڪري اچي منهنجي اڳيان رکيا...."

"۽ پوءِ تون اهي پنجاهہ هزار روپيا کٽي فرار ٿي وئينءَ؟" هڪ صحافي کيس وچ ۾ ٽوڪيندي چيو. سيئي ڇٽا هلڪي مسڪراهٽ سان کلڻ لڳا.

"اسان اجا پڪا مسلمان نہ ٿي سگهيا آهيون." هڪ ڏاڙهي واري مولانا مائيڪ تي ڳالهايو. "هر گهٽي ۽ هر محلي ۾ مسجد آهي. هر شخص پنهنجو الڳ دڪان کوليو ويٺو آهي. ڪنهن وٽ ڦڪو پڪوان آهي تہ ڪنهن وٽ مٺو. قوم تقسيم لڳي پئي آهي. مذهب، نسل، رنگ، قوميت وغيره وڏا مسئلا آهن. جيڪي تڏهن ئي حل ٿي سگهن ٿا جڏهن اسان مسلمان ٿيڻ ۽ هجڻ جو ثبوت ڏيون نہ تہ اهي خواب بي اثر بڻجي رهجي ويندا!"

"سياستدانن"، هڪ ميڊيا رپورٽر

۽ سوشل ورڪر اظهار ڪرڻ لڳي، "منصوبابندي ڪندڙن ۽ عوام وچ ۾ هڪ وڏو خال آهي. اهو خال تڏهن گهٽجي سگهي ٿو جڏهن عوام تعليمي زيور سان مالا مال هجي، معاشي طور آزاد هجي ۽ پنهنجن حقن ۽ فرضن کان چڱي ريت باخبر هجي. ان صورت ۾ ئي هڪ سٺي معاشري ۽ شهر جو بنياد پئجي سگهي ٿو."

"اسان سمجهون ٿا" ميزبان ڊسڪشن کي پڇاڻي تي پهچائيندي چوڻ لڳو، "تہ عارف صاحب جو خواب پنهنجي جاءِ تي هڪ مڪمل خواب آهي. سيئي صرف مسئلن تي ڳالهائيندا رهيا ۽ خواب کان پري رهيا. چند ماڻهن جي تجويزن کي نوٽ ڪيو ويو آهي، جيڪي اسان پنهنجي پروگرام ۾ شامل ڪنداسين. ان خواب تي جيڪڏهن اسان سچي دل سان عمل ڪريون تہ پوءِ هن شهر جا ڪيئي پراڻا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. شهر ۾ نظر ايندڙ سڀ برايون ۽ خاميون، جيڪي سلائيڊس ذريعي اوهان کي ڏيکاريون ويون، ان خواب تي هڪ ذميدار شهري هجڻ جو ثبوت ڏيندي جدوجهد ڪرڻ سان ختم ٿي سگهن ٿيون. انهن کي جڙ کان اکيڙي سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ اسان کي اوهان جي تعاون ۽ ساٿ جي ضرورت آهي. اسان هڪ پرچو ڪڍيو آهي، جنهن ۾ تنظيم ۽ ان جي منشور تي روشني وڌي وئي آهي. ان ۾ آفيس جي ائڊريس بہ تحرير ٿيل آهي. توهان اسان سان لهہ وچڙ ۾ اچي سگهو ٿا. هاڻي تقريب پنهنجي پڇاڻي تي پهتي ۽ سيئي ڇڻا پوئين ڪمري ۾ ريفريشمينٽ لاءِ وڃن."

اسان سيئي ڇڻا هڪ ڪمري ۾ ريفريشمينٽ لاءِ داخل ٿياسين. اتي ڪيترن ئي قسمن جون ڪاڏي جون شيون رکيون ويون هيون. شهري تنظيم جو هڪ عهديدار پرچا ورهائي رهيو هو. هن هڪ پرچو مون کي بہ ڏنو. پرچي ۾ تنظيم جي باري ۾ آگاهي ڏنل هئي. مان پليٽ ۾ ڪجهہ شيون رکي، سيني کان پرپرو ٿي ڪائي رهيو هئس تہ سنبرين چانهہ جو ڪوپ سنڀاليندي مون وٽ آئي. هن مون کي ٻڌايو تہ هوءَ منهنجي لکڻين کان بيحد متاثر هئي. هن مون کي پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڏنو، ۽ ٻي ڏينهن شام جو مغرب جي نماز کان پوءِ آفيس ۾ ملاقات ڪرڻ لاءِ زور ڀريو. مان ڪيس انڪار نہ ڪري سگهيس.

پنهنجي واعدي موجب ٻي ڏينهن مان سنبرين جي آفيس پهتس. هن جي آفيس ڪنهن محلات کان گهٽ نہ هئي. ڪمري ۾ اسپلٽ ايئرڪنڊيشن نصب ٿيل هو. پتين تي پينٽر کان دلڪش پينٽنگ ڪرايل هئي. فرش تي آبي گهر نهيل هو، جنهن ۾ رنگ برنگي مڇيون تري رهيون هيون. آفيس ۾ گهڙڻ کان اڳ ئي پٽيوالي مون کان بوٽ لهرائي ورتا هئا. جورابن ۾ ان آبي گهر مٿان هلندي هڪ عجيب ڪيفيت جو اظهار ٿي رهيو هو. هن پنهنجي سيٽ تان اٿي منهنجو آڏرياءُ

ڪيو. هن جي آفيس ۾ ان وقت صرف اسان ٻئي ڇڻا هئاسون.

"هتي پهچڻ ۾ ڪا تڪليف ته نه ٿي؟" سنبرين مون کي سيٽ تي ويهڻ جو اشارو ڪندي پڇيو. "نه، ڪوبه مسئلو نه ٿيو" مون ورندي ڏني، "شايد ئي هن شهر جي ڪا گهٽي اهڙي هجي جتي مون قدم نه رکيا هجن!"

"وندرفل!" سنبرين موٽ ۾ چيو، "ٻلا ڇا هلندو؟ چانهه يا ڪولڊ ڊرنڪ؟ بسڪيٽ يا سموسا؟"

"جيڪو اوهان کي وٺي." مون هلڪڙي مسڪراهٽ سان وراڻيو. "هن ناچيز کي ڪنهن به شيءِ کان انڪار ناهي."

سنبرين مسڪرايو. هن پٽيوالي کي گهرائي ڪولڊ ڊرنڪس ۽ سموسن جو آرڊر ڏنو.

"مون اوهان جون تقريبن سڀ لکڻيون پڙهيون آهن." سنبرين پنهنجي ميز جي خاني مان منهنجون رپورٽون منهنجي اڳيان ثبوت طور رکندي چيو. "تنهنجون لکڻيون شهر جي مختلف مسئلن تي تفصيل سان لکيل آهن. تون انهن تي لکندي هر زاويي کان ڏسين ٿو. ۽ جيڪا به ڳالهه ڪرين ٿو ان ۾ وزن ۽ لاجڪ ضرور هوندو آهي. تون سچ لکڻ کان رهي نه ٿو سگهين. توهان نه رڳو مسئلن جي ڀرپور عڪاسي ڪرڻ ڇاڻو ٿا پر انهن جي حل لاءِ سٺيون تجويزون به سامهون رکو ٿا."

"انهيءَ ڪري ئي". مون جواب ڏنو. "مون ڊسڪشن ۾ گهڻو حصو نه ورتو. مان سمجهان ٿو ته شهر جي مسئلن ۽ ان جي حل بابت جيترو مون لکيو هوندو اوترو ڪنهن به بيان نه ڪيو هوندو. منهنجي لاءِ اهي ڳالهيون پراڻيون ٿي چڪيون آهن."

"ٻلا ان جو نتيجو ڇا نڪتو؟" سنبرين پڇيو.

"نتيجو وري ڇا؟" مون مسڪرائيندي موٽ ڏني، "ڏري گهٽ جيل ۾ لاڪ اپ ٿيڻ وارو هئس!"

هوءَ ڏند ڪڍي گد گد ٿيڻ لڳي. پٽيوالي ڪولڊ ڊرنڪس ۽ سموسا اچي سامهون رکيا.

"توهان پنهنجي فئملي جي باري ۾ ٻڌائڻ پسند ڪندؤ؟" سنبرين ڪولڊ ڊرنڪ هٿ ۾ جهليندي پڇيو.

"مون کي هڪ عدد زال ۽ هڪ عدد پٽ آهي." مون هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيندي چيو. "والدين فوت ٿي چڪا آهن. اهي ٻئي ڇڻا، زال ۽ پٽ، منهنجو ڪل سرمايو آهن. مان انهن سان گڏ ڪرائي جي گهر ۾ رهندو آهيان."

"اوهان جي زال نوڪري ڪندي آهي؟"

"نه، هوءَ گهريلو عورت آهي. هونئن به مون کي اها ڳالهه نه ٿي وٺي ته گهر واري نوڪري ڪري"

"۽ ٻار ڪيترن سالن جو آهي؟"

"هو هاڻي ٻن سالن جو ٿيو هوندو! شادي کي گهڻي دير ناهي ٿي."

"مائينڊ نه ڪريو ته اوهان کان پڇهار بابت پڇي سگهان ٿي؟" سنبرين معنيٰ خيز نظرن سان ڏسندي پڇيو.

"توهان اها چوٽي ته ضرور ٻڌي هوندي" مون ڪولڊ ڊرنڪ جو هڪ وڏو

ڊڪ پريندي چيو، "تہ عورت صحيح عمر نہ ٻڌائيندي آهي. ۽ مرد پڳهار لڪائيندو آهي. خير، مان توهان کي سچ ٻڌائيندس. منهنجي پڳهار آهي ڏهہ هزار روپيا!"

"گهر جو ڪرايو گهٽو آهي؟"

"چار هزار روپيا."

"۽ اوهان وٽ ڪنوينس آهي؟"

"نہ." مون وڏيڪ سچار ٿيندي چيو، "مون وٽ ڪابہ گاڏي ناهي. ڪوچ ۾ چڙهي هڪ ڪلاڪ سفر ڪندو آهيان، تڏهن وڃي آفيس پهچندو آهيان."

"سچ وڏو ڏوهاري آهي،" سنبرين وراڻيو. "اهو ڏاڍو ڪڙو ۽ تلخ آهي. چار هزار روپيا گهر جي مسواڙ پيو ڏين. اهڙا ٻہ هزار روپيا توکي ڪوچن ۾ روزانو سفر ڪرڻ لاءِ کپن. تنهنجو ٻار اڃا ننڍو آهي. ڇا انهن کي يتيمن وانگر سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهائيندين؟ معاشري ۾ ٻہ اڇ وچ رکڻ لاءِ ڪجهہ رقم گهرجي. پڳهار مان باقي ڇا بچيو ڪڏهن سوچيو اٿئي تہ زندگي ايئن ڪيئن هلندي رهندي؟" سموسي جو ٽڪرو منهنجي نڙي ۾ اٽڪيو. ڪولڊ ڊرنڪ جي ڊڪ سان اندر طرف ڌڪيم. سنجيدگي چهري تي حاوي ٿي وئي. اکيون ڦاٽي ويون. ڪٿي هوءَ منهنجي زندگيءَ جا باب کولي مذاق تہ نہ اڏائي رهي هئي؟!

"سچ واقعي ڏوهاري آهي،" سنبرين منهنجي چهري جي تاثراتن کي ڏسندي وراڻيو. "اهو ڏاڍو مشڪل سان هضم ٿيندو آهي. زندگي هڪ گاڏي وانگر آهي جنهن کي گئس، پيٽرول يا ڊيزل کان سواءِ موبل آئل ۽ ٻيو ڪجهہ بہ گهرجي، نہ تہ اها روڊ تي نہ ڊوڙندي پر ڌڪن سان هلندي هلندي بند ٿي ويندي... هن ملڪ جي تاريخ پڙهندين تہ توکي پتو پوندو تہ هتي ڪيترو سچ لکيو ۽ ڳالهايو ويو. ڪيترا منصوبا ناهيا ويا، ۽ ڪيترن پروجيڪٽن کي شروع ڪيو ويو. ڪير بہ هن معاشري سان سچو ناهي. هر فرد صرف پنهنجا ڀڀ ڀريا. ايماندار اهو آهي، جنهن کي موقعو نہ مليو."

"۽ هيءُ اوهان جو ويهن ورهين جو خواب؟" مون بيقراريءَ ۾ ڪانئس پڇي ورتو. "اهو بہ عملي شڪل نہ وٺي سگهندو،" سنبرين موٽ ۾ جواب ڏنو. "اسان رڳو هوا ۾ تير پيا اڇلايون. عوام جو هڪ ڀاڱي ٽي حصو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گهاري ٿو. هڪ وقت جي ماني کائي ٿو تہ ٻي ويلي خالي پيٽ سمهي رهي ٿو. عوام جو هڪ وڏو حصو تعليم حاصل ڪرڻ جي عياشي بہ نہ ٿو ڪري سگهي. خراب رستا. صاف پاڻي جو هجڻ، سيوريج نظام جو بهتر هجڻ وغيره تہ سيڪنڊري مسئلا آهن. جاهل ۽ بڪايل ماڻهو ڪهڙا خواب لهندو؟ خواب لهڻ بہ زرخيز ذهنن جي پيداوار آهي. جيڪي ماڻهو خواب ئي نہ ٿا لهي سگهن، سي وري ڪهڙو انهن تي عمل ڪندا؟"

"توهان جو مقصد آهي" مون بحث ڪندي چيو. "تہ معاشري ۾ انقلاب نہ ٿو اچي سگهي؟ جاهل ۽ بڪايل ماڻهو جدوجهد نہ ٿا ڪري سگهن؟ هڪ مفڪر چيو هو تہ انهن کي وڃائڻ لاءِ

صرف زنجيرون آهن.“

”جاهل ۽ بڪايل ماڻهو“ سنبرين ورندي ڏني. ”هن صديءَ ۾ اهڙا انقلاب نہ ٿا آٿي سگهن. جيڪي ڪيوبا. ويٽنام. اٿلي. روس وغيره ۾ پيا ڏٺا. اهي ڳالهيون هاڻي پراڻيون ٿي چڪيون آهن... سياست ڪرڻ بہ هڪ ڪاروبار آهي. جيڪو مخصوص خاندان جي ميراث آهي. وچولو ڪلاس ٻڌتر جو شڪار آهي. غريب عوام کي صرف ووٽ ڏيڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ سيکاريو ويو آهي. اهو غلام ٿيڻ پسند ڪري ٿو. اڳ ۾ گورن جو. هاڻي پنهنجن جو؟ قانون تي ڪوبہ عمل نہ ٿو ٿئي. انصاف جي اميد ڪرڻ خيالي جنت ۾ رهڻ جي برابر آهي... جي انقلاب آڻڻو آهي تہ اهو صرف پنهنجي زندگي ۾ آڻجي!“

هوءَ ڪي ساعتون چپ ٿي وئي. مون ڪولڊ ڊرنڪ خالي ڪري ميز تي رکي ڇڏي. ”اسان جو معاشرو منافقن. ٺڳن ۽ دوکيبازن جو معاشرو آهي.“ سنبرين پنهنجي ڳالهہ جاري رکي. ”هتي ڪوبہ انقلاب اچڻو ناهي. جاهل ۽ بڪايل عوام کان وڌيڪ ٻي توقع بہ نہ رکجي. اصل انقلاب پنهنجي زندگي ۾ آڻجي. ان لاءِ بہ رستا آهن. ــ پئسو يا ذهانت. تو وٽ پئسو تہ ناهي پر ڪمال جي ذهانت ضرور آهي!“ مون ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. هن جون ڳالهيون غور سان ٻڌڻ لڳس.

”اڇڪلهہ.“ سنبرين ڪجهہ گهڙيون ماٺ رهڻ کان پوءِ وري ڳالهہ جاري رکندي وراڻيو. ”مادي دنيا ۾ هر شخص ٻي شخص کان اڳتي نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اسان بہ ذهانت کان ڪم ورتو. هاڻي ڏس اسان وٽ ڇا ناهي؟ تون ذهين هوندي بہ هر شيءِ کان محروم آهين.... هن سماج ۾ شريف. سچار. ڪنگلي ۽ بي پهچ ماڻهو جي ڪا عزت ناهي. اهڙو ماڻهو هروپرو هڪ خول ناهي ٻين کي بيوقوف ٻيو بڻائي!.... مان توکي پنهنجي تنظيم ۾ آڻڻ چاهيان ٿي. اسان کي تنهنجي ذهانت گهرجي. تون دفترن ۾ وڃي انهن جا اڇا ڪارا پڙرا ڪري اسان جي آڏو رک!... اسان نہ رڳو انهن رپورٽن تي ترقي يافتہ ملڪن جي ماڻهن کان رقمون حاصل ڪيون ٿا. پر هتي جي اهم انتظامي سربراهن کان بہ حصو وٺون ٿا. ان کان سواءِ. سخاوت پسند انسانن کان خطير رقمون بہ ملنديون آهن. هن معاشري ۾ جيڪو جيترو تيز آهي. ان جو حصو اوترو ئي وڌيڪ ٿئي ٿو!“

هوءَ چمڪندڙ اکين سان ڦڪي کل کلڻ لڳي. مون کي اندازو ٿي رهيو هو. تہ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي عقل جو استعمال غلط رخن ۾ ڪرڻ شروع ڪري ڏي تہ پوءِ اهو ماڻهو ڪيڏو نہ خطرناڪ بڻجي وڃي ٿو! مان سمجهي ويو هئس تہ هن مون کي آفيس ۾ ڇو گهرايو؟ مان ڪانئس موڪلائڻ لاءِ سيٽ تان اٿيس.

”توهان منهنجي پيشڪش تي ضرور غور ڪجو!“ سنبرين مون کي دروازي تائين ڇڏڻ لاءِ گڏ ايندي رواڻيو. ”اها ڪا نندي پيشڪش ناهي. تنهنجي ۽ تنهنجي ايندڙ نسل جي بقا ان ۾ ئي آهي.... هي دروازا تو لاءِ هر وقت کليل آهن!“

فياض ڇنڊ ڪليري

ملزم جي مقتول زال، ملڪ جي Media Queen هئي. اسٽيج، ٽي وي ۽ فلم جي دنيا تي گذريل پنجن سالن کان ڇانيل هئي. مختلف ڏيهي پرڏيهي پراڊڪٽس جي مشهوري لاءِ سندس هڪڙي گلابي مرڪ جو ملهہ لکين رپيا هو. اهڙي Mod girl جي بي رحماڻي قتل کان پوءِ ڪيس جي ابتدائي اسٽڊي، سندس مڙس تي فيصلي اچڻ تائين ضمانت ضبط ٿيڻ ۽ رماند تي پوليس مهماني جا جواز پيش ڪري رهي هئي.

گليمر جي دنيا ڏاڍي بي رحم ۽ بي وفا هوندي اٿئي...!

هُن جي چهري تي تيستائين پريشاني جو ڪوريئڙو ڇار اٿيندو رهيو، جيسين عدالت جي جج ڪيس جو فيصلو ٻڌايو....!

عدالت جو معقول هال نما ڪمرو وڪيلن، صحافين ۽ شهر جي مڪيہ شخصيتن سان ڀريل هو. جيسين تائين جج صاحب پنهنجي مسند تي براجمان

نہ ٿيو هو. عدالت جي ڪمري ۾ گڏجڻ ٿيندڙ سرگوشيون ديوارن کي ٻوڙو ڪرڻ جي مشق ۾ مصروف رهيون. هن پنهنجي وڪيل ڏانهن معنيٰ خيز نگاهن سان نهاريو. عدالت ۾ سندس وڪيل ئي واحد ماڻهو هو، جنهن هن جي بظاهر پرسڪون چهري پٺيان، ڪانُ جيان ڪتل خوف جي احساس کي چڱيءَ طرح سان ڄاتو ٿي! سندس وڪيل جي امپورٽيڊ فريم ۾ گلاسز واري نازڪ نفيس عينڪ، ڪلمن جي هلڪي اڇاڻ، بيپرواهه ۽ رعبدار چهرو پنهنجي پيشي تي مضبوط گرفت ۽ هوشياريءَ جو ثبوت ڏئي رهيو هو. هو شهر جو نامور وڪيل هو. ڪرمنل ڪيسن ۾ بلا جي مهارت رکندو هو. شهر جي ڪروڙ پتي صنعتڪارن، سياستدانن ۽ انڊر ورلڊ مافيائن جي قتل، اغوا، قبضي گيريءَ جا ڪيئي ڪيس، ٽن چئن شنوائين کان اڳتي وڌڻ نہ ڏيندو هو. ملڪ جي ڪيترين ملٽي نيشنل ۽ نيشنل ڪمپنين جو ليگل ايڊوائيزر هو. قتل جا ڪيس ٻولي ڪٽندو هو ۽ پنهنجي پروفيشنل ڪيريئر ۾ پنهنجي ڪمال جي حاضر دماغي ۽ ذهانت سبب 95 سيڪڙو کان وڌيڪ ڪيسن ۾ ڪاميابي سندس ئي ڪرشمو هئا. پر هن پيري وڪيل جي اندر ۾ بہ ان ڪيس جي حوالي سان خدشي جو احساس مستقل طور گونجندو رهيو هو. ان جو سبب شايد اهو ٿي پئي سگهيو تہ ملزم جي مقتول زال، ملڪ جي Media queen هئي. هوءَ اسٽيج، ٽي. وي ۽ فلم جي دنيا تي گذريل پنجن سالن کان ڇانيل هئي. مختلف ڏيهي پرڏيهي پراڊڪٽس جي مشهوريءَ لاءِ سندس هڪڙي گلابي مرڪ جو ملهه لکين روپيا هو. اهڙي Mod girl جي بي رحماڻي قتل کان پوءِ ڪيس جي ابتدائي اسٽڊي سندس مڙس کي فيصلي اچڻ تائين ضمانت ضبط ٿيڻ ۽ رماند تي پوليس مهمانيءَ جا جواز پيش ڪري رهي هئي. پر ملڪي ميڊيا تي گذريل ٻن سالن کان ٻنهي زال مڙس جي پيار پرٽي، اخبارن، رسالن ۾ ٻنهي جي هڪٻئي مٿان وارجي وڃڻ وارين دعوائن، ٻنهي کي برگر نوجوانن ۽ نوجوانڙين جو Ideal couple بنائي ڇڏيو هو ۽ قتل واري رات ملزم جي ڪراچيءَ بدران اسلام آباد ۾ موجودگي ۽ هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ ڪمري جي بڪنگ جا "ڪاغذي ثبوت"، ڪيس جي مضبوطيءَ جا بنياد بڻجي ٿي سگهيا...!!

عدالت جي ڪشادي ڪمري ۾ جج صاحب جي مسند جي پٺيان، ديوار تي ٽنگيل قائداعظم جي تصوير مٿان لڳل پراڻي دؤر جي پيندوليم وال ڪلاڪ جا تيرنما ڪانٽا، سامهون ويٺل اُن شخص جي دل ۾ تير بڻجي لهندا ٿي ويا جنهن جي زندگي اڃوڪي ٿيندڙ فيصلي سان جڙيل هئي. هو پاڻ بہ ڪوئي سڙڪ ڇاپ ۽ عام ماڻهو نہ، پر شهر جي بزنس ٽائيڪونز ۾ شمار ٿيندڙ ارب پتي شخص هو! ماڻهن جي سمنڊ جهڙي اُن شهر ۾ سندس ڪپڙي ۽

چمڙي جون فيڪٽريون هيون. امپورٽ ايڪسپورٽ جي دنيا ۾ سندس نالو گونجندو هو. جدي، پشتي اميراڻي گهراڻي جو فرد هو. ماءُ پيءُ جو اڪيلو اکين جو نار هئڻ سبب، خانداني ملڪيت جو تہ ڪيس اندازو ئي نہ هو. مهيني جا ويهہ ڏينهن يورپ، آمريڪا، دبئي ۽ مصر جي مدهوش هوائن ۾ گذرندا هئس. مهہ جبين سان لوَ ميرج. ڊسڪلوز ٿيڻ کان پهريان ڪيترن ڏينهن تائين سندن لوَ افيئر ميڊيا جو هاٽ اشو بڻيل رهيو ۽ انهيءَ عرصي دوران نمڪين راتين جو خاص محفلن دوران، شراب ۽ شباب جي ڳهريل ماحول ۾ سندس فاسٽ فريندز، ڪيئي پيرا نڙي ڪڙي ٿيڻ کان پوءِ ڪيس بنا هڪ چيو بہ هيو، "ڊيئر سلمانڻ! ڪجهہ هوش ڏار... پاڻ کي ڏس... پنهنجي اسٽيٽس ۽ ڪليبر کي ڏس...! هزارين اڳهاڙين اکين ۾ ترندڙ عورت تنهنجي لائيف پارٽنر ٿئي.... It's too much يار...! صرف چٽي چمڙي ئي سڀ ڪجهہ ناهي هوندي....!!"

۽ هو دوستن جون ڪڙيون، ڪساريون، گهاءُ ڏيندڙ ڳالهيون ٻڌي، دوئنس مان بليڪ ليبل جو نيٽ پيگ هڪ ئي ڍُڪ سان اندر ۾ اوتي، پنهنجون ٻوٽجندڙ اکيون کولڻ جي ڪوشش ڪندي چوندو هو، "دولت جي ڊير تي وينل دوستو! توهان ڇا ڇاڻو پيار ڇا آهي....؟ اسٽاڪ ايڪسچينج جي واڌ، لاٽ تي ساهہ ڪڍندڙ ماڻهو، ڪڏهن بہ عورت جي اندر جي معصوميت ۽ پاڪيزگيءَ کي محسوس نہ تو ڪري سگهي.... Never... not a all" ۽ ڪن دوستن تہ ايترو بہ چيو هئس "پيارا... تون پلي اسان کي ڇا بہ چئو... پر... پر هڪ ڳالهہ ياد رکجئين.... ڪئميرا جي اک ۾ اڙيل عورت.... ڪڏهن بہ هڪڙي مرد جي نہ ٿي سگهندي آهي... گليمر جي دنيا ڏاڍي بي رحم ۽ بي وفا هوندي اٿئي...!" ۽ اهڙا تلخ تبصرا هن کان برداشت نہ ٿيندا هئا.... تڏهن هو دوستن جي محفل مان لڙڪڙائيندي، اٿندي چئي هليو ويندو هيو، " Please for God sack.... آئينده منهنجي پرسنل لائيف کي ڪڏهن بہ ڊسڪس نہ ڪجو....."

اڻين بہ نہ هيو تہ هن پنهنجي 30 سالن جي ڇمار دوران جسم ۽ جوانين جو واس نہ ورتو هيو....! عورت، شراب ۽ آرٽ، هن جي زندگيءَ جون ٽي وڏيون ڪمزوريون هيون. هن پنهنجي گريس فل شخصيت، شاعري، موسيقي، آرٽ ۽ نفسيات جي ڳوڙهي مطالعي ۽ اظهار جي سگهہ سبب دنيا جهان جا حسين ترين بت پنهنجي آغوش ۾ آندا هئا. ڪيترن ئي بزنس ٽائيڪونز جون ڌيئرون، پينرون Even زالون، سندس بيڊ روم جو آتش دان بڻجي چڪيون هيون. آرٽ جي دنيا جون ڪيئي جل پريون، چيوگر جيان، هن جي خوبصورت قدآور جسم سان چنبڙيون هيون...! پر ان ڇوڪريءَ جي اکين ۾ الائي ڪهڙو اسرار ۽ سحر هو.

جنهن هن جي سموري هوڏ ۽ هستيءَ کي ڍاهي خاڪ ڪري ڇڏيو هو....!

عدالت ۾ گونجندڙ سرگوشين، صحافين جي هلڪن ٺهڪڙن تبصرن کان بي نياز هو پنهنجي گذري ويل ڪالهه ۽ اڻ عورت بابت سوچي رهيو هو جنهن جي قتل جي الزام ڪيس ملزم جي ڪٺهڙي ۾ آڻي بيهاريو هو...! سندس نظرون، عدالت جي مکيه دروازي مان اندر ايندڙ اڌڙوٽ عمر جي عورت وڪيل تي پون ٿيون، جيڪا پاڻ سان گڏ ايندڙ هن جي سالي/ فرياديءَ کي آهستگيءَ سان ڪجهه سمجهائيندي، اکين تي رڪيل، ننڍڙن فريمن واري عينڪ سان، سموري ماحول جو جائزو وٺي رهي هئي!

"هيءَ به بي وفائي هوندي، عورت ذات آهي ئي دوکو... سراب... فريب... ۽ مرد ڄاڻندي به، پاڻ کي دوکو کارائڻ چاهي ٿو... هيءَ به رات جو مڙس جو بستر گرم ڪندي هوندي... ۽ ڏينهن جو ڪاري ڪوٽ جهڙي خواهش ۾ جذب ٿي... ڪنهن پراڻي يار جي ڳچيءَ جو هار ٿيندي هوندي...." وڪيلياڻي کي ڏسندي، سندس اندر ۾ برندڙ آڙاهه پڙڪي پيو ۽ عمر ۽ سوچ جي تفريق بنا، سندس ذهن جي بليڪ بورڊ تي خودساخته لفظ اڪرجي ويا...!! هن ڪرسيءَ جي سرانديءَ تي مٿو ٽيڪي اکيون ٻوٽي ڇڏيون....!

"جانو! Realy I am the most Lucky Lady of the world... مان... مان اجا تائين... تنهنجي مضبوط ۽ خوبصورت ٻانهن جي حصار ۾ هوندي... سڀ ڪجهه... خواب پئي سمجهان... يقين به ڪيئن اچيم... تون پارس... مان لوهه.. تون... آسمان جو چمڪندڙ ستارو.... آئون ڌرتيءَ جي ڌوڙ... تون چمندي چاهه.... آئون نوري ندوري... يا خدا! مون کي سدائين ان حسين خواب جهڙي حقيقت جي پناهه ۾ رکجان....!"

هن جي ذهن جي اسڪرين تي سهاڳ رات جو اهو خواب آور لمحو تري آيو... جڏهن گلابن جي پنکڙين ۽ گلابن سان مهڪيل سيج تي مهه جبين، سندس ڇاتيءَ جي وارن ۾ پنهنجون نفيس ۽ مخروطي آڱريون ڦيري رهي هئي.... مهه جبين جي آڱرين جي ڇهاءُ، سندس وجود کي برندڙ جبل بڻائي ڇڏيو هو.... هن مهه جبين جي وارن جي چوٽي ۾ هٿ وجهي، جنون منجهان ڇڪي، سندس چهرو، پنهنجي چهري جي بنهه ويجهو آندو هو... ڪجهه لمحن لاءِ، سموري ڪائنات، ٻن جوان، شعلن جيان برندڙ، ڏکندڙ جسمن جي ساهن ۾ پنڌ پهڻ تي وئي هئي... پنڪ ڪلر ڪانبينيشن جي ڊيڪوريشن سان سجايل بيڊ روم جي هر گلابي چيز، ديوارن، ڊريسنگ ٽيبل، بوڪ شيلف، انٽيڪ شاپ تان خريد ڪيل وال ڪلاڪ، ڊريسنگ ٽيبل جي شفاف آئيني، سينگاريل سيج جي ڪابي پاسي واري ڪنڊ ۾ جهولندڙ سائي چهچ آرٽيفيشل ويل ۽ سيج جي

بلڪل سامهون ديوار تي ٽنگيل امپورٽيڊ ائبسٽريڪٽ آرٽ جي شاهڪاري هر شئي اکيون ٻوٽي ڇڏيون هيون. سلمان، مهجبين جي ڪونج جهڙي نفيس، نازڪ بخملي، ڳچي تي چوڪيداري ڪندڙ ڪاري تر کي چمندي، پنهنجي چپن جو رُخ، ڳچيءَ کان هيٺاهينءَ ڏانهن ڪيو ۽ سندن چپن جي آلاڻ، سانتيڪي ڪمري ۾، مهه جبين جي ڳهريل سيسراٽين کي وائلن جيان ٽي وڄايو. ڪجهه لمحا، چمين جي نفيس ۽ نازڪ راند ڪرڻ کان پوءِ، سلمان، پنهنجي ڇاتيءَ تي رکيل مهه جبين جي زيتوني چهري تي پنهنجي آگرين کي رقص ڪرائيندي چيو هو، "ماءِ هارٽ! مان دنيا جي هر تڪليف، پيڙا، ڏک، امتحان، ذلت، رسوائي، رسڪ برداشت ڪري سگهان ٿو.. پر بيوفائي...It will shoot my soul."

هن کي محسوس ٿيو، سندس اکين جا ڪنارا آلا ٿي رهيا آهن. هن هڪ سرد آهه ڀري، سندس چپن مان نڪتل بي ساخته لفظن سندس اکيون کوليون، "مهه جبين! تو ائين ڇو ڪيو....!!"

سندس روح جي ٽاريءَ تان ٽٽل جملو، ڇڻيل پن جيان، عدالت جي ڪمري جي سرگوشين ۾ گم ٿي ويو....

عدالت جي ماحول ۾ موٽڻ کان پوءِ، ڪيس پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ آئي ۽ وڪيل جي اها نصيحت به ياد آيس، جنهن تاڪيد ڪندي چيو هئس Angry man be carefull. پنهنجي ڪنهن به سياءُ، رويي ۽ لفظن مان ڪابه ڪاوڙ... ڪوبه تاثر نه ڏجانءِ... هي صحافي وڏا... نوڙيءَ مان نانگ ناهيندي دير نه ڪندا آهن...." هن پنهنجي حواسن تي ضابطو آڻڻ جي ڪوشش ڪندي، اندر ئي اندر پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو.

"ها... بس خبر ئي ته نه پوندي آهي... ڪوئي لمحو، ڪوئي پل... انسان جي پيرن ۾ پنجوڙ وجهي ڇڏيندو آهي... ۽ پوءِ انسان پنهنجي ڪيل غلطين کي قسمت جي ڪاتي ۾ وجهي ڪوڪلا ٿهڪ ڏيندو آهي...." سندس چپن ماحول کي هڪ ڪوڪلي ٿهڪ جي پيٽا ڏيڻ چاهي... پر وڪيل جو پڙهايل سبق ياد اچي ويس....! ٻئي لمحي، سندس نظرون، سامهون ديوار تي لڳل پينڊوليم وال ڪلاڪ جي تير نما ڪانٽن جو تعاقب ڪرڻ لڳيون.

"اڄ جج صاحب ايتري دير ڇو ڪئي آهي...؟ شايد اُن جي ذهن ۽ ضمير جي وچ ۾ به جنگ ڇڙيل هوندي... پر وڪيل صاحب... ته خاطري سان چيو هو ته،

"Don't worry dear, everything will be O.K."

جج جي خالي پيل ڪرسيءَ تان نظرون هٽائي، هن ڪٺهڙي جي پرسان پوليس جمعدار ۽ انسپيڪٽر سان گڏ بينل پنهنجي پراڻي خاندداني نوڪر، اڏڙوٽ عمر جي رامو ۽ سندس زال

مارويءَ کي ڏٺو... جيڪي ٻئي اکين ۾ ڳڻتين جا سوين انبار کنيو. ڪيس قيامت جهڙي مياري نگاهه سان ڏسي رهيا هئا جن کي واردات واري رات بنگلي جي سرونٽ ڪواٽر ۾ موجودگي ۽ مهجبين سان ڪنهن گهريلو ڪم ڪار تان هڪ ٻه پيرا تکو منو ٿيڻ واري بنياد تي سندس هوشيار وڪيل. ڪيس جي جاچ ۾ پهرئين ٻڌڻيءَ دوران شامل ڪرائي ڇڏيو هو. واردات واري هنڌ تان مليل خنجر تي ڇڏيل فنگر پرنٽس. سندس آڙيڪاپ وڪيل. نوڪر جي ڪاتي ۾ وجهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هيو...! جيڪو خنجر واردات واري رات کان ڪجهه ڏينهن پهريان. هن پنهنجي نوڪر هٿاران اهو چٽي گهرايو هو ته. "دوستن سان گڏجي. جهنگلي سهي جي شڪار تي وڃڻو آهي.... بازار مان تيز ڌار وارو بهترين خنجر وٺي اچ....!" پوليس جاچ ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ مان اهو ثابت ٿيو هو ته "عورت کي تمام گهڻو شراب پياري. بيهوشيءَ واري حالت ۾. بي رحميءَ سان سندس ڳلو جسم کان ڪٽي ڌار ڪيو ويو هو. اُن ۾ تيز ڌار وارو خنجر استعمال ڪيو ويو هو...."

گذريل ٻڌڻيءَ جي پڇاڻيءَ کان پوءِ. عدالت جي ڪمري مان ٻاهر نڪرندي. ڪاريڊور ۾ صحافين جي گهيري دوران. هڪ اڻپهري نوجوان صحافيءَ هن کان پڇيو هو. "سليمان صاحب! پوسٽ مارٽم رپورٽ موجب. اوهان جي Wife کي. تيز ڌار واري خنجر سان قتل ڪيو ويو.... جڏهن ته اوهان عين واردات کان ڪجهه ڏينهن اڳ خنجر گهرايو هو... آخر ڇو....!؟"

تڏهن. هن کي اُن ٽڪي جي صحافي وات ڳارهي ڇوري تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي. پر غصي کي پيئندي. چهري تي ڳنڀيرتا ۽ سنجيدگيءَ جو تاثر آڻيندي مختصر جواب ڏنو هئائين. "ڪاش! آئون اُن رات اسلام آباد ۾ ان گهر ۾ هجان ها... ته ان خنجر سان. اُن ڪميڻي قاتل کي ڳترا ڳترا ڪيان ها... جنهن منهنجي ڪل ڪائنات کي بي رحميءَ سان قتل ڪيو...!!" اُن کان پوءِ ته ميڊيا جي عيوضين ڏينيوئن جيان. ڪيس ڏنگڻ شروع ڪيو هو. پر سندس وڪيل. سندس هٿ کي دٻائيندي نو ڪمينٽس No comments چوندو. ڳچي ۾ صحافين کي سنجيدگيءَ مان اهو چوندي. "يار! هڪ انسان جي Be-loved Wife جو Murder ٿي ويو آهي. جنهن پاڻ قتل جي ايف. آءِ. آر اچي داخل ڪرائي آهي. توهان اُن کان اهڙا سوال پڇي. ويچاري کي ڏکايو ته نه...." ڪيس ڪار ۾ اچي ويهاريو هو. ڪار ۾ ويهڻ کان پوءِ وڪيل هن کي ڏيرج سان سمجهائيندي چيو هو.

... Dear Please be careful

ڪاب اهڙي ڳالهه. اهڙو جملو ڳالهائڻ

کان پهريان، ڏهه پيرا سوچيندا ڪريو... جنهن منجهان اوهان بابت ڪا منفي راءِ جڙي....“ اها سڄي رات هو سمهي نه سگهيو هو... ۽ سڄي رات، شراب ۾ پنهنجا لڙڪ ملائي پيئندو رهيو هو... ڊي. وي. ڊي پليئر ۾، ڊي. وي. ڊي ڊسڪ وجهي، هن سڄي رات پنهنجي شاديءَ جي تقريب کي وري وري روائيندڙ ڪري خوبصورت ساڙهيءَ ۾ سجايل مهه جبين کي ڏسندو ۽ روئندو رهيو هو...! آن رات جو هر پل، هر لمحو، هن تي وار ڪندو رهيو هو.... اهڙا وار... جيڪي... معصوم چهري واري مهه جبين جي ڳچي تي بي حس قاتل بي رحميءَ سان ڪيا هئا....! هن ڊي. وي. ڊي پليئر، رموٽ ڪنٽرول سان آف ڪري ڇڏيو هو.... پر، سندس اکيون ۽ خيال آف ڪيئن ٿي ٿي سگهيا...؟ مهجبين جو معصوم چهرو، گهڙي گهڙي سندس اکين آڏو اچي ٿي ويو.... مهه جبين جي ڏڙ کان ڏار ٿيل سسي، ڪيس ڪمري جي ديوارن تي لٽڪيل محسوس ٿي رهي هئي...!! اهو نه صرف سندس دل کي ئي پٽو هو نه واردات واري رات کان پوءِ ڏينهن ۽ رات جو فرق هن لاءِ پنهنجي معنيٰ وڃائي ويٺو هو...!! دوستن کيس آن Shockمان ڪڍڻ لاءِ، ديسي ۽ ولايتي پريون سندس خيال مٽائڻ لاءِ گهرايون هيون... پر هو... جڏهن به ڪنهن طلسمي بدن تي هٿ ڦيرائيندو هو... تڏهن هر عورت جي روپ ۾ ڪيس مهجبين نظر ايندي هئي... هر عورت جي ڳچيءَ مان تازو خون ٽينديون ڪري وهندي نظر ايندو هئس... هر عورت جي اکين ۾ ڪيس مهه جبين جون ننڍ ۾ نهوڙيل نگاهون نظر ايندي هيون... ۽ ڪيس پنهنجي ئي وجود تي ”ڪنهن ٻئي شخص“ جو گمان ٿيندو هو.... ۽ هو ڪنهن به پل ۾ ڪو آنند ماڻي نه سگهندو هو....!!

”هر معصوم چهري پٺيان.... هڪ اڳهاڙي خواهش... فريب ۽ مڪاري هوندي آهي...“ سامهون، ڪيس جي فائيل کي غور سان پڙهندڙ وڪيلياڻيءَ تي نظر پوندي، سندس اندر ۾، جوالامکي جيان جملو ڦٽي ٿو پوي! ڪيس الائي به ڇو وڪيلياڻيءَ جي اکين ۾ سوڀ رقص ڪندي نظر اچي ٿي! هن کي ڪن پل لاءِ وڪيلياڻيءَ جي چهري ۾، پنهنجي زال جو چهرو آيو....! هن به ٽي پيرا اکيون ڇنيي وڪيلياڻي جي چهري کي غور سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پنهنجو خيال مٽائڻ لاءِ، پنهنجون نظرون وڪيلياڻيءَ جي چهري تان هٽائي وڪيلياڻيءَ جي ڪاڀي پاسي ويٺل هڪ خوبصورت نوجوان جونيئر وڪيل ڏانهن ڏنو، سندس سموري وجود کي ڪن پل لاءِ ڇڻ باهه لڳي وئي. من ۾ آيس، بنا دير جي اٿي، آن نوجوان کي اٿي ئي پورو... پر ٻئي پل

سندس اندر مان آواز آيو "پر اهو هتي ڪيئن ٿو اچي سگهي...؟ اهو ته اُن رات ئي هي شهر... شايد هي ملڪ ئي ڇڏي ويو هوندو....!؟ موت کي ڪير ٿو اکين سان ڏسي سگهي....؟! هن اکيون ڇنيي، جونيئر وڪيل کي ڇڳيءَ طرح ڏٺو... هو ڪو ٻيو هو....!

هن جي چهري تي ڪاوڙ، غصي ۽ غيرت جون ريکائون ٽريفڪ سگنل جي بتين جيان ٻري، وسامي، وسامي ٻري رهيون هيون....!! سموري عدالت جي ڀريل ڪمري ۾ صرف هن جو وڪيل ئي واحد شخص هو، جيڪو هن جي اندر ۾ پڙڪندڙ جوالا مکيءَ جي تاءَ کي محسوس ڪري ٿي سگهيو.

اوچتو! عدالت جي ڪمري ۾ پن ڊراپ سائلينس ڇائنجي وئي...! اڏوٽ ڇمار وارو جج، پنهنجو ڪوٽ سنڀاليندي، پنهنجي ڪرسيءَ تي وينو....!

ڪارروائي شروع ٿي. ٻنهي وڪيلن جي دليل بازي... جرحون... ثابتيون... گواهيون. جج- قلم چپن جي وٽيءَ ۾ وجهي، بي تاثر چهري سان ٻنهي وڪيلن ۽ عدالت ۾ وينل ماڻهن جي چهرن تي اڻ لکيل تحريرون پڙهندو رهيو. ڪافي وقت... وڪيلن جي ڪوڙ- سچ، سچ- ڪوڙ هيٺان لتاڙجندو رهيو...! ۽ پوءِ ڪجهه لمحن جي لاءِ عدالت جي سانتيڪي ڪمري ۾ جج جي ڪڙڪيدار آواز سان سر ملائيندڙ ٽائيپ رائيٽر جي ٽڪ ٽڪ، ٽڪا ٽڪ، ٽڪ ٽڪ، ٽڪا ٽڪ گونجندي رهي. جج آخري ڀيرو، هن جي چهري ڏانهن نهاريو... اکين، اکين سان ڳالهايو...! جج پنهنجو فيصلو ٻڌائي، پنهنجي چيمبر ڏانهن هليو ويو...! عورت وڪيلياڻيءَ جي اکين، هن جي سالي جي اکين ۾ نهارڻ جو ساهس نه ساريو....! هن جي وڪيل، ڪيس باعزت بري ٿيڻ تي Hand Shake ڪندي واڌايون ڏنيون....!! نوڪر ۽ نوڪرياڻي، پوليس تحويل ۾، هن ڏانهن بددعائي نگاهه سان ڏٺو....! ڪجهه ڏينهن تائين اخبارن، ٽي. وي چينلن، اسٽيج، ٽي. وي ۽ فلمي دنيا ۽ ڪاروباري حلقن ۾ ڪيس تي تبصرا ۽ تجزيا ٿيندا رهيا ۽ پوءِ، زندگي ٻيهر معمول تي اچي وئي. پر ٻئي هفتي جي اخبارن ۾ هن جي فوٽو سان آيل باڪس نيوز ٻيهر بزنس ڪميونٽي، آرٽسٽن ۽ صحافين کي هڪ هاٽ اشو ڏئي ڇڏيو.... جڏهن انهن جي خاموش زبانن پڙهيو، "ڪجهه عرصو اڳ بي دردي سان قتل ٿيل بيوٽي ڪوئين مهجبين جي مڙس، نامور صنعتڪار سلمان احمد، پنهنجي لونڊيءَ تي پسٽل سان فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي....!!؟"

هي عام جوتا نہ، "لانگ بوٽ" پالش ڪندو آهي.

رياض بلوچ

ڪامريڊ ٻانگو خان جي شخصيت گهڻ پهلوئي آهي. پهرئين خوبي منجهس اها آهي ته ماڻهو ڪانئس لڪڻ لاءِ جتي به وڃي، اتي اچيو پڇي. ٻي خوبي اها اٿس ته ڪنهن چانهه جي يا ماني جي صلاح نہ ڪيس ته پاڻ وائي ڪري چوندو پر خالي هٿين ڪونہ موٽندو. ٽين خوبي اها آهيس ته ڪامريڊ اوڏر وڃندو ته واپس ڪونہ ڪندو، اها ٻي ڳالهہ آهي ته ڪير ڪامريڊ سان "لاتون ڪا بوت" باتون سي نهين سمجهيڪا" وارو فارمولو آزمائي. چوٿين ۽ سيني ڪان وڏي خاصيت اها آهي ته ڪامريڊ هوٽلن ۾، روڊن رستن تي، دڪانن ۽ بازارن يا شادين مرادين جي پروگرامن ۾ سدائين سنڌ دشمنن منصوبن خلاف آواز اٿارينڊو رهي ٿو ۽ پوءِ ڏاڍي فخر سان چوندو آهي ته "اسان ڏرتي جو قرض چڪايوسين." جنهن ڪري سندس نالو ڪامريڊ ٻانگو خان پئجي ويو يعني سنڌ دشمن منصوبن خلاف ٻانگ ڏيڻ وارو.

اڄ وري آفيس مان زال جي بيماريءَ جو بهانو بڻائي موڪل ورتم. آئون ڪاليج جي ڪلارڪي واري نوڪري مان اڃي تنگ ٿيو آهيان. صبح جو نائين وڳي وڃان ته سڀ ڪان پهرئين حاضري تي صحيح ڪريان. ان ڪان پوءِ مس پنهنجي ڪرسي تي ويهان ته استاد ۽ ڪاليج جي ٻئي اسٽاف جي سلامن ۾ جهلجيو پوان. هرڪو هتان لنگهي چئي سلام عليڪم، آئون دل نہ چاهيندي به چوان وعليڪم السلام، ڪڏهن ڪڏهن مڙئي ڪنڌ ڏوٽي هائو

چوان. خر مغز شاگرد اچيو مٿي ۾ لڳن منهنجو انرولمينٽ ڪارڊ ڪپي، رجسٽر ۾ ڏس رول نمبر ڇاهي؟ امتحاني فارم ڪڏهن تا اچن؟ هن وقت تہ امتحاني فارم پرڻ جو چڪر هلي پيو. چندا چوڪرا، اصل نہ وٺڻ واري مهانڊي سان اچيو فارم جمع ڪرائين. پڙهڻ لکڻ سان اصل پوين ڪونہ، سڄو فارم خالي آڻيندا ۽ پوءِ ڪين فارم پرائٽو پوندو، فوٽا لڳائڻا پوندا، رسيد ڏيڻي پوندي، پنهنجو ڪم بہ مون کان وٺن، في جا پئسا ڏاڍي شوق سان جمع ڪرائين ڇاڪاڻ تہ بابي جي ڪمائي آهي، پنهنجي ڪمائي هجي تہ ڏسن تہ ڪيئن تا لاهہ نڪرن، جي ساڻن سختي سان ڳالهايان تہ پرنسپل کي شڪايت ڪندا ۽ پوءِ منهنجو خير ناهي. تنهنڪري سڀ ڪجهہ صبر سان سهي ٿو وڃان.

اڄ صبح کان گرمي بہ ڏاڍي ٿي آهي، تنهنڪري آفيس ۾فون ڪري پنهنجي زال سُڪان جي ناچاڪيءَ جو بهانو بڻائي موڪل ورتم، ڪجهہ تہ آرام اسان کي بہ ڪپي!

سڪان مون کي شاديءَ کان پهرين ڏاڍي وڻندي هئي. مون هڪ پيري ڪيس چيو هو تہ "سڪان منهنجي زندگي جا سمورا سڪ توسان لاڳاپيل آهن، تون مون کي نہ ملينءَ تہ آئون ڪڏهن بہ سڪ سان نہ سمهي سگهندس. تون مون لاءِ ايئن آهين جيئن مينهن ڪنڊي پور، تيئن دوست واراڪا دل ۾، پر مون کي ڪهڙي خبر تہ "مون سگ بہ سجاٽي نہ ڪيو." سڪان سان شاديءَ کان پوءِ

HALL OF SHAME

اقوام متحده جي تعليم، سائنس ۽ ثقافت جي تنظيم يونيسڪو هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي تہ پاڪستان ۾ 65 لک ٻار، تعليم جي بنيادي حق کان محروم آهن، ان رپورٽ ۾ نائيجيريا جي صورتحال کي سڀ کان وڌيڪ شرمناڪ قرار ڏنو ويو آهي جتي 80 لک ٻار اسڪولي تعليم جي حق کان محروم آهن. جڏهن تہ ٻئي نمبر تي پاڪستان ۽ ٽئين نمبر تي انڊيا جي صورتحال کي شرمناڪ قرار ڏنو ويو آهي، جتي 45 لک ٻارن کي تعليم تائين رسائي حاصل ناهي. ان کان بہ وڌيڪ شرم جوڳي ڳالهہ تہ اها آهي جو ايٿوپيا جهڙي غريب ترين ملڪ جي صورتحال بہ انڊيا پاڪستان جهڙن ايٽمي ملڪن کان ڪجهہ بهتر آهي جنهن ان فهرست ۾ چوٿين پوزيشن ڪنئي آهي.

منهنجي گهر ۾ ٻارن جي لائين لڳي ويئي، پر سک ائين ڀڄندا ويا جيئن ٻلو ڪتي کان. پنج پٽ ۽ ٻه نياڻيون هڪٻئي جي پٺيان پئدا ٿيندا ويا. هاڻ ڪلارڪي واري پگهار مان ڪٽان ٿي پورٽ ٿئي. شاديءَ کان پهرين جيسين سکان سان نہ ڳالهائيندو هئس، تيسين ننڊ نہ ايندي هئي، پي. سي. او تي نمبر ملائي ڳالهائڻ شروع ڪندو هئم تہ بس ڪرڻ جو نالو ئي نہ هو. پي. سي. او وارو ٻروچ ٽڪجي مارڻ تي ايندو هو، چئي تون ميم صاحبہ سان ڪچهري ٿو ڪرين يا ريڊيو پاڪستان جون خبرون ٿو ٻڌائين. پر هاڻي سکان کي ماڻڻ کان پوءِ ويسر جو مريض بڻجي پيو آهيان. اسڪول واري زماني ۾ وڏا وڏا ريل جيترا سبق منٽ ۾ ياد ڪندو هئس ۽ هاڻي گهران ٽماٽا ۽ بصر ونڻ وجان تہ ڪير وٺيو اچان، مشڪريءَ جا ٻہ ٻول ڳالهائي چپن تي هڪ عدد ڦڪي مرڪ آڻي سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيندو آهيان.

هن وقت ڏينهن جا ٻارنهن ٽي چڪا آهن، گرميءَ جي باهہ ٻري پئي، ڳوٺ جي ڀرپاسي واري باغ ۾ نم جي ڇانوَ هيٺان ماڻهو ستا پيا آهن، ڪانگ ڪيڏي مهل ڪانءُ ڪانءُ ڪري، باقي ٻيو مڙئي خير. آئون پنهنجي ڇنل کٽ تان اٿي گهران نڪتس. مٿي تي ننڍڙو رومال رکي بالا حجم ڏانهن روانو ٿيس، مون سوچيو تہ وار ننڍڙا ڪرايان جيئن مٿي کي ڪجهہ هوا لڳي. بالا حجم جو دڪان منهنجي گهر کان ڪجهہ پرپرو آهي، تنهنڪري آئون ڪاڙهي جي شدت کان بچڻ لاءِ قدمن جي رفتار وڌائيندو ويس. ٿورو اڳتي لڪو پناڻ جي گهر ڀرسان لنگهندو مدينہ مارڪيٽ پهتس. جتي بالا حجم جو دوڪان ڪليو پيو هو. بالا حجم پنهنجي مٽ جيڏي پيٽ تي هٿ ڦيريندو، ڪنهن جا وار ڪتري رهيو هو. تہ ٻئي طرف پنهنجي گفتگو ۾ ٻہ مشغول هو. مون سلام ورايو تہ وعليڪم سلام چئي ٻيهر پنهنجي ڪچهري شروع ڪيائين، چئي پيو" پنجاب دي باغان وچ جهڙي خوشبوءَ هي او سنڌ وچ ڪٿي؟ پنجاب دي خوبصورتي دي گل ئي اور هي."

بالا حجم اڄ کان گهڻ ۾ گهٽ ويهہ سال پهرين کان هتي رهي ٿو، تنهنڪري منهنجي ساٿس سٺي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي، هو اصل ۾ لاهور جو رهاڪو، پنج وقتي نماز جو پابند، شلوار جا پانچا مٿي، سڄو ڏينهن مذهب جي ڳالهہ ڪندو، يا پنجاب جي خوبصورتي بيان ڪندو.

همراه جا وار سنواري بالا حجم مون کي ويهاري منهنجا وار ڪترينڊو ويو. گرميءَ سبب مون سندس ميري چادر اوڍڻ کان انڪار ڪيو. بالا اجا تائين پنهنجي تقرير بند ئي نہ ڪئي هئي تہ ڪامريڊ ٻانگو خان اچي پڳو. سلام بدران ڪامريڊ چيو "جيئي سنڌ". وراڻيم "سدا جيئي". بالا حجم جو ٻوٽ ئي ڦري ويو ڇڻ ڪنهن گار ڏنس. وس پڄيس ها تہ اسان جي ڪافر هجڻ

جي فتويٰ جاري ڪري ها.

ڪامريڊ ٻانگو خان جي شخصيت گهڻ پهلوئي آهي. پهرئين خوبي منجهس اها آهي تہ ماڻهو ڪانئس لڪڻ لاءِ جتي بہ وڃي، اتي اچيو پڄي. ٻي خوبي اها اتس تہ ڪنهن چانهہ جي يا ماني جي صلاح نہ ڪيس تہ پاڻ وائي ڪري چوندو پر خالي هٿين ڪونہ موٽندو. ٽين خوبي اها آهيس تہ ڪامريڊ اوڏر وٽندو تہ واپس ڪونہ ڪندو، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪير ڪامريڊ سان "لاٽون ڪا بوت، باتون سي نهين سمجهيگا" وارو فارمولو آزمائي.

چوٽين ۽ سيني ڪان وڏي خاصيت اها آهي تہ ڪامريڊ هوٽلن ۾، روڊن رستن تي، دڪانن ۽ بازارن يا شادين مرادين جي پروگرامن ۾ سدائين سنڌ دشمن منصوبن خلاف آواز اٿاريندو رهي ٿو ۽ پوءِ ڏاڍي فخر سان چوندو آهي تہ "اسان ڌرتي جو قرض چڪايوسين." جنهن ڪري سندس نالو ڪامريڊ ٻانگو خان پئجي ويو يعني سنڌ دشمن منصوبن خلاف ٻانگ ڏيڻ وارو.

بالا حجم منهنجا وار ائين ڪترينڊو رهيو، جيئن پاڪستان جي محافظن بنگالين کي ڪتيو هو. ٻئي طرف ڪامريڊ ٻانگو خان سنڌ دشمن رتائن خلاف ڳالهائيندو رهيو. مون کي پڪ ٿي تہ هاڻي ڪامريڊ چانهہ پيئڻ کان سواءِ جند ڪونہ ڇڏيندو، يعني ڏهہ رپيا چٽ ٿيندا. ايتري ۾ وڏو گوڙ ٿيو.

اسان سيني هيڪاندي ڪنڌ ورائي ڏنو تہ ڪي ماڻهو ساوا جهنڊا ڪٽي هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيا هئا، اهوگوڙ سندن نعرن جو هو، ڏسندي ڏسندي ڪجهہ چمڪندڙ شاندار گاڏيون آيون جن مان هڪ ماڻهو ننڍي ڏاڙهي ۽ وڏين مڇن سان لٿو ٻيا سڀ ان جي چوڌاري بيهي رهيا. ٿوري دير کان پوءِ هڪڙي لوهہ جي پائيپ تي لڳل رسو ڇڪي پرچم ڪشائي جي رسم ادا ڪئي، پوءِ پنهنجي چوڌاري ماڻهن کي خطاب ڪيائين، "اسان جمهوريت جا حامي آهيون، پاڪستان ۾ حقيقي جمهوريت آڻڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون، وغيره" ۽ پوءِ گاڏي ۾ چڙهي هليو ويو.

ڪامريڊ ٻانگي خان چيو "سجاٽين تو ڪير آهي؟"

"نہ"

چيائين، "هن جي علائقي ۾ هن کان سواءِ ڪير ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي. ضلعي ناظم بہ هن جي مرضي سان ڪم ڪندو آهي تہ ايم پي اي ۽ ايم اين اي بہ. هن جي علائقي ۾ سرڪار بہ پنهنجا ڪامورا هن جي اجازت کان پوءِ موڪلينديِ آهي. پر پيشي جي لحاظ کان موچي آهي.

چيم "ڪامريڊ چريو ٿيو آهين. ايڏو وڏو ماڻهو موچيگيري ڪيئن ڪندو؟"

مشڪري ڪندي چيم "پوءِ آءٌ بہ پنهنجا جوتا هن کان پالش ڪرائيندس."

ڪامريڊ چيو "هيءَ عام جوتا نہ، "لانگ بوٽ" پالش ڪندو آهي."

نئون ليکڪ

ماضي جا ڏنڌلا عڪس

مظهر علي جروار

"پاڻ ازل کان هڪ آهيون، پاڻ آدجڳاد کان هڪ آهيون. پنهنجو هر جنم ۾ ميلاپ ٿيندو، پاڻ ڪڏهن به هڪبئي کان الڳ ٿي نٿا سگهون."

اوهين عاشق ايترا اتاولا ڇو ٿيندا آهيو....

وقت ڪيڏو نہ تيزي سان گذري وڃي ٿو ۽ پويان رهجي وڃن ٿا، ماضي جا ڏنڌلا ڏنڌلا عڪس، ڏنڌلا ڏنڌلا خواب، ڏنڌلا ڏنڌلا سپنا، ڏنڌلا ڏنڌلا ٿهڪ، ڏنڌليون ڏنڌليون يادون. وقت تيز رفتار گهوڙو آهي جيڪو ڏوڙ اڏائيندي تيزي سان گذري وڃي ٿو.

سج کي شفق ۾ ٻڏندي ڏسي ۽ آڪاش تان اڏامندڙ پکين جا ٿهڪ ٻڌي مان ماضي جي ڪُن ۾ ڪرندو ٿو

وڃان.

ماضي جو ڪُنُ جتي ٻہ سال اڳ ٿهڪ هئا، سپنا هئا، ۽ موهہ هيو. منهنجو ۽ نشا جو بي انت موهہ.

ٻہ سال اڳ جڏهن نشا ۽ منهنجي پيار ڪهاڻي سرجي رهي هئي تڏهن اسان جون روز ملاقاتون ٿينديون هيون. هڪ ڏينهن شام ڌاري نشا کي ڪمند ۾ گاهہ ڪندي ڏسي ورتو هئم. جوڻ جون گرميون، بي انت گرميون، گرمي جي ڪري گلا ڪولي نشا جي ويجهو ويو هئس، تہ نشا مرڪندي چيو هو،

"مجان تي داداگير آهين، پر غريبن ۽ اٻوجهن لاءِ، مون لاءِ نہ. مان توکان ڊڄان ڪونہ تي."

گلي جا ڪڙا بند ڪندي، اوچتو سيني تي اُڪريل نالو ڏسي وئي هئي. ڳنيپرتا مان چيائين، "سراج هي سيني تي ڪنهن جو نالو لکيو اٿئي.

مرڪندي چيو هئم، "چري، جڏهن هي ڪائنات سرجي، جڏهن "الست بي ربڪم" جو آواز ڪنن تي پيو، تڏهن "قالوبلي" چوندي مون سيني تي تنهنجو نالو لکايو هو. پاڻ ازل کان هڪ آهيون، پاڻ آدجڳاد کان هڪ آهيون، پنهنجو هر جنم ۾ ميلاپ ٿيندو، پاڻ ڪڏهن بہ هڪٻئي کان الڳ ٿي نہ ٿا سگهون."

مرڪندي پڇيائين،

سراج، تون مون سان ڪيترو ٿو پيار ڪرين؟"

چيو هئم، "جيترو چڪور چنڊ کي چاهي ٿو، جيترو پروانو شمع سان پيار ڪري ٿو.

جيتري هي آڪاش جي اوچائي آهي. مان توسان ايترو موهہ ڪريان ٿو."

"۽ تون؟"

سوچيندي ڪجهہ دير کان پوءِ نشا مرڪي چيو هو،

"جيئن سمنڊ جي گهرائي ۽ اونهائي ماپي نٿي سگهجي، ائين منهنجو توسان موهہ بہ نٿو ماپي سگهجي."

اتاولو ٿي ڪيس پاڪر ۾ پريندي، گرم گرم انگوري چپڙن مان گرم گرم جل ٿل پيئڻ جي ڪوشس ڪيم. پر پاڻ کان الڳ ڪندي چيائين، "اوهين عاشق ايترا اتاولا چو ٿي وينِدا آهيو."

جيڪڏهن ويجهو هُجي تہ پاڪر ۾ پريندي دير ئي نہ ڪندا آهيو. اوهين ڪنهن سان سچي محبت نہ ڪندا آهيو. اوهين تہ رڳو....

اڳيان چئي نہ سگهي هئي.

مان سمجهي ويو هئس تہ ڇا ٿي چوڻ چاهي. مون ٿوري خاموشيءَ کان پوءِ چيو تہ،

"ڇا، فرهاد بہ شيرين سان سيڪس ڪرڻ لاءِ جبل کوٽيو هو."

ڇا ميهار جو بہ سهڻي سان رڳو جنسي لڳ لاڳاپو هو. چيو هئم تہ، "چري عشق، عشق آهي. پٽائي فقط مغل شهزادي جي چيچ ڏسي عاشق ٿيو هو...."

منهنجو جملو ڪٽيندي، چيائين،

"پٽائي درويش هو، تون تہ شيطان جو پيءُ آهين.

نشا جو جملو ٻڌي، ٿهڪ جا پنڇي پرڙا کولي اڏرڻ لڳا هئا.

"نشا؟"

"هون."

"نشا، مان سياڻي ڪراچيءَ وڃان ٿو. ڪنهن مل ۾ لڳي، ڏهه پندرهن هزار ڪمائي، پوءِ ڳوٺ ۾ دڪان کولينداس ۽ پوءِ تون هميشه لاءِ منهنجي ٿي ويندينءَ."

نشا جي نيٺن ۾ ڏنو هئر ته نيٺن مان لڙڪن جي برسات وسڻ لڳي. برسات جون ڦڙيون ڳلن کي پسائيندي، ڪپڙن ۾ جذب ٿيڻ لڳيون هيون.

چيو هئر، "چري، روئين ٿي. مان ضرور واپس اچي توکي پنهنجو ڪندس. تون فقط انتظار ڪجانءِ."

"تون ايندين پر هي جيون جا ڏينهن جدائي ۾ ڪيئن گذرندا،" چيائين.

وري سڏڪي پيئي هئي.

"نشا، ڇا پاڻ رات جو انهيءَ بڙ جي هيٺ ملي سگهون ٿا جتي پاڻ ڪيئي راتيون هڪٻئي سان موهه ڪندي گذاريون. دل ڇئي ٿي اڄوڪي رات به اتي گذاريون، بڙ جي هيٺ. ايندينءَ نه مون سان ملڻ."

ها ۾ ڪنڌ لوڏيو هئس.

ماں ڪمند مان نڪري، رلندي رلندي گهر رات جو اٿين وڳي پڳو هئس.

ماني کائي سمهي پيو هئس. پر نند جي ديوي مون کان دور دور نه ڇاڻ ڪُٽي هئي. من بيقرار، محبوب سان ملڻ لاءِ، محبوب کي ڇهڻ لاءِ، محبوب کي چمڻ لاءِ.

رات جا ٻارهن ٿيا هئا. آهستي آهستي پنهنجي ڪمري مان نڪري ان پراڻي بڙ طرف وڌڻ لڳس جتي منهنجي ابن ڏاڏن راندين کيڏيون هيون.

هن ساڳئي بڙ هيٺ مون ۽ نشا ٻالڪپڻ جا ڏينهن گذاريا ۽ هاڻ جواني جي چائنڻ تي پهتا آهيون. پري کان پتن جي سر سر ايندي وئي منهنجي ويجهو، هوريان هوريان ويجهو ويجهو....

نشا جي بدن مان ڪتڪتايون، سيسراٽيون نڪري ويون. بدن سڄو تپي تندور جيان گرم ٿي ويس، نندڪڙا نيڻ کڻي آهستي آهستي چيو هئس، "هاڻي ڇڏ به ڪٽي."

ستارا هيٺ جهڪندا ويا، وقت تيزيءَ سان گذرندو ويو، اسين هڪٻئي جي ٻاڪرن ۾ دنيا جهان کان بيخبر هڪٻئي ۾ سمايل، هڪ جسم هڪ روح ٿيل. آخر رات پنهنجا پساهه پورا ڪيا. پرهه جا پنڇي گيت ڳائڻ لڳا. ستارا هيٺ جهڪندا اولهه جي اجهاڳ سمنڊ ۾ گم ٿيڻ لڳا.

نشا اتي مون کان موڪلائيندي چيو، "مان لال وڳي ۽ تنهنجي نام جي ميندي جو انتظار ڪندينس."

مسجد ۾ ملان ٻانگ ڏني، مندر ۾ جهانجهه وڄڻ لڳا، تڏهن مان ٽڪل ٽڪل قدم کڻندو گهر پڳس ۽ ڪٽ تي ليٽي نند جي غفا ۾ گم ٿيڻ لڳس.

اک ڪلي ته سامهون پت تي لڳل گهڙيال ۾ ڏٺم صبح جا نو ٿيا هئا.

اتي هٿ منهن ڏوئي نيرن ڪري وهنجي تيار ٿي، ڪپڙن وارو بئگ ڪٽي، امان ۽ بابا کان موڪلائي بس اسٽاپ تي پهتس.

ڪهڙ وقت ڪان پوءِ ڊگهڙي واري بس بہ اچي وئي. اِن بس ۾ چڙهي ڊگهڙي پهتس.

ڊگهڙيءَ مان وري ڪراچي ويندڙ اي. سي. ڪوچ ۾ اچي ويٺس ۽ ذهن جي آڪاش تي سوچن جا ستارا جهرمر ڪرڻ لڳا. سوچون، روشنين جي شهر ڪراچيءَ جون سوچون، تيز رفتار وقت ۽ تيز رفتار بس، ۽ تيز رفتار سوچون.

ان ساڳيءَ مل تي ويس، جتي اڳي بہ ٻہ مهينا ڪم ڪري آيو هئس. ڪم تي جلدي لڳي ويس. وقت جو گهوڙو ڏوڙ اڏائيندو اڳتي نڪري ويو. اٺ مهينا اک ڇنڀ ۾ گذري ويا. سورهن هزار ٻچائي، شهر مان نشا لاءِ لال جوڙو ۽ امان بابا لاءِ ڪپڙا وٺي ڳوٺ ورڻ لڳس.

آهائي تيز رفتار ڪوچ، تيز رفتار وقت ۽ تيز رفتار سوچون، آهي ئي وڻندڙ منظر.

ڪوچ سڀ ڪجهہ پويان ڇڏيندي اڳتي نڪرندي وئي. حيدرآباد- ميرپورخاص کي پنتي ڇڏي، ڊگهڙي ۾ ڪوچ اچي بيٺي. مان ڊگهڙي لهي پيس. نشا لاءِ چوڙيون، ميندي، مٺائي ۽ ٻيو ٿورو گهڻو سامان وٺي ٽيڪسي ڪري ڳوٺ پهتس. امان مون کي ڏسي اصل گل جيان ٽڙي پيئي. پاڪر ۾ پريندي، ٻاجهہ پريون چميون ڏيڻ لڳي.

بابا ٻنيءَ تي ويل هو، مان هٿ منهن ڏوئي ٻاهر نڪرڻ لڳس. امان چيو، "پٽ ڪاڏي ٿو وڃين، ٿڪجي پيو هوندين، ڪجهہ آرام ڪر."

چيم، "امان ٿورو ٻاهران ٿيو اچان ٿو."

مان گهر کان ٻاهر نڪري ٻنيءَ طرف وڌڻ لڳس.

آڪاش ڏانهن نظر ڪيم.

سج زخمي چيتي جيان آهستي آهستي اولهہ جي غفا ۾ لڪڻ لاءِ ٿڪل ٿڪل قدم کڻي وڃي رهيو. آڪاش جي هيٺان، ڌرتي جي مٿان پکين جا ولر اڏامندا، پنهنجن پنهنجن آکيرن ڏانهن وڃي رهيا هئا. هيٺ ڌرتي تي پريان رستي تان ٻڪرين جا ڏڻ ڌرتي تان ڏوڙ اڏائيندا، ڪنڌ ۾ لڳل ٽٽين جا خوبصورت آواز ڪڍندا، وٽاڻن ڏانهن وڃي رهيا هئا.

پريان ڪمند مان ڳوٺ جون عورتون گاهہ جون پريون مٿن تي کڻي وڃي رهيون هيون. مان انهن ۾ نظرون وجهي، نشا کي تلاش ڪرڻ لڳس، پر نشا انهن ۾ نہ هئي.

اوچتو منهنجي نظر بابا تي پئجي وئي، جيڪو واٽر جو ڪپ وٺي مون ڏي اچي رهيو هو. شايد پري کان مون کي سڃاڻي ورتو هئس. پري کان مرڪندي پئي آيو. ويجهو پهچي پاڪر ۾ پريندي ڏک وچان چيائين "پٽ، هيترو وقت لڳائيو آهي ڇا؟"

چيم، "بابا هاڻي تہ اچي ويس، هاڻي اتي ئي هوندس."

مرڪندي چيائين، "هنن عورتن ۾ ڪنهن کي پئي چتائي ڏٺئي. مون سمجهيو شهر ۾ ڪا پسند ڪري آيو هوندين."

چيم، "بابا، ڳوٺ ۾ ڇوڪريون گهٽ آهن جو شهر مان شادي ڪندس."

چيائين، "پٽ جيڪڏهن ڪا پسند هجي تہ ٻڌاءِ تنهنجو اڄ ئي تا مڱڻو ڪريون."

چيو هئم، "ها بابا، هوءَ ناهي چاچي ولوءَ جي ڇوڪري نشا، اها پسند آئم."

مرڪي پيو هو، چيو هئائين، "هل، هينئر ئي تا وڃي تنهنجي نالي جا ڪپڙا پاراايون."

گهر اچي بابا سڀ ڪجهہ امان کي ٻڌايو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ امان ۽ بابا ڪپڙا ۽ مٺائي کڻي، نشا جي گهر ويا ۽ مان گهر ويهي سندن واپسيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳس.

چپن تي مرڪ، اندر ۾ بي انت خوشي. اڄ کان نشا منهنجي ٿي ويندي.

گهڙي گهڙي در تي اڄ وڃ ڪرڻ لڳس.

آخر ٻن ڪلاڪن کان پوءِ امان ۽ بابا آداس آداس گهر ۾ داخل ٿيا.

ڪپڙا ۽ مٺائي بہ سندس هٿن ۾ هئي.

بابا کان پڇيم، "بابا ڇو آداس آهيو، ڇا هنن انڪار ڪري ڇڏيو؟"

"نہ، نشا جي گهر جا سڀ ڀاتي راضي هئا، پر نشا انڪار ڪري ڇڏيو."

"ڇا؟"

"ها!"

بابا اهو چئي ڪٽ تي سمهي پيو.

امان رڙٽي ڏانهن هلي وئي.

مان پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳس، پيرن ۾ ڇڻ ڪنهن اڏ مٽيون ٻڌي ڇڏيون هجن. ساهہ منجهڻ لڳو. اکين اڳيان اوندهہ اچي وئي.

ڪمري ۾ وڃي ڪٽ تي ليٽي پيس. سوچون هزار سوچون، نشا ڇا تو انڪار ڪري ڇڏيو؟ تون اهو ڪيئن ٿي ڪري سگهين؟ نشا، تون بہ زماني وانگر بي وفا ٿي وئينءَ....

جڏهن اک کلي تہ ڪمري ۾ بي انت اونداهي هئي. ڪمري مان ٻاهر نڪري ورانڊي ۾ ڏٺم، امان ۽ بابا سمهي پيا هئا. مان آهستي آهستي قدم کڻندو گهر مان نڪري انهي بڙ ڏي وڃڻ لڳس، جتي اٺ مهينا اڳ مان ۽ نشا آخري پيرو مليا هئاسين.

پري کان بڙ جو وڻ ڪنهن ازدها بلا جو ڏيک ڏئي رهيو هو. پريان انهيءَ بڙ جي وڻ هيٺ بہ پاڇا نظر اچڻ لڳا، جيڪي ڪن پل لاءِ هڪٻئي کان الڳ ٿيا ۽ وري هڪٻئي جي ڀاڪرن ۾ سمائجي ويا.

مان ويجهو ويندو ويس.

اوچتو منهنجي پيرن هيٺان بڙ جي سڪل پنن جا لاش اچڻ لڳا. انهن سڪل پنن جي لاشن کان هلڪي چيخ نڪرڻ لڳي. سڪل پنن جي رڙين ۽ منهنجي قدمن جا آواز ٻڌي، اهي پاڇا هڪٻئي کان الڳ ٿي مون طرف ڏسڻ لڳا. ڏٺم، اهي پاڇا ڪپڙن کان آجا، اگهاڙا الف اگهاڙا: اهي پاڇا، نشا ۽ منهنجو دوست ربو. منهنجي اکين اڳيان اوندهہ ڇانئجڻ لڳي، اوندهہ، بي انت اوندهہ.... ☆

"صبوح کان "کون کون" وٺي لڳائي اٿيئي! مون توکي گهڻا ڀيرا چيو آهي تہ رات جو گرم کير ۾ اڌ چمچو هئڊ جو وجهي پي ڇڏ. ان سان کنگهہ ۾ فائدو ٿيندو آهي. رات جو سمهڻ کان اڳ، ڇا تو ائين کيو؟"

"نہ."

"ڇو؟"

"بس، کانہ کيم!"

"اهو بہ کو جواب ٿيندو آهي؟"

"بَس، مان اهڙي ئي آهيان. انهن ٽوٽڪن ۾ نٿي وشواس رکان.

هند جو سنڌي ادب

حقيقي ڪهاڻي

تضاد زندگيءَ جا

ريٽا شهاڻي

مگر مان پنهنجي پتي ديوَ کي ڇا ڪريان؟ هو ٻين ماڻهن جا سجهاوَ ۽ صلاحون اچي مون کي ٻڌائيندو هو. حد ٿي ويئي. آخر مون کي پنهنجي زندگي پنهنجي نموني سان جيئڻ جو اڌيڪار آهي يا نہ؟

اهڙا عجيب تضادَ، جيون کي ڊانواڊول ڪري ڇڏين ٿا.

تنگ اچي ويئي آهيان.“

”ان ۾ تنگ اچڻ جو ڪهڙو سوال آهي؟ آخر تنهنجي ڀلي جي ئي تہ ڳالهہ ڪري رهيو آهيان.“

”ها، ها، مون کي خبر آهي. سڀني کي اچي منهنجي ڀلي جي پيئي آهي!“

اهڙي گفتگو اڪثر ٿيندي رهندي هئي، اسان ٻنهي پتي پتنيءَ جي وچ ۾. هو منهنجن اهڙن جوابن تي هري ويو هو ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين کي وٺي ڪونہ ويهندو هو ۽ نہ ئي دل ۾ ڪندو هو. وري ٻئي ڏينهن ڪو نئون سجهاءُ ڏيندو هو.

واقعي مان تنگ اچي ويئي هئس. آخر ڪيترو ٻڌندي ايندئس سڀني جي. ننڍي هوندي کان وٺي، جنهن کي ڏس اڻ گهري صلاح ڏيندو رهندو هو. اول، مان هنن جي ڳالهہ ٻڌندي هئس، مگر هاڻي عاجز اچي چڪي آهيان.

ڪو چوندو هو، ”صبوح جو اٺي پهرين پهرين تلسيءَ جا چار پن کاءُ.“

ڪو چوندو، ”ڪارن مرچن ۽ لوڻنگن کي ڪاڙهي اهو پاڻي پي ڇڏ!“

”ٿڌي پاڻيءَ جي پرهيز ڪر. ٿرماس ۾ گرم پاڻي رکي ڇڏ ۽ اهوئي پيئندي ڪر.“

”ڏهي نہ کاءُ.“

”ميوو کائڻ بند ڪري ڇڏ.“

”ڪير پيئڻ تنهنجي لاءِ نقصانڪار آهي.“

ڪو وري چوندو، ”ڪير پيئڻ ضروري آهي.“

”ڇاتيءَ تي گرم سيڪ ڪر.“

”پنج داڻا بادامين جا ڇلي نيراڻي ڪائيندي ڪر.“

”ماڪي براندي گرم پاڻيءَ سان پيءُ.“

”مٺي ڪاڻي، سوئف، مصري، ڪشمش جو ڪاڙهو پيئندي ڪر.“

”ڇاتيءَ ۽ نڙيءَ تي ڪٽيل جاڻ جو ليپ لڳاءِ.“

”ڏائي ڪرائيءَ ۾ ٽامي جو ڪڙو پاءِ.“

”ساهہ جي ورزش يعني پراڻايام ڪندي ڪر.“

”اصل ٽوٽڪا ئي ٽوٽڪا! انهن جو ڪو انت ئي ڪونہ هو. ڪنهن جو ٻڌي ڪنهن جو ٻُڌان؟“

ٻالڪپڻ کان ئي نازڪ صحت قدرت پاران تحفي طور جو ملي هئم! ساهہ جي تڪليف هلاڪ ڪندي هئم. سياري ۾ ٿڌ جو اثر ٿيندو هوم. گرميءَ ۾ لُڪَ پنهنجو تاثير ڏيکاريندي هئي. سرءُ ۽ بهار ۾ الرجيءَ جو شڪار ٿيندي هئس. نزلو اهڙو ٿيندو هوم جو نڪ مان پاڻي پيو وهندو هو يا وري نڪ صفا بند. ننڍي ڄمار کان وٺي امڙ منهنجي صحت لاءِ ڇڳا پاپڙ ويليا هئا. ڪڏهن هوميوپيٿ ڊاڪٽر وٽ وٺي ويندي هئي تہ ڪڏهن وئد يا حڪيم وٽ، جيڪي جڙين ٻوٽين جا ڪوڙا ڪوڙا چورڻ ڪارائيندا هئا.

هڪڙو پيرو اخبار ۾ نسخو آيو، دم جي مريضن لاءِ ڏکڻ پارت جي هڪ وئد اهو اعلان ڪيو هو تہ سال ۾

هڪڙو پيرو پورٽماسيءَ جي رات (شايد شرد پورنما تي) ڪير جو ڪنورو چانڊوڪي رات ۾ ڪنڊ تي رکي ڇڏڻ سان ڪي مفيد گڻ اُن ڪير ۾ شامل ٿي ويندا. اهو پيئڻ سان گڏ، هڪ ننڍڙي ثابت ڪچي مڇي ڳيهڻي آهي ۽ ائين ڪرڻ سان الرجيءَ واري دم جي بيماريءَ وارا، زندگي ۾ ان مرض کان آجا ٿي ويندا. ان سان ڪن پرهيز جي قاعدن جو به پالن ڪرڻو آهي. منهنجي امي اهي سڀ اُدم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويئي مگر مون ڪچي مڇي ڳيهڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

هڪڙو ڪنب جو متر (دوست) اسان جو شُڀُ چنتڪ (خيرخواه) مون کي هڪڙي اهڙي حڪيم وٽ وٺي ويو جنهن وٽ منهنجي بيماريءَ جو اڪثير علاج هو ۽ ان علاج جو بيشمار ماڻهن لاڀ ورتو هو. خوب پرهيز ڪرايائين. هي ڪائڻو آهي، هو نه ڪائڻو آهي (خاص ڪري سيئي لذيذ شين چکڻ تي پابندي!) مانيءَ کان اڳ پاڻي پيئڻو ناهي، ماني ڪائڻ کان پوءِ هڪ ڪلاڪ پاڻي پيئڻ تي بندش!! منجهند جو کاڌي کان پوءِ سمهڻو ته ڇا ليٽڻو به ناهي. هي ڪرڻو آهي، هي نه ڪرڻو آهي وغيره وغيره. هڪ ملهائتي دوا جي بوتل خريد ڪرڻ جي هدايت ڏنائين. اها دوا پيئڻ سان واقعي مون کي فائدو ٿيڻ لڳو. منهنجون تڪليفون دور ٿيڻ لڳيون. گلن مان سڳنڌ اچڻ لڳي، هوا تازي ڀاسجڻ لڳي. چند ۽ تارن جي سونهن وڌي ويئي، زندگي حسين ٿي ويئي. واهه، واهه، ڇا ته حڪيم هو!

اوچتو هڪ ڏينهن اخبار ۾ خبر آئي ته فلاڻي آيرويدڪ دوا ۾ ڪارٽيزان (Cortizon) جو مقدار گهڻي ماترا ۾ آهي. ڪارٽيزان هڪ اهڙي خطرناڪ ايلوپٿي دوا آهي جيڪا شديد حالتن ۾ ڊاڪٽر جي صلاح هيٺ خبردازيءَ سان ڏني ويندي اهي. اها مرض جي اهجاڻن کي ته دور ڪندي آهي مگر اگرن نتيجن سان. وڻڻ وارن جو وزن وڌڻ لڳندو آهي، بي قابوُ بک لڳندي آهي. هڏا ڪمزور ۽ ڀرڪڻا ٿي پوندا آهن ۽ اڳتي هلي سموري شرير (جسم) کي جڏو ڪري ڇڏيندي آهي. اها خبر پڙهندي ئي اسان ان دوا ۽ وئدراج کي نمسڪار ڪري ڇڏيو!

ظاهر آهي ته اهڙن تجربن ملڻ کان پوءِ، منهنجو سيني شي چنتڪن مان وشواس کڄي ويو هو! پوءِ به سالن جا سال صرف صلاحن جي سنڪيا ۾ اضافو ٿيندو ويو. الائي ماڻهن کي ٻين کي صلاحون ڏيڻ ۾ ايڏو مزو ڇو ٿو اچي؟ صلاحون ڏيندي مهل شايد هنن جي اهم کي سڪون ملي ٿو ۽ هو پاڻ کي وڏيڪ هوشيار ۽ سرخرو سمجهڻ لڳن ٿا. مان به ته سالن جا سال هڪ ننڍڙي ٻالڪ جيان هنن جي صلاحن تي عمل ڪندي رهي آهيان، مگر هاڻي حد ٿي چڪي آهي. هاڻي مان هنن جي صلاحن کي هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندي آهيان. ڇا مان ٻڌل آهيان هنن جي صلاحن تي عمل ڪرڻ

لاءِ؟ وينا پل هوا ڪائين!

مگر مان پنهنجي پتي ديوَ کي ڇا ڪريان؟ هو ٻين ماڻهن جا سجهاوَ ۽ صلاحون اچي مون کي ٻڌائيندو هو. حد تي ويئي! آخر مون کي پنهنجي زندگي پنهنجي نموني سان جيئڻ جو اڌڪار آهي يا نہ؟ ڇو ٻُڌان ۽ عمل ڪريان هرهڪ گنجي گڙي جي ٻڌايل نُسخن تي. نہ رڳو اٿڄاڻ ۽ رواجي ماڻهن مون کي گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي (ڪنهن بدنيتي يا خراب مطلب سان نہ) مگر ڊاڪٽرن بہ منهنجي جسم تي ڪيترائي اٻتا سٻتا تجربا ڪري نقصان پهچايو آهي جن مان هڪ تجربي تہ منهنجي دل کي ڪجهہ وقت لاءِ بيهاري ڇڏيو هو ۽ مان ڪارڊياڪ اريسٽ (Cardiac Arrest) جي شڪار ٿي هئس. اهو تہ وري ڊاڪٽرن مصنوعي ساهہ ڦوڪي (Artificial respiration) مون کي ٻيهر جيئرو ڪيو هو.

منهنجي گهوٽ تي وري صحت جو مسيحا مهربان هو. هو جنسي تندرستيءَ جو مجسمو هو. هن کي خبر ئي ڪانہ هئي تہ بيماري ڪهڙي بلا جو نالو آهي ۽ سوُر ڇا ٿيندو آهي؟ هن جي جسم جا ڪُل پرزا سالم هئا. نہ بلڊ پريشر، نہ ڊائبٽيز، نہ تپ، نہ ڪنگهہ، نہ مٿي جو سوُر، نہ زڪام، نہ نزلو، نہ آرٿرائٽز ۽ نہ ٻيو ڪجهہ. سڄي ڏينهن جي ڪم کان پوءِ، رات جي اهڙي پڪي ننڊ اچي ويندي هئس جو صبوح جو وجي اک کلندي هيس ۽ مان رات پر پاسا ورائيندي، اوجاڳا ڪيندي هئس، پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهن جسماني تڪليف ڪارڻ.

هڪڙي ڏينهن عجيب و غريب ڏاڻن جو هار ڪٿي آيو ۽ مون کي چوڻ لڳو، "ها، هي وٺ گلي ۾ پاءِ تہ تنهنجي ڦڦڙن کي طاقت ملندي."

"پر هي آهي ڇا؟"

"هي چقمقي (Magnetic) هار آهي، اصل جادوءَ جو هار. پائي تہ ڏس. ڏينهن ٻن ۾ راحت ملي ويندءِ."

مون بہ ڪٿي ڳالهہ ٻڌي. ڪيستائين هر ڳالهہ رد ڪندي ايندس ۽ "نہ، نہ" ڪندي رهنديس؟

ٻن ڏينهن کان پوءِ منهنجو مٿو گرم ٿيڻ لڳو ۽ هر ننڍي توڙي وڏي ڳالهہ تي خفي ٿيڻ لڳيس، اصل چڙچڙو سياءُ ٿي پيو. مون کي اچي شڪ پيو. پنهنجي ڊاڪٽر وٽ بلڊپريشر تپاسائڻ لاءِ ويس. منهنجو شڪ صحيح نڪتو. بلڊپريشر چڙهي چوٽ ٿي چڪو هو. مون گلي جو هار لاهي ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ ڏينهن ٻن ۾ ٺيڪ ٿي ويس.

مگر منهنجو مڙس مهاشيہ الائي ڪهڙي چقمقي نيم طبيب جي ور چڙهي چڪو هو. هر وقت چقمقي علاج (Magnetic therapy) جي باري ۾ ڳالهائڻ لڳو. الائي ڪير هن کي بازار ۾ آيل چقمقي شيون ڏيکارڻ لڳو هو ۽ انهن جي صحت سنڀنڊي فائدن جا پنا پڙهائڻ لڳو هو. هو هن کان هار، ڪنگڻ، مٿي تي ٻڌڻ وارا پٽا، پاٽيءَ ۾ وجهڻ وارا ٽڪرا خريد ڪرڻ لڳو ۽

پنهنجن مٿن مائٽن ۽ مترن ۾ مفت ورهائڻ لڳو هو. اهو ڇڻ ته هن جو سماج سڌار جو واڌو ڪم ٿي پيو هو. مان.پريان پريان سڀ ڏسندي رهيس، نه هن جي همت وڌايم نه ئي هن کي ائين ڪرڻ کان روڪيم. ڪاش، مان ڪجهه ڪريان ها! ڪاش، مان هن کي ان عمل جي اگري، خطرناڪ ۽ دردناڪ انجام کان بچايان ها!! پر ڇا ائين چاهڻ سان به مان ائين ڪري سگهان ها؟ هو منهنجي ڳالهه ٻڌي ها؟ مون کي ڇا، ڪنهن کي به، اهڙو ڪجهه ٿيڻ جو انديشو هو به ته ڪونه. ڪنهن کي خواب خيال ۾ به ڪونه هو ته ائين ٿي سگهندو آهي ۽ ائين ٿيندو!

مڃان ٿي، ته مئگنيٽڪ ٿيراپي (Magnetic therapy) مان فائدو ٿي سگهي ٿو بشرطيڪ ان کي صحيح ڄاڻڻ واري جي رهبريءَ هيٺ ڪيو وڃي. چڱمڇ جا به مک ٿيندا آهن. هڪ اٿر پول (قطب) ۽ ٻيو ڏکڻ پول (قطب). جيڪڏهن ٻيئي مک هڪٻئي جي سامهون هوندا ته هڪ ٻئي کي ڇڪيندا. زبردست طاقت سان، ان ڪري انهن کي الڳ دشائن ۾ رکيو ويندو آهي. اها هڪ سائنس آهي ۽ استعمال ڪرڻ کان اڳ مڪمل ڄاڻ هئڻ لازمي آهي.

منهنجي همسفر، منهنجي جيون ساٿي هڪ خطرناڪ غلطي ڪري ڇڏي. اهڙي غلطي جنهن هڪ صحتمند، ڪرم شيم، اڀيوگي، معنيٰ خيز، سَجائي جيون جو بيوقتائتو انت آڻي ڇڏيو. جنهن سندس ٻارن جي مٽان پتا جي پياري پناهه جي ڇانوَ کي ڪسڪائي ڇڏيو ۽ سهاڳڻ شريڪ حيات کي بيواهه بڻائي ڇڏيو.

هو بلڪل تندرست هو، نوبنو هو. سڄو ڏينهن، ڏينهن جا پنڌرهان ڪلاڪ ڪم ڪيو هئائين. رات جو ماني کاڌي هئائين. يارهين بجي تائين ٽي. وي. ڏٺي هئائين. منهنجي ننڊ ڦٽل هئڻ جي حالت ۾ اڌ رات جو اٿي منهنجي وات ۾ هوميوپيٿيءَ جون ڪاليفاس جون چند گوريون وڌيون هئائين ۽ صبوح جو ساڍي ستين بجي جڏهن مون چانهه پيئڻ لاءِ ڪيس اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو هوئي ڪونه!

صبوح جو ٽين کان پنجين لڳي جي وچ ۾، بنا ڪجهه ڪيڻ جي، بنا ڪنهن آواز جي، بنا ڪُرڪَڻ جي، بنا ڪنهن اشاري جي، هن جي شرير مان پراڻ (ساهه) پکيڙو اڏامي ويو! مان هن جي ٻن فوٽن جي دوريءَ تي، ننڊ ۾ غلطان هئس. هن مون کي هٿ لڳائي چتايو به ڪونه، موڪلايو به ڪونه، ٻڌايو به ڪونه! اهو ڪيئن ٿي ويو؟

صحت جو مجسمو، هلندڙ چلندڙ، قوت زندگي گهارڻ وارو، اسان جي طاقت جو ٿنيو، شير مرس ڪيئن پڇاڙ ڪائي سمهي پيو، اَبدي ننڊ ۾؟ منهنجي جيون جي ٻيڙيءَ کي اڪيلي طوفانن ۾ ڪاهڻ لاءِ ڇڏي ويو!

مان نازڪ صحت واري، ايترين بيمارين ۾ مبتلا، زندگي پر رنجهه ڪنجهه رکڻ واري، هن جي فڪر جو

باعث، ايا زندهه آهيان! ڪهڙي بل تي مان سڀ سهي ويس؟

هي زندگيءَ جو ڪهڙو تضاد آهي؟

چند ڪلاڪ مان ڪجهه به سوچڻ کان قاصر هئس، پر پوءِ منهنجو دماغ هلڻ لڳو. مون هن جي هڪ ڏينهن اڳ پهريل قميص جي تلاشي ورتي. ان جي ڪيسي ۾ چقمق جو هڪڙو ٽڪرو ڏٺم. اهو ڪيسو هن جي ڏاڙي پاسي، بلڪل دل وٽ هو. پڇا ڪرڻ سان معلوم ٿيم ته چئن پنجن ڏينهن کان (يا شايد ان کان به وڌيڪ) هن اهو سڪي جهڙو چقمق جو ٽڪرو ڪيسي ۾، يعني دل جي مٿان رکيو هو. تنهن کان سواءِ دڪان جي ميز جي چوڌاري مئگنيٽ جا هار، چوڙا، ڪرائي ۾ پائڻ وارا ڪڙا، داڻا، مٿي تي پائڻ وارا پٽا، الائي ڇا ڇا رکيا هئائين. هو ڏينهن جا ڪيترا ڪلاڪ انهيءَ چقمقي تاثير وارين لهرن جي وچ ۾ ويٺو هوندو هو. اها ڳالهه صحت لاءِ خطري جي حد کي ڇهندي، هاڃيڪارڪ ٿي سگهي ٿي.

منهنجي من جي مونجهه وڌڻ لڳي، ننڊ حرام ٿي ويئي. مارڪي تائين خاموش رهيس. ان بعد ٻئي ڏينهن ان چقمقي ٽرسٽ هلائڻ واري اين. آر. آءِ (N.R.I)، ڪارخانيدار، سماج سڌارڪ کي نياپو موڪلي پاڻ وٽ گهرايم. اهو دانوير مفت ۾ اهو دواخانو هلائيندو آهي ۽ سماج جي صحت سڌارڻ جي ارادي سان خوب خرچ پڻ ڪندو آهي. هر هفتي روزاني انگريزي لوڪل اخبار ۾ ان جا اشتهار ايندا رهندا آهن.

هن آڏو حقيقتون رکيم ۽ سوال پڇيم، "قميص جي ڏاڙي پاسي واري ڪيسي ۾ رکڻ سان اهڙو انجام ٿيڻ جا امڪان آهن؟"

ٿورو سوچي جواب ڏنائين، "هائو، ائين ممڪن آهي. جيڪڏهن چقمق جي استعمال سان فائدا ٿي سگهن ٿا ته غلط استعمال ڪرڻ سان نفي اثر به ٿي سگهن ٿا. انهن کي استعمال ڪرڻ مهل عقل کان ڪم وٺڻو پوندو آهي."

"چقمق ڏيڻ وقت، ورهائڻ وقت، استعمال ڪرڻ وارن کي اوهين انهن خطرن کان آگاهه ڪندا آهيو؟"

هو خاموش ٿي ويو. جواب ڏيئي نه سگهيو، صرف ناڪار ۾ ڪنڌ چوريائين. مون کي منهنجو جواب ملي ويو.

ٿوري دير بعد هن ان ڳالهه جو اعتراف به ڪيو، "بعضيٰ وقت مون وٽ آڏي رات جو فون ايندا آهن، چقمق جي منفي رد عمل جي شڪار ٿيل مريضن وٽان. مان هنن کي صلاح ڏيندو آهيان ته پيرين اگهاڙا، فرش تي پنهنجا پير رکن يا بيهي رهن. ڌرتيءَ جي ڇهاءُ سان چقمق جو برو اثر دور ٿي ويندو آهي. ولايت ۾ گهڻن ماڻهن کي ڪمرن ۾ غاليچا هوندا آهن. مان هنن کي صلاح ڏيندو آهيان ته باٿ روم جي فرش تي وڃي بيهو."

مان حيرت وچان سوچڻ لڳيس، "ايتري ڄاڻ هوندي به هو عام ماڻهن

ڪي چقمق ورهائيندي، مڪمل معلومات ڪان محروم ٿو رکي ۽ خبردار بہ نٿو ڪري!"

پر منهنجي جيون ساٿيءَ کي اهو ڪجهہ ڪرڻ جو وقت ڪٿي مليو هوندو؟

ان وقت مون ان صاحب سان ڳالهہ وڌائڻ مناسب نہ سمجهو.

مان ان حقيقت طرف بہ سجاڳ هئس تہ اهڙي نتيجي لاءِ خود منهنجي پتي ديوَ جي بيپرواهي جوابدار هئي. تنهن ڪان سواءِ چقمق کي سؤ سيڪڙو ڏوهي قرار ڪرڻ يا ثابت ڪرڻ منهنجي لاءِ ممڪن نہ هو ڇاڪاڻ تہ انتر سنسڪار ٿي چڪو هو.

پر منهنجي دل ٻاڏائي رهي هئي ۽ نورجهان جي جهوني راڳ جون سٽون ڪنن ۾ گونجي رهيون هيون.

اس قفس کے قید میں، غل مچانا ہے منع
بلبلو مت رو یہاں، آنسو بہانا ہے منع
چھوڑ کر طوفان میں، ملاح کچھ کر چل بسا
ڈوب جا منجھدار میں، ساحل پہ آنا ہے منع

چند مهينن بعد، مون وڃي پنهنجي هارٽ اسپيشلسٽ ڊاڪٽر کي سمورو ورتانت ٻڌايو ۽ ڪانئس پڇيو، "ڇا چقمق جو غلط استعمال دل جي بيهجي وڃڻ جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو؟"

هن ڳالهہ سمجهائيندي ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي، "ها ائين ممڪن آهي. ياد رهي تہ چقمق ۾ زبردست شڪتيون سمايل آهن. پازيٽو ۽ نئگيٽو ٻيئي."

مون ڊاڪٽر کي پنهنجو ڊرافٽ ڪيل انگريزي ڊيلي پيپر جي ايڊيٽر ڏانهن لکيل خط ڏيکاريو. هن ڏيان سان خط پڙهيو ۽ ڪنڌ ڏوڻي ان کي ڇپائڻ جي صلاح ڏني.

"اهڙي ڳالهہ اخبار ۾ ضرور اچڻ گهرجي."

مون ان خط ۾ ان واقعي جو ورڻن ڪندي، پائنڪن کي چقمق جي خطرن کان آگاهہ ۽ خبردار ڪيو هو. اخبار ۾ ڇپجڻ کان پوءِ، مون وٽ پائنڪن وٽان ڪجهہ خط آيا جن ۾ هنن مون کان وڌيڪ معلومات وٺڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ۽ منهنجي ليک سان شامل راءِ ٿيا.

اهڙا عجيب غضبناڪ تضاد، هڪ زلزلي جو احساس ڏيارائي، جيون کي ڊانواڊول ڪري ڇڏين ٿا.

پنهنجي طاقتور سهاري بنا، جسماني تڪليفن جي آد کان عادي مان، پنهنجي طبيعت مٿان احتياط جي چادر اوڍي، جيون جي ڪٺناين کي منهن ڏيڻ لاءِ مجبور آهيان.

پر، پوءِ بہ پنهنجي دل کي ڇا ڪريان جا پل پل پڪاري پيئي:

ڇو ٿيو جيڪي ٿيو،
ان ۾ هو ڇا راز ڪو؟
هليو ويو هُو هتان،
سٽيو نہ مون آواز ڪو.

☆

محمد گاڏيءَ وارو

رام پنجواڻي

7 بجي شام جو گاڏي ڪاتي ۾ هوس ۽ خيال ڪيم ته اتان ڪنهن وڪٽوريا ۾ چڙهي وڃي ڪلب ۾ پهچان. دل هٽڪي، اڪيلي وڃڻ ڪان من گهبرايو. پر وڃڻو به ضرور هو. اڃا پئي دل من هنيم ته هڪ گاڏيءَ واري ڇاڇي لهجي ۾ چيو "ديوان، ڪهڙي خيال ۾ آهين؟ ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟" مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو. پاڻ سنڀالي، آواز کي پختو ڪندي چيم، "ڪار لاءِ ترسيو بيٺو آهيان، پر الاجي ڇو ڪانه پهتي آهي!" گاڏيءَ واري چيو "چڙهه گاڏيءَ ۾ ديوان ته موٽر ڪان اڳ پهچايانءِ."

احوال ڏرتيءَ ڏڪاريل هڪ شخص جو.

ورهاڱو ٿي ڪونه ويو هو، پر رڻجي چڪو هو. سنڌ جا هندو مايوس هئا، مسلمان گد گد. ورهاڱي جي فيصلي مومنن جو حوصلو وڌائي ڇڏيو هو ۽ هو پاڻ کي ورهاڱي کان اڳ ئي سنڌ جو مالڪ سمجهڻ لڳا هئا، اميد تي انسان تڳي ٿو. هندن کي اها اميد هئي ته سنڌي هندو سنڌ ۾ ئي رهندا، پر هنن جو رعب ساڳيو نه رهندو. لڏپلاڻ جو خيال ته خواب ۾ به ڪونه هو. اميد سان گڏ هلڪو هلڪو هراس هندن جي دلين ۾ هو. مسلم اڳواڻن دلاسا

گهٽيئي تي ڏنا پر هنن جي تقريرن ۽ بيانن مان بدليل منورتيءَ جا پرون پئي پيا. وايومنڊل ۾ ڇڪ هئي ۽ هندن جي دلين ۾ اهوئي ڊپ تي رهيو ته متان ڪو فساد تي پوي. انگريز اڃا ملڪ ۾ هئا تنهنڪري ٿورو گهٽو ڏڍ هو ته هروپرو پرليءَ ڪانه ٿيندي، پر وقت اهڙو هو جو انگريز سرڪار جي به دلچسپي ڪانه رهي هئي، تنهڪري گمان اهو هو ته جيڪڏهن ڪا ڇڪتاڻ تي پئي ته هو دليو دخل ڪونه ڏيندا.

ڊسمبر جو مهينو هو، سيءَ شروع تي ويا هئا. شام جو وقت هو، ڪراچي ڪلب انيڪسيءَ ۾ منهنجي دوست نهچلداس پارٽي ڪئي هئي. پاڻ اڳ ۾ ئي بندوبست ڏسڻ لاءِ ڪلب ڏانهن روانو ٿي چڪو هو ۽ مون لاءِ نيايو چڏي ويو هو. 7 بجي شام جو گاڏي ڪاتي ۾ هوس ۽ خيال ڪيم ته اتان ڪنهن وڪٽوريا ۾ چڙهي وڃي ڪلب ۾ پهچان. دل هٽڪي، اڪيلي وڃڻ ڪان من گهبرايو.پر وڃڻو به ضرور هو. اڃا پئي دل من هنيم ته هڪ گاڏيءَ واري ڇاڇي لهجي ۾ چيو "ديوان، ڪهڙي خيال ۾ آهين؟ ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟" مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو. پاڻ سنڀالي، آواز کي پختو ڪندي چيم، "ڪار لاءِ ترسيو بيٺو آهيان. پر الاجي ڇو ڪانه پهتي آهي!" گاڏيءَ واري چيو "چڙهه گاڏيءَ ۾ ديوان ته موٽر ڪان اڳ پهچايانءِ."

سنڌي ۾ تي ڳالهائين ۽ ڳالهائڻ ۾ پنهنجائي محسوس تي. مان سندس گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺس.

شهر ڪان نڪري ٻاهر ٿياسين. چهبڪ مان ٽڪاءُ ڪڍيندي، گاڏيءَ وارو گهوڙي سان ڳالهائڻ لڳو. ٻڇڪار ڏيئي چيائين "اڏام پڪي! ديوان کي موٽر جي موڄ وناءِ. الاجي ديوان ڪيئن گاڏيءَ ۾ چڙهيو اٿيئي، وري نه چڙهندءِ." شهر ڪان ٻاهر شام جي انڌاري ۾ اهي اکر مونکي ڪونه وڻيا. دليل اٿيو "ائين ڇو ٿو چوي ته ديوان وري نه چڙهندءِ؟" اتيئي آواز ڪن تي پيو "ڊپ نه ڪر، ڪوئي نه روڪيندءِ. ڌرتيءَ تان پير کڻ، آسمان ۾ اڏام. زمين جا گهٽا شوق ورتائين، هاڻي بهشت جو سير ڪرائينس. بهشت جو سير! دل لڏي ويئي. سوچيم ته ڪا مندي ته من ۾ ڪانه اٿس! اوچتو ئي اوچتو گاڏي بيٺي. گاڏي بيٺي يا منهنجي دل بيٺي؟ گاڏيءَ وارو گاڏيءَ تان هيٺ لهڻ لڳو. پڻ پڻ ڪيائين پر سمجهه ۾ ڪجهه نه آيو. مون سمجهيو ته هو مونتي حملو ڪندو، جيڪي اٿم سو ڦريندو ۽ مونکي ماري ڪنهن پاسي ڦٽو ڪري هليو ويندو. وات سان چوندا آهيون ته موت جي پرواهه ڪانهي، پر جڏهن موت اوڏو آهي ۽ سمجهبو آهي ته حياتي ختم تي ٿئي، تڏهن لڳ ڪانبارجي ويندا آهن. سرير مان بجليءَ جي لهر لنگهي ويندي آهي ۽ رت ڄمي ويندو آهي. اهڙي وقت بدن ته نستو تي ويندو پر دماغ به ٿمجي ويندو آهي. گاڏيءَ واري هيٺ لهي چيو "ديوان! جهٽ ٿو پهچايانءِ." ڏنم ته هٽ ۾ سوئو اٿس.سوئو ڏسي ويتر به سيءُ وٺي ويو. اندر جو اندر ۾ سائين ڪي ڏيائڻ لڳس. ايتري ۾ هڪ موٽر اچي اتان لنگهي پر مجال نه ٿيم جو ڪٿي آواز ڪريان. آواز نڪري به ته سڏ ڪريان! عجب ڪائڻ لڳس جڏهن ڏنم ته

گاڏيءَ وارو گهوڙي جي طرف ويو ۽ مونڊانهن ڪونہ آيو. گهڙي سال کان بہ وڌيڪ لڳي. پر ساهہ سامت ۾ آيو جڏهن گاڏيءَ واري چيو "تنک ٽٽي پيو هو، حال تہ ڳنڍيومانس. دير تہ ڪانہ ٿي؟" منهنجي وات مان تمام مهيم پٽڪو نڪتو "نہ." گاڏي هلڻ لڳي، منهنجي اکين مان نير جي ڌارا وهي هلي. گاڏيءَ وارو وري بہ گهوڙي سان ڳالهيون ڪندو هليو پر مان پنهنجيءَ ۾ پورو هوس. خبر تڏهن پيم جڏهن اچي ڪلب وٽ پهتس. گاڏيءَ مان لهي ڪيسي مان پئسا ڪڍندي، مون پڇيو "گهٽو ڏيان؟" گاڏيءَ واري منهنجي منهن ۾ نهاري چيو "تنهنجي اکين ۾ آنسو؟ ڪا غلطي ٿي ڳا بابا؟" مون کي لڄ اچي ويئي. ڳوڙها اگهيا هئم پر ڪي شايد اجا بہ رهجي ويا هئا. مون کلڻ جي ڪوشش ڪندي چيو "نہ نہ ميان، مڙيوئي خير آهي، چؤ گهٽو ڏيانءِ؟" تمام قرب واري آواز ۾ چيائين "ديوان! هنن ڏينهن ۾ پنج روپيہ بہ وٺندا آهيون. سرڪاري پاڙو آهي ڏيڍ روپيو پر آءُ توکان ڪوڏي بہ ڪانہ وٺندس." حيرانيءَ مان پڇيم "ڇو؟" صدق سان جواب ڏنائين، "ديوان، مان سلاهڻو آهيان. گهٽا ڏينهن ٿيا تہ تون اسان جي سلاهڻن واري پاڙي ۾ راڳ ڪرڻ آيو هئين. مان اتي حاضر هوس. مونکي تنهنجو راڳ وڻيو. خاص ڪري هو بادشاهہ ظفر وارو ڪلام تمام گهٽو پسند پيو. انهيءَ وقت انجام ڪيو هوم تہ ڪنهن ڏينهن هيءُ ديوان منهنجي گاڏيءَ ۾ چڙهندو تہ پاڙو نہ وٺندوسانس. الله اهو ڏينهن ڪيو آهي جو مون غريب جي گاڏيءَ ۾ چڙهيو آهين. مان پئسا نہ وٺندس." ڏاڍو زور ڪيومانس پر هن پئسا نہ وٺي نہ ورتا. گاڏي واري وڃڻ کان اڳ چيو، "ديوان، وري جڏهن اسان جي پاڙي ۾ راڳ ڪرڻ اچين، تڏهن پڇجانءِ محمد گاڏيءَ وارو آهي؟ مون کي ياد ڪندين تہ منهنجو مان ٿي پوندو." گاڏيءَ وارو هليو ويو پر اندر ۾ پشيماني رهجي ويئي. اهڙي قربائتي، سچي، مسڪين محمد جي سچائيءَ ۾ شڪ آندو هوم! جو مون کي پنهنجي گاڏيءَ ۾ چاڙهي گڏ گڏ ٿيو هو، تنهن ۾ گمان آندو هوم! بدگمانيءَ تي لڄ اچي ويئي، پنهنجي ڪمزوريءَ تي شرم اچي ويو.

وري جڏهن سلاهڻن جي ڪوٺ تي ويس، تڏهن محمد کي برابر ياد ڪيم. متل محفل ۾ محمد جو نالو پڪاريم. محمد بہ پريان بيٺو هو. سڏ ڏيندي چيائين، "حاڪم حاضر آهيان." مون چيو، "ٻڌ ڪلام ظفر بادشاهہ جو." خوشيءَ واري آواز ۾ چيائين، "قربان وڃانءِ، ٻڌاءِ." ڪلام پورو ڪري ڇڏيم "محمد گاڏيءَ وارو مهرباني ڪري اسٽيج تي اچي." آواز آيو "آيس." اينشوءَ ۽ ايسر پڇيو، "ڪوئي سنو راڳيندڙ آهي ڳا؟" مون چيو، "موسيقيءَ جو مشتاق آهي." وڪڙ ڏيئي ٻاهران ئي ٻاهران محمد اچي اسان ڀيڙو ٿيو. مون پنهنجو هار لاهي هن جي ڳچيءَ ۾ وڌو. تاڙين جو ڦهڪو مچي ويو. محمد چيو، "ديوان، وڏي عزت ڪري ڇڏئي مسڪين جي." مون سڄي وارتا ڪري سيني کي ٻڌائي. پنهنجي ڪمزوريءَ وارو حصو ڪونہ ٻڌايو مان، باقي محمد جي ادارتا ۽ قرب جو ذڪر پوري طرح ڪيم.

حاضرنن هن جي مرحبا ڪئي. محمد منهنجي پيرن ۾ نمي پيو. پل ۾ اتاريو مانس.

مئڪروفون ۾ منهن وجهي، پريل آواز ۾ چيائين، "لائق آهن ديوان جا جو مون مسڪين جو ايڏو مان ڪيو اٿس. اسان تي هن جا ايڏا احسان جو بنا اجوري آڇي اسان جون دليون خوش ڪري، پوءِ مون ڪيس هڪ دفعو گاڏيءَ ۾ چاڙهيو ته ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي؟ مان انجام ٿو ڪريان ته هن کان پوءِ جڏهن به هيءَ محبوب منهنجي گاڏيءَ ۾ چڙهندو تڏهن پاڙو ڪونه وٺندوسانس." زور سان پاڪر پائيندي چيائين، "نوڪر آهيان تنهنجو ديوان، آزمائي ڏس." نظارو دل ڇڃائيندڙ هو. ۽ منهنجي اکين ۾ ته پاڻي هو پر ڏسندڙن به پئي پنهنجون اکيون اگهيون. پر ۾ وهاري وري راڳ ڪيونسون. واهه جو مزو لڳو.

ورهاڳو ٿي ويو. لڏ پلاڻ شروع ٿي. مان اڃا ڪراچي ۾ رهيو پيو هوس، 6 جنوري 1948ع جو ڏينهن هو، مان 11 بجي صبح جو ڪاليج مان گهر ٿي آيس. برنس روڊ لتاڙي آرٽلري ميدان تي پهتس ته هڪ گاڏي اچي منهنجي پر سان بيٺي. مٿي نهاريم ته محمد ڪي ڏٺم. گنبير آواز ۾ محمد چيو، "چڙهه گاڏيءَ ۾. اڄ ڪيئن ٿو پنڌ وڃين؟" مون حيرانيءَ مان پڇيو، "ڇا ٿيو آهي؟" محمد عجب مان پڇيو، "خبر ڪانه اٿيئي؟ ديوان، قتلام ٿي ويو آهي، غنڊن قرمار ڪئي آهي. تنهنجي گهر ويجهو ته خونريزي ٿي آهي!" مان گاڏيءَ ۾ چڙهي پيس. واٽ تي حشام ماڻهن جا ڏٺم جن کي پوليس چڙوچڙ ٿي ڪيو. ڪراچيءَ ۾ايڏي روئداد ٿي چڪي هئي ۽ مان بي خبر هوس! گهر پهتس ته محمد چيو، "ديوان، اجها ملٽري پهتي، تون ٻاهر نه نڪرج، جيڪڏهن مارشل لا جاري ٿيو ۽ ڪرفيو لڳو ته مان تو وٽ اچي رهندس ۽ تنهنجي درباني ڪندس."

ڪرفيو لڳو، ڏينهن ٻه شهر ۾ راڪاس گهمي ويو. مونکي محمد جي گهرج ڪانه پيئي. سکي ڊرائيور اسان وٽ رهيو پيو هو ۽ پيو ڏڍ ڏيندو هو. هوءَ موءَ ٽري، حالتن تي ملٽري قبضو ڪيو ته وري ڀڄ ڀڄان شروع ٿي. جيڪي هر حالت ۾ سنڌ ۾ رهڻ لاءِ پهه پڇائي رهيا هئا سي به نڪرڻ لاءِ آتا هئا. محمد صبح شام گاڏي وٺي ايندو هو ۽ جيڏانهن وڃڻو هوندو هو، تيڏانهن وٺي هلڻ لاءِ حاضر هوندو هو. هڪ ڏينهن گاڏي ۾ ويٺوسانس ته پڇيائين، "ديوان، تون به ويندين؟"

مون پڇيو، "تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي." هن يڪدم چيو، "وڃڻو ئي پوندءِ، ديوان ڏاريا آيا آهن، تن ۾ ديد ڪونهي." مون چيو، "جيئن سائينءَ جي مرضي!" محمد چيو، "ديوان! وڃڻ جو فيصلو ڪرين ته مونکي ٻڌائج." مون چرچو ڪري چيو، "هلندين مونسا هندستان؟" تڏو ساهه کڻي چيائين، "تو جهڙي محبوب جي هتي گهرج ناهي ته مون مسڪين مسلمان جو اتي ڪهڙو قدر ٿيندو؟ مان هندستان ڪونه هلندس پر توکي حد تائين ڇڏي ضرور ايندس." سوال ڪيائين "ديوان، جهاز ۾ ويندين يا هوائي جهاز ۾؟" مون سامان جو خيال ڪندي چيو، "جهاز

ٻر." هن چيو، ڪياماڙي تائين هن مسڪين جي گاڏيءَ ۾ چڙهي هلج، اماڻي ايندوسانءِ تہ وڏو آئت ايندو."

اهو وقت بہ آيو. محمد برابر مونکي ڪياماڙي تائين وٺي آيو. سامان لاهي، سلام ڪندي چيائين، "جتي پير تتي خير. الله وڏي حياتي ڏيندءِ." منهنجي هٿ ۾ هڪ سهڻو چندن جو لڪڻ هو سو ڪيس آڇيندي چيم، "هيءَ منهنجي نشاني پاڻ وٽ رکج. هن جي سرهاڻ کي منهنجي يادگيري سمجهج."

لڪڻ وٺي سنگهيائين. اکيون پوري چيائين، "ڪڏهن بہ توکي نہ وساريندس، پر ديوان هڪ عرض آهي مون چيو، "چوٗ محمد." محمد چيو، "جڏهن هندستان پهچين ۽ مسلمان جا ظلم ياد اچني تڏهن محمد کي ياد ڪجانءِ.ديوان، سڀ انسان هڪ جهڙا نہ آهن، سڀ مسلمان برا نہ آهن." مون کيس ڀاڪر پائي چيو، "محمد منهنجا ڀاءُ، تون ڪهڙو نہ نيڪ انسان آهين! الله توکي خوش رکندو." شينهن جهڙو مڙس سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. مان بہ پاڻ روکي نہ سگهيس.

بندر تي ٻيا بہ دوست آيا هئا. سڀني سان الوداع ڪري جهاز تي چڙهيس. ڪنڪ ئي سامهون بيٺو هو ٻر منهنجي ڏنڌليل اکين ۾ محمد مسڪين جي صورت سمايل هئي. غريب پر بي غرض، مسڪين پر مذهب کان مٿي، مسلمان پر انسان! اکين آڏو محمد جي صورت ۽ ڪنن ۾ سندس آواز "ديوان،سڀ مسلمان هڪ جهڙا نہ آهن، سڀ مسلمان برا نہ آهن!"

جهاز هليو. ٻيا دوست اڳ ۾ روانا ٿي چڪا هئا پر محمد بيٺو هو. هٿ وارو رومال لوڏيم. هن منهنجو ڏنل لڪڻ مٿي ڪري لوڏيو. اندر مان آواز آيو:

تم ضبط کے دنیا میری برباد نہ کرنا
میں یاد بھی آؤں تو مجھے یاد نہ کرنا
راتوں کو کبھی تم میری نیندیں نہ اڑانا
آنکھوں سے کبھی تم میری آنسو نہ چرانا
بھول سے کبھی تم میری سپنوں میں نہ آنا
برباد ہوں برباد کو برباد نہ کرنا
میں یاد بھی آؤں تو مجھے یاد نہ کرنا

15 سال گذري چڪا آهن.سنڌ جي ياد ايندي آهي. سنڌ وارا سنگتي بہ ياد ايندا آهن، پر سيني کان گهڻو ياد ايندو آهي مسڪين محمد. محمد ياد آهي. ڏاڍو ياد ايندو آهي. عجب وري اهو آهي تہ ڪيترا هت هندستان وارا بہ ياد نہ ايندا آهن، پر هي نماڻو نسوارڻي هيڏو پري آهي تہ بہ ور ور ڪري ياد ايندو آهي. پيار ۾ پنڌ ڪهڙو؟ محبت اڳيان مفاصلو ڪهڙو؟ شاهہ صاحب برابر چيو آهي:

ڪي اوڏا ئي ڏور،
ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين
ڪي سنيرجن نہ ڪڏهن،
ڪي نہ وسرن مور
جيئن مينهن ڪنديءَ پور،
تيئن دوست وراڪو دل سين.

نوبل انعام کھاڻي

وليم فاڪنر

سنڌيڪار: عاطف علي ميمڻ

ويچاري ايملي

جڏهن هوءَ فوت ٿي هئي تہ اسان جي ڳوٺ جا سڀئي ماڻهو هن جي جنازي ۾ خاص طور تي هن يادگار شهري شخصيت کي عقيدت پيش ڪرڻ آيا هئا. جڏهن تہ ڳوٺ جون عورتون تجسس وچان اهو ڏسڻ لاءِ جنازي ۾ آيون هيون تہ ايملي جي گهر ۾ اندر ڇا آهي... جتي ٻيو ڪوبہ وجود نہ هو، صرف هڪ پوڙهو مرد نوڪر هو.

گمنام بدنصيب عورت جي درد ڀري ڪٿا

ليکڪ جو تعارف:

1950ع..... وليم فاڪنر:

وليم فاڪنر پنهنجي زندگيءَ جو گهڻي ۾ گهڻو عرصو آڪسفورڊ ۽ مسي سپيءَ ۾ گذاريو جتي هن مسي سپيءَ جي يونيورسٽيءَ ۾ بہ شموليت اختيار ڪئي هئي ۽ اتي مسي سپيءَ ۾ ئي هيءَ اوستائين پوسٽ ماسٽر جي

حيثيت ۾ پنهنجا فرض نپائيندو رهيو، جيستائين اتي جي رهاڪن دير سان ٽپال ملڻ تي هن جي خلاف هڙتال نه ڪئي ۽ آخرڪار هن کي ڊيوٽي ۾ لاپرواهي جي ڪري نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو.

پهرئين عالمي جنگ ۾ هن رايل ڪينيڊئين ايئر فورس ۾ ڪم ڪيو ۽ بعد ۾ نيو آرلينس ٽائيم اخبار ۾ ڪم ڪيو. هن جي پنهنجي ذاتي زندگي بہ اهڙي ڪا خوشگوار نه رهي. هميشہ سندس گهر ۾ جهڳڙا ٿيندا رهندا هئا. ڪجهہ عرصو گذرڻ کان پوءِ هن ورجينيا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهايو ان سان گڏوگڏ هن هالي ووڊ جي ڊرامن لاءِ اسڪرپٽ بہ لکيا. جيتوڻيڪ هيءُ ان وقت ادبي دنيا ۾ مشهور بہ ٿي ويو هو پر تنهن هوندي بہ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو ڪم ڪندو رهيو.

هن جو پهريون مزاحيہ ناول "پناهہ گاهہ" (Sanctuary) 1931ع ۾ آيو. جيتوڻيڪ ان ناول هن کي ٿيڪ ٺاڪ منافعو ڏنو ۽ تنقيد نگارن بہ هن جي ڪم کي ساراهيو. ان کان پوءِ 1929ع ۾ "Sound and the fury"، ساڳئي سال " A Tate partially through the eyes of an idiot" 1930ع ۾ "Sound and the fury" 1930ع ۾ "Light in August" 1936ع ۾ Ab salom ۽ 1940ع ۾ The Hamlet آيا.

1929ع ۾ سندس ناول "Sartoris"، کان وٺي وليم فاڪنر کيترن ئي سماجي مسئلن، شاهي ڳالهين، ڦرلٽ انساني جذباتن ۽ ٻين ڪوڙ موضوعن تي تصوراتي ڳالهيون لکيون آهن. هيءُ پنهنجي ملڪ جي ڏاکڻي حصي ۾ انتهائي مشهور اديب هو ۽ هن جو اثر اتي جي هر اديب تي هو. 1950ع ۾ هن کي ادب جو اعليٰ اعزاز نوبل پرائز مليو. جيتوڻيڪ اسان کي خبر آهي تہ هيءُ هڪ وڏو ناول نگار هو پر ان کان علاوه هن تقريبن 100 جي لڳ ڀڳ ننڍيون ڪهاڻيون بہ لکيون آهن، جن کي وڏي مجتا مليل آهي.

☆....☆....☆....☆

جڏهن ايملي گريرسن فوت ٿي هئي تہ اسان جي ڳوٺ جا سڀئي ماڻهو هن جي جنازي ۾ خاص طور تي هن يادگار شهري شخصيت کي عقيدت پيش ڪرڻ آيا هئا. جڏهن تہ ڳوٺ جون عورتون تجسس وچان اهو ڏسڻ لاءِ جنازي ۾ آيون هيون تہ ايملي جي گهر ۾ اندر ڇا آهي... جتي ٻيو ڪوبہ وجود نہ هو، صرف هڪ پوڙهو مرد نوڪر هو... جيڪو نوڪر هئڻ سان گڏوگڏ مالهي ۽ بورچي بہ هو.... جنهن کي اتي جا رهواسي ڏهن سالن کان ڏسندا آيا ٿي.

اهو هڪ وڏو، چوڪنڊي جي فريم جهڙو گهر هو، جنهن تي ڪنهن وقت ۾ اڇو رنگ پينٽ ٿيل هو. اهو گهر مينارن سان سينگاريل هو. ان جون بالڪونيون ستر جي ڏهاڪي جي طرز نموني ٺهيل پراڻن ڳري وزن واري سرن جون هيون. ان ۾ استعمال ٿيندڙ سامان

جو رنگ ۽ بيهڪ اهائي ساڳي هئي جيڪا ستر واري ڏهاڪي جي عام ۽ خاص گهٽين ۾ جڙيل روڊن جي هئي. ان گهر ۾ گند ڪچرو ۽ ڪپهه کي پيچڻ جون ڳنديون چوڻطرف ڦهليل هيون، جنهن اوڙي پاڙي جي گهرن تي چنڊيل مالڪن جا نالا بہ منائي تي ڇڏيا. فقط مس ايملي جو ئي گهر بچيل هو، جنهن جو رنگ صحيح ٽيل هو. اهو هڪ پراڻو گهر هو. هاڻي مس ايملي کي قبرستان ۾ انهن ماڻهن سان وڃي ملڻو هو جن ۾ اعليٰ آفيسر ۽ يونين ۽ ڪانفيڊريٽ جي گمنام سپاهين جون قبرون شامل هيون، جيڪي جيفرسن جي جنگ ۾ فوت ٿيا هئا.

مس ايملي جڏهن زنده هئي تہ اها ان ڳوٺ لاءِ نسل در نسل هلندڙ هڪ عقيدت واري شخصيت وانگر هئي، جنهن جي خدمت چاڪري ۽ خيال رکيو وڃي. اهوئي هن ڳوٺ جو رواج هو. ان عقيدت جو اظهار 1894ع کان وٺي هن اولڊ سٽيزن کي عملي طور تي عطا ڪيو ويو هو، جنهن وقت ڪرنل سارٽورس ان ڳوٺ جو ميئر هو... جنهن ان وقت ڳوٺ ۾ اهو فرمان جاري ڪيو هو تہ هيءُ هن ڳوٺ جو پيءُ آهي تنهنڪري ڪابہ ڪاري چمڙي رکندڙ عورت گهٽين ۾ ايپران (ڪپڙن کي خراب ٿيڻ کان بچائڻ وارو هڪ ڊگهو ڪوٽ) پائڻ کانسواءِ نہ اچن... ان کان علاوه هن مس ايملي لاءِ ٽيڪس معافي جو اعلان ڪيو ۽ چيو تہ جڏهن کان هن جي پيءُ جو فوت ٿيو آهي ان مهيني کان هن جا سڀئي ٽيڪس هميشہ لاءِ معاف ڪيا وڃن ٿا. پر مس ايملي اها خيرات قبول نہ ڪئي. پر ڪرنل سارٽورس مس ايملي کي ٽيڪس جي هميشہ معافي ڏيڻ لاءِ رضامند ڪرڻ لاءِ هڪ ڪوڙي ڳالهہ گهڙي تہ هن جي پيءَ ڳوٺاڻي حڪومت کي قرض ڏنو هو ۽ ڳوٺاڻي حڪومت اها رقم هن کي ادا نہ ڪئي ۽ اها رقم ڪاروبار ۾ سيڙائي ۽ منافعو ڪمايو ۽ اهائي رقم اهڙي نموني ادا ڪري رهي آهي. پر اها ڳالهہ فقط ڪرنل سارٽورس جي پنهنجي پيڙهيءَ واري ماڻهن قبول ڪئي ۽ عورتن فقط ان کي عزت منجهان قبوليو.

پر جڏهن نئون نسل ڳوٺ ۾ پروان چڙهيو تہ نوان نوان جديد طريقا وجود ۾ آيا. نوان نوان ميئر ۽ ايلڊر مئن (ميونسپل آفيسر) آيا، جن ان ڳالهہ تي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو. سال جي شروعات جي مهيني ۾ مس ايملي کي ٽيڪس پرڻ جو نوٽس روانو ڪيو ويو. فيبروري جو مهينو بہ اچي ويو پر مس ايملي طرفان ڪابہ ورندي نہ ملي. انهن وري رسمي ڪارروائي ڪندي ٻيو نوٽيس موڪليو، جنهن ۾ هن کي چيو ويو هو تہ هيءَ علاقتي جي شيرف (ٽاٽي جي انچارج) کي فون ڪري هن جي آفيس ۾ پهچڻ لاءِ هن جي گاڏي گهر گهرائي وٺي ۽ ٽيڪسن جا معاملا طيءِ ڪري. هفتي کان پوءِ، ميئر خود هن کي خط لکيو هن کي آڇ ڪئي ويئي تہ جڏهن بہ هن کي ٽائيم

ملي هي هن کي فون ڪري هن جي ڪار کي گهرائي هن جي آفيس ۾ هن سان اچي ملي. جنهن جي جواب ۾ هڪ پراڻي ۽ ڊنل پني تي، جنهن جي لڪيرن جي خطاطي واري مس ڪانئن مٽيل هئي، اچي ميئر کي واپس هوءَ پهتي. جنهن جو مکيه ڳالهيون اهي هيون ته هو ڪيڏانهن به نه ويندي. ان ٽيڪس نوٽيس کي بنان ڪنهن تشريحي نوٽ جي بند ڪيو ويو.

ميونسپل آفيسرن هڪ هنگامي، ميٽنگ ڪوٺرائي، جنهن ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي ويئي جنهن جو مقصد ئي اهو هو ته اهي مس ايملي جي گهر وڃي هن سان ٽيڪس متعلق معاملا نبيرين. جڏهن حڪومتي ٽيم ايملي جي گهر آئي ته اهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ته سندس گهر جو در کڙڪائيندا رهيا. اهي ان گهر ۾ آيا هئا جتي نون ڏهن سالن تائين ڪو مهمان نه آيو هو ڇو ته مس ايملي ماڻهن سان ڪيترن ئي سالن کان وٺي ملڻ ڇڏي ڏنو هو. آخرڪار ڪافي دبر کان پوءِ هڪ ڪاري چمڙيءَ واري مرد هنن کي وٺي هڪ ڏيمي روشنيءَ واري هال ۾ آندو. جنهن مان ڪيتريون ئي ڏاڪڻيون گهر جي مٿان چوٽطرف ڪمرن طرف ٿي نڪتيون. جنهن جون روشنيون اجا به وڌيڪ هلڪيون هيون. هال ۾ مٽي جا ڍير فرنيچر جي غير استعمال ۽ گندگيءَ جي بدبو رچيل هئي. شيديءَ خادم هنن کي ان هال مان هڪ ننڍڙي اوطاق تي وٺي آيو. جيڪو ڳري، چمڙي جي ڪورن سان جڙيل فرنيچر سان سينگاريل هئي. ۽ جڏهن اهي ڪوچن تي ويٺا ته نظر نه ايندڙ مٽيءَ جا تهه انهن جي سٽرن تي وقفي وقفي سان اڏندا رهيا ۽ جڏهن سج جا ڪرڻا انهن جي پيٽن تي پهتا ٿي ته اهي اتي نشان ڇڏڻ لڳا. داغيل آتش دان آڏو ڪوئلا وجهندڙ بيلچو پيل هو ۽ ان آتش دان مٿان مس ايملي جي پيءَ جو پينسل سان ٺهيل فوٽو ٽنگيل هو.

جڏهن مس ايملي اوطاق ۾ داخل ٿي ته اهي اتي بيٺا.... هڪ ننڍي قد جي ڪاري ٿلهي وڏي پيٽ سان، سونهري گول زنجير سندس چيلهه ۾ پاتل هئي، جيڪا هن جي پينٽ جي بيلٽ سان ڇهڻ ڪري آواز ڪري رهي هئي. هن جي ڄاڙي ننڍي هئي. هي هڪ وزني عورت هئي. هوءَ ڪاوڙ مان ڦوڪيل نظر اچي رهي هئي. ايئن پئي محسوس ٿيو جڻ ڪنهن بيٺل پاڻيءَ ۾ ٻڏل جسم هجي.

هن انهن کي ويهڻ لاءِ به نه چيو. هوءَ فقط در تي ئي بيٺل رهي ۽ خاموشيءَ سان ٻڌندي رهي تيستائين جو هن ڳالهائيندڙ جي ڳالهه ۾ رخنو وجهي چپ ڪرڻ لاءِ چيو ۽ ان کان پوءِ اهي هن جي نظر نه ايندڙ واچ جي ڪانٽن جا آواز ٻڌڻ لڳا.

هن جو آواز خشڪ ۽ ٽڏو هو. ”مون ڏانهن جيفرسن جا ڪي به ٽيڪس واجب الادا نه آهن.“

ڪرنل سار ٽورس جيئن مون کي وضاحت ڪئي آهي. شايد توهان مان

ڪوبہ ماڻهو شهري رڪاردِ بابت جانچ ڪري ۽ توهان پنهنجو پاڻ کي مطمئن ڪري سگهو ٿا.“

”پر اهو اسان ڪيو آهي. اسان شهري اختيار رکون ٿا. ڇا توکي شيرف طرفان ڪو ٽيڪس متعلق نوٽيس نہ مليو آهي، جيڪو هن جو صحيح سان آهي.“

”ها، اهي ڪاغذات، مون وٽ پهتا آهن، ها بلڪل،“ مس ايملي چيو، ”شايد هيءُ پنهنجو پاڻ کي شيرف (علائقي جو پوليس انسپيڪٽر) ئي سمجهي ٿو تہ پوءِ.... هن کي خبر هئڻ گهرجي تہ مون ڏانهن جيفرسن ۾ ڪي بہ ٽيڪس واجب الادا نہ آهن.“

”پر سرڪاري ڪاغذن ۾ تہ اهڙو ڪجهہ بہ ناهي لکيل. انهيءَ ڪري اسان سيني....“

”توهان پوءِ ڪرنل سار ٿورس سان ملو. مون ڏي جيفرسن ۾ ڪي بہ ٽيڪس واجب الادا نہ آهن.“

”پر، مس ايملي....“

”ڪرنل سارٿورس سان ملو“ (ڪرنل سارٿورس ياد رهي ڪجهہ سال پهرئين فوت ٿي چڪو هو).

”مون ڏي جيفرسن جا ڪي بہ ٽيڪس واجب الادا نہ آهن. توبہ!“

شيدي نوڪر ظاهر ٿيو ”هنن شريف ماڻهن کي گهر کان ٻاهر وٺي وڃ.“

اهڙي طرح سان هن مڪمل طور تي انهن تي فتح حاصل ڪري ورتي. ائين ئي جيئن هن ٽيهہ سال پهرين پنهنجي گهر تي بانس معاملي بابت بہ فتح حاصل ڪئي هئي. اهو هن جي پيءَ جي وفات کان پ. سال پوءِ جو واقعو آهي ۽ هن جي محبوب جي ٿوري عرصي واري وقت جي ڳالهہ آهي.....

جنهن جي باري ۾ اهو عام چيو پئي ويو تہ هيءُ هن (ايمليءَ) سان شادي ڪندو... پر هُن ايمليءَ کي ڇڏي ڏنو هو. هن جي پيءَ جي مرڻ کان پوءِ هي تمام ٿورو وقت ٻاهر نڪرندي هئي، پر جڏهن هن جو محبوب هن کي ڇڏي ويو هو تہ ان کان پوءِ تہ هن ٻاهر نڪرڻ بلڪل ئي ڇڏي ڏنو هو ۽ ماڻهو هن کي مشڪل سان ئي ڏسي سگهندا هئا. صرف چند عورتون ئي تڪڙ ۾ يا مجبوريءَ ۾ هن کي ٽيليفون ذريعي ڪال ڪنديون هيون پر انهن کي ڪوبہ جواب نہ ملندو هو. اهڙي طرح سان هن گهر جي ڪا زنده نشاني نظر ايندي هئي تہ اها هئي اهو ڪارو شيدي ئي هو.... جيڪو ان وقت جوان هو.... جيڪو مارڪيٽ ڏانهن اناج وغيره وٺڻ لاءِ ٿوڪري کڻي گهر کان ايندو ۽ ويندو هو.

”ڪو ماڻهو جيڪر هجي... ڪوبہ ماڻهو هجي... جيڪو گهٽ ۾ گهٽ رڌڻي کي تہ ٺيڪ ناڪ نموني صاف رکي.“ عورتن چيو ۽ جڏهن بانس چوءطرف ڦهلجي وئي تہ انهن کي حيرت ڪونہ ٿي. پر هڪ پاڙيسري عورت ان جي شڪايت اسي سالن جي جج، استيون سان ڪئي.

"پر تون ئي ٻڌاءِ تہ مون کي ان ڏس ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي ميڊم." هن چيو.

"توهان هن کي چئو تہ اها بانس ختم ڪري." عورت چيو، "ڇا ان لاءِ ڪو قانون ڪونهي؟"

"مون کي پڪ آهي تہ اهو ضروري ناهي ميڊم." جج اسٽيون چيو، "شايد ممڪن آهي تہ ڪو نانگ يا وري ڪئو هن جي شيدي نوڪر اگڻ وغيره ۾ ماريو هجي. مان اُن شيديءَ سان ڳالهايان ٿو."

ٻي ڏينهن هن کي ٻہ ٻيون بہ شڪايتون مليون ٿيون، جن مان هڪ مرد تہ پنهنجي سخت ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو، "اسان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ان سلسلي ۾ ڪرڻو تہ پوندو جج صاحب. آئون شايد دنيا ۾ آخري مرد هجان جيڪو مس ايمليءَ کي تڪليف ڏيان پر اسان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ ضرور ڪرڻو پوندو."

انهيءَ رات جو ميونسپل جي ماڻهن گڏجاڻي ڪوٺرائي.... جنهن ۾ ٽن پوري رنگ جي ڏاڙهي رکندڙ شخصن ۽ هڪ جوان ماڻهوءَ خصوصي طور تي شرڪت ڪئي.

"ڳالهہ ۾ ڪجهہ ڪونهي. بس عام ڳالهہ آهي" جو ان ماڻهوءَ چيو، "هن کي لکت ذريعي آگاهہ ڪيو وڃي تہ هوءَ پنهنجي جڳهہ کي صاف رکي، ان لاءِ هن کي ڪجهہ وقت ڏنو وڃي ۽ پوءِ بہ جيڪڏهن هيءَ نٿي جڳهہ صاف ڪراءِ تہ پوءِ....."

"ڇا پيو چوين، جوان،" جج اسٽيون چيو، "ڇا تون ڪنهن بہ عورت تي اهو الزام هڻي عدالت ۾ اچي سگهين ٿو تہ عورت جي هن مان خراب بانس پئي اچي."

تنهنڪري ئي ٻي رات جو، آڏي رات کان پوءِ، چار ماڻهن مس ايمليءَ جو لان پار ڪيو ۽ ڪاٺ هٽندڙن وانگر گهر ۾ داخل ٿيا. تهہ خاني جي سرن تان سونگهيندا سونگهيندا ۽ تهہ خاني جي مٿئين طرف کان اچي بانس کي ختم ڪرڻ لاءِ هوا ۾ آندل ڦوهاري مان دوا ذريعي چوئطرف ڇڻڪاريو ۽ ان کان علاوه انهن ڇُن بہ ڪافي تعداد ۾ آندو هو، اهو چوئطرف عمارت جي اردگرد ڇڻڪاريو ۽ جڏهن انهن ڇبر کي ٻيهر پار ڪيو تہ اتي ڪمري ۾ ٺهيل اونداهي دري روشنيءَ سان چمڪڻ لڳي ۽ مس ايملي اتي ويٺي هئي. روشني هن جي پٺيان طرفان اچي رهي هئي ۽ هيءَ بٽ وانگر اتي ڪرسيءَ تي ويٺل هئي. اهي ريڙهيون پائي ڇبر مان نڪتا ۽ آخرڪار وڃي گهر کان ٻاهر گهٽيءَ ۾ پهتا ۽ هڪ هفتي ۽ يا ٻن هفتن کان پوءِ بانس غائب ٿي چڪي هئي.

ان وقت اسان جي علائقي جي ماڻهن کي هن تي رحم جو احساس ٿيڻ شروع ٿيو تہ اسان جي ڳوٺ جي ماڻهن جي ذهنن ۾ هو تہ گريزسن خاندان جي پوڙهي عورت وياڻ، سندس وڏي چاچي ڪيئن نہ هن ڳوٺ ۾ عام ماڻهن سان رهندي پنهنجو حواس وڃائي چڪي هئي. ڇو تہ انهيءَ خاندان

اسان جي ڳوٺ ۾ عام ماڻهن کان وڌيڪ عقل رکيو ٿي. ماڻهن جي ذهنن ۾ هو ته هاڻي ان خاندان جي مس ايملي ايتري ته اونچي خيال واري عورت بچي آهي جو شايد ئي هن ڳوٺ ۾ هن جو ڪوبه جوڙيوال ملي ۽ هيءَ تڪليف واري اڪيلي زندگي گذاري رهي آهي. هاڻي اسان لاءِ مس ايملي هڪ يادگار هئي. ان وقت مس ايملي ٽيهه سالن جي هئي پر وري به غير شادي شده هئي.

جڏهن سندس پيءُ فوت ٿيو هو ته اسان کي اها خبر پئي ته هن جي پيءَ صرف هن لاءِ اهو گهر ئي ڇڏيو هو ۽ اهڙي طرح سان ماڻهو به خوش ٿيا هئا. آخرڪار اهي مس ايملي تي رحم کائي رهيا هئا. اڪيلاڻپ ۽ محتاج هئڻ باوجود مس ايملي شرافت سان زندگي گهاري رهي هئي. هاڻي جڏهن ته سندس پيءُ به فوت ٿي چڪو آهي هاڻي ته هن کي ٽڪي ٽڪي جو حساب رکڻو هو.

ڳوٺ جي رسم ۽ رواج مطابق هن جي پيءَ جي موت جي هڪ ڏينهن کان پوءِ ڳوٺاڻيون عورتون هن سان ٽيليفون تي رابطو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيون ۽ هن سان عقيدت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو. اهو اسان جي رواجن مطابق آهي. مس ايملي انهن سان صرف دروازي تي ئي ملي ۽ هن کي عام معمول مطابق ڪپڙا پهريل هئا ۽ هن جي چهري تي ڪنهن به قسم جو ڏک نه هو. هن انهن کي ٻڌايو ته هن جو پيءُ فوت نه ٿيو آهي. اهو هن ٽن ڏينهن تائين چيو. ايتري قدر جو علاقي جي وزيرن هن سان ڳالهايو، ۽ پوءِ ڊاڪٽرن هن کي مجرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن جو پيءُ مري ويو آهي ۽ هيءَ هن جي لاش مان هٿ ڪڍي. پر مس ايملي نه مڃيو ۽ آخرڪار انهن قانون جو سهارو وٺندي لاش کي زوري مس ايملي جي گهر مان کنيو. هوءُ سڏڪا پري روئي رهي هئي ۽ نيٺ انهن هن جي پيءُ کي دفن ڪري ڇڏيو.

اسان کي ياد هو ته هن جي پيءَ سپني جوان مردن کي هن جي ويجهو اچڻ کان پري ڪيو هيو ۽ اسان کي هاڻي خبر پئجي چڪي هئي ته هاڻي ڪجهه به ناهي بچيو ۽ هوءَ خود ئي ٻين ماڻهن کي چنبڙندي جنهن جو حق هن کان کسيو ويو هو. اهو ان وقت ماڻهن ۾ عام چوٿيول هو.

هوءَ ڪافي عرصي کان بيمار هئي، جڏهن اسان هن کي ڪافي عرصي کان پوءِ ڏٺو ته هن کي ننڍا وار هئا. هوءُ ڪنهن ننڍي ڇوڪريءَ وانگر لڳي رهي هئي. هن ۾ انهن چرچن جي عورتن نظر اچي رهي هئي جيڪي اداسيءَ ۽ غمگينيءَ جي ور وڪڙ ۾ رهنديون هيون.

ان وقت ڳوٺ جي ڪچن روڊن جي تعمير لاءِ هڪ ڪمپنيءَ کي ٺيڪو ڏنو ويو هيو، جنهن اونهاري جي مند ۾ پنهنجو ڪم شروع ڪيو. اها ڪمپني شهر مان ڪٽان کان آيل هئي، جنهن ۾ ڪجهه شيدي پورهيتمند مشينري ۽ ڪجهه خچر هئا ۽ انهن سان گڏ هڪ آمريڪي فورمين نالي هومر بيرون به

هو جيڪو وڏي قد جو مالڪ ۽ پوري رنگ جو هو ۽ تمام محنت ڪش ماڻهو هو. هن جو بهترين آواز هو ۽ اڪثر هن جون اکيون هن جي چهري کان بہ وڌيڪ چمڪنديون رهنديون هيون. اسان ڳوٺاڻا هن کي شيدي پورهيت مند کي ڪم ڪرڻ لاءِ گندگار ڏيندين ٻڌاندا هئاسين جنهن وقت شيدي پورهيت مند سرون ۽ سيمينٽ وغيره ڪٽندا هئا تہ پنهنجو پاڻ ۾ ملي گانا پيا ڳائيندا هئا. ان وقت هي انهن کي دڙڪا پيو ڏيندو هو. ٿورڙن ئي ڏينهن ۾ سڄي ڳوٺ جا ماڻهو هن کان واقف ٿي ويا. جڏهن بہ ڪٿي ڪلن جا ٽهڪڙا ٻڌايا هئا تہ انهن ۾ هومر وچ ۾ ئي هوندو هو. اهو چاهي ڪو چوڪ هجي يا ڳوٺ جي ڪا عام گهٽي. هرهنڌ هيءُ ئي ماڻهن کي ڪلائيندو رهندو هو. ٿورو وقت اڃا مس گذريو تہ اسان هن کي ۽ مس ايملي کي آڇر جي شام ڦڪي رنگ جي ڦيٽن واري بگيءَ ۾ گڏ گهمندي دريا جي ڪناري ڏسڻ لڳاسين.

پهرئين تہ اسان ڏاڍا خوش ٿياسين تہ مس ايمليءَ لاءِ ڪانہ وندر آئي. ڇاڪاڻ تہ ڳوٺ جون ڪافي عورتون اهو چئي رهيون هيون تہ جيتوڻيڪ گريرسن خاندان ڪڏهن بہ سنجيدگيءَ سان عام پورهيت مند ماڻهن سان شاديون ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ نہ سوچيو آهي. پر ڪجهہ عورتن جو وري چوڻ هو تہ انهن کي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي تہ مس ايملي پنهنجي شاندار اعليٰ خاندان جي روايتن کي ٽوڙي هڪ بيڪار ماڻهوءَ کي پسند ڪيو آهي ۽ ڪيس گهرجي تہ پنهنجي خاندائي روايتن ۽ شان شوڪت کي ڏسي. اهي وڏيڪ چئي رهيا هئا تہ هن جي مٽن مائٽن کي هتي اچڻ گهرجي. هن جي ويجهي مائٽ "الابامہ" ۾ رهندي هئي جيڪا هن جي پيءَ جي موت کان اڳ ۾ هڪ پوڙهي مائيءَ سان جائداد جي وراثت جي سلسلي ۾ آئي هئي پر ان کان پوءِ هو وري ڪڏهن بہ هتي نہ آئي. جيتوڻيڪ هن هن جي پيءَ جي جنازي ۾ بہ شرڪت نہ ڪئي هئي.

ڳوٺ جا پوڙها ماڻهو بہ چئي رهيا هئا، "ويچاري ايملي،" سس پس وڏندي پئي ويئي، "ڇا توهان اهو واقعي فرض ڪيو آهي يا ائين ئي آهي." اهي هڪ ٻئي کي چئي رهيا هئا. "بيشڪ ائين ئي آهي." ٻيو وري ڇا ٿو ٿي سگهي..." اهي اصل ۾ هن کان حاسد هئا.

اهڙن افواهن باوجود هوءَ فخر ۾ ڪنڌ اوچو ڪري هلندي هئي.... هرڪو سمجهي سگهيو ٿي تہ هن کي عشق ٿي ويو آهي. ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ هن پنهنجي نفسي خواهشن آڏو پنهنجي گريرسن خاندان کي ٽڏي ڇڏيو هجي پر ڪجهہ وقت کان پوءِ هڪ عجيب واقعو پيش آيو.

هن ڪوئن کي مارڻ لاءِ بازار مان زهر خريد ڪيو. اهو هڪ سال کان پوءِ جو واقعو آهي، جڏهن ڳوٺ جا ماڻهو هن کي "ويچاري ايملي" ڪري ڪوٺي رهيا هئا، ان وقت هن ڏي گهمڻ لاءِ بہ سئوٽ عورتون بہ آيون هيون.

"مون کي ڪجهہ زهر ڪپي." هن ميڊيڪل اسٽور واري کي چيو. ان وقت هوءَ ٽيهن سالن کان بہ مٿي هئي،

ڊگهي ۽ سنهي عورت. هميشه وانگر سخت، ۽ تيز چمڪدار اکين سان.

"مون کي ڪجهه زهر ڪپي." هن ميڊيڪل اسٽور واري کي چيو.

"ٺيڪ ها، مس ايملي. ڪهڙي قسم جو؟ ڪئن لاءِ يا ٻئي ڪنهن شيءِ لاءِ؟ آئون توکي صلاح ڏيندس ته...."

"مان اهو زهر چاهيان ٿي جيڪو تو وٽ بهترين قسمن جو هجي. مون کي ان ڳالهه جي پرواهه ناهي ته اهو ڇا جي ڪري به هجي."

اسٽور واري هن کي ڪيترن ئي مختلف زهرن جا نالا ڳڻايا ته اهي هر شيءِ کي ماري سگهن ٿا توڻي جو هاٿيءَ کي به. پر توکي ڪهڙي قسم جو...."

"آرزينڪ "Arsenic"، مس ايملي، چيو. "ڇا اهو ڪم جو زهر "

"ڇا.... آرزينڪ زهر؟ ها مس ايملي. پر توکي اهو ڇو گهرجي؟"

"مون کي آرزينڪ زهر گهرجي."

پهرين ته ميڊيڪل اسٽور واري هن کي چتائي ڏنو. جواب ۾ مس ايملي ۽ به ميڊيڪل واري کي چتائي ڏنو جنهن جو منهن ڪنهن تاٽيل جهنڊي وانگر لڳي رهيو هو.

"پر ڇا لاءِ.... توکي جيڪو ارزينڪ زهر گهرجي، ان لاءِ قانوني گهرجن موجب توکي اهو ٻڌائڻو پوندو ته اهو تون ڪٿي استعمال ڪندينءَ."

ان جي جواب ۾ مس ايملي هن کي خاموشيءَ سان چتائي نهاريو. هن پنهنجو ڪنڌ ٿورو ٽيڏو ڪندي هن کي اکين ئي اکين ۾ ڏنو ۽ تان جو ميڊيڪل اسٽور واري پنهنجون نظرون هن مان ڪٿي ورتيون ۽ هڪ شيلف مان آرزينڪ زهر آٿي چيڪ ڪري هڪ شيدي نوڪر کي ڏنو ته اهو پيڪيٽ ڪٿي هن سان گڏ هن جي گهر طرف وڃي. جڏهن گهر اچي هن اهو پيڪٽ کوليو ته ان جي دٻي تي هڪ کوپڙي ۽ هڏي جي شڪل جي هيٺيان لکيل هو "ڪئن لاءِ."

ٻئي ڏينهن تي اسان سيئي چئي رهيا هئاسين ته هوءَ پنهنجو پاڻ کي قتل ڪندي ۽ پوءِ اسان چيو ته هو هڪ بهترين ڪم هوندو. جڏهن پهريون دفعو هيءَ هومر بيرون سان گڏ نظر اچڻ لڳي هئي ته اسان چيڙ هو، "هيءَ هن سان شادي ڪندي." پوءِ اسان چيو، "هو اجا تائين هن کي مجرائي نه سگهي آهي." ڇو ته هومر خود ئي اها ڳالهه چئي هئي ته، "هيءُ نوجوان عورتن کي پسند ناهي ڪندو پر رڳو وڏي عمر جي عورتن کي پسند ڪندو آهي ۽ اسان اهو ڄاتو پئي ته هن اهو شراب پيءَ ڪري چيو آهي".... هن هڪ دفعو نوجوانن واري ڪلب ۾ به چيو هو، ته هيءُ اهو ماڻهو ناهي جيڪو هن سان شادي ڪندو. ان کان پوءِ اسان اهو پئي چيو ته "ويچاري ايملي." اهي جملا اهي حسد ڪاڻ چوندا هئا. ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ وري ڳوٺ ۾ اهو چوٻول هلڻ لڳو ته مس ايملي نوجوان ماڻهن لاءِ بدترين مثال آهي. هن جي ان عمل سان ڳوٺ جا نوجوان بگڙجندا. علائقي جي مردن ته ڪابه رڪاوٽ نه وڏي. پر ڳوٺ جي عورتن علائقي جي واسطيدار وزير کي هن جي ان ڪرت

جي شڪايت ڪئي ۽ ان کي درخواست ڪئي تہ هي ان گندي عورت خلاف ڪو قدم ڪٽي. وزير مس ايمليءَ سان ملاقات ڪئي پر ان سلسلي ۾ ٿيل گفتگو جي باري ۾ ڪوبہ ردعمل نہ ڏيکاريو ۽ هومر کي درخواست ڪئي ويئي تہ هو ڳوٺ مان هليو وڃي. پر هومر ان درخواست کي رد ڪري ڇڏيو ۽ نئين ايندڙ آڇر تي جڏهن اهي گهٽين ۾ گڏ گهمندي نظر آيا تہ وزير جي زال "الامابا ۾" مس ايمليءَ جي مٿ مائٽن سان سڏو رابطو ڪيو جنهنڪري هن جي گهر ۾ هن جا ويجها عزيز رشتيدار نظر اچڻ لڳا ۽ اسان سيئي انتظار ڪري رهيا هئاسون تہ هاٿي اڳيان ڇا ٿو ٿئي پر آخرڪار ڪجهہ بہ نہ ٿيو تہ، اسان اهو پڪ سمجهي رهيا هئاسون تہ هاٿي اهي شادي ڪري ڇڏيندا. پوءِ اسان کي اها بہ خبر پئي تہ مس ايمليءَ سوناري جي دڪان تي ويئي هئي ۽ هڪ ماڻهوءَ لاءِ سوني سيٽ تي H.B جا لفظ چانديءَ سان لکائي، سامان جو آرڊر ڏنو آهي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ اسان کي خبر پئي تہ هن هڪ ماڻهوءَ جو مڪمل لباس خريد ڪيو آهي جنهن ۾ نائيٽ شرٽ وغيره سڀ ڪجهہ شامل هو ۽ اسان چيو پئي تہ، "انهن شادي ڪري ڇڏي آهي." ۽ يقين ڪيو تہ اسان ڏاڍا خوش ٿياسين. جنهن کان پوءِ اسان ان حيرت ۾ نہ پياسين تہ جڏهن هومر بيرون... ان خريداري کانپوءِ اسان جي ڳوٺ مان غائب ٿي ويو هو. اسان کي ڏاڍو ڏک ۽ ناڪاميءَ ۽ محسوس ٿي رهي هئي تہ ان شاديءَ جو هل هنگامو ڇو نہ ٿيو هو. هومر بيرون کي ڏسندي اسان کي ڪافي ڏينهن ٿي چڪا هئا تہ اوچتو اسان کي خبر پئي تہ هومر بيرون ڳوٺ ۾ واپس اچي ويو آهي. اهو شيدي نوڪر ئي هو جنهن اهو مڃيو هو تہ هن شام جي وقت هن کي مس ايمليءَ جي رڌڻي ۾ ڏٺو هو ۽ ان کان پوءِ اسان آخري دفعو هومر بيرون کي ڏٺو ۽ ان سان گڏوگڏ مس ايمليءَ کي بہ. جنهن کان پوءِ اسان صرف شيدي نوڪر کي ئي مارڪيٽ ڏانهن ڪاڏي پيتي جو سامان آڻڻ ۽ وڻي وڃڻ لاءِ ڏسندا هئاسون ۽ جڏهن تہ مس ايمليءَ جي گهر جو اڳيون دروازو بند ئي پيل هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اسان هن کي ڪنهن گهڙيءَ هن جي گهر جي دريءَ مان هڪ جهلڪ ڏسي وٺندا هئاسين جيئن ان ڏينهن بانس دوران چُن ڇڙڪيندي اسان جي ڳوٺ جي ماڻهن هن کي دريءَ منجهہ اندر ڏٺو هو. هو گذريل تقريبن ڇهہ مهينن ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ گهٽين ۾ نظر نہ آئي هئي. اهو اصل ۾ هن جي پنهنجي پيءَ طرفان ئي مليل تعليم هئي، جنهن ۾ هيءُ هڪ عام عورت وانگر رستن ۾ نظر نہ اچي.

جڏهن اسان هڪ دفعو وري مس ايمليءَ کي ڏٺو تہ هوءَ ان وقت ٿلهي ٿي چڪي هئي ۽ هن جا وار پورا ٿي رهيا هئا. ڪجهہ سالن ۾ اهي اڃا پوري مان وڌيڪ پورا ٿيندا پئي ويا، تان جو وڃي ڪاري مرچ ۽ اڇي لوڻ وانگر مضبوط پورا وار ٿي ويا ۽ اهي هاٿي مڙيل وار هئا. سندس چوهتر سالن جي عمر ۾

وفات دوران بہ اهي ساڳيا وار هئا.

ان وقت جڏهن هيءَ چاليهہ سالن جي هئي، هن جي گهر جو اڳيون در بند ئي پيل هوندو هو. جيڪو ڇهن سالن کان ستن سالن تائين ان حالت ۾ ئي رهيو هو. هو ان وقت چائينا پينٽنگ بابت ڳوٺ جي ماڻهن کي تعيلم ۽ تربيت ڏيندي هئي. هن پنهنجي گهرجي هيٺين حصي ۾ هڪ اسٽوڊيو بہ کوليو هو جتي ڪرنل سارٽورس جون ڏيون ۽ ڏيئن جون ڏيئرون باقائدي سان هن وٽ پڙهڻ ايندیون هيون، جيتوڻيڪ هن جي ڪمائي تي ڪوبہ ٽيڪس نہ پئي ورتو ويو.

نئين پيڙهي بہ اچي ظاهر تي جيڪا هن ڳوٺ جي روح روان ۽ ڪرنگهي جي حيثيت تي رکي ۽ اهي ماڻهو لاڏاڻو ڪري ويا جيڪي پينٽنگز ۾ دلچسپي رکندا هئا ۽ پنهنجي ٻارن کي هن ڏانهن رنگن سان پريل ڏيا، بور ڪندڙ برشن ۽ مئگزين جي رنگين ڪٽيل تصويرون ساڻ ڪري موڪليندا هئا ۽ ڪو وقت اهڙو بہ آيو جو هن جي گهر ۾ ڪوبہ نہ ويندو هو. گهر جو اڳيون دروازو هميشہ وانگر بند ئي ملندو هو.

جڏهن ڳوٺ ۾ فري پوسٽل ڊليوري سهوليت آئي تہ مس ايملي اها ڳوٺ جي واحد عورت هئي جنهن پنهنجي گهر اڳيان پوسٽ جو ٿهيل لوهي نمبر وارو ميل باڪس نصب ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ ان سلسلي ۾ هن انهن جي ڪابہ ڳالهہ نہ ٻڌي.

روزانو، مهيني وار، ساليانو، اسان شيدي نوڪر کي پيا ڏسندا هئاسون تہ هو پورو ٽيندو پيو وڃي ۽ ان سان گڏوگڏ هن جو ڪنڌ جهڪندو پيو وڃي، ۽ اهوئي مارڪيٽ ڏانهن ٽوڪري کڻي اچي ۽ وڃي رهيو هو. سال جي هر ڊسمبر ۾ هن کي ٽيڪس نوٽيس اسان موڪليندا هئاسين جيڪو هفتي کان پوءِ پوسٽ آفيس ۾ بنا ايڊريس ڇاڻائڻ جي واپس ڪيو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اسان هن کي هن جي گهر جي هيٺين حصي جي ڪمرن جي درين منجهہ ڏسي وٺندا هئاسون. هن پنهنجي گهر جو مٿيون حصو ظاهري طور تي بند ڪري ڇڏيو هو. ائين هڪ پيڙهي کان ٻي پيڙهي گذري رهي هئي ۽ پوءِ ايئن هيءَ بہ فوت تي ويئي. هيءَ ان گهر ۾ بيمار تي پئي هئي جنهن ۾ چوٽطرف مٽيءَ ۽ اونداهي هئي. ۽ جڏهن هن وفات ڪئي، ان وقت فقط اهو شيدي ئي هن جي سيراندي کان موجود هو. اسان کي اها بہ خبر نہ پئي هئي تہ هوءَ ڪا بيمار بہ هئي. اسان بہ دنيا جي نفسانفسيءَ ۾ مس ايملي بابت شيديءَ کان معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ئي نہ پئي ڪئي. هو ڪنهن سان ڪونہ ڳالهائيندو هو، شايد مس ايملي سان بہ نہ؟ ڏينهون ڏينهن هن جو آواز سخت کان سخت تي رهيو شايد اهو بغير استعمال جي ڪري ائين تي ويو هجي.

هن جو موت هن جي گهر جي هيٺين حصي ۾ ٿيو هو، جنهن ۾ بستري سان گڏ ڳرا وزني پڙدا لڳل هئا. هن جو پوري رنگ جو مٿو پيلي

وهاٽي ۾ دسيل هو.

شيدي نوڪر گهر جي اڳئين در تي ايندڙ عورتن سان مليو ۽ انهن کي گهر اندر اچڻ ڏنو. جنهن سان گڏ سندن مڙس به هئا جيڪي تجسس واريون نگاهون ڪٽي تيزيءَ سان نظرون گهر ۾ چوٽطرف ڦهلائي رهيا هئا. شيدي نوڪر انهن کي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ واپس وري ڪٽي به ڪونہ ڏٺو ويو.

مس ايملي جون سوٽ يڪدم اهڙي صورتحال ۾ اڳيان آيون. انهن سڄي جنازي جو بندوبست ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن تي مس ايملي کي دفنايو ويو. ڳوٺ جي تقريبن سيني ماڻهن هن جي جنازي جي رسمن ۾ ۾ شرڪت ڪئي. گهر ۾ مس ايملي جي پيءَ جي هڪ وڏي تصوير ٽنگيل هئي. ماحول ڏاڍو سوڳوار هو. پوڙها ماڻهو ۽ مايون سڀ کان وڌيڪ غمگين هئا. اهي سيئي ماڻهو مس ايملي بابت ڳالهائي رهيا هئا. اهي پنهنجي همعصر واري دور دوران تصور ڪري رهيا هئا. اهي پنهنجي پراڻن يادن ۾ گم ٿي ويا هئا.

اسان کي اڳ ۾ ئي خبر هئي تہ گهر جي مٿئين حصي ۾ هڪ ڪمرو اهڙو به آهي جيڪو ڪنهن به چاليهہ سالن ۾ ڪونہ ڏٺو هو. جنهن هرهڪ کي بيچين پئي ڪيو تہ اهي ان ڪمري کي ڏسن. جڏهن مس ايملي کي قبرستان ۾ دفنائي واپس سندس گهر ۾ اسان آياسين تہ اسان فورن ئي ان بند پيل ڪمري کي ڏسڻ لاءِ سخت بي چين هئاسين ۽ آخرڪار اسان اٿهيءَ ڪمري جي دروازي کي کوليو.

دروازي کي جيئن ئي زور سان کوليو ويو تہ مٽيءَ جو هڪ طوفان اٿيو جنهن سڄي ڪمري کي ڏڏڙ ڏوڙ ڪري ڇڏيو. سنهڙن رنگبرنگي ڪپڙن جا چوغا ڪمري جي اردگرد مختلف ننڍن ننڍن قبرن وانگر مٽي جي ٺهيل ڍڳن تي ويڙهيل هئا. پراڻي طرز جا پڙدا ٽنگيل هئا. هي ڪمرو هڪ ڪنوار وانگر سينگاريو ويو هو. هن ڪمري ۾ گلن جي مدم پاڇن جون روشنيون، جيڪي ڊريسنگ ٽيبل تي، ديوارن جي مرداڻي ٽنگڻيءَ تي پئجي رهيون هيون. هڪ ڪرسيءَ تي مرداڻو سوٽ پيل هو، جيڪو چڳيءَ طرح سان ويڙهيل هو ۽ ان ڪرسيءَ جي هيٺان ٻہ مرداڻا جوتا جن ۾ استعمال شده جوراب پيل هئا.

بستري تي هڪ ماڻهو ستل هو.

اسان ڪافي دير تائين اتي بيٺا هئاسين. اسان ان مرداڻي جسم کي گهري نموني مشاهدو ڪيو تہ اسان ڏٺو تہ اهو جسم بستري تي ائين پيل هو جنهن کي ڪوبہ آسانيءَ سان پنهنجي پاڪر ۾ وجهي سگهيو ٿي پر هاڻي اهو اڻ ڪٽ پيار ذريعي گهري ننڊ ۾ هو.

ان کان پوءِ اسان اهو جانچيو تہ بيڊ تي پيل ٻئي وهاٽي تي مٽي جو گهُپ ٺهيل هو. اسان مان ڪنهن هڪ ان وهاٽي کي ڪٽي ورتو ۽ اسان اهو وهاٽو اڳيان ڪيو تہ اسان کي ان وهاٽي ۾ اندر خشڪ مٽيءَ سان گڏ هڪ مضبوط پورو وار مليو.

☆

روسي ڪهاڻي

ڦوهڙي



ٽالسٽاءِ / طفيل مگسي

ملڪ جي انصاف واري وزير قيديءَ کي گهرايو ۽ ڪانئس پڇا ڪيائين ”جڏهن تہ اسان تنهنجي مٿان چوڪيدار کي بہ هٽائي ڇڏيو آهي، تہ پوءِ تون پڇي ڇو نٿو وڃين؟ ۽ پڪ ڄاڻ تہ ڪوبہ تنهنجو پيچو نہ ڪندو ۽ نہ ئي انهيءَ الزام هيٺ توتي ڪو ڪيس وغيرہ هلايو ويندو!“

ان رياست ۾ جوئا کيڏڻ جي مڪمل آزادي هئي ۽ اتي ڪوبہ قيد خانو نہ هو.....

سٽن هزارن جي آبادي تي مشتمل مانٽي ڪارلو رياست، جنهن کي مقامي رهواسي موناڪو بہ سڏيندا آهن، سا فرانس ۽ اٽلي جي سرحدن ويجهو ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهي، انهيءَ ننڍڙي رياست جي ايراضيءَ کي جيڪڏهن اتان جي رهواسين ۾ ورهايو وڃي تہ جيڪر هر ماڻهوءَ جي حصي ۾ هڪ ايڪڙ زمين بہ نہ اچي، جيئن تہ هو بادشاهہ هو، تنهنڪري هن رعايا جي فلاح ۽ بهبودي لاءِ وزير، صلاحڪار ۽ فوج جو باقاعدي انتظام رکيو هو.

سندس فوج ۾ ڪل اسي ماڻهو هئا.

ان رياست ۾ جوئا کيڏڻ جي مڪمل آزادي هئي ۽ صاف صاف ته جوئا ملڪ جي آمدنيءَ جو اڪيلو ذريعو هئي، ويجهڙائيءَ وارن ملڪن جا يورپي رهواسي اتي پنهنجي قسمت آزمائڻ لاءِ ايندا هئا، جوئا ۾ وڏا وڏا داءُ لڳندا هئا، ڪجهه ماڻهو ته ڪنندا هئا ۽ باقي پنهنجا ڪيسا خالي ڪري ويندا هئا، رياست جي بادشاهه کي ٻنهي صورتن ۾ فائدو ٿيندو هو. هو نهايت ئي شان ۽ شوڪت سان پنهنجي محلات ۾ رهندو هو. وڏن وڏن جوئارين کي هو انعامن ۽ اڪرامن سان نوازيندو رهندو هو ۽ سمورا حڪم سندس قلم مان صادر ٿيندا هئا، مطلب ته جيڪي ڪم ٻئي هنڌ ملڪي سربراهه ڪندو هو، سي هتان جو بادشاهه ننڍي پيماني تي ڪندو هو. جوئا ڪرڻ ڪانسواءِ باقي هتان جا رهواسي نهايت ئي شريف ۽ امن پسند هوندا هئا، جنهن ڪري ڏوهه وغيره ڪونه ڪندا هئا. پر هڪ دفعي هت اهڙو واقعو رونما ٿيو جو حڪومت جا امير ۽ وزير نهايت ئي پريشان ٿي ويا. اوچتو هڪ ماڻهو ٻئي کي قتل ڪري ڇڏيو هو، انهيءَ واقعي تي ان ننڍڙي ملڪ جا جج ۽ قاضي غور ويچار ڪرڻ لاءِ هڪ هنڌ اچي گڏ ٿيا. نيٺ ڪافي بحث مباحثي کان پوءِ سيني يڪراءِ ٿي فيصلو ڏنو ته "قاتل کي موت جي سزا ڏني وڃي ۽ بادشاهه کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪيو وڃي." بادشاهه پنهنجن صلاحڪارن سان صلاح ڪري انهيءَ فيصلي تي عمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جيئن ته ان ملڪ ۾ اڳ ڪوبه ڏوهه وغيره ڪونه ٿيو هو، تنهنڪري اتي ڦاهيءَ گهاٽ ۽ جلاد هئڻ جو ڪو سوال ئي نٿي پيدا ٿيو. ان مشڪل کي حل ڪرڻ لاءِ وزيرن اهو ٺهراءُ پاس ڪيو ته پنهنجي پاڙيسري ملڪ فرانس کي جلاد ۽ ٻئي ضروري سامان ميسر ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو وڃي ته جيئن ڦاسي جي فيصلي تي عمل ڪري سگهجي. انهن فرانس جي حڪومت کي ان سلسلي ۾ هڪ خط لکيو.

هڪ هفتي کان پوءِ ان خط جو جواب آيو ته "جيڪڏهن سورنهن هزار فرانڪ بطور خرچ ڏنا وڃن ته حڪومت فرانس هڪ جلاد جون خدمتون ڏيڻ تي راضي ٿيندي." حڪومت فرانس جو جواب جڏهن بادشاهه وٽ پهتو ته هو نهايت ئي حيران ٿيو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ معمولي خونيءَ جو موت به ڪين ايترو مهانگو ٿي پيو. بادشاهه پنهنجن وزيرن سان مشورو ڪري اهو فيصلو ڪيو ته جيئن ته حڪومت فرانس جي گهر نهايت ئي وڏي آهي. تنهنڪري اٿليءَ جي حڪومت کي عرض ڪجي ته جيئن قاتل کي ڦاسيءَ جي سزا ڏياري سگهجي. ان سلسلي ۾ هنن اٿليءَ جي حڪومت کي خط لکيو، ڪجهه ڏينهن بعد اٿليءَ جي حڪومت جو جواب آيو ته "اسان کي هڪ پاڙيسري ملڪ جي خدمت ڪندي سچ پچ خوشي ٿيندي ۽ ان لاءِ صرف ٻارنهن هزار فرانڪ جي

معمولي رقم تجويز ڪجي ٿي.“

اٽليءَ جي حڪومت هونئن ته چئن هزار فرانڪن جي ڪمي ڪئي هئي، پر ٻارهن هزار فرانڪ به معمولي رقم ڪانه هئي. آباديءَ جي تناسب جي لحاظ کان هر هڪ ماڻهوءَ تي ٻه فرانڪ ٽيڪس لڳائڻ سان، مس مس انهيءَ رقم جو پورائو ٿي سگهيو ٿي، ڇاڪاڻ ته رياست جي خزاني ۾ ايترو پئسو ڪونه هو. هڪ معمولي قاتل جي موت لاءِ سڄي عوام تي بار وجهڻ به انصاف جي گهرج جي خلاف هو.

هڪ دفعو ٻيهر امير ۽ وزير مٿن کي هٿ ڏئي سوچڻ ۾ لڳي ويا، ست سال هڪ ڊگهي بحث ڪانپوءِ انهن فيصلو ڪيو ته فوج جي سپهه سالار کي چيو وڃي ته جيئن هو فوج جي ڪنهن سپاهيءَ کي حڪم ڏئي ڏوهاري کي ماري سگهي، فوج جي سپهه سالار پنهنجي سيني ماڻهن کان پڇيو، پر ڪوبه هن ڪم لاءِ تيار نه ٿيو ۽ سيني گڏجي ڪيس جواب ڏنو ته ”اسان ملڪ جي دشمنن سان وڙهڻ جي لاءِ آهيون ۽ نه پنهنجي ئي ملڪ جي ماڻهن کي مارڻ لاءِ رکيا ويا آهيون!“

نيٺ تنگ ٿي ڪري سيني فيصلو ڪيو ته ڏوهيءَ جي موت جي سزا کي عمر قيد ۾ تبديل ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ سان هڪ طرف ته بادشاهه جي رحمدلي ظاهر ٿيندي ۽ ٻئي طرف ايڏي وڏي خرچ کان رياست کي بچائي سگهبو، پر اهو ڪم به ايترو آسان نه هو، ڇو ته ملڪ ۾ ڏوهيءَ کي رکڻ لاءِ ڪوبه قيد خانو موجود نه هو. نيٺ هن شاهي محل جو هڪ ڪمرو خالي ڪرائي ان ۾ قيديءَ کي بند ڪيو ۽ مٿانئن هڪ پهريدار مقرر ڪري رکيو، جيڪو ڪيس شاهي رڌڻي مان کاڌو به آڻي ڏيندو هو، ڏوهيءَ کي اهڙي نموني قيد ڪرڻ کانپوءِ اميرن ۽ وزيرن سڪ جو ساهه کنيو.

اهڙي نموني سال گذري ويو، ٻئي سال شروع ٿيڻ سان جڏهن بادشاهه ملڪ جي بجيٽ ٺاهڻ ويٺو، تڏهن هڪ نئون خرچ ظاهر ٿي پيو، يعني قيدي ۽ پهريدار جي کاڌي ۽ ڪپڙي لئي جو خرچ، اهو خرچ به ڪو گهٽ ڪونه هو، يعني سڄي سال جو خرچ اٽڪل ڇهه سئو فرانڪ پئي ٿيو، ساڳئي وقت قيدي به اڃان جوان هو ۽ شاهي رڌڻي مان ماني کائڻ ڪري سندس صحت به ڪافي سڌري چڪي هئي، ظاهري طرح اڃا به پنجاهه کن سال سندس جيئري رهڻ جي اميد هئي.

بادشاهه نهايت ئي پريشانيءَ جي

☹صبح سوير هڪ ماڻهو ڪيميسٽ جي دڪان تي ويو ۽ چوڻ لڳو، ”مونکي پنهنجي زال لاءِ ننڊ جون گوريون ڪپن....“

ڪيميسٽ چيو، ”ڪلهه شام جو ته اوهان وٺي ويا هئو.....“

ان صاحب جواب ڏنو، ”توهان سمجهو ڇو نه ٿا.... هوءَ وري جاڳي ويئي آهي.“

عالم ۾ پنهنجن وزيرن کي گهرائي چيو ”نيٺ ڪهڙي نموني هن قيديءَ مان جان ڇڏائجي؟ ڇو ته ملڪ جو خزانو سندس وڏيڪ بار کڻڻ کان لاچار آهي.“

ان ميٽنگ ۾ هڪ وزير مشورو ڏنو ته پهريدار کي هٽائي ڇڏڻ سان خرچ ۾ ڪي قدر ڪمي اچي سگهي ٿي، ان تي ٻئي وزير اعتراض ڪيو ته جيڪڏهن پهريدار کي هٽائي ڇڏبو ته قيدي ڀڄي ويندو، جنهن تي پهرين وزير چيو ته اسان به اهو ئي ته چاهيون ٿا ته ڀلي ڀڄي وڃي ۽ اسان جي جان ڇٽي!

انهيءَ تجويز تي بادشاهه به ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پهريدار کي قيديءَ جي نگرانيءَ تان هٽايو ويو، پوءِ سيئي ان انتظار ۾ رهيا ته ڏسون ته هاڻي ڇا ٿو ٿئي؟ پر ٿيو ائين ته جڏهن مانيءَ جو وقت ٿيو ۽ پهريدار قيديءَ کي ماني کانه پهچائي ته هو ڪمري مان پاڻ ٻاهر نڪتو ۽ رڌڻي مان ماني کڻي موٽي پنهنجي ڪمري ۾ آيو ۽ دروازو بند ڪري مزي سان کائڻ شروع ڪري ڏنائين.

ان کان پوءِ قيدي جي اها عادت ٿي وئي ته مانيءَ جي وقت تي پاڻ رڌڻي مان کاڌو کڻي اچي پنهنجي ڪمري ۾ کائيندو هو، قيد خاني مان ڀڄي وڃڻ جي هن ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي.

اهڙي طرح هڪ سال ٻيو به گذري ويو، هن دفعي سال ۾ ٽن سئو فرانڪن جي ڪمي ته ٿي، پر تڏهن به قيديءَ جو خرچ ٽي سئو فرانڪ اڳي وانگر ئي رهيو، بادشاهه ٻيهر هنگامي اجلاس گهرائي فيصلو ڪيو ته قيديءَ کي صاف صاف چئي ڇڏجي ته اسان ڪيس وڏيڪ قيد ۾ رکڻ نٿا گهرون.

ملڪ جي انصاف واري وزير قيديءَ کي گهرايو ۽ ڪانئس پڇا ڪيائين، ”جڏهن ته اسان تنهنجي مٿان چوڪيدار کي به هٽائي ڇڏيو آهي، ته پوءِ تون ڀڄي ڇو نٿو وڃين؟ تون نهايت ئي سولائيءَ سان ڀڄي سگهين ٿو ۽ پڪ ڄاڻ ته ڪوبه تنهنجو پيڇو نه ڪندو ۽ نه ئي انهيءَ الزام هيٺ توتي ڪو ڪيس وغيره هلايو ويندو!“

قيديءَ اهو ٻڌي ڪلي ڏنو ۽ چيائين ”اهو صحيح آهي ته حڪومت مون کي ڀڄي وڃڻ کان نه روڪيندي ۽ نه ئي ڪيس وغيره هلائيندي، پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته مان ڀڄي ويندس ڪيڏانهن؟ ۽ پنهنجي حياتي گذارڻ لاءِ ڪهڙو ڌنڌو اختيار ڪندس؟ حقيقت ۾ توهان مون کي قيد ڪري منهنجي زندگي کي داغدار بڻائي ڇڏيو آهي، ڇا هينئر ماڻهو مون کان نفرت نه ڪندا؟ ڇا هو مون کي هينئر عزت سان رهڻ ڏيندا؟ ساڳئي وقت هينئر منهنجيون عادتون به ايتريون خراب ٿي چڪيون آهن جو مان ڪو محنت وارو ڪم به نٿو ڪري سگهان، ايترو وقت مان شاهي محلات جي چئن ڀتين جي اندر بند رهيو آهيان ۽ منهنجي لاءِ شاهي رڌڻي مان کاڌو ايندو رهيو آهي، توهان ته پنهنجن هٿ سان منهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏي آهي، سڀ کان پهريائين توهان منهنجي لاءِ موت جو

حڪم جاري ڪيو، پر ان تي عمل ڪونہ ٿي سگهيو. موت جي انتظار ۾ مان ڪيترائي دفعا مري چڪو آهيان ۽ انهن ڳالهين جي باوجود مون شڪايت جو هڪ لفظ بہ زبان تي نہ آندو، ان کان پوءِ توهان منهنجي موت جي سزا عمر قيد ۾ تبديل ڪئي. انهيءَ مهرباني تي مان اوهان جو نهايت ئي شڪر گذار ٿيس. جيڪو پهريدار توهان منهنجي مٿان مقرر ڪيو هو، سو منهنجي لاءِ روزانو ڪاڏو وغيره آڻيندو هو، پوءِ توهان پهريدار کي بہ هٽائي ڇڏيو، جنهنڪري مون کي ٽي دفعا ڏينهن ۾ شاهي رڌڻي مان پنهنجي لاءِ ڪاڏو آڻڻو پوندو هو، مطلب تہ انهن سڀني تڪليفن جي باوجود بہ مون شڪايت نہ ڪئي، هينئر وري اوهان جو مطالبو آهي تہ مان هتان ڀڄي وڃان، پر مان ائين ڪڏهن بہ نہ ڪندس، توهان کي جيڪي وٺي سو ڀلي ڪريو، پر مان هتان نہ ويندس ۽ سڄي زندگي هت ئي گذاري ڇڏيندس، ڇاڪاڻ تہ مان هاڻي ڪنهن جي منهن ڏيکارڻ جهڙو رهيو ئي ناهيان“ ائين چئي قيدي اچي روئڻ لڳو.

وزير جڏهن اهو ٻڌو تہ هو نهايت ئي پريشان ٿيو ۽ بادشاهہ جي خدمت ۾ سڄو احوال ٻڌايائين. هاڻي تہ اهي سڀ عجيب جنجال ۾ ڦاسي ويا، نيٺ سڀئي هڪ جاءِ تي ويهي نئين سر غور ڪرڻ ويٺا تہ ڪهڙي طرح هن قيديءَ کان جان ڇڏائين، نيٺ اهو فيصلو ٿيو تہ قيديءَ لاءِ وظيفو مقرر ڪري ڪيس رياست مان ٻاهر موڪلي ڇڏجي.

انهيءَ رٽ کي پيش ڪندي، اميرن ۽ وزيرن بادشاهہ کي گذارش ڪئي تہ ”هن آفت کان جان ڇڏائڻ لاءِ مٿين رٽ کان وڌيڪ ٻي ڪابہ رٽ موزون ٿي ڪانہ ٿي سگهي.“

بادشاهہ نهايت ئي مجبور ٿي هن رٽ کي قبول ڪيو ۽ قيديءَ لاءِ چار سئو فرانڪ ساليانو وظيفو مقرر ڪيائين. جڏهن حڪومت جي ڪارندن قيديءَ کي اهو فيصلو ٻڌايو تہ هن چيو:

”نيڪ آهي، هاڻي مان هتان هليو ويندس، پر ياد رکجو، منهنجي وظيفي ۾ ڪڏهن بہ دير ٿي تہ مان وري هن محلات ۾ موٽي ايندس!“

مامري طئي ٿيڻ کان پوءِ قيديءَ وظيفي جو چوٿون حصو ايڊوانس طور وٺي معاهدي جي ڪاغذن سميت رياست کان ٻاهر نڪتو، جنهن نئين جاءِ تي هو اچي رهيو هو، سا موناڪو رياست کان چئن ڪلاڪن جي پنڌ تي هئي، اتي هن ڪجهہ زمين خريد ڪري ميوا پوکڻ شروع ڪري ڏنا، انهيءَ واپار مان هن کي ايترو تہ منافعو ٿيو جو هو پنهنجي زندگي نهايت ئي آرام سان گذارڻ لڳو. هر سال جي پهرين تاريخ، هو موناڪو اچي پنهنجو وظيفو وصول ڪندو هو ۽ جوئا خاني ۾ اچي ان رقم کي ٻيٽو ٽيٽو ڪري، شام ڌاري پنهنجي گهر موٽي ايندو هو. هُن پوءِ ڪو بہ ڏوهہ نہ ڪيو، ڇاڪاڻ تہ جنهن جاءِ تي ان وقت هو رهيل هو، اتي موت جي سزا ڏيڻ ۽ قيد ڪرڻ جو باقاعدگيءَ سان انتظام ٿيل هو.

☆

ڪيٽ چوپن

سنڌيڪار: عرفان نوراني

هڪ ڪلاڪ جو قصو

انساني زندگي بہ عجيب ٿيندي آهي، ڪڏهن ڏک ۾ تہ ڪڏهن سک ۾. سياڻن زندگيءَ متعلق چيو آهي تہ ان لاءِ هر شيءِ جي گهٽائي خراب هوندي آهي. اهڙي ئي قصي سان جڙيل هڪ عورت جي ڪٿا، جنهن کي خبر پئي تہ هن جي ظالم مڙس جو اتفاقي حادثي ۾ فوتگي ٿي آهي. ان دڪدائڪ خبر جو هن تي ڪهڙو اثر پيو ۽ ڪهاڻيءَ ۾ اڳيان ڇا ٿيو سو هن ڇرڪائيندڙ ۽ اڳيان پڙهڻ لاءِ مجبور ڪندڙ ڪهاڻي ۾ پڙهندا. اميد تہ هيءَ ڪهاڻي اوهان کي پسند ايندي.

هڪ مظلوم عورت جي ڪهاڻي، جنهن کي زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي خوشي ملي هئي.

بيگم ميلارڊ کي دل جي بيماري جي تڪليف هئي، جنهن سبب وڏي احتياط پئي ڪئي ويئي تہ هن کي هن جي مڙس جي اتفاقي موت جي خبر ائين ڏجي جو هن تي ان جو ڪو موتمار اثر نہ پوي.

اها هن جي ننڍي پيٽ جوزفائين هئي، جنهن هن کي اها دڪدائڪ خبر ٻڌائي هئي. اها دڪدائڪ خبر هن ٽٽل ڦٽل لفظن ۾، اشارن ۾ ائين ٻڌائي جنهن سان اهو تاثر مليو پئي تہ ان خبر کي اڏ لڪايو ويو هجي. ان وقت هن جي مڙس جو پڳمٽ يار رچرڊ بہ اتي موجود هو. اهو رچرڊ ئي هو جنهن اها خبر آندي هئي. اصل ۾ هيءُ هڪ اخباري آفيس ۾ ڪم ڪندو هو. اڄ ڏينهن جو هيءُ پنهنجي آفيس ۾ ڪم ڪري رهيو هو تہ اوچتو هڪ خبر

فيڪس ذريعي هن کي موصول ٿي ته منٽري مقام تي ريلوي حادثو ٿيو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو فوت ٿي ويا آهن. مرڻ واري ماڻهن واري لسٽ ۾ برٽلي ميلرڊ جو نالو سرفهرست هو. هن وقت کان اڳي پيش قدمي ڪرڻ کان پهرئين ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته مرڻ وارن ۾ واقعي برٽلي ميلرڊ نالي سان ئي ڪو شخص ان لسٽ ۾ شامل آهي يا نه. هن تڙ تڪڙ ۾ اها خبر هن جي دوست جي گهر وارن کي ڏيڻ لاءِ روانو ٿيو.

هن پنهنجي مڙس جي مرڻ جي اها ڳالهه مڪمل طور تي ٻڌي ئي ڪونه. جيئن عموما اهڙن موقعن تي ٿيندو آهي. عورتن کي ان جي ويجهي عزيز جي موت جي خبر تي فورن ئي سڪتو طاري نه ٿيندو آهي اهڙي نموني هن تي به ڪو سڪتو طاري نه ٿيو، پر ڪجهه ساعتن کان پوءِ هن پنهنجو پاڻ کي پنهنجي ننڍي پيٽ جي هنج ۾ ڪٽي زور سان اڇلايو. جڏهن ڏک جو طوفان خود بخود گهٽيو ته هيءَ پنهنجي ڪمري ڏانهن اڪيلي سر وڃڻ لڳي. هن جي پويان ڪو به نه هو. ڪمري اندر پهچي ڪري هن دروازي کي ڪنڊي لڳائي بند ڪيو ۽ ڪمري جي ڪليل دريءَ آڏو ٿيندي هڪ آرامده، ٻانهن واري سڪون پهچائيندڙ ڪرسيءَ کي ڏٺو. انهيءَ ڪرسيءَ تي هيءَ ويهي ڪري هن هڪ وڏو ٽڏو شوڪارو پريو، ڇڻ هيءَ ڪا صدين کان وٺي ٽڪيل هجي.

هيءَ پنهنجي ڪمري جي ڪليل دريءَ مان ٻاهر چوڪ تي انهن وڻن جي سائين سائين ٽارين کي لڏيندي ڏسي رهي هئي جيڪي نئين بهار جي اچڻ ڪري تازگي ظاهر ڪري رهيا هئا. وڻندڙ برسات جي خوشبو هوا ۾ رچيل هئي. ٻاهر گهٽيءَ ۾ سائيڪل سوار وڪرو ڪندڙ شين جا هوڪا ڏيئي رهيا هئا. پري کان ايندڙ ڪنهن گيت جا مدهوش ڪندڙ آواز هن جي ڪنن جي سماعتن سان ٽڪرائجي رهيا هئا ۽ لاتعداد جهرڪين جي پنهنجن پنهنجن آڪيرن ۾ چون چون جا آواز هن کي ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا.

نيري آسمان ۾ ٽڪرن جي صورت ۾ ڪڪر هيڏانهن هوڏانهن ڦهليل هئا جيڪي هوا جي ڪري هڪ ٻئي مٿان ڪڏهن چڙهيا ٿي ته ڪڏهن جدا ٿي ٿيا. اهي سڀ دل کي وڻندڙ منظر هيءَ دري مان ڪرسيءَ تي ويهي ڏسي رهي هئي.

هن پوءِ پنهنجو مٿو ڪرسيءَ جي پويان رکيل آرامدهه ٽيڪ تي رکيو ۽ هيءَ هاڻي بلڪل بي حرڪت هئي. هن گهڙي گهڙي رکي ڪري سڏڪا ٿي پريا، جيئن ڪو ضدي مسلسل روئيندڙ ٻار روئندي روئندي ننڊ ۾ هليو ويندو آهي ۽ ننڊ ۾ ئي خوابن واري حالت ۾ سڏڪا پريندو آهي.

هوءَ جوان هئي. هن جي نازڪ نرم، نفيس، نيڻ نشينن وارن اکين ۽ سنجيده چهري جي خدو خالن هن جي شخصيت کي ويتر سوبر ٺاهي ڇڏيو هو پر هاڻي هن جي نگاهن ۾ مڌرين ۽ اداسي هئي. هن لاڳيتوار نيري آسمان ۾ هلندڙ ڪڪرن کي چٽائي پئي ڏٺو.

هن کي محسوس ٿي رهيو هو ته هن ۾ ڇڻ ڪا نئين پرمسرت شي داخل

ٿي هجي ڇڻ هيءَ ان جو ڏڇندي ڏڇندي انتظار ڪندي هجي. پر اهو ڇا هو؟ اها ڪا سمجهه ڪان ٻاهر، منجهائيندڙ ۽ پريشان ڪندڙ ڪنهن شيءَ جو نالو هو جنهن جي هن کي قطعي طور تي ڪا ڄاڻ نه پئجي رهي هئي، پر هوءَ ان کي محسوس ضرور ڪري رهي هئي. هن کي ائين لڳي رهيو هو جو ڇڻ هيءَ نيري آسمان ۾ ريڙهيون پائيندي ان مان نڪرندڙ سريلي آواز منجهه اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهي هجي جنهن جي خوشبو ۽ رنگ هن جي انگ انگ کي عجيب قسم جي محسوسات کان آشنا ڪري رهيو هجي جنهن ۾ تڏڙي تڏڙي هيرن جو ساه رچيل هجي.

هن جو سينو فخر سان اُڀرجو ٿيو. ان وقت هن تڏو شوڪارو پريو ۽ پوءِ وري ڏماڪي سان هن جي ڇاتي هيٺ ٿي. هن کي اهو به محسوس ٿي رهيو هو ته ڪا شيءَ هن جي عضون ۾ داخل ٿي ويئي هجي جيڪا هن جي نس نس کي وڌائي رهي هجي. هن پنهنجي ان اڻ ڄاڻ خوشيءَ واري ڪيفيت کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پنهنجي هٿ جو تريون پنهنجي جسم جي مختلف حصن تي گهمايون پر اها خوشي هن کان ڇڻ ڪنٽرول کان ٻاهر هئي نيٺ هيءَ ڪرسي تان اٿي ڪري هيڏانهن هوڏانهن هلڻ لڳي ته ڪو هن جي جسم جي نسن تي ڪنٽرول ٿي سگهي.

جڏهن هيءَ هلي هلي ٿڪجي پئي ته پوءِ هن وري پنهنجو پاڻ کي ڪرسي تي زور سان ڇڏيو ته هن جي وات مان ڪجهه ٽپڻ ٽپڻ جا لفظ آهستگي سان نڪتا. هن اهي لفظ گهڙي گهڙي پنهنجي ساهه اندر ورجايا "مان آزاد آهيان، مان آزاد آهيان، مان هاڻي آزاد آهيان!" هن جي خالي نگاهن ۾ هاڻي خوف ختم ٿي رهيو هو ۽ ان جي جاءِ تي چمڪ ۽ روشني ظاهر ٿي رهي هئي. هن جي ڏڙڪن تيزيءَ سان ڏڙڪي رهيون هيون. جنهن ڪري هن جي جسم جي رت ۾ هڪ هلچل متل هئي جنهن ڪري هن کي هن جي جسم جي مختلف حصن ۾ سڪون محسوس ٿي رهيو هو.

هونءَ پنهنجو پاڻ کي اهو چوڻ کان روڪي نه سگهي ته آها ڪيڏي نه خطرناڪ خوشيءَ جا لمحا آهن جنهن هن کي پنهنجي جڪڙ ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي.

هن کي اها ڄاڻ هئي ته هن کي ٻيهر ضرور روئڻو پوندو جڏهن هن جي مڙس جو مڙهه هن جي گهر ۾ نيو ويندو. انهيءَ ظالم جسم تي هڪ دفعو ضرور ڳوڙها ڳاڙڻا پوندا، جنهن ڪڏهن به هن سان محبت نه ڪئي هئي! پر هنن جي دل ۾ اها خوشي موجزن هئي ته اهو نفرت انگيز چهرو هاڻي موت جي حوالي ٿي چڪو آهي. هوءَ انهن ڪڙين سخت يادگيرين کان تمام پري رهڻ جي خواهش ڪري رهي هئي ۽ انهن سالها سال ايندڙ لمحن جي لطف اندوزي ۽ سونهري خوشين جي يادن ۾ پنهنجو پاڻ کي گهيرڻ چاهيو ٿي جيڪي هاڻي فقط هن سان تعلق رکندڙ هئا، فقط ئي فقط هن سان تعلق رکندڙ هئا ۽ هيءَ انهن لمحن کي کلي دل سان آجيان ڪرڻ لاءِ تيار هئي.

هن من ئي من ۾ اهو فيصلو ڪيو

تہ انهن ايندڙ لمحن لاءِ هوءُ ڪنهن لاءِ بہ نہ جيئندي فقط پنهنجي اڪيلي ذات لاءِ جيئندي. هاڻي ڪابہ اهڙي طاقت يا (قوت) موجود نہ هئي جيڪا هن کي هن جي مرضيءَ خلاف ڪو قدم کڻڻ کان روڪي سگهي.

”مان آزاد آهيان. منهنجو روح، منهنجو جسم، منهنجو سڀ ڪجهہ آزاد آهي. مان آزاد آهيان!“

هوءَ پنهنجو پاڻ سان سس پس ڪري رهي هئي.

هوڏانهن ڪمري جي ٻاهران جوزفائين ڪنڊي کي ڪڙڪائي بند پيل دروازي کي کولڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ۽ ڪمري ۾ اندر گهڙڻ لاءِ درخواست پئي ڪيائين. ”لوزي دروازو کول! آئون توکي هٿ ٿي ٻڌان تہ دروازو کول. تون پنهنجو پاڻ کي نقصان نہ ڪري ويهي رهين. تون ڇا پئي ڪرين؟ خدا جي واسطي دروازو کول!“

”توهان وڃو! مان پنهنجو پاڻ کي ڪوبہ نقصان نہ ڪري رهي آهيان.“ هوءَ ان وقت خوشي منجهان ڪليل دريءَ ۾ ويهي شراب پي رهي هئي.

هن صرف انهن ايندڙ لمحن بابت سوچڻ ٿي چاهيو جيڪي هن جو انتظار ڪري رهيا هئا. بهار جا رنگين ۽ من موهيندڙ ڏينهن، گرميءَ جا بي قابو ٿيل جذبن جا ڏينهن ۽ ٻيا ڪوڙ سارا اهڙي خوشي وارا ڏينهن هن ٿڌو ساهہ کنيو ۽ پنهنجي وڏي عمر جي لاءِ دعاڳو ٿي. اها ڪالهہ جي تہ ڳالهہ هئي تہ هن ڏکندي روئيندي، ڳوڙها ڳاڙيندي خدا کان ٻاڏايو هو تہ هن جي زندگيءَ کي ختم ڪري تہ بهتر آهي.

هن آرام سان اٿندي پنهنجي پيڻ لاءِ دروازو کوليو جيڪا ليلائي دروازو کولڻ لاءِ صدائون هڻي رهي هئي. جي اکين ۾ خوشيءَ جهڙي بي يقيني واري فتح هئي ۽ هن جي جسم جي انگ انگ ۾ خوشيءَ سمايل هئي. هن اڳيان وڌي پنهنجي پيڻ کي ڇاتي سان لڳايو. ٻئي ڇٽيون ڏاڪڻيون لهي گهر جي هيٺئين منزل تي پهتيون جتي رجرڊ سندن انتظار ڪري رهيو هو تہ اوچتو ڪو گهر جو ٻاهريون ڪڙو کولي اندر گهڙيو. اهو بريٽلي ميلرڊ هو. جنهن جي هٿ ۾ ڇني ۽ ننڍو ٿيلهو هو. سفر کان ٿڪايل ۽ پر سڪون چهري سان اچي انهن سڀني آڏو بيهي رهيو. هن کي ان موتمار حادثي جي ڪابہ ڄاڻ نہ هئي ۽ نہ ئي هيءَ ان حادثي مان گذريو هو.

جوزفائين جي آرپار ڪنن جي ڪندڙ رڙ تي هيءُ بت وانگر حيرت جي سمنڊ ۾ هو ۽ هن پنهنجي خاموش حرڪت ڪندڙ اکين سان پنهنجي زال کي ڏٺو.

پر رجرڊ کي هاڻي دير ٿي چڪي هئي.

جڏهن ڊاڪٽر گهرايو ويو تہ هوءَ ان کان پهرئين ئي دل جي بيماريءَ سبب مري چڪي هئي....

اها حد کان وڌيڪ دلي خوشي ئي هئي جنهن هن کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو هو.

☆

اڻ اظهاريل محبت جي بي مثال جذبن جي ڪهاڻي

ڀ مون کي ايئن لڳو جڻ منهنجي اکين ۾ لئرڪ اچي ويا. مان هن کي ڪڏهن به حاصل ڪري نه سگهندس. پر سندس گاڏيءَ جي پوئين سيٽ تي ويٺو ئي رهندس. ان انتظار ۾ ته ڪڏهن ڪنڌ وَرائي هوءَ مون کي به ڏسندي.

برسات ۽ ڪاغذ جو ماڻهو

سنڌيڪار: عبدالجبار ڪوسو

مان گذريل ڪيترن ئي ورهين کان هن جي گاڏي جي پوئين سيٽ تي ويهندو آهيان. هوءَ گاڏي هلائڻ ۾ ايڏو ته گم ٿي وئي آهي جو مون کي به وساري ڇڏيو اٿائين. ان دوران ڪيترائي ماڻهو هن سان گڏ اڳين سيٽ تي ويٺا ۽ لٿا به آهن، پر مان ته هن کي ياد ئي نه آيو آهيان. ايئن پيو لڳي جڻ ڪيس خبر ئي نه هجي ته مان به ڪو پوئين سيٽ تي ويٺل آهيان. ڪيترائي سال اڳ جڏهن مان ۽ هوءَ يونيورسٽي ۾ گڏ پڙهندا هئاسين ته هن مون کي هڪ پيرو لفٽ ڏني هئي. ٿيو ايئن جو ان ڏينهن ڏاڍي تيز برسات پئي هئي، مون وٽ ڪجهه به نه هو، ان ڏينهن واقعي مون وٽ ڪجهه به نه هو، منهنجي سموري مستقبل جو دارومدار ان ئي امتحان تي هو، تنهنڪري مان هميشه ڪتابن ۾ منهن هنيو ويٺو هوندو هئس. منهنجا دوست جڏهن به ڪو تفريحي پروگرام ٺاهيندا هئا ته مان هميشه نٽائي ويندو هئس، ان جو هڪ سبب ته امتحان جو خوف ۽ پيو منهنجي حالت هئي، جيڪا ٻڌائڻ جي ضرورت نه آهي. منهنجي حالتن کي به زبان نه هئي ان ڪري مون ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏيندو هو ۽ هوءَ سڄي ڪلاس جي نگاهن جو مرڪز هئي. مان ته هن کي بس پري کان ئي ڏسي اکيون پيو ٿڌيون ڪندو هئس، ڪيس ويجهي ٿيڻ جو ته مان تصور به نه پئي ڪري سگهيس، پر ان ڏينهن ڇا ٿيو جو برسات تمام تيز هئي، هرڪو هڪ هڪ ٿي نڪري ويو، مان برسات کان بچڻ خاطر لنڊي جي ڪوٽ ۾ پاڻ کي ويڙهيو سيڙهيو ڪنڊ ۾ خاموش بيٺو هئس ته پنهنجي ساهيڙي سان گڏ هوءَ هڪ طرف کان ظاهر ٿي. مون کي ڏسڻ بعد گهڙي ڪن هوءَ بيهي هلڻ لڳي ۽ وري نه ڄاڻ ڇا سوچي موٽي آئي.

"اسان سان گڏجي هلو."

هن جي ساهيڙي منهن خراب ڪيو، شايد ڪيس اها ڳالهه پسند نه آئي. برسات تيز هئي، مون پنهنجي لنڊي

واري ڪوٽ کي، جنهن کي مون ڪمبل وانگي ويڙهيو هو. ٺاهيندي ڪنڌ ڏوڻيو ۽ بنا ڪجهه ڳالهائڻ جي هن جي پويان هلي پيس. ان وقت مون کي پنهنجو پاڻ تي شرم محسوس ٿيڻ لڳو. ايئن پئي لڳو جڻ مان دنيا جو تمام "خسيس" ماڻهو هجان. ڪا شئي منهنجي اندر ڀڄي پورا پورا ٿي پئي هئي. پر برسات مون کي بيوس بڻائي ڇڏيو هو. هن جي ساهيڙي هن سان گڏ اڳيئن سيٽ تي ويٺي ۽ مان پوئين سيٽ تي ويٺس. گاڏي يونيورسٽي گيٽ کان نڪري وڏي شاهراهه تي آئي ته هن پڇيو "توهان ڪٿي رهندا آهيو؟" مان پل کن لاءِ هڪدم ڪو ٿي ويس. منهنجو گهر شهر جي اهڙي حصي ۾ هو جتي برسات ۾ گاڏيءَ جي وڃڻ جو سوال ئي پيدا نه پئي ٿيو. مون چيو "توهان مون کي چيئرنگ ڪراس وٽ ئي لاهي ڇڏيو." "اتان ڪيئن ويندا برسات تمام تيز پئي پوي؟" هن شيشي مان مون تي اچاتري نظر وجهندي چيو. مان برسات ۾ پهرين ئي ڀنو پيو هئس، ويتر سردي وٺي وئي هئي. هن جي ساهيڙي مون کي منهن بچڙو ڪندي چيو، "توهان ته شايد سبزي منڊيءَ کان پنئين طرف رهو ٿا، مان هڪ دفعي پنهنجي نوڪرياڻي کي ڇڏڻ وئي هئس." مون کي ايئن لڳو جڻ گاڏيءَ جي ڇت، اوچتو پنهنجي جاءِ تان سرڪي وئي هجي ۽ مان تيز برسات ۾ پسي رهيو هجان. "ته پوءِ ڪهڙي ڳالهه آهي، مان توهان کي اتي ئي ڇڏي ٿي اچان." هن

طلاق

هڙي مڙس کان طلاق وٺڻ
گهرجي — نٿ کي ڇا ڪبو —
وقت ڏي ئي ڪونه ٿو — رڳو فون
ڪري، ۽ ٺهڪڙا ڏئي، نوڪر کي
موڪلي، منجهند جي ماني ٿو
گهرائي.
شام جو اچي ئي نه —
رات جو ماني کائي سهي ٿو پئي.
صبح سان ڪپڙا پائي هليو ٿو وڃي.
پيسا ٿو ميڙي — پيسن کي ڇا
ڪبو — ڪهڙي ڪم جا.... باهه
ڏجي... ماڻهوءَ کي ماڻهپي مان
ڪڍي ڇڏيوتس.
مايا ماڻهوءَ جي وٽ ناهي!
— عزيز قاسماڻي

مسڪرائيندي چيو، مون کي محسوس ٿيو ته هن جي مسڪراهٽ ۾ به هڪ عجيب قسم جي طنز هئي. مون چيو، "نه نه، اتي ته تمام گهٽي گپ ٿي ويندي آ، گاڏي ڦاسي پئي ته نڪرڻ مشڪل ٿي پوندو." "اهو ته تمام گهڻو خراب علائقو آهي." هن جي ساهيڙي ٻيهر وارُ ڪيو، "مان، بارش به نه هئي ته وئي هئس تڏهن به گاڏي جي سروس ڪرائڻي پئي هئي." هڪ دفعو ٻيهر گاڏي جي ڇت هٿي وڃڻ ڪري مون کي محسوس ٿيو ته مان ڪاغذ جو ٺهيل شخص آهيان ۽ ڳرڻ لڳو آهيان. هن چيو، "گاڏيءَ جي ڪا ڳالهه ڪونهي، توهان ته پهريان ئي ينل آهيو، بيمار نه ٿي پئو." مون تڪڙ ۾ وراڻيو "نه نه

توهان مون کي چيئرنگ ڪراس وٽ ئي لاهي ڇڏيو.“ هن ڪجهه به نه چيو. چيئرنگ ڪراس وٽ جڏهن مان لهي رهيو هئس ته هوءَ مون کي عجيب نگاهن سان ڏسي رهي هئي. مان برسات ۾ پسندو فوٽ پاٿ تي بيٺس. هوءَ ڪجهه گهڙيون اسٽيئرنگ تي ويٺي مون کي تڪيندي رهي ۽ پوءِ گاڏي نظرن کان اوجهل ٿي وئي.

ان ڏينهن کان پوءِ مان هن کان پري پري رهڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. مون کي اهواحساس کائيندو رهندو هو ته هن کي منهنجي متعلق سڀ ڪجهه معلوم ٿي ويو آهي ۽ ڪلاس جي ٻين ڇوڪرين جيان هو به منهنجي لنڊي واري ڪوٽ ۽ استري نه ٿيل پتلون تي ڪلندي آهي. انهن ٻن سالن ۾ هن هڪ ٻه دفعو مون کان نوٽس گهريا پر مان ڳالهه ٽاري ويس. هن کي ڏسندي ئي مون کي لڳندو هو ڇڻ تيز برسات شروع ٿي وئي آهي ۽ مان چيئرنگ ڪراس جي فٽ پاٿ تي بيٺو پسي رهيو آهيان. ۽ هوءَ پنهنجي ساهيڙي سان گڏ گاڏيءَ ۾ ويٺي مون کي ڏسي ڪلي رهي آهي. ٻه سال ايئن ئي گذري ويا. وٽن ٻور جهليا. گل ٽڙيا ۽ ڪومائجي ويا. امتحان ڏيڻ کان پوءِ مان هڪ ننڍي ورڪشاپ ۾ ڪم ڪرڻ لڳس. رزلٽ بابت هڪ دوست ٻڌايو ته مان يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آيو آهيان. ٻئي ڏينهن مان موڪل وٺي يونيورسٽي پهتس. ڪيترائي شاگرد بيٺا هئا ۽ هوءَ به هئي. منهنجي استاد، جيڪو هميشه مون کي همٿائيندو هو، تنهن ڀاڪر پاتو. مان شرمايل شرمايل سيني جي وچ ۾ بيٺو هئس. سيءُ اچي ويا هئا ۽ ساڳيو ئي پراڻو لنڊي جو ڪوٽ منهنجو مذاق اڏائي رهيو هو. ”مبارڪ هجيوَ.“ مون مڙي نهاريو. هوءَ هئي. مان هڪ لفظ به نڙيءَ مان ڪڍي نه سگهيس. بس ڪيس نهاريندو ئي رهيس ۽ مون کي ايئن لڳو ڇڻ منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. مان هن کي ڪڏهن به حاصل ڪري نه سگهندس. پر سندس گاڏيءَ جي پوئين سيٽ تي ويٺو ئي رهندس. ان انتظار ۾ ته ڪڏهن ڪنڌ ورائي هوءَ مون کي به ڏسندي. هاڻي مون کي ياد نه آهي ته ان ڏينهن ٻيو ڇا ٿيو. بس رڳو اهو ياد اٿم ته سيئي وڇڻ لڳا ته هن چيو ”اچو، مان توهان کي گهر تائين ڇڏيندس.“ پر ان ئي وقت منهنجواستاد اچي ويو ۽ چيائين ”مون سان گڏ اچ، تو لاءِ هڪ جاب آهي.“ گاڏي اسٽارٽ ڪرڻ کان پوءِ مون ڏي نهاريو هيائين ۽ ان آخري نيهار کان پوءِ هوءَ هميشه جي لاءِ منهنجي زندگيءَ جي گيٽ کان ٻاهر نڪري وئي هئي. استاد مون کي جنهن ڪمپني جي مئنيجر وٽ وٺي هليو. هن ان وقت ئي مون کي نوڪريءَ ۾ رکيو ۽ هڪ هفتي اندر ئي ٽريننگ جي لاءِ ڪراچي موڪلي ڇڏيائون. چند مهينن کان پوءِ وڏيڪ ٽريننگ جي لاءِ مان ملڪ کان ٻاهر هليو ويس. زندگيءَ جي راهه بدلجي وئي پر مون کي اڄ به ايئن ٿو

☹رات جي پهر ۾ هڪ انڌو شخص هٿ ۾ هڪ لالٽين کڻي ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. سامهون ايندي هڪ واڻهڙو پڇيو: "توهان تہ انڌا آهيو.... پوءِ اهو لالٽين ڇو کڻي وڃي رهيا آهيو....؟"
انڌي شخص جواب ڏنو تہ، "ان لاءِ تہ ڪو تو جهڙو انڌو مون سان ٽڪرائجي نہ وڃي."

لڳي ڇڻ اڃا تائين مان هن جي گاڏيءَ ۾ پنئين سيٽ تي ويٺو، سندس مڙي نهارڻ جو منتظر هجان.

ورهيہ گذري ويا، منهنجي شادي ٿي وئي، ٻارڙا بہ ٿيا، مان بہ شايد هن کي وساري ويٺس، بس اوچتو ڪو يار ملي ويو ٿي تہ يونيورسٽيءَ جي ڏينهن جون يادون تازيون ٿي پئي ويون. هن جو ذڪر بہ انهن ڳالهين ۾ نڪرندو هو. ڇوڪرن جي باري ۾ سڀ ڪنهن کي خبر هئي تہ ڪير ڪٿي آهي پر ڇوڪرين جي ڪا خبر نہ هئي تہ ڪير ڪيڏانهن وئي. سالن پڇاڻان يا شايد صديون پوءِ هوءَ مون کي اوچتو ملي. هڪ جنرل اسٽور جي ٻاهران پنهنجي گهر واريءَ جو انتظار ڪري رهيو هئس، تہ هوءَ سامهون اچي وئي. اسان ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسي ڏڪي وياسين. هڪ پل لاءِ ايئن لڳو ڇڻ مان برسات ۾ پنل وراندي جي ڪنڊ ۾ بيٺو هجان، ۽ هوءَ منهنجي پرسان لنگهي رهي آهي، اڳتي وڌي، بيٺي ۽ وري موٽي اچي چيائين "ڪيئن آهيو؟" "توهان ڪيئن آهيو؟" "جيئري آهيان...." "مان تہ جي بہ نٿوسگهان، اڃا تائين ان پوئين سيٽ تي ويٺو تنهنجي مڙي نهارڻ جو انتظار ڪري رهيو آهيان."

"تون تہ پاڻ ئي لهي ويو هئين."

"ڇا ڪريان ها، جتي مان رهندو هئس اتي گند وڌيڪ هو."

"اهو گند تہ ڇا، مان توسان موت جي ڏٻڻ ۾ بہ لهڻ لاءِ تيار هئس."

مون کي لڳو ڇڻ برسات وڌيڪ تيز ٿي وئي هجي ۽ ڪاغذ جو ٺهيل شخص ان ۾ پسي پسي ڳري رهيو هجي.

"ڪهڙي سوچ ۾ آهيو." مان چرڪي پيس، منهنجي گهر واريءَ اسٽور کان ٻاهر اچي مون کان پڇيو. ساڳي ڳالهہ هن جي مڙس هن کان پڇي، اسين ٻئي خاموش رهياسين، نہ مون پنهنجي گهر واريءَ جو تعارف ڪرايو نہ ئي وري هن پنهنجي مڙس سان ملايو. ڪجهہ چوڻ کان سواءِ ئي چپ چاپ پنهنجي پنهنجي راهن تي هلي پياسين، پر وڃڻ کان پهريائين هن مڙي مون ڏانهن نهاريو هو، هن جون اکيون پنل هيون. مان ڪجهہ بہ نہ چئي سگهيس.... چوان بہ ڇا ها؟ ۽ هونئن بہ چوڻ لاءِ رهيو ئي ڇا هو.

☆

"مان ڇا ڪريان ها امان، مون کي هڪ ماڻهوءَ پڪڙي
ورتو، ڪنهن ٻه ريت ڇڏيائين ئي نه پئي، ڪڏهن
جوس ئي پياريائين، ڪڏهن انگور ئي کارايائين ۽
هلندي هلندي مون کي ويهه روپيا ٻه ڏئي ويو، عجيب
چريو ماڻهو هو."

ڳاڙهو رومال بابا جي اچڻ تي لڏندو آهي ۽ نيرو رومال امان جي اچڻ تي.

شريف پنهنجي محبوبہ نازلي سان گڏ ساڌو داسواني پارڪ ۾ ويٺو هو، ۽ اهو پارڪ باندره بس اسٽينڊ جي بلڪل ويجهو ۽ ايسو پيٽرول پمپ جي سامهون هو، ڪا خاص اوٽ جي جڳهه ناهي، مگر شام جو وقت هو ۽ هتي نم جا ٻه گهاٽا وڻ آهن ۽ اشوڪ جي وڻن جي هڪ ڊگهي قطار، جيڪا اڄ ڪان ڏهن سالن بعد محبت جي ماريلن جي لاءِ خاص اوٽ پيدا ڪري ڇڏيندي، اهو وقت اچڻ تائين هتي هٿ ۾ هٿ ڏئي ته ويهي ئي سگهجي ٿو ۽ ڪجهه نه ته انبڙين جي گهاٽي اوٽ ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون.

مگر شريف ۽ نازلي جي هتي ويهڻ

جو سبب ڪو ٻيو هئو ۽ نازلي جو گهر ان پارڪ جي بلڪل سامهون هو. هتان کان سامهون واري ڇت صاف نظر ايندي هئي، جنهن تي بيهي ڪري نازلي جي نندي پيڻ آسيہ، نازلي کي هر خطري کان اشارو ڪري خبردار ڪري سگهندي هئي. نازلي جي باندره لوڪل ٽرين اسٽيشن جي برابر واري گهٽي ۾ فرش تي وينل سبزي پاڄي وڪرو ڪرڻ وارين کان سبزي خريدڻ وئي هئي. شام جي وقت سبزي پاڄي سستي ملندي آهي جو سبزيءَ واريون ان وقت سبزي جو ٽوڪرو گهٽ قيمت تي تہ خالي ڪري گهر وڃڻ جي لاءِ بيقرار رهنديون آهن. ڪجهہ گهٽ وڌ تي ويندو آهي. ڪجهہ پاڻ ۾ ڏک سک جون ڳالهيون بہ تي ويندون آهن. خريدڻ وارين ۽ وڪرو ڪرڻ وارين جي وچ ۾ وقتي طور تي مشورا ۽ محبت جو هڪ سلسلو قائم تي ويندو آهي. ڪجهہ گهر جون ڳالهيون تہ ڪجهہ پيڪن ۽ ساهرن جون ڳالهيون. ڪدو، واڱڻ ۽ پيندين سان گڏ مڙس تہ تارازي ۾ تُرندو رهندو آهي. مردن جي خريداري بہ ڪا خريداري؟ نازلي جي ماءُ پاڄي خريدڻ وئي آهي. ڪلاڪ کان اڳ نٿي موٽي سگهي. پوءِ ان جي اچڻ جي راهہ نازلي ۽ شريف جي نظرن ۾ آهي.

نازلي جو بابا هن وقت مولوي خيرالدين وٽ حقو پيئڻ ويو آهي. پوءِ اتان کان يوپي ريسٽورنٽ جي ڪباب ڪارنر ۾ ويهي ڪري ٻئي دوست ڪجهہ ڪائيندا ۽ انهن ڏينهن کي ياد ڪندا جڏهن عورتون پردو ڪنديون هيون. ڇوڪرا بزرگن جي اڳيان سگريٽ نہ ڇڪيندا هئا ۽ ڳڙ رپئي ۾ پنج ڪلو ملندو هو. بابا جي اچڻ جو رستو بہ طئي ٿيل آهي. اهو ساڄي پاسي کان تغلق رود کان ايندو. هن وقت ساڄي ڪاپي ۽ سامهون ٽنهي پاسن کان نازلي جو گهر انهن بن چاهت جي ماريلن جي نظرن جي سامهون آهي. مگر ڪو خطرو ناهي. آسيہ ڇت تي ويٺي پرت ۾ بظاهر مصروف آهي. مگر هن جون نظرون هر گهڙي اڳتي پوئتي، ساڄي ڪاپي گهمن ٿيون. آسيہ يارهن سالن جي آهي. مگر ڪڏهن اها بہ پندرنهن سالن جي ٿيندي. ڪڏهن هن جو بہ تہ وقت ايندو ۽ ان طرح پوءِ ستن سالن جي فوزيہ هن جي لاءِ پهرو ڏيندي.

نازليءَ ڪنهن قدر مايوسي جي عالم ۾ چيو. "ان طرح ائين ئي اسان ڪيستائين ملندا رهنداسين."

شريف چيو. "چئو تہ تنهنجي گهر پيغام موڪلي ڇڏيان."

"چوندين ڇا؟"

"اهو چيو ويندو تہ ڇوڪرو فلم انسٽيٽيوٽ ۾ ڊائريڪشن جو ڪورس ڪري رهيو آهي. ڊپلوما وٺندي ئي ڊاڪٽر بڻجي ويندو."

"بابا تہ فلم جو نالو ٻڌندي ئي ڪنن تي هٿ رکي وٺندو."

"ها مگر فلم تہ هو بہ ڏسندو آهي نہ؟"

"اهو تہ ٺيڪ آهي." نازلي چيو "مگر هينئر تہ ڪمائين ٻمائين نٿو. هو ڪيئن مڃيندو؟"

"انهيءَ لاءِ تہ چوانءِ ٿو تہ هڪ سال جي تہ ڳالهہ آهي. هڪ سال ٻيو ترسي پئو. هڪ سال ڪان پوءِ ڊائريڪشن ڪورس ڪندي ئي پنجويهن هزارن جو ڊائريڪٽر ٿي ويندس."

"سچ؟" نازلي جون اکيون خوشي کان چمڪي پيون. ڇڻ هوءَ وڏن وڏن پوسٽرن تي هدايتڪار محمد شريف جو نانءُ ڏسي رهي هجي.

هڪدم آسيہ سامهون واري ڇت کان اٿي ڪري هڪ ڳاڙهو رومال زور سان لوڏيو. نازلي ڇرڪي ڪري اٿي ڪڙي ٿي. ڇيائين "مان وڃان ٿي. بابا اچي رهيو آهي."

آسيہ پري کان بابا کي ڏسي ورتو هو. ڳاڙهو رومال بابا جي اچڻ تي لڏندو آهي ۽ نيرو رومال امان جي اچڻ تي. نازليءَ ڊوڙ پاتي ۽ اولهائين گيٽ کان نڪري ڪري پارڪ جي پٺئين رستي کان ٿيندي. پنهنجي گهر ڏانهن ڀڳي. تڪڙ ۾ شريف ايترو بہ نہ پڇي سگهيو تہ ٻيهر ملڻ ڪڏهن ٿيندو. خير، پوءِ ڪا اڪٽل ڪئي ويندي. اجا اهو سوچي ڪري هو نم جي وڻ هيٺان پيل بينچ کان اٿڻ جي تياري ڪري ئي رهيو هئو تہ هن ڏٺو تہ هڪ نوجوان ڊوڙندو، ٽاپڙندو پارڪ ۾ داخل ٿيو. ۽ شريف کان چند وکون پري ڪري پيو. سندس مٿو رائل پام جي ڪوندي سان وڃي ٽڪريو هو.

☹هڪ شخص مرڻ جي ويجهو هو. هن وصيت لکرائڻ شروع ڪئي: "هي گهر طارق پٽ لاءِ آهي...."

هن جي زال چوڻ لڳي، "طارق ڏاڍو فضول خرچ آهي... هو هن گهر کي وڪٽي ڪائي ڪپائي ڇڏيندو.... هن اهو گهر ذاڪر کي ڏيئي ڇڏ...."

"ٺيڪ آ..... ذاڪر پٽ کي ٺيڪ آ ۽ منهنجو ڪارخانو وسيم پٽ لاءِ آهي...."

"نہ.... نہ، وسيم کي نہ ڏج.... وسيم کي ڪاروبار ۾ ڪابہ دلچسپي ناهي... هو ڪارخاني کي تباهہ ڪري ڇڏيندو."

"ٺيڪ آ.... ائين ئي صحيح آ.... پر منهنجو باغ فرزانہ لاءِ آهي...."

زال چيو، "فرزانہ جي وڏي گهر ۾ شادي ٿيل آهي.... هيءُ رخساني کي ڏيئي ڇڏ.... هن جو مرس ڏاڍو غريب آهي...."

هاڻي مرڻ واري کي ڪاوڙ اچي پيئي، بي زار ٿيندي چيائين، "مري مان رهيو آهيان يا تون....."

ڪجهہ دير تہ شريف وائڙو بيٺو رهيو. پوءِ اڳتي وڌي ڪري ۽ جهڪي ڪري هن ان نوجوان ڏانهن ڏٺو. جنهن جون اکيون بند هيون. ڳنڍا هيڏا ۽ چپ نيرا ٿي رهيا هئس. ان کان پوءِ پير سڌا

ڪري شريف غور سان بيهوش نوجوان کي ڏنو، مٿي کان بيشڪ رت وهي رهيو هوس ۽ ظاهر ۾ مٿي تي ڏک جو ڪو نشان به نه هيس، پوءِ ظاهر هيو ته اهو نوجوان مٿي جي اندرين ڏک کان ئي بيهوش ٿيو هو.

شريف هيڏانهن هوڏانهن ڏنو، پارڪ ۾ اتفاق سان ان وقت ڪو ٻيو نه هو، پارڪ جي پٽيان ساڄي ڪاٻي رستو نڪري رهيو هئو، سامهون پڪي رستي کان چار رستا نڪرن ٿا، هڪ رستو باندره ريلوي اسٽيشن ڏانهن وڃي ٿو، ٻيو ڪارٽرز روڊ ڏانهن، ٽيون باندره مسجد ڏانهن، چوٿون لنڪنگ روڊ ڏانهن ۽ اتي هڪ پنجون رستو به آهي، گهوڙبندر وڃڻ وارو رستو. آٽوميٽڪ روشنين جي انتظام ڪانسواءِ هتي به سپاهي هر وقت تيار رهن ٿا.

شريف هڪ سپاهي وٽ وڃي چيو، "هڪ ماڻهو پارڪ ۾ بيهوش ٿي ويو آهي."

"ته مان ڇا ڪريان؟" "سپاهي هن کي جواب ڏنو، " شام جو وقت آهي ۽ ٽريفڪ جو عالمي ڏينهن آهي. هن وقت مان ڊيوٽي ڇڏي ڪري ڪيڏانهن نٿو وڃي سگهان:

"ته مان ڇا ڪريان؟" شريف بيوسي جي عالم ۾ سپاهي کان مشورو گهريو.

سپاهي کي شريف جي چهري تي عجيب معصوميت ۽ همدردي نظر آئي. هن نرميءَ سان کيس چيو، "ان کي ٽيڪسي ۾ ويهاري اسپتال وٺي وڃ."

شريف هيڏانهن هوڏانهن ڏنو، پاڻي جو نلڪو ڪٿي به نه هو، نه ته پاڻي ڪڍي ڪري به چار ڇنڊا بيهوش نوجوان جي چهري تي هڻي ان کي هوش ۾ آڻي ها.

سامهون دائود پائي فرنيچر واري جي دڪان جي پر ۾ فاروق ميون واري جو دڪان هو. فاروق ۽ شريف ڪنهن زماني ۾ گڏ ئي اسڪول ۾ پڙهندا هئا. پوءِ شريف هليو ويو ۽ فاروق اهو ميون جو دڪان کولي ورتو. هينئر فاروق گهٽ کان گهٽ پندرنهن سئو مهينو ان دڪان مان ڪمائي وٺي ٿو. شريف، فاروق جي دڪان تان موسمي جي جوس جو هڪ گلاس پري واپس واسواني پارڪ ۾ هليو ويو.

بيهوش نوجوان جي بدن ۾ ٽورڙي چرپر پيدا ٿي وئي هئي.

شريف هن کي ڪٿي ڪري نم جي ڇانو ۾ رکيو ۽ سندس مٿي پنهنجي جهولي ۾ ڪڍي ڪري سندس چپن جي اندر ميون جي رس وجهڻ شروع ڪيائين.

هوريان هوريان نوجوان رس پيئندو ويو، پهرئين مشڪل سان، پوءِ سولائي سان، پيچاڙي ۾ جڏهن گلاس ختم ٿيو ته هن اکيون کولي ورتيون، عجيب گهريون ٻڏل وحشتناڪ اکيون هيون، سڄي چهري تي ڇڻ کل لٽل هجيس، ائين ته ڪيترن ڏينهن کان ڪاڏو ناهي ڪاڏو.

"ڪيئن طبيعت آهي هينئر؟" شريف همدردي کان پڇيو.

"غون"، نوجوان جواب ڏنو.

"ڇا نانءُ آهي تنهنجو؟"

"اين"

ڪٿان ڪان اچي رهيو آهين؟"

"غان"

شريف کي يقين اچي ويو تہ پٿر جي ڪونڊيءَ سان ٽڪرائڻ سبب ڏک ڪٿي اندر لڳو اٿس، دماغ ٽڙي ويو آهي ويچاري جو.

"ڪيڏانهن ويندين؟" شريف وڏي نرمي سان پڇيو.

"فرنٽ" هن نوجوان جي وات مان نڪتو.

ويچارو چريو ٿي ويو آهي شايد، شريف سوچيو، جيڪڏهن هن کي چند ڪلاڪ آرام ۽ سڪون ملندو تہ عقل موٽي ايندس، ائين ممڪن تہ آهي، هن ڪيترن ئي ڪتابن ۾ پڙهيو آهي.

اهو سوچي ڪري شريف هڪ ٽئڪسي ڪئي ۽ نوجوان کي باندره کان پنهنجي گهر، ڪانونٽ ايوي نيو، سانتاڪروز وٺي آيو. شريف پنهنجي ماءُ جو اڪيلو پٽ هئي، هن جي ماءُ هڪ ڪاليج ۾ پرنسپل هئي ۽ شريف جي همدردين کان تنگ رهندي هئي، هن کي ڏسندي ئي چيائين "هاڻي ڪنهن کي وٺي آئين؟"

شريف هڪدم پڙڪي چيو "هن جي حالت نٿي ڏسين، امان ويچارو پٿر جي هڪ ڪونڊي سان ٽڪرجي ڪري عقل ۽ هوش وڃائي ويٺو آهي، ٿورو هڪ پلنگ تي هن جي لاءِ بستر تہ وڇايو، ٻہ ٽي ڪلاڪ ننڊ ڪندو تہ پڪ سان هوش ۾ اچي ويندو."

ماءُ مڪمل بي اعتباري ۾ ڪافي پيرا خاموشيءَ سان ڪنڌ ڏوڻيو، مگر هوءَ پنهنجي پٽ جي مزاج کان واقف هئي، هن هڪ پلنگ تي بسترو وڇائي ڇڏيو. ملازم قاسم، ماءُ ۽ شريف، ٽنهي گڏجي هن کي بستري تي سمهاريو، مگر بستر تي سمهي ڪري بہ هو نوجوان ڦوٽاريل اکين سان هيڏي هوڏي ڏسندو رهيو. ڪجهہ دير کان پوءِ هو ڀڻڪيو.

"انگ... انگ... انگ...."

"انگ ڇا؟" شريف هن جي مٿي تي هٿ رکي پيار سان پڇيو.

"انگ .... انگ ..." هن نوجوان وڏي مشڪل سان چيو.

"انگارا؟" شريف پڇيس.

شريف جي ماءُ تيز لهجي ۾ چيو "ها ها ان جي مٿي تي انگارا رکو، پاڻهي پاڻ هوش ۾ اچي ويندو."

"امان ..... امان ڇو ٿي ٺٺول ڪرين؟ انسانيت بہ ڪا شيءَ آهي؟ آهي يا نہ" شريف ڪاوڙ ۾ چيو.

انگ .... هو نوجوان وري ڀڻڪيو.

شريف چيو "هن کي ڪجهہ ياد اچي رهيو آهي، هن جو شعور واپس اچي رهيو آهي."

پوءِ ان نوجوان ڏانهن جهڪي ڪري پڇيائين،

"انگوشا؟"

نوجوان وري انڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻيو.

"انگولا جي فرنٽ تي وڃڻ چاهيندو هوندو شايد، هن کي اتي موڪلي ڇڏ،" شريف جي ماءُ ٺٺول واري انداز ۾ چيو ۽ ٻيو ڪجهہ بہ چوڻ واري هئي مگر

پٽ کي ڪاوڙيل ڏسي چپ ٿي ويئي.

"انگور؟" هڪدم شريف پڇيو.

نوجوان جي چهري تي مرڪ آئي، هن هوريان ڪنڌ ڏوڻيو.

"انگور ڪائيندين؟" شريف وڏي نرمي سان پڇيس.

نوجوان وري "ها" ۾ ڪنڌ ڏوڻيو.

شريف جي ماءُ ڪاوڙ کان منهن ڦيري ڇڏيو، مگر شريف ڪنهن جي ٻڌڻ وارو نه هئو. هن فرج کولي انگور ڪڍيا ۽ انهن کي پليٽ ۾ رکي ڪري ان نوجوان جي وات ۾ هڪ هڪ داڻو وجهڻ لڳو.

ڪو ڪلو ڪن انگور کائي ان نوجوان ڍڳهو ٿڌو ساهه کنيو ۽ پاسو ورائي پلنگ تي سمهي پيو.

ٻن ڪلاڪ ڪانپوءِ هو نوجوان پاڻهي پاڻ اٿيو ۽ حيرت سان ڏسي چيائين "مون کي هتي ڪنهن آندو؟"

شريف اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ته چريي جو عقل موٽي آيو. شريف ان نوجوان کي سندس سموري حقيقت ٻڌائي.

نوجوان ٻنهي هٿن سان پنهنجو مٿو وٺي چيو "ان ڪري .... هينئر تائين .... منهنجو مٿو ڦري رهيو آهي. مون کي گهر وڃڻ گهرجي."

"تنهنجو گهر ڪٿي آهي؟"

"ڪلياڻ ۾"

"بمبئي کان ڪلياڻ لوڪل ٽرين وڃي ٿي، مان توکي ڇڏي اچان ٿو."

"نه نه ، مان پاڻ هليو ويندس" هن نوجوان پلنگ تان اٿي چيو، پوءِ هن پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ وجهي ڪري چيو "منهنجو ٻٽون ڪٿي آهي؟"

"تنهنجو ٻٽون؟" شريف پڇيو "ڇا تنهنجي ڪيسي ۾ ناهي؟"

نوجوان پنهنجا ڪيسا جانچيا ۽ شڪ جي نظرن سان شريف ڏانهن ڏسڻ لڳو.

"تنهنجي ٻٽون ۾ ڪيترا روپيا هئا؟" شريف ترسي پڇيس.

"ويهه روپيا" نوجوان چيو.

شريف ڪيس ريل ۾ ويهاريو ۽ چيائين "سڌو ڪلياڻ وڃجانءِ."

اهو نوجوان شريف کان موڪلائي ڪلياڻ وڃڻ بجاءِ اٿي ئي لهي پيو، هن جي ماءُ سندس انتظار ۾ هئي. هن کي ڏسندي ئي ماڻس ڪاوڙ مان چيو، "اڙي حميد، تون هينئر تائين ڪٿي هئين، ڪيتري رات ٿي وئي آهي؟"

حميد چيو، "مان ڇا ڪريان ها امان، مون کي هڪ ماڻهوءَ پڪڙي ورتو، ڪنهن به ريت ڇڏيائين ئي نه پئي، ڪڏهن جوس ٿي پياريائين، ڪڏهن انگور ٿي کارايائين ۽ هلندي هلندي مون کي ويهه روپيا به ڏئي ويو. عجيب چريو ماڻهو هو."

ائين چئي حميد ويهه روپيا ڪيسي کان ڪڍي پنهنجي ماءُ کي ڏنا ۽ زور زور سان ٽهڪ ڏيڻ لڳو.

☆

شيطاني جنت

ڊاڪٽر منظور ميمڻ

هيءَ ڪهاڻي ان شيطان جي زندگيءَ جي باري ۾ آهي
جنهن ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ واسطي ڪوڙي جنت ٺاهي
۽ هزارن لڪن ماڻهن کي بدي جي راهه تي هلايائين.
ان شيطاني جنت ۾ حشيش، عورت ۽ مذهب جو استعمال
ڪيو ويندو هو. ان شيطاني جنت جو احوال.

بديءَ جي خدا جو اڻ وسرندڙ داستان

گذريل چئن قسطن جو تت

اسلام ڪمزور ٿي رهيو هو. ان جون حدون صرف بغداد تي وڃي محدود رهيون هيون. اهڙي نازڪ وقت ۾ خدا تبارڪ و تعاليٰ مسلمانن جي مدد ڪئي ۽ سلجوقي حڪمرانن کي حڪومت جون واڳون عطا ڪيون. جن اسلام جي ڪرندڙ حالتن تي اڃا مس ٿورو ڪنٽرول ڪيو هو ته اسماعيلي فرقي سان تعلق رکندڙ حسن بن صباح جي روپ ۾ اسلام کي ٻيهر خطري جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ان وقت ٻي ملڪ نيشاپور ۾ خواجہ حسن بن طوسي نظام الملڪ جي خطاب سان وزيراعظم هو. نظام الملڪ، عمر بن خيام ۽ حسن بن صباح نندپڻ ۾ گڏ مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ انهن ٽنهيءَ جي پاڻ ۾ سنگت هئي ۽ هنن هڪ ٻئي سان واعدا اقرار ڪيا هئا ته اهي مصيبتن جي وقت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا. حسن بن صباح "ري" شهر ۾ سني حڪومت تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري ٿو پر اتي جي سني حڪمران ابو مسلم رازي کي هن جي ناپاڪ ارادن جي ڄاڻ ملي وڃي ٿي ۽ هن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پنهنجي فوج موڪلي ٿو. حسن بن صباح کي خبر پئجي وڃي ٿي ۽ اتان فرار ٿي نيشاپور ۾ وزيراعظم نظام الملڪ وٽ پهچي ٿوڪيس نندپڻ ۾ ڪيل مدد واري قول ۽ اقرار کان اڳاهه ڪري ٿو. هن جي مدد ڪندي وزيراعظم نظام الملڪ هن کي سلطان وٽ موڪلي ٿو جيڪو هن جي قابليت کي ڏسي هن کي مشير اعليٰ مقرر ڪري ٿو. حسن بن صباح جو حسب و نسب ڪجهه هن ريت آهي ته هن جو پيءُ علي بن احمد پنهنجي دور ۾ شيطاني ڪم ڪرڻ ۾ بدنام هو ۽ اسماعيلي فرقي جو حڪومت تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهندو هو ۽ هن جي خواهش هئي ته هن جو پٽ حسن بن صباح به اسماعيلي فرقي جو واڌويجهه لاءِ ڪم ڪري ۽ سني حڪومت تي قبضو ڪري. جيتوڻيڪ هاڻي هي فوت ٿي چڪو آهي پرويهه سال پهرئين جي ان وقت جي اسماعيلي فرقي جي مشهور جادوگر ابن عطاش سان ملي ٿو ۽ هن.کان پنهنجي پٽ جي مستقبل جي باري ۾ پڇي ٿو. عبدالملڪ بن عطاش حسن بن صباح جي پيءُ کي ٻڌائي ٿو ته حسن بن صباح مستقبل ۾ ابليسي روپ اختيار ڪندو ۽ حد کان وڌيڪ طاقت جي ابليسي نشي ۾ چور ٿي اهڙن ڪمن جو مرتڪب ٿيندو جو ايندڙ صدين ۾ سندس نالو گونجندو رهندو. نيٺ هن ڪاري جادو ڪندڙ کان متاثر ٿي پنهنجي پٽ کي هن وٽ سکيا وٺڻ لاءِ ڇڏي ٿو. (حسن بن صباح جي تربيت شروع ٿئي ٿي. سڀ کان پهرئين عبدالملڪ ابن عطاش هن کي دماغي تربيت ڏيئي ٿو. ان کان پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽنگن تي بيهڻ لاءِ ورزشون ڪرائي ٿو. ڪڏهن ٽي ٽي ڏينهن بکيو رکي ٿو ته ڪڏهن هن کي اڪيلي ڪمري ۾ بنا ڪپڙن جي فرحي نالي عورت جي اڳيان ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ نفس تي ڪنٽرول لاءِ تربيت ڏيئي ٿو. جنهن ۾ هي ڪامياب ٿي وڃي ٿو. ان کان پوءِ هن کي خوف تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ قبرستان ۾ پوريل مردن جون هڏيون آڻڻ واري سکيا ڏيئي ٿو ان ۾ به هيءُ ڪاميابي

ماڻي ٿو. هوڏانهن من مهٽي فرحي هن کي پنهنجي دل ڏيئي ويهي ٿي. حسن بن صباح پنهنجي استاد کان پڇي ان سان عشق ڪري ٿو. اصل ۾ عبدالملڪ ابن عطاش خفيہ منصوبي تي عمل ڪرائڻ لاءِ حسن بن صباح کي استعمال ڪرڻ چاهي ٿو. هن کي ٽريننگ ڏيئي جابلو علائقن ۾ قلعا ٺاهي حڪومت سان وڙهائڻ چاهي ٿو. ان خطرناڪ منصوبي جي تڪميل لاءِ هي حسن بن صباح کي خواب ڏيکاري ان ۾ هڪ بزرگ پوڙهي شخص کي آڻي حسن بن صباح کي پهاڙي علائقن ڏي وڃڻ لاءِ چوي ٿو.

صبح جو ننڊ مان اٿڻ تي حسن بن صباح اهو خواب پنهنجي استاد کي ٻڌائي ٿو تہ ابن عطاش هن کي نقشا فراهم ڪري فرحي کي هن ساڻ ڪري پهاڙن طرف وڃڻ جو حڪم ڏيئي ٿو.

حسن بن صباح فرحيءَ سان گڏ پهاڙن طرف وڃي ٿو. هڪ موقعي تي فرحي هن کان جدا ٿي وڃي ٿي. ان کي ڳولي ڳولي جڏهن حسن بن صباح ٿڪجي پئي ٿو تہ پوءِ ڪاري علم ذريعي عمل ڪري ٿو ۽ نيٺ هڪ درويش وٽ پهچي وڃي ٿو. جيڪو هن جي ذهانت کان متاثر هن کي فرحي واپس موٽائي ڏئي ٿو ۽ هن کي ٻڌائي ٿو تہ سني حڪمران کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هن کي پهاڙن ۾ موڪليو ويو آهي. هتي پهاڙن ۾ موجود قلعن کي کيس فتح ڪرڻو آهي. ان مقصد کي ماڻڻ لاءِ حسن بن صباح فرحيءَ کي غريب عورت زرين نالي سان ويس مٽاءِ قلعي شاهہ در جي سني امير ذاڪر کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ موڪلي ٿو جيڪو هن سان همدردي ڪري ٿو ۽ هن سان شادي ڪري ٿو. فرحي قلعي ۾ هن کي ڪير پيارڻ جو ڪم ڪري ٿي ۽ هيءَ احمد ابن عطاش کي پنهنجو همدرد ظاهر ڪري ذاڪر سان ملائي ٿي، جيڪو هاڻي قلعي ۾ هر روز باقاعدگي سان اچي رهيو آهي.

زرين، ذاڪر کي ڪير ۾ زهر ملائي قتل ڪري ٿي ۽ مرڻ کان پهرئين ذاڪر، احمد بن عطاش کي سلطان کي سفارش ڪرائي قلعي جو امير ڪرائي ڇڏي ٿو. احمد بن عطاش پنهنجي فرقي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڏاڍا، ڦرون ڪرائي ٿو ۽ ڪوڙ ساري دولت حاصل ڪري وٺي ٿو. ڦرجڻ جي خوف کان ماڻهو وڏا وڏا قافلہ ٺاهي واپار ڪن ٿا. اهڙو هڪ وڏو ڪاروان اسلحي ۽ محافظن سان گڏ احمد بن عطاش جي علائقي منجهان لنگهي ٿو پر احمد بن عطاش حسن بن صباح جي اٽڪل سان ان قافلي ۾ رتوچاڻ ڪرائي ٿو ۽ اتي هڪ پوڙهو شخص بچي وڃي ٿو جيڪو هڪ ٻار جو لاش کڻي وقت جي خليفي ڏانهن پهچي ٿو ۽ ان رتوچاڻ جي سڄي ماجرا خليفي کي ٻڌائي ٿو، جيڪو ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو.

"**اسان** بدنصيب هن خوشفهميءَ ۾ هئاسين تہ منزل تي پهچي ويناسين."

"هن ٻار جو لاش هتي ڇو ڪٽي آيو آهين." سلطان ملڪ شاهہ پڇيو.

"سلطان کي ڏيکارڻ لاءِ تہ سلطان جي گناهن جي سزا رعايا کي ملي رهي آهي." پوڙهي چيو."مان سني عقيدي جو آهيان. توهان مون کي بخش ڪيو يا نہ ڪيو. مون کي ان جو ڪوبہ ڊپ نہ آهي. مان خلفاءِ راشدين جي ڳالهہ ڪندس، جن جي دور ۾ نہ فقط مسلمانن پر هر مذهب جي ماڻهن جي عزت محفوظ هوندي هئي. مال ۽ دولت محفوظ هئي. هو عوام کي ۽ عوام جي ٻچن کي الله جي امانت سمجهندا هيا.مان ٻار جو لاش ان ڪري هتي ڪٽي آيو آهيان تہ سلطان هن معصوم جي اڌ ڪليل اکين ۾ پنهنجي گناهن جو پاڇو ڏسي وٺي."

"ڏسي ورتو منهنجا بزرگن." سلطان چيو."اسان انهن رهزن کي ضرور ڏسنداسين."

"اسان جي قافلي جون نوجوان ڇوڪريون ۽ ٻار اهي رهزن پاڻ سان گڏ وٺي ويا آهن." پوڙهي چيو."هو انهن کي قتل نہ ڪندا، اميرن جي گهرن ۾ وڪرو ڪندا، انهن کي عيش عشرت جو ذريعو بنايو ويندو. اهي پنهنجو جسم وڪڻنديون، هو سڄي عمر پنهنجي سلطان جي هن گناهہ جي سزا پوڳينديون تہ سلطان پنهنجي فرض کان غافل ٿي ويو هو. سلطان جي ننڊ حرام ٿي وڃڻ کپي. مان قافلي وارن جي روحن جو هي پيغام ڪٽي آيو آهيان."

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ سلجوقي سلطان اسلام جا سچا پيروڪار هئا. هنن ۾ روائتي بادشاهن واري ڪا عادت نہ هئي. هن پوڙهي ايترين تہ سخت ڳالهيون چيون هيون جيڪي ڪو ٻيو حاڪم برداشت بہ نہ ڪري سگهي ها، پر سلطان نہ فقط پوڙهي جي ڪاوڙ برداشت ڪئي بلڪ طنزيہ برداشت ڪئي.

سلطان حڪم ڪيو تہ پوڙهي بزرگ کي مهمان خاني ۾ رکيو وڃي ۽ جيستائين رهڻ چاهي ڪيس سلطان جي ذاتي مهمان جي حيثيت سان رکيو وڃي.

ملڪ شاهہ ان وقت ئي فوج جي سپہ سالار ۽ ڪوتوال کي گهرايو. هنن اهو هنڌ ٻڌايو جتي قافلو لٽيو ويو. ۽ قافلي وارن جو قتل عام ٿيو.

هن حڪم ڪيو تہ هر طرف، هر شهر ۽ هر آبادي ۾ جاسوس پکيڙ يا وڃن. "هي ڪو وڏو ۽ منظم گروهہ آهي" سلطان ملڪ شاهہ چيو، "توهان ۽ مخبرن سواءِ ڪو سراغ نٿا لڳائي سگهو. مون کي هنن ننڍن قلعي دارن ۽ انهن جي مالڪن تي بہ شڪ آهي هنن سان اسان کي مروت سان هلڻو پوي ٿو. توهان کي خبر آهي تہ هي ڪنهن بہ وقت پنهنجي خودمختياريءَ جو اعلان

ڪري سگهن ٿا. مان هنن تي فوج ڪشي ڪري هنن کي وڏيڪ باغي ۽ سرڪش نٿو ڪرڻ چاهيان.“

”سلطان عالي مقام،“ سپهه سالار چيو، ”مون کي قلعي شاهه در جي احمد بن عطاش تي شڪ آهي، مون کي اهو بہ شڪ آهي تہ هو زمين دوز سرگرمين ۾ مصروف آهي. شاهه در جي آبادي ڪافي گهٽي آهي هتان ئي احمد بن عطاش کي فوج لاءِ ماڻهو ملي سگهن ٿا.هن کي شاهه در جو والي مون ئي ناهيو هو“ سلطان چيو،”هي شهر هن جي حوالي هن جون خوبيون ڏسي ڪيو هو. هن جي شهرت آهي تہ هي پڪو اهل سنت آهي ۽ جڏهن واعظ ۽ خطبو ڏيندو آهي تہ ڪفر جا پٿر بہ ميڻ ٿيو پون هن کي واليءَ شاهه در ناهڻ جي سفارش پهرين واليءَ قلعي ذاڪر بہ ڪئي هئي.“

”گستاخي معاف محترم“ ڪوٽوال چيو ”ڪنهن جي خطابت کان متاثر ٿيڻ ٻي ڳالهہ آهي پر اهڙي خطيب جي نيت ۽ سندس دل ۾ لڪل ارادي کي سمجهڻ هڪ مختلف معاملو آهي. اهو ئي راز آهي جيڪو اسان لاءِ ڄاڻڻ ضروري آهي. مون کي ڪجهہ خبرون ملنديون رهن ٿيون، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ شاهه در ۾ اسماعيلي گڏ ٿي رهيا آهن.“

”هن شڪ جي پختي هجڻ جي هڪ ٻي وجہ بہ آهي“ سپهہ سالار چيو، ”احمد بن عطاش قلعي والي ٿيڻ شرط انهن سيني اسماعيلين کي آزاد ڪري ڇڏيو هو، جن کي سني عقيدي خلاف ڪم ڪرڻ تي قيد ۾ رکيو ويو هو پر هاڻي اسان هن جي خلاف ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهون، ڇو تہ هن ڳالهہ کي ٽي سال گذري چڪا آهن. هاڻي اسان فقط اهو ڪري سگهون ٿا اهو اسان کي ڪرڻ بہ کپي تہ ڪنهن اهڙي جاسوس کي شاهه در موڪليون، جيڪو ذهين، ۽ هر ڳالهہ جي گهرائي تائيڻ وجڻ وارو هجي، اهو ماڻهو اوچي مرتبي وارو هجڻ گهرجي تہ جيئن هو والي شاهه جي در جي محفلن ۾ ويهڻ جي قابل هجي.“

”ڇاتنهنجي نظر ۾ ڪو اهڙو ماڻهو آهي؟“ سلطان پڇيو.

”مون وٽ اهڙا بہ ماڻهو آهن“ ڪوٽوال چيو ”هنن ٻنهي مان جيڪو بهتر هجي ۽ توهان جي اجازت هجي تہ موڪلي ڇڏ.“ ملڪ شاهہ چيو، ”جيڪڏهن فوج ڪشي جي ضرورت پئي تہ مان ڪونہ ڪيبائيندس مان پنهنجي ذات جي بيعزتي برداشت ڪري سگهان ٿو، پنهنجي عقيدي جي خلاف هڪ اکر بہ ٻڌڻ گوارا نہ ڪندس.“

ان شخص جو نالو يحيٰ بن الهادي هو. عمر ٽيهہ سال کان ڪجهہ مٿي هئس. عراقي عرب هو، سهڻو اهڙو جو ڏسڻ وارن جون نظرون کپجي ويندیون هيون. جسم مضبوط، بناوت پر ڪشش ۽ اهڙي ئي رواني سندس زبان ۾ هو عربي سندس مادري زبان هئي. فارسي بہ ڳالهائيندو هو. سلجوقين جي

زبان جيڪا ترڪي زبان هئي سان بہ سمجهندو ۽ ڳالهائيندو هو، تير اندازي ۽ تلوار بازي جو ماهر پڻ هو. ڪوٽوال هن کي اٺ ڏهہ ڏينهن پاڻ سان رکيو ۽ کيس تربيت ڏنائين.

"ابن الهادي" ڪوٽوال کيس شاهہ در روانو ڪرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ چيو، اهو تہ تون ڄاڻي چڪو آهين تہ تون شاهہ در جاسوسي لاءِ وڃي رهيو آهين ۽ مون کي يقين آهي تہ ڪامياب ٿي موٽندين، پر هڪ دفعو وري ڄاڻي وٺ تہ تنهنجو مقصد ڇا آهي؟"

"مان توهان کي خبرون ڪيئن پهچائيندس" يحيٰ بن الهادي پڇيو.

"ستان تو سان گڏ وڃي رهيو آهي ڪوٽوال کيس ٻڌايو، هو تو سان ملندو رهندو. مان تو کي خدا جي سپرد تو ڪيان ابن الهادي."

ٻئي ڏينهن صبح جو ابن الهادي ۽ ستان شاهہ در روانا ٿي ويا.

احمد بن عطاش کي ٻڌايو ويو هو تہ قافلو ڪاميابيءَ سان لنڊي چڪو آهي. ڏهن ڏينهن کان پوءِ سڀ هيرا جواهر، سون، چاندي وغره جيڪي قافلي مان مليا هئا سي احمد بن عطاش جي حوالي ٿي چڪاهئا. ڪنهن کي بہ شڪ نہ ٿيو تہ قافلو واليءَ شاهہ در جي چوڻ تي لٽيو ويو هو.

"محترم استاد!" هڪ ڏينهن حسن بن صباح خوشي وچان احمد بن عطاش کي چيو "ڇا ايڏي مال دولت ۽ حسين نوجوان ڇوڪريون پهرين ڪنهن بہ قافلي مان مليون هيون؟" "نہ حسن" احمد بن صباح چيو "مون جيترا بہ قافلہ ڦريا آهن، جيڪڏهن هنن سيني جو مال گڏ ڪيو وڃي تہ بہ هن قافلي کان گهٽ ٿيندو" احمد بن صباح خاموشيءَ سان حسن بن صباح ڏانهن نهاريو ۽ چيائين، "چو اڄ تون وڌيڪ خوش نظر اچين پيو؟"

"ها! استاد محترم، خوشي ان ڳالهہ جي نہ آهي تہ بيحد مال ۽ دولت ملي آهي، خوشي ان ڳالهہ جي آهي تہ منهنجي ترڪيب ڪامياب رهي آهي، پر مان ٻي ڳالهہ چوڻ وارو هوس.... هن ڪاميابي جو جشن ٿيڻ کپي، هن جشن ۾ آس پاس جا ماڻهو بہ شهر وارن سان گڏ هجڻ گهرجن."

"ڇا ماڻهن کي ماني کارائيندين؟" احمد بن عطاش پڇيو، "ناچ گانو ڪرائيندين، جيڪو ڪجهہ بہ ڪرڻ چاهين، اها پوءِ جي ڳالهہ آهي پهريان اها ڳالهہ سوچڻ جي آهي تہ ماڻهن کي ڇا ٻڌائيندين تہ هي ڇا جو جشن آهي؟"

"ٻڌائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي" حسن بن صباح چيو "جشن تہ اسان ملهائينداسين پر ماڻهن کي ڪنهن ٻئي نموني هن جشن ۾ شريڪ ڪرڻو آهي. اهو ان طرح جو گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڏينهن گهوڙي ڊوڙ، نعره بازي، تلوار بازي، تيراندازي ۽ ملهہ جا مقابلا ڪرائينداسين. ڪنڊ وارن کي انعام ڏينداسين. اسان تہ پنهنجو جشن ملهائينداسين پر ان سان گڏوگڏ ماڻهو بہ خوش ٿي ويندا. ماڻهن سان اوهان جو رابطو هئڻ ضروري آهي پر احتياط

اهو ڪرڻو آهي ته مان ماڻهن جي سامهون ڪونه ايندس يا پنهنجو چهرو ڪونه ڏيکاريندس ڇو ته بعد ۾ مون کي ڪنهن ٻئي روپ ۾ اچڻو آهي. هي جشن توهان کي هر دلعزيز بنائڻ لاءِ ضروري آهي.“

احمد بن عطاش کي هي تجويز ايڏي ته وٺي جو ان وقت ئي جشن جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون. يڪدم حڪم ڏنائين ته اعلان ڪيو وڃي ته فلاڻي ڏينهن تي شاهه در ۾ گهوڙي دوڙ، تير اندازي، تلوار بازي ۽ پهلواني جا مقابلا ٿيندا، جنهن ۾ جيڪو چاهي حصو وٺي ۽ انعام حاصل ڪري.

هن اعلان سان شاهه در ۽ هن سان ڳنڍيل علائقن ۾ جهڙوڪ ماڻهن ۾ نئون ساهه پئجي ويو. ماڻهو هڪ ٻه ڏينهن اڳ ئي شاهه در پهچڻ شروع ٿي ويا. شهر جي چوڌاري خيمن جي هڪ وڏي وستي قائم ٿي ويئي. گهوڙن ۽ اٺن جو ته شمار ئي ڪونه هو. مقابلي کان هڪ ڏينهن اڳ خيمن جي وستي ايتري ته پري تائين ڦهلجي وئي جو شاهه در ان جي وچ ۾ هڪ ننڍڙو ڳوٺ ٿي لڳو. سج لهڻ کان ڪجهه وقت اڳ ۾ حسن بن صباح پنهنجي استاد ۽ مرشد سان گڏ پنهنجي محل نما گهر جي بالڪوني ۾ اچڻ وارن ماڻهن کي پئي ڏٺو. جن جي تعداد سوئن ۾ نه پر هزارن ۾ هئي.

”منهنجا مرشد،“ حسن بن صباح، احمد بن عطاش کي چيو، ”هي آهي اها خدا جي مخلوق، جنهن کي اسان کي پنهنجي مريديءَ ۾ وٺڻو آهي... . ڇا اهو ممڪن آهي.“

”ناممڪن به ڪونهي حسن!“ احمد بن صباح چيو اسان جو ڪم آسان ڪونهي، ناممڪن کي ئي ممڪن ڪرڻو آهي. سلجوقي حڪمران آهن جيڪي اهل سنت آهن. اسان تعداد ۾ گهٽ آهيون. اسان کي هنن ماڻهن جي دلين تي قبضو ڪرڻو آهي. تون مون کان وڌيڪ سياڻو آهي. هنن ماڻهن جي انبوهه کي ڏسي مون کي اندازو ٿيو آهي ته تنهنجي تجويز ڪيڏي نه قيمتي آهي. ”تفريح استاد محترم“ حسن بن صباح چيو، ”انسان جي فطرت تفريح چاهي ٿي. انسان حقيقت ۾ مغرور آهي لذت چاهي ٿو.“

”توهان استاد آهيو آفتاب آهيو مان توهان جي سامهون چراغ آهيان. مون کي اوهان جو سبق ياد آهي هر انسان جي ذات ۾ ڪمزوريون موجود آهن ۽ هر انسان پنهنجي ڪمزورين جو غلام آهي. هن انبوهه ۾ امير ماڻهو به آهن ۽ برتري هنن جي ڪمزوري آهي ۽ هنن کي اهو خدا اسان ڏسينداسين“ احمد بن عطاش چيو ”هنن کي اسان پنهنجي عقيدي تي آڻينداسين.“

سج لهي ويو، رات جي اونداهي ۾ شاهه در ۽ خيمن جي وستي جي هلچل ماٺ ۾ دفن ٿي چڪي هئي. ٻاهر جا ماڻهو ننڊ ۾ مدهوش ٿي ويا ته احمد بن عطاش ۽ حسن بن صباح جي دنيا جي رونق عروج تي پهچي چڪي هئي. شراب جو دور هلي رهيو هو، نيڪي ۽

بديءَ جو فرق ختم ٿي چڪو هو.

صبح جو سج جڏهن نروار ٿيو ته هزارين انسان ميدان جي چوڌاري جمع ٿي ويا. هن ميدان ۾ مختلف مقابلا ٿيڻ وارا هئا. هي هڪ وڏو ميدان هو. مقابلي ۾ شرڪت ڪرڻ وارن لاءِ هڪ الڳ حصو نهيل هو. تماشي ڏسڻ وارا هنن کان جدا هئا. احمد بن عطاش جي ويهڻ لاءِ هڪ وڏو ٿلهو ٺاهيو ويو هو. شاهي مهمانن لاءِ به هن ٿلهي تي جاءِ رکي ويئي هئي. برچين وارا محافظ رنگين ۽ چمڪدار لباس ۾ هر جاءِ تي ويهي هوشيار ۽ چست بيٺل هئا. هي سڄو وايو منڊل شاهانه پي لڳو. روم جي بادشاهن جي ياد تازي ٿي رهي هئي.

اوچتو نقارو وڄڻ لڳو. هڪ پاسي کان احمد بن عطاش شاهي مهمانن ۽ انهن جي خاندان سان گڏ هڪ وڏي جلوس جي شڪل ۾ آيو. هن سان هڪ باريش ماڻهو گڏ هو. هن کي سائي رنگ جي عبادو پاتل هئي. هن جو چهرو پوري نموني نظر نٿي آيو. ڇو ته هن جي مٿي تي جيڪو ڪپڙو پاتل هو، ان ڪپڙي سندس اڌ چهري کي لڪائي ڇڏيو هو. فقط سندس اکيون ۽ نڪ نظر پي آيو. حسن بن صباح،احمد ابن عطاش سان اهڙي نموني گڏ هلي رهيو هو، جهڙوڪ ڪا وڏي بزرگ هستي هجي. جڏهن سڀ ماڻهو پنهنجي جاين تي ويهي رهيا، تڏهن احمد بن عطاش اٿيو ڪجهه قدم اڳيان وڌي آيو.

"بسم الله الرحمٰن الرحيم" هن بلند آواز ۾ چيو، "مون هي مقابلا ان ڪري ڪرايا آهن ڇو ته هر ماڻهو جو اسلام جي پاسباني لاءِ مجاهد بنجڻ ضروري آهي جهاد جي لاءِ هر وقت تيار ڪرڻ هر مسلمان جو فرض مان ڏسڻ چاهيان ٿو ته اسان مان ڪيترا ماڻهو جهاد ۾ دشمن کي شڪست ڏيڻ جي صلاحيت رکن ٿا."

هن هٿ جي اشاري سان راندين مقابلا شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو گهوڙن جي ڊوڙ شروع ٿي، شاباش ڏيڻ لاءِ وڏو گوڙ شروع ٿي ويو. ماڻهن ۾ ڏاڍو جوش هو. ان کان پوءِ گهوڙي سواري جا ڪرتب پيش ڪيا ويا. جڏهن اٿن جي ڊوڙ ختم ٿي ته اعلان ٿيو ته هاڻي تير اندازي جو مقابلو ٿيندو. هن اعلان سان ڪجهه ماڻهو وڏو پجرو کڻي آيا، جنهن ۾ سؤ کان مٿي ڪبوتر بند هئا، هڪ ماڻهو اعلان ڪيو ته هڪ ڪبوتر اڏاريو ويندو جنهن کي تير انداز کي پهرين تير ۾ ئي ڪبوتر ڪيرائڻو پوندو. جيڪڏهن ڪو تير انداز پهرين تير سان ڪبوتر نه ڪيرائي سگهي ته اهو ٻيون ۽ ٽيون تير هلائي پهريون انعام ان تير انداز کي ڏنو ويندو، جنهن پهرين تير ۾ ڪبوتر کي نشانو ٺاهيو هوندو.

تقريبا هڪ سؤ تير انداز هڪ لائين ۾ بيٺا هئا.

پهرين تير انداز کي گهرايو ويو. هڪ ڪبوتر کي مٿي اڏاريو ويو. تير انداز تير ڪمان ۾ وڌو، جڏهن ڪبوتر ٿورو مٿي ويو ته هن تير هلايو، پر

ڪبوتر پنهنجي رستي تان هٽي ويو ۽ تير گسي ويو تير انداز تڪڙ ۾ ٻيو اڇلايو، اهو بہ گسي ويو، اهڙي نموني ٽيون تير بہ گسي ويو.

ٻئي تير انداز کي ميدان ۾ گهرايو ويو هن کان بہ ٽيئي تير گسي ويا.

اهڙي نموني ۾ ڏهہ، ٻارنهن ٻيا تير انداز بہ آيا پر ڪبوتر ڪيرائي نہ سگهيا. جيڪڏهن ڪو پڪي سڌو اڏامندو اچي تہ تير انداز لاءِ آسان هوندو آهي، ان کي نشانو بنائڻ پر ڇاڪاڻ تہ آزاد ڪيل ڪبوتر جيئن تہ ڊنل هوندو آهي ۽ سڌو اڏامڻ جي بجاءِ هيڏانهن هوڏانهن جي ڪندو آهي، تنهنڪري تير اندازن کي تمام مشڪل پئي لڳو ڪبوتر کي ڪيرائڻ.

هڪ تير انداز ٻيو بہ آيو. هڪ نيو ڪبوتر اڏاريو ويو. هن تير انداز بہ هڪ کان پوءِ ٽي تير هنيا، پر ٽيئي تير خطا ويا. ماڻهن وڏو شور ڪيو. ڪبوتر جيڪو ٽنهي تيرن کان بچي ويو هو، تماشي ڏسڻ وارن جي مٿان هڪ چڪر ڏئي، بلندي ڏانهن وڃڻ شروع ڪيو، هڪ ٻيو تير انداز ميدان ۾ اچي رهيو هو. تماشا ڏسڻ وارا اڃا ڪبوتر کي ڏسي رهيا هئا، جيڪو ٽنهي تيرن کان بچي اڏامي رهيو هو. احمد بن عطاش جي ويجهو جيڪي تماشو ڏسڻ وارا بيٺل هئا، تن مان هڪ تماشي ڏسڻ واري جي ڪمان مان تير نڪتو ۽ ڪبوتر جي پيٽ ۾ داخل ٿي ويو.، ڪبوتر پنهنجي پرن کي ڦڙڪيون هڻندو هيٺ اچڻ لڳو. تماشي ڏسڻ واري خلق تي ماڻ ڇائنجي ويئي، هنن جي حيرت قدرتي هئي ڇاڪاڻ تہ ڪبوتر تمام اوچائي تي پهچي چڪو هو.

"ڪير آهي هي تيرانداز" احمد بن عطاش پنهنجي جاءِ تان اٿي اڳيان اچي بيٺو "منهنجي سامهون اچ... خدا جو قسم هن تير انداز کي مان پاڻ وٽ رکندس."

هڪ گهوڙي سوار تماشي ڏسڻ وارن منجهان نڪتو ۽ احمد بن عطاش جي سامهون اچي بيٺو. هن جي هٿ ۾ ڪمان هئي. ڪلهي پويان ترڪش ٻڌل هيس.

"ڇا نالو آهي تنهنجو؟" احمد بن عطاش هن کان پڇيو، "ڪٿان آيو آهين؟ ڇا شاهہ در جو رهندڙ آهين؟"

"منهنجو نالو يحيٰ الهادي آهي،" تير انداز جواب ڏنو، "ڪافي پري کان آيو آهيان ۽ ڪافي پري وڃان پيو. هتي ڪجهہ وقت لاءِ ترسيو هوس، ماڻهن جي انبوهہ کي ڏسي هيڏانهن اچي ويس. جيڪڏهن اجازت هجي تہ مان ڊوڙندي گهوڙي تان تير اندازي جو مظاهرو ڏيکاريان."

"اجازت آهي،" احمد بن عطاش چيو.

يحيٰ ابن الهادي چيو، "جڏهن مان گهوڙي کي ڊوڙايان، ان مهل ڪبوتر کي ڇڏيو وڃي." هن گهوڙي کي ميدان جي هڪ پاسي کان ڊوڙائڻ شروع ڪيو. هڪ ڪبوتر کي ڇڏيو ويو. يحيٰ ڊوڙندي گهوڙي تي ئي ترڪش مان تير ڪڍي ڪمان ۾ وڌو ۽ ڪبوتر جو

نشانو وٺڻ لڳو. آخر هن جي ڪمان مان تير نڪتو ۽ ڪبوتر جي هڪ پر کي ڪٽيندو مٿي هليو ويو. ڪبوتر اچي هيٺ ڪريو.

"آفرين" احمد بن عطاش بي خود ٿي چيو، "مان توکي اڳتي نہ وڃڻ ڏيندس، شاهہ در تنهنجي منزل آهي."

"هڪ اٺ، سوار جي بغير ميدان ۾ ڊوڙايو وڃي" يحيٰ وڏي آواز ۾ چيو. هڪ وڏي متاري اٺ کي ميدان جي هڪ پاسي کان لنيون هٽي ڊوڙايو ويو. اٺ ڊوڙيو تہ ڪجهہ ماڻهو هن جي پويان ڊوڙيا تہ جيئن اٺ جي رفتار اڃان بہ تيز ٿي وڃي. يحيٰ پنهنجي گهوڙي کي اٺ جي پاسي کان ڊوڙايو. اٺ گهوڙي کي پاڻ سان گڏ ڊوڙندو ڏسي اڃا تيز ٿي ويو. اٺ تي سواري لاءِ سامان رکيل هو. يحيٰ اٺ جي مهار پڪڙي وٺي ويو ۽ ٽپ ڏيئي گهوڙي تي اچي پوءِ هن گهوڙي کي مڙايو ۽ سلامي واري ٿلهي جي سامهون آڻي بيهاريو.

هي اهوئي يحيٰ ابن الهادي هو، جنهن کي سلطان ملڪ شاهہ جي ڪوٽوال جاسوسيءَ لاءِ شاهہ در موڪليو هو. هو بہ ڏينهن اڳ شاهہ در پهتو هو ۽ سوچي رهيو هو تہ ڪم کي ڪٽان شروع ڪري. هنن ڏينهن ۾ ئي مقابلن جو اعلان ٿيو ۽ يحيٰ بہ تماشي ڏسڻ وارن سان گڏ اچي بيٺو هو. هن مقابلي ۾ اچڻ بغير ئي ڪبوتر کي تير هڻي ڪيرايو ۽ انهي نموني هن جو رابطو احمد بن عطاش سان ٿي ويو. جنهن موقعي جو فائدو وٺندي سواري جو ڪرتب پڻ ڏيکاريو.

هڪ ٻئي پويان تير انداز ايندا رهيا ۽ اڏامندڙ ڪبوترن تي تير هلندا رهيا.

ڪوبہ تير انداز ڪبوتر کي نشانو بڻائي نہ سگهيو. يحيٰ ابن الهادي جي شڪل شبيهہ، قدبت ۽ انداز اهڙو هو جو احمد بن عطاش پاڻ سان وينل حسن بن صباح کي چيو تہ "هي نوجوان گهوڙي سوار ڪو معمولي ماڻهو نٿو لڳي. جيڪڏهن هي مجي تہ مان هن کي پاڻ وٽ رکڻ چاهيان ٿو." احمد بن عطاش، حسن کي چيو، "اسان کي اهڙن ماڻهن جي ضرورت آهي."

"توهان هن کان پڇو،" حسن چيو، "لڳي تہ مسلمان ٿو. پر خبر نہ آهي ڪهڙي قبيلي ۽ فرقي جو آهي."

احمد بن عطاش پنهنجي هڪ چوبدار کي چيو تہ يحيٰ کي سڏي اچ. يحيٰ آيو. احمد هن کي پاڻ سان گڏ ويهاريو. ميدان ۾ مقابلا ٿي رهيا هئا پر احمد جو سڄو ڌيان يحيٰ ڏانهن هيو. قدرتي طور پهريون سوال هو تہ هو ڪير آهي ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي.

"منهنجي منزل ڪهڙي آهي، مون کي ڪا خبر نہ آهي" يحيٰ چيو، "شايد مان منزل کان پٽڪي ويو آهيان." "ڇا تون صاف صاف ٻڌائڻ پسند نہ ڪندين،" احمد بن عطاش چيو، "مون کي تنهنجي ڳالهين ۾ دلچسپي ٿي پئي آهي. ڇا تون ڪجهہ ڏينهن منهنجو مهمان بنجڻ پسند ڪندين؟"

"ترسندس،" يحيٰ چيو، "جيڪڏهن منهنجي روح کي سڪون ملي ويو تہ

هن شهر کي ئي پنهنجي رهڻ جو هنڌ بڻائيندس، پر توهان مون کي هتي روڪي ڇا ڪندا؟"

"مان ڇاهيان ٿو تہ ماڻهو توکان تير اندازي جي تربيت وٺن،" احمد چيو، "تون هتي هڪ محافظ دستو تيار ڪر. هي دستو گهوڙي سوار هوندو، توکي هر محافظ کي شهسوار ٺاهڻو آهي."

"ڇا توهان پنهنجي فوج تيار ڪرڻ چاهيو ٿا؟" يحيٰ پڇيو. يحيٰ هي سوال هڪ جاسوس جي حيثيت سان ڪيو هو پر هن کي اندازو نہ هو تہ هن جي سامهون ڪو ڇالاڪ ۽ تجربيڪار شخص ويٺل آهي.

"پنهنجي فوج! احمد بن عطاش ڇرڪجي ڇيو، مان پنهنجي فوج نٿو ٺاهي سگهان، مان هتي جو والي نہ آهيان. فوج تيار ڪرڻ سلطان جو ڪم آهي. مان هتي ماڻهن کي جهاد لاءِ تيار ڪرڻ چاهيان ٿو. تو ڏٺو هوندو تہ هتي هڪ بہ تير انداز اهڙو نہ آهي جنهن اڏامندڙ ڪبوتر کي ڪيرايو هجي. گهوڙي سواريءَ ۾ هتي جا ماڻهو، ايترا ماهر نہ آهن جيترو هنن کي هجڻ گهرجي. جيڪڏهن مان ڪجهہ ماڻهن جو هڪ دستو تيار ڪندس تہ بہ هي ڪم تہ سلطان جي لاءِ ئي ايندا، تون پڪ اهل سنت والجماعت آهين."

"مان مسلمان آهيان،" يحيٰ چيو. "پر مان عقيدن جي ڇار ۾ پٽڪي رهيو آهيان. سوچي سوچي مان پاڳل ٿي ويو آهيان تہ ڪهڙو عقيدو خدا جو لائق آهي ۽ ڪهڙو انسان پنهنجو گهڙي ڇڏيو آهي، ڪڏهن ڇوان تہ اسماعيلي صحيح آهن ۽ وري ڪڏهن خيال اچي ٿو تہ اهل سنت صراط مستقيم تي آهن. مان ميدان جو مرد آهيان، اهو تہ اوهان بہ ڏسي ورتو آهي، پر دماغ ۾ هنن سوالن مون کي پنهنجي راهہ کان پٽڪيل مسافر ٺاهي ڇڏيو آهي. منهنجو روح اجايل ۽ بيچين آهي."

احمد، حسن بن صباح ڏانهن نهاريو، جنهن جو اڌ چهرو ڍڪيل هو. هن اکين ئي اکين ۾ ڪيس ڪجهہ چيو.

"اسان توکي پٽڪڻ ڪونہ ڏينداسين،" احمد چيو. "خدا اسان تي پنهنجو ڪرم ڪيو آهي ۽ هي بزرگ هستي اسان کي عنايت ڪئي اٿس. هي دين جي علم جو وڏو ماهر آهي. مان هن کي درخواست ڪندس تہ هو توکي پنهنجي شاگردي ۾ وٺي تنهنجي دل ۽ دماغ ۾ جيڪي شڪ شبها آهن سي دور ڪري. مون کي اميد آهي تہ تنهنجي روح جي اڄ ختم ٿي ويندي."

"اي راهہ پٽڪيل مسافر!" حسن بن صباح نوجوان کي چيو، "تون مرد ميدان آهين، تو کي علم ۽ خاص طرح ديني علم جي معاملن ۾ نہ پوڻ کپي. تون پنهنجون صلاحيتون نہ وڃاءِ، اسان توکي پاڻ وٽ ويهاريندا سين، توکي روشني ڏيکاريندا سين ۽ تنهنجي اڄ ختم ڪندا سين."

منجهند جو وقت ٿي ويو. احمد بن عطاش اعلان ڪرايو تہ باقي مقابلا سڀاڻي صبح ٿيندا. احمد بن عطاش ۽ ٻيا شاهي مهمان بہ روانا ٿيا. احمد پاڻ

سان گڏ يحيٰ کي وٺي گهر آيو. هٿ منهن ڌوراڻي، دسترخوان تي اچي ويٺا. ڳالهين جي دوران بہ هنن ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي رهي. يحيٰ پنهنجي بابت اهو تاثر ڏنو هو تہ هو پنهنجي قبيلي جي سردار خاندان جو فرد آهي، ۽ هن جو اثر رسوخ نہ فقط پنهنجي قبيلي ۾ آهي پر ٻيا قبيلا بہ هنن جي رعب ۽ دٻدٻي هيٺ آهن.

اهو هڪ بهترين موقعو ۽ اتفاق هو، جو يحيٰ انهن ماڻهن جي وچ ۾ ئي پهچي ويو هو، جن جي باري ۾ اهو معلوم ڪرڻو هوس تہ هنن ماڻهن جا اصل چهرا ڪهڙا آهن ۽ ڪٿي هنن کو ٻهروپ تہ نہ ڪيو آهي؟... هاڻي اهو هن جي عقل، ذهانت ۽ تجربي جو امتحان هو.

"اڄ تون گهڻو ٿڪل لڳين ٿو،" احمد بن عطاش ماني کان پوءِ يحيٰ کي چيو. تنهنجي لاءِ هن گهر ۾ ئي رهڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. رات جي ماني توکي هت ئي ملندي، اڄ آرام ڪر. سيٺاڻي ڪر جون ڳالهيون ٿيندڙيون."

"مسلسل سفر ۾ آهيان،" يحيٰ چيو،"توهان صحيح ڄاڻو آهي. مان تمام گهڻو ٿڪل آهيان. هڪ درخواست آهي. مون سان گڏ منهنجو نوڪر بہ آهي، جيڪڏهن هن جي رهڻ جو بندوبست بہ ٿي وڃي تہ..." "تي ويندو،" "احمد چيو، هن کي بہ هت وٺي اچ." جنهن کي يحيٰ پنهنجو نوڪر چيو هو، اهو ستان هو. ستان کي هو پاڻ سان گڏ ان لاءِ وٺي آيو هو تہ جيڪڏهن ڪو ضروري اطلاع ڏيڻو پوي تہ ستان اهو ڪٽي وڃي.

هڪ نوڪر کي چيو ويو تہ يحيٰ کي هن جي ڪمري ڏانهن وٺي وڃي. يحيٰ هڪ وڏو شاهي ڪمرو ڏسي حيران ٿي ويو. هو ڏاڍو خوش هو تہ هو بلڪل صحيح هنڌ تي پهچي ويو آهي ۽ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ پنهنجو ڪم پورو ڪري وٺندو.

"هاڻي ٻڌاءِ حسن،" يحيٰ جي وڃڻ کان پوءِ احمد بن عطاش، حسن بن صباح کان پڇيو. "هن ماڻهو جي باري ۾ تنهن جو ڇا خيال آهي. هڪ تہ اسان هن مان اهو فائدو وٺنداسين تہ هي اسان کي شهسوار ۽ تيرانداز تيار ڪري ڏيندو جيڪي اسان کي ٻين قلعن تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪم ايندا، ٻيو فائدو تہ هن جو اثر ٻن ٽن قبيلن تي بہ آهي، جيڪڏهن اسان جي رنگ ۾ رڱجي وڃي تہ اسان جي لاءِ وڏو ڪارائتو ٿي سگهي ٿو."

"ها استاد محترم!" حسن بن صباح چيو: "ماڻهو تہ ڪم جو لڳي ٿو، پر اسان کي هن تي نظر رکڻي پوندي تہ هي اعتبار لائق بہ آهي يا نہ، ائين نہ ٿيڻ کپي جو اسان هن کي راز جون ڳالهيون ٻڌايون ۽ وري هن جي چوڻ مطابق تہ هي منزل جو مسافر آهي، ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن ڏينهن بنا ٻڌائڻ جي غائب ٿي وڃي. احتياط ڪرڻ لازمي آهي."

صورتحال هاڻي هيءَ ٿي وئي هئي

تہ جيڪو جاسوس بنجي آيو هو. تنهن جي بہ خفيہ جاسوسي پئي ٿئي. هو ٻئي ڏينهن صبح جو انتظار ۾ ويٺل هو. هن جي اشاري تي يحيٰ سندس سامهون ويهي رهيو.

"هاڻي ٻڌاءِ يحيٰ،" حسن چيو. "ڪهڙو وهم آهي، ڪهڙو مسئلو آهي، جيڪو تون پنهنجي دماغ ۾ ڪنيو پيو ڦرين؟"

"ڇا مان خدا جي ٻڌايل صراط مستقيم تي هلي رهيو آهيان؟" يحيٰ پڇيو، "ڇا منهنجو عقيدو صحيح آهي."

"اها ڳالهہ نہ آهي يحيٰ" حسن چيو، "اصل سوال جيڪو تنهنجي دماغ ۾ تڙپي رهيو آهي ۽ تنهنجي لاءِ بيچيني جو سبب بڻيل آهي اهو هي آهي تہ ڇا خدا جو وجود آهي؟ جيڪڏهن آهي تہ خدا ڪٿي آهي؟ خدا نظر نٿو اچي تہ پوءِ هي رستو ۽ عقيدو ڪيئن صحيح ٿي سگهي ٿو؟"

حسن بن صباح، يحيٰ جي اکين ۾ اکيون وجهي اهڙي طريقي سان ڳالهائي رهيو هو جيئن شفاف پاڻي پٿرن تي آهستي آهستي جلترنگ وڄائيندو وهندو هجي. حسن جي چپن تي روح کي تازگي ڏيندڙ مرڪ هئي. يحيٰ جي ذهن ۾ تہ ڪو اهڙو سوال موجود ئي ڪونہ هو. اها تہ هن جي چال هئي، هن جي اصليت معلوم ڪرڻ جي ڪوشش هئي. هن کي اميد هئي تہ جيڪڏهن احمد بن عطاش اسماعيلي هوندو تہ هو پنهنجي اسماعيليت هن جي دل ۽ دماغ ۾ پرڻ شروع ڪندا مگر هن وقت هن جي حالت اهڙي ٿي وئي هئي جيئن ڪنهن کان تلوار ڦري ان کي خالي ڪري ڇڏيو هجي، حالانڪ حسن بن صباح اڃا پنهنجي ڳالهہ شروع ئي مس ڪئي هئي.

"خدا اهو نہ آهي جيڪو انسان کي نظر اچي ٿو،" حسن چئي رهيو هو، "نظر نہ اچڻ وارو خدا هڪ نہ آهي، ڪيئي آهن، ۽ سڀ انسان جي هٿ جا ٺهيل خدا آهن. ڪنهن پٿر کي تراشي خدا کي ماڻهو جي شڪل ڏني آهي، ڪنهن خدا کي عورت جي شڪل ڏني آهي، ڪنهن شينهن جي، ڪنهن نانگ وغيره جي."

"ڳالهہ سمجهڻ واري هيءَ آهي، يحيٰ، تہ خدا انسان جي تخليق نہ آهي، پر انسان خدا جي تخليق آهي ۽ انسان جو هر قول ۽ فعل خدا جي حڪم جو پابند آهي. هي هي آهي، جو تون هيستائين پهچي ويو آهين، هتي تنهنجا سڀ شڪ صاف ٿي ويندا. ليڪن هي هڪ ڏينهن جو معاملو نہ آهي. ڪجهہ ڏينهن لڳندا. تون پاڻ کي منهنجي حوالي ڪري ڇڏ. انسان ڪامل تڏهن ئي ٿيندو آهي جيڪو پاڻ کي ڪنهن ڪامل پير مرشد جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي." "محترم بزرگ!" يحيٰ التجا ڪئي، "مون کي پنهنجي مريدي ۽ شاگرديءَ ۾ وٺي ڇڏ."

"دين جي تبليغ منهنجو فرض آهي،" حسن چيو، "مان توکي تنهنجي باري ۾ هڪ ضروري ڳالهہ چوڻ

چاهيان ٿو. تو چيو هو تہ تون مرد ميدان آهين. خدا توکي منزل تي آندو آهي. توکي ماڻهن کي پاڻ وانگر تير انداز ۽ شهسوار بنائڻو آهي. انهن کي ڪفر جي خلاف جهاد ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻو آهي. مان عالم آهيان. تون عامل آهين. خدا جي نگاهہ ۾ تنهنجو رتبو مون کان وڌيڪ ۽ بلند آهي. هتان وڃڻ جو نہ سوچجانءِ."

يحيٰ ابن الهادي تہ اهوئي پي چاهيو. هن دل ئي دل ۾ خدا جو شڪريو ادا ڪيو تہ سندس ڪم آسان ٿي ويو ۽ اڳتي جو رستو بہ صاف ٿي ويو هو. هن ستان کي گهرائي سمجهائي ڇڏيو تہ ڪير بہ پڇي تہ ڪٿان آيا آهيو تہ هو ڇا جواب ڏيندو ۽ هو ظاهر ڪري تہ هو بيوقوف قسم جو نوڪر آهي جيڪو معمولي ڳالهہ سمجهڻ ۾ بہ گهڻو مٿو هڻي ٿو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ يحيٰ، احمد بن عطاش وٽ وينو هو. احمد ڪيس سڏائي ورتو هو. هن وٽ چار ڇوڪريون بہ وينل هيون. چارئي جوان ۽ هڪبئي کان وڌيڪ خوبصورت هيون. چارئي ڇوڪريون نهايت شوخ ۽ چنچل هيون ۽ هڪ ٻئي سان ڇيڙ ڇاڙ ۾ مصروف هيون. يحيٰ جي موجودگي جو ڇڻ ڪين احساس ئي ڪو نہ هو.

"يحيٰ!" احمد بن عطاش ڪيس چئي رهيو هو، "تون خوش قسمت آهين جو ايڏي وڏي عالم توتي پنهنجو ڪرم ڪيو آهي جو توکي پنهنجي مريديءَ ۾ ورتو اٿس ۽ توکي چيو اٿس تہ تون هت رهہ ۽ جيڪو تيراندازي ۽ شهسواريءَ جو هنر توکي اچي ٿو، ٻين کي بہ سيکار. هي بزرگ تہ ڪنهن سان ڳالهائيندو ئي ڪونهي. خدا جي ياد ۾ ٻڏل هوندو آهي ۽ خدا سان ئي همڪلام ٿيندو آهي."

"مان اوهان جو هر حڪم بجا آڻيندس،" يحيٰ چيو، "انهن ماڻهن کي منهنجي حوالي ڪيو، جن کي مونکي سيکارڻو آهي."

"بسم الله هنن ڇوڪرين سان ڪيو" احمد چيو، "هي منهنجي خاندان جون آهن. هي جڏهن توکان تيراندازي سکي وٺنديون تہ پوءِ ٻين ڇوڪرين کي بہ سيکاريندين. اسان جي عورتن کي تيراندازي اچڻ کپي، پوءِ وري هنن کي گهوڙي سواري بہ سيکارڻي آهي. مان تنهنجي باقاعدي پگهار بہ مقرر ڪندس." "مان اڄ کان ئي ڪم شروع ڪيان ٿو." يحيٰ چيو، "مون کي تيراندازي لاءِ ڪا اهڙي جاءِ ٻڌايو جتي تيرن جي سامهون ڪا رڪاوٽ نہ هجي."

احمد بن عطاش سڀ انتظام ڪري ڇڏيا. يحيٰ چئن ئي ڇوڪرين کي پاڻ سان وٺي ويو. پهرين ڏينهن هو هنن کي ڪمان کي ڇڪڻ ۽ ٻانهن کي سڌو رکڻ جو سيکاريندو رهيو.

ٻئي پاسي احمد بن عطاش ۽ حسن بن صباح ميدان ڏانهن هليا ويا، جتي مقابلا هلي رهيا هيا. هي ٻئي ڏاڍا خوش هئا تہ هنن هيڏا سارا ماڻهو گڏ ڪري ورتا هئا. مقابلا ڏسڻ جي بجاءِ

هو پنهنجي منصوبي تي گفتگو ڪري رهيا هئا تہ خلق خدا کي پنهنجي مقصد لاءِ ڪيئن استعمال ڪجي.

هنن چار چوڪرين ۾ ٻن چوڪرين جو ذڪر پهرين بہ اچي چڪو آهي جن مان هڪ فرح هئي جيڪا حسن بن صباح جي محبت ۾ مجبور ٿي ساڻس گڏ آئي هئي، ٻي زرين هئي جنهن شاهہ در جي مرحوم واليءَ کي پنهنجي حسن، جواني ۽ معصوميت جي ڇار ۾ ڦاسايو هو. زرين غير معمولي طور تي حسين هئي، احمد بن عطاش هن جي تربيت اهڙي نموني ڪئي هئي جو تجربيڪار ۽ جهونا استاد بہ هن جي سامهون هوش ۽ عقل وڃائي ويهندا هئا. يحيٰ خاص طور تي نوجوان ۽ پرڪشش هو. زرين پنهنجي استاد کان فقط فريب ڪاري سکي هئي ۽ هي خيال هن جو عقيدو بنجي چڪو هو تہ عورت جو حسن مردن کي فريب ڏيڻ لاءِ ئي استعمال ڪيو ويندو آهي. احمد بن عطاش هن جي دل مان جذبات ڪڍي ڇڏيا هئا. هو سياڻو هو، هن کي چڱي نموني اها خبر هئي تہ عورت هجي يا مرد، ٻنهي مان ڪوبہ جذبات ۾ ڦاسڻ کان پوءِ ڪنهن ڪم جو نٿو رهي.

"صرف هي راز پنهنجي دل ۾ بند ڪري ڇڏ، زرين." احمد بن عطاش ڪيترائي ڀيرا هن کي چيو هو، "تون هڪ اهڙو حسين بلڪ طلسماتي ڦندو آهين، جنهن ۾ جيڪڏهن خطرناڪ زهريلو نانگ بہ اچي وڃي يا جاندارن کي چير ڦاڙ ڪرڻ وارو درندو بہ اچي وڃي تہ تنهنجي ڦندي ۾ اچي غلام ٿي ويندو، تون هن لاءِ فريب بنجي ويندينءَ تہ هو هن کي بہ تنهنجي حسن جو هڪ حصو سمجهندو. هن کي اهو تاثر ڏي تہ تون هن جي محبوبہ آهين، هن کي خدا جو درجو ڏين ٿي ۽ پوءِ عملي طرح ظاهر ڪر تہ هن کان سواءِ تون زنده بہ نٿي رهي سگهين. هن جي جذبات سان کيڏ، هن جي قدمن ۾ ائين رهہ جيئن زرخريد لونڊي هجين، اهڙي طرح پنهنجي حسن، جواني ۽ فريب ڪاري جو نشو طاري ڪري هن جي ڪل لاهيندي وڃ ۽ رت چوسيندي رهہ."

هي هڪ بنيادي سبق هو، جيڪو احمد، نوجواني جي پهرين ڏينهن کان زرين کي ڏيندو رهندو هو. هن کيس فقط وعظ ئي ڪونہ هو، عملي طور بہ کيس سيکاريو هو. هن وٽ ڪجهہ وڏي عمر جون عورتون هيون جن زرين کي عملي طريقي سان بہ هي سبق سيکاريو هو. ان عورتن زرين کي هڪ خوبصورت ۽ رنگين شعائن واري هيري ۾ بدلائي ڇڏيو هو. هن کي هڪ هيرو ڏيکاريو ويو هو.

"هي هيرو ڏسين ٿي زرين،" کيس هيرو ڏيکاريندي چيو ويو هو، "ڇا تون نہ ڇاهندينءَ تہ هي هيرو تنهنجي گلي جو سينگار بنجي يا تنهنجي آڱر جي زينت بنجي."

"ڇو نہ ڇاهيندس،" زرين چيو هو.

"جيڪڏهن هن هيري جي قيمت توکي ٻڌائي وڃي تہ تنهنجا هوش اڏامي وڃن." اهڙي هڪ هڪ هيري تي

بادشاهن جا تختا اونڌا ٿيا آهن، پر جيڪڏهن اهڙي هيري کي تون ڳهي وڃن ته مري پوين، اهو هن هيري جو اثر هوندو. توکي اهڙو هيرو نهٽو آهي. توکي جيڪڏهن ڪو جنگجو ۽ جابر بادشاهه به ڏسي ته توکي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي بادشاهي به داءُ تي لڳائي ڇڏي پر جيڪو توکي ڳهي وڃي يعنيٰ توتي قبضو ڪري وڃي ته زنده نه رهي.“

چون ٿا ته حسن بن صباح جي ڪاميابي جو اصل راز به عورت هو. هن ثابت ڪيو ته ”عورت ڪيڏي نه وڏي قوت آهي، جادو آهي ۽ ڪيڏو نه وڏو طلسم آهي. حسين عورت جنهن کي چاهي قتل ڪرائي ڇڏي، جنهن کي چاهي زندهه لاش بنائي ڇڏي ۽ وري چاهي ته قاتل کي تخت دار تان لاهي تخت تي ويهاري.“

زرين جي ذات ۾ هي سڄو زهر پرجي ويو هو. هن پنهنجو پهريون شڪار وڏي ڪاميابي سان ڪيو هو. اهو ذاڪر هو، جيڪو شاهه در قلعي جو والي هو جنهن کي ماري زرين هي قلعو ۽ شهر پنهنجي استاد احمد بن عطاش جي هنج ۾ وڌو هو.

زرين هن ڪاميابيءَ تي ڏاڍي خوش هئي ۽ اڳئين شڪار جي انتظار ۾ هئي، پر جڏهن هن يحيٰ ابن الهادي کي ڏٺو ته هن پنهنجي اندر هڪ هلچل محسوس ڪئي، جنهن کي هوءَ سمجهي نه سگهي. هن جي دل ۾ اها چاهت پيدا ٿيڻ لڳي ته يحيٰ جي ويجهو وڃي ويهي ۽ هن کان پڇي ته هن کي ڏسي سندس اندر جيڪا هلچل مچي ٿي يا من جي مندر ۾ جيڪي گهنٽيون وڄن ٿيون، اهو سڀ ڪجهه ڇو ۽ ڇا آهي. يحيٰ ۾ هڪ خوبي هئي ته هو خوش طبع ماڻهو هو. ڪنهن ڳالهه ۾ ڪوڙاڻ هوندي هئي ته به هو ان کي وٽندڙ انداز ۾ بدلائي ڇڏيندو هو. چارئي ڇوڪريون هن جي زنده دلي کي پسند ڪنديون هيون ۽ چاهينديون هيون ته ساٿس وڌيڪ ڳالهيون ڪن. يحيٰ به ڪين خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته جيئن هو تير اندازي سکڻ ۾ وڌيڪ دلچسپي ڏيکارين. پر زرين جو معاملو مختلف هو. هن جي جذباتي حالت ڪجهه ٻي هئي. هوءَ اڪثر پريان کان يحيٰ کي ڏکيندي رهندي هئي. هوءَ به خوش مزاج ڇوڪري هئي پر يحيٰ جي موجودگي ۾ هن کي ماٺ لڳي ويندي هئي، جيڪا سندس سمجهه کان ٻاهر هئي.

يحيٰ ابن الهادي جڏهن تيراندازي سيکاريندو هو ته هو ڇوڪريءَ جي پويان وڃي بيهندو هو ۽ هڪ هٿ سندن ڪلهي کان مٿاهون جهليندو هو ته جيئن ڪمان کي سڌو رکي. ائين ڪرڻ وقت ڇوڪرين جي پٺ سندس سيني سان لڳي ويندي هئي. ٻين ڇوڪرين جو ڌيان تيراندازيءَ ڏانهن هوندو هيو، ڪين اهو احساس به شايد ڪونه ٿيندو هو ته سندن جسم ڪنهن جوان ماڻهوءَ سان ٽڪرائجي ٿو. پر زرين جي حالت مختلف هئي، هوءَ ڄاڻي واڻي سندس

سيني سان لڳي بيهندي هئي ۽ سندس ڪوشش هوندي هئي ته ڪجهه دير يحيٰ سان انهي حالت ۾ بيٺل رهي. ڏسڻ ۾ آيو پي ته يحيٰ به سندس جذبات سمجهڻ لڳو هو.

شام جي پڇاڻي ٿي چڪي هئي. يحيٰ سمهڻ جي تياري ڪري رهيو هو. دروازي تي ڪڙڪو ٿيو. يحيٰ دروازو کوليو، ٻاهر زرين هئي، جيڪا دروازي کلڻ شرط اندر اچي ويئي. يحيٰ هن جي ائين اندر اچڻ تي بلڪل پريشان نه ٿيو. هو ڄاڻندو هو ته هوءَ واليءَ شهر جي خاندان جي ڇوڪري آهي، هن ڪيس ٻين ڇوڪرين وانگر آزاديءَ سان گهمندي ڦرندي ڏٺو هو.

"مان ڪجهه دير هتي ويهڻ چاهيان ٿي،" زرين چيو، "توکي خراب ته نه لڳندو."

"خراب ڇو لڳندو؟" يحيٰ چيو، "نيت خراب نه هجي ته خرابيءَ جو ڪو جواز نه هوندو آهي." يحيٰ ڪيس غور سان ڏٺو ۽ چيائين، "تون ڪجهه پريشان ۽ وساميل پئي لڳين، تون ته سڀني ڇوڪرين ۾ وڏيڪ خوش مزاج آهين."

"منهنجي ويجهو ويهه،" زرين وڏي ڳنڀير لهجي ۾ چيو، "هتي منهنجي ويجهو." يحيٰ سندس ويجهو ويهي رهيو. زرين سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو. يحيٰ به جوان ماڻهو، خدا ڪيس اهڙي نظر ۽ عقل به ڏنو هو جو هو سٺ پردن پويان لڪل ڳالهه به سمجهي ويندو هو.

"تون بلڪل صحيح ٿو چوين، يحيٰ!" زرين يحيٰ جي هٿ کي دٻائيندي چيو. "منهنجي دل جي ڪيفيت منهنجي چهري مان ظاهر ٿي رهي آهي. مون سان ڪڏهن به ائين نه ٿيو آهي ۽ مان ڪڏهن به اهڙي ماڻ ۾ ڪانه آئي آهيان. مان ته سمجهندي هئس ته مان هن دنيا ۾ ڪلڻ جي لاءِ آئي آهيان پر جڏهن کان توکي ڏٺو اٿم، پنهنجي اندر هڪ انقلاب محسوس ڪيو اٿم. منهنجي دل ۾ هر وقت اهو خيال اچي ٿو ته تنهنجي پرسان اچي ويهان ۽ هر وقت تنهنجون ڳالهيون ٻڌان. ڇا تو اهو محسوس نه ڪيو آهي ته تيراندازي سکڻ وقت منهنجي ڪوشش هوندي آهي ته مان گهڻو وقت تنهنجي ويجهو رهان."

يحيٰ جي چپن تي مسڪراهٽ اچي وئي ۽ هن زرين جو هٿ پنهنجي هٿن ۾ وٺي ڇڏيو هڪدم هن جي دل ۾ اهو احساس جاڳيو ته هيءَ اها ئي ڇوڪري هئي جيڪا ڪيس سيني کان وڏيڪ سٺي لڳندي هئي ۽ تيراندازي سيکارڻ وقت هو به چاهيندو هو ته هوءَ به سندس ويجهو رهي. جڏهن زرين پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو ته ڪيس ائين لڳو ڇڻ زرين سندس جذبن جو اظهار ڪيو هجي.

"ڇا تون منهنجي هنن جذبن جو جواب ڏيئي سگهندين." زرين چيو، "مان توکي صاف صاف ٻڌائي ڇڏيان ته تون منهنجي روح ۾ رچي چڪو آهين. ڇا تون منهنجي محبت کي قبول ڪندين؟"

"سوچي وٺ زرين،" يحيٰ چيو. "تون هڪ شهزادي آهين ۽ مان هڪ مسافر. جنهن کي اها بہ خبر ڪانهي تہ سندس منزل ڇا آهي؟ ڪٿي آهي؟ تي سگهي ٿو تہ اسان جي محبت ڪا قرباني گهري وٺي، جيڪا تون نہ ڏيئي سگهين. مان تہ پنهنجي جان بہ ڏيئي ڇڏيندس."

"اهو تون ڏسي وٺندين، اهڙو خطرو ٿيو تہ جتي چوندين مان تو سان هلي پونديس." "مان توکي ٻڌائڻ گهران ٿو زرين" يحيٰ چيو. توکي ڏسي منهنجي اندر ۾ بہ ساڳيا جذبا اپريا هئا پر مان ماڻ هئس. هاڻي تو منهنجي دل جي ڳالهہ ڪري ڇڏي آهي. باقي هڪ ڳالهہ جو خيال رکجائين تہ محبت جو تعلق جسمن سان نہ هوندو آهي." "اهو مان پهريائين چئي چڪي آهيان" زرين چيو. "مون توکي چيو آهي تہ تون منهنجي روح ۾ لهي چڪو آهين، مان هتي ايندي رهندس."

"مان تنهنجو انتظار ڪندو رهندس،" يحيٰ چيو.

ان رات کان پوءِ يحيٰ ۽ زرين هڪٻئي جي وجود ۾ سمائجي ويا هئا. تيراندازي، تلوار بازي ۽ گهوڙي سواري جي مقابلن لاءِ جيڪو ميلو لڳو هو، سو ختم ٿي چڪو هو. ڪنڊ وارا انعام اڪرام وٺي روانا ٿي چڪا هئا. خيمن جي بستي اجڙي چڪي هئي.

يحيٰ چئني ڇوڪرين کي تيراندازي جي مشق ڪرائيندو هو. ڇوڪرين جا تير هاڻي نشاني تي لڳي رهيا هئا. يحيٰ ۽ زرين جي دلين ۾ جيڪي تير لهي چڪا هئا، ان کان اجا ٻيا ناواقف هئا. زرين ڪا پردي واري عورت تہ ڪانہ هئي، هوءَ روز رات جو يحيٰ جي ڪمري ۾ پهچي ويندي هئي ۽ هو ٻئي هڪٻئي جي ويجهو ويهي دل جون ڳالهيون ڪندا رهندا هئا. يحيٰ جي جذباتي حالت اها ٿي ويئي هئي جو تيراندازي سيکارڻ وقت هو زرين ۾ گهڻي دلچسپي وٺندو هو. جيئن چوندا آهن تہ عشق ۽ مشڪ لڪندا نہ آهن سو ٻين ڇوڪرين کان اها ڳالهہ لڪي نہ رهي، هنن سڄي ماجرا احمد ابن عطاش کي ٻڌائي. احمد ابن عطاش پريشان ٿي ويو. احمد ابن عطاش کي اها خبر نہ هئي تہ يحيٰ اهو راز لڪايو هو. جنهن وقت ڇوڪريون احمد ابن عطاش کي اهو سيڪجهہ ٻڌائي رهيون هيون، بالڪل انهيءَ وقت يحيٰ حسن بن صباح وٽ ويٺي پنهنجي دل جي ڳالهہ پئي ڪئي.

يحيٰ، حسن بن صباح کان تمام گهڻو متاثر هو.

"منهنجا مرشد!" يحيٰ حسن کي چيو. وادیءَ شاهدر جي خاندان جي هڪ ڇوڪري زرين مونکي ڇاهي ٿي ۽ اسان ٻئي اڪيلائي ۾ پيار ۽ محبت جون ڳالهيون ڪندا آهيون. ڇا مان بد ديانتي ۽ دڌهوڪي جو ڪم تہ نہ پيو ڪيان؟"

"نہ،" حسن بن صباح چيو. "جيڪڏهن محبت جو تعلق حسن جي بجاءِ روحن سان هجي تہ اهو گناهہ نہ

آهي."

"اهو اسان جي روحن جو معاملو آهي، منهنجا مرشد" يحيٰ چيو.

"پوءِ ٺيڪ آهي،" حسن بن صباح چيو.

هيڏانهن احمد ابن عطاش، زرين کي گهرايو ۽ کائنس پڇيائين تہ يحيٰ سان سندس تعلقات ڪهڙي قسم جا آهن ۽ هي ملاقاتون ڪهڙي قسم جون آهن.

"هي شخص مون کي سٺو لڳي ٿو،" زرين چيو. "هن سان منهنجو تعلق عورت ۽مرد وارو نہ آهي."

"منهنجي ڳالهہ غور سان ٻڌ،" احمد ابن عطاش چيو، "مان سمجهي ويو آهيان. اسان ان محبت کي گناهہ سمجهندا آهيون جيڪا پنهنجي فرض کان هٽائي ڇڏي."

"مان پنهنجي فرض تي اٽل آهيان،" هٽي نہ آهيان، زرين چيو، "جڏهن بہ توهان مونکي پنهنجي فرض کان غافل ڏسو، جيڪا بہ سزا ڏيڻ چاهيو، مونکي ڏجو."

"شايد تو سزا جو ذڪر رسمي طور ڪيو آهي،" احمد بن عطاش رعبدار آواز ۾ چيو، "شايد توکي خبر نہ آهي تہ اها سزا ڇا هوندي."

"مان ڄاڻان ٿي" زرين چيو، "مون کي قتل ڪيو ويندو."

"قتل نہ ڪيو ويندو،" احمد ابن عطاش چيو، "توکي قيد خاني ۾ انهن قيدين ۾ اڇلايو ويندو جيڪي وحشي آهن ۽ ڪيترن ئي سالن کان اتي قيد آهن، پوءِ توکي ان ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ اڪيلو رکيو ويندو جتي خطرناڪ ۽ زهريلا جيت ۽ جانور آهن. اهو نہ وسار تہ توکي ٻين کي ڦاسائڻو آهي، نڪي پاڻ ڦاسڻو آهي."

ان رات حسن بن صباح ۽ احمد ابن عطاش پاڻ ۾ ان معاملي بابت صلاح مشورو ڪيو. ڪين اهو صاف نظر آيو پئي تہ محبت جي نشي ۾ هڪ قيمتي ۽ تجربيڪار ڇوڪري ضائع ٿي ويندي.

حسن بن صباح، ڇوڪريءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ طلب ڪيو. جڏهن زرين هن جي ڪمري مان نڪتي تہ سندس چهري تي ڪجهہ مختلف تاثر هو.

ڏينهن گذرندا ويا، يحيٰ ۽ زرين هڪٻئي ۾ گم ٿي ويا. يحيٰ ڇوڪرين کي تيراندازي ۾ طاق ڪري ڇڏيو هو. هاڻي ڪيس چيو ويو تہ هنن کي شهسواري سيکار.

شهر جا ماڻهو ڏسندا هئا تہ هر روز صبح جو پنج گهوڙي سوار جهنگ ڏانهن نڪري وڃن ٿا. هڪ تي يحيٰ ۽ باقي چئن تي چارئي ڇوڪريون هونديون آهن. هي گهوڙي سوار اڏ ڏينهن کان پوءِ واپس ايندا هئا. يحيٰ ڪڏهن ڪڏهن زرين کي پاڻ وٽ روڪي ٻين ڇوڪرين کي پري جو چڪر هڻڻ لاءِ چوندو هو. ڇوڪريون هي سڄي ماجرا احمد ابن عطاش کي ٻڌائينديون هيون.

هوڏانهن مرو شهر ۾ سلطان ملڪ

شاهه ۽ سندس ڪوٽوال روز انتظار ڪندا هئا تہ يحيٰ جي طرفان ڪو پيغام ايندو پر روز ڪين مايوسي ٿيندي هئي.

يحيٰ جي ذهن مان اهو نڪري ويو هو تہ هو شاهه در ڇو آيو هو، ۽ هڪ ڏينهن ڪيس واپس بہ وڃڻو آهي. هو پنهنجي ساٿي ستان سان روز ملندو هو ۽ ڪيس چوندو هو تہ هنن ماڻهن جي خبر ڪانہ ٿي پوي تہ هي ڪير آهن. ٻن ٽن ڏينهن ۾ خبر پئجي ويندي. زرين جي رويي ۾ اچانڪ تڪڙ ۽ تيزي پيدا ٿي وئي. هن يحيٰ کي چوڻ شروع ڪيو تہ هاڻي هن ۾ انتظار جي همت نہ رهي آهي، يحيٰ هاڻي ڪيس پاڻ سان وٺي هلي. يحيٰ ڪيس اڃا تائين پنهنجي باري ۾ ڪونہ ٻڌايو هو تہ هو ڪير آهي ۽ ڪٿان آيو آهي. زرين گهڻائي دفعا پڇيو هو پر هو ڪيس نٿائي ويندو هو.

هڪ رات زرين هن جي ڪمري ۾ آئي ۽ پنهنجي چادر ۾ لڪايل صراحي ڪڍي ڇيو، "مان اڄ تنهنجي لاءِ خاص شربت آندو آهي." زرين، صراحي يحيٰ جي هٿ ۾ ڏني ۽ ڇيائين تہ "هي احمد ابن عطاش پاڻ پيئندو آهي ۽ ٻيو فقط بزرگ عالم آهي جنهن کي ڪڏهن ڪڏهن ڏيندو آهي، مان ايترو ڄاڻان ٿي تہ هن ۾ ماکي مليل آهي ۽ هن ۾ اهڙن ميون جو رس پيل آهي، جيڪي ڪنهن ڏورانهن ملڪ ۾ ٿين ٿا. احمد بن عطاش جون زالون ڇون ٿيون تہ هن هي شربت سون جي عيوض گهرايو آهي. ٻڌو آهي تہ هي شربت پيئڻ وارو سؤ سالن تائين بہ جيئرو رهي تہ بہ پوڙهو نہ ٿيندو. هي مان ڇورائي آئي آهيان، تون پي ڏس."

يحيٰ صراحي وات سان هنئي ۽ آهستي آهستي سڄو شربت پي ويو. انهيءَ دوران زرين هن سان پيار ۽ محبت واريون ڳالهيون ڪندي رهي. زرين هڪ طلسم وانگر يحيٰ جي ذهن تي ڇانيل هئي پر ان رات شربت پيئڻ کان پوءِ يحيٰ جي جذباتي حالت ڪجهہ ٻي هئي. هن اهو محسوس پي ڪيو تہ ڇڻ سڄي دنيا جي حاڪميت ڪيس ملي وئي هجي.

"آخر اسان جو انجام ڇا ٿيندو يحيٰ؟" زرين چيو، "تون ڪيستائين مون سان محبت ڪندو رهندين؟ تون تہ ايترو بہ نٿو ٻڌائين تہ آهين ڪٿان جو؟... پر مان ڇوان ٿي تہ ڀلي ڪٿي جو بہ هجين، هتان نڪري هل ۽ مونکي بہ پاڻ سان گڏ وٺي هل. اڄ جي رات هتي جي آخري رات هجڻ گهرجي، مان تيار آهيان، مردانو ويس ڪري هلندس."

يحيٰ وڏو زوردار ٺهڪ ڏنو ۽ زرين کي پنهنجي ٻانهن ۾ قابو ڪري ورتو، هن ڪڏهن بہ ايڏو وڏو ٺهڪ ڪونہ ڏنو هو. زرين ڪيس مجبور ڪيو تہ هو ڪيس پنهنجي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائي.

"ٻڌ زرين!" يحيٰ ڪيس ٻڌائڻ شروع ڪيو. "مونکي توتي اعتبار اچي ويو آهي، اهو بہ ٻڌي ڇڏ تہ مان ڪير آهيان ۽ ڪٿان آيو آهيان. مان هتي هڪ فرض ادا ڪرڻ آيو آهيان، جيڪو اڃا

تائين ادا نہ ٿيو آهي، مونکي تنهنجي مدد جي ضرورت آهي.“

”پوءِ مونکي ٻڌائين ڇو نٿو؟“ زرين پيار پريل انداز ۾ ڪاوڙ ڪندي چيو. ”مان ڪيترا پيرا چئي چڪي آهيان تہ تنهنجي محبت تان مان پنهنجي جان بہ ڏئي ڇڏيندس.“

”مان مرو مان آيو آهيان“ يحيٰ پنهنجي راز تان پردو کڻندي چيو. ”مان سلجوقي سلطان ملڪ شاهہ جو جاسوس آهيان. انهن کي اهو شڪ آهي تہ احمد بن عطاش اسماعيلي آهي ۽ هتي شاهہ در ۾ اهل سنت جي خلاف اسماعيلي مرڪز ٺهي چڪو آهي. مان اهو معلوم ڪرڻ هتي آيو آهيان تہ هن شڪ ۾ حقيقت ڪيتري آهي.

”ڪجهہ خبر پيئ.“ زرين پڇيو.

”مان اجان شڪ ۾ آهيان.“ يحيٰ جواب ڏنو. ”ائين سمجهہ تہ منهنجو شڪ اجا موجود آهي، مان اهو تہ نٿو چئي سگهان تہ احمد بن عطاش اسماعيلي آهي پر اهو بہ نٿو چئي سگهان تہ هو اهل سنت آهي. هن سان گڏ جيڪو عالم آهي، ان مون کي ديني مسئلن تي گهڻا سبق ڏنا آهن، هن ۾ بہ مون کي اسماعيلن واري ڪا ڳالهہ نظر نہ آئي آهي، پر مون هنن ٻنهي کي ڪڏهن بہ نماز پڙهندي ڪونہ ڏٺو آهي. مون اهو بہ ڏٺو آهي تہ هن شهر ۾ اسماعيلين جي اڪثريت آهي.“

”تنهنجو هي ساٿي ستان بہ جاسوس آهي.“ زرين پڇيو.

”ها“ يحيٰ وراڻيو. ”هن کي مان ٻن ٽن ڏينهن ۾ واپس موڪلڻ وارو آهيان، جيئن هو واپس وڃي ٻڌائي تہ مون هتي ڇا ڏٺو آهي.“

”يحيٰ!“ زرين هن جي چهري کي پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ جهليندي جذباتي ٿيندي چيو. ”منهنجي هڪ ڳالهہ مڃ. واپس نہ وڃ، هتي بہ نہ رهہ، هل تي اڳتي ايران هليا هلون، تون جتي بہ هلندين اتي جو حاڪم توکي قبول ڪندو، تو جهڙو تيرانداز ۽ شهسوار ڪٿي ملندو. مذهب ۽ فرقن جي چڪر مان نڪري اچ.“

”مان توکي هڪ ڳالهہ صاف صاف ٻڌائي ڇڏيان زرين“ يحيٰ چيو. ”منهنجي دل ۾ جيڪا تنهنجي لاءِ محبت آهي ان ۾ ڪو دوکو يا ڪوڙ نہ آهي، تون منهنجي پهرين ۽ آخري محبت آهين، پر مان پنهنجي فرض کي محبت تي قربان نٿو ڪري سگهان.“

”جيڪڏهن مان تنهنجي سامهون ٻئي شخص سان گڏ هلي وڃان تہ....“ زرين پڇيس. ”تہ مان پنهنجون نظرون ڦيرائي ڇڏيندس.“ يحيٰ چيس، ”پر پنهنجي فرض تان نظرون ڪونہ هٽائيندس. سلجوقين هزارين جانيون قربان ڪري هيءَ سلطنت قائم ڪئي آهي، هن سلطنت کي هو سلجوقي نہ پر اسلامي سلطنت چون ٿا. اسلام ۾ ڪوبہ فرقو نہ آهي. جيڪو مسلمان حضور صلعم جي اُمت مان آهي ۽ وري سنت کان منهن موڙي ٿو اهو رسول جو امتي نہ پر ٻيو ڪجهہ آهي. سلجوقي سلطان اهل سنت آهن ان لاءِ هو خدا جي

دين جا اصل پاسبان آهن. مان رسول صلي الله عليہ وسلم جو غلام آهيان ۽ سلجوقي سلطان جو نمڪ حلال ملازم آهيان. اهو منهنجو ايمان آهي. جيڪڏهن تون پنهنجي ان دعويٰ ۾ سچي آهين تہ منهنجي محبت تنهنجي روح ۾ سمائجي وئي آهي تہ پوءِ منهنجي فرض جي ادا ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪر! مون کي هنن ماڻهن جي اصليت ٻڌائي."

"سياڻي،" زرين اٿي ڪڙي ٿي ۽ اهو چئي ڪمري مان هلي وئي. "سياڻي توکي راز جي خبر پئجي ويندي ۽ تون پنهنجي فرض کان فارغ ٿي ويندين."

يحيٰ تي فتح ۽ خوشي جي ڪيفيت طاري هئي، هو ڏاڍو خوش هو تہ سياڻي هن جو ڪم ختم ٿي ويندو ۽ هو هتان هڪ قيمتي راز ۽ هڪ حسين ڇوڪري ساڻ ڪري موٽندو. زرين پنهنجي ڪمري ۾ وڃي، بستري تي ليٽي ايترو تہ رني جو سندس هڏڪي بند ئي نہ پئي ٿي. هيءَ ڇوڪريٰ هڪ حسين دوکو هئي، پر يحيٰ سان سندس محبت دوکو نہ هئي. هوءَ روحاني محبت جي نشي ۾ سرشار هئي، پر سندس محبت اهڙي ڪُنَ ۾ اچي ويئي هئي جنهن مان نڪرڻ محال لڳو پئي.

ڇوڪرين، حسن بن صباح ۽ احمد ابن عطاش کي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ زرين يحيٰ جي عشق ۾ بري طرح ڦاسي چڪي آهي. احمد ۽ حسن ٻنهي جو خيال هو تہ زرين جي اندر اجا حساس انساني جذبا زندهہ آهن. هن جي ذات ۾ اها عورت اڃان زندهہ آهي جيڪا مرد جي محبت جي اُڃايل هوندي آهي.

ٻي ڳالهہ تہ زرين اهڙي شخص جي محبت ۾ گرفتار ٿي چڪي هئي جيڪو اڃا شڪي هو. حسن بن صباح عالم جي روپ ۾ ڪيس روز دين جي تعليم ڏيندو هو ۽ گڏوگڏ اهو بہ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ هي شخص آخر آهي ڪير؟ سلجوقين جو جاسوس تہ نہ آهي؟ حسن بن صباح ڪجهہ ڄاڻي تہ نہ سگهيو پر هن يقين سان اهو چئي ڇڏيو هو تہ هي شخص مشڪوڪ آهي.

هاڻي جڏهن حسن بن صباح کي خبر پئي تہ زرين، يحيٰ جي محبت ۾ گرفتار ٿي چڪي آهي تہ هن زرين کي گهرايو. هن جي اکين ۾ اکيون وجهي سندس ذهن تي قابض ٿي ويو. سندس هيءَ سڪيا ستن سالن جي عمر کان شروع هئي ۽ جواني ۾ بہ جاري هئي. "تون هن کان معلوم ڪر تہ هو ڪير آهي؟ ڪٿان آيو آهي؟" حسن بن صباح چيو. "ها مان هن کان معلوم ڪندس،" زرين ائين چيو ڇڻ ننڊ ۾ هجي." "۽ اهو شربت تو سان ڳڏ هوندو."

"ها، شربت مونسان گڏ هوندو."

اهو شربت جيڪو زرين يحيٰ وٽ ڪٽي وئي هئي، ان ۾ ماکي تہ ضرور پيل هئي پر گلن جو رس ڪونہ هو. ان ۾ حشيش وڌل هئي ۽ ان ۾ هڪ خوشبو ملائي ويئي هئي. شربت پيئڻ کان پوءِ يحيٰ جيڪو وڏو ٽهڪ ڏنو هو، سو حشيش جو اثر هو، هن نشي ۾ اچي پنهنجي سيني جا راز زرين جي سامهون رکي ڇڏيا هئا.

يحيٰ جو ايمان ايترو تہ پختو هو، جو نشي ۾ بہ ڪيس اهو ياد هو تہ هو ڪنهن جي امانت آهي ۽ سندس فرض ڇا آهي، پر ڪيس اها خبر نہ پئي تہ هن زرين کي بہ پنهنجو فرض ياد ڏياري ڇڏيو هو. هوءَ اهو عزم ڪٽي يحيٰ جي ڪمري مان نڪتي هئي تہ جڏهن هي شخص پنهنجي فرض جو ايترو پڪو آهي تہ پوءِ مان پنهنجي فرض کي ڇو قربان ڪيان؟

زرين سڄي رات روئيندي رهي هئي. هن جي اندر ۾ هڪ خوفناڪ جنگ جاري هئي. اهي هن جي ذات جا بہ حصا هئا، "محبت ۽ فرض!"

صبح ٿيندي زرين پهريون ڪم اهو ڪيو تہ حسن بن صباح ۽ احمد بن عطاش کي ٻڌايو تہ يحيٰ ابن الهادي هتي جاسوسي لاءِ آيو آهي ۽ ستان سندس ساٿي آهي. زرين، يحيٰ جون سموريون ڳالهيون ٻڌايون، ڳالهيون ٻڌائيندي سندس زبان بار بار اٽڪي ٿي ويئي، هن جا ڳوڙا بہ نڪري آيا هئا، اها يحيٰ جي محبت هئي نہ تہ زرين تہ اها ڇوڪري هئي، جنهن پنهنجي هٿن سان ذاڪر (جيڪو واليءَ شاهہ در هو) کي زهر پياريو هو.

زرين کي سندس ڪمري ڏانهن موڪليو ويو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ هڪ نوڪر يحيٰ جي ڪمري ۾ ناشتو ڪٽي آيو، ناشتي ۾ ماکيءَ مليل ڪير بہ هو. ٻنهي ڪير پيتو ۽ ابدي ننڊ سمهي رهيا.

"هيڏانهن اچو، زرين کي ڏسو" هڪ نوڪرياڻي زرين جي ڪمري مان رڙيون ڪندي نڪتي، "جلدي اچو، زرين کي ڏسو."

احمد بن عطاش ۽ حسن بن صباح، زرين جي ڪمري ڏانهن ويا، زرين جي پيٽ ۾ تلوار ڳڀيل هئي جيڪا پٺي کان ٻاهر نڪتل هئي. هوءَ اڃان زندهہ هئي.

"توکي ڪنهن ماريو آهي زرين" احمد بن عطاش پڇيو.

"مون پاڻ،" زرين چيو، "مون ٻہ ماڻهو قتل ڪرايا آهن يحيٰ ۽ ستان، ۽ مون پنهنجي محبت کي بہ قتل ڪيو آهي. مون پاڻ کي موت جي سزا ڏني آهي. مان پاڻ ئي جلاد بنجي وئي هئس."

زرين بہ مري وئي.

يحيٰ ۽ ستان جا لاش ٻورين ۾ بند ڪري درياهہ ۾ لوڙهيا ويا.

"اسان کي هاڻي ٻيو ڪو ڍونگ رچائڻو پوندو." حسن بن صباح چيو، "سلطان کي شڪ ٿي ويو آهي، مونکي عبيدين جي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ مصر وڃڻو پوندو."

"نہ حسن" احمد بن عطاش چيو، "پهريائين اسان کي ٻن يا ٽن قلعن تي قبصو ڪرڻو پوندو، پوءِ اسان جي ڪوشش هوندي تہ توکي سلطان جي دربار ۾ ڪو وڏو عهدو ۽ رتبو ملي وڃي تہ جيئن اسان هن سلطنت جا بنياد ڪمزور ڪري سگهون.

(هلندڙ)

الطاف شيخ

دهلي جو درشن

ساڏو واسواڻي هميشه چوندو هو ته نياڻين کي پڙهايو، ڪابه قوم تيتائين سرخرو ۽ طاقتور ٿي نٿي سگهي جيتائين ان جي نياڻين کي علم جهڙو زيور نٿو ڏنو وڃي. تعليم يافته چوڪري هڪ سٺي ماءُ بڻجي سڄي ڪٽنب کي سکي بڻائي سگهي ٿي. هن قسط ۾ سنڌ جو ساموندري انجنيئر ۽ سفر نامن جو ناميارو ليکڪ الطاف شيخ هند ۾ سنڌ جي سفير ۽ انسان ذات جي هڏ ڏوکي مسيح ساڏو واسواڻي جي مڻن جو تفصيلي احوال بيان ڪري ٿو.

تاريخي معلومات سان جڙيل هندستان جو دلچسپ سفرنامو

اسان ڄاڻين جي بس هردوار کان ستر، اسي ڪلو ميٽر ڪن هلي رورڪي نالي هڪ شهر وٽ پهتي. روڊ جي ٻنهي پاسي پارت آئل ۽ انديا آئل نالي پيٽرول پمپ ۽ انهن جي پر ۾ وڏيون هوٽلون هيون. ڪنڊياري جي دودي ۽ گهوٽڪي جي مهرچند جو اهو ارادو هو ته مٽن يا چڪن ڪاڏي وڃي جو هفتي کان رڳو ڀاڄيون ۽ دال کائي رهيا هئاسين. گذريل هفتي کان دهليءَ ۾ رهائش اگروال ڌرمشالا ۾ هئي، جتي جيتوڻيڪ گهوٽ جي پيءُ ۽ اسان جي دوست نول راءِ اوڏ اسان جي ڪاڏي لاءِ دهليءَ جا ٻه ٽي سٺا مسلمان بورچي هٿ ڪري رکيا هئا پر ڌرم شالا وارن سختيءَ سان منع ڪيو ته انتظاميه جي پاليسي مطابق هتي ڪوبه پڪي يا جانور ته ڇا پر بيضو به نه ٿو تري سگهجي. سو هاڻ رورڪي شهر جي بس اسٽاپ تي ٻنهي پاسي وڏيون هوٽلون ڏسي پڪ ٿي ته مٽن يا چڪن جو ٻوڙ ملي ويندو پر مهرچند وارن کي اهو ٻڌي افسوس ٿيو ته سڀ هوٽلون Vegeteranian ڪاڏي جون هيون جتي قطار ۾ رکيل ديڳڙن ۾ فقط مختلف قسمن جون ڀاڄيون ۽ داليون رڌل هيون. پيٽارو جي پڙهيل ۽ هاڻ ڪنڊيارو جي بئنڪ جي مئنيجر دودو اوڏ کي چيم ته توهان چڱا گوشت جا شوقين آهيو. آئون مسلمان ٿي ايڏو ڪونه ٿو چوان جيترو توهان.

"ڀائيڪان! روز روز داليون کائي کائي بيزار ٿي پيا آهيون. سچ ته اسان کي توهان جو به خيال ٿئي ٿو ته اسان پاڻ ته نهيو پر توهان کي به رڳو ڀاڄيون ۽ داليون پيا کارايون."

"منهنجي خيال ۾ توهان منهنجو



فڪر نہ ڪريو. آئون جهازن ۽ جپان ۽ سئيڊن جهڙن ملڪن ۾ رهيو آهيان جتي پاڄين ۽ دالين جي قيمت گوشت ۽ مڇيءَ کان وڌيڪ آهي. اهو هڪ اسان وٽ Complexآهي نہ تہ حقيقت اها آهي تہ تازين پاڄين ۽ دالين ۾ Proteins۽ Vitaminsگهڻيون آهن. خاص ڪري ان گوشت کان جيڪو پوڙهي ۽ بيمار جانور جو آهي يا جيڪو گهڻي وقت کان فروزن آهي.“

۽ پوءِ مهرچند ٽهڪ ڏئي چيو: ”توهان مڙيئي پنهنجي دوست ۽ اسان جي سالي صاحب نولراءِ جو خرچ بچائيندو.“

منهنجي پر ۾ بيٺل ڪنڊياري جي ڪاليج جي پروفيسر بسنت مونکي آهستي چيو: ”هي سڌرندا ئي ڪونہ. سفر ۾ اسان کي تہ جيڪي ملي تو ڪايو وجون. گهر واري سک جي اميد رکڻ اجائي آهي.“

دودو، مهرچند ۽ پرفيسر بسنت اسان واري پيٽاري جي دوست نولراءِ اوڏ جا پيٽويا ٿين.

مهر چند، جنهن جو گهوٽڪي ۾ بزنس آهي، نولراءِ جي سڳي ۽ سپ ۾ وڏي پيٽ پٽليءَ جو مڙس آهي ۽ پروفيسر بسنت ۽ دودو، جيڪي ٻئي ڪنڊيارو ۾ رهن ٿا اهي نول جي ٻي ماءُ سوناري جي ڌيئن، ميران ۽ شانتا جا مڙس آهن جيڪي ارجن داس ۽ رامچند جون سڳيون پيٽون ٿين. دودي جي وڏي ڀاءُ مور جي زال ڪانتا پڻ نارائڻ داس اوڏ جي ٻي زال سوناريءَ جي ڌيءَ آهي.

ٻين هندن ۾ بدي جي شادي جو رواج آهي يا نہ پر اوڏن ۾ آهي. جيئن نول جي پيٽ مهرچند جي زال آهي تہ مهرچند جي پيٽ گيتا نول جي زال آهي. مهرچند کي پنج ڌيئون ۽ چار پٽ آهن. پاڻ پنهنجي ننڍي ڌيءَ مونيڪا ۽ زال پٽليءَ سان هتي آيو آهي. مونيڪا (MBA) ڪئي آهي ۽ ڪراچي جي ڪنهن پرائيويٽ فرم ۾ مارڪيٽنگ آفيسر آهي. اهڙي طرح هن جا ٻيا وڏا ٻار درشن، چندرا، انيلا ۽ رچنا پڻ مختلف سبجيڪٽن ۾ گريجوئيشن ڪرڻ بعد پرائيويٽ ڪمپنين ۾ نوڪري ڪن ٿا.

هندستان جي نئين ٺاهيل صوبي اتر آنچل جي شهر رورڪي جي بس اسٽاپ تي مڪسڊ پاڄي ۽ پنير دال سان ماني کائي، چانهہ اچي بس ۾ پيتيسين. رات جا نو ٿي چڪا هئا. بس اسٽاپ جي ٽڪري کي چڙي باقي پري پري تائين اونداهہ هئي. رکي رکي ايندڙ ويندڙ ٽرڪ يا ڪمند سان پريل ٽرالر جي اچڻ وڃڻ جي روشني ٿي ٿي يا رکي رکي آسمان ڪنوڻ جو چمڪاٽ ٿيڻ سان گڏ گوڙ جو ڏڏڪو ٿيو ٿي. آسمان اڃا ڪڪرن سان ڇانيل هو ۽ رکي رکي بارش جو وسڪارو بہ ٿيو ٿي. اهوئي سبب آهي جو اڄ جي هن سفر ۾ گرمي ۽ ڏوڙ تنگ نہ ڪيو باقي رستن جو هتي بہ اسان وانگر اهڙو ئي ڪارو منهن ٿيو پيو آهي. هيٺ مٿي ويٺل، پڳل ۽ گپ سان پريل رستن تان

ڊرائيور کي گاڏي هلائڻ ۾ ڪافي دقت درپيش آئي ٿي. اسان وارن همراهن ويندي انهن جي زالن ڊرائيور کي رکي رکي چڙهون ۽ دڙڪا ڏنا ٿي ته. "پائي ذرا تيز چلائو." يا پنهنجو پاڻ ۾ ٿي چيائون ته "ڊرائيور کي گاڏي هلائڻ نٿي اچي"، وغيره پر نياڳو ڊرائيور ڇا ڪري، رستو سوڙهو ۽ بيڪار قسم جو هو جنهن تان فقط هڪ ڪار اچي ۽ هڪ ڪار وڃي ٿي سگهي. ڪمند يا گاهه سان پريل ٽرالر ٿي آيو ته يا ان کي يا اسان جي بس کي روڊ تان اڌ ڪن هيٺ لهڻو ٿي پيو. رکي رکي بس آهستي هلندڙ ڊڳي يا سان ۽ ان جي هڪلڻ واري کي ڊيڄاريو ٿي پر جيسين هن کي به ڪو سنوت وارو ڪچو رستو ملي جنهن تي لهي، اسان کي وڏڻ جي جاءِ ڏئي يا جيسين سامهون کان ايندڙ ٽرئفڪ گهٽجي جيئن سان گاڏيءَ کي بس اوور ٽيڪ ڪري اڳيان وڌي وڃي. يا ڪڏهن ڪڏهن وري اسان جي پٺيان ايندڙ تيز رفتار گاڏين زور سان هارن ٿي ڏنا ته هيٺ ڪچي تي لهي ڪين رستو ڏيون. پر اسان جي ڊرائيور کي به ايترو عقل هو ته پنجاهه ڇڻن سان پريل بس کي گپ هاڻي ڪچي ۾ لاهڻ سان ڪٿي هڪڙو پاسو هيٺ ڊهجي نه وڃي ۽ پوءِ هيڏي ساري بس کي اوندهه ۾ ڪير ڏڪا ڏئي ڏهڻ مان ڪڍي سگهندو.

بهرحال اها اسان سيني لاءِ تعجب جي ڳالهه هئي ته هڻڙا اهم رستا جيڪي هردوار جهڙي اهم شهر ڏي وڃن ٿا جتي ڇڻ ته هندن جو حج ٿو ٿئي ۽ اهو ئي رستو جيڪو اڳتي هندستان جي هڪ ٻئي اهم شهر ديرادون ڏي ٿو وڃي، اهڙو آهي جهڙو اڄ کان پنجويهه سال اڳ ڪنڊڪوٽ جو رستو. جڏهن قمر شهباز اتي ماستري ڪندو هو.

"پائو نول هي ڪهڙي مرضيل ڊرائيور جي بس Hire (پاڙي تي) ڪئي اٿئي؟" مهرچند. نول کي چيو.

"توهان کي ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي. هي ڊرائيور صحيح آهي." نول وراڻيو. "هتي ڊرائيور وڏي سوچ ويچار کان پوءِ ڪرڻو ٿو پوي ڇو جو گهڻي ڀاڱي ڊرائيورن کي شراب پيئڻ جي پٽ آهي. سگريٽ ڇڪڻ ٻي ڳالهه آهي. شراب جي نشي ۾ گاڏي هلائڻ خطرناڪ آهي. اسان وٽ ان ڪري پاڪستان ۾ سنا ڊرائيور آهن جو نشو نٿا ڪن. وڏ ۾ وڏ ڊگهي سفر وارا ٽرڪ ڊرائيور رستي جي هڪ اڏ هوٽل تي سوٽو هڻن ٿا پر هتي جو پورهيت ان ڪري بدبخت آهي جو جيڪي ڪجهه هو ڪمائي ٿو ان مان پنهنجو ۽ ٻارن جو پيٽ ڀرڻ بدران پهرين نرو پيئي ٿو. خبر اٿئي، آئون جنهن وقت به بس ڪريان ٿو ته ان جي ڊرائيور جي پير ۾ بيهي منهن سونگهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ته ڪٿي شراب جي ڏپ ته نه اچي رهي آهيس. شراب پيئڻ وارو ڊرائيور توهان ڏي منهن ڪري ڳالهائڻ کان پيو ڪيبائيندو."

ڊرائيور انجڻ اسٽارٽ ڪري هڪ ٻه هارن ڏنا. هوٽل ۾ باقي ويٺل ڇاجي

هڪ هڪ ٿي بس ڏي وڏڻ لڳا. نول اعلان ڪيو ته "هاڻ بس کي هلڻ ڏجي ذري ذري چانهه پيئڻ لاءِ بس اسٽاپ تي لهڻ ۾ وقت ڦو ضايع ٿئي. هاڻ گهٽ ۾ گهٽ اتر آنچل صوبو لتاڙي اتر پرديش جي شهر ڪتائلي ۾ هلي چانهه پيئنداسين جتي ايندي وقت پڪوڙا ۽ سنبوسا کائون. ان بعد دهلي پهچڻ کان اڳ هڪ ٻئي شهر ميروت (Meerut) ۾ ترسنداسين."

اتر پرديش جو هي شهر ميروت جتي اچڻ وقت به ترسيا هئاسين. دهليءَ کي ايترو ويجهو آهي جيترو حيدرآباد کي سڪرنڊ. واٽ تي سعيد آباد وٽ سمجهو ته غازي آباد جو تواريخي شهر آهي جتي دهليءَ کان بسون. ٽئڪسيون ۽ آٽو رڪشائون ايندیون رهن ٿيون. ميروت جي ساڄي پاسي هڪ ٻئي پرسان قطار ۾ پر ٻين رستن تي، امروها ۽ مراد آباد شهر آهن. جيئن ٽنڊو چام، ٽنڊو محمد خان ۽ ڪوٽڙي. دراصل هندستان جي هن صوبي اتر پرديش ۾ ڪيترائي تواريخي شهر آهن جيڪي مسلمانن توڙي هندن لاءِ اهميت رکن ٿا ۽ سندن ذڪر نندي هوندي تاريخ ۾ يا هندستان کان لڏي آيل مهاجرن کان ٻڌو ويو آهي. ڪجهه شهر جن ڏي هتان دهليءَ کان بسون ائين ويندیون رهن ٿيون جيئن حيدرآباد کان هالا، ميرپورخاص، سيوهڻ نٿو وغيره هن ريت آهن: لکنؤ، ڪانپور، جهانسي، گورکپور، بدايون، بلند شهر، بريلي، الهه آباد، علي گڙهه ۽ آگرو وغيره. انهن مان ڪجهه شهرن ۾ وڃي چڪا آهيون يا ٻئي صوبي ۾ وڃڻ وقت انهن شهرن ۾ ترسيا آهيون جيئن هينئر دهليءَ کان هردوار ويندي ايندي به صوبا لتاڙڻا پيا.

ڄاڻي سڀ بس ۾ وينا ته بس چرڻ لڳي. نولراءِ جي وڏي ڀاءُ حشمتراءِ جي پٽ انجنيئر راڻي رڙ ڪري ڊرائيور کي ڪا سٺي ڪئسٽ هلائڻ لاءِ چيو. بلڪل اڳيان ٻي قطار ۾ آئون وينل هوس. ڀائي ذرا "رقص کي کيفيت" وارا گانا هلائجانءِ. مون لقمو ڏنو مانس. ڇو جو ويندي وقت به هن جيڪي گانن جا ڪئسٽ ٻئي هلايا سي "روح جي وندر" يا "تازگي بخشڻ" بدران مٿي جو سور هئا.

ڊرائيور، ڪئسٽن جي ٿڦيءَ مان مٿئين ڪئسٽ ڪڍي ٽيپ رڪارڊر ۾ وڌي.

آجا پيا تو هي پيار دون، گوري بنيان تم پہ وار دون....

"واهه واهه! زبردست" گاني جا ٻول شروع ٿيڻ سان ئي مون داد ڏنو.

"ڀائيجان خير؟"

منهنجي پويان وينل دودي منهنجي "واهه واهه" واري ادا تي ڪلندي چيو.

"بابا هي اسان جي جوانيءَ جي ڏينهن جو گانو آهي جڏهن اسان ڪئڊٽ ڪاليج ڇڏي مئرين انجنيئرنگ لاءِ چٽگنگ (هاڻ بنگلاديش) ۾ داخلا ورتي هئسين."

"واقعي؟" مهر چند تعجب کائيندي پڇيو.

"لتا جا هڻا سريلا گانا. ان وقت جون اسان جون دلپسند هيروئنون وحيده رحمان ۽ بيون ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد ڪان انديا ويل سنڌي فلمي هيروئنون ساڌنا ۽ ڪمود ڇڳاڻي جهڙيون. فلمن ۾ ڳائيندڙيون هيون."

ساموندي جهاز تي سفر ڪرڻ وقت به منهنجي دلپسند هئي يا نه پر منهنجي بنگالي ڪلاس ميٽ جي وحيده رحمان فيوريٽ فلم ائڪٽريس ضرور هئي جو ان جو فوٽو فريم ڪرائي هن پنهنجي ٽيبل تي رکيو هو. ۽ جهاز جو اسٽيورڊ روزانو صبح جو ڪئبن ٽاهڻ وقت ٻين شين سان گڏ ان جي به چنڊ ڦوڪ ڪندو هو. پر پوءِ جيئن ئي ڪجهه بندرگاهن بعد جهاز بنگال جي بندرگاهه چٽگانگ ۾ آيو ۽ فخروءَ جي ٽيبل تي فلم ائڪٽريس جو فوٽو سندس اوجتو آيل پيءُ ڏسي، فخروءَ کي دب پٽي ته ان کي ان ئي وقت جهاز جي Port- hole(دريءَ) مان هيٺ خليج بنگال ۾ ڌڏو ڪيو ويو.

"ان وقت توهان جو دلپسند هيرو ڪير هو؟" دودي پڇيو.

"توهان کي تعجب لڳندو ته اسان جو فيوريٽ هيرو شمي ڪپور هو. تن ڏينهن ۾ اميتاب وغيره جهڙا اڃا ميدان ۾ نه لتا هئا. راجڪپور وڏا خرچ ڪري پنهنجن پٽن کي متانهون ڪرڻ لاءِ "ايوننگ ان پئرس" جهڙيون فلمون نه فقط نٿرايون هيون پر دنيا جي مختلف ملڪن ۾ انهن جي نمائش پڻ ڪرائي هئي ۽ اسان اهي فلمون بيروت، ممباسا ۽ ڪولمبو جهڙن بندرگاهن ۾ ڏٺيون. پوءِ سگهوئي سن 1970ع ڌاري سنگاپور ۽ دبئي ۾ راجيش ڪنا ۽ اميتاب جون فلمون ڏسي دبي مهاندي شمي ڪپور کي وساري، نون جي تعريف ڪرڻ لڳاسون. 1970ع تائين ته ٽي وي يا ڪئسٽ رڪارڊر به اهڙو عام نه ٿيو هو. وڊيو ۽ ڪمپيوٽر جو ته ڪنهن سوچيو به ڪونه هو. هر بندرگاهه ۾ وڏي وندر انڊين فلمون ڏسڻ هو. سئنيما هال بندرگاهه ڪان ڪيترو به پري هجي، بس نه ويندي هئي ته ٽئڪسي ۾ اتي پهچي ويندا هئاسين. اڄ ٿو سوچيان ته اهي فلمون وڊيو تي اڄ هرڪو گهر ۾ به ڏسي سگهي ٿو. اسان بيروت، ڪولمبو، سنگاپور، پينانگ ۽ بئنڪاڪ جهڙن ڪئين بندرگاهن جون تواريخي ۽ ثقافتي جايون گهمڻ ۽ ڏسڻ دوران فلمن پٺيان پئسي ۽ وقت جو زيان ڪندا رهياسين. ڇا ڪجي انهن ڏينهن ۾ پنهنجي وطن وربو هو ته هرڪو دوست يار پڇندو به انهن فلمن بابت هو. تن ڏينهن ۾ انڊين فلمون ڏسڻ وڏ ماڻهپي جو معيار (Status symbol) سمجهيو ويندوهو.

دهليءَ ۾ سنڌي چوڪرين جو اسڪول:

منهنجي انديا اچڻ کان ٻه هفتا ڪن اڳ منهنجو پيٽارو جو هم ڪلاسي ۽ دوست نوراحمد نظاماڻي پاڪستان حڪومت طرفان انديا ۾ ڏيڍ هفتي ڪن

جو سيمينار اٿينڊ ڪري آيو هو. منهنجي انديا اچڻ جو ٻڌي هن مونکي دهليءَ ۾ هڪ سنڌي ڇوڪرين جو اسڪول ڏسڻ لاءِ تاڪيد ڪئي. هو ان اسڪول ۽ ان جي انتظاميہ مان بيحد متاثر ٿي لڳو.

"دهلي اچين ته اهو اسڪول ضرور ڏسجانءِ،" هن مونکي پنهنجي ڳوٺ ٽنڊو قيصر مان فون تي ٻڌايو. "تون ليکڪ ماڻهو آهين اهو ڏسي ان تي ڪجهہ ضرور لکجانءِ. منجهس 1200 کان مٿي سنڌي ڇوڪريون پڙهن ٿيون. اهو اسڪول اتي جي هڪ ڊائريڪٽر جنرل پروفيسر ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻيءَ اسان کي گهمايو هو. هو ان اسڪول جو Adviserپڻ آهي. سندس موبائيل فون نمبر: 9810532923 آهي ۽ اي ميل ائڊريس daswani.csnl.com. آهي. پروفيسر ڏسواڻي پاڻ بہ هڪ دفعو ضياءُ الحق جي ڏينهن ۾، ۽ ٻيو دفعو هاڻ ويجهڙائي ۾ انديا جي حڪومت طرفان اسلام آباد ۾ سرڪاري ڪانفرنسون اٿينڊ ڪري ويو آهي. هن پيري ته هو پنهنجو اصلوڪو گهر ڏسڻ لاءِ حيدرآباد ۾ آيو جتي نظاماڻي صاحب جي هن سان ملاقات ٿي. نور احمد نظاماڻي پاڻ بہ ڪنهن NGO جو ڊائريڪٽر آهي ۽ "مادرن ائگريڪلچر" نالي هڪ انگريزي رسالي جو ايڊيٽر ۽ ڊان ۽ دي نيوز انگريزي اخبارن جو Freelanceليکڪ پڻ آهي.

دهلي پهچي ٻن ٽن ڏينهن بعد مون پروفيسر ڏاسواڻيءَ کي فون ڪيو ۽ هن مون کي سندن اسڪول ڏسڻ، ٽيچنگ اسٽاف سان ملڻ ۽ ماڻيءَ جي دعوت ڪئي ۽ ٻڌايو ته هي اسڪول دهليءَ جي ڏکڻ ۾ موتي باغ واري علاقي ۾ آهي جيڪو ساڌو واسواڻي جي نالي سان:

"Sadhu Vaswani International School for Girls Shanti Niketan, New Delhi-110021"

شانتي نڪتين ۾ آهي.

"پل جي هيٺيان پهچي پوءِ ڪاپي وڃڻ بدران ساڄي مڙندين ته سيڪنڊ اسٽريٽ وٽ توکي نظر ايندو." پروفيسر ڏاسواڻيءَ مونکي اسڪول جي ائڊريس چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرائي.

ڪجهہ ڏينهن دهليءَ جي اوس پاس وارا شهر نولراءِ اوڏ جي پٽ مڪيش جي شاديءَ لاءِ سنڌ کان آيل ڄڃ سان گڏ گروپ جي صورت ۾ گهمڻ بعد هاڻ جيئن ئي واندڪائي ٿي ته اسڪول ڏسڻ لاءِ پروفيسر ڏاسواڻيءَ کي فون ڪيم ته هاڻ اچڻ چاهيان ٿو.

"توهان 24 مارچ تائين ڪڏهن بہ اچي سگهو ٿا جو ان کان پوءِ 25 ۽ 26 هوليءَ جي ۽ 27 تاريخ آچر تي موڪل آهي ۽ اسڪول بند رهندا" هن ٻڌايو.

مون ساڻس 23 تاريخ مقرر ڪئي.

"منجهند ڌاري اچجو جيئن ماني بہ کائي سگهون." پروفيسر صاحب چيو.

"ماني جي تڪليف ۾ نٿا پئون جيئن وقت بچي پوي. آئون رڳو توهان سان ملڻ ۽ اسڪول ڏسڻ چاهيان ٿو

خبرن دوران چانهه ڪٿي پيئنداسين.“

”چڱو جيئن توهان کي سهولت ۾ اچي.“

ڪالهه 23 تاريخ هئي آئون دهليءَ جو وڏو گرلس اسڪول ڏسي آيس. پروفيسر صاحب وٽ ڏهين بجي ملڻ جو پروگرام رٿيو هوم سو ڪلاڪ کن اڳ نائين بجي ڌاري تيار ٿي. ڪئميرا کٽي هتي جي ماڻهن جي عام ۽ فئوريٽ سواري ”آٽو رڪشا“ لاءِ اچي بيٺس. هتي جي آٽو رڪشا اسان جي رڪشا جهڙي ئي آهي جنهن کي اڳيان موٽر سائيڪل ئي ڇڪي ٿي پر هتي هن کي فقط رڪشا چوڻ بدران آٽو چيو وڃي ٿو جو هتي انديا ۾ ان رڪشا کان علاوه هڪ ٻي به رڪشا آهي جيڪا مشيني پاور تي هلڻ بدران انساني طاقت تي هلي ٿي ۽ اها سائيڪل رڪشا سڏجي ٿي. هتي جي آٽو رڪشا اسان جي رڪشا کان ڪافي وڏي آهي ۽ ٽي ماڻهو ته آرام سان ويهي سگهن ٿا بلڪ چوٿون به ڏکيو سکيو ويهي سگهي ٿو ۽ ايترو ئي آرامده آهي جيتري ننڍي ڪار. اسان جي رڪشائن وانگر هنن جو دونهون نه وينل مسافر کي تنگ ڪري ٿو نه پويان ايندڙ کي. دونهين تي ڪنٽرول رکڻ لاءِ هڪ ته هي سڀ آٽو رڪشائون CNG گئس تي هلن ٿيون ۽ ٻيو ته انهن جو Exhaust پائيپ هيٺ اهڙي هنڌ تي آهي جو ان جو دونهون مٿي اچڻ تائين هوا سان ملي ڪافي ڇڏو ٿيو وڃي. هتي جون سائيڪل رڪشائون ٿوري مسافريءَ لاءِ ۽ ٿورن پئسن تي هلن ٿيون. غريب ۽ ڏهرا رڪشائن وارا ٻن ٻن ٽلهن متارن مردن يا عورتن کي پٺيان سيٽ تي ويهاري ڪڙ ڪپڙ ۽ چاڙهين وارن رستن تان جنهن محنت سان هلن ٿا اهو ڏسي پهريان ڏينهن ته افسوس ٿيندو هو ته ايترو بار ته جانور به ڊوئيندي ڪيپائي پر ايشيا جي ٻين شهرن وانگر انديا جي شهر ۾ به جتي امير ماڻهن جا يورپ جي ماڻهن کان به وڏا ناڪ ۽ عيش آهن اتي انهن شهرن جي عوام جو وڏو حصو اهڙي غربت ۽ ڪسمپرسيءَ جي زندگي گذاري ٿو جيڪا هڪ جانور لاءِ به انسان جي دل ۾ ڪهل پيدا ڪري.

هونءَ ته رستي تي هر وقت خالي رڪشائن جي قطار نظر ايندي هئي پر ڪالهه پروفيسر ڏاسواڻيءَ وٽ وڃڻ لاءِ نڪتس ته خالي رڪشا نه ملي، سڀ پريل لنگهي رهيون هيون. جيڪا خالي ملي ان جو ڊرائيور اهو پڇي ته موتي باغ مارڪيٽ ڪٿي آهي؟ ۽ آئون ڇا ٻڌايانس ته ڪٿي آهي، بهرحال اهو اندازو لڳايم ته ڪافي پري آهي. يعني آئون ڪٿي ڪلفٽن وٽ ٻيٺو آهيان ته پروفيسر ڏاسواڻيءَ جي آفيس ڇڻ ته تاج بلوچ جي گلستان جوهر واري پراڻي سوجهرو آفيس ٿي يا ٿي سگهي ٿو ته اجا به پري هجي جو دهلي ته ڪراچيءَ جي آدمشماري توڙي پکيڙ ۾ ٻيٽي ٽيٽي ٿيندي ۽ جنهن علائقي ۾ آئون رهيو پيو آهيان ان جو هر رڪشا ڊرائيور هر ڏورانهين علائقي کان واقف نه آهي ۽ هوڏانهن دير ٿيڻ تي پروفيسر

ڏاسواٽي ڇا سوچيندو تہ سنڌي مسلمان کي نہ پئسي جو قدر آهي نہ وقت جو. آخر هڪ خالي رڪشا ۾ ٽپ ڏيئي چڙهي پيس.

"ڪهان چلنا هي؟" رڪشا واري سوال ڪيو.

"هتان گهٽين مان نڪري پارس سئنيما واري مين روڊ تي هل تہ ٻڌايائين ٿو." هو ٻہ چار گهٽيون لتاڙي پارت آئل واري پيٽرول پمپ وٽ مين روڊ تي اچي بيٺو. روڊ جي مٿان وڏن بلو رنگ جي بورڊن تي هڪ پاسي همدرد يونيورسٽي، ٻهائي ايرانين جو لوٽس مندر ۽ هندن جو ڪالڪا مندر هو تہ ٻئي پاسي نهرو پارڪ، امير خسرو پارڪ وغيره لکيل هئا. آئون منجهي پيس تہ ڪهڙي طرف هن کي رڪشا\هڪلڻ لاءِ چوان. پيٽرول پمپ وٽ بينل ٽن چئن رڪشا وارن کان موتي باغ مارڪيٽ جو پڇيم جنهن تي هنن مون واري ڊرائيور کي ٻڌايو. جاءِ واقعي پري هئي، ڊرائيور اوستائين سمجهي ويو تہ آئون ڪنهن ٻئي شهر يا ملڪ جو آهيان، دهليءَ جو هرگز نہ. هاڻ رستو معلوم ٿيڻ تي هن مون لاءِ ٻيو مسئلو ڪڙو ڪيو.

"ميٽر تي نہ هلندس. ميٽر خراب اٿم."

"مڙيئي خير آهي ڪيترو وٺندين؟"

"پنجاهہ روپيا."

"چڱو پنجاهہ ۾ ٻہ هل،" مون چيومانس. گذريل هفتي ڏيڍ کان اسين هر رڪشا ۾ ميٽر بنا پيا هلون ۽ هن

غريبن لاءِ تحفو

اڄڪلهہ آمريڪا جي هڪ ارب پتي سرمائيدار "وارن بفيٽ" جي وڏي واهہ واهہ ٿي رهي آهي، جنهن غريبن لاءِ تحفي طور 37 ارب ڊالرن جي امداد ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي. سندس اعلانيل امداد جو وڏو حصو دنيا جي امير ترين شخص، آمريڪي ارب پتي بل گيٽس طرفان قائم ڪيل خيراتي تنظيم "بل ۽ بلنڊا گيٽس فائونڊيشن" جي فنڊ ۾ جمع ٿيندو.

آمريڪي ارب پتين جي اهڙين سخاوتن ڏانهن ئي اشارو ڪندي هڪڙا حلقا اهو ٻہ چون ٿا تہ "ڏسو، سرمائيداري نظام ۾ امير ۽ غريب جو تفاوت ڪيڏو نہ وڏي ويو آهي جو هڪ امريڪي ارب پتي ڪنهن آفريڪي غريب ملڪ جي سالياني بجيٽ کان ٻہ وڏيڪ رقم فقط خيرات ۾ ڏئي سگهي ٿو!" سوال ڪيو پيو وڃي تہ آخر هي ڪهڙو منصفانہ نظام آهي، جتي دنيا جي 50 امير ترين ماڻهن جي ڪل دولت، دنيا جي 41 ڪروڙ 60 لک غريب ترين ماڻهن جي ڪل ملڪيت کان ٻہ وڏيڪ آهي.

جا پنجاهه روپيا بہ مفاصلي جي حساب سان اسان ڪراچي وارن لاءِ گهٽ آهن جو اتي صدر کان ايئرپورٽ تائين ٽئڪسي بہ سؤ روپيا ٿي وٺي ۽ هتي هيءَ جنتر منتر واري ٽئڪسي ٽيهه چاليهه روپيا ڪن ٿي وٺي.

اسان جو بحث هلي رهيو هو تہ اتي ڪو موٽر سائيڪل تي پوليس وارو اچي لنگهيو تنهن بيهارڻ جو سبب ميٽر خراب جو ٻڌي ڊرائيور کي دپ پٽي ۽ مونکي ٻي رڪشا ۾ ويهڻ لاءِ چيو جيڪو ميٽر کي هيٺ ڪري سڌو ٿي ائين هلڻ لڳو جڻ ڪو رڪوع ۾ بيٺو هجي. پوليس واري پهرين رڪشا واري کي ذري گهٽ چالان ٿي ڪيو تہ جڏهن ميٽر صحيح نہ هو تہ گهران نڪتين ڇو؟ پر پوءِ معافيون وٺڻ تي پوليس واري ڇڏي ڏنس. آئون بہ ٻنهي (يعني پوليس واري ۽ پهرين رڪشا واري) جي مختلف طرفن ڏي روانو ٿيڻ تائين پوئين آرسيءَ ۾ ڏسندو رهيس تہ پوليس وارو رشوت ۾ ڪو نوٽ تہ نٿو وٺيس. پر نہ. اهڙي ڪابہ سين نہ ٿي ان ڪري ان جو احوال لکڻ کان عاجز آهيان. آئون نٿو چوان تہ هتي جي پوليس ڪا پاڪ پوتر آهي ۽ نہ هتي جي پوليس جا ملائيشيا ۽ جپان جي پوليس جهڙا ڳرا پگهار آهن پر هتي اهي ذليل نظارا نٿا ڏسجن جن جي اسان وٽ باهہ ٻري پيئي آهي. اسان جي پوليس تہ ڏينهن ڏني جو ڏاڙيلن واري قر پيئي ڪري ۽ مٿان وري اهو راڳ بہ پيئي ڳائي تہ "قوم کي خدمت ڪرنا هي فرض همارا!" شايد اهوئي سبب آهي جو انديا جو عوام پوليس کان ڊڄي ٿو. هنن کي خبر آهي تہ انديا جو ڀڄڙيوال ۽ غريب پوليس وارو جيتوڻيڪ بک تي ڊيوٽي پيو ڏئي پر سولو وڪامڻ وارو ناهي. شهر ۾ ورلي ڪو ڪٽي ڪٽي پوليس وارو نظر ايندو ۽ ان سنهي لوڪڙ جهڙي ڇوڪراڻ جو اشارو بہ وڏن ٽرڪ ڊرائيورن ۽ لارين وارن کي ڏڪايو ڇڏي جو ڪين خبر آهي تہ ان پوليس واري جي پويان سڄو پوليس فورس ۽ حڪومت آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ هن کي خريد ڪرڻ سولو ناهي. هڪ بہ دفعا رستي تي چيڪنگ ڪري رهيو هو. هن جنهن کي ٿي ڏنبيءَ سان اشارو ڪيو ان يڪدم پنهنجي گاڏي پاسي تي بيهاري ٿي چڏي ۽ پنهنجا ڪاغذ ڪڍي ڏيکاريا ٿي. اسان وٽ ٻيو نہ تہ گل ٻائي ۽ ماڙيپور واري علائقي ۾ ئي هلي ڏسو. ٿي ٿي پوليس وارا بيٺا هوندا. پوليس وارو سيٽيون وڄائي هنن کي بيهارڻ جي ڪندو. ڪو گاڏيءَ وارو بيهندو ڪو (جنهن وٽ صحيح ڪاغذ يا لائسنس نہ هوندا) نہ بيهندو. ڪڏهن ڪڏهن تہ بدمعاش يا اثر رسوخ وارن مالڪن جا ڊرائيور بيهڻ جو اشارو ملڻ تي خار ۾ پوليس واري کي بجو ڏئي هليا ويندا. هڪ اهڙي بس ڊرائيور کان اڳتي سگنل وٽ پهچي ان بابت پڇيم تہ ائين ڪرڻ سان ڊپ نٿو ٿئي جڏهن تہ ٽئڪسي ۽ گاڏيءَ جا ڪاغذ بہ پورا نہ اٿيئي؟

"نہ، ان لاءِ تہ هنن... کي روزانو سؤ روپيا ڏيون ٿا. پوءِ وري هي سيٽيون وڄائي اسان جو وقت ڇو ٿا خراب ڪن." هن وراڻيو.

هڪ سنڌي ASI کان پڇيم تہ اهڙن بي قانوني ڊرائيورن تي سختي ڇو نٿا ڪريو.

"سائين اهي ئي تہ آهن جيڪي وڏن صاحبن جي خرچ پڪي لاءِ رشوت ٿا ڏين ۽ ٻيو تہ هر گاڏي ڪنهن وڏي آفيسر جي آهي. ڪنهن ۾ هٿ وجهي ڪنهن ۾ وجهون. هتي ڪين جهلينداسين تہ اڳيان ڪين ڇڏيو ويندو. ان ڪري پيا ٿا زماني کي منهن ڏيون ۽ نوڪريون ڪريون."

بهرحال دهليءَ جو هي رڪشا ڊرائيور مون کي اڳيان وٺندو هليو. رستي تي مولچند هاسپيٽل وٽ مون رڪشا کي بيهاري پروفيسر ڏاسواڻيءَ کي PCO تان فون تي ٻڌايو تہ اچان پيو. جيتوڻيڪ پهچندي ٿوري دير ٿي وڃي. هن رڪشا واري کي Exact Location ٻڌائي ۽ پوءِ باقي رستا پار ڪري ڊرائيور شانتي نڪيتن مان اچي ڪڍيو جتي جي هڪ وڏي عمارت جي مين گيٽ تي "ساڌو واسواڻي انٽرنيشنل گرلس اسڪول" لکيل هو.

اسڪول جي گيٽ تي لهي گارڊ روم ۾ لکيل رجسٽر تي پنهنجو نالو ائڊريس ۽ اسڪول ۾ اچڻ جو سبب لکيو ۽ پوءِ رسيپشن تي پهتس تہ اتي جي ڪلارڪ ڇوڪريءَ يڪدم نوڪر کي سڏ ڪري مونکي پروفيسر ڏاسواڻيءَ وٽ موڪليو.

پروفيسر صاحب هن وٽ وينل وائيس پرنسپال ۽ هڪ ٻن ليڊي ٽيچرن سان مونکي ملائيندي هنن کي ٻڌايو تہ الطاف جهازن جو انجنيئر ۽ پروفيسر هوندي ليکڪ پڻ آهي. جنهن جا سنڌي ۾ لکيل ڪتاب پنهنجي لئبريري ۾ پڻ آهن.

پروفيسر ڏاسواڻي ۽ مونکي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو ٻڌي هڪ غير سنڌي ٽيچر ڏاسواڻيءَ سان حيرت جو اظهار ڪيو تہ توهان انڊين سنڌي ۽ پاڪستاني سنڌي هڪ ٻئي جي زبان سمجهو ٿا.

"Why Not?" ڏاسواڻيءَ جواب ڏنس.

"انڊيا جي تامل نادوءَ جو هڪ هندو تامل، سريلنڪا جو عيسائي تامل ۽ ملائيشيا جو مسلمان تامل ٻہ تہ هڪ ئي زبان تامل ڳالهائين ۽ سمجهن ٿا."

"هن جو مطلب شايد اهو هجي تہ اڌ صديءَ جي Gap ۾ اسان جي سنڌيءَ ۾ عربي ۽ فارسي جا ۽ توهان جي سنڌيءَ ۾ هندي ۽ سنسڪرت جا ايترا لفظ اچي ويا هجن جو پاڻ کي هڪٻئي جي سنڌي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي" مون چيو.

"ڌارين زبانن جا لفظ آيا تہ آهن پر تمام گهٽ ۽ مزي جي ڳالهہ اها تہ عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ اسان جي سنڌيءَ ۾ ٻہ اچي ويا آهن بلڪ عرب ملڪن ۾ انڊيا جا ايترا تہ ماڻهو ڪم ڪن ٿا جو هنديءَ ۾ ئي ڪيترا لفظ

عربيءَ جا اچي ويا آهن.“

پروفيسر ڏاسواڻيءَ ٻڌايو.

چانهه تي ڏاسواڻي صاحب ٻڌايو تہ هو 1936ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. حيدرآباد جو اصل نالو خدا آباد بہ هو. ”اسان حيدرآباد جا پراڻا رهواسي هجڻ ڪري اڄ بہ هتي خدا آبادي سڏجون ٿا.“

ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻيءَ پرائمري تعليم حيدرآباد مان وٺڻ بعد ايم.اي انگريزيءَ ۾ 1959ع ۾ آگرہ يونيورسٽي مان ڪئي ان بعد لسانيات ۾ ايم اي ۽ پي ايچ ڊي 1969ع ۾ آمريڪا جي ڪارنيل يونيورسٽي مان ڪئي. هن پڙهائڻ جو ڪم. 1952ع ۾ ديرادون جي پاوناڻي پرائمري اسڪول کان شروع ڪيو ۽ دهلي يونيورسٽي جي ديال سنگهہ ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو ليڪچرر ٿي رهيو. پوءِ نهرو يونيورسٽي ۽ پونا يونيورسٽي ۾ لسانيات (Languistics) پروفيسر ۽ هيئڊ ڊائريڪٽر آهي.

پروفيسر چندر ڏاسواڻيءَ ٻڌايو تہ هي اسڪول ساڌو واسواڻيءَ جي مشن Mission جو هڪ حصو آهي.

”ساڌو واسواڻي هميشہ چوندو هو تہ نياڻين کي پڙهايو. ڪابہ قوم تيستائين سرخرو ۽ طاقتور ٿي نٿي سگهي جيستائين ان جي نياڻين کي علم جهڙو زيور نٿو ڏنو وڃي. تعليم يافتہ چوڪري هڪ سٺي ماءُ بڻجي سڄي ڪٽنب کي سکي بڻائي سگهي ٿي. هوءَ پنهنجن ٻارن کي اخلاق اندر رکي سگهي ٿي ڇو جو ٻار جي نيپاج تي ماءُ جو ئي وڏو اثر ٿئي ٿو. اهائي ٻار سان گهڻو وقت گهر ۾ رهي ٿي. پيءُ تہ روزگار خاطر سڄو ڏينهن آفيس يا ڪارخاني ۾ گذاريو ڇڏي ۽ هن جو ٻارن سان ايترو گهڻو وقت نٿو گذري جيترو ماءُ جو.“

پروفيسر چندر ٻڌايو تہ حيدرآباد جو ميران اسڪول بہ ساڌوءَ ٺهرايو هو. هن جو ان کي اڳتي هلي يونيورسٽي ٺاهڻ جو ارادو هو. هن تہ هندستان جي ورهاڱي وقت بہ سنڌ نہ ڇڏي. هن کي سنڌ ۾ رهجي ويل هندن ۽ مسلمانن بہ نٿي ڇڏيو پر پوءِ اڳتي هلي هڪ تہ هتان هندستان کان پاڪستان لڏي ويل مسلمانن ڏمڪايو ۽ ٻيو هيڏانهن انديا لڏي آيل هندن بہ هن کي لکيو تہ توهان جهڙا ماڻهو جيڪر هيڏانهن اچي اسان جي اخلاقي مدد ڪن تہ اسان جي بہ همت افزائي ٿئي. پوءِ 1950ع ڌاري ساڌو واسواڻي سنڌ ڇڏي هندستان آيو.

ساڌو واسواڻي 25 نومبر 1879ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ شاعر، فلاسافر ۽ عظيم استاد هو جنهن انسانذات جي خدمت ۾ پنهنجي زندگي گذاري ڇڏي. هن جو گهڻو زور علم حاصل ڪرڻ جي پرچار تي هو. هن 1931ع ۾ (جڏهن پاڻ پنجاهہ ورهين جو هو تہ) حيدرآباد ۾ ”سخي ستسنگ“ (Sakhi Satsang) نالي سان پنهنجي تحريڪ جي شروعات ڪئي. انديا اچڻ بعد ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي مشن کي

وري جاري رکيوءِ هاڻ هن جي تحريڪ Brotherhood Assoication (پائيچاري جي تنظيم) جي نالي سان ڪم ڪرڻ لڳي ۽ پنهنجو هيڊ ڪوارٽر پوني کي ٺاهيو. تعليم سان گڏ هاڻ هو ڪميونٽي جي خدمت جا ڪم پڻ ڪرڻ لڳو. خاص ڪري غريبن جو مفت علاج ڪرڻ لاءِ اسپتالون قائم ڪرڻ شروع ڪيون.

پوني شهر جي ريلوي اسٽيشن مان نڪرڻ تي ڪجهه فاصلي تي ساڌو واسواڻيءَ نالي هڪ روڊ اچي ٿو جنهن جي چوراهي تي ساڌوءَ جو پتل ۽ ٽامي جو ٺهيل هڪ ڏهه فوٽ ڊگهو مجسمو لڳل آهي. شهر جي وچ ۾ ساڌو واسواڻي مشن جي خوبصورت عمارت ٽن ايڪڙن جي پلاٽ تي ٺهيل آهي جتي هند سنڌ توڙي دنيا جي شهرن ۾ رهندڙ ساڌوءَ جا شيدائي ڪجهه ڪلاڪن يا ڪجهه ڏينهن لاءِ پوني اچن ٿا ته ان ۾ رهن ٿا.

1966ع ۾ ساڌو واسواڻي جي ديهانت بعد سندس مداحن سندس مشن جو نالو "بردرهڊ ايسوسيئيشن" مان بدلائي "ساڌو واسواڻي مشن" رکيو آهي ۽ هاڻي هن مشن هيٺ هلندڙ خير جا ڪم "دادا جشن پي واسواڻي" جي نظر هيٺ ٿين ٿا. دادا واسواڻي جا ليڪچر صبح جي وقت انڊين چئنل Sony تان روزانو اڌ ڪلاڪ لاءِ اچن ٿا. جهيڻي آواز ۽ ڪمزور صحت وارو هي جهور پوڙهو عالم اڃڪلهه سنڌ وڃڻو آهي جتي هو ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ ليڪچر ڏيندو.

"ساڌو واسواڻي مشن" جو يقين آهي ته سڀني مذهبن جو روح ساڳيو آهي ۽ سڀني مذهبن جي عالمن، اوتارن پيغمبرن جي عزت ڪجي. اهوئي سبب آهي جو هتي دهلي جي هن اسڪول ۾ توڙي ساڌو واسواڻي مشن جي ٻين ادارن ۾ هر مذهب ۽ ان جو پيغام پهچائڻ وارن جا ڏينهن وڏي عزت ۽ احترام سان ملهايا وڃن ٿا. ساڌو واسواڻيءَ جو هڪ هنڌ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل قول/شعر پڙهيو:

In all religions light is Thine
In all the Saints the Picture is Thine.

(سمورن مذهبن ۾ تنهنجي ئي روشني آهي، سمورن سنتن منجهه تنهنجي ئي تصوير آهي.)

پروفيسر چندر ڏاسواڻيءَ ٻڌايو ته دهليءَ جي هن اسڪول يعني ساڌو واسواڻي گرلس اسڪول ۾ ڪي جي ۽ نرسري کان وٺي ڏهين ۽ ٻارهين تائين ڪلاس آهن. يعني هڪ دفعو جڏهن ڇوڪري نرسريءَ ۾ داخلا وٺي ٿي ته ٻارهون ڪلاس پاس ڪري نڪري ٿي يعني هوءَ هن اسڪول ۾ زندگيءَ جا چوڏهن سال گذاري ٿي. هتي تعليم وٺندڙ شاگرديائين جو پنهنجو پاڻ ۾ ۽ هن اسڪول سان هڪ اڻ ٽٽندڙ رشتو ۽ پيار رهي ٿو.

ڪلاس ڏهين تائين سڀني کي ساڳيا سبجيڪٽ ڪٽڻا پون ٿا، ان بعد مئٿس، بائلاجي، ڪامرس، هوم

ايڪانامڪس ۽ هاڻ بايوٽيڪ ۾ شروع ڪرايو ويو آهي. هر ڪلاس جي شاگردياڻين جي تعداد مطابق ٻه يا ٽي سيڪشن آهن. زبانن ۾ انگريزي، هندي، سنڌي ۽ سنسڪرت پڙهائي وڃي ٿي. سنڌي نه فقط پڙهائي وڃي ٿي پر هندي لکڻيءَ بدران ان ئي عربي استائيل ۾ لکائي وڃي ٿي جنهن ۾ اسان وٽ عام آهي. اسڪول ڏسڻ دوران آئون انهن ڇوڪرين جا نالا پڙهڻ لڳس جن مختلف ڪلاسن مان هن سال سنڌيءَ ۾ ٽاپ ڪري انعام حاصل ڪيو آهي: ختاب آڏواڻي، پانو پنجواڻي، مالا آلواڻي، نينا پامباني، هينا سومائي، ڪارونا مامتاڻي، مڪتا ڇڳاڻي، لاتيڪا ڏيماڻي وغيره.

جن ڇوڪرين کي هن سال ميرٽ مطابق اسڪالرون ڏنيو ويون آهن، انهن جا نالا پڻ پڙهيم: پاونا اسراڻي، ڪنچن ساولاڻي، پاوڪا پماڻي، نيها ملڪاڻي، ماهيما گلابراڻي وغيره.

ساڌو واسواڻي مشن جي سڀ کان وڏي خيراتي اسپتال پوني شهر جي ڪوري گائون پارڪ واري علائقي ۾ ساڌو واسواڻي ميڊيڪل ڪامپليڪس آهي.

هيءَ اسپتال دادا واسواڻي (Dada J.P Vaswani) جي ڪوشش سان ٺهي راس ٿي ۽ هن جي ئي ان خواب جي پوئواري ڪري ٿي ته اها اسپتال جنهن ۾ بيمار کي داخلا کان منع ان ڪري نه ڪئي وڃي ته هو غريب آهي. ۽ جتي هيٺائين کان هيٺائين ذات جي مريض جو به علاج ڪيو وڃي. دادا واسواڻي پنهنجن انگريزي ليڪچرن ۾ بار بار اهو چوندو رهي ٿو ته:

Every patient is a picture of God To serve him is to worship God

"هر بيمار ۾ به خدا جي شبيه آهي ۽ بيمار جي خدمت، خدا جي عبادت آهي."

مٿين اسپتالن کان علاوه ٻيون به ڪيترين ئي نندين وڏين اسپتالون ۽ ادارا آهن جيڪي "ساڌو واسواڻي مشن" هيٺ ڪم ڪن ٿا. جيئن ٻڌراڻي اسپتال جنهن جو افتتاح مدر ٽريسا 1989ع ۾ ڪيو. هن ۾ 22 ڊپارٽمينٽ، 86 ڪنسلٽنٽ، 270 وزٽنگ ڪنسلٽنٽ، 186 نرسون ۽ 80 ٽيڪنيشن آهن. ويندي (Dialysis) پڻ مفت ۾ ٿئي ٿي.

1995ع ۾ دادا واسواڻي مورباڻي نارائڻ داس ڪئنسر انسٽيٽيوٽ ۽ ريسرچ سينٽر جو پڻ افتتاح ڪيو. هيءَ 150 بسترن جي اسپتال آهي ۽ سال ۾ اٽڪل پنج هزار مريضن جو ريڊيئيشن، ڪيموٿيراپي ۽ سرجريءَ ذريعي مفت علاج ڪيو وڃي ٿو.

اسپتال ۾ رهائش ۽ علاج جو خرچ وغيره هندستان ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙچ ۾ رهندڙ سخي هندو ڪن ٿا. اسپتال جي انتظاميه هر مرض جي علاج جو خرچ مقرر ڪري ڇڏيو آهي. ڪو چاهي ته هو هڪ غريب جي اکين جو آپريشن ڪرائي خير ڪٽي ته هو اندين 2100

روپيا يا پنجاهه آمريڪن ڊالر اسپتال جي انتظاميه کي موڪلي ڏئي. يا ڪو ڪنهن غريب کي مفت ۾ Dialysis ڪرائڻ ٿو چاهي ته هو اٺ سؤ روپيا يا ويهه آمريڪن ڊالر في ماڻهوءَ جي حساب سان موڪلي اجر حاصل ڪري سگهي ٿو. هونءَ هندوءَ کي ڀلي ڪو واڻيو (پڪو ڪنجوس) چوي پر حقيقت اها آهي ته هو خير جي ڪمن ۾ به پئسو خوب ٿو خرچ ڪري. اخبارن ۾ پڙهبو يا هتي رهڻ دوران ڏسان پيو ته ڪيترا انڊين، جيڪي آمريڪا، يورپ، جپان ۽ ٻين ولايتن ۾ رهيا پيا آهن ۽ هنن جو بزنيس سنو هلي ويو آهي ته هو هتي پنهنجي وطن اچي غريبن جي خوب مدد ڪن ٿا. ڪي مخير حضرات اسپتالون ٺهرائين ٿا ته ڪي اسڪول ۽ مندر ته ڪي وري غريبن کي رهائش لاءِ گهر ٺهرائي ڏين ٿا. اهڙي قسم جي ڪجهه مشهور Philanthropists (سخي مردن) جو دلچسپ احوال هن سفر نامي ۾ يا ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ ضرور ڪنداسين. هو نه فقط انسان ذات لاءِ پر جانورن ۽ پکين لاءِ پڻ ڀلو ڪرڻ چاهين ٿا. سنڌ ۾ اسان جيڪي ننڍي هوندي گهوڙن ۽ ٻين جانورن لاءِ پاڻي پيئڻ جا حوض حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ ڏٺا اهي سڀ هندن جا ئي ٺهرايل هئا. پاڪستان ٿيڻ بعد ڪنهن نوان ته نه ٺهرايا پر پراڻن جي به مرمت نه ٿي ويتر انهن پلاٽن تي ئي قبضو ٿي ويو. عوام جي فرحت ۽ سک لاءِ جيڪي داس گاردن ۽ رام باغ جهڙا حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ پارڪ ۽ باغيچا هئا، يا ڪراچي جهڙي شهر ۾ تعليم پرائڻ لاءِ غريب شاگردن جي رهائش جي بندوبست لاءِ هاسٽلون هيون سي پڻ سڀ هندن پنهنجي هڙون خرچ ڪري ٺهرايون. اسان وڏو ڇيهه اهو ڪيو ته نالا مٽائي مسلماني طرز جا رکڻ کي ئي خير جو ڪم سمجهيوسين. انڊيا ۾ عوام جي سک لاءِ جيڪي خيراتي پروجيڪٽ ٺهندا رهن ٿا اهي صاف ظاهر نظر اچن ٿا. انهن جون انتظاميائون ايمانداريءَ سان خرچ هلائين ٿيون ۽ هتي توڙي پرديس ۾ رهندڙ هندو توڙي سک دل سان مالي ۽ جاني مدد ڪن ٿا جيئن دهليءَ جي هن ساڌو واسواڻي اسڪول لاءِ به هڪ طرف امير هندو پئسو موڪلين ٿا ته ٻئي طرف پروفيسر چندر ڏاسواڻيءَ جهڙا قابل ۽ ايماندار ماڻهو صبح کان شام تائين ويهي ان کي بهتر طريقي تي هلائين ٿا جيئن غريب غربي جا ٻار هڪ سٺي ماحول ۾، معمولي خرچ تي اعليٰ کان اعليٰ تعليم حاصل ڪري قابل ٿي نڪرن ۽ ان قابليت جو ثبوت اهو آهي ته آمريڪا ۽ يورپ کان علاوه اسان جا عرب ملڪ توڙي ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ برونائي جهڙا مسلمان ملڪ به انڊيا جي ماڻهن کي نوڪري ڏيڻ پسند ڪن ٿا جو وٽن صحيح تعليم ۽ قابليت آهي.

ڪنڊيارو ۽ حيدرآباد کان آيل هنن اوڏ ڄاڻين جو هتي هڪ اوڏ مائٽ وزير نالي آهي جيڪو پنهنجي تخلص

"سائل" سان پاڻ کي سڏائي ٿو. هن جون ڳالهيون ٻڌڻ وٽان هونديون آهن. پاڻ سڪرنڊ جو رهاڪو هو. ورهاڱي کان گهڻو پوءِ لڏي هندستان جي صوبي راجستان ۾ آيو ۽ هاڻ ٻارن جي پڙهائي ۽ نوڪري سبب هتي دهلي جي هڪ علائقي هرڪيش نگر ۾ رهي ٿو. گهر جو نمبر 108 اٿس. جڏهن به ڪو پروگرام نه هوندو اٿم ته ڪيس سندس موبائيل نمبر: 55662377 تي فون ڪري ڪچهريءَ لاءِ سڏيندو آهيان. ڪچهري ٻي نه پر شاهه جا شعر اچي ٻڌائيندو آهي جيڪي هن کي اهڙا رٽيا پيا آهن جڻ ننڍي هوندي کان رڳو شاهه جو رسالو پيو پڙهي.

هڪ ڏينهن هندن جي خير خيرات ۽ غريب ماڻهن جي پلي لاءِ خرچ ڪرڻ جي ڳالهه اچي نڪتي. جنهن تي شاهه جي شعر جو مثال ڏنائين ته سائين روزا نمازون به سٺو ڪم آهي پر پروردگار کي وڌيڪ خوش ڪرڻ لاءِ خير جا ڪم به ضروري آهن. جيڪو رب جي راهه ۾ خرچي ٿو ان کي الله به بي حساب اهڙي طرح ڏئي ٿو جو هن کي خيال ۽ گمان به نٿو رهي.

توکي خبر آهي شاهه لطيف جي ڏينهن ۾ هڪ هندو ڏاهو مدن لعل هو. هڪ ڏينهن شاهه لطيف چيس ته "مدن لعل! حشر ويل حساب جي ڪافر ڪندا ڪيئن؟" يعني توهان هندو ته روزا نمازون به نٿا پڙهو سو ڪيئن جنت ڏي هلندئو؟

مدن لعل چيو ته "ان جو جواب ڏيندس پر هينئر نه وقت اچڻ تي." هڪ دفعي ٻيڙي فل تي ماڻهن کي پتڻ اڪارڻ لاءِ هلي جنهن ۾ شاهه لطيف به ويٺل هو. اتي ڪپر تي مدن لعل آيو. هن به ٻي پار وڃڻ تي چاهيو. هن ٻيڙيءَ واري کي ڏاڍا سڏ ڪيا پر هو هن کي ڪٺڻ لاءِ واپس نه ٿيو. اتي مدن لعل به آنا پاڙي بدران روپيو هٿ تي رکي ٻيڙيءَ واري کي ڏيکاريو ته هو يڪدم موٽي آيو ۽ مدن کي اچي کنيائين. ٻيڙيءَ ۾ ويهي شاهه صاحب کي هن چيو ته هڪ دفعو توهان مون کان سوال ڪيو هو ته "حشر ويل حساب جي ڪافر ڪندا ڪيئن؟" ان جو جواب هاڻ ٿو ڏيانءِ ته:

"هٿ جنين جا هينئن پهرين پتڻ سي لنگهن."

بهرحال وزير اوڏ (سائل) جيڪو بقول سندس: "ادا آئون نه مسلمان آهيان ۽ نه هندو. آئون بت هرگز نه پوڄيندو آهيان." جو پڻ اهو عقيدو آهي ته جيڪو هٿ جو ڪلئو رهندو ۽ الله جي واٽ ۾ غريبن مسڪينن جي مدد ڪندو ان کي الله هرگز نه ڇڏيندو ۽ تي سگهي ٿو پهرين انهن کي پتڻ ٽپائي. پل ٽپائي جنت ۾ داخل ڪري.

بهرحال هتي اسان سنڌ جي هڪ شهر حيدرآباد جي رهواسي ساڌو واسواڻي جي فقير منش طبيعت ۽ ان جي مشن جي ڳالهه پيا ڪريون ته هن جيڪا تحريڪ حيدرآباد سنڌ کان شروع ڪئي اڄ ان جون شاخون ۽ خدمت ڪرڻ جا ادارا انديا جي 22 شهرن ۾

آهن ۽ دنيا جي اٽڪل 36 ملڪن ۾ آهن جن مان ڪجهه هن ريت آهن:

لنڊن، ميامي، هانگ ڪانگ، سنگاپور، پينانگ (ملائيشيا)، جڪارتا (انڊونيشيا)، بارسلونا (اسپين)، دبئي، نيوجرسي، بوسٽن (U S A)، جهانسبرگ (سائوٿ آفريڪا)، پاناما، ٽرينڊاد، سوٽا وغيره. دادا واسواڻي انهن مڙني جاين تي پروگرام ۽ ليڪچر آرگنائيز ڪندو رهي ٿو.

پوني ۾ اسپتالن کان علاوه ميران موومينٽ جي نالي سان ساڌو واسواڻي مشن جا جيڪي اسڪول آهن، سي هن ريت آهن:

ميران گرلس ڪاليج.
ميران هاءِ اسڪول (سنڌي ميڊيم)
ميران انگلش ميڊيم اسڪول.
ميران پرائمري اسڪول (سنڌي ميڊيم)
ميران بال پون.
شانتي وديا مندر (ڪنڊر گارٽن، انگلش ميڊيم)، ۽
ماٿوري بائي ڪرمچند محبوباڻي گرلس هاسٽل.

ان کان علاوه سنڌي زبان (عربي ۽ ديوناگري لکت) جا Crash ڪورس نون سکندڙن لاءِ هر وقت ٿيندا رهن ٿا جيئن سنڌي کان اڻ واقف ماڻهو هيءَ قديمي زبان پڻ سکي سگهن.

ساڌو واسواڻي مشن هيٺ ڪجهه رسالا ۽ ليٽر به ڇپجن ٿا جيڪي هن ريت آهن:

ماهوار East & West
ماهوار انگريزي Mira
ماهوار سنڌي "سنت مالا."
سنڌي ماهوار نيوز ليٽر "سنت ساهتيا."

ساڌو واسواڻي مشن هن ويب سائيٽ تي ڏسي سگهجي ٿي:
www.sadhuvaswani.org.

۽ هن مشن جي پوني واري پوسٽل ائڊريس هن ريت آهي:

Sadhu Vaswani Mission
Sadhu Vaswani Path ،10
Pune-411001
(Tel: 623847, 625679)

دهلي جي هن اسڪول "ساڌو واسواڻي گرلس اسڪول" مان نڪرڻ وقت اسڪول جي وائيس پرنسپال هن سال جي اسڪول مخزن جي ڪاپي ڏني جنهن جو نالو Karuna آهي. ٻه سؤ کن صفحن جي هن مئگزين ۾ انگريزي هندي ۽ سنڌي سيڪشن آهي. سنڌي ديوناگري لکت ۾ نه پر اسان واري عربي رسم الخط ۾ آهي. ڇپائي تمام صاف ۽ چٽي آهي. سنڌي سيڪشن ۾ اسڪول جي ڪيترين ئي ڇوڪرين جا مضمون، شعر ۽ لطيفا آهن. جهڙوڪ هنا ٽيڪچنداڻيءَ جو "پريوءَ جو پيار"، ديپڪا تنواڻي جو "جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي"، گريما ڪيسواڻيءَ جو "جهولي لال سائين." شعر، سونم بجلاڻيءَ جو "اپديش جو اثر" ۽ ٻيا ويهارو کن شعر ۽ مضمون آهن. نموني خاطر هتي ان مئگزين مان هڪ لطيفو هوبهو نوٽ ڪيان ٿو.

هڪڙي عورت بس ۾ پئي ويئي.
ڪنڊيڪٽر کان پڇيائين. "ڇا ٻار اڌ پاڙي تي بس ۾ مسافري ڪري سگهن ٿا يا نہ؟" ڪنڊيڪٽر جواب ڏنو. "ها. اڌ ٽڪيٽ تي مسافري ڪري سگهن ٿا رڳو ٻارهن کان گهٽ هجن تڏهن."

عورت خوش ٿيندي چيو. "شڪر آهي پرماتما جو مونکي نو ٻار آهن."

ڀ هاڻ آخر ۾ نموني خاطر ساڌو واسواڻي انٽر نيشنل گرلس اسڪول جي مئگزين مان هڪ شعر پڻ هتي لکي رهيو آهيان جيڪو نائين ڪلاس جي شاگرڊياڻي منيشا چيلاڻي لکيو آهي.

عنوان اٿس.

"نہ ملندو پئسي سان."

پئسي سان ڪريم پائوڊر ملندو.
پر قدرتي حسن نہ ملندو.
پئسي سان عينڪ تہ ملندي.
پر اصلي نظر نہ ملندي.
پئسي سان زال تہ ملندي.
پر ڌرم پتني نہ ملندي.
پئسي سان پلنگ تہ ملندو.
پر نند نہ ملندي.
پئسي سان باجو تہ ملندو.
پر سُرُ نہ ملندو.
پئسي سان گود ورتل پٽ تہ ملندو.
پر پنهنجي پيٽ جو پٽ نہ ملندو.
پئسي سان زهر تہ ملندو.
پر امرت نہ ملندو.
پئسي سان مندر تہ ملندو.
پر پڳوان نہ ملندو.

ڀ آخر ۾ ساڌو واسواڻي جو سنڌ جي ياد ۾ انگريزي نظم جيڪو هن سنڌ ڇڏڻ بعد پوني (انديا) ۾ لکيو هو:

I remember trees
The dark blue clouds
The waves of Sindhu
How can I forget the by Lanes
of the village of my native
land
Oh How I long to meet
the people of my land؟
The poeple who were so poor
and yet so innocent
The beloved people of my
land

مون کي ياد آهن
وڻ ٽڻ.
پورا ناسي بادل.
ڀ سنڌوءَ جون لهرون.
آءُ ڪيئن وساري سگهان ٿو.
اباڻي ڌرتيءَ جا ڳوناڻا پيچرا؟
الا! ڪيڏي نہ اٿم اڪاس
تن ماروئڙن سان ملڻ جي؟
منهنجي ڌرتيءَ جا ماروئڙا.
جيڪي ڏاڍا غريب آهن.
ڀ پوءِ بہ ڏاڍا معصوم!

(هلندڙ)

چوٿين قسط

ٻن مختلف انسانن
جي پاڻ ۾ موتمار
ڪشمڪش جو داستان

ڏاڍو لوڏيل ڪين ٻوسٽن جي هڪ اڙب ٿي ساڳيءَ جو پنن آهي ۽ ڏاڪيل
روز تو سڳي ۽ هڪ ڪنڪلو آهي جيڪو پوليسن سان آيل آهي ۽ ٿي هڪ ڪي
ڏينهن پيدا ٿيا آهن ۽ اهي ٿي هڪڙي ڪان مختلف آهن انهن ٻنهي کي ٻنهنجو
مقدر ٺاهڻ لاءِ ان ڳ جستجو ڪرڻي آهي. انهن ٻنهي جي زندگي هڪ حيرت
ڪندڙ ڪهاڻي آهي. جيڪا اصل ۾ ست سال ڪاڻين ٿي طاقتور سائنس جي ڇ
هڪ نفرت جي داستان آهي. قسمت انهن کي هڪ ٻئي کي پهچائڻ لاءِ مستعد
ڪري ٿي... ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ ٻئي کي تباهه ڪرڻ ۾ جتيڪي وڏي ڏا ڏيل ٿا ڪين
ڪا ڪي ڪيون من نازل جون جيڪي جيڪون آهن

هابيل ۽ قابيل

جيفري آرچر

سنڌيڪار: نصر الله عباسي

آبيل روزنوسڪي جڏهن پيدا ٿئي ٿو تہ سندس ماءُ ويم جا سور نہ سهي مري وڃي ٿي ۽ هيءُ انتهائي غربت واري زندگي گهارڻ لڳي ٿو. هن کي هاٿي هڪ نئين ماءُ آهي، ڪجهہ پائر آهن ۽ هڪ وڏي پيٽ آهي، جيڪا هن کي ننڍي هوندي کان ئي ديواني جي حد تائين محبت ڪري ٿي. جڏهن تہ هن جو نئون پيءُ جاسو هن کان سخت نفرت ڪري ٿو. هي هاٿي ڳوناٿي زندگيءَ جا ننڍا وڏا ڪم ڪري ٿو. پر حيرت انگيز طور تي ڳوٺ جو ذهين ترين ڇوڪرو ثابت ٿئي ٿو. سندس اسڪول ۾ هن جي ذهانت جا چرچا آهن. هاٿي هن جي زندگي هڪ نئون موڙ وٺي ٿي. هن جي ذهانت کي ڏسندي علائقي جو امير ترين شخص هن کي پنهنجي پٽ جي ذهني نشر و نما لاءِ پنهنجي بنگلي تي وٺي اچي ٿو. هن سان سندس وڏي پيٽ فلورنٽائنا بہ گڏ آهي ۽ هاٿي هي اميراٿي ماحول ۾ زندگي بسر ڪري رهيو آهي. هوڏانهن آمريڪا جي شهر بوسٽن ۾ وليم ڪين ڪروڙ پتيءَ جي گهٽ ۾ جنم وٺي ٿو. هن جي نصيب ۾ ڪار، بنگلا، موٽرون ۽ عاليشان مستقبل آهي. هن جو ننڍپڻ اميراٿي ماحول ۾ ٿي رهيو آهي.

هاٿي آبيل روزنوسڪي موڪلون ملهائڻ لاءِ پنهنجي وڏي پيٽ فلورنٽائنا سان گڏ پنهنجي اصلي گهر ۾ اچي ٿو ۽ اتي ئي وقت گذاري ٿو. جتي ڪيس خبر پئي ٿي تہ هيءُ هنن جي سڳن رشتن منجهان نہ آهي پر ڪٽان وڇڙجي هنن وٽ پهتو آهي تہ هن کي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو. آخر هي پنهنجي نواب جي گهر واپس اچي ٿو ۽ ايئن هن جو دل بهلجي ٿو ۽ وري خوب مزن ۾ وقت گذريس ٿو تہ اوچتو جرمنيءَ جون فوجون هن جي ملڪ تي حملو ڪري وجهن ٿيون ۽ جرمن فوجون نواب جي گهر تي بہ ڪنٽرول حاصل ڪري وٺن ٿيون ۽ مزاحمت ڪرڻ تي نوڪرن سميت نواب جو اصلي پٽ لي اون بہ مارجي وڃي ٿو. هوڏانهن وليم ڪين عيش ۾ پلجي رهيو آهي. ڊاڪٽر هن جي پيءُ کي ٻڌائين ٿا تہ هن جي زال هاڻ وڏيڪ اولاد پيدا نٿي ڪري سگهي.

ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ رچرڊ ۽ اينيِ وليم ڪين سان گڏ ڪاروبار جي سلسلي ۾ نيويارڪ وڃن ٿا جتي رچرڊ جو پيڙيءَ جي جهاز جي ٻڏڻ ڪري موت ٿي وڃي ٿو. هن جي پيءُ هن لاءِ 21 سالن جو ٿيڻ تائين سڄي جائداد سونپي ڇڏي ٿو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي پئسي جي بچت بابت سبق ڏيارڻ لاءِ هن کي هلڪا قلڪا شيئر جا ڪاروبار ڪرايا وڃن ٿا.

آبيل ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ نواب کان گهٽيون ڳالهيون سکي وٺي ٿو ۽ اتي ئي جيل ۾ هن جي پيٽ فلورنٽائنا سان جرمن فوجي بدسلوڪي ڪن ٿا جنهن جا سور نہ سهي فلورنٽائنا فوت ٿي وڃي ٿي بعد ۾ جيل ۾ هن کي خبر پئي ٿي تہ نواب هن جو پيءُ آهي جيڪو مرڻ کان پهرئين هن کي ٻڌائي وڃي ٿو.

هوڏانهن وليم ڪين جي ماءُ هينري نالي ماڻهوءَ سان شادي ڪري ٿي تہ وليم ڪين کي ڏاڍو ڏک پهچي ٿو ۽ هيءُ هاٿي اڪثر پنهنجي گهر مان غائب رهڻ لڳي ٿو. هوڏانهن آبيل سان قابض فوجون ظلم ڪري رهيون آهن.

هنن کي هڪ ٻي رات پليٽ فارم تي گذارڻي پئي. ولادڪ تارن جي هيٺان ستي سوچي رهيو هو ته هتان ڪيئن فرار ٿئي پر ان رات هن جي تيرنهن نوڪرن مان هڪ فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. هو اڃا پٽڙيءَ جي ٻئي پاسي تائين به ڪونہ پهتو هو جو هڪ سپاهي ڪيس گولي هڻي ماري ڇڏيو. ولادڪ پنهنجي ساٿي کي اتي پيل ڏٺو، ڪيس خيال آيو ته ان جي مدد لاءِ وڃجي، پر ڪٿي هن جو ساڳيو حشر نہ ٿئي سپاهين صبح جو لاش کي پٽڙي تي ئي رکي ڇڏيو جيڪو ٻين لاءِ سبق هو ته ڀڄڻ جي ڪوشش ڪرڻ جو ڇا نتيجو نڪرندو.

ٻي ڏينهن ان واقعي بابت ڪير به نہ ڪڇيو، حالانڪ ولادڪ ٿوري دير لاءِ به لاش تان نگاهہ نہ هٽائي. اهو نواب جي خاص خادم "لڏوڪ" جو لاش هو. جيڪو نواب جي وصيعت ۽ هن جي جائداد جي شاهدن مان هڪ هئو.

ٽئين ڏينهن شام جو هڪ ريل، اسٽيشن تي رکي، اها ٻاڦ تي هلڻ واري هڪ وڏي مال گاڏي هئي جنهن جي ڊبن کي ڇت ڪونہ هئي. ڊبن جي فرش تي پلال وڇايل هو ۽ ٻنهي پاسن کان ان تي چوپايو مال رکيل هو. ريل جا ڪيترائي خانا اڳ ئي ماڻهن سان ڀريل هئا. ولادڪ کي اها ته خبر ڪونہ هئي ته اهي ڪٿان آيا آهن پر اهي سڀ ڪيس پاڻ وانگر لڳا. هن کي ساٿين سان گڏ هڪ ڊبي ۾ سٽيو ويو ڪيترن ئي ڪلاڪن جي وڌيڪ انتظار کان پوءِ اها ريل هلڻ لڳي. لهندڙ سج کي ڏسي ولادڪ اندازو لڳايو ته ريل گاڏي اوير پاسي وڃي رهي آهي.

هر ٽن گاڏن کان پوءِ هڪ پهريدار ويٺو هو جيڪو وقفي وقفي سان هوائي فائر ڪندو هو ته جيئن ڪنهن جي ذهن ۾ فرار ٿيڻ جو ڪو خيال هجي به ته ان کي ڪڍي ڇڏي.

جڏهن ريل "منسڪ" پهتي ته هنن کي پهريون ڀيرو صحيح ڪاڏو ڏنو ويو. روٽي، پاڻي خشڪ ميوو، ٻاجهري ۽ وري سفر جاري رهيو. ڪنهن وقت ٽن ڏينهن جي سفر کان پوءِ به ڪا اسٽيشن ڪونہ ايندي هئي. ڪيترائي قيدي بک وگهي مري ويا جن جا لاش هلندڙ گاڏي مان هيٺ اڇلايا ويا ۽ جڏهن ڪنهن جڳهہ تي ريل رڪجندي به هئي ته ڪين ٻن ڏينهن تائين انتظار ڪرڻو پوندو هو پوءِ ڪين اولهہ پاسي ويندڙ پٽڙي استعمال ڪرڻ جي اجازت ملندي هئي.

اهي گاڏيون اڪثر سپاهين سان ڀريل هونديون هيون. ولادڪ سمجهي ورتو ته هن وقت فوجي ريل گاڏين کي پٽڙي استعمال ڪرڻ لاءِ ترجيح ڏني پئي وڃي. فرار ٿيڻ جو خيال ولادڪ جي ذهن ۾ سدائين سڀ کان اوليت تي هو پر ٽن شين ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪي رکيو هو، هڪ، هن وقت تائين ڪير به ڪامياب نہ ٿيو هو. ٻيو، ميلن تائين رڻ پٽ کان سواءِ ڪجهہ به ڪونہ هو ۽ ٿيون، ڪال ڪوٺڙين مان جيڪي

بچيا هئا اهي پاڻ کي بچائڻ لاءِ هن تي پاڙي رهيا هئا. اهو ولادڪ ئي هو جنهن هنن جي ڪاڏي پيتي جو انتظام سنڀاليو ۽ هنن کي مرضيءَ سان رهڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ ڪوشش پئي ڪئي. هيءَ سڀ کان ننڍي عمر وارو ۽ آخري شخص هو. جنهن کي زندگي ۾ يقين هو.

رات جو تمام سخت ٿڌ پوندي هئي، ايتري قدر جو گرمي پد ٻڙيءَ کان ٿيهه درجا هيٺ هليو ويندو هو. سڀ ڇٽا ريل جي ڊبن جي فرش تي قطار ۾ هڪٻئي سان چنبڙي سمهندا هئا تہ جيئن پاڻ کي گرم رکي سگهن. ولادڪ ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش دوران "اينيڊ" ڏهرائيندو رهندو هو. جيستائين سڀ ستل همراهہ راضي نہ ٿيندا هئا پاسو ورائڻ مشڪل هوندو هو. ان ڪري ولادڪ آخري ڇيڙي تي سمهندو هو ۽ تقريبن هڪ ڪلاڪ کان پوءِ جڏهن هو سمجهندو هو تہ پاسو ورائڻ جو وقت ٿيو آهي. هو گارڊ جي تبديلي وانگر ڊبي جي ڀت کي هٿ سان ڏڪ هڻندو هو. جنهن جي ٻڌڻ سان سڀئي پنهنجو پاسو ورائيندا هئا ڪڏهن ڪڏهن ڪو همراهہ پاسو ڪونہ ورائيندو هو ڇو تہ هو ان قابل ئي نہ رهندو هو. ان وقت ولادڪ کي ٻڌايو ويندو هو جيڪو وري پهريدار کي ان بابت ٻڌائيندو هو. بعد ۾ چئن چٽن جي مدد سان ان همراهہ جو لاش هلندڙ گاڏيءَ مان هڪ پاسي اڇليو ويندو هو. لاش اڇلڻ کان اڳ پهريدار ڪيس مٿي ۾ ٻہ ٽي گوليون وهائي ڪڍندو هو تہ جيئن ڪير مرڻ جو بهانو ڪري فرار نہ ٿي وڃي.

مسنڪ کان ٻہ سئو ميل اڳتي "سموليسنڪ" نالي هڪ ننڍي شهر پهتا جتي ڪين روٽي ۽ بند گوبي جو گرم سوپ ڏنو ويو. ولادڪ واري ڊبي ۾ ڪجهہ ٻيا قيدي چاڙهيا ويا جيڪي پهريدارن واري ٻولي ڳالهائي رهيا هئا.

انهن قيدين جو اڳواڻ ولادڪ جي ئي عمر جو هو. ولادڪ ۽ هن جي ڏهہ ساٿين، نو مرد ۽ هڪ عورت، کي جلد ئي نون قيدين بابت شڪ جاڳيو جنهن ڪري هنن پاڻ کي ٻن ٽولين ۾ ورهايو.

هڪ رات، ولادڪ کي ننڊ نہ ٿي آئي ۽ ويٺي تارن کي ڳڻيائين. هن ڏٺو تہ نون قيدين جو اڳواڻ، پنهنجي هٿ ۾ ننڍي رسي کنيو رڙهندو ولادڪ جي قطار ۾ ستل آخري قيدي ڏانهن وڌيو.

هن ڏٺو تہ ان همراهہ اها رسي الفونس نالي قيدي جي ڳچيءَ ۾ ويڙهي جيڪو ستو پيو هو. الفونس، نواب جو "پيادو" هو. ولادڪ ڄاتو پئي تہ اگر هن تڪڙ ڪئي تہ همراهہ ڪڙڪو ٻڌي واپس پنهنجي ٽولي ۾ هليو ويندو ۽ ڪيس تحفظ ملي ويندو سو هي آهستي آهستي رڙهندو هن ڏانهن وڌڻ لڳو. قيدي هن کي ويندو ڏسي گهوريندا رهيا پر ڪير ٻہ نہ ڪڇيو.

جڏهن هو قطار جي آخري ڇيڙي تي پهتو تہ يڪدم حملي ڪندڙ تي ٽپو ڏئي چڙهي ويو جنهن ڪري ڊبي ۾ موجود سڀ قيدي جاڳي پيا. قيدين جا

ٻئي ڏڙا پنهنجي پنهنجي پاسي ڏٻي جي پٽ سان سڪڙجي وينا جڏهن تہ الفونس هنن اڳيان بغير چرپر جي ليٽيو رهيو.

سمولينسڪي اڳواڻ هن کان وڌيڪ ڊگهو ۽ ڦڙتيلو هو پر فرش تي وڙهڻ ڪري ان سان ڪو فرق نہ ٿي پيو. اها جدوجهد ڪيترن منٽن تائين جاري رهي. جڏهن تہ پهريدارا تي ڪلندا ۽ شرطون لڳائيندا رهيا ڇڻ ٻہ سورهيہ وڙهي رهيا هجن. هڪ پهريدار کي رت نہ وهڻ ڪري مزو نہ ٿي آيو. سو هن ڏٻي جي وچ ۾ هڪ سنگين اڇلي. ٻنهي ڇوڪرن ان چمڪندڙ بليڊ کي کڻڻ لاءِ ڪوشش ڪئي پر سمولينسڪي اها اڳ ۾ ئي کڻي ورتي. هن جيئن ئي اها سنگين، ولادڪ جي ٽنگ ۾ هنئي تہ هن جي ڏر نعرا هڻي ڪيس داد ڏنو. هن رت سان ڀريل اسٽيل کي ٻاهر ڪڍي وري ٻيو وار ڪيو. ٻيو وار ولادڪ گسائي ويو ۽ سنگين هن جي ڪن جي ڀر سان ڏٻي جي ڪاٺ ۾ کپي وئي. جيئن ئي سمولينسڪي سنگين ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، ولادڪ پنهنجي پوري طاقت سان ڪيس چڏن ۾ لت وهائي ڪڍي ۽ پنهنجي مخالف کي پري اڇلينڊي سنگين ڪڍي ورتي. بلُ ڏئي هن سنگين جو هڻيو پڪڙي پنهنجي مخالف جي مٿان ٽپ ڏنو ۽ سڌو ان جي وات ۾ سنگين کپائي ڇڏيائين. ان همراهہ هڪ اهڙي تہ ڀيانڪ رڙ ڪئي جو سڄي ريل جاڳي پئي. ولادڪ سنگين کي ٻاهر ڪڍي بار بار هن تي وار ڪندو رهيو ايستائين جو سمولينسڪي جو جسم بلڪل ٺڏو ٿي ويو. ولادڪ وڏا وڏا ساهہ کڻندي گوڏن ۾ هن مٿان جهڪيو ۽ هن جو لاش کڻي گاڏي کان ٻاهر اڇلائي ڇڏيو. لاش جيئن ئي ڪنهن شيءِ سان ٽڪرايو تہ هڪڙو آواز پيدا ٿيو. ان پٽيان پهريدار اجايا فائر ڪيا.

ولادڪ منڊڪائيندو الفونس وٽ پهتو جيڪو اجان تائين ريل ڏٻي جي فرش تي ليٽيل هو. هن جهڪي هن جي ٻي جان جسم کي لوڏي ڏٺو. هن جو ٻيو شاهد ٻہ مري چڪو هو. هاڻي ڪير يقين ڪندو تہ هيءَ يعني ولادڪ، نواب جي جائداد جو چونڊيل وارث هو؟، ڇا زندگيءَ جو ڪو مقصد باقي بچيو هو؟ هي پنهنجي گوڏن تي جهڪي ويو. هن سنگين پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ مضبوطي سان جهلي سندس منهن پنهنجي پيٽ ڏانهن ڪيو. اوچتو هڪ پهريدار هيٺ ٽپ ڏئي اهو هٿيار هن کان کسي ورتو.

"نہ بلڪل نہ" پهريدار چيو. "اسان کي پنهنجي ڪئمپن لاءِ تو جهڙا جاندار ماڻهو کپن. تون سڀ ڪم اسان کان ڪرڻ جو آسرو نہ رک."

ولادڪ پنهنجو مٿو پنهنجن هٿن سان پڪڙيو. پهريون ڀيرو ڪيس ٽنگ ۾ سور جو احساس ٿيو. هن پنهنجي جائداد وڃائي ڇڏي هئي ۽ ان جي بجاءِ ننينگ سمولينسڪي قيدين جي ٽولي جي اڳواڻي ڪيس ملي.

هڪ ڀيرو سڄو ڏهو هن جي جاگير

بٽيو ۽ هاڻي هن کي ويهه قيدين جو خيال رکڻو هو. هن جلد ئي سڀني قيدين جي ترتيب تبديل ڪئي، هاڻي هر سمولينسڪي جي پرسان هڪ پولينڊ واسي سمهندو هو ته جيئن ٻنهي ڌرن ۾ وڌيڪ خون خرابي کان بچي سگهجي. ولادڪ گهڻو وقت ان عجيب ٻولي کي سکڻ ۾ لڳائيندو هو. ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڪيس اها خبر نه پئجي سگهي ته اها اصلي روسي ٻولي هئي جيڪا نواب جي سيڪاريل ٻولي کان بلڪل مختلف هئي. ان وقت هن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته اها ريل ڪيڏانهن پئي وڃي. ڏينهن جو ولادڪ ٻن سمولينسڪي همراهن کان اها وڃي سکندو هو. جڏهن اهي ٿڪبا هئا ته هو ٻين ٻن همراهن کي گهرائيندو هو ۽ اهڙي طرح جڏهن سڀ ٿڪجي پوندا هئا تڏهن هي انهن جي جند ڇڏيندو هو.

آهستي آهستي هي نون قيدين سان آسانيءَ سان ان ٻولي ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لڳو. انهن مان ڪجهه اهي روسي فوجي هئا جن کي جرمن فوجين هٿان پڪڙجڻ جي ڈوهه ۾ مٽاسٽا کان پوءِ جلاوطن ڪيو ويو هو. باقي گورا روسي هئا جيڪي انقلاب جا سخت مخالف هئا.

ريل گاڏي اهڙن ويران علائقن مان گذرندي هئي جيڪي ولادڪ اڳ ڪڏهن نه ڏٺا هئا ۽ اها اهڙن شهرن مان به گذري جيڪي هن اڳ ڪڏهن نه ٻڌا هئا. اومسڪ، نووسبرسڪ، ڪراسنويارسڪ، جهڙن شهرن جا نالا هن جي ڪنن ۾ گونجندا رهيا. آخرڪار، ٽن مهينن جي سفر دوران ٽي هزار ميلن کان وڌيڪ مفاصلو طئي ڪندي هي "ارڪتسڪ" پهتا، جتي ريل جي پٽڙي پنهنجي پڇاڻي تي پهتي.

هنن کي ٽرين مان لاهي ڪاڏو ڪارايو ويو، بوٽ، جئڪٽ ۽ وڏا ڪوٽ جاري ڪيا ويا، جيتوڻيڪ وڌيڪ گرم ڪپڙن لاءِ هنن جي ويڙهه جاري رهي تنهن هوندي به ڪين سردي کان بچڻ لاءِ هنن لاءِ ٿورو انتظام ڪيو ويو هو. بنا گهوڙن واريون ويگنون پهتيون، جيڪي ولادڪ کي قلعي مان ڪٽي ويندڙ گاڏي کان مختلف هيون. ڊگهيون زنجيرون لاٿيون ويون ۽ ولادڪ کي يقين ئي نه آيو، ڇو ته هنن جي هڪڙي هٿ ۾ هٿڪڙي هئي پنجويهه پنجويهه ڇڻن جي ٽولي کي ان ڊگهي زنجير سان ٻڌو ويو. قيدين جي ان لوڌ کي ٽرڪن سان ٻڌي، ٽرڪن کي هلڻ لاءِ ڇيو ويو. قيدين جي پٺيان پهريدار هئا. هي اهڙي طرح ٻارنهن ڪلاڪن تائين مارچ ڪندا رهندا هئا، جنهن بعد ڪين به ڪلاڪ آرام ڪرائي وري مارچ شروع ڪيائون.

ٽن ڏينهن کان پوءِ ولادڪ کي لڳو ته هو ٿڌ ۽ ٿڪاوٽ جي ڪري مري ويندو پر جڏهن هي سڀ آباديءَ کان ٻاهر نڪري آيا ته هو فقط ڏينهن جو پنڌ ڪندا هئا ۽ رات جو آرام. ڪئمپ ۾ رهندڙ قيدي باقي ماڻهن لاءِ ڪاڏي

پيتي جو انتظام ڪندا هئا سو هنن کي بہ هڪ گشتي فوجي رڌڻي ذريعي گوگرڙو جو سوپ ۽ روٽي ڏينهن رات ملندي هئي. ولادڪ کي هنن قيدين کان معلوم ٿيو تہ ڪئمپ ۾ قيدين جي حالت اڃان بہ بدتر آهي.

پهرين هفتي ڪنهن جي بہ زنجير نہ کولي وئي پر بعد ۾ جڏهن فرار ٿيڻ جو تصور بہ ممڪن نہ هو تڏهن هنن جون هٿڪڙيون کوليون ويندیون هيون تہ جيئن رات جو سمهي سگهن يا وري برف ۾ گرمي پهچائڻ لاءِ ڪڏا کوٽي سگهن. ڪڏهن ڪڏهن سٺن ڏينهن دوران هو ڪنهن ٻيلي مان گذرندا هئا تہ اتي سمهي پوندا هئا. عيش ڪرڻ جا بہ نرالا ڍنگ هئا. بهرحال هنن پنڌ ڪندي ڪندي وڏيون ڍنڍيون ۽ ڇميل نديون لتاڙيون. هو ڏور اترئين پاسي هلندا رهندا رهيا، ڪين نہ خوفائتين ٿڌين هوائن روڪيو ۽ نہ وري شديد برفباري. ولادڪ کي پنهنجي زخمي ٽنگ ۾ سدائين سور محسوس ٿيندو هو، بعد ۾ سخت سردي سبب سندس آڱريون ۽ ڪن ٿڌ ۾ وڃجي ويا جنهن هن کان ٽنگ جو سور وسارائي ڇڏيو. برف جي وسيع اڇاڻ ۾ زندگي ۽ خوراڪ جو ڪو نشان ڪونہ هو. ولادڪ ڄاتو ٿي تہ رات جو فرار جي ڪوشش جو مطلب ٿيندو آهستي آهستي بک وگهي مري وڃڻ. پوڙها ۽ بيمار، جيڪي خوشقسمت هوندا هئا سي خاموشيءَ سان رات جو مرڻ لڳا، ۽ جيڪي بدقسمت هئا ۽ هلڻ جوڳا نہ هئا تن کي زنجيرن مان کولي برف جي انهن وسيع ميدانن ۾ اڪيلو ڇڏيو ويندو هو. جيڪي بچيا هئا سي رڳو پنڌ ڪندا رهندا هئا. سدائين اتر پاسي. هاڻي ولادڪ کي وقت جو بہ احساس ڪونہ ٿيندو هو ۽ اها بہ خبر ڪونہ پوندي هئس تہ هن برف ۾ ڪهڙي مهل ڪڏ ڪوٽي هئي تہ جيئن هو رات جو ان ۾ سمهي سگهي ۽ ٻي ڏينهن صبح جو اٿي ۽ جيڪي ڪونہ اٿندا هئا انهن ڇڻ پنهنجي قبر پاڻ ڪوٽي هئي.

نؤ سئو ميل پنڌ ڪرڻ ڪانپوءِ، جيڪي زنده بچيا هئا انهن سان روسي ميداني علائقي جا لاڏو "اوستياڪ" گڏيا، جن وٽ برف گاڏيون هيون جن کي هرڻ ڇڪيندا هئا. قيدين کي هاڻي انهن برف گاڏين سان ٻڌو ويو ۽ سفر جاري رهيو، برف جي هڪ وڏي طوفان هنن کي ٻن ڏينهن تائين ڪاڏي ڇڏڻ ڪونہ ڏنو جنهن ڪري ولادڪ کي ان نوجوان اوستياڪ سان ڳالهائڻ جو موقعو ملي ويو جنهن جي گاڏي سان هي ٻڌل هو. پولينڊ واري لهجي ۾، قديم روسي ٻولي وسيلي هي نوجوان کي گهڻو ڪجهہ تہ سمجهائي ڪونہ سگهيو پر ايتري ڄاڻ ضرور حاصل ٿي تہ اوستياڪ، ڏکڻ وارن روسين کان نفرت ڪن ٿا، جيڪي هنن سان پنهنجي قيدين وانگر بدسلوڪي ڪن ٿا. اوستاڪ قيدين سان بي رحم ڪونہ هئا، هنن کي خبر هئي تہ هنن بدقسمتن جو ڪو مستقبل ڪونهي.

نون ڏينهن کان پوءِ، اتر قطب جي

سرد رات جي اڏو گابري روشنيءَ ۾، هي ڪئمپ نمبر 201 تي پهتا. ولادڪ کي اتي پهچي ڏاڍي خوشي ٿي. تي قطارن جون قطارون ڪاٺ جون جهوپڙيون ٺهيل هيون، انهن جهوپڙين کي به قيدين وانگر نمبر لڳل هئا. ولادڪ جي جهوپڙي جو نمبر ٽيٽيهه هو، ڪمري جي وچ ۾ هڪ ننڍو ڪارو چلهو رکيل هو ۽ ديوار کان چت تائين ڪيترائي ڪاٺ جا تختا سمهڻ لاءِ لڳل هئا، جن تي سڪل گاهه ۽ هڪ سنهو ڪمبل بستري طور وڇايل هو. پهرين رات چند ماڻهو ئي ننڊ ڪري سگهيا ۽ جهوپڙي نمبر ٽيٽيهه مان ايندڙ رڙيون ۽ آهون ٻاهران اونائيندڙ بگهڙن کان به زوردار آواز ۾ هيون.

ٻي ڏينهن صبح جو سج اڀرڻ کان اڳ هنن کي گهنڊ وڄائي جاڳايو ويو. درين جي ٻنهي پاسي ايتري ته برف ڄميل هئي جو ولادڪ کي لڳو ته هي اڄ بلڪل به نه بچندو. هڪ وڏي هال ۾ هنن کي ناشتو ڏنو ويو جيڪو ڏهه منٽن تائين هليو، ناشتي ۾ هنن کي اٺاريل ڪٺڪ، مڇي جا ڪجهه سڙيل ٽڪرا ۽ بند گوبي جو هڪڙو پن مليو. نون قيدين مڇي جا هڏا ميز تي ئي ٽوڪاري ڇڏيا جڏهن ته پراڻن همراهن هڏا ته ڇا پر مڇي جون اکيون به کائي ڇڏيون.

ناشتي کان پوءِ سندس ذميداريون ورهايون ويون، ولادڪ جي حصي ۾ ڪانيون ڪٽڻ جو ڪم آيو. هن کي وسيع خالي ميدانن مان گذاري ست ميل پري هڪ ٻيلي ۾ نيو ويو ۽ ڪيس هدايت ڪئي ته وڻن جو هڪ مخصوص تعداد روزانو وڍي. پهريدار هن سان گڏ ڇهن ڇڻن جي ٽولي کي ڪاڏو ڏيئي اتي ڇڏي ويندا هئا.

پهريدارن کي قيدين جي فرار ٿيڻ جو ڪو ڊپ ڪونه هو ڇو ته سڀ کان ويجهو شهر هتان کان هڪ هزار ميل پري هو. هر ڏينهن جي پڇاڻي تي پهريدار واپس اچي هنن جا وڍيل ڪاٺ جا بنڊ ڳڻيندو هو. هن قيدين کي ٻڌائي ڇڏيو هو ته اگر هنن وڻن جو گهربل تعداد نه وڍيو ته ڪين ايندڙ ڏينهن ڪاڏو ڪونه ملندو، پر شام جو ستين وڳي جڏهن هو قيدين کي واپس وٺڻ ايندو هو ته ان وقت اوندهه سبب هن کي اها خبر ڪونه پئجي سگهندي هئي ته هنن ڪانيرن گهٽا نوان وڻ وڍيا آهن. ولادڪ، پنهنجي ٽولي جي همراهن کي سمجهايو ته منجهند کان پوءِ واري ڏينهن جو حصو، هڪ ڏينهن اڳ وڍيل وڻن جي برف صاف ڪرڻ ۾ گذار ۽ اهي وڻ ڪٽي تازن وڍيل وڻن سان رکن. جنهن سان سدائين هنن جا نوان وڍيل وڻ وڏيڪ لڳندا هئا جنهنڪري هي ڪڏهن به ڪاڏي کان محروم نه رهيا. ڪڏهن ڪڏهن هي ننڍيون ڪانيون پنهنجي ٽنگن جي اندرين پاسي ٻڌي لڪائي ڪئمپ ۾ ڪٽي ايندا هئا ۽ رات جو چلهي ۾ وجهي ٽڏ کان بچڻ لاءِ گرمي حاصل ڪندا هئا. احتياط ضروري هو ڇو ته روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ماڻهوءَ جي ڪئمپ مان نڪرڻ ۽

داخل ٿيڻ وقت تلاشي ورتي ويندي هئي ۽ سندس هڪ يا ٻئي جوتا لهرائي ڪيس قيامت جهڙي برف ۾ بيهاريو ويندو هو. ۽ جيڪڏهن ڪا شيءِ نڪرندي هئي تہ ان جو ٽن ڏينهن تائين ڪاڏو بند رهندو هو.

جيئن هفتا گذرندا ويا تيئن ولادڪ جي ٽنگ جو سور وڌندو ويو ۽ ان سخت سرد ڏينهن جي خواهش پئي ڪئي ڇو تہ جڏهن گرمي پد ٻڙي ڪان ڇاليهہ درجا هيٺ هليو ويندو آهي تہ انهن ڏينهن ۾ ڪم بند ڪيو ويندو آهي. تنهن هوندي بہ انهن ڏينهن جو پورائو ڪرڻ لاءِ هنن ڪان آڇر واري ڏينهن ڪم ورتو ويندو هو. هونئن عام طور تي هي سڀ ڪاٺ وارن ڪمرن ۾ ليٽيا رهندا هئا. هڪ شام جڏهن ولادڪ ڪاٺ جي بنڊ تان برف صاف ڪري رهيو هو هن جي ٽنگ تيزيءَ سان ڏکڻ لڳي. هن جڏهن سمولينسڪي جي ڏنل زخم واري نشان کي ڏٺو تہ ڪيس اهو سڀيل ۽ چمڪدار نظر آيو. ان رات هن پنهنجو زخم پهريدار کي ڏيکاريو جنهن ڪيس حڪم ڏنو تہ صبح جو سوير ڪئمپ جي ڊاڪٽر کي اهو زخم ڏيکاري. اها سڄي رات ولادڪ، پنهنجي ڇنگهہ ڇلهي جي پرسان رکي ويٺو رهيو ڪيس آلا جوتا پاتل هئا ۽ باهہ ايتري تہ هلڪي هئي جو هن جو سور گهٽجي ٿي سگهيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ولادڪ معمول کان هڪ ڪلاڪ اڳ اٿيو جيڪڏهن توهان ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ڊاڪٽر کي نہ ڏيکاريو تہ توهان وري ڪيس ٻي ڏينهن ئي ڏيکاري سگهو ٿا. ولادڪ هڪ وڏيڪ ڏينهن ايڏو درد برداشت ڪري نہ پئي سگهيو. هو ڊاڪٽر وٽ ويو "ڪيس پنهنجو نالو ۽ نمبر ٻڌايو" پيئري "ڊوبيان" هڪ رحمدل پوڙهو شخص هو، سندس مٿو گنجو ۽ اڳتي جهڪيل هو. ولادڪ سوچيو تہ هي شخص نواب کان بہ وڏيڪ پوڙهو هو. هن بنا ڪنهن ڳالهہ ٻولهہ جي ولادڪ جي ڇنگهہ جي چڪاس ڪئي.

"ڊاڪٽر، ڇا زخم ٺيڪ ٿي ويندو؟" ولادڪ پڇيو.

"توکي روسي ڳالهائڻ اچي ٿي؟"

"جي سائين"

"جيتوڻيڪ، تون سدائين مندڪائيندين پر تنهنجي ڇنگهہ ٻيهر ٺيڪ ٿي ويندي، پر ان مان توکي ڪهڙو فائدو، سڄي زندگي هتي ڪاٺيون ويٺو ڊوئيندين".

"نہ ڊاڪٽر، مان هتان فرار ٿي واپس پولينڊ وڃڻ جو ارادو ٿو رکان." ولادڪ چيو.

ڊاڪٽر تکائيءَ سان هن ڏٺو، "آهستي ڳالهاءِ، بيوقوف ڇوڪرا، توکي هاڻي ڇڳيءَ طرح خبر هئڻ گهرجي تہ هتان فرار ناممڪن آهي. مان پندرهن سالن کان قيد ۾ آهيان ۽ ڪوبہ اهڙو ڏينهن نہ گذريو آهي جنهن ڏينهن مان فرار ٿيڻ بابت نہ سوچيو هجي. ڪو رستو ڪونهي، اهڙو ڪوبہ ڪونهي جو فرار ٿيو هجي ۽ زندهہ هجي. ان بابت صرف ڳالهہ ڪرڻ جو بہ

مطلب آهي ڪال ڪوٺڙي ۾ ڏهن ڏينهن جي سزا. ۽ توکي ڪاڏو هر ٽن ڏينهن بعد ملندو ۽ ٻيٽين تان برف پگهارڻ لاءِ تو وٽ صرف چلهو ٻرندو. اگر ان جڳهه مان تون زندهه بچي آئين تہ پاڻ کي خوشقسمت سمجهندين“.

”مان هتان فرار ٿي ويندس، هر حالت ۾،“ ولادڪ پوڙهي کي گهوريندي چيو.

ڊاڪٽر، ولادڪ جي اکين ۾ نهاريو ۽ مرڪيو،”منهنجا دوست، فرار ٿيڻ جي ڳالهه ٻيهر ڪڏهن بہ نہ ڪجانءِ نہ تہ هي توکي ماري ڇڏيندا. واپس ڪم تي وڃ، پنهنجي ڇنگهه جي ورزش ڪر ۽ روزانو صبح جو مون کي ان باري ۾ ٻڌاءِ“.

ولادڪ ٻيلي ۾ واپس وڃي وڻ وڍڻ شروع ڪيو پر هو ڪجهه فٽ پري تائين بہ پنهنجون ڇنگهون گهلي ڪونہ ٿي سگهيو. ڪيس ايترو تہ سور ٿيڻ لڳو جو سمجهيائين تہ ڇاڻ ڇنگهه جسم کان الڳ ٿي پوندي. جڏهن هي ٻي ڏينهن صبح جو ڊاڪٽر وٽ آيو تہ هن، سندس ڇنگهه جو غور سان معائنو ڪيو.

”جيڪڏهن ڪجهه ٿيو تہ اهو ڏاڍو خراب ٿيندو،“ هن چيو.

”تنهنجي عمر ڪيتري آهي ڇوڪرا؟“

”منهنجي خيال ۾ مان تيرنهن سالن جو آهيان،“ ولادڪ چيو

”هي ڪهڙو سال آهي؟“

”اوڻويهه سئو اڻويهه“ ڊاڪٽر وراڻيو.

”ها، تيرنهن سال، توهان جي عمر ڪيتري آهي؟“ ولادڪ پڇيو.

پوڙهي شخص، هن نوجوان ڇوڪري جي نيرين اکين ۾ نهاريو، ڪيس هن جي سوال تي تعجب ٿيو.

”اٺٽيهه سال،“ هن خاموشيءَ سان چيو.

”بس!“

”منهنجا ٻچا، تو جيڪڏهن قيد ۾ پندرنهن سال گذاريا تہ تون بہ ائين ئي لڳندين“ ڊاڪٽر ڪيس حقيقت ٻڌائيندي چيو.

”توهان هتي ڇو آهيو؟“ ولادڪ پڇيو، ”هنن توهان کي هيتري عرصي کان وڃڻ ڇو نہ ڏنو آهي.“

”مون کي 1904 ۾ ماسڪو ۾ قيدي بڻايو ويو هو، ٿورو ئي وقت اڳ مون ڊاڪٽري پڙهي پوري ڪئي هئي ۽ فرانس جي سفارتخاني ۾ ڪم ڪري رهيو هئس. هنن چيو تہ مان جاسوس آهيان ۽ هنن مون کي ماسڪو جي هڪ جيل ۾ رکيو، مون سوچيو تہ اهو وقتي هوندو پر بعد ۾ مون کي هن جهنم ۾ موڪليو ويو. هاڻي تہ فرانسيسين بہ وساري ڇڏيو آهي تہ مان آهيان بہ يا نہ. ڪئمپ 201 تي چند ئي قيدي پنهنجي سزا پوري ڪري سگهيا آهن، سو ٻين وانگر مان بہ هتي ئي مري ويندس. پر موت بہ جلدي ڪونہ ايندو.

”نہ ڊاڪٽر، تون اميد نہ ڇڏ.“

”اميد؟ مون تہ گهڻو وقت اڳ اميد ڇڏي ڏني آهي. پر شايد توکي اميد نہ ڇڏڻ گهرجي، پر هميشہ ياد رک، ان

اميد جو ذڪر ڪنهن سان نہ ڪجانءِ. هتي ڪجهہ قيدي اهڙيون ڳالهيون پهريدارن کي ٻڌائي فائدو حاصل ڪن ٿا. جڏهن تہ اهو فائدو روٽي جي اضافي ٽڪري يا هڪ ڪمبل کان وڌيڪ ڪجهہ ڪونهي. هاڻي ولادڪ. مان توکي هڪ مهيني لاءِ رڌڻي ۾ ڏيوٽي تي ٿو لڳرايان ۽ تون مون کي روزانو صبح جو پنهنجي باري ۾ ٻڌاءِ تو وٽ پنهنجي ڄنگهہ ضايع ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ فقط اهو ئي موقعو آهي. مان تنهنجي ڄنگهہ ڪٽڻ نہ ٿو چاهيان. اسان وٽ آپريشن ڪرڻ جا جديد اوزار ڪونهن. هن هڪ ڊگهي چاقو کي گهورينڊي چيو.

ولادڪ ڪنبڻ لڳو.

ڊاڪٽر ڊوبيان، ولادڪ جو نالو ڪاغذ جي هڪ پرچيءَ تي لکيو. ٻئي ڏينهن صبح ولادڪ بورچيخاني ۾ حاضري ڏني. جتي هن سخت ٿڌي پاڻيءَ سان ٿانو ڌوتا ۽ ڪاڏو پچائڻ ۾ مدد ڪئي. هنن کي ڪنهن فرج جي ضرورت ڪونہ هئي. سڄو ڏينهن ڪاٺ ڍوئڻ کان پوءِ هيءَ تبديلي هن لاءِ خوشگوار هئي. وڏيڪ سوپ، تلهي روٽي ۽ اندر رهي پاڻ کي گرم رکڻ جو موقعو. هن جي تہ ڇٽڪ عيد تي وئي. هڪڙي پيري تہ هن بورچي سان گڏجي بيدو پڻ ڪاڏو پر ٻنهي مان ڪنهن کي بہ اها پڪ ڪونہ هئي تہ اهو آنو ڪهڙي پکي لاڻو آهي. ولادڪ جي ڄنگهہ هوريان هوريان ٺيڪ ٿيڻ لڳي پر منڊڪ پري کان ئي نظر آئي. مناسب دوائون نہ هئڻ ڪري ڊاڪٽر هن لاءِ ڪجهہ نہ پئي ڪري سگهيو. سواءِ ان جي تہ زخم کي ٺيڪ ٿيندو ڏسي. جيئن ڏينهن گذرندا ويا ڊاڪٽر جي

اوقاف جو معجزو

پنجاب جي وهاڙي ضلعي جي ڳوٺ بڙيوالا جي چڪ نمبر اِي. بي-317 ۾ حاجي شير چاولي مشائخ جي مزار آهي جنهن کان اڌ ڪلوميٽر پري هڪ ڪوهہ آهي، جتي پري پري کان ماڻهو رحمت خداوندي حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا آهن. ان ڪوهہ وٽ ستگرو نانڪ ديوَ جو خوبصورت گردوارو پڻ موجود آهي. ۽ اهو ڪوهہ "ڪوئي بابا فريد" يعني بابا فريد جو ڪوهہ سڏجي ٿو. چون ٿا تہ مشهور صوفي درويش بابا فريد گنج شڪر هتي 12 سال ڪچي تند ذريعي لٽڪي عبادت ڪئي هئي.

ويجهي پري جا ماڻهو ان عقيدي سان هن ڪوهہ جو پاڻي پيئڻ ايندا آهن تہ منجهس طبعي ڪوئي روحاني بيمارين جي شفا موجود آهي. جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ ڪافي وقت کان اهو ڪوهہ اوقاف ڪاتي جي نااهليءَ سبب سڪي ويو آهي پر ماڻهن جي ڏمر کان بچڻ لاءِ اوقاف ڪاتي اها ڪارڪردگي ضرور ڏيکاري آهي جو اهو ڪوهہ ۾ ٿورو گهڻو پاڻي ضرور اوتيندو رهندو آهي تہ جيئن ماڻهو معجزاتي علاج کان محروم نہ رهن.

ولادڪ سان دوستي وڌندي وئي ۽ مستقبل لاءِ هن جي اميد ۾ يقين ڪرڻ لڳو. روزانو صبح جو هو مختلف ٻولين ۾ ڳالهائيندا هئا پر پوڙهي شخص کي پنهنجي مادري ٻولي فرانسيسيءَ ۾ ڳالهائيندي مزو ايندو هو. ولادڪ، ستن ڏينهن اندر توکي پنهنجي ٻيلي واري ڊيوٽي تي واپس وڃڻو پوندو. پهريدار تنهنجي ڇنگهه جو معائنو ڪندا ۽ مان توکي بورڇيخاني ۾ وڌيڪ ڏينهن نه ٿو رکي سگهان، ان ڪري غور سان ٻڌ، ڇو ته مان تنهنجي فرار جو هڪ منصوبو جوڙيو آهي.

"گڏجي، ڊاڪٽر." ولادڪ پڇيو

"نه، رڳو تون! مان ايڏو ڊگهو سفر ڪرڻ جي قابل نه آهيان. حالانڪ مان پندرنهن سالن کان فرار ٿيڻ جا خواب ڏسندو پيو اچان. صرف تون ئي ويندين، منهنجي لاءِ اهوئي گهڻو آهي ته ڪنهن ٻئي ماڻهو پنهنجو مقصد ماڻيو ۽ تون اهو پهريون شخص آهين جنهن مون کي اهو مجرايو آهي ته هو شايد ڪامياب ٿئي. ولادڪ زمين تي خاموشيءَ سان ويهي ڊاڪٽر جو منصوبو ٻڌندو رهيو. "مون گذريل پندرنهن سالن ۾ ٻه سئو روبل گڏ ڪيا آهن، روسي قيدي هئڻ ناتي اضافي وقت جو اجورو ڪونه ملي."

ولادڪ کي ان ڳالهه تي عجب لڳو، "مان اها رقم دوا جي هڪ بوتل ۾ لڪائي رکي آهي مون وٽ پنجاهه جا چار نوٽ آهن، جڏهن فرار ٿيڻ جو وقت اچي ته اها رقم پنهنجي ڪپڙن ۾ سبي ڇڏجانءِ، مان تنهنجي لاءِ اهو ڪر پهريائين ڪري ڇڏيندس".

"ڪهڙا ڪپڙا" ولادڪ پڇيو.

"مون وٽ هڪ پينٽ ۽ شرٽ آهي جيڪا مون ٻارنهن سال اڳ هڪ پهريدار کي رشوت ڏيئي ورتي هئي، تنهن وقت مون فرار ٿيڻ ۾ يقين پئي رکيو. اهي نئين فيشن مطابق ته ڪونهن پر مڙيئي ڪم نڪري ويندو." پندرنهن سالن تائين ٻه سئو روبل، هڪ شرٽ ۽ هڪ پينٽ سنيالڻ کان پوءِ ڊاڪٽر هڪ پل ۾ اهو سڀ ڪجهه ولادڪ تي قربان ڪرڻ لاءِ تيار هو. ولادڪ پنهنجي سڄي زندگي ۾ قرباني "ايندڙ خميس ڏينهن تنهنجو پهريون ۽ آخري موقعو هوندو." ڊاڪٽر ڳالهه جاري رکي. "نوان قيدي "ارڪتسڪ" اسٽيشن تي ريل رستي پهچندا ۽ پهريدار سدائين بورڇيخاني مان چار همراهه ساڻ ڪڍندا آهن. اهي نون قيدين لاءِ ڪاڏي جي ٽرڪ جو انتظام سنيالينداآهن، مان اڳ ۾ ئي وڏي بورڇي سان ان بابت معاملو طئي ڪري ورتو آهي." هي پنهنجي ڳالهه تي ڪليو "اهو ائين ته ڪجهه دوائن جي بدلي ۾ تون ٽرڪ تائين پهچي ويندين، اهو ايڏو مشڪل ڪونه هو. اصل ۾ ڪير به اوڏانهن وڃي ۽ وري واپس اچڻ نه چاهيندو آهي پر تون صرف هتان ويندين." ولادڪ وڏي ڏيان سان ڳالهه ٻڌي رهيو هو، جڏهن تون اسٽيشن پهچين ته ان وقت تائين انتظار ڪجانءِ جيستائين قيدين واري ريل اچي. جڏهن هو سڀ پليٽ فارم تي لهي وڃن ته تون قطارون ٽپندو ماسڪو ويندڙ ريل گاڏيءَ تي چڙهي پئجانءِ."

محبوب سمون

حضرت يوشع عليه السلام

حضرت يوشع عليه السلام جو تعلق حضرت يوسف عليه الاسلام جي نسل سان هو. هن کي خدا طرفان نبوت جو درجو پڻ حاصل هيو. هن حضرت موسيٰ عليه السلام سان گڏجي انسان ذات جي خدمت لاءِ ڪم ڪيو هو. اسان کي هن الله جي هن پياري نبي جي باري ۾ تمام گهٽ ڄاڻ آهي. ان معلوماتي سلسلي کي وڌائڻ لاءِ هيءَ مذهبي ڪهاڻي پيش خدمت آهي.

الله جي پياري ٻانهي جو معلوماتي احوال

حضرت يوشع بن نون عليه السلام جي نسب جو سلسلو ستن واسطن کان پوءِ حضرت يوسف عليه السلام سان وڃي ملي ٿو.

حضرت يوسف عليه السلام جي ٽن پٽن مان هڪڙي جو نالو "افرائيم ع" هو ۽ حضرت يوشع ع جو تعلق انهيءَ جي نسل سان هو. هيءَ خاندان پڻ خاندان نبوت جو هڪ فرد هو ۽ الله تعاليٰ کيس نبوت پڻ عطا فرمائي هئي. پر جيستائين حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ هارون عليه السلام زنده هئا، تيستائين حضرت يوشع ع جي نبوت جو ڪم اڃا شروع نه ٿيو هو. حضرت موسيٰ عليه السلام جي حياتيءَ ۾ حضرت يوشع ع، حضرت موسيٰ ع سان گهڻو گڏ رهيو. حضرت موسيٰ ع جڏهن حضرت خضر عليه السلام سان ملاقات ڪرڻ واسطي مجمع البحرين ويو تہ انهيءَ وقت بہ حضرت يوشع عليه السلام ساٿس گڏ هو. اهڙيءَ ريت توريت مان پڻ معلوم ٿو ٿئي تہ جڏهن حضرت موسيٰ ع طورسينا جبل تي ويو تہ حضرت يوشع ع بہ ساٿس گڏ هو ۽ جڏهن اتان واپس موٽيو تڏهن بہ حضرت موسيٰ عليه السلام سان گڏ هو.

حضرت موسيٰ عليه السلام بني اسرائيل جي 12 قبيلن جي سردارن تي مشتمل هڪ وفد فلسطين جون حالتون معلوم ڪرڻ واسطي موڪليو تہ حضرت يوشع ع پڻ انهيءَ وفد جو رڪن هو. هڪ ٻيو رڪن ڪالب بن يقنہ ع پڻ هو. جيڪو بني اسرائيل جي نهايت برگزيده شخصيت هو. تنهن جو تعلق حضرت يوشع ع سان گهاٽو هو. اهو قبيلو "بني يهوداه" جو اڳواڻ ۽ سردار هو. ٻارهن ئي راڄن جا 12

نمائندا جڏهن فلسطين جو جائزو وٺي حضرت موسيٰ عـ وٽ پهتا تـ يوشع بن نوح ۽ ڪالب بن يقنہ ڪان سواءِ 10 اڳواڻن اتي جي ماڻهن جي طاقت جو ذڪر بني اسرائيل جي سامهون ڪيو. جيتوڻيڪ انهن ٻنهي ڇڻ وفد جي رڪنن کي جهليو هو تـ فلسطين جي طاقت جو ذڪر بني اسرائيل سان نہ ڪيو پر هنن ڳالهہ ڪانہ مڃي ۽ هنن 10 رڪنن جي بيان جو بني اسرائيل تي اهو اثر پيو جو اهي جنگ ڪان ڪيبائڻ لڳا. اهڙيءَ طرح جڏهن بني اسرائيل هين رفيدم نالي بياباں ۾ ترسيل هئا. ۽ اتي بني اسرائيلن جو پهريون پيرو عمالقہ جي طاقتورن ۽ سگهارن ماڻهن سان مقابلو ٿيو تـ حضرت موسيٰ عـ، حضرت يوشع عـ کي بني اسرائيلن جو سپهہ سالار ۽ سرواڻ ڪري موڪليو. حضرت موسيٰ عـ پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون عليہ السلام کي ساڻ ڪري جبل جي چوٽيءَ تي پنهنجي لٺ مبارڪ ڪٽي بيٺو هو. انهيءَ ڇتي ويڙهہ ۾ حضرت يوشع عـ عمالقہ کي شڪست ڏيئي پڇائي ڇڏيو.

حضرت موسيٰ عـ، مڙني بني اسرائيلين کي ڪٺو ڪري پيشنگوئي ڪئي هئي تـ فلسطين ۽ بيت المقدس جي فتح حضرت يوشع بن نون عـ جي هٿان ٿيندي ۽ هو بني اسرائيلين کي ساڻ ڪري انهي ارض مقدس ۽ ارض ۾ وعود ۾ داخل ٿيندو. حضرت موسيٰ عـ کي پنهنجي پالڻهار پاران ڄاڻايو ويو تـ "تنهنجي وفات جو وقت ويجهڙو آهي. تنهنڪري تون يوشع بن نون عـ کي نبوت جي بشارت (خوشخبري) ڏي!"

خداوند موسيٰ عـ کي فرمايو "اي موسيٰ! تون نون جي پٽ يوشع تي پنهنجو هٿ رک، ڇاڪاڻ تـ انهيءَ نوجوان ۾ روح آهي ۽ ڪيس اليعرز ڪاهن ۽ سڄي جماعت جي آڏو بيهاري سڀني جي سامهون وڏي واڪي وصيت ڪر ۽ پنهنجي رعب ۽ حشمت مان ڪجهہ حصو ڏي. تان تـ بني اسرائيل جي سموري جماعت سندس فرمانبرداري ڪري، هو اليعرز جي سامهون بيهندو رهي ۽ ان جي طرفان خداوند جي حضور جو حڪم دريافت ڪندو رهي، ان جي چوڻ سان پاڻ ۽ بني اسرائيلن جي سموري جماعت جا ماڻهو نڪرندا رهن ۽ ان جي ئي چوڻ سان واپس ايندا رهن." تنهنڪري موسيٰ عـ خداوند جي فرمان مطابق عمل ڪيو ۽ يوشع عـ کي ساڻ ڪري اليعرز ڪاهن ۽ سڄي جماعت جي سامهون بيهاريو ۽ پاڻ پنهنجا هٿ مٿس رکيا ۽ جهڙي ريت خداوند ڪريم ڪيس حڪم فرمايو، تهڙي طرح ان کي وصيت ڪيائين.

حضرت موسيٰ عـ هڪڙي پيري حضرت يوشع عـ کي پاڻ وٽ سڏي بني اسرائيل آڏو بيهاريو ۽ چيائين، "اي يوشع! تون مضبوط ٿيءُ ۽ همت حوصلو رک! ڇاڪاڻ تون انهيءَ قوم سان اهڙي ملڪ ۾ ويندين، جنهن لاءِ خداوند سندن ابن ڏاڏن جو قسم ڪٽي، ڏيڻ جو وعدو ڪيو هو ۽ تون ڪين ان جو والي وارث

بڻائيندين ۽ خداوند ئي تنهنجو سونهون ۽ ساٿي هوندو ۽ تو سان گڏ رهندو. نہ تہ توتان هٿ کڻندو ۽ نہ ئي توکي ڇڏيندو. تنهنڪري تون خوف نہ ڪجانءِ ۽ نہ پنهنجو هينئون هارجان!"

حضرت موسيٰ عہ کي الله جي پاران حڪم ڏنو ويو تہ هو هڪ وڏو تنبو لڳائي ۽ بني اسرائيلين کي حڪم ڏي تہ اهي مڙيئي اچي ان هيٺان گڏ ٿين جڏهن تنبو لڳي ويو ۽ منجهس مڙيئي بني اسرائيلي ڪٺا ٿيا تہ حضرت موسيٰ عہ، حضرت يوشع عہ کي گهرايو. ۽ سندس هٿ وٺي تنبو واري اجتماع ۾ داخل ٿيو. چون ٿا تہ انهيءَ مهل الله جي تجلي ڪڪرن مان نڪري تنبوءَ ۾ نمودار ٿي. هتي الله حضرت موسيٰ عہ کي خطاب فرمايو، جنهن جي آخر ۾ الله فرمايو "نون جي پٽ يوشع کي هدايت ڪئي ويئي ۽ چيائين "تون سگهارو ٿي وڃ ۽ ڏيرج رک. ڪوبہ ڊپ ڊاءُ نہ ڪر. تون بني اسرائيل کي انهيءَ ملڪ ۾ وٺي ويندين، جنهن جو مون ساڻن وعدو ڪيو آهي ۽ مان توسان هر وقت گڏ هوندس."

حضرت موسيٰ عہ جي وفات کان پوءِ جڏهن حضرت يوشع عہ کي نبوت جو منصب عطا ٿي چڪو هو. انهيءَ وچ ۾ بني اسرائيل جي 40 سالن واري سزا جو مدو پڻ پورو ٿي چڪو هو ۽ سينا جي رڻ پٽ مان نڪرڻ جو وقت اچي ويو هو. هي اهوئي وقت هو، جيڪو مشيت الاهيءَ سان بني اسرائيل جو ارض مقدس ۾ داخل ٿيڻ واسطي مقرر ڪيو ويو هو.

هاڻي حضرت يوشع عليہ السلام کي وحيءَ ذريعي حڪم ڏنو ويو.

"منهنجو ٻانهو موسيٰ وفات ڪري ويو. تنهنڪري تون هاڻي اٺ ۽ مڙني ماڻهن کي ساڻ ڪري درياءُ يُردن جي هن پار وڃ، جيڪو مان بني اسرائيل کي ڏيان ٿو. جتي جتي تنهنجو پير پوندو جهڙيءَ طرح مون موسيٰ عہ کي چيو هو مون توکي ڏنو. رڻ پٽ ۽ لبنان کان وٺي وڏي درياهہ يعني فرات درياهہ تائين حتين جو سڄو ملڪ ۽ اولهندي طرف وڏي سمنڊ تائين توهان جي حد هوندي. تنهنجي حياتيءَ ۾ ڪوبہ ماڻهو توسان سينو ساهي نہ سگهندو. جيئن مان موسي عہ سان گڏ هوندو هئس، تيئن مان تو سان رهندس. نہ مان تومان هٿ ڪڍندس ۽ نہ وري تومان بيزار ۽ ڪک ٿيندس. سو تون سگهارو ٿيءُ. متان گهبرائين! انهيءَ شريعت تي عمل ڪر، جنهن جو حڪم مون موسيٰ عہ کي ڏنو هو. ان کان تـرَ جيترو بہ ساڄي ۽ کاٻي پاسي متان مڙين. تان تہ جيڏانهن بہ تون منهن ڪرين تيڏانهن توکي سوڀ ۽ سرسي حاصل ٿئي!"

حضرت يوشع عليہ السلام پنهنجيءَ قوم کي جهاد واسطي ڪٺو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ شطحيم نالي هڪڙي هنڌ هڙيئي ترسي پيا. هاڻي هن کان اڳتي هلڻ جنگ جوٽڻ جي برابر هو. هيءَ جنگ حضرت يوشع عہ پوري حڪمت عمليءَ سان وڙهڻ ٿي گهري، ڇاڪاڻ تہ جن قومن سان سندس مقابلو

هو، اهي تمام گهڻيون زورآور ۽ سگهاريون هيون. انهيءَ ڪري ٻن ماڻهن کي جاسوس جي حيثيت سان اريحا موڪليائين. اريحا هڪڙو مورچن ۽ وارو شهر هو جيڪو اعليٰ جوڙجڪ، بيهڪ قوت ۽ طاقت جو ڳڙهه هو. شهري انتظام پڻ اعليٰ هو ۽ اريحا شهر ۾ گهڙڻ وارن کي اڪ ۾ رکيو ويندو هو. تنهنڪري يوشع عـ جي ٻئي جاسوس جيئن ئي شهر ۾ گهڙيا تہ شهر جي حاڪم کي سندن اچڻ جو اطلاع ملي ويو، جنهن جهٽ پٽ سپاهين کي حڪم ڏنو تہ کين سوگهو ڪيو وڃي. سپاهي ٻنهي جاسوسن کي ڳولهڻ ۾ لڳي ويا. مورچي سان لڳولڳ راحب نالي هڪڙي طوائف جو گهر هوندو هو ۽ اها طوائف نهايت ئي بردبار، سمجهدار ۽ سڌ ٻڌ واري هئي. ٻنهي جاسوسن سندس در اچي ڪڙڪايو. طوائف در کوليو ۽ ڪانئن پڇيائين "توهان ڪير آهيو ۽ هتي ڇا لاءِ آيا آهيو؟"

ٻنهي ڇڻن پنهنجي باري ۾ سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائي تہ "اسان حضرت يوشع عـ جا جاسوس آهيون، تنهنڪري اسان کي پڪ آهي تہ جيڪڏهن پڪڙجي پياسين تہ قتل ڪيا ويندا سين. ڇا تنهنجي گهر ۾ ڪا لڪڻ جي جڳهہ آهي؟"

راحب وراڻيو تہ، "لڪڻ جون جڳهيون تہ ڪوڙ آهن. پر توهان ٻئي حڪومت جا ڏوهاري آهيو. جيڪڏهن منهنجي گهر مان گرفتار ٿيندؤ تہ توهان سان گڏ مونکي بہ سزا ڏني ويندي ۽ ڪا مروت ڪانہ ڪئي ويندي."

ٻنهي ڇڻن طوائف کي چيو، "اسان پڪڙجي پياسين تہ تون ڇا ٿي پائنئين تہ تون بچي ويندئين. ۽ جيڪڏهن تو اسان کي جهلائي بہ وڏو تہ تنهنجو خير ڪونهي. ٻڌي ڇڏ تہ هن شهر ۽ ملڪ کي سگهوئي فتح ڪرڻ وارا آهيون ۽ اسان جا بني اسرائيل پائر اهو پڪو پهہ ڪري وينا آهن تہ اريحا مان انهن حاڪمن کي پڇائي ڇڏڻو آهي. ان وقت توسان ۽ تنهنجي ڪٽنب قبيلي سان ڪابہ نرمي ڪانہ ڪئي ويندي. هاڻي ٻڌاءِ! توکي ڪهڙي ڳالهہ قبول آهي؟"

طوائف ڳڻ ڳوٽ ۾ پئجي ويئي ۽ ويچاريندي رهي تہ جيڪڏهن هنن جي چوڻ پٽاندر ائين ٿيو تہ بني اسرائيل ڪيس ڪڏهن بہ نہ بخشيندا. تنهنڪري عقلمندي انهيءَ ۾ آهي تہ هينئر ئي ساٿن سهڪار ڪرڻ گهرجي.

ٻئي بني اسرائيلي پريشان پڻ هئا تہ جيڪڏهن راحب ايتري دير سوچيندي رهي تہ شهري ڇاڙتا ٻنهي کي پڪڙي حاڪم وٽ پهچي ويندا ۽ حضرت يوشع عـ جو منصوبو ناڪام ٿي ويندو! راحب چيو "ڏسو! رات پئجي ويئي آهي. اونداهہ ۾ توهان ٻنهي ڇڻن جي ڳولها ايتري سولي ڪانهي. پوءِ بہ هو جيڪڏهن توهان کي ڳولينداتہ گهر جو هرهڪ ڪنڊ پاسو جانچيندا ۽ جتي بہ توهان ٿميل هوندا. جلدي جهلجي پوندا. هاڻي توهان ئي ٻڌايو تہ آئون

ڪيئن ڪريان ۽ توهان کي ڪٿي لڪايان؟"

ٻنهي ڇٽن پاڻ ۾ صلاح ڪري طوائف کي چيو ته ڪين گهر جي ڪڏ ۾ لڪايو وڃي، جهاڙو ۽ جهڙتي وٺڻ وارا هيٺان ئي ڳولهي هليا ويندا.

راحب طوائف چيو "تلاشي وٺڻ وارا اهڙا چريا به ناهن جو ائين ئي هليا وڃن. جڏهن هو جهڙتي وٺندا ته پوءِ هيٺ متي، اوسي، پاسي ۽ ڪنڊ ڪڙچ ۾ به ضرور توهان کي جانچيندا ۽ توهان ٻئي سوگهه تي پوندا!"

ٻئي ڇٽا سمجهي ويا ته مڃاڻ (شايد) راحب طوائف کين پنهنجي گهر ۾ پناهه ڏيڻ نٿي گهري، تنهنڪري ڪيس چيائون ته "چڱو نيڪ آهي! اسان ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي تا لڪون."

طوائف ٻنهي کي روڪيو ۽ چيائين "هيءَ مهل ويچارڻ جي ناهي پر ڪر وٺڻ جي آهي. تنهنڪري گهبرائڻ ۽ پريشان ٿيڻ سان ڪر نه هلندو. توهان ٻئي ڪڏ تي هليا وڃو. اتي توهان کي ٻڌائيندس ته ڪيئن لڪڻو آهي ۽ ڪيئن جهاڙو ۽ جهڙتي وٺڻ وارن کي ٽاريو ويندو آهي؟"

ٻيئي ڪڏ تي چڙهي ويا. سندن پٺيان طوائف پڻ پڇي ويئي. ڪڏ تي ڪانين جا ڍير لڳا پيا هئا. طوائف کين چيو "جهٽ ڪريو ڪانين کي هٽائي، ٻئي ڇٽا ويهي رهو. پوءِ توهان جي مٿان ڪانيون اهڙيءَ ريت سٽيندس جو انهن جي وزن ۽ بار کان نه توهان کي ٻوسٽ ۽ گهٽ ٿئي ۽ نه وري ڪانين جي دٻاءُ جي ڪري توهان جهرو ۽ رهڙجو ۽ توهان جي لاءِ هوا جو لنگهه به ڇڏي ڏيندس ته جيئن توهان ساهه کڻي سگهو ۽ نه وري توهان ڪنهن کي نظر اچي سگهو." اهو ڪر جهٽ پٽ تي ويو. طوائف ٻنهي کي ڪانين جي ڍڳ ۾ لڪائي ڪانئن پڇيائين ته "توهان کي هوا لڳي رهي آهي يا نه؟"

ٻنهي ڇٽن (دٻيل آواز ۾) چيو "ها هوا اچي رهي آهي."

طوائف چيو "هاڻي آئون هيٺ وڃان ٿي. توهان ٻئي مان ڪري ويهي رهو ۽ ڇاڙتا هيڏي هوڏي جانچڻ لڳن ته متان گهبرائجو. همت ۽ حوصلي، عقلمندي ۽ سمجهه کان ڪر وٺڻ جي مهل آهي."

طوائف هيٺ ته هلي ويئي، پر پوءِ پاڻ پڻ گهبرائڻ لڳي ۽ هٿن جون تريون مهٽيندي چيائين ته "هاڻي منهنجو الائي ڇا ٿيندو؟ ڇاڪاڻ ته انهيءَ کان اڳي به اهڙي قسم جا ڏوهاري پڪڙيا ويا هئا ۽ پاتاريدارن کي پاڳيلن سان گڏ قتل ڪيو ويو هو. ٿوري ويرم ٿي ته سپاهي طوائف جي دروازي تي اچي ڪڙو ڪڙڪايو. ڪڙي ڪڙڪڻ سان طوائف جي بت مان ساهه ئي نڪري ويو. هوڏانهن متي ڪڏ تي ٻنهي بني اسرائيل جاسوسن جو پڻ ساهه مٽ ۾ هو. پر طوائف همت ڪري سپاهين کي چيو ته "توهان مون کي هروپرو پريشان نه ڪريو. آئون شڪي ۽ ڏوهاري ماڻهن کي پاڻ وٽ اچڻ نه ڏيندي آهيان."

هڪڙي سپاهيءَ چيو "تون درُ تہ کول سهي. سڀ خبر پئجي ويندي."

طوائف چيو، "توهان حڪم ڏيو يا خوشامد ڪريو. هيءُ درُ نہ ڪلندو."

ٻئي سپاهيءَ چيو، "اسان سپاهي آهيون ۽ ٻن بني اسرائيلي نوجوانن کي تلاش ڪري رهيا آهيون. تون جلدي دروازو کول!"

طوائف دل جهلي در کوليو ۽ سپاهين کي پنهنجي سامهون ڏسي مطمئن ٿي ۽ ڪلي چوڻ لڳي "شڪر آهي جو توهان آهيو. منهنجو تہ ساهہ ئي نڪري ويو هو جو حڪومت اهو اعلان ڪري ڇڏيو هو تہ جيڪو بہ ٻنهي بني اسرائيلي جاسوسن کي پناهہ ڏيندو، اهو سخت سزا جو مستحق ٿيندو."

سپاهين پڇيو، "اهي ٻئي هتي ڪيڏي مهل آيا هئا؟"

طوائف وراڻيو تہ "رات جو شهر جو دروازو بند ٿي ويندو آهي. هو انهيءَ کان ٿورو اڳي آيا هئا. هڪڙو پيرو آيا ۽ اچي خوشامد ڪرڻ لڳا تہ هڪ رات لاءِ اسان کي پاڻ وٽ پناهہ ڏي. پر مون صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ڇٽيءَ طرح چيم تہ، "ڇا پناهہ واسطي رڳو منهنجو ئي گهر توهان کي ڏسڻ ۾ آيو آهي. وڃي ٻيو ڪو گهر تاڙيو. پوءِ ٻئي ڇٽا هليا ويا. پر پوءِ ٿوري ويرم کان پوءِ وري آيا ۽ اچي چيائون تہ هيءَ گهر تہ ڪميٽن ۽ لوفرن لاءِ ڪليل هوندو آهي، پوءِ تون ڪهڙي قسم جي لنڊي آهين، جو اسان سان ناڪار ۽ نهڪر پئي ڪرين؟"

مون کين چيو تہ "ها واقعي هيءُ گهر لوفرن ۽ پرڀهرن لاءِ تہ آهي، پر جاسوسن ۽ مجرمن، واسطي ناهي انهيءَ ڪري منهنجي جند ڇڏيو." تہ پوءِ ٻنهي مان ڪنهن چيو تہ اڙي! وارو ڪر هتان ڀڄ. اجا شهر جو ڦاٽڪ ڪليل آهي. نڪري ويندا سون. "انهيءَ ڳالهہ ٻولهہ مان آئون پايان ٿي تہ هو هتان هليا ويا آهن. اجا بہ جيڪڏهن توهان همت ڪري سندن ڪيد لڳو تہ هو اجا اردن درياهہ تائين بہ پهتا نہ هوندا. دير ۽ گهل ڪندؤ تہ اردن درياهہ پار ڪري نڪري ويندا."

هڪ سپاهي چيو، "يار راحب ڳالهہ تہ صحيح ڪري رهي آهي. گهٽ گهيڙ بند ٿيڻ کان اڳ تہ پهرين پاڻ هنن جي پڻيان پئون."

سپاهي گهاٽ تي پڇي ويا ۽ پهريدارن کان پڇيائون تہ "هتان بني اسرائيل جا ٻہ جاسوس آيا هئا، ڇا اهي توهان ٻاهر نڪرندي ڏٺا؟"

پهريدار چيو، "سائين! اهي ٻئي اندر گهڙندي ڏسي حاڪم کي اطلاع ڪيو ويو. پر رات جو جڏهن ڦاٽڪ بند ٿيڻ لڳو تہ نڪرڻ وارن جي گوپ گوپان ۾ اسان کين ڏسي نہ سگهياسون."

سپاهين ڪاوڙ ۾ اچي پهريدارن کي ٽڪ لعنت ڪئي ۽ ڦاٽڪ ٽپي ٻاهر نڪري ويا ۽ اڳتي اردن درياهہ ڏانهن پنهنجا گهوڙا ڊوڙائڻ شروع ڪيائون.

چڱي ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ٻئي ڇٽا نہ مليا تہ مايوس ٿي موٽي

آيا. طوائف سندن واپسيءَ جو انتظار ڪري رهي هئي. پوءِ جيئن ئي سپاهي سندس گهر وٽان لانگهائو ٿيا تہ طوائف کين روڪي ڪانئن پڇيائين تہ ”هو ٻئي بني اسرائيلي مليا يا نہ؟“

هڪڙي سپاهيءَ چيو تہ ”تنهنجو خيال صحيح نڪتو. ٻئي نڪري ويا.“

سپاهين جي وڃڻ کان پوءِ چڱيءَ طرح مطمئن ٿي، راحب ڪڏ تي هلي ويئي ۽ هوريان هوريان هڪل ڪيائين تہ ”هاڻي ٻاهر نڪري اچو. مصيبت ٽري ويئي.“

اندران آواز آيو تہ ”پهريائين ڪانيون تہ پري ڪر تہ اسان ٻاهر نڪرون.“

مائي جهٽ پٽ ۾ ڪانيون هٽايون. ٻئي ڇڻا ٻاهر نڪتا. ”پڇيائون شاهي ڇاڙتا آيا هئا؟“

راحب چيو، ”آيا هئا ۽ توهان ٻنهي جو پڇي رهيا هئا. مون چيو تہ اهي ٻئي هتي آيا هئا، پر جيئن تہ توهان جاسوس آهيو ۽ توهان جي باري ۾ شاهي پڙهو پڻ اچي چڪو آهي. تنهنڪري آئون دروازو نہ ڪوليندس. پوءِ مون کين ڳڻايو تہ اهي ٻئي جاسوس مڃاڻ شهر جو ڦاٽڪ ٽپي اردن درياهہ جي طرف وڃي رهيا هوندا. وارو ڪريو کين جهٽ پٽ وڃي جهليو، نہ تہ درياهہ ٽپي هليا ويندا. تنهن تي هو ڊوڙندا ڊڪندا ڦاٽڪ مان نڪري اردن درياهہ جي ڪناري پڇي ويا. پر توهان کين نہ مليا ۽ مايوس ٿي موٽي آيا. مون کين هتان ويندي سهڪندي ڏٺو.

ڪانئن سندن ناڪاميءَ جون ڳالهيون ٻڌي اهو اندازو لڳايم تہ هاڻي انهن کي پڪ آهي تہ توهان اردن درياهہ پار ڪري ويا آهيو هاڻ توهان کي جيڪو ڪجهہ ڪرڻو هجي سو ڪريو ۽ ڪابہ اڻ تڻ نہ ڪريو.“

ٻنهي بني اسرائيلي جاسوسن راحب طوائف جا ٿورا مڃيا. جنهن نہ رڳو کين پناهہ ڏني پر نهايت ڏاهپ سان کين بچائي بہ ورتائين. هنن راحب کان پڇيو تہ ”توکي خبر هئي تہ اسان ٻئي ڇڻا بني اسرائيلي آهيون ۽ توهان جي شهر اريحا ۾ جاسوسي ۽ ٺيٺ ڪرڻ واسطي آيا آهيون، هاڻي تون ٻڌاءِ تہ تو اسان کي ڇو بچايو؟ جڏهن تہ اسان ٻئي هڪڙي لحاظ کان تنهنجي قوم جا ويري ۽ دشمن پڻ آهيون.“

راحب طوائف وراڻيو، ”جيڪي ڪجهہ توهان چيو، سو درست آهي. پر اسان ڇاڻون ٿا تہ توهان جي ڪمن ۾ خدا جي مرضي شامل آهي. اسان کي اها بہ ڄاڻ آهي تہ توهان جي قوم جو نبي موسيٰ عہ جڏهن توهان مڙني کي ساڻ ڪري مصر روانو ٿيو هو ۽ مصر جو بادشاهہ فرعون توهان جي ڪڍ لڳل هو تہ الله توهان جي قوم واسطي بحيره قلزم کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو هو ۽ موسيٰ عہ پنهنجي قوم کي وچ واري خشڪ پيچري تان ٻاهر ڪڍي آيو هو. توهان خداوند جي پسنديده ۽ برگزيده قوم جا ماڻهو آهيو. تنهنڪري توهان هتي بہ جنهن ڪارج واسطي آيا آهيو، الله توهان کي ۽ توهان جي قوم

کي ضرور سوپ ۽ سرسي عطا فرمائيندو.“

ٻنهي مان هڪ چيو تہ ”مجيوسين تہ توکي يقين آهي تہ الله اسان جي قوم کي پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي عطا فرمائيندو، پر توکي اسان جي فتح مان ڪهڙو فائدو رسندو؟“

راحب طوائف وراڻيو ”جڏهن الله تعاليٰ توهان کي سوپ عطا فرمائيندو ۽ توهان هن شهر کي فتح ڪندا تہ پوءِ پڪ سان توهان جي قوم سڄي شهر ۾ ڦرمار ڪندي ۽ هر طرف رتوچاڻ ۽ رت جي راند لڳي پيئي هوندي تہ انهيءَ مهل توهان منهنجي هن گهر ۽ منهنجي ڪٽنب ۽ ڪڙم وارن کي ضرور پناهہ ڏيندا. بس هاڻي توهان ٻئي ڇٽا مون سان اهوئي واعدو ڪريو.“

ٻنهي کي واعدي وڃن ڪرڻ ۾ ڪا هيڪ ڪانہ پئي ٿي، پر هڻي هنگامي ۾ انهن ٻنهي جي قوم جا ماڻهو راحب طوائف ۽ سندس خاندان ۽ گهر کي ڪيئن سجاڻندا. اهو هڪ ڏاڍو ڏکيو مرحلو ۽ موڙ هو. نيٺ ٻنهي حل ڪڍي ورتو ۽ راحب طوائف کي چيائون ”جڏهن تون ڏسين تہ اسان جي قوم جا ماڻهو فاتحانہ شان سان داخل ٿيڻ وارا آهن تہ توهان گهر جي درين ۾ ڳاڙهي رنگ جا ڏورا يا ڪپڙي جون جهنڊيون ٻڌي ڇڏجو. اسان ٻئي پنهنجي قوم کي ٻڌائي ڇڏينداسون تہ جنهن گهر جي درين ۾ ڳاڙهيون بيرقون ٻڌل هجن، تن کي پناهہ ڏني وڃي. اهڙيءَ طرح تون ۽ تنهنجو ڪڙم قبيلو ڦرلٽ، مارڪٽ ۽ رتوچاڻ کان محفوظ رهندوءِ.“

پوءِ ٻنهي طوائف کان پڇيو تہ ”اسان تہ هتي اک ٽيٽ ڪرڻ لاءِ آيا هئاسين تہ تنهنجي قوم ڪيتري پاڻيءَ منجهہ آهي؟ هتي حڪومت ڪيتري مضبوط آهي؟ هتي فوج ڪيتري آهي ۽ ڇا اسان مٿن غالب ٿي ويندا سين؟“

طوائف چيو تہ ”توهان جي مڙني سوالن جا جواب آئون نٿي ڏيئي سگهان، پر هڪڙي ڳالهہ آئون توهان کي ٻڌائي سگهان ٿي تہ منهنجي قوم ۽ منهنجي قوم جي حڪمرانن تي توهان جي دهشت ڇانيل آهي ۽ اهائي دهشت توهان کي ڪامياب ڪرائيندي.“

ٻئي ڇٽا جنهن مقصد سان آيا هئا، سو تہ سندن پورو ٿيو، پر هاڻي سوال هيءُ هو تہ اهي ٻئي شهر مان ٻاهر ڪيئن نڪرن. ڇاڪاڻ تہ شهر جي ڦاٽڪ ۽ لنگهہ تي سخت چوڪسي هئي ۽ پهريدار ڪين شڪ ۾ جهلي حڪومت جي حوالي ڪري ڇڏين ها. تنهنڪري انهن راحب طوائف کي چيو ”مائي جڏهن هيتري مهرباني ڪئي اٿئي تہ هاڻي شهر مان ٻاهر نڪرڻ جو بہ ڪو ڏس ڏانءُ ڏي.“

راحب طوائف امالڪ وراڻيو، ”توهان کي تہ خبر آهي تہ منهنجو گهر قلعي جي پٽ سان لڳولڳ آهي، تنهنڪري ان جي درين ۽ ڳڙڪين مان توهان نڪري سگهو ٿا.“

ٻنهي رات جي اونداهيءَ ۾ دري کولي ٻاهر جو نظارو ڏٺو. هر طرف

ڪاري ڪارونيار لڳي پئي هئي. ڪو پڪي پڪڻ بہ نظر نٿي آيو، پر جڏهن هيٺ نظر ڪيائون تہ ڪافي فاصلو هو، جيڪڏهن ٻنهي ٽپ تي ڏنو تہ ٻنهي جون ٽنگون ٽي ڀڳيون....!

"طوائف انهن ٻنهي جي پريشاني جو اندازو لڳايو ۽ هڪڙو وڏو واجهہ ڪٽي آئي تہ انهيءَ واجهہ جي ذريعي ٻئي هيٺ لهي وڃن. ٻنهي ڇٽن واجهہ جو هڪڙو ڇيڙو دريءَ سان ٻڌو، پوءِ هڪٻئي پٺيان هوريان هوريان هيٺ لهي ويا. هيٺ لهڻ کان پوءِ انهن رسيءَ کي جهٽڪو ڏنو. جنهن سان طوائف سمجهي ويئي تہ ٻنهي جا پٽ تي پير کپي ويا آهن. ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ اڳ پوءِ جو جائزو ورتو ويو. ڦاٽڪ وٽ سوجهرو هو، جنهن مان پتو پيو تي تہ سندن ڳولها اجا جاري آهي ۽ حڪومت جا ڇاڙتا اجا سندن تلاشيءَ ۾ رڌل آهن." ٻنهي ڇٽن قلعي جي ديوار کي چهٽندي ۽ چنبڙندي پوئتي هٽڻ شروع ڪيو.. تان جو جڏهن قلعي جي ڪنڊ تي پهتا تہ ٻئي طرف مڙي ٻنهي اونداهہ ۾ ڀڄڻ شروع ڪيو. انهيءَ گس جي ڪين خبر هئي. ويجهو ئي هڪڙي ٽڪري هئي، ٻنهي ڇٽن انهيءَ ٽڪريءَ ۾ وڃي پناهہ ورتي. اتي ٻن ڏينهن تائين ڦميل هئا. پوءِ ٻئي ڇٽا وجهہ وٺي ٽڪريءَ مان نڪري ويا ۽ حضرت يوشع عہ کي وڃي سمورو احوال سڻايائون.

هاڻي حضرت يوشع عہ اريحا تي حملي ڪرڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. ڪين اها خبر ملندي ئي ڏاڍي خوشي ٿي تہ جن تي هو حملو ڪرڻ وارا آهن، اهي اڳيئي ڪانئن هيسيل آهن. انهن ٻنهي ڇٽن حضرت يوشع عہ کي راحب طوائف جو سمورو احوال ٻڌايو ۽ چيائون تہ سائين! اوهان پنهنجي لشڪر کي ٻڌائي ڇڏيو تہ جنهن گهر جي درين ۾ ڳاڙهيون جهنڊيون يا ڳڙڪين مان ڳاڙها ڏاڳا لٽڪندي نظر اچن تہ انهيءَ اجهي جي حفاظت ڪئي وڃي."

حضرت يوشع عہ اهڙو اعلان هر هر پئي ڪيو تہ جيئن سڀني کي سڌ هجي ۽ ڪين چڱيءَ طرح يادگيري هجي ۽ پوءِ انهيءَ جي پيروي ڪن. جنگ جا سانباها ڪرڻ کان پوءِ حضرت يوشع عہ پنهنجي قوم کي وٺي اڳتي وڌيو ۽ اردن درياهہ تائين پڄي ويو. فوج جي اڳيان ڪاهن (ڪٽا ڪنڊڙ) تابوت سڪينہ کڻي هلي رهيا هئا.

تابوت سڪينہ ڪاٺ جي ٻٽيل هڪ صندوق هئي. جنهن کي الله جي حڪم سان جوڙيو ويو هو. ان جي ڊيگهہ اڍائي هٿ، ويڪر ڏيڍ هٿ ۽ اوچائي بہ ڏيڍ هٿ هئي. ان جي اندران ۽ ٻاهران سون جڙيل هو. صندوق جي مٿان هڪ زرين تاج ٻٽيل هو. سون جا بہ فرشتا مٿي ڍڪيل اهڙي طرح ٻٽايا ويا هئا جو سندن منهن هڪٻئي جي آمهون سامهون هئا ۽ فرشتن جا پر صندوق کي ڍڪي رهيا هئا: ان کي کڻڻ لاءِ مٿس چار سونا ڪنڊا لڳل هئا. صندوق جي اندر عهدنامو هو، جيڪو

خداوند ۽ حضرت موسيٰ عـ جي وچ ۾ ٿيو هو. ان کان سواءِ جڏهن بہ بني اسرائيل تي من ۽ سلويٰ نازل ٿيندو هو تہ هڪڙي ٿانوَ ۾ ڀرائي انهيءَ پلاري صندوق ۾ رکيو ويندو هون تان جو تہ اهو بني اسرائيل واسطي يادگار رهي. حضرت هارون عليہ السلام جي وفات کان پوءِ سندس پهراڻ مبارڪ ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام جي وصال کان پوءِ سندس لٺ مبارڪ ۽ ٻيا تبرڪات انهيءَ صندوق ۾ رکيا ويا هئا ۽ ڪجهہ روايتن موجب منجهس سوا لڪ پيغمبرن جون تصويرون يا شبيهہ مبارڪون پڻ رکيون ويون هيون ۽ چون ٿا تہ انهيءَ پلاري صندوق جي پرسان الله تعاليٰ، حضرت موسيٰ عـ سان مخاطب ٿيندو هو. قرآن ڪريم ۾ تابوت سڪينہ جو ذڪر هن طرح آيل آهي تہ:

"هڪڙي صندوق، جنهن ۾ توهان جي پالڻهار پاران دل جي تسلي ۽ سڪون آهي. تنهن ۾ ڪجهہ بچيل شيون آهن، جيڪي موسيٰ عـ ۽ هارون عـ جي اولاد پنهنجي پويان ڇڏيون هيون."

اهو تابوت سڪينہ بني اسرائيل جي لشڪر سان گڏ هلي رهيو هو ۽ ان جي ڪٽڻ واسطي چار ڪاهن (ڪٽا ڪندڙ) مقرر ڪيل هئا. اهي ڪاهن پنهنجن ڪلهن تي تابوت سڪينہ کڻي هلي رهيا هئا ۽ بني اسرائيل پنڌيان اچي رهيا هئا. جڏهن اهي يردن درياهہ وٽ پڳا تہ درياهہ کي پار ڪرڻ هڪ مسئلو ٿي پيو، پر انهي اوکيءَ ويل قدرت خداوندي کين ڪم آئي. چئن ئي ڪاهن (ڪٽا ڪندڙن) جا پير، جيئن ئي پاڻيءَ کي لڳا، پاڻي ٻن حصن ۾ ورڇجي ويو ۽ وچان گس بڻجي پيو ۽ سمورو لشڪر درياهہ جي ٻي پر پڇي ويو. جتي اڳيئي ڪاهن درياهہ جي ڪپ تي انتظار ڪري رهيا هئا تہ جيئن ئي لشڪر انهيءَ طرف پهچي وڃي تہ اهي تابوت سڪينہ کي کڻي ٻئي پاسي وڃن. نيٺ لشڪر ۽ تابوت سڪينہ ٻئي ٻي پار پڇي ويا. جنهن هنڌ تي ترسيا. انهيءَ جو نالو جلجل هو. ان جي سامهون اريحا شهر جي فصيل هئي ۽ اهو شهر نهايت ئي محفوظ هو. قلعي جون پٿيون تمام گهڻيون ڊگهيون ۽ وڏيون، ٿلهيون ۽ ويڪريون، پڪيون ۽ پختيون هيون، جيڪي سولائي سان ٽپڻ ۽ پار ڪرڻ جي قابل ڪونہ هيون.

حضرت يوشع عـ حڪم ڏنو "تابوت سڪينہ کي کڻي شهر جي چوڏسن تي ڦيرايو وڃي ۽ گهيڻي جي سڳن مان نهيل توتارا گشت دوران وڄايا وڃن." ست ڏينهن تائين اهو عمل جاري رهيو ۽ تابوت سڪينہ جي گشت سان گڏ توتارا وڄندا رهيا. ستين ڏينهن حضرت يوشع عـ حڪم ڏنو تہ "هاڻي جيترو جنهن جي ڄاڙيءَ ۾ زور هجي، پنهنجي پوري طاقت سان توتارا وڄايا وڃن. هيڏانهن سڳن جو آواز وڌيو، هوڏانهن بني اسرائيل پنهنجي نڙيءَ مان پوريءَ قوت سان نعرا لڳايا. انهيءَ جو اثر

هيءُ ٿيو جو شهر جي پناهه واري پٽ اچي ڦهڪو ڪيو ۽ بني اسرائيل اندر داخل ٿيا. انهيءَ موقعي تي حضرت يوشع عـ پنهنجي قوم کي چيو "جڏهن توهان شهر ۾ داخل ٿيو تہ خدا جي حڪم پٽاندر ان جو شڪريو ادا ڪندي، سجدا ڪندي، نياز ۽ نئڙت ڪندي، شهر ۾ داخل ٿجو. اهڙيءَ ريت خداوند ڪريم ڏاڍو خوش ٿيندو."

بني اسرائيل حضرت يوشع عـ جي ڳالهه تان چرچا ۽ گهڻا ڪرڻ لڳا تہ "محنت ۽ مشقت اسان جي، همت ۽ حوصلو اسان جو، سعيو ۽ ڪوشش اسان جي جاکوڙ ۽ پتوڙ اسان جي، جدوجهد ۽ قرباني اسان جي ۽ شڪر وري خدا جو ڪريون. اها ڪهڙي تو ڳالهه ڪرين؟" جنهنڪري اهي اريحا شهر ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ زمين تي ليٽي پيا ۽ اونڌا ٿي شهر ڏانهن ڪسڪندا ۽ رڙهندا رهيا ۽ چوڻ لڳا "سنگ جي اندر داڻو بهتر ۽ انهن مان ڪي وري حنطہ چوڻ لڳا جڏهن تہ ڪين چيو ويو هو تہ سجدي ۾ وڃي چئو "حطہ يغفرلنا" (گناهن جي مغفرت گهرون ٿا) ۽ بني اسرائيلن حنطہ جي بدران "اي رب اسان کي ڪڻڪ ڏي." چوڻ لڳا.

قرآن مجيد ۾ انهيءَ واقعي کي هن ريت بيان ڪيو ويو آهي:

"۽ جڏهن ڪين چيو ويو تہ هن شهر ۾ سڪونت اختيار ڪريو ۽ جتان بہ توهان جي دل گهري کائجو ۽ پيٽجو ۽ حطہ عنا خطايانہ چئجو ۽ سجدا ڪجو، توهان جون مدايون معاف ڪيون ويندیون ۽ نيڪي ڪرڻ وارن کي اجا بہ جهجهو ڏينداسين. پر منجهن جيڪي ظالم هئا، انهن اهو لفظ جنهن جو ڪين حڪم ڏنو ويو هو، بدلائي ڇڏيائون ۽ انهيءَ جي جڳهه تي حنطہ چوڻ شروع ڪيائون تہ اسان مٿن آسمان مان عذاب موڪليو، انهي ڪري جو اهي ظالم هئا" (اعراق) حضرت يوشع عـ ٻنهي جاسوسن کي حڪم ڏنو تہ "طوائف راحب کي سندس ڪڙم ۽ ڪٽنب سوڌو ٻاهر ڪڍي اچو، تان تہ شهر جي تباهيءَ ۽ برباديءَ ۾ اهي متان ڌڪي ڦٽجي پون."

ٻئي ڇڻا راحب کي سندس خاندان سميت حفاظت سان ٻاهر ڪڍي آيا ۽ لشڪر جي پڇاڙيءَ ۾ ڪين رهڻ لاءِ جڳهه ڏني ويئي ۽ ان کان پوءِ شهر جي خلاف ڪارروائي ڪئي ويئي. شهرين تي تہ اڳيئي سندن هيبت ۽ حشمت ڇانيل هئي. ڏاڍي ڇتي ويڙهه ٿي. پر ڪين هار نصيب ٿي ۽ حضرت يوشع عـ هڙني کي قتل ڪري ڇڏيو.

توريت ۾ هن ريت مذڪور آهي تہ:

"۽ انهن سيني کي، جيڪي شهر ۾ هئا، مڙس زالون، جوان، ٻيڙا، ڍور ڍڳا، وهٽ وهڙا، گڏهه گابا هڙني کي تلوار سان نيست و نابود ڪري ڇڏيو ۽ انهن، انهيءَ شهر ۾ جيڪي ڪجهه هو، سڀ باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو."

فقط سون، چاندي، ٽامون، پتل ۽ لوهه جا اوزار هٿيار ۽ ٿانوَ ٿپا بچايا ويا ۽ انهن کي بيت المال ۾ داخل

ڪيو ويو.

اڳتي عئي شهر وارن بني اسرائيلن کي تمام گهڻو نقصان پهچايو.

حضرت يوشع عـ کي گهڻي حيرت ٿي تہ ڪيس شڪست ڇو ملي؟ جڏهن تہ الله ڪين يقين ڏياريو هو تہ جتي سندن ڪپ ڪپندا ۽ ڪڙي ڪوڙيندا، اهو پرڳڻو ڪين ڏنو ويندو. پر هتي تہ سمورو لشڪر شهر ۾ گهڙي پيو هو، پوءِ بہ ڪين هار ڇو نصيب ٿي؟

ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪيس ٻڌايو ويو تہ سندس لشڪر ۾ هڪڙو بي ايمان ۽ بدمعاش، ڪپتيو ۽ ڪويساهيو ماڻهو موجود آهي، جنهن غنيمت جي مال مان ڪجهہ سون چوري ڪيو آهي. ان جي بدديانتي جي ڪري بني اسرائيلن کي پاڻ کائڻي پئي.

انهيءَ راز پروڙڻ کان پوءِ حضرت يوشع عـ اعلان ڪيو تہ "توهان ۾ جيڪو بہ هٿ جو ميرو، هجي سو پنهنجي بي ايمانيءَ جو پاڻ ئي اقرار ڪري نہ تہ اسان جو پالٿهار پاڻيهي پڌرو ڪندس!"

ڪنهن ماڻهوءَ چور کي چوري ڪندي ڏسي ورتو هو، تڏهن حضرت يوشع عـ کي ٻڌايو تہ يهوداہ قبيلي جو عڪن نالي هڪڙي ماڻهوءَ چوري ڪئي آهي ۽ هن پاڻ ڪيس سون لڪائيندي ڏٺو هو.

چور پڪڙجي پيو ۽ تحقيق ڪئي ويئي تہ معلوم ٿيو تہ اهو ڪرمي بن زيدي بن زاوح جو پٽ هو. جنهن ڪجهہ سون ۽ ڪجهہ چاندي پڻ چوري ڪئي هئي. تنهن جي ڪري خداوند عظيم جو ڏمر بني اسرائيل تي ٿيو ۽ بني اسرائيل کي پاڄ کائڻي پيئي.

حضرت يوشع عـ ان کان پڇيو "تو ائين ڇو ڪيو؟"

عڪن وراڻو "آئون لوپ لالچ ۾ انڌو ٿي پيس."

حضرت يوشع عـ پڇيس "اهو سون ۽ چاندي ڪٿي آهي، هينئر ئي منهنجي حوالي ڪر؟"

عڪن چورايل سون ۽ چاندي سندس حوالي ڪيو، جنهن کي بيت المال ۾ داخل ڪيو ويو ۽ عڪن کي فيصلو ٻڌايو ويو تہ ڪيس سنگسار ڪيو ويندو."

عڪن کي هڪڙي ميدان ۾ بيهاريو ويو ۽ بني اسرائيل هٿن ۾ پاهڻ ۽ پٿر کڻي بيهي رهيا.

عڪن رڙيون ۽ ريهون ڪري رحم جي درخواست ڪري رهيو هو تہ "ٻيلي مون کي معاف ڪريو هاڻي وري اهڙي حرڪت ڪونہ ڪندس. مون مڙيئي بچڙايون ۽ لچايون ڇڏيون."

پر حضرت يوشع عـ چيو "انهيءَ کي معاف نٿو ڪري سگهجي. مٿس پاهڻن ۽ پٿرن جو مينهن وسايو وڃي. تنهن تي هر طرف کان مٿس پاهڻ ۽ پٿر وسڻ شروع ٿي ويا. گهڻيئي پنهنجن هٿن سان پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر آخر ڪيستائين...! اتي جو اتي رت ۾ رڳجي ويو. سندس مٿو چٽي ڇڏيائون. مغز ڦاڙي وڌائونس. سندس ڪپڙا لٽا رت ۾ ڳاڙها ٿي ويا.

پاهٽن ۽ پٽرن جي مينهن ۾ هو بنهه رتوچاڻ ٿي ويو ۽ سندس ٻوٽ اهڙو ته چيپاڻجي ۽ چچرجي پيو جو هو سجاڻجي به نٿي سگهيو.

عڪن جي مارجي وڃڻ کان پوءِ حضرت يوشع عـ کي حڪم ڏنو ويو ته هاٿي تون عئي شهر تي چڙهائي ڪر. خدا توکي سوڀ نصيب فرمائيندو.

عئي شهر تي ٻيهر ڪاهه ڪئي ويئي. هن ڀيري بني اسرائيلن کي سرسي حاصل ٿي ۽ عئي واسين کي هار نصيب ٿي. انهن کي پڇڻ به ڪونه ڏنو ويو. سندن سڀ واهون ۽ واٽون، گس، پنڌ بند ڪيا ويا ۽ مڙني کي قتل ڪيو ويو. ڪپيل ڪنڌن کي جڏهن ڳڻيو ويو ته اهي 12000 (ٻارهن هزار) هئا.

انهن ٻنهي شهرن کي فتح ڪرڻ کان پوءِ نه رڳو ڀرپاسي بني اسرائيل جو ڏاڪو ڇمي ويو پر پري پري تائين سندن ڏهڪاءُ ڇانئجي ويو. هاٿي سندن آڏو جبعون نالي رياست هئي. اهو هڪ وڏو پرڳڻو هو. اتي جو بادشاهه ۽ اتي جا ماڻهو بهادريءَ ۽ دليريءَ ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هئا. اها رياست چئن شهرن تي مشتمل هئي. جبعون، ڪيفر، بيروت ۽ قريت يعريم سندن شهر هئا. اها رياست جلجل کان ٽن ڏينهن جي مسافريءَ تي هئي ۽ اتي بني اسرائيلن جو رعب ۽ دٻدٻو پڻ طاري ٿي ويو هو. گس ۾ ڪجهه سفيرن ملڻ چاهيو ٿي. حضرت يوشع عـ اجازت ڏني ته سفيرن کي وٽس پيش ڪيو وڃي. سفيرن کي سندس خدمت ۾ پيش ڪيو ويو. سفيرن جا ڪپڙا لٽا نهايت پراڻا هئا ۽ هرهنڌ چتيون پڻ لڳل هيون. شراب جون پخالون گڏهن تي لڏي آيا هئا.، سڪل ۽ اٽيي ماني هٿن ۾ هئن. انهن هڙني کي حضرت يوشع عـ آڏو گهرايو ويو. اهي سفير ڏسڻ ۾ گدلا، گرا، ميرا ۽ ميڏنا نظر اچي رهيا هئا. مٿي جا وار ۽ پير مٽيءَ سان ڀريا پيا هئا ۽ ائين لڳي رهيو هو ته اهي ڪي ڏورانهن پرڳڻن ۽ علائقن مان ڪهي آيا هجن.

حضرت يوشع عـ کين عزت ۽ احترام سان ويهاريو ۽ پڇيائين "توهان ڇا ٿا چاهيو؟" انهن چيو، "سائين! اوهان اسان جو حال ڏسي رهيا آهيو. اسان گهڻو پري کان آيا آهيون. اوهان جو ڏاڪو پري پري تائين ڇمي ويو آهي. اوهان جنهن به شهر تي حملو ڪريو ٿا، آخر انهيءَ کي فتح ڪري وٺو ٿا. جيڪڏهن اوهان جي ڪاهن ۽ جلاهن، چڙهاين ۽ حملن جو اهو سلسلو جاري رهيو ته پوءِ اسان جو به خير ڪونهي ۽ نيٺ هڪ ڏينهن اسان جو شهر به فتح ڪري وٺندا. تنهنڪري اسان نٿا گهرون ته اوهان اسان جي شهر تي حملو ڪريو توهان جي حملي سان اسان جو شهر تباهه ۽ برباد ٿي ويندو. انهيءَ ڪري اسان اوهان سان ناهه ڪرڻ گهرون ٿا. اهڙو معاهدو پنهنجي وچ ۾ ٿيڻ گهرجي. جڏهن اوهان اسان جي شهر ۾ ايندا ته اوهان کي شهر جا دروازا کليل ملندا. جنهن دروازي کان

اوهان داخل ٿيو. اسان اوهان جي ڏاڍي تعظيم ۽ تڪريم ۽ سٺي مهمان نوازي ڪنداسين!“

ٻنهي ڌرين ۾ صلح ٿي ويو ۽ هڪڙو امن جو معاهدو تيار ٿيو. صلح ۽ سرڄاءَ کان پوءِ اهي سفير واپس هليا ويا ۽ حضرت يوشع عـ جبعون جي طرف وڌڻ لڳو. جبعون شهر جو گهاٽ ڪوليو ويو. فوجون هٽايون ويون ۽ جڏهن حضرت يوشع عـ ٽئين ڏينهن جبعون شهر پهچي شهر کي گهيري ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ پتو پيو تہ شهر جا سڀئي دروازا ڪليل آهن ۽ مرڪزي گهاٽ بہ سندن آجياڻي ۽ آڌرڀاءُ واسطي ڪوليو ويو آهي. ڪين عجب لڳو تہ هيءَ ڪهڙا شهري آهن، جن تي بني اسرائيلن جو ڪوبہ ڊپ ڊاءُ ۽ ڏهڪاءُ ڇانيل ناهي ۽ بلڪل بي خوف آهن.

حضرت يوشع عـ وڏي گهاٽ مان گهڙندي ڏٺو تہ سندس پليڪار ۽ ڪيڪار واسطي اهي ساڳيا سفير بيٺل آهن، جيڪي ساٺس ”امن جو معاهدو“ ڪرڻ آئيا هئا. حضرت يوشع عـ ڪانئن اچرج مان پڇيو ”توهان هتي وري ڪيئن...! توهان تہ ڪنهن ڏورانهين پرڳڻي کان ڪهي مون وٽ آيا هئا؟“

انهن وراڻيو، ”سائين اسان هن شهر جا رهواسي آهيون ۽ اسان هن ئي رياست لاءِ اوهان سان ”امن جو معاهدو ڪيو هو!“

حضرت يوشع عـ فرمايو ”انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ توهان مون کي دوکو ڏنو آهي. جيڪڏهن مان توهان جي معاهدي مطابق توهان کي معاف نہ ڪريان ۽ توهان جي قوم کي جوڳي سيکت ڏيان تہ پوءِ توهان ڇا ڪندا؟“

انهن چيو، ”اوهان جيڪو اسان سان ٻول ۽ وچن ڪيو آهي. اوهان انهيءَ تي عمل ڪرڻ جا پابند آهيو.“

حضرت يوشع عـ سوچڻ کان پوءِ چيو ”چڱو ٺيڪ آهي. انهيءَ عهدنامي جي پابندي ڪندس پر انهن سفيرن ۽ ايلچين کي سندن دوکي ۽ دولاب جي ضرور سيکت ڏيندس.“

پوءِ انهن سڀني سفيرن کي گرفتار ڪيو ويو. حضرت يوشع عـ پرامن طريقي سان شهر ۾ داخل ٿيو، ڇاڪاڻ تہ شهرين کي معافي ڏني ويئي هئي. شهر تي پوريءَ طرح قابض ٿيڻ کان پوءِ اعلان ڪيو ويو ”اي شهر واسيو! توهان کي معاف ڪيو ويو آهي ۽ توهان جي مال ملڪيت کي هٿ بہ نہ لڳايو ويندو. پر توهان جي سفيرن کي ڪوڙ ڪپت ۽ ٺڳيءَ جي ناهہ جي سيکت ضرور ڏني ويندي ۽ ڪين خدا پاڪ جي گهر لاءِ ڪانيون آڻيون پونديون ۽ پاڻي پڻ پرڻو پوندو.“

انهيءَ ڪري انهن ايلچين مان ڪن کي ”ڪانير“ بڻايو ويو ۽ ڪن کي ”پخالي.“ اهي غلامن وانگر خدمت سرانجام ڏيڻ لڳا. هاڻي شهرواسي تہ بلڪل محفوظ هئا. پر سندن سفير الله جي گهر واسطي ڪانين ۽ پاڻيءَ پرڻ جي خدمت ڪندا رهيا.

حضرت يوشع عليہ السلام هتان کان اڳتي وڌيو، پر ڪيس گس ۾ ٻڌايو

ويو تہ "پنج وڏا راجا سندس خلاف مڙيءَ مٽ تي ويا آهن ۽ اهي ڪنهن بہ وقت جبعون تي قبضو ڪري اڳتي بني اسرائيلن تي حملو ڪري سگهن ٿا....!"

پنجن ئي اتحادين جبعون جو انهيءَ مهل گهيرو ڪيو، جڏهن حضرت يوشع عہ بني اسرائيلن سان گڏ جلجل واپس موٽي چڪو هو. هاڻي ڪيس جبعون لاءِ موٽڻو پيو، پر جبعون تائين پهچڻ کان اڳيئي اتحادين جبعون تي قبضو ڪري ورتو هو. هڪڙو پيرو وري حضرت يوشع عہ کي جبعون سان وڙهڻو پيو. ڪيس يقين هو تہ اتحادين جي حملي ۾ پڻ سفيرن جو هٿ هوندو. پاڻ جبعون جو گهيرو تہ ڪري ورتائين، مگر اها جستجو بہ جاري رکيائين تہ دوڪيباز ۽ سازشي سفيرن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪئي وڃي ۽ ڪين انهيءَ ويساهہ گهاتيءَ جي جوڳي سيکت ڏني وڃي. شهر جو محاصرو ڪيترائي ڏينهن جاري رهيو ۽ ان کي فتح ڪرڻ ۾ ٻين شهرن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽي ڏکيائي پيش آئي. پنجن ئي اتحادين اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ حضرت يوشع عہ کي سندس قوم سان گڏ "سينا جي رڻ پٽ" واپس موٽائڻو آهي.

شهر جو گهيرو جاري هو ۽ حضرت يوشع عہ انهيءَ اوسيئڙي ۾ هو تہ ڪو اهڙو وجهہ ملي جو شهر جون چوڪيون ۽ مورچا ڊاهي سگهجن. انهيءَ موقعي تي حضرت يوشع عہ کي سٽس پيئي تہ ڪو عابد ۽ زاهد ٻانهو پنهنجي روحاني فيض سان شهر کي بچايو بيٺو آهي.

حضرت يوشع عليہ السلام ڪوشش ڪئي تہ ڪنهن ريت انهيءَ بزرگ کي ٻڌايو وڃي تہ سندس اهو روحاني ڪمال هڪڙي پيغمبر کي گهٽي عرصي تائين پريشان نٿو ڪري سگهي ۽ نيٺ انهيءَ بزرگ کي پيغمبر آڏو لڄي ٿيٽو پوندو. پر اهو پيغام ۽ پارانيو انهيءَ روحاني بزرگ تائين پهچڻ نہ ڏنو ويو ۽ حضرت يوشع عہ بہ گهيرو ختم نہ ڪيو. انهيءَ جنگ هلندي جمعي جو ڏينهن اچي ويو. جنگ اينگهجي ويئي، هونئن تہ جنگ جو فيصلو ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ ئي ٿي سگهيو، پر ڏکيائين هيءَ هئي تہ ايندڙ ڏينهن چنڇر جو هو ۽ چنڇر جي ڏينهن بني اسرائيل جنگ نٿا ڪري سگهن. ڇاڪاڻ تہ چنڇر جي ڏينهن ڪين جنگ ڪرڻ ۽ ڪم ڪار ڪرڻ کان منع ڪئي ويئي آهي. نماشام جي مهل هئي. رات جي اونداهيءَ ۾ لڙائي نٿي ٿي سگهي. انهيءَ نازڪ موڙ تي حضرت يوشع عليہ السلام ڏٺيءَ در دعا ڪئي ۽ سج ۽ چنڊ سان ڪلام ڪيائين تہ "اي سج! تون جبعون تي بيهي رهہ ۽ اڙي چنڊ! تون ايالون جي ماٿري وٽ رڪجي وڃ! انهيءَ ڪلام ڪرڻ کان پوءِ سج جبعون تي ڄمي بيهي رهيو ۽ چنڊ ايالون جي وادي‌ء وٽ ٽڪ ٻڌي بيهي رهيو ۽ تر جيترو بہ نہ چريا ۽ نہ پنهنجي جاءِ تان هٽيا. خدا جي قدرت سان پنجن ئي اتحادين کي شڪست ٿي ويئي ۽ پنج ئي ڇٽا ڀڄي مقيده جي غار ۾ وڃي لڪيا. حضرت يوشع عہ بني اسرائيلن جي سهڪار سان ڪيترائي وڏا پاهڻ ۽ پٿر ڪٽي غار جي منهن تي رکي ڇڏيا. جنهن سان هاڻي اهي پنج ئي راجا غار ۾ سوگها ٿي ويا

۽ سندن پڇڻ جون واهون ۽ واڻون بند ٿي ويون، اتان واندي ٿيڻ کان پوءِ حضرت يوشع عـ ويڙهاڪ بني اسرائيلن کي حڪم ڏنو تـ پاڳيلي لشڪر جي ڪڍ لڳو. پوءِ تـ بني اسرائيل اچي دشمنن جي پٺيان پيا ۽ سندن سسيون لاهيندا ويا تان جو ميدان صاف ٿي ويو. جڏهن واپس موٽيا تـ حضرت يوشع عـ غار جي منهن تان پٿر هٽارائي پنجن ئي راجائن کي غار کان ٻاهر ڪڍيو ۽ سندن سسيون لاهي ڏڙ وڻن ۾ لٽڪايا ويا. هاڻي سج لهڻ وارو هو، حضرت يوشع عـ بني اسرائيلن کي حڪم ڏنو تـ جهٽ ڪريو. پنجن ئي لاشن کي وڻن تان لاهي انهيءَ غار ۾ دفن ڪري ڇڏيو ۽ اهو ڪم رات پوڻ کان اڳي ٿيڻ گهرجي.“

رات ويجهڙي هئي ۽ اها ڇنڇر جي رات شروع ٿيڻ واري هئي. بني اسرائيلن وڏي همت ۽ جرئت سان اهو ڪم سرانجام ڏيئي ڇڏيو ۽ پنجن ئي بادشاهن جا مڙهه مقيده جي غار ۾ ڍڪي پوري ڇڏيائون. ڇنڇر کان پوءِ انهن اڳيرائي ڪئي ۽ شهرن تي شهر فتح ڪندي اچي بيت المقدس ۾ داخل ٿيا. بيت المقدس کي هٿ ۾ ڪرڻ کان پوءِ هنن پنهنجن سوين جو جڏهن حساب ڪيو تـ خبر پئي تـ حضرت يوشع عـ 31 (ايڪٽيهه) بادشاهن ۽ راجائن کي شڪست ڏيئي شهر فتح ڪري چڪو هو ۽ اجا بـ فلسطين جا ڪجهه پرڳٽا رهجي ويا هئا. هاڻي انهن فتح ڪيل علائقن ۾ حڪومت قائم ڪرڻ جو وقت اچي ويو هو. حضرت يوشع عـ سان گڏ بني اسرائيلن جا 12 قبيلا هئا. انهن ٻارنهن قبيلن جو تعلق حضرت يعقوب عليه السلام جي 12 پٽن سان هو، جيڪي 2 زالن ۽ ٻانهين مان هئا. جڏهن مڙيئي والاريل شهر ٻارنهن قبيلن ۾ وندبيا ورڇيا ويا تڏهن ڏٺائون تـ پنجن راڄوٽي سردارن کي تـ علائقا ملي ويا آهن ۽ ست رهجي ويا آهن. فلسطين جي پوءِ اڻ والاريل علائقن جو حساب ڪيو ويو ۽ انهن کي فتح ڪرڻ کان اڳيئي رهيل ستن راڄوٽي سردارن ۾ ورهايا ويا. بني اسرائيلن ڏٺو تـ حضرت يوشع عـ سين کي ڪجهه نـ ڪجهه ڏيئي ڇڏيو، پر پنهنجي واسطي ڪجهه ڪونـ رکيائون تـ مڙني حضرت يوشع عـ کي منٽ ڪئي تـ هو جتي ۽ جنهن علائقي ۾ چاهي، پنهنجي لاءِ هڪڙو سهڻو شهر چونڊي سگهي ٿو. حضرت يوشع عـ پنهنجي پرڳٽي افرائيم جي ڪوهستاني علائقي مان تمنت شرح کي پنهنجي واسطي پسند ڪيو ۽ انهي شهر ۾ پاڻ مقيم ٿيو.

بني لاوي قبيلي کي ميراث جي انهيءَ ورهاست ۾ شامل ڪونـ ڪيو ويو ۽ اهو قبيلو اهوئي هو، جنهن جو تعلق حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت هارون عليه السلام سان هو. جڏهن ڪانئس پڇيو ويو تـ بني لاوي راڄ کي ڪجهه بـ ڪونـ ڏنو ويو تـ پاڻ فرمايائين تـ ”توهان وٽ بني لاوي وارن جو ڪوبـ حصو پتي ڪانهي. انهيءَ ڪري جو خداوند جي ڪهانت (ڪتا) انهن لاءِ ميراث آهي.“ پر پوءِ بني اسرائيلن وندبِ ورڇ کان پوءِ پنهنجيءَ رضاخوشيءَ سان پنهنجي پتيءَ مان ڪجهه شهر نذراني طور بني لاوي راڄ

کي ڏيئي ڇڏيا.

هاڻي حضرت يوشع عليہ السلام، انتظامي احڪامن واسطي بني اسرائيلن مان هزار ـ هزار، سئو ـ سئو ۽ ڏهن ـ ڏهن تي هڪڙو سردار ۽ منصبدار مقرر فرمايو. بني اسرائيلن جهيڙن جهنڙن، قڏن ۽ فسادن جو نبيرو ڪرڻ ۽ شرعي اختلاف جي فيصلن واسطي قاضين جي مقرري فرمائي. اهي ڪم تي رهيا هئا ۽ تبليغ ۽ ارشاد جو ڪم بہ جاري هو.

جڏهن مڙيئي راڄوڻي سردار پنهنجن پنهنجن پرڳڻن جو انتظام سنڀالڻ واسطي وڃي رهيا هئا تہ حضرت يوشع عہ هڪڙو خطبو ڏنو:

"توهان پنهنجي ميراث زمين جي ديرن تي، جيڪا خداوند ڪريم جي ٻانهي موسيٰ عہ (يردن درياهہ) جي پراڙ (ٻي پار) توهان کي ڏني اهي، هليا وڃو. فقط انهيءَ شرع تي. پيروي ڪرڻ جي ڪوشش ڪجو. جنهن جو حڪم خداوند عظيم جي ٻانهي موسيٰ عہ توهان کي ڏنو آهي تہ توهان خداوند قدوس سان محبت ڪريو ۽ سندس ڏسيل واٽ تي هلجو. اها راهہ ڇڏيندا تہ گمراهہ ٿيندا. سندس احڪامن ۽ ارشادن کي مڃو ۽ سچيءَ دل سان سندس بندگي ۽ عبادت ڪريو."

حضرت يوشع عليہ السلام کين فيض ۽ برڪت ڏيئي روانو ڪيو ۽ اهي پنهنجن پنهنجن ديرن تي هليا ويا.

هاڻي حضرت يوشع عليہ السلام ضعيف ۽ ڏٻرو ٿي چڪو هو. ڪيس دشمنن وٽان سڪون ۽ اطمينان بہ نصيب ٿيو تہ پاڻ بني اسرائيلن جي سردارن ۽ منصب دارن کي گڏ ڪري سندن سامهون هڪ تقرير دلپذير پُر تاثير ڪئي.

"سو توهان چڱيءَ طرح همت ڪري، جو ڪجهہ موسيٰ عہ جي ڪتاب ۾ لکيل آهي، ان تي هلجو ۽ عمل ڪجو ۽ توهان انهن قومن ۾، جي توهان کان سواءِ توهان ۾ موجود آهن نہ وڃو ۽ انهن جي ديوتائن جي نالي جو ذڪر ڪريو ۽ نہ انهن جو سنهن قسم کڻو. نہ انهن جي پوڄا ڪريو نہ سجدو ڪريو. پر پنهنجي خداسان چنبڙيا ۽ چهٽيا پيا هجو. جيئن اڄ توهان ڪري ڏيکاريو آهي. خدا وڏين وڏين طاقتن ۽ قوتن کي توهان جي آڏو جهڪائي ۽ نمائي ڇڏيو آهي. نہ رڳو اهو، پر اڄ ڏينهن تائين ڪو ماڻهو توهان جي آڏو ستڻ ساري نہ سگهيو. توهان جو هڪڙو مڙس هزارن تي حاوي آهي. ڇاڪاڻ تہ خداوند ئي توهان جي پاران وڙهي ٿو. جيئن ان توهان کي فرمايو آهي. پوءِ توهان چڱيءَ طرح ڇڪاس ڪريو تہ پنهنجي خدا سان ڪيتري محبت ڪريو ٿا؟ جيڪڏهن توهان خدا جي حڪمن کي پٺ ڏني يا انهن قومن سان گڏ، جيڪي توهان وٽ آهن، ڪير ڪنڊ ٿي ويا ۽ ساڻن سگاوتيون ۽ شاديون ڪرڻ لڳندا تہ پڪ ڄاڻو خداوند ڪريم انهن قومن کي توهان وٽان تہ هٽائيندو. ايستائين جو توهان هڙي سڻي ملڪ ۽ منڙي وطن مان لوڏجي ويندا ۽ ڏسو مان اڄ انهيءَ رستي کان وڃڻ وارو آهيان، جيڪو سڄي جڳ واسطي مقرر آهي ۽ توهان پليءَ پت ڄاڻو ٿا تہ اهي سيئي سڄيون ڳالهيون آهن ۽ منجهانئن هڪڙي بہ ڪوڙي ڪانهي.

جيڪڏهن توهان پنهنجي خداوند سان ڪيل انهيءَ عهد کي ٽوڙي ڇڏيو تہ توهان ناس ۽ چٽ ٿي ويندا ۽ توهان جو نالو نشان بہ نہ رهندو. خدا جو ڏمر توهان تي ڪڙڪندو ۽ توهان سڳها ئي ماريا ويندا.“

حضرت يوشع عليہ السلام پنهنجي ڄمار جي آخري حصي ۾ سيني کي ڪٽو ڪري هيئن فرمايو:

”گهٽو اڳاڻو توهان جا ابا ڏاڏا حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ سندس ڀاءُ فرات درياهہ جي ٻئي پر (پراڙ) کان پري ملڪ ۾ رهندا هئا. اتي شرڪ ۽ بت پرستي عام هئي. الله حضرت ابراهيم عليہ السلام جو سونهون ٻڌجي ڪيس ڪنعان وٺي آيو. اتان سندس نسل وڌيو ويجهيو، پوءِ جڏهن بني اسرائيل غلاميءَ جي ذلت آميز زندگي گذاري رهيا هئا، تڏهن خداوند حضرت موسيٰ عليہ السما ۽ حضرت هارون عليہ السلام کي بني اسرائيل جي رهبريءَ ۽ رهنمائي واسطي موڪليو ۽ ڪين غلاميءَ جي زنجيرن مان چوٽڪارو نصيب ٿيو. تنهن کان پوءِ فلسطين جي مختلف حڪمرانن سان توهان جو مقابلو ٿيو ۽ الله توهان کي مٿن سوڀ نصيب فرمائي ۽ سندن ملڪ کي توهان جي قبضي ۾ ڏيئي ڇڏيو. اهو ملڪ جنهن تي توهان ڪابہ محنت ڪانہ ڪئي هئي ۽ اهي شهر جيڪي توهان آباد ڪونہ ڪيا هئا، سي توهان کي ڏنا ويا.اڄ توهان نهي نڪي تي اچي وينا آهيو ۽ توهان هتي ڪجين ۽ زيتونن جي باغن ۾ ڪائو پيئو پيا، جيڪي وڻ توهان ڪونہ پوکيا هئا. انهيءَ ڪري توهان خدا جي نعتمن جو شڪر ڪريو. سندس ڳڻ ڳائيندا رهو ۽ ڪانئس سدائين ڊڄندا رهو ۽ پليءَ پاونا (نيڪ نيتيءَ) سان سندس عبادت ڪندا رهو ۽ خبردار! جو توهان ديوين ۽ ديوتائن جي پوڄا ڪريو!“

حضرت يوشع عليہ السلام ماڻهن کي چيو ”جيڪڏهن توهان اقرار ڪري رهيا آهيو تہ توهان ئي پنهنجو پاڻ تي گواهہ ٿيو تہ توهان پنهنجي لاءِ هڪڙو خدا چونڊيو آهي ۽ ان جي ئي عبادت ڪندا.“ هڙني گڏجي هڪڙي آواز ۾ وڏي واڪي چيو ”اسان گواهہ آهيون.“

تڏهن حضرت يوشع عليہ السلام فرمايو ”بس هاڻي توهان اوپرن معبودن، جيڪي توهان ۾ آهن، پري ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجين دلين کي خداوند اسرائيل جي خدا طرف مائل ڪريو.“

ماڻهن حضرت يوشع عہ کي چيو، ”اسان پنهنجي خداوند جي پوڄا ڪنداسون ۽ سندس چيو مڃينداسون.“ تنهنڪري حضرت يوشع عہ انهن کان واعدو ورتو ۽ انهن لاءِ سڪر جي مقام تي قاعدا ۽ قانون بڻايائين.

حضرت يوشع بن نون عليہ السلام 100 ورهين جي ڄمار ۾ تمنت سرح شهر ۾ انتقال فرمايو ۽ ڪيس اتي ئي دفن ڪيو ويو. حضرت يوشع عليہ السلام جو مختلف نالن سان توريت ۾ ذڪر آيو آهي. جيئن يشوع، يوشع، هوسيع ۽ يهوسوع.

☆

انهن ماڻهن جو احوال، جيڪي موت کان پوءِ جي واقعن جو مشاهدو ڪري واپس دنيا ۾ آيا.

قسط-1

خالد نوراني

موت جي جون مشاهدي حالتون

موت کان پوءِ ماڻهن سان پيش آيل عجيب لقائن بابت عجيب ڪتابون پڙهندا. ليڪڪ هي، حيرت ڀريو احوال اهڙي نموني تہ ڪوٺي بيان ڪيو آهي جو پڙهندڙ وقت کان بيخبر ٿي، پٽرائجي حيرتن جي سمنڊ ۾ هليو وڃي ٿو. ليڪڪ هن لکت ۾ موت جي مشاهدي جون حالتون ۽ ان جي درجابندي نهايت چٽي نموني واضح ڪئي آهي. انساني زندگيءَ متعلق عجيب مخفي دنيا جي اسرارن جي آگاهي بابت لکيل هيڙيون لکتون روز روز پڙهڻ لاءِ ناهن ملنديون. اميد تہ ڪرڙما ڊائجيسٽ ۾ پيش ٿيندڙ هن سلسلي جي من موهيندڙ، عجيب اسرار ۽ مخفي راز افشان ڪندڙ تحرير توهان کي ضرور پسند ايندي.

ڪن ڪن حالتن ۾ ڏٺو ويو آهي تہ جيڪي ڊپ وارا منظر موت جي مشاهدي دوران ماڻهو ڏسن ٿا، سي سندن حقيقي زندگيءَ ۾ بہ واپس اچي ڪين ڊيڄارين ٿا، اهي ڊيڄارا مادي لحاظ کان حقيقي هوندا آهن. گهڻن

ماڻهن جي اها دعويٰ آهي تہ انهن کي پنهنجي حقيقي زندگيءَ ۾ بہ موت جي مشاهدي دوران خوفناڪ منظرن سان واسطو پيو آهي. لڳي ٿو تہ اهي خوفناڪ لقاءَ، سندن پيچو ڪندي سندن روح کي وري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوندا آهن. فائلس ايٽواٽر جيڪا خود موت جي مشاهدي جي محقق آهي ۽ گڏوگڏ ٽن موقعن تي اهو مشاهدو خود ذاتي طور ڪري چڪي آهي ان کي بہ اهڙو ڊيڄاريندڙ لقاءُ سالن جا سال پريشان ڪندو رهيو آهي. هوءَ ٻڌائي ٿي تہ:

"هڪ دفعي آئون سخت نراسيت جي حالت ۾ هئس. منهنجيون جسماني، جذباتي ۽ دماغي صلاحيتون ڇڻ ختم ٿي ويون هيون. ان وقت مون اهو محسوس ڪيو تہ ڇڻ منهنجو جسم مون کان پري هٽي رهيو هجي ۽ منهنجو روح پنهنجي بدن کان ٻاهر نڪري مٿي آسمان ڏانهن وڃي رهيو هو. ان جاءِ تي مون کي روشنيءَ جي هڪ حد نظر آئي. آئون ان روشنيءَ جي اندر گهڙي ويس. اتي مون کي عجب جهڙو لقاءُ پسجڻ ۾ آيو. منهنجي آڏو ٻہ ديوقامت واچوڙا ڦري رهيا هئا. انهن مان هڪ واچوڙو هيٺ هو ۽ ٻيو مٿي هو. مٿئين واچوڙي جي هيٺين ڪنڊ هيٺئين واچوڙي جي مٿئين پاسي کي ڇهي رهي هئي. پر اچرج جو لقاءُ اهو هو جو اهي ٻئي واچوڙا هڪٻئي سان ٽڪريا ڪونہ پئي ۽ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي مستقل ڦري رهيا هئا. انهن جي ڦرڻ جي رفتار انتهائي تيز هئي. مٿيون واچوڙو گهڙيال جي ڪانٽن جي هلڻ واري رخ ۾ ڦري رهيو هو تہ هيٺيون واچوڙو وري گهڙيال جي ڪانٽن جي ابتڙ رخ ۾ ڦري رهيو هو. جڏهن آئون واپس زندگيءَ طرف موٽي آيس تڏهن ڪان مون سان عجيب ويڌن شروع ٿي وئي هئي. ڇاڪاڻ جو اهي واچوڙا منهنجي حقيقي زندگيءَ ۾ بہ گهڙي آيا هئا. انهن جي اچڻ جو ڪوبہ وقت مقرر نہ هو. انهن جنهن وقت چاهيو ٿي منهنجي آڏو ظاهر ٿي پيا ٿي. مثال طور آئون پنهنجي ڌيءَ سان ويٺل هوندي هيس تہ اوچتو منهنجي ڌيءَ منهنجي نظرن کان غائب ٿي ويندي هئي ۽ ان جي جاءِ تي واچوڙا ظاهر ٿي پوندا هئا. آئون رنڌڻي ۾ ٿانو پئي ڌوئيندي هئس تہ نظر مٿي کڻڻ سان سامهون انهن خوفناڪ واچوڙن کي نهايت تيزيءَ سان ڦيرائيون پائيندي پسندي هيس. انهن واچوڙن جي اهڙيءَ ريت ظاهر ٿيڻ تي آئون ڪڏهن ڪڏهن اهو سوچيندي هيس تہ اهي واچوڙا صرف منهنجو وهم تہ نہ آهي ۽ شايد حقيقت ۾ انهن جو ڪو وجود نہ هجي. ڪڏهن ڪڏهن اها بہ سوچ ايندي هئي تہ شايد آئون پاڳل ٿي وئي هيس. اهي وچوڙا منهنجو پيچو سانده ڏهہ سال ڪندا رهيا. مون جڏهن موت جي مشاهدن تي ڪتاب لکڻ شروع ڪيو تہ انهن واچوڙن جي ظاهر ٿيڻ جو واقعو لکندي بہ اهي واچوڙا ٻيهر حقيقي انداز ۾ منهنجي آڏو ظاهر ٿيا هئا.

هڪ دفعي آئون ڪمپوٽر جي آڏو ويهي موت جي مشاهدي جي موضوع جو ڪتاب ٽائپ ڪري رهي هئس تہ اوچتو اهي ڪمپوٽر جي مانيٽر جي اسڪرين تي ظاهر ٿي پيا. پهرين انهن جي شڪل هڪ نندي نقطي جي برابر هئي. اهو نقطو آهستي آهستي ٿي وڌندو ويو. وڌڻ سان گڏوگڏ اهي تمام تيزيءَ سان ڦري پڻ رهيا هئا. انهن متان نظر ڄمائڻ مشڪل ٿي لڳو. امالڪ اهي مانيٽر جي اسڪرين تي ڦاٿي پيا. منهنجي چوٽطرف مانيٽر جي اسڪرين نندين نندين شيشن جي صورت ۾ ٽٽي اچي ڪري. مون کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ اهو ڪيئن ممڪن هو. ان وقت مون کي اها خبر پئي تہ اهي واچوڙا صرف منهنجي دماغ جي وهم جو نتيجو نہ پر واقعي حقيقي وجود رکندڙ هئا. جنهن وقت آئون ڪمپوٽر جي مرمت ڪرڻ وارن وٽ پهتيس ۽ ڪين ڀڳل ٽٽل مانيٽر جي اسڪرين ڏيکاريم تہ انهن کي بلڪل يقين نہ پئي آيو تہ ڪو مانيٽر جي اسڪرين ان نموني ڦاٿي ۽ ٽٽي سگهي ٿي. پر ثبوت انهن جي سامهون هو. ان واقعي منهنجي ڏهن سالن جي ان شڪ کي ختم ڪري ڇڏيو تہ ڪو مون پنهنجي خواب واري حالت ۾ انهن واچوڙن کي ڏٺو هو."

تحقيق دوران اها ڳالهہ بہ ڄاڻ ۾ آئي آهي تہ. اهو دوزخ وارو ماحول يا منفي موت جا مشاهدا ٻارن کي نظر ۾ نٿا اچن. اهي ڊپائتا ۽ ڀوائتا موت جا مشاهدا صرف جوان ۽ پڪين عمرين وارن جي نصيبن ۾ آهن. جن کي سندن ضمير پنهنجي ڪيل غلطين ۽ گناهن تي ملامت ڪري ٿو. ڪين ان ڳالهہ جي همت ڪانہ ٿئي ٿي تہ هو پنهنجي انهن گناهن يا غلطين جي برن نتيجن کي دنيا جي آڏو تسليم ڪري. انهن جو مناسب نموني پڇتاءُ ڪري سگهن.

ٻي هڪ اهم ڳالهہ ان تحقيق. اها سامهون آندي آهي تہ ڊاڪٽرن کي دوزخ جي ڪيفيت جي باري ۾ گهٽو ڪري مردن ٻڌايو آهي. جڏهن تہ دوزخ يا خوفائتن لقائن کي ڏسڻ وارن ۾ عورتن جو تعداد تمام ٿورو آهي.

3. راحت جو تجربو يا جنت جو نظارو

هن ڪيفيت ۾ ماڻهن کي گهٽو ڪري مذهبي طور ٻڌايل جنت جي ڏيک وانگر دنيا نظر اچي ٿي. هن ڪيفيت ۾ ماڻهن کي پنهنجي گذاري ويل عزيزن ۽ مٽن مائٽن سان ملاقاتون ٿين ٿيون. نور جو تجلو ۽ ان سان پيار ۽ محبت واري گفتگو بہ هن ڪيفيت جي مظهر آهي. هيءَ ڪيفيت گهٽو ڪري اهڙن ماڻهن ڏٺي آهي. جيڪي دنيا ۾ مثبت سوچ جا حامل ۽ ٻين جي مدد ڪرڻ وارا هئا. انهن زندگيءَ کي سٺي نموني گذاريو هو ۽ صرف چڱن ڪمن لاءِ ئي سوچ رکندڙ هئا.

هن موضوع جي تحقيق ڪندڙن اهو بہ ڏٺو آهي تہ دوزخ جي ڪيفيت جو مشاهدو ڪندڙن ۾ اڪثريت مردن جي

هئي، جن پنهنجن انهن ناخوشگوار تجربن کي بيان ڪيو هو ۽ دوزخي ڪيفيت ڪي ڏسڻ وارن ۾ عورتن جو تعداد تمام گهڻ هو. جڏهن مردن کي چيو ويو تہ جو انهن نالو وٺي دنيا کي سندن خوف واري موت جي مشاهدي بابت ٻڌائجي تہ تقريبن سيني ان ڳالهہ کان روڪيو هو. اهوئي سبب آهي جو دوزخ واريءَ ڪيفيت جي تفصيل ۾ اسان رڳو عورتن جو ذڪر ڪيو آهي. جڏهن تہ جنت وارن موت جي مشاهدن ۾ ٻنهي يعني عورتن ۽ مردن مان ڪنهن بہ جهجڪ نہ ڏيکاري تہ ڪو سندن نالو وٺي ان مشاهدي کي نہ ٻڌائجي.

جينائين وولف (Jennine Wolff) نيويارڪ شهر جي رهاڪو آهي. ڪيس 1987ع ۾ موت جو مشاهدو ٿيو. ان وقت سندس عمر ٽيهہ سال ڪن هئي. ڪيس گرپ جي اندر بيماري ٿي پئي هئي جيڪا هوريان هوريان انتهائي شديد ٿيندي وئي. سندس جان بچائڻ لاءِ مٿانهس ڪيترائي آپريشن ڪيا ويا. هن کي پنهنجو آخري آپريشن هميشہ ياد رهندو. ڇاڪاڻ تہ ان آپريشن دوران ڪيس موت جو مشاهدو ٿيو. هوءَ ٻڌائي ٿي تہ:

"مون کي لڳو ڇڻ منهنجو روح پنهنجي جسم مان ٻاهر نڪري آيو هجي. امالڪ مون پنهنجو پاڻ کي هڪ اهڙي خوبصورت باغ اندر ڏٺو، جنهن جهڙو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏسڻ تہ چڏيو پر سوچيو بہ ڪونہ هوندو. مون کي اتي لڳو ڇڻ آئون هاڻ مڪمل ٿي ويئي هجان ۽ هر ڪنهن کي مون سان محبت هجي. آئون پنهنجو پاڻ کي بلڪل تندرست محسوس ڪري رهي هيس. اتي مون کي نهايت وڻندڙ موسيقيءَ جو آواز پڻ ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو. ان جاءِ تي مون کي مختلف رنگن جا گل بہ نظر اچي رهيا هئا. اهي گل ايڏا تہ سهڻا هئا جو اهڙا خوبصورت گل مون ڪڏهن بہ پنهنجي زندگيءَ ۾ نہ ڏٺا هئا. چوڌطرف ساوڪ ڦهليل هئي. ڍڳها ڍڳها وڻ هر طرف ڇانو ڪريو بيٺا هئا. مون جيئن ئي چوڌاري نظر ڦيرائي تہ مون کي پرپرو هڪ ٽڪريءَ مٿان حضرت عيسيٰ عليہ السلام (هيءَ عورت عيسائي مذهب جي هڪ ڪٽر فرقي سان واسطو رکي ٿي ۽ جيتوڻيڪ ان ٽڪريءَ واري وجود ڪيس پنهنجو تعارف حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي نالي سان ڪونہ ڪرايو هو ۽ اها ڳالهہ رڳو هن عورت جو اندازو آهي) بيٺل نظر آيو. هن مون کي چيو تہ اها ڳالهہ منهنجي مٿان ڇڏيل آهي تہ ائون ان جڳهہ تي هميشہ لاءِ قيام ڪريان يا وري دنيا ڏانهن موٽي وڃان. مون دنيا ڏانهن موٽڻ جي خواهش ڏيکاري، ڇو تہ مون کي هيٺين دنيا ۾ ڪيترائي اڻ پورا ڪم مڪمل ڪرڻا هئا. ان خواهش ڏيکارڻ بعد مون کي اوچتو ائين محسوس ٿيو تہ ڇڻ آئون پنهنجي بدن ۾ موٽي آئي هجان."

جنائين وولف نهايت ئي ڪٽر

عيسائي مذهبي گهراڻي سان واسطو رکي ٿي. ڪيس ننڍي هوندي کان ئي "مشاهدا" (Visions). ٿيندا هئا. هن ۾ روحاني صلاحيتون اتم موجود هيون. سندس صلاحيتن کي محسوس ڪندي هن جا والدين ڪيس روحانيت جي مالڪ مشهور عورت للي ڊيل (Lily Dale) وٽ نيويارڪ وٺي ويا. ان عورت جنائين وولف جي صلاحيتن کي پروڙي ورتو ۽ جنائين کان پڇيائين تہ هوءَ ڇا ٿي چاهي. آيا هوءَ پنهنجي مليل روحاني صلاحيتن کي وڌائڻ ٿي چاهي يا هڪ عام ڇوڪريءَ وانگر زندگي گذارڻ جي خواهش مند آهي. جن ائين موٽ ۾ روحاني صلاحيتن واري زندگيءَ کي چونڊيو ۽ ان ۾ تربيت ورتائين. جنائين جي زندگيءَ ٻڌائي ٿي تہ هوءَ پنهنجي زندگيءَ جي ڪرت ۾ نهايت ئي مثبت ۽ چڱن ڪمن جي ڪندڙ رهي آهي.

هڪ اهڙو واقعو آرٿر اي ينسين (Yensen .Arthur E) کي 1932 ڌاري پيش آيو. جنهن ۾ هن جنت جي نظاري کي پسيو هو. هن ان تجربي کي پنهنجي ڪتاب "مون جنت ڏٺي" (I Saw Heaven) ۾ ٻڌايو آهي. آرٿر جي پيدائش 1898ع ۾ آمريڪا جي شهر نيبراسڪا (Nebraska) ۾ ٿي. هن جو گهراڻو انتهائي مذهبي قسم جو هو. جتي هر ڀاتي سخت مذهبي خيال رکندڙ هو. هيءُ مذهبي سختين ڪري ننڍي هوندي کان ئي مذهب جو مخالف بنجي ويو ۽ روحانيت (Mysticism) جو دڳ ورتائين. هيءَ سخت محنتي ۽ ذهين انسان هو. هن پهرين مهاڀاري جنگ ۾ پڻ حصو ورتو هو. پوءِ هيءَ استاد ۽ خطيب بنجي ويو.

ڪجهہ وقت لاءِ هو سياست ۾ پڻ آيو. هو باغ بانيءَ جو نهايت ماهر سمجهيو ويندو هو. هن کي آمريڪا جي رياست اڊاهو (Idaho) جي "شاندار شهرين ۾ شامل هڪ شهري" جو اعزاز پڻ حاصل آهي. جيتوڻيڪ ينسين عوامي رهنما جي حيثيت ۾ ڪافي مشهور هو، تنهن هوندي بہ هن ۽ رياست ۾ هلندڙ اسڪولن جي هلائيندڙ ڪاميٽين جو پاڻ ۾ هميشہ جهيڙو هلندو رهيو. هيءَ هميشہ اسڪولن جي انهن طريقن جو سخت مخالف رهيو جن ٻارن جي اندر سندن قدرتي صلاحيتن کي ختم ٿي ڪيو. هن ٻي مهاڀاري جنگ دوران آمريڪا منجهہ رائج سرڪار جي ان پاليسيءَ جي بہ سخت مخالفت ڪئي هئي جنهن ۾ جاپاني نسل جي آمريڪي شهرين کي قيد ڪيو ويو هو. هنن پڙهائڻ واري عرصي دوران اسڪولن ۾ "موت جي مشاهدي" جو ذڪر ڪري اسڪولن جي ناهيل اخلاقي ضابطن جي خلاف ورزي ڪئي هئي. هن موت جي مشاهدي دوران جيڪي ڪجهہ ڏٺو. تنهن کي سندس لفظن ۾ هيٺ پيش ڪجي ٿو:

"مون کي لڳو ڄڻ زمين ڏيري ڏيري ٿي نظرن کان گم ٿيندي ويندي هجي.

گڏوگڏ مون کي هڪ نهايت روشن ۽ شاندار دنيا آهستي آهستي ٿي نظر اچڻ لڳي. هڪ وقت اهڙو به آيو جنهن ۾ آئون ٻنهي دنيائن کي هڪ ئي وقت ڏسي سگهيس ٿي. آخر جڏهن زمين نظرن کان بلڪل گم ٿي وئي ته مون پنهنجو پاڻ کي ان نئين حسين ۽ دلڪش دنيا ۾ بيٺل ڏٺو. ان شهر جي پويان مون کي ٻه خوبصورت جبل نظر آيا، جن جون چوٽيون بلڪل گول هيون. اهي جبل جون چوٽيون اڇيءَ برف سان ڍڪل هيون. جبلن جا پاسا سائي وڻڪار سان ڀريل هئا. اها ساوڪ نهايت دلفريب هئي. اهي جبل مونکان پندرنهن ميل کن پري هئا، پر تنهن هوندي به آئون انهن جبلن مٿان هر گل ۽ ٻوٽي کي چٽيءَ ريت ڏسي سگهيس ٿي. مون کي ائين پئي لڳو جڻ منهنجي نظر هزارين پيرا وڌي وئي هجي. منهنجي کاٻي طرف هڪ چمڪندڙ اونهو تلاءُ موجود هو، جنهن جو پاڻيءَ نهايت صاف ۽ انگ سونهري هو. ائين پئي لڳو جڻ اهو زندهه هجي. ان سڄي واديءَ ۾ گهاٽو سائو گاهه اڀريل هو. آئون ان گاهه جي ساوڪ ۽ خوبصورتيءَ کي بيان ڪري نه ٿو سگهان. منهنجي ساڄي طرف وڻن جو جهڳٽو هو جيڪو هڪ صاف ۽ شفاف مادي مان ٺهيل هو. اتي جي هر ڪا شيءِ ان صاف ۽ شفاف مادي مان ٺهيل هئي.

مون کي وڻن جي جهڳٽي اندر ويهه کن ماڻهو نظر آيا. اهي سڀ ماڻهو هٿ ۾ هٿ ڏئي، گول ناهي، نچي ۽ ڳائي رهيا هئا. انهن جي جڏهن مون تي نظر پئي ته انهن مان چار ڇٽا مون ڏانهن وڌي آيا. انهن مان مون کي هڪ جي عمر اٽڪل ٽيهه سال، ٻن جي عمر ويهه سال ۽ آخري جي عمر ٻارنهن سال کن لڳي. انهن جي جسم جي خوبصورتي ۽ هلڻ چلڻ جي انداز مون کي حيران ڪري ڇڏيو. انهن سيني کي ڍڳها گهاٽا وار هئا، جيڪي سندن چيلهين تائين لڙڪيل هئا ۽ جن سندن جسمن جي لاهين ۽ چاڙهن کي لڪايو ٿي. سندن وارن ۾ گل پڻ لڳل هئا. سندس شان ۽ شوڪت مون کي نه صرف متاثر ڪيو، پر جڻ پٿر بڻائي ڇڏيو هو. انهن منجهان سڀ کان جهوني ۽ طاقتور نظر ايندڙ شخص مون کي ڏسي چيو ته آئون مئلن جي ڏيهه ۾ آيل آهيان ۽ اهي سڀ مون وانگر زميني دنيا جا انسان هئا ۽ موت بعد هتي پهتا هئا انهن مون کي چيو ته آئون پنهنجي ٻانهن ڏانهن نهاريان. مون پنهنجي ٻانهن طرف ڏٺو. اها شفاف هئي. جنهن جي آرپار آئون چٽيءَ ريت ڏسي سگهيس ٿي، هن مون کي گاهه ۽ وڻن کي ڏسڻ لاءِ چيو. مون اوڏانهن نهار ڪئي ته مون کي اهي به ساڳي ئي شفاف مادي منجهان ٺهيل نظر آيا. اتي جي هر شيءِ ان شفاف مادي منجهان ٺهيل هئي.

مون ٿورو غور ڪيو ته مون کي ائين لڳو جڻ اها سرسبز وادي منهنجي ڇاتل ۽ سڄاتل هجي. مون کي ائين پئي لڳو جڻ آئون اتي اڳ به اچي

چڪو هجان. مون کي ياد اچي ويو تہ انهن جبلن پوريان ڇا هو؟ ان وقت مون کي ٻي انتها خوشيءَ جو احساس ٿيو. جنهن وقت مون کي اهو پتو پيو تہ هيءَ منهنجو اصلي گهر هو. آئون زمين تي رڳو هڪ سيلاني ماڻهوءَ جي حيثيت سان رهيل هئس. جتان جو ماحول هن اصلي گهر جي ماحول سان نہ ٿي ٺهڪيو. مون کي لڳو ٿئ آئون پنهنجي اصلي گهر ۾ واپس وڃڻ لاءِ ٻي چين هئس. مون اطمينان جو ساهہ کڻندي چيو. "اي رب! تنهنجا لک لک شڪر آهن. جو تون مون کي پنهنجي اصلي گهر وٺي آيو آهين. هاڻ آئون هن جاءِ منجهان ڪيڏانهن ٻہ نہ ويندس."

اهو پوڙهو ماڻهو جنهن جي شڪل ڪنهن يوناني ديوتا سان هوبهو مشابهت رکندڙ هئي. تنهن مون کي ٻڌايو تہ هن جاءِ جي هرڪا شيءِ خالص هئي. اتي زميني دنيا وانگر عنصرن جي ڀڃ ڊاهہ ڪونہ ٿيندي هئي. اتي هر شيءِ کي چوڌاري موجود "آفاقي جهنجهڻ" (Master Vibration) پنهنجي اصلوڪي حالت ۾ رکي. ڪين ڳري وڃڻ ۽ پراڻي ٿيڻ کان روڪيو هو. اهوئي سبب آهي جو هتي جون شيون گنديون يا ميريون ڪونہ ٿي ٿيون ۽ نہ وري اهي ڪنهن ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار هيون. اتي لڳو ٿي تہ هرڪا شيءِ نئين نڪور ۽ چمڪندڙ هئي. اها ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ مون کي خبر پئي تہ جنت وغيره آفاقي ڇو هئا. ان بعد مون کي وڏيڪ چيو ويو تہ مون کي زمين تي وڃي ڪجهہ نهايت اهم ڪرڻا هئا. جن جي پورائيءَ لاءِ مون کي لازمي طور هيٺينءَ دنيا ۾ واپس وڃڻو پوندو. هڪ ڏينهن اهڙو وقت ايندو جڏهن دنيا جا ماڻهو انتهائي بي چين ۽ پريشان هوندا ۽ ڪين ان گهڙيءَ منهنجي مدد جي گهرج پوندي. جنهن وقت منهنجا ڪم زمين مٿان ختم ٿي ويندا تہ آئون واپس اچي هتي هميشہ لاءِ رهي سگهندس."

ايلس مورسين ميئز (Alice Mays -Morrison) نالي عورت جو طبي موت 1952ع ڌاري آمريڪا جي رياست لوئيسيانا (Louisiana) جي ميرين اسپتال (Marine Hospital) منجهہ ٿيو. ان عورت جو موت سندس ٽئين پٽ جي ويم کان پوءِ "اڌ موت" (Coma) جي حالت ۾ ٻہ هفتا گذارڻ کان پوءِ ٿيو هو. ٻڌائي ٿي تہ:

"منهنجو روح ڇت وٽان بيهي پنهنجي جسم کي هيٺ ڏسي رهيو هو. مون ڏٺو تہ پهرين انهن منهنجي جسم کي پيرن کان وٺي چيلهہ تائين پٽين سان ڍڪيو. تنهن بعد هنن منهنجيون ٻانهون ۽ هٿ ڪلهن تائين پٽين سان سوگها ٻڌا. ڊاڪٽر اهو ان لاءِ ڪري رهيا هئا تہ جيئن منهنجو رت. دل ۽ ڦڦڙن طرف رهي. تنهن بعد انهن منهنجي جسم کي بستري تي اهڙي نموني ليٽايو جو منهنجو ڪنڌ هيٺ ۽ پير مٿئين طرف ٿي ويا. مون ڊاڪٽرن ۽ نرسن مٿان ڏاڍا ڇڪ پئي ڪاڏا ڇاڪاڻ جو انهن منهنجو ويم سٺي نموني نہ ڪيو هو. ۽ مون کي ويم

دوران ڪافي تڪليف آئي هئي ۽ هاڻ وري انهن منهنجي جسم کي اهڙي خراب نموني سان بستري تي ليٽايو هو. مون کي پنهنجي ان نموني بستري تي ليٽڻ تي رنج پئي ٿيو. مون کي ان تي بہ انتهائي چڙ پئي آئي تہ آئون باوجود گهڻو ڪجهہ چاهڻ جي ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿي سگهيس. مون چٽيءَ طرح ٻڌو پئي تہ ڊاڪٽر زور زور سان چئي رهيا هئا تہ، "اسان شايد ايلس کي بچائي نہ سگهون ۽ هوءَ مري وڃي." انهن جي اهڙن خوفناڪ جملن منهنجو ساهہ پئي سڪايو ۽ آئون سخت خوفت جي حالت منجهہ هئس.

اهو منظر يڪايڪ بدلجي ويو ۽ مون پنهنجو پاڻ کي هڪ نهايت خوبصورت واديءَ ۾ بيٺل ڏٺو. آئون ان ڪمري مان اتي ڪهڙي نموني پهتيس. تنهن جي مون کي ڪا سڌ ناهي. ان واديءَ ۾ ڪو وقت جو ڌارا نہ ٿي وهيو. اتي وقت بيٺل حالت منجهہ هو. اها وادي ڪنهن زمان ۽ مڪان جي تصور کان آجي هئي. مون کي چوڌاري اندلڪ جا بدلجندڙ رنگ ۽ انهن جا آواز پڻ ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. جيتوڻيڪ اتي ڪوبہ موجود ڪونہ هو. اها هڪ اچرج جهڙي ماجرا هئي. آئون اتي نهايت هلڪي وجود سان هئس ۽ هوا ۾ پڻ تري رهي هيس. اتي مون کي اهو احساس ٿيو تہ ان جڳهہ تي منهنجي آسپاس ڪجهہ ٻيا وجود بہ موجود هئا. پر آئون ڪين ڏسڻ کان قاصر هئس. انهن نظر نہ ايندڙ وجودن منهنجي اندر حوصلو ۽ ولولو جاڳايو پئي. اهي وجود ڪنهن شڪل يا صورت کان آزاد هئا. پر تنهن هوندي بہ مون انهن کي محسوس ڪيو پئي. آئون انهن وجودن جي باري ۾ ڪجهہ بہ ٻڌائڻ کان انتهائي لاچار آهيان. ڇاڪاڻ جو مون وٽ اهڙا لفظ ئي نہ آهن. جن جي ذريعي آئون انهن وجودن جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائي سگهان. مون کي لڳو تہ ڇڻ ڪجهہ انتهائي شفاف بادل منهنجي چوگرد بيٺل هجن. اهي بادل مختلف رنگن جا هئا ۽ انهن جا رنگ انتهائي تيز ۽ شوخ قسم جا هئا. انهن رنگن منهنجي اکين کي تڪليف ڏيڻ بجاءِ منهنجي اکين ۾ ٺڏاڻ ٿي پري. تنهن بعد منهنجي ۽ انهن وجودن جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ جو آغاز ٿيو. انهن مون کي چيو تہ اهي منهنجي واٽ جا سونهان هئڻ سان گڏوگڏ پالڻهار جو پيغام پهچائيندڙ پڻ هئا. جيتوڻيڪ انهن کي منهنجي رهنمائيءَ جي جوابداري سونپي وئي هئي. تنهن هوندي بہ انهن جي حوالي ٻيا ڪم پڻ هئا. اهي ڪائنات جي اندر وسندڙ مختلف دنيائن جا نگران هئا ۽ اهي هڪ ئي مهل مختلف جڳهن تي پهچڻ تي پڻ قادر هيا. اهي وجود "ڇاڻ جي مختلف درجن" جا نگران پڻ هئا. انهن جي موجودگيءَ ۽ ڳالهہ ٻولهہ منهنجي اندر جنهن قسم جي خوشيءَ جي احساس کي پري ڇڏيو تنهن جو ڪو ڪاٿو نہ ٿو ڪري سگهجي. مون پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ اهڙي خوشي ۽ مستي ڪڏهن بہ اڳ محسوس نہ ڪئي هئي. جيتوڻيڪ مون کي ٻہ ٻار آهن ۽ اهي منهنجي زندگي آهن. ڪين ڏسڻ ۽ پائڻ مون لاءِ دنيا

جي هر ڳالهه کان اتم آهي. پر جنهن قسم جي خوشيءَ جو احساس منهنجي من ۾ هتي اپري رهيو هو. تنهن جي آڏو ٻارن پائڻ جي خوشي بہ هيچ لڳي رهي هئي.

ان بعد مون کي ائين لڳو ڄڻ ڪو انتهائي رعبدار وجود مون ڏانهن ايندو هجي. ان جي وجود مان تيز روشني بکي رهي هئي. جنهن چوڻطرف جي ماحول کي انتهائي روشن پئي ڪيو. اها روشني اکين کي کيرو ڪندڙ هئي. جيئن جيئن اهو نور جو وجود مون ڏانهن وڌندو آيو پئي تيئن تيئن مون کي لڳو ڄڻ منهنجي چوڌاري موجود غيبي وجود. وادي ۽ اهي رنگ آهستي آهستي پويان هٽندا پئي ويا. جيتوڻيڪ مون پنهنجو پاڻ کي ان نور جي وجود سان ڳالهه ٻولهه جي قابل نہ ٿي پائيو. تنهن هوندي بہ ان مهل مون کي مخاطب ڪيو ويو. مون کي هوا ۾ مٿي کڻي بيهاريو ويو تہ جيئن آئون ان روشنيءَ جي اندر چڱي نموني اچي سگهان. ان ڪيفيت جي خوشي ۽ مزي مون کي مدهوش ڪري ڇڏيو. مون کي اتي چيو ويو تہ جيڪڏهن آئون چاهيان تہ ان جڳهه تي هميشہ لاءِ رهي سگهان ٿي. فيصلو مون کي ڪرڻو هو تہ آئون ڪٿي رهان. هن مٿانهين دنيا ۾ يا زمين جي هيٺئين دنيا ۾. اتي بيهندي مونکي لڳو پئي تہ ڄڻ ڄاڻ جا دروازا منهنجي مٿان کلي ويا هجن. مون پنهنجو پاڻ کي وسعت ۾ پکڙجندي ڏٺو ۽ نيٺ ڪل ۾ ضم ٿي ويس. مون کان وري پڇيو ويو تہ منهنجو فيصلو ڇا هو؟ منهنجو هڪ حصو مون کي اتي رهڻ لاءِ اتساهي رهيو هو تہ ٻيو حصو هيٺ زمين تي وڃڻ لاءِ چئي رهيو هو. ان وقت مون هيٺين دنيا ۾ وڃڻ جو حتمي فيصلو ڪيو. ڇاڪاڻ تہ مون نہ ٿي چاهيو تہ منهنجو نئون ڄاول ٻار ماءُ جي ممتا کان محروم هجي. مونکي ان دلڪش مٿانهين دنيا کي ڇڏڻ جو انتهائي ڏک ۽ غم آهي ۽ آئون دل سان نہ چاهيندي بہ ان خوبصورت واديءَ کي ڇڏڻ لاءِ مجبور هيس. امالڪ مون کي لڳو تہ آئون پنهنجي بدن ۾ واپس موٽي اچي وئي هيس. مون جيئن ئي اکيون کوليون تہ هڪ ڊاڪٽر ڊگهو ساهه کڻي چيو. شڪر آهي تہ اسان ڪيس واپس وٺي اچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيون.

4. آفاقي تجربي جو مرحلو

(Transcendent Experience)

موت جي مشاهدي جي هن مرحلي ۾، مريضن کي مٿانهين دنيائين جو علم ۽ ڄاڻ جو گيان ٿيو آهي. هن تجربي ۾ ماڻهن اهڙيون ڳالهيون ڏٺيون آهن. جيڪي عام فهم يا ادارڪ کان بالاتر آهن. هن حالت ۾ ماڻهن مٿان آفاقي سچ ظاهر ٿيو آهي ۽ اهو ڪشف عام ماڻهن جي سطح تي ظاهر نہ ڪيو ويو آهي. هن قسم جي موت جو مشاهدو اهڙن ماڻهن اندر ڏٺو ويو آهي جيڪي پنهنجي دماغن کي مشڪل ۽ پرپيچ مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ صرف ڪن ٿا يا وري اهڙن ماڻهن مٿان اهي لڪل حقيقتون ظاهر ڪيون ويون آهن. جن لاءِ اهو يقين هوندو آهي تہ اهي هيٺئين دنيا ۾ موٽي وڃڻ بعد انهن حقيقتن جو استعمال چڱي ۽ سٺي مقصد لاءِ ڪندا.

گهڻو ڪري اهو ڏنو ويو آهي ته جنهن ماڻهوءَ جو واسطو ان طاقتور، پيار ڪندڙ، مهربان ۽ شفيق پر رعب واري نور جي تجليءَ سان پيو آهي، تنهن ان آفاقي وجود کي خدا جي نالي سان ياد ڪيو آهي. ماڻهو سمجهن ٿا ته اهو نور جو تجلو خود خدا هو جنهن ساڻس ملاقات ڪئي هئي. ان نور جي تجلي سان گذارڻ جو مدو چاهي هڪ لمحي جو ڇو نه هجي، ان ماڻهن مٿان نهايت گهرو اثر ڇڏيو آهي. اهڙن ماڻهن کي لڳو آهي ته علم ۽ ڄاڻ کي سندن مٿان ظاهر ڪيو ويو هو ۽ ڪين آفاقي سچ جي جهلڪ ڏيکاري وئي هئي. ان نور جي تجلي سان ملاقات جو اثر سندن وجود ۽ روح مٿان هميشه لاءِ رهي ٿو. هن مرحلي ۾ انسان کي موت جي مشاهدي دوران اهڙن انڪشافن سان واسطو پيو آهي جيڪي هڪ الڳ ۽ جداگانه حيثيت رکن ٿا. اسان انهن کي آفاقي قسم جو تجربو ان ڪري ڪوٺيون ٿا، ڇاڪاڻ ته اهي تجربا تمام ڏگها ۽ پيچيده مسئلن جو احاطو ڪن ٿا ۽ هنن تجربن ۾ زندگي، تاريخ، دنيا ۽ ساهه وارن جي خلقت جهڙن مسئلن کي ڇهيو ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙن موت جي مشاهدن ۾ يقين ۽ ايمان کان به مٿي جون ڳالهيون نظر آيون آهن. گهڻو ڪري اهڙن تجربن انهن ماڻهن کي همٿايو آهي ته هو زندگيءَ ۾ انسان ذات لاءِ ڪم ڪن. جيتوڻيڪ هن قسم جي موت جي مشاهدن ۾ ماڻهن اها دعويٰ ڪئي آهي ته ڪين آفاقي علم ۽ ڄاڻ کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو مليو آهي، پر ورلي ڪو اهو ئي سگهيو آهي ته دنيا منجهه موٽڻ کان پوءِ اهڙن ماڻهن ان علم ۽ ڄاڻ کي قائم رکيو هجي. گهڻو ڪري دنيا ۾ اچڻ بعد اهو علم سندن ذهنن تان مٽايو ويو آهي. اهڙن ماڻهن وٽ صرف ان علم ۽ ڄاڻ جا نشان ڇيل هوندا آهن جيڪي ڪين هر وقت ڇڳن ۽ بهتر ڪمن ڪرڻ لاءِ همٿائيندا رهندا آهن.

تاريخ ۾ اسان کي هن قسم جي آفاقي موت جي مشاهدي جا به مثال ملن ٿا. پهريون مثال افلاطون (Plato) جو بيان ڪيل آهي، جيڪو 300 قبل مسيح جو واقعو آهي. هن قصي جو هيرو "ايرا" نالي هڪ يوناني سپاهي آهي، جيڪو هڪ جنگ ۾ مري وڃي ٿو ۽ سندس ساٿي سپاهين کي هن بهادر سپاهيءَ جو لاش جنگ جي ڏهن ڏينهن بعد ميدان ۾ پيل لاشن جي ڍيرن مان ملي ٿو. هن سپاهيءَ جو جسم ڏهن ڏينهن جي گذرڻ بعد به صحيح سلامت هو ۽ اهو ڳريو ڪونه هو. اهو بلڪل صحيح سلامت صورت ۾ پيل هو. جڏهن هن جو جنازو تيار ڪري کيس چتا ۾ جلائڻ جو وقت آيو ته "ايرا" اکيون کولي ويهي رهي ٿو ۽ اتي موجود سڀني ماڻهن کي پنهنجي مٿانهين دنيا جي تجربي بابت ٻڌائي ٿو. هن ٻڌايو ته مٿانئس آفاقي سچ عيان ڪيو ويو هو. جنهن جو مقصد اهو هو ته هو دنيا منجهه وڃي ۽ ماڻهن کي ٻڌائي ته ڪيئن وڌيڪ بهتر نموني زندگي کي بسر ڪري سگهجي ٿو. هن واقعي کان پوءِ هو سچي زندگي پنهنجي ان مقصد کي ڦهلائڻ ۾

سرگردان رهيو.

پيو واقعو 1873ع ڌاري چين ۾ پيش آيو. هونگ سيو چوآن (hung Hsiu Chuan) هڪ غريب ڪڙمي، جو پڻ هو. هي، سرڪاري نوڪري، ۾ گهڙڻ واري امتحان ۾ ٽي دفعا مسلسل ناپاس ٿيڻ بعد مايوس ٿي ويو ۽ ڪيترائي ڏينهن نيم بيهوشي، جي حالت ۾ پيل رهيو. ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جون پرپور ڪوششون بہ سندس حالت مٿان ڪو اثر وجهڻ ۾ ناڪام ويون. هي ان بي سڌ حالت ۾ مسلسل چاليهہ ڏينهن رهيو. ان ڪيفيت ۾ هن ڪي اهو نظر آيو تہ هن ڪي هڪ وڏي ڀاءُ جو سات مليو هو ۽ ٻنهي گڏجي شيطانن جي هڪ وڏي لشڪر کي ماري، ختم ڪري برائي جي پاڙ پٽي ڇڏي هئي. ان واقعي جي ڇهن سالن بعد هونگ سيو چوآن جي ملاقات هڪ عيسائي مبلغ سان ٿي. جنهن وٽ عيسائيت جي پرچار ڪرڻ وارو ڪجهہ مواد هو. هونگ ان مواد پڙهڻ کان پوءِ اها دعويٰ ڪئي تہ ڪيس ان بيهوشيءَ وارن چاليهہ ڏينهن ۾ اهو مواد ڏيکاريو ويو هو ۽ اهو وڏو ڀاءُ اصل ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام هو. جنهن جي پويان هلي ڪيس برائين سان جهاد ڪرڻو هو. هن پنهنجي ان عظيم مقصد جي تبليغ ڪرڻ شروع ڪئي. ڪجهہ وقت کان پوءِ هن ڪجهہ پوئلڳن ڪي گڏ ڪري هڪ تنظيم ناهي، جنهن جو جي هن نالو "خدا جي عبادت ڪرڻ وارن تنظيم" (God Worshipers Society) رکيو. جلد ئي هزارين ماڻهو هن تنظيم جا ميمبر بنجي ويا. ماڻهن جي گڏ ٿيڻ کان پوءِ هن برائين سان جنگ ڪرڻ لاءِ انهن پوئلڳن جي هڪ انقلابي فوج پڻ ناهي ورتي. هونگ سيوچوان ان وقت جي حڪمران منچو گهراڻي ۽ سندس "ڪنفيوشس مت" کي شيطانن ۽ برائين جو ڳڙهہ قرار ڏئي، ساٿس جنگ شروع ڪئي. هاڻ هونگ سيوچوآن ان وقت جي حڪمران منچو گهراڻي ۽ سندس "ڪنفيوشس مت" کي شيطانن ۽ برائين جو ڳڙهہ قرار ڏئي، ساٿس جنگ شروع ڪئي. هاڻ هونگ سيوچوآن جي عيسائي مذهب ۽ منچو گهراڻي جي ڪنفيوشس مت وارن ۾ خانہ جنگي ٿيڻ لڳي ۽ چين هڪ خوني لهر جي لپيٽ منجهہ اچي ويو. اها گهرو جنگ مسلسل چوڏنهن سال جاري رهي، چيو وڃي ٿو تہ ان قتل عام ۾ اٽڪل ٻہ ڪروڙ چيني ماڻهو موت جي ور چڙهي ويا. هونگ سيوچوآن ان جدوجهد هلندي پنهنجو نالو ڦيرائي "تائين وانگ" يعني "جنت جو بادشاهہ" رکي ڇڏيو.

يوناني جنگجو اير ۽ هونگ سيوچوآن جي تقدير انهن "موت جي مشاهدن" بدلائي ڇڏي. انهيءَ موت جي مشاهدي کين هڪ پرجوش جهادي قسم جو ماڻهو ناهي ڇڏيو. جن پنهنجي زندگي "عظيم مقصدن" کي پوري ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏي. ٻنهي ڇڻ اهو محسوس ڪيو تہ آفاقي سچ کي سندن مٿان ظاهر ڪيو ويو هو. جنهن جو مقصد کين جاڳائڻ ۽ دنيا کي سنئين راهہ تي آڻڻ هو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اهڙن قسمن جي آفاقي مشاهدن

۾ نہ رڳو اهڙن تجربن جي ڏسڻ وارن جي زندگي بدلجي ويئي آهي. پر ان سان گڏوگڏ ٻين انسانن جي زندگين مٿان ڏورنهان اثر پيا آهن. جيئن اهڙي آفاقي مشاهدي جي ڏسڻ جو نتيجو چين جي بربادي جي حالت ۾ ظاهر ٿيو ۽ ٻہ ڪروڙ انسانن کي ان جي ڪري موت جي چنبي ۾ وڃڻو پيو.

آمريڪا جي رياست ورجينيا جي رهواسي برڪلي ڪانٽر ملس (Berkley) Canter Mills کي 1979ع ڌاري هڪ شديد حادثو پيش آيو. هيءَ پنهنجي ٽرڪ ۾ ڳرو سامان چاڙهي رهيو هو تہ اوچتو اهو سامان سندس لوهي ڪرين جي ڪنڊيءَ منجهان ترڪي اچي ڪيس لڳو. هيءَ ان سامان جي وزن جي جهٽڪي ڪري اڏامي وڃي پوئينءَ پٽ سان ٽڪرايو. اتي، هن کي هڪ انتهائي عجيب قسم جو احساس ٿيو. هن کي لڳو ڄڻ هو هوا ۾ ٻارنهن فٽن کن جي اوچائي تي تري رهيو هجي. هيٺ ڪيس پنهنجو ٻي جان جسم پيل نظر آيو. گڏوگڏ هن کي ماڻهن جي تيز تيز رڙين ۽ ڊوڙڻ جو منظر پڻ صاف نظر اچي رهيو هو. اهي رڙيون ڪري چئي رهيا هئا. "پري هٽو... هن کي نہ ڇهو. هن کي ساهہ کڻڻ ڏيو." ڪجهہ مهل کان پوءِ هن جو جسم نيرو ٿيڻ لڳو ۽ منجهس زندگيءَ جي ڪا علامت نہ بچي. هن پنهنجو پاڻ کي هوا ۾ ڏٺو ۽ پڻڪيو "آئون هتي آهيان ۽ منهنجو جسم هيٺ پيل آهي. اهو ڪيئن ممڪن آهي." هن پنهنجي جسم ۾ اندر واپس وڃڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي. پر اها ڪوشش بي سود رهي. ايتري ۾ ڪيس پنهنجي ٻانهن مٿان ڪنهن شيءِ جي ڇهاءُ جو احساس ٿيو. هن نظر مٿي ڪئي ڏٺو تہ ڪيس ٻہ فرشتا نظر آيا. جن کي ڍڳها جبا پاتل هئا. سندن پير اگهاڙا هئا. انهن جا جسم شفاف هئا. انهن جي جنس متعلق ڪجهہ ٻہ پتوڪونہ ٿي پيو. هن ڪانئن پڇيو تہ هن سان ڇا ٿي رهيو هو ۽ اهي هن وٽ ڇو آيا هئا...؟ انهن وراڻيو تہ اهي ڪيس مٿانهين دنيا ۾ وٺي وڃڻ لاءِ موڪليا ويا هئا. انهن لفظن کان پوءِ برڪلي ڪانٽر ملس کي لڳو تہ ڄڻ هو انتهائي تيز رفتاريءَ سان مٿي ويندو هجي. هن پويان ڪنڌ ورائي زمين ڏانهن ڏٺو تہ اها ڪيس هڪ راند جي بال جي صورت ۾ نظر آئي، جيڪا آهستي آهستي ٿيندي ڪري تيزيءَ سان نظرن کان گم ٿي رهي هئي. مٿي سندن منزل هڪ انتهائي تيز روشني هئي. ڪارٽر ملس ڪائن پڇيو تہ ڪيس هن خلا ۾ سردي ڇو ڪونہ ٿي محسوس ٿئي ۽ هن جو ساهہ ڇو نہ ٿو گهٽجي. جڏهن تہ اتي ڪنهن آڪسيجن گئس جو ڪو وجود ٻہ نہ هو. انهن فرشتن ڪيس جواب ڏنو تہ هو ان وقت روح واري حالت ۾ هو ۽ روح مٿان گرمي، سردي ۽ ٻين مادي حالتن جو ڪو اثر نہ پوندو آهي ۽ نہ ان کي ساهہ کڻڻ وارين شين جي گهرج هوندي آهي. اهي ملائڪ ڪيس هڪ پليٽ فارم جهڙي جاءِ تي وٺي ويا. اتي هڪ انتهائي رعب ۽ تاب واري شخصيت موجود هئي. ان وجود جو رعب ۽ تاب ايڏو تہ هو جو ڪارٽر ملس پنهنجيون اکيون مٿي کڻي. ان کي ڏسڻ کان ٻہ گهبرايو

ٿي. ڪارٽر ملس اهو خيال ڪيو ته اهو وجود شايد پالٿهار جو هو. اتي ٻه ملائڪ پهرين ئي موجود هئا. ڪارٽر ملس کي وٺي ايندڙ فرشتا. هن کي ان وجود جي آڏو بيهاري پاڻ ان پليٽفارم جي ٻن ڪنڊن تي هٿ ٻڌي ۽ ڪنڌ جهڪائي بيهي رهيا. ٻه فرشتا ان پليٽفارم جي ٻن ڪنڊن تي اڳ ۾ بيٺل هئا. ڪارٽر ملس باوجود پنهنجي پوري ڪوشش جي. ان وجود جي منهن ڏانهن نهاري نه پئي سگهيو. هن کي بعد ۾ لڳو ته اهو وجود پالٿهار جو نه پر حضرت عيسيٰ عليه السلام جو هو (جيتوڻيڪ ان وجود ڪارٽر ملس سان پنهنجو تعارف نه ڪرايو هو. پر جيئن ته ڪارٽر ملس خود عيسائي مذهب سان واسطو رکي ٿو. تنهن ڪري هن کي ائين لڳو ڄڻ اها بارعب ۽ متاثر ڪرڻ واري شخصيت حضرت عيسيٰ جن جي هئي.) ڪارٽر ملس کي پنهنجو وجود ان شخصيت جي آڏو ائين لڳو پئي ڄڻ هو ڪپڙن کان آجو هجي ۽ هن جي اندر ۽ ٻاهر جي هر ڳالهه جي ان وجود کي خبر هئي. هن پنهنجو پاڻ کي ان جاءِ تي بيهڻ جي قابل نه ٿي سمجهيو. ان وجود ڪارٽر ملس سان ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي. ڪجهه دير جي گفتگوءَ کان پوءِ ڪارٽر ملس جي بي چيني ڪجهه گهٽ ٿي ۽ ڪيس سڪون اچڻ لڳو. ان وجود ڪيس چيو ته، هن سندس زندگيءَ جي اعمالن کي ڏسڻ چاهيو ٿي ان لمحي ڪارٽر ملس جي پوريءَ حياتي جا واقعا سندس اکين آڏو ڪنهن فلم وانگر گذرڻ لڳا. هن کي ڏسڻ ۾ آيو ته هو اصل ۾ نور جو حصو هو. جڏهن هن جي ماءُ پيءُ جي ميلاپ ڪري مرداني اسپرم (Sperm) ۽ زناني بيدي (Egg) جو پاڻ ۾ ملڻ ٿيو ته ان وقت اهو نور ماءُ جي گرڀ ۾ لهي ويو. ڪيس اهو نظر آيو پئي ته ان لمحي ڪيس سندس وارن ۽ اکين جي رنگ وغيره جي چونڊ پڻ ڪرڻي پئي هئي. هن کي پنهنجي ماءُ پيءُ جي هر ڳالهه ياد اچڻ لڳي. جڏهن هيءَ اڃان پنهنجي ماءُ جي گرڀ ۾ هو ته هن کي انهن ٻنهي جون ڳالهيون چٽي نموني ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ آيون پئي. هن کي گرڀ واري زندگيءَ جي دوران تائين پنهنجي هر پراڻي وهيل واپريل ڳالهه ياد هئي. هن جو جيئن ئي ڄم ٿيو ۽ هيءَ زميني دنيا منجهه داخل ٿيو ته سندس پراڻي زندگيءَ جي يادگيري مٽجي وئي. ڄم جو واقعو انتهائي شديد قسم جو واقعو هو جنهن ۾ هن کي عجيب عجيب روشنيون. وڏا وڏا ماڻهو ۽ پنهنجو پاڻ معصوم ٻار جي حالت ۾ ڏسڻ ۾ آيو هو. انهيءَ وقت صرف ماءُ جي هنج ئي اهڙي جاءِ هئي جنهن ۾ هن پنهنجو پاڻ کي سڪون ۽ حفاظت سان محسوس ڪيو هو.

هن جي زندگي جي هر ڳالهه ۽ هر واقعو سندس اکين آڏو آندو ويو. هن کي ڏسڻ ۾ آيو ته جڏهن هن جي عمر صرف اٺ سال کن هئي ته هن هڪ پکيءَ کي ماريو هو. ان وقت ڪيس ان ڳالهه تي بي حد فخر محسوس ٿيو هو ته هن هڪ ئي ڏڪ سان ان پکيءَ کي شڪار ڪيو هو. بعد ۾ ڪيس ان وقت انتهائي پڇتاءُ جو احساس ٿيو جڏهن ڏٺائين ته سندس گهر جي ئي ڇت مٿان

ٿهيل ان پڪيءَ جي آڪيري ۾ سندس ٽي ٻچا ماءُ جي غير موجودگيءَ ۾ بکن ڪري مري ويا هئا. اڄ ڪارٽر ملس ماڻهن کي خبردار ڪندي چوي ٿو ته: "اهو نه سمجهو ته رڳو انسانن کي روح آهن. ڪائنات ۾ هر ساهه واريءَ شيءِ کي روح آهي، پوءِ چاهي اهو پکي آهي يا جانور يا ٻوٽا وغيره. اسان کي سڀني جو خيال رکڻ گهرجي."

ڪارٽر ملس کي دوزخ جو به ڏيک ڏيکاريو ويو هو. دوزخ انتهائي تاريڪ ۽ گهڻهه اونداهي جڳهه آهي، ڇاڪاڻ جو ان جاءِ تي پالٿهار جي رحمت نه آهي. هن ان وجود کان پڇيو ته اهي ڪيئن هن آرام واري جڳهه ۾ رهن ٿا جڏهن ته زمين تي رڳو ڏک ئي ڏک آهن. ڪيس جواب ڏنو ويو ته اهي انسانن جا پنهنجا ڏوهه آهن، جيڪي انهن ڏکن کي جنم ڏين ٿا. هر ماڻهو پاڻ ئي انهن ڏکن کي پيدا ڪرڻ جو جوابدار آهي. انسان کي عملن ڪرڻ جي آزادي ڏنل آهي. جيڪڏهن اهي سٺا ۽ چڱا ڪم ڪندا ته اهي ڏک ختم ٿي ويندا ۽ سک ان جي جاءِ تي اچي ويندا. جيڪڏهن انسان خراب ڪم ڪندا رهندا ته پوءِ ڏک، ڏکر ۽ جنگيون هنن جي مقدر ۾ آهن. انسانن کي ٻنهي شين مان هڪ جي چونڊ جي آزادي آهي ۽ ان سان گڏ انهن کي سمجهه وارو ذهن پڻ ڏنو ويو آهي. پنهنجي ڪارڻين جو جوابدار ڪو ٻيو نه پر انسان خود آهي. انسان خود پالٿهار جي وجود جو حصو آهي ۽ انهيءَ کان الڳ نه آهي. ڪارٽر ملس چوي ٿو ته ان وقت مون کي اها ڄاڻ ٿي ته اسان انسان پالٿهار سان گڏ هن ڪائنات ۾ قائم آهيون ۽ اسان جي حيثيت صرف ان جي نوڪرن چاڪرن يا غلامن واري نه آهي. اسان پالٿهار جي سڀ کان خوبصورت تخليق آهيون.

ايتري ۾ ڪيس اهو ڏسڻ ۾ آيو ته، روحاني وجود، ملائڪ ۽ پليٽفارم هڪٻئي منجهه هڪ انتهائي تيز روشنيءَ جي صورت ۾ اچي ويا. ڪارٽر ملس کي انهيءَ وقت انهيءَ جي ڪا ضرورت محسوس نه پئي ٿي ته ڪو صرف انهن جي موجودگي ڪيس آرام ڏيندي. اها تيز روشني ڪارٽر ملس جي روح کي پنهنجي اندر ويڙهي ڪڍي آئي. ڪيس ان لمحي آفاقي محبت ۽ پيار جو احساس ٿيڻ لڳو. ان وقت ڪيس ايڏو مزو اچي رهيو جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. ان مزي ۽ ڪيفيت جو احساس اڻ ڪٿ هو. ايتري ۾ ڪيس اتان ٻاهر نڪرڻ جو اشارو ٿيڻ لڳو ۽ هن کي هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو جيڪو چئي رهيو هو "توکي تندرست ٿيڻ لاءِ ڪنهن اسپتال، آپريشن يا رت جي گهرج نه آهي. رب جو وعدو آهي ته اهو توکي خوبخود بنا ڪنهن سهاري جي صحتياب ڪندو." ايترو ٻڌڻ کان پوءِ اوچتو هن کي ائين لڳو جڻ هو پنهنجي جسماني بدن ۾ موٽي آيو هجي ۽ هن اکيون پٽي ڇڏيون. جيتوڻيڪ ڪيس شديد ڏک لڳو هو تنهن هوندي به هيءَ سولائيءَ سان اٿي بيٺو ۽ پنهنجي گاڏي

هلائي گهر پهتو. اتي موجود ماڻهو ٻڌائين ٿا تہ هيءَ ان مئل حالت ۾ پورا ويهہ منٽ ڪن رهيو هو. ٻئي ڏينهن صبح جو ڪارٽر ملس کي اندروني چوٽن ۽ ڏڪن جي ڪري رت جون الٽيون آيون. هيءَ اسپتال منجهہ ڊاڪٽرن سان مشورو ڪرڻ لاءِ ويو. ڊاڪٽرن ڪيس اسپتال ۾ داخل ٿيڻ ۽ آپريشن ڪرائڻ جي لاءِ چيو تہ جيئن ڪيس لڳل اندروني ڏڪن جو سدباب ڪري سگهجي. ڪارٽر ملس اسپتال ۾ داخل ٿيڻ ۽ آپريشن ڪرائڻ کان نابري واري ۽ ڊاڪٽرن کي پنهنجي موت جي مشاهدي بابت ٻڌايو. ڊاڪٽرن ڪيس ذهني طور پاڳل قرار ڏئي ڇڏيو. جنهن هڻي خراب حالت هوندي بہ اسپتال ۾ داخل ٿيڻ ۽ آپريشن ڪرائڻ کان انڪار پئي ڪيو ۽ پنهنجي موت جي مشاهدي جهڙي لقاءَ تي پروسو ٿي رکيو. هن جي عدم تعاون ڪري مجبورن ڊاڪٽرن کي ڪيس ڇڏڻو پيو. جيتوڻيڪ ڪيس نهايت شديد اندروني ڏڪ ۽ چوٽون لڳيون هيون، تنهن هوندي بہ هيءَ ان مٿانهين دنيا جي اڳڪٿيءَ مطابق بنا ڪنهن اسپتال وڃڻ، آپريشن ڪرائڻ يا رت وٺڻ جي بلڪل تندرست ٿي ويو ۽ پنهنجي عام ڪم ڪار کي لڳي ويو. ان واقعي کان پوءِ ڪارٽر ملس ڪيترن ئي اسٽيج شوز (Stage Shows) ۽ مذاڪرن (Talk Shows) ۾ شرڪت ڪئي آهي ۽ ماڻهن کي پنهنجي تجربي بابت ٻڌائي، انهن ۾ روحانيت جي باري ۾ نئون روح ڦوڪيو آهي.

اچو تہ ميلن ٿامن بينيڊڪٽ (Thomas Benedict -Mellon) جي موت جي مشاهدي کي ڏسون جنهن سندس زندگيءَ ۾ هڪ معجزو ڪري ڏيکاريو هو.

ميلين ٿامس بينڊڪٽ هڪ ماهر ڪئميرامين (Camera Man) جي حيثيت ۾ هالي ووڊ جي فلمي دنيا ۾ ڪم ڪندو هو. هن گهڻيون فلمون پڻ عڪس بند ڪيون آهن. هيءُ ننڍي هوندي کان ئي ڪجهہ روحاني صلاحيتين جو مالڪ رهيو آهي. هن جي پيدائش وقت اهو ڏٺو ويو تہ سندس ننڍو ۽ وڏو آندو ٻئي ڦاٽل حالت ۾ هئا. ڊاڪٽرن ڪيس پاسي تي ليٽائي ڇڏيو ڇاڪاڻ جو انهن جي خيالن ۾ هيءَ ڇاول ٻار صرف ڪجهہ گهڙين جو مهمان هو ۽ سندس موت اٽل هو ڇاڪاڻ جو ان وقت اهو ممڪن نہ هو تہ ڪو ايتري ننڍي عمر جي ٻار جو وڏو آپريشن ڪري ڪيس تندرست ڪري سگهجي. هيءَ ان موتمار حالت مان بچي نڪتو ۽ سندس ڦاٽل آندا خودبخود صحيح ٿي ويا. قلم ڪٽڻ جي لائق ٿيو تہ هي ڪاغذ تي چيني مذهب جي ين (Yin) ۽ يانگ (Yang) جا نشان ٺاهڻ لڳو. جڏهن تہ سندس گهر وارن مان ڪنهن کي بہ انهن نشانن جو ڪو ڏس پتو ڪونہ هو.

1982ع ڌاري هيءَ سخت بيمار ٿي پيو. ڊاڪٽرن جي طبي چڪاس کان پوءِ ڪيس خبر پئي تہ هي ڪينسر جهڙي موذي مرض جي ور چڙهي ويو

هو. اها بيماري سندس جسم اندر ايترو تہ ڦهلجي چڪي هئي جو سندس بچڻ جي ڪا اميد نہ رهي هئي. ان مرض جي ڪري هن فلمي دنيا کي خيرباد چيو ۽ پنهنجي گهر ۾ هڪ ننڍڙو اسٽوڊيو ٺاهي، ذاتي ڪم ڪرڻ لڳو. هڪ صبح جو جڏهن هيءَ ننڊ مان اٿيو تہ ڪيس ڪشف ٿيو تہ سپاٽي سندس موت ٿيندو ۽ ٿيو بہ ائين ٻئي ڏينهن هيءَ موت جي ور چڙهي ويو. ان ڪيفيت ۾ هن کي جنت جهڙا منظر نظر اچي رهيا هئا. هيءَ ڄاڻي ويو تہ هي مرڻ کان پوءِ جا مشاهدا ڪري رهيو هو. ڇاڪاڻ تہ ان موضوع تي هن ڪجهہ ڪتاب پڙهيا هئا ۽ انهن ۾ لکيل ساڳيون ڳالهيون ۽ واقعا هن سان بہ رونما ٿي رهيا هئا. هيءُ جيئن ئي ان اونداهيءَ سرنگهہ مان لنگهي ان جي ٻئي ڇيڙيءَ تي موجود نور جي تجلي ڏانهن وڌي رهيو تہ هن رڙ ڪري چيو: "هڪ منٽ ترسو جيڪڏهن هيءَ منهنجو موت آهي تہ آئون پهرين ان باري ۾ سوچڻ چاهيان ٿو." ائين هن پنهنجي ارادي سان ان موت جي مشاهدي منجهہ مداخلت ڪري سڄي منظر ۽ ڪيفيت کي بدلائي ڇڏيو. ڪيس يڪدم سڄي ڪائنات ۾ موجود هر دنيا جو ڏيک نظر اچڻ لڳو. سندس نظرن اڳيان ڪائنات جي شروعات کان وٺي مستقبل ۾ ايندڙ چار سئو سالن جي تاريخ اچي وئي. ان گهڙيءَ اونداهي سرنگهہ مان ڪنهن قوت ڪيس ٻاهر ڇڪي ورتو. هيءَ ان وقت زمين، ستارن ۽ ڪهڪشائن وغيره کان مٿي پهتل هو. هيءَ ماضي، حال ۽ مستقبل کي هڪ ئي وقت ڏسي رهيو هو. ڪيس هر شيءِ پيدا ٿيڻ جي وقت کان وٺي موجوده حالت تائين صاف نظر اچي رهي هئي. ڪيس هن ڪائنات جي اها حد بہ نظر اچي رهي هئي جتي چرپر بلڪل ماٺار جي حالت ۾ آهي. هن کي ان جڳهہ کان دنيا منجهہ ازل کان آخر تائين جون انسانن جون پاڻ منجهہ لڙيل سڀ جنگيون بہ نظر اچي رهيو هيون. ڪيس مختلف قومن جي پوري تاريخ ان وقت کان وٺي ڏيکاري وئي جڏهن شروعاتي دور ۾ اهي صرف چند ماڻهن جا ٽولا هئا ۽ جهنگن ۽ ميدانن ۾ پنهنجي جيوت جي بقا جي جنگ ۾ رڌل هئا. هن کي اتان اهو بہ ڏسڻ ۾ آيو تہ عدم وجود (Nothing) مان وجود ڪيئن شروع ٿيو هو. هن کي اهو بہ نظر آيو تہ ڪائنات جي اندر سڄ، زمين ۽ ٻيا گره ڪهڙي ريت حرڪت ڪري رهيا هئا ۽ انسانن جا خيال ۽ سوچون انهن مٿان ڪهڙي انداز سان اثر انداز ٿي انهن جي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل کي بدلائين ٿا.

ميلين ٿامس کي اها بہ خبر پئي تہ هو واپس پنهنجي جسم اندر موٽي رهيو هو. سندس اهو موت جي مشاهدي وارو لقاءُ اٽڪل نوي منٽ کن هليو. ڇا اهو لقاءُ حقيقي هو يا ان صرف هن جي تصور ۾ وجود رکيو ٿي. هيءَ ان ڳالهہ ۾ سئو سيڪڙو يقين رکي ٿو تہ سندس اهو موت جو مشاهدو

حقيقي هو ۽ اهو ڪنهن سوداءُ جو نتيجو نہ هو. موت جي مشاهدي بعد ميلين ٽامس جو لاعلاج ڪينسر جو مرض پراسرار نموني ختم ٿي ويو. ڊاڪٽرن هر طبي چڪاس ڪري ڏني آهي. اڄ ميلين ٽامس جي بدن ۾ ڪينسر جو ڪو نالو نشان نہ آهي. هو بلڪل تندرست ۽ خوش باش آهي.

انهيءَ موت جي مشاهدي منجهان گذرڻ بعد لڳي ٿو تہ ميلين ٽامس جو دماغ ايجادن ۽ نون نون خيالن جو مرڪز بڻيل آهي. اڄ هو مارڪيٽنگ جي دنيا جو مشهور نالو بنجي چڪو آهي. هن پنهنجين ڪيترن ئي ايجادن کي سندس ڪمپنيءَ جي نالي سان رجسٽر ڪرايو آهي. سندس ڪمپني اهڙن رانديڪن ٺاهڻ ۾ رڌل آهي جيڪي ساڳئي وقت ٻارن ۽ وڏن لاءِ ڪارائتا هوندا. هيءَ هڪ گهڙي (Watch Wrist) نما موبائيل فون ٺاهڻ جي ڪوشش ۾ پڻ لڳل آهي. هن بجلي پيدا ڪرڻ جو نئون طريقو ايجاد ڪيو آهي ۽ سائنس جي دنيا ۾ ڊي. اين. اي (D.N.A) مٿان بہ هن گهرو ڪم ڪيو آهي. هن جي پهرين ايجاد جيڪا هڪ سادي قسم جو شيشو ڪنڌ وارو اوزار هو سو هٿون هٿ مارڪيٽ منجهہ وڪامجي ويو. ان جا ڪيس ايترا تہ گهٽا آرڊر مليا جو هن جي ڪمپنيءَ کي ڪافي عرصو صرف انهيءَ آرڊر کي ئي پوري ڪرڻ ۾ لڳي ويو. هن کي ٽيڪساس علائقي جي مشهور بيلور يونيورسٽي (Baylor University) ۾ گهرايو ويو جتي، هن روحاني طرح بيمارين جي اندر گهرڙن ٻُجي جوڙجڪ ۽ بيهڪ (Cellular Make Up) بابت ٻڌايو. هن جون ٻڌايل اهي ڳالهيون سالن بعد بہ ان وقت صحيح ثابت ٿيون جڏهن بيمارين جا ميڊيڪل گراف طبي مشينن ذريعي ڪڍيا ويا ۽ انهن کي سندس ٻڌايل ڳالهين سان پيٽيو ويو. هينئر هيءَ هڪ ڪتاب لکي رهيو آهي جنهن ذريعي هيءَ دنيا کي ايندڙ چار سو سالن جي مستقبل جي واقعن جي باري ۾ ٻڌائڻ چاهي ٿو. جنهن جو ڪيس مشاهدو ڪرايو ويو هو.

جارج روڊونائيا (George Rodonaia) روس جي سابق رياست جارجيا (سويت يونين جي ٽٽي وڃڻ کان پوءِ جارجيا هاڻ الڳ ملڪ آهي) جي گادي جي شهر تبليسي (Tbilisi) جو رهاڪو هو. هيءَ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سخت مخالف هو. 1976ع ۾ هن کي قتل ڪرڻ لاءِ روس جي مشهور جاسوسيءَ جي ايجنسي ڪي. جي. بي (K.G.B) جي ايجنٽن هن مٿان ڪار چاڙهي ڇڏي. اها ڪار بہ دفعا اڳتي پنتي ڪري سندس چپريل جسم مٿان گهمائي وئي تہ جيئن سندس مري وڃڻ ۾ ڪو شڪ باقي نہ رهجي وڃي. هن کي اسپتال پهچايو ويو. جتي هن کي مئل قرار ڏنو ويو. ڪيس مرده خاني (Morgue) ۾ رکيو ويو. تبليسي جي اسپتال جي قانون مطابق اهڙن مردن کي سردخاني ۾ ٽي ڏينهن رکڻ کانپوءِ

سندن پوسٽ مارٽم ڪيو ويندو آهي يا وري لاش مائٽن حوالي ڪيو ويندو آهي. ساڳئي نموني جارج روڊونائيا جي لاش کي بہ ٽي ڏينهن ان سرد خاني (Morgue) ۾ رکيو ويو. ان سرد خاني ۾ لاشن کي لوهي ڪبٽن ۾ رکيو ويندو آهي. چوڏاري پٽين ۾ هزارين ڪبٽن لاءِ خانا نهيل آهن. جنهن جي هر خاني ۾ هڪ لاش کي رکيو ويندو آهي. ٽي ڏينهن جارج جي لاش کي ان سرد خاني ۾ رکڻ کان پوءِ پوسٽ مارٽم ڪرڻ لاءِ ان سرد خاني مان ڪڍي ٻاهر آندو ويو. ڊاڪٽر هن مٿان آپريشن جي شروعات ڪئي. جڏهن سندس پيٽ چيرڻ لاءِ سندس گوشت کي ڪٽڻ لاءِ طبي ڇريءَ سان چهڪ ڏنو ويو تہ هن امالڪ پنهنجيون اکيون کولي ڇڏيون. ڊاڪٽر اهو سمجهيو تہ اکين کلڻ جو واقعو شايد عضون جي غيرارادي رد عمل (Reflex Action) جو نتيجو هو تنهن ڪري ڊاڪٽر هن جون اکيون پنهنجي هٿن سان بند ڪري ڇڏيون. هن ٻيهر ڪوشش ڪري پنهنجيون اکيون کوليون. ڊاڪٽر ٻيهر هن جون اکيون پوري ڇڏيون. هن جڏهن ٽيون دفعو پنهنجيون اکيون کوليون تہ هن پيري ڊاڪٽر ڊپ ۾ پوئتي ٽپ ڏنو ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو. ڇاڪاڻ تہ اها ڳالهہ ناقابل اعتبار هئي تہ ڪو ماڻهو ٽي ڏينهن لاشن جي ان سرد خاني جي بند لوهي ڪبٽن جي خاني ۾ رهڻ کان پوءِ بہ زنده هجي. ان برف خاني ۾ ٽي ڏينهن رهڻ کان پوءِ لاش جا عضوا مڪمل اڪڙجي ويندا آهن ۽ دنيا جي ڪابہ طاقت ان حالت ۾ ڪنهن کي بہ موت کان نہ ٽي بچائي سگهي. جيڪڏهن ڪو عام زنده انسان بہ ان برف خاني ۾ ليٽايو وڃي تہ ڪجهہ ڪلاڪن بعد اهو سرديءَ وگهي اڪڙجي مري ويندو. هيڏانهن تہ جارج انتهائي سخت زخمي حالت ۾ هو. جنهن دوران انسان جو دفاعي نظام مڪمل تباهہ هوندو آهي، تنهن هوندي بہ هيءَ زنده موٽي آيو هو. هي طبيءَ طور سانده ٽي ڏينهن مئل حالت ۾ رهيو هو ڇاڪاڻ جو ڪيس اسپتال ڪٽي اچڻ وقت ڊاڪٽرن پوري ريت تپاسي ڪيس مردو قرار ڏنو هو.

جارج روڊونائيا بعد ۾ پنهنجي ان تجربي بابت ٻڌائي ٿو تہ ڪيس ڪار جي ٽڪر وقت اهو لڳو ڇڻ ڪا نامعلوم اونداهي ڪيس چوڌطرف ويڙهي وئي هجي پهرين تہ هن کي اهو خيال آيو تہ شايد ان حادثي جي ڪري هيءَ پنهنجي آپي منجهہ نہ هو ۽ اها گهڻهہ اونداهي صرف هن جي تصوراتي تخليق هئي، پر ائين نہ هو. ٿوري دير بعد ڪيس اهو احساس ٿيو تہ هو پنهنجي جسم کان ٻاهر نڪري آيو هو. ان حالت ۾ هيءُ سخت منجهي پيو پر پوءِ ڪيس خيال آيو تہ هو بجاءِ پريشان ٿيڻ ۽ منجهي پوڻ جي، ڪجهہ مثبت انداز ۾ سوچي. ان سوچ سان گڏوگڏ هن کي ائين لڳو ڇڻ هو ڪنهن اونداهي سرنگهہ منجهہ هجي. ڪيس ڪجهہ ڏور روشنيءَ جا ترورا نظر اچي رهيا هئا.

روشنيءَ جا ترورا دونهين جي گولن يا چلن وانگر هيٺ مٿي اچي وڃي رهيا هئا. انهن گولن ۽ چلن ۾ نهايت ئي خوبصورت پر حيران ڪندڙ ترتيب هئي. هو چوي ٿو:

"مون پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙي دلڪشي ۽ خوبصورتي پهرين ڪڏهن به نہ ڏٺي هئي، جيڪا آئون ان وقت انهيءَ روشنيءَ کي هڪ ترتيب سان گولن ۽ چلن جي صورت ۾ هيٺ مٿي ايندي ۽ ويندي ڏسي رهيو هوس. انهيءَ کي ڏسڻ سان بيحد خوشيءَ جو احساس پئي ٿيو. مون کي ازخود اهو پتو پئجي ويو هو ته ان روشنيءَ کي ان مٿانهين دنيا منجهه هڪ طاقت آهي جيئن جيئن ان مٿانهين دنيا جا درجا وڌندا وڃن تا تيئن تيئن ان روشنيءَ جي سگهه به وڌيڪ ٿيندي وڃي ٿي ۽ ان سگهه جي آخري حد خود خدا آهي. ڪائنات جي هر شيءِ ان خدا جي حڪم سان هلي رهي آهي. منهنجي اها مثبت سوچ منهنجي اندر هڪ سگهه پيدا ڪري رهي هئي. مون پنهنجي نفسيات جي ڊگريءَ کي پندرنهن سال پهرين حاصل ڪيو هو. پر مون کي ڪي لفظ نہ آهن جو آئون ان ڪيفيت کي بيان ڪري سگهان. هن خوشيءَ جي ڪا حد نہ هئي. اتي بس خوشيءَ جو اڻ ڪٽ احساس هو. ان وقت مون کي پنهنجي جسماني بدن جو خيال آيو. ان سوچ ڪرڻ سان ئي آئون ان مهل ئي ان اسپتال جي سرد خاني جي اندر پهچي ويس. اتي مون پنهنجي اگهاڙي، ڏڪيل، زخمن سان چور لاش کي لوهي ڪٽ جي خاني ۾ برف جي سر مٿان پيل ڏٺو. مون ان مهل سوچيو ته "آئون واپس پنهنجي ان گندي جسم ۾ وڃڻ ڪونہ ٿو گهران" ۽ مون اتان هٽي وڃڻ ٿي چاهيو. پر ڪنهن نامعلوم طاقت مونکي مجبور ڪيو ته آئون ڪجهه دير وڌيڪ اتي رهان ۽ چوڌاري نهار ڪريان. منهنجي لاش واري پيل ڪٽ جي خانن ۾ پيل هر لاش کي چٽيءَ طرح ڏسي رهيو هئس. اتي جيتوڻيڪ سخت اونده هئي. پر پوءِ به مونکي هر شيءَ چٽي ريت نظر اچي رهي هئي. مون کي ڪار جي ٽڪرائجڻ جي يادگيري موٽي آئي. مون ڏٺو ته مون کي ان ڪار ۾ ويٺل هو ڪي.جي.بي (K.G.B) جي ايجنٽن جي خيالن جو پتو پيو پوي جهڙوڪ آئون ڪنهن ڪتاب وانگر انهن ماڻهن جا خيال پڙهندو هجان. اهي جيڪي ڪجهه سوچي رهيا هئا تن سڀني جي خيالن جو مون کي پورو ادراڪ ٿي رهيو هو. ائين پئي لڳو جڻ آئون انهن ماڻهن جي اندر پهتل هئس. مون سندس خيالن کي پرکيو ته جيئن مون کي سچ جو ڏس ملي ته مون کي مارڻ جو حڪم ڪنهن ۽ ڇو ڏنو هو. مون ان وقت پنهنجي گهر واريءَ کي به ڏٺو. جيڪا منهنجي لاش کي دفنائڻ لاءِ ڪوٽيل قبر ڏسڻ لاءِ قبرستان وڃي رهي هئي. مون ڪيس اهو به سوچيندي ڏٺو ته منهنجي مرڻ بعد هو ڇا ڪرڻ جو سوچي رهي هئي."

(هلندڙ)

محمد حنيف نهڙيو

ڪارل مارڪس

مارڪس جو نالو ۽ ڪم، سدائين زنده رهندا.

هڪ خوددار انقلابيءَ جي ڪهاڻي، جنهن هن ڌرتيءَ کي ظلم ۽ استحصال کان پاڪ سماج جو خواب لڏو هو. ان خواب جي تعبير واري جدوجهد ۾ سندس دوست اينگلز ۽ مارڪس جي محبوب زال جيني جو به ساٿ ۽ سهڪار شامل هو. مارڪس سان گڏ پنهنجي وطن جرمني مان جلاوطن ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي پاڻ، جيڪو جرمنيءَ جو وزير داخلہ هيو، طرفان مٿس وطن واپسيءَ لاءِ زور پرڻ جي جواب ۾، جينيءَ کيس لکي موڪليو ته "مون مارڪس ۽ سندس خيالن سان شادي ڪئي آهي ۽ جرمنيءَ ۾ انهن ٻنهي لاءِ هينئر گنجائش ڪونهي، تنهنڪري مون کي اهڙي جرمني نہ کپي."

> قصو ان عظيم انسان جو جنهن پوري دنيا جي مظلوم ماڻهن کي ظلم کان نجات ڏيارڻ ٿي چاهي.

ڪارل مارڪس اهڙو نظام آڻڻ ٿي گهريو جنهن ۾ سڀ انسان برابر هجن، ڪوبہ ڪنهن جو قرضي يا غلام نہ هجي. ڪوبہ آقا بڻجي ڪنهن جو رت نہ چوسي. نہ ڪو ظالم هجي نہ ڪي مظلوم.

اوڻهين صديءَ ۾ يورپ ۾ انتهائي اهم شخصيتون پيدا ڪيون چارلس ڊارون ۽ ڪارل مارڪس. ڊارون، نباتات ۽ حيوانات جي ارتقا جو قانون دريافت ڪيو ۽ ڪارل مارڪس انساني تاريخ جي ارتقا جو قانون. ڊارون جي دريافتن سماجي سائنس ۾ انقلاب آندو، جڏهن تہ ڪارل مارڪس جي دريافتن سماجي انقلاب جون راهون هموار ڪيون.

مارڪس ان حقيقت تي زور ڏنو تہ سياست، سائنس ۽ آرٽ جي خدمت ڪرڻ کان پهرين انسان کي پيٽڻ لاءِ پاڻي، پيٽ پرڻ لاءِ کاڌو، تن ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو ۽ مٿو لڪائڻ لاءِ اجهو درڪار

سڄو ڏيهه ڏاٺا، ڪري جي اياء
لڪين عيد جا چنڊ، اڀري پون.
(اياز)

هجي ٿو. انهن ضرورتن پٽاندڙ ئي انسان اوزار ۽ هٿيار ٺاهي ٿو ۽ ٻين انسانن سان ناتو جوڙي ٿو. پيداوار جو طريقو ۽ پيداواري ناتن ۾ تبديليون ئي سماجي انقلاب جو سبب بنجن ٿيون. مارڪس انهن نظرين جي مدد سان سرمائيداري نظام کي جانچيو ۽ پرکيو. سندس ڪُک مان جنهن نئين نظام جو سج اپرٿو هيو ڪارل مارڪس ان جو اشارو ڏيئي ڇڏيو.

ڪارل مارڪس 1818ع ۾ جرمنيءَ جي شهر ٽرائر ۾ پيدا ٿيو. جيڪو شهر رهائن درياءُ جي موزيل نديءَ جي ڪناري تي آهي. سندس خاندان يهودي هيو، جيڪو ابن ڏاڏن کان ٽرائر ۾ آباد هيو. مارڪس جو والد هائن رخ مارڪس هڪ خوشحال وڪيل هيو. هو مارڪس جي ڄمڻ کان پهرين ئي پنهنجو مذهب ڇڏي عيسائي مذهب اختيار ڪري ڇڪو هيو. هو فرانس جي انقلابي تحريڪ کان تمام گهڻو متاثر هيو. ان ڪري سندس لائبريريءَ ۾ والٽيئر، روسو،۽ لائبنز سميت ٻين ڪيترن ئي روشن خيال مفڪرن جي ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود هو. گهر جو اهڙو ماحول مارڪس لاءِ ڏاڍو فائديمند ثابت ٿيو.

هي دؤر اهو هيو جڏهن نيپولين جي شڪست کان پوءِ يورپ ۽ خاص طور جرمنيءَ ۾ جبر ۽ ظلم جي بازار گرم هئي. جنهنڪري عوام سخت بي چين ۽ پريشان هو. مارڪس 1838ع ۾ اسڪول ڇڏڻ مهل جيڪو الوداعي مضمون پيش ڪيو، انهيءَ مان شاگردن جي ذهني رجحان جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. مضمون جو عنوان هيو "ڪم جي چونڊ." مارڪس لکيو، "پنهنجي ڪم جي چونڊ ڪرڻ وقت اسان کي انسان ذات جي ڀلائيءَ جو خاص خيال رکڻ کپي. جيڪڏهن اسين کو اهڙو ڏنڌو اختيار ڪريون جنهن ۾ اسان کي انسان ذات جي وڏ ۾ وڏ خدمت ڪرڻ جو موقعو ملي ته اسان جي چيلهه، بار کان بلڪل نه جهڪندي."

انهيءَ سال مارڪس بون يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي. سندس خاص مضمون قانون ۽ فلسفو هئا. انهيءَ دوران سندس مڱڻو پنهنجي نندپڻ جي ساٿي ۽ سندس پيڻ جي ساهيڙي "جينيءَ" سان ٿيو. جيني ان وقت شهر جي خوبصورت ڇوڪرين منجهان هڪ هئي. سندس والد "لڊ ويگ فان ويسٽ فالين" هڪ خانداني نواب هيو ۽ ٽرائر شهر ۾ هڪ تمام وڏي عهدي تي فائز پڻ هيو. جينيءَ جي والده اسڪاٽ ليند جي نوابزادي هئي. مارڪس ۽ جينيءَ جا والدين هڪٻئي جا پاڙيسري هئا ۽ سندن تعلقات به تمام گهڻا دوستانه هئا. جينيءَ جو والد عام نوابن جي پيٽ ۾ تمام گهڻو روشن خيال ماڻهو هيو. تنهنڪري مارڪس کي ان ئي سپ کان پهرين فرانس جي سوشلسٽ مفڪر سينٽ سائيمن جي نظرين کان روشناس ڪرايو. مارڪس سندس تمام گهڻي

عزت ڪندو هيو. ان حد تائين جو ماركس پنهنجي پي. ايچ. ڊي جي ڊگري بہ سندس نالي منسوب ڪئي.

مڱڻو ٿيڻ کان پوءِ شرط اهو رکيو ويو تہ سڀ کان پهرين ماركس يونيورسٽيءَ ۾ دل لڳائي پڙهندو ۽ جينيءَ سان هڪ سال تائين نہ ملندو. ماركس هڪ سال بون يونيورسٽيءَ ۾ گذاريو ۽ پوءِ سندن والد جي هدايت مطابق برلن يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتائين. برلن ۾ ماركس شاعري شروع ڪئي. جڏهن پنهنجي محبوبہ جينيءَ جي ياد گهڻو ستائيندي هئس تہ شعر لکڻ ويهي رهندو هيو. هن هڪ سال ۾ نظمن جا ٽي بياض ڀريا ۽ پنهنجي جينيءَ جي نالي ڪيا. هن ڊراما ۽ ناول بہ لکڻ جي ڪوشش ڪئي پر ترت ڪيس پتو پئجي ويو تہ اها سندس وس جي ڳالهہ نہ هئي.

جرمنيءَ ۾ انهن ڏينهن ۾ جرمن فلسفي هيگل (1770-1830ع) جو وڏو اثر هيو ۽ جيئن هنن ڏينهن ۾ هتي پاڻ وٽ اقتدار جا بڪيا وڏا ماڻهو علامہ اقبال جي شاعريءَ کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪندي سندس ترقي پسند فڪر مٿان پردو وجهندا آهن. اهڙي طرح جرمن سرڪاري حلقا هيگل جا مريد هئا ۽ سندس تحريرن مان جبر ۽ ظلم جو جواز ڳولڻ جي ڪوشش ۾ وسان ڪونہ گهٽائيندا هئا. البت اتي ئي نوجوان فلاسافرن جو هڪ اهڙو بہ گروپ هيو جنهن هيگل جي ترقي پسند رخ ڏانهن زور ڏنو ٿي ۽ سندس فلسفي ۾ انسان جي ذاتي آزادي ۽ سماجي ترقيءَ جي اهميت کي اجاگر ٿي ڪيو. انهن نوجوان مفڪرن برلن يونيورسٽيءَ ۾ "ڊاڪٽرز ڪلب" جي نالي سان هڪ تنظيم بہ ناهي هئي. ماركس بہ انهيءَ ڪلب ۾ شامل ٿي ويو.

ماركس جي والد جي دلي خواهش هئي تہ ماركس وڪيل ٿئي ۽ نالو پيدا ڪري پر ماركس جو تہ سڄو ڌيان ئي فلسفي ڏانهن هيو. سندس والد جي وفات کان پوءِ هن قانون جي تعليم کي خدا حافظ چيو ۽ فلسفي جي مطالعي ۾ مصروف ٿي ويو. 1841ع ۾ هن جينا يونيورسٽي مان ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪري ورتي. هن پنهنجي مقالي ۾ قديم يونان جي ماديت پسند فلاسافر ديمقراطيس ۽ پنهنجي ڪورس جي ايٽمي نظرين جي پيٽ ڪئي. تعليم کان پوءِ ماركس بون يونيورسٽيءَ ۾ فلسفي جي شعبي ۾ نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪئي پر ناڪام رهيو. نيٺ هن صحافت جو پيشو اختيار ڪيو ۽ هڪ اخبار "رهائي نش زائي تونگ" سان وابستہ ٿيو. ان اخبار جا مالڪ چند ريڊيڪل سرمائيدار هئا، جن جو رابطو ڊاڪٽرز ڪلب سان پڻ هيو. 1842ع ۾ ماركس ان اخبار جو چيف ايڊيٽر مقرر ٿيو.

ماركس جي بطور ايڊيٽر ٿيڻ کان پوءِ اخبار جي اشاعت ٽيڻي ٿي ويئي. ماركس هارين جي حق ۽ پريس جي آزاديءَ لاءِ لڳاتار ڪيترا مضمون لکيا، جن کي ماڻهن تمام گهڻو پسند ڪيو.

هن تحرير جي آزاديءَ کي انسان جو بنيادي حق ٿي سمجهيو. سنسرشپ جي مخالفت ۾ هن لکيو. "سنسرشپ، پريس کي احساس ٿي ڏيارڻ چاهي ته تون بيمار آهين ۽ حڪومت تنهنجي طبيب آهي. پر هي اهڙو عطائي طبيب آهي جنهن وٽ هر بيماريءَ جو فقط هڪ ئي علاج آهي ۽ اهو آهي "قينچي." جاهل طبيب هر عضوو ڪٽيو اڇلايو ڇڏي."

مارڪس جي نظر ۾ اهڙي صورتحال جا ذميوار اخبارن جا اهي مالڪ به هئا جن صحافت جهڙي مقدس ڪم کي ڪاروبار ٺاهي ڇڏيو هو.

مارڪس جي تحريرن جي ترارن جا ڏک جرمنيءَ جي سرمائيدارن ۽ حڪومت لاءِ خطرناڪ هئا تنهنڪري حڪومت سنسرشپ جون پابنديون اڃا به وڌيڪ سخت ڪري ڇڏيون. 1843ع ۾ آخرڪار ڪارل مارڪس کي اخبار کان الڳ ڪيو ويو. جون مهيني ۾ سندس شادي جيني سان ٿي جنهن جو پورو نالو "جين ويسٽ فالين" هيو ۽ پوءِ مارڪس پنهنجي ساهرن ڏانهن هليو ويو. اتي هن هيگل جي فلسفئ حق تي تنقيد لکي. هن پنهنجي مقالي ۾ انهيءَ ڳالهه کي رد ڪيو ته بورزوا يعني سرمائيدار رياست، انساني ارتقا جي عروج جو نقطو آهي مارڪس پنهنجي مقالي ۾ ان ايندڙ انقلاب ڏانهن به هلڪو اشارو ڏنو جنهن جي رهنمائي پورهيت طبقي کي ڪرڻي هئي. پهريون دفعو هن پورهيتن جي تخليقي ۽ انقلابي سگهه ۽ انقلاب ۾ مزدور طبقي جي هر اول دستي واري ڪردار جي نشاندهي ڪئي.

مارڪس لاءِ جرمنيءَ ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي گنجائش نه رهي هئي تنهنڪري ٻنهي گهوٽ ڪنوار پنهنجي هڪ دوست آرنلڊ روج جي چوڻ تي پيرس جو رستو ورتو. آرنلڊ روج پيرس مان جرمن زبان ۾ هڪ نظرياتي رسالو ڪڍڻ ٿي گهريو. مارڪس ساڻس شامل ٿيو. پر رسالو هڪ ئي پرچي کان پوءِ بند ٿي ويو. مارڪس کي ان رسالي معرفت فريڊرڪ اينگلز سان لکپڙهه ڪرڻ جو موقعو مليو جنهن جو هڪ مضمون رسالي ۾ ڇپيو هيو. ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن اينگلز مانچسٽر کان جرمني ويندي ڪجهه وقت پيرس ۾ ترسيو ۽ مارڪس وٽ مهمان ٿيو ته ڪين اندازو ٿي ويو ته ٻنهي جو فڪر ۽ فلسفو ساڳيو آهي. خيالن جي هڪجهڙائيءَ اڳتي هلي سندن اهڙي پڪي دوستيءَ کي جنم ڏنو جيڪا اڄ ڏينهن تائين قائم آهي.

فريڊرڪ اينگلز 1820ع ۾ هائين لينڊ جي شهر بارمين ۾ پيدا ٿيو. سندس والد دولتمند صنعتڪار هيو جنهن کيس تعليم کان پوءِ ڪاروبار ۾ لڳائڻ ٿي گهريو پر اينگلز کي ڪاروبار سان ڪابه دلچسپي ڪانه هئي. هو باغي طبيعت جو مالڪ هو. هائني ۽ شيلي جي اسٽائيل ۾ جوشيليون نظمون لکندو هيو. ڪيس فلسفي ۽ اقتصاديات سان تمام گهڻو

لڳاءُ هيو. جڏهن سندس پيءُ کيس مانچسٽر پنهنجي ڪارخاني جي سنڀال لاءِ موڪليو تڏهن کيس برطانيا جي مزدورن جي حالت کي ويجهي کان ڏسڻ جو موقعو مليو. هن آرنلڊ روج جي رسالي لاءِ هڪ مقالو لکيو هو "علم اقتصاديات جو تنقيدي جائزو." ان لاءِ مارڪس وڏي واڪ چوندو رهندو هو ته "مون کي اينگلز جي مضمون ئي سرمائيداري نظام ڏانهن متوجه ڪيو." اينگلز، برطانيه ۾ سوشلسٽن ۽ ڪميونسٽن سان به ملندو رهندو هو ۽ سندن پرچن ۾ لکندو رهندو هو. پيرس ۾ مارڪس سان ڏهه ڏينهن گذارڻ کان پوءِ هو مارڪس جو دلي دوست بڻيو ۽ سڄي زندگي مارڪس لاءِ مالي ۽ قلمي قربانيون ڏيندو رهيو.

انهن ڏينهن ۾ پيرس جون گهٽيون ۽ بازارون انقلابي نعرن سان گونجي رهيون هيون. مارڪس انهن انقلابين سان شامل ٿي ويو مارڪس جو گهڻو وقت اقتصاديات ۽ سياست جي مطالعي ۾ مصروف رهڻ لڳو. سندس رابطو جرمنيءَ جي انهن مزدورن سان به هيو جيڪي محنت مزدوري لاءِ پيرس ۾ رهيل هئا ۽ جرمنيءَ جي خفيه انقلابي سرگرمين ۽ تنظيمن سان لاڳاپيل هئا. جرمن حڪومت کي جنهن وقت مارڪس جي سرگرمين جون خبرون پهتيون ته جرمن حڪومت فرانس تي دباءُ وڌو ۽ مارڪس کي برسلز (بيلجيم) منتقل ٿيڻو پيو. اها ڳالهه 1845ع جي آهي ۽ تڏهن مارڪس هڪ ٻار جو پيءُ به هو. برسلز ۾ مارڪس کي مقامي سياست ۾ حصو وٺڻ جي بلڪل اجازت نه هئي. البت مزدورن سان ملڻ جلڻ تي مٿس ڪابه پابندي نه هئي. اتي رهي مارڪس ڪيترا ڪتاب لکيا ۽ سوشلسٽ خيالن جو پرچار شروع ڪيو. مزدورن جي ڪلب ۾ سوشلزم تي ليڪچر ڏنو ۽ اينگلز سان گڏجي پهريون دفعو لنڊن ڪميونسٽ ليگ ۾ شريڪ ٿيو. هيءَ اهائي ڪميونسٽ ليگ هئي جنهن جي هدايت تي مارڪس ۽ اينگلز "ڪميونسٽ مينيفيسٽو" لکيو هو.

ڪميونسٽ پڌرنامو مارڪس ۽ اينگلز جي اها انقلابي تحرير آهي جنهن جي ڇپجندي ئي دنيا ۾ هلچل مچي ويئي. ڏيڍ صديءَ گذرڻ کان پوءِ به ڪميونسٽ پڌرنامي جي اهميت ۽ افاديت ۾ ڪوبه فرق نه آيو آهي. بلڪ هاڻي ته هڪ پيرو وري ڪميونسٽ پڌرنامي جا حوالا سڄي دنيا جي اخبارن ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي زينت بڻجي رهيا آهن.

لينن هميشه چوندو هو ته "هي ننڍڙو ڪتاب جيڪو ڏسڻ ۾ ڪتابچو آهي، ڪيترن ڪتبخانن کان به وزني آهي، سندس روح اڄ به سڄي دنيا جي پورهيت طبقي ۾ جوش ۽ ولولو پيدا ڪري ٿو ۽ سندن رهنمائي ڪري ٿو."

مارڪس ۽ اينگلز انهيءَ ڪتاب ۾ سائنسي سوشلزم جي بنيادي اصولن ۽ مقصدن جو ڏاڍي مختصر ۽ جامع انداز ۾ بيان ڪيو آهي. هنن ڪتاب ۾ لکيو آهي ته "سماج هزارين سالن کان

سماجي جدوجهد جي وسيلي ترقيءَ جون چاڙهيون چڙهندو رهيو آهي ۽ سرمائيداري نظام بہ طبقاتي جدوجهد وسيلي هڪ خاص وقت ۾ وجود ۾ آيو آهي ۽ هن وڏا تاريخي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن ۽ واضح ڪيو آهي تہ انسان پنهنجي عمل سان ڇا نئو ڪري سگهي، پر جيئن تہ سرمائيداري نظام ناقابل حل اندروني تضادن جي بنيادن تي قائم آهي تنهنڪري سندس زوال اٽٽر آهي. مارڪس لکيو تہ:

ملن، فئڪٽرين ۽ زمين تي پيداواري عمل شراڪتي بنياد تي ٿئي ٿو پر پيداوار ۽ پيداواري وسيلا فقط چند ماڻهن جي ملڪيت هجن ٿا. انهيءَ تضاد جي ڪري سماج ۾ اقتصادي بحران ايندو رهي ٿو. ڪروڙين تندرست مرد ۽ عورتون محنت مزدوريءَ ۽ روزگار کان محروم رهجيو وڃن. شيون بازار ۾ جهجهي مقدار ۾ هجن ٿيون پر اهي غريب غربي جي پهچ کان ڏور آهن. انهيءَ تفاوت کي سرمائيداري نظام نئو حل ڪري سگهي، ڇو تہ اهو فرق سرمائيداري نظام جو اصل جوهر آهي، تنهنڪري پورهيت طبقي جو اهو تاريخي فرض آهي تہ هو اهڙي ظالمانہ نظام کي ڊاهي پٽ ڪري. هاڻي اهو بني نوع انسان جي ترقيءَ جي راهہ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. پيداواري وسيلن جي گڏيل ملڪيت ئي حقيقي جمهوريت لاءِ راهہ هموار ڪري سگهي ٿي.“

ڪميونسٽ ميني فيسٽو کي شايع ٿئي اڃا چند ڏينهن مس گذريا هئا تہ يورپ ۾ وري هڪ دفعو انقلاب جو شور بلند ٿيو. شروعات پيرس کان ٿي، جتي 1848ع ۾ لوئي فلپ جي بادشاهيءَ جو تختو اونڌو ڪيو ويو. مارڪس ۽ اينگلز انهن ڏينهن ۾ برسلز ۾ هئا. اهي اڃا پيرس وڃڻ جو سوچي ئي رهيا هئا تہ پوليس اچي مٿن ڪڙڪي. ايئن مارڪس کي گرفتار ڪيو ويو. جيني، مڙس جو حال پڇڻ ويئي تہ ڪيس بہ لاڪ اپ ڪيو ويو. جڏهن شهر ۾ تمام گهڻو شور ٿيو تہ مارڪس کي پوليس جي نگرانيءَ ۾ پيرس روانو ڪيو ويو. ڪين ايترو تہ تڪڙو ملڪ بدر ڪيو ويو جو هو گهر جو سامان بہ گڏ کڻي وڃي ڪين سگهيا.

مارڪس ۽ اينگلز اڃا پيرس ۾ هئا تہ جرمنيءَ ۾ انقلاب اچي ويو، تنهنڪري ٻئي سائي ڪولون روانا ٿيا. اينگلز تہ عوامي فوج ۾ شامل ٿي محاذ تي وڙهڻ هليو ويو، باقي مارڪس وري اخبار ”نيو رهائي نش زائي تونگ“ ڪڍي ۽ انقلابي سرگرمين ۾ شامل رهيو. جرمن حڪومت، مارڪس جي تحريرن کي برداشت نہ ڪري سگهي ۽ مٿس ٽيويهہ مختلف ڪيس داخل ڪيا ويا. مارڪس تي ڏوهہ تہ ثابت ٿي ڪونہ سگهيو پر حڪومت ڪيس چوويهن ڪلاڪن اندر ملڪ ڇڏڻ جو حڪم ڏنو. مارڪس اخبار بند ڪئي ۽ پريس کي جيئن تيئن ڪري وڪيو. جينيءَ کي ڏاج ۾ مليل چاندیءَ جا ٿانو جيڪي پهرين بہ هڪ دفعو برسلز ۾ وياج تي رکيا ويا هئا، هڪ دفعو وري وياج تي رکيا ويا ۽ مارڪس ٽن ٻارن سميت پيرس روانو

ٿيو. ايا پيرس ۾ رهندي کيس ٽي مهينا ٻه مس گذريا هئا ته فرانس حڪومت طرفان حڪم اچي ويو ته "چوويهن ڪلاڪن اندر ملڪ خالي ڪر."

ان وقت مارڪس وٽ ايترا پئسا ٻه ڪونه هئا جو هو ٻارن ۽ زال کي گڏ وٺي وڃي سگهي. جينيءَ کي پيرس ۾ ڇڏي پاڻ 24 آگسٽ 1849ع تي لنڊن روانو ٿيو. جيني ان وقت پيٽ سان هئي. لنڊن ۾ لنڊن لئبرريءَ سان سندس اهڙي ته لونءَ لڳي جو هن باقي زندگي اتي ئي گذاري. ان لنڊن لئبرريءَ ۾ ٽي هن پنهنجي پيغمبري ڪتاب "داس ڪيپيٽال" جي تخليق ڪئي.

انقلابي سرگرمين وارا ڏيڍ ٻه سال، جيڪي مارڪس ۽ اينگلز يورپ ۾ گذاريا ڏاڍا تڪليف ده ثابت ٿيا. ڪين جرمنيءَ جي انقلاب مان وڏيون اميدون هيون ليڪن اهي اميدون پوريون ٿي ڪونه سگهيون. البت عوامي جدوجهد ۾ شريڪ ٿي انهن واضح ڪري ڇڏيو ته انقلابي عمل ٻه ايتروئي ضروري هوندو آهي جيترو انقلابي نظريو ڦهلائڻ يا ڪتاب لکڻ.

مارڪس ۽ جيني هتي لنڊن ۾ ٻه سدائين مالي مشڪلاتن جو شڪار رهيا. اينگلز ٻه انهن ڏينهن ۾ اتي موجود ڪونه هو، جيڪو سندن پرگهور لهي. انهيءَ دوران مارڪس جي گهر ۾ چوٿين ٻار جنم ورتو، جنهنڪري خرچ پڪو ويتر وڌي ويو. جڏهن فليٽ جي مالڪ کي فليٽ جو ڪرايو نه مليو ته هن ڪين فليٽ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ سامان ٻه اڇلائي ڏنائين. انهيءَ واقعي جو ذڪر جينيءَ جي هڪ خط مان ملي ٿو. "سرڪاري ملازم آيا، انهن اسان جا هنڌ بسترا، چادرون، اوڍڻ جا ڪپڙا ۽ ان حد تائين جو منهنجي ٿج پياڪ ٻار جو لوڏاڻو ۽ رانديڪا ٻه پنهنجي قبضي ۾ ڪيا. منهنجو معصوم ٻارڙو روئندو رڙندو رهيو پر ڪين مٿس ڪا ڪهل نه آئي. پوليس اسان کي فقط ٻن ڪلاڪن جي مهلت ڏني پر تون ايئن نه سمجهه ته اهو سڀ ڪجهه فقط اسان سان ئي ٿي رهيو آهي ۽ آئون همت هاري ويهي رهنديس. مون کي انهيءَ ڳالهه جي خوشي آهي ته منهنجو پيارو مڙس مون سان گڏ آهي. انهيءَ ڳالهه جو البت ڏک ٿئي ٿو ته هن کي ان وقت پريشانين اچي گهيريو آهي جڏهن کيس وڏيڪ سهاري جي ضرورت آهي. افسوس! جيڪي ٻين جي مدد ڪري خوشي محسوس ڪن ٿا اڄ ڪيترو بي وس آهن."

مارڪس پڇي ڏکي شام تائين ڪٽان ڪرائي جي رقم حاصل ڪئي، تڏهن گهر جا ٽپڙ واپس ٿيا. جلد ئي اهي ٽپڙ وڪٽي دوائن واري ۽ ڪاسائيءَ جو بل چڪتو ڪيو ويو. ان کان پوءِ مارڪس هڪ علائقي "سوهو" ۾ جيڪي تمام گندو ۽ ڳٽيل آبادي وارو هيو اتي ٻن ڪمرن جو فليٽ وٺي رهڻ لڳو. ڇهه سال هو اتي رهيا. سامهون وارو ڪمرو ويهڻ ۽ لکڻ لاءِ ۽ پاسي واري ڪمري ۾ پورو خاندان سمهندو هيو. ان جاءِ ۾ مارڪس جا ٻه ٻار دوائن ۽ خوراڪ جي اڻهوند سبب مري ويا. هڪ وقت ته اهڙو ٻه آيو جو مارڪس پنهنجو سوٽ ڪوٽ ٻه گروي

رکي ڇڏيو. مارڪس، اينگلز کي لکيو، "منهنجي حالت اهڙي آهي جو آئون گهر کان ٻاهر بہ نٿو نڪري سگهان ڇو تہ ڪپڙا گروي رکيل آهن."

ايڏين تڪليفن ۽ مصيبتن باوجود بہ مارڪس جي عزم ۽ ارادي ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو ۽ نہ ڪڏهن جينيءَ ئي منهن گهنجايو بلڪ هر وقت پنهنجي مڙس کي دم دلاسا ڏيندي رهندي هئي. تنهن وقت جينيءَ جو ڀاءُ جرمنيءَ ۾ وزير داخلا هيو جنهن پنهنجي پيٽ کي لکيو تہ "توهان واپس جرمني اچو، آئون سنڀال ڪندس اوهان جي."

جينيءَ کيس جواب موڪليو، "مون مارڪس ۽ سندس خيالن سان شادي ڪئي آهي، جرمنيءَ ۾ انهن ٻنهي جي گنجائش ڪونهي مون کي اهڙي جرمني نہ کپي."

هزارين گهريلو مسئلن جي باوجود بہ مارڪس پنهنجي ڪم ۾ جنبيو رهيو. صبح جو سوير اٺندو هو ۽ سڌو برٽش لئبرري ۾ هليو ويندو هيو ۽ شام جو ستين بجي واپس ايندو هيو. رات جو بہ دير تائين ڪم ڪندو رهندو هو. اپريل 1850ع ۽ 1853ع جي وچ ۾ هن اقتصادي ڪتابن ۽ سرڪاري رپورٽن جي مدد سان اٺڪل ٽيويهہ ڪتاب لکيا.

آگسٽ 1851ع ۾ اخبار "نيو يارڪ ڊيلي ٽربيون" جي ايڊيٽر چارلس ڊانا، جيڪو مارڪس سان ڪولون ۾ ملي چڪو هو، مارڪس کي پيشڪش ڪئي تہ هو گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ ٻہ خبرناما اخبار کي موڪلي. مارڪس اهڙي پيشڪش کي غنيمت سمجهيو ۽ اٺڪل ٻارنهن سال تائين صحافت جا فرض نڀائيندي ان اخبار سان لاڳاپيل رهيو.

آمريڪا ۾ جڏهن خانہ جنگي شروع ٿي ۽ "نيويارڪ ڊيلي ٽربيون" غلاميءَ جي حمايت ڪئي تہ مارڪس اخبار کان الڳ ٿي ويو.

مارڪس ۽ اينگلز، "ڊيلي ٽربيون" ۾ يورپ جي حالتن کان سواءِ ترڪي، مصر، ايران، هندوستان ۽ چين جي باري ۾ بہ بيشمار مضمون لکيا ۽ اوپر ۾ اولهہ جي ملڪن جي بدمعاشين، چالاکين ۽ استحصالي سرگرمين کي چڱيءَ ريت بي نقاب ڪيو. هنن اهو سوال بہ اٿاريو تہ "هزارين سالن کان سماجي جمود ڇو آهي ۽ هندستان ۾ اهڙيون ڪهڙيون خرابيون آهن جو اتي يورپ وانگر سرمائي جي واڌويجهہ نٿي ٿئي ۽ صنعتي انقلاب نٿو اچي ۽ ڪيئن انگريزن جي سوداگرن جي هڪ ننڍي واپاري تنظيم، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ هن هيڏي وڏي ملڪ تي قبضو ڪري ورتو هو. سندن نظر ۾ هند سنڌ جي غلامي ۽ جمود جا ٻہ سبب هئا. هڪ رياستي ڏاڍ ۽ ٻيو ٻهراڙيءَ جو خود ڪفيل زرعي ۽ دستڪاري نظام."

انگريزن جنهن نموني هندستان تي قبضو ڪري هتي جي صنعت ۽ هنر کي بيدردي سان برباد ڪيو، ملڪ کي خام مال جي منڊيءَ ۾ تبديل ڪيو ۽ هندستان کي برطانيہ جي تيار مال جي بازار ۾ بدلائي ڇڏيو، ان جي وضاحت ۾ مارڪس ٽربيون اخبار ۾ ڪيترائي مضمون لکيا. مارڪس اها بہ دعويٰ

ڪئي تہ "برطانيہ ۾ ارڙهين صديءَ ۾ جيڪو دولت ۽ سرمائي جو اڀار آيو، اهو گهڻي حد تائين هندستان جي دولت جي سڌي سنئين ڦرلٽ سان آيو." پر انهيءَ سڄي شيطانيت جي پويان جيڪو خير جو پاسو هيو مارڪس ان جي بہ نشاندهي ڪئي. مارڪس جو خيال هيو تہ "انگريزن، هندستان ۾ سرمائيداري نظام نافذ ڪري هڪ تاريخي ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. هندستان، جيڪو اڳ تائين الڳ تلڳ هيو سو هاڻي عالمگير سرمائيداري معيشيت جو جز ٿي پيو. ان سان گڏ تار، بجلي ۽ ريلوي جو ڄارُ وڇائي ۽ اولهہ جي طرز جي تربيت يافتہ ديسي فوج جوڙي انگريزن هندستانين کي دشمن سان مقابلو ڪرڻ جو پهريون مرڪز قائم ڪري ڏنو آهي. (اها پيشنگوئي 1857ع ۾ بلڪل سچ ثابت ٿي) ان کان سواءِ پريس ۽ اخبارون جن کان ايشيائي سماج پهريون پيرو واقف ٿيو آهي، نهايت فائديمند ثابت ٿيندا ۽ پوءِ انگريزي تعليم ۽ اولهہ جي طرز جا اسڪول ۽ ڪاليج جن جو مقصد بظاهر تہ آفيسن لاءِ بابو ٺائيپ اسٽاف تيار ڪرڻو آهي پر آخر آخر اولهہ جو جديد علم، فن جمهوريت ۽ خودمختياري جا اصول بہ تہ پڙهايا ويندا." ان سان گڏوگڏ مارڪس، ايشيا جي ماڻهن کي تنبيهہ بہ ڪئي تہ "ڪنهن کي بہ اها غلط فهمي نہ ٿيڻ ڪپي تہ انگريز صنعتڪارن جي اهڙين سرگرمين هوندي هندستان پاڻهي آزاد ٿي ويندو يا هندستان جي عوام جي حالت پاڻهي سڌري ويندي. هندستانين کي اها ڳالهہ سمجهڻ ڪپي تہ انگريزن جي نافذ ڪيل نئين سماج جي فائديمند عنصرن جو ڦل تيستائين نٿا کائي سگهن، جيستائين برطانيہ ۾ موجود حاڪم طبقي جي جاءِ پورهيت طبقو نٿو وٺي يا خود هندستان ايترو طاقتور ٿي وڃي جو انگريزن جي غلاميءَ جو ڳٽ ڳچيءَ مان لاهي ڦٽو ڪري."

مارڪس ۽ اينگلز کي 1857ع واري هندستاني بغاوت سان پوري همدردي هئي. اهي پنهنجي خبرنامن ۾ بغاوت جون خبرون ڇاپيندا رهندا هئا. انهن اها ڳالهہ وڏي واڪ ڪئي تہ "هندستان جي بغاوت ڪا فوجي بغاوت نہ هئي بلڪ قومي بغاوت هئي."

سندن خيال هيو تہ ان مرحلي ۾ هندستان جي جدوجهد ناڪام ٿيندي ڇو تہ منجهن مرڪزي ليڊرشپ نالي ماتر ۽ ڪمزور آهي، ملڪي پيماني تي منجهن ڪابہ گڏيل حڪمت عملي ناهي، ٻڌي ناهي ۽ هڪٻئي خلاف سازشون ڪندا رهن ٿا ۽ وڏي ڳالهہ تہ هو فقط دفاعي جنگ وڙهن ٿا تنهنڪري انگريز کي وڏيڪ فوجون گهرائڻ ۽ چرپر جي پوري آزادي آهي."

مارڪس، سرمائيدارانہ معيشيت جو مطالعو 1843ع کان شروع ڪيو هو، جيڪو سلسلو چوويهہ سالن تائين جاري رهيو. انهيءَ دوران مارڪس فلسفي، سياست ۽ سرمائيداري نظام تي ڪيترا ڪتاب لکيا، "نيو يارڪ ڊيلي ٽربيون" جو صحافي ٿي رهيو ۽ انقلابي سرگرمين ۾ بہ شامل ٿيندو رهيو. پر سندس زندگي ۾ جي ڪاوشن ۽ تحقيقن جو نچوڙ سندس ڪتاب

"سرمايو" آهي جنهن جي تخليق خاطر مارڪس پنهنجي هر شيءِ قربان ڪري ڇڏي، پنهنجو گهر، ٻار ٻچا، خوشيون، صحت، هر شيءِ هن قربان ڪئي. داس ڪئپيٽال يعني "سرمايو" جو پهريون جلد سيپٽمبر 1867ع ۾ جرمن زبان ۾ شايع ٿيو ۽ جلد ٻئي فرانسيسي، روسي، انگريزي ۽ ٻين زبانن ۾ ترجمو ٿيو. البت باقي جلد مارڪس جي زندگي ۾ ڇپجي ڪونہ سگهيا. بعد ۾ اينگلز، مارڪس جي موت کان پوءِ باقي جلد ڪٺا ڪري نئين سر ٺاهي جوڙي ڇپرايا ۽ آخري جلد جي تہ تڪميل بہ اينگلز ڪئي.

ان ڪتاب جو مقصد بقول مارڪس "جديد سماج جي اقتصادي قانونن جي حرڪت جي تشريح آهي" مارڪس جي هيءَ تخليق صرف سرمائيداري نظام جي تشريح نٿي ڪري بلڪ ان جي اٿڻ زوال کي ثابت ڪري ٿي. "داس ڪئپيٽال" ۾ سرمائيداري نظام جي استحصالي نوعيت عالم آشڪار ڪئي ويئي آهي. مارڪس چوي ٿو، "اها ڳالهہ تہ هرڪو ڄاڻي ٿو تہ سرمائيداري نظام ۾ هرڪا شيءِ بازار ۾ وڪڻڻ لاءِ تيارڪئي وڃي ٿي ۽ سڀ شيون پورهيتن جي پورهئي ۽ پگهر مان نهي تيار ٿين ٿيون. انهن شين ۾ سڀ کان وڌيڪ شيءِ انساني محنت شامل هجي ٿي. مزدور کي بازار جي اڳهہ جي حساب سان جيڪا مزدوري ملي ٿي، ان عيوض مقرر وقت ۾ هو نہ ڄاڻ ڪيترو فاضل مال تيار ڪري ٿو. ان جي ڪيس ڪابہ اجرت نٿي ملي. اهائي رقم صنعتڪار جي نفعي، شاهوڪار جي وياج ۽ زميندار جي اپت جي شڪل ۾ سرمائيداري نظام ۾ ورهائجي ٿي."

سرمائيدار ۽ سندس حمايتي، سالن کان مارڪس جي دعوائن جي ترديد ۾ لڳل آهن. پر مارڪس جيڪو سرمائيداري نظام جي استحصالي نوعيت جو تجزيو ڪيو آهي، اهو اڄ سويت يونين جي ڊهڻ کان پوءِ بہ جيئن جو تيئن سچ ثابت ٿي رهيو آهي ۽ اڄ آمريڪي "وال اسٽريٽ جرنل" جا صحافي بہ "سرمايو" جي سچ کي تسليم ڪري رهيا آهن.

جڏهن ڪتاب "سرمايو" جو پهريون جلد ڇپيو تڏهن مارڪس جي عمر پنجاهہ سالن کان بہ گهٽ هئي. جيتوڻيڪ سندس هڏ ڪاٺ مضبوط هيو ۽ روز سترهن ارڙهن ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جي منجهس عادت پيل هئي پر جلاوطن زندگيءَ جي مصيبتن ۽ ڏکن ڏاڍن ڪيس وقت کان پهرين پوڙهو ڪري ڇڏيو هو. ڪيس ڪڏهن ڪڏهن تہ ٻن وقتن جي ماني بہ ڪانہ ملي سگهندي هئي. ان جي باوجود بہ هن ڪڏهن اصولن تي سوديبازي نہ ڪئي. مارڪس ظالماڻي سرمائيدارانہ سماج جي زوال ۽ سوشلزم جي منصفاڻي نظام جي قيام جي اٿڻ هجڻ واري حقيقت کي دنيا آڏو پڌرو ڪرڻ ۾ بنيادي ۽ سرواڻ ڪردار ادا ڪيو. سندس ڪوشش کي جيتوڻيڪ جيئري ايترو مانُ نہ مليو پر سندس حوصلو ڪڏهن بہ ڪمزور ڪونہ ٿيو. پر جسم تہ آخر جسم آهي، اهو ڪيترين جفاڪشيون برداشت ڪندو. نتيجو اهو نڪتو جو سندس صحت تيزي سان

ڪرڻ لڳي ۽ بيمارين ڪيس وڪوڙي وڌو. هڪ ڏينهن برٽش ميوزيم ۾ پڙهندي پڙهندي بيهوش ٿي ويو. سندس سيني ۾ اهڙو ته سوُر پيو جو ساهه ڪڍڻ مشڪل ٿي پيس.

انهيءَ دوران 1810ع ۾ فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ جنگ لڳي. فرانس کي شڪست ملي ۽ نيپولين بوناپارٽ ٽئين کي قيد ڪيو ويو. تڏهن فرانس جو عوام اٿي پيو ۽ اتان جي پورهيتن، غدار ۽ نااهل حڪومت کي ختم ڪري 1871ع ۾ پئنچائتي حڪومت قائم ڪري ورتي جيڪا "پيرس ڪميون" جي نالي سان مشهور ٿي. اها جديد دنيا جي تختي تي پورهيتن جي پهرين حڪومت هئي.

هن حڪومت کي ماڳهين ٽن مهينن جي مختصر عرصي ۾ تمام بي رحميءَ سان نابود ڪيو ويو. هزارين مزدور ڦاهيءَ چڙهيا ۽ جلاوطن ٿيا. پيرس جي بيگناهه مزدورن مٿان ظلمن جا پهاڙ ڪيرايا ويا. انهن حالتن کي مارڪس شدت سان محسوس ڪيو. هن يڪدم هڪ ڪتاب لکيو ته جيئن مهذب دنيا کي فرانس جي خانه جنگيءَ جي اصل حقيقت معلوم ٿئي. گڏوگڏ پاڻ فرانس مان ترڻلن جي امداد ۾ به مصروف ٿي ويو. انهيءَ ڀڄ ڀڄان جو سندس صحت تي تمام گهڻو خراب اثر پيو. ننڊ وٺائنس موڪلائي ويئي ۽ مٿي ۾ سور جا دورا پوڻ لڳس.

اڃا سندس پنهنجي طبيعت ئي صحيح نموني ٺيڪ نه ٿي هئي جو جيني بيمار ٿي پئي. ڊاڪٽرن ٻڌايو ته جگر جو ڪينسر آهي. مارڪس پنهنجا سڀ ڪم ڪار هڪ پاسي رکي ڇڏيا ۽ پنهنجي محبوب زال، همدرد ۽ زندگيءَ جي سچي ساٿيءَ جي خدمت ۽ دلجوئي ۾ مصروف ٿي ويو.

پر مارڪس سان قسمت وفا نه ڪئي ۽ جينيءَ جي صحت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي وئي. مارڪس جي هزارين حيلن، ڪوشش ۽ دعائن جي باوجود جيني ڊسمبر 1881ع ۾ ڪائنس هن دنيا مان موڪلائي ويئي.

محبت جو هي ڏيئو ڇا وساٽو، مارڪس لاءِ دنيا اونداهي ٿي ويئي. مارڪس ڏٺو ته زندگيءَ جي رڻ ۾ هاڻي هو بلڪل اڪيلو ٿي ويو هو. جيني جي موت کان پوءِ سندس زندگي مان هر دلچسپي ختم ٿي ويئي، هو بلڪل جهري پيو.

مارڪس اڃا هن اندوهناڪ صدمي ۾ ئي ٻڏل هيو ته ڪيس خبر ملي ته سندس ڌيءَ جيڪا پيرس ۾ پرٽيل هئي سا به هن دنيا مان هلي ويئي. ان حادثي ته ماڳهين ڪيس بي حال ڪري ڇڏيو. ڪيس پلوروسي ٿي پئي ۽ سندس ڦڦڙن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو.

آخرڪار 14 مارچ 1883ع تي هي عظيم انقلابي پيغمبر، مظلوم انسانيت کي نجات جي راهه ڏيکاري، عدم ڏانهن راهي ٿيو. مارڪس کي هائي گيٽ جي قبرستان ۾ جيني جي پر ۾ دفن ڪيو ويو.

اينگلز، مارڪس جي جنازي وقت تقرير ڪندي سچ چيو هيو ته "مارڪس جو نالو ۽ ڪم سدائين زنده رهندا."

شيخ اياز

بيت

هي اونداهيون راتڙيون، تو هڪ ڏيئي کي،
ڇا لئ وِسائي تڪيو تارن ڏي مٿي؟

ڪروڙين تارا، اونداهيءَ ۾ ٽٻڪڙا،
ڪيڏا ويچارا آهن ڪاري ڪوٽ ۾!

چيو چوايو پائڙا، مون کي معاف ڪجانءِ،
جڏهن آنءُ وڃانءِ، ڪٽجانءِ دعا هٿڙا.

آنءُ مدايون ايتريون، ڪانهي ڪائي ڪٽ،
ڇاتون دعا هٿ، مون لئ ڪٽندين ڪينڪي؟

جيئڻ ڳري لوڻ جان يا ٿئي پتاشو،
ڪفن ۾ لاشو، ڪجهه سارينڌو ڪينڪي!

علام اقبال / شيخ اياز

حجاز جي اونار جو راڳ

اي منهنجا سير ڪندڙ اٺ
اي منهنجا تاتار جا هرڻ
منهنجا درهم ۽ دينار
منهنجا ٿورا ۽ گهٽا (ڏڻ مال)
پنهنجو قدم وڌيڪ تيز هلاءِ
ڇو تہ اسان جي منزل دور نہ آهي.
سج جي گرميءَ ۾
تنهنجي رج ۾ ٽپي
چاندوڪي رات ۾
پڇڙ تاري واري تيز چال
تنهنجين اکين خواب نہ ڏٺو آهي
پنهنجو قدم تيز وڌاءِ
اسان جي منزل دور نہ آهي.

علي محمد سولنگي

نئين سال جي وائي

سال نئين سنديون،
توکي واڌايون هجن.
سال نئين سان گڏ سکي،
عيد الاضحيٰ جون،
توکي واڌايون هجن.
سالگرهه هن ماهه ۾،
ملهائيندينءَ تون،
توکي واڌايون هجن.
شال مني ماڻين سدا،
جيون جون خوشيون،
توکي واڌايون هجن.

جيئند علي مهر

وائي

بري ٻري وساميا،
تولئ رات ڏيئڙا!
پريت آرزو جاڳائي،
پنيا پئي دعا،
تولئ رات ڏيئڙا!
موت پي او ڍوليا،
مون سان گڏ رنا،
تولئ رات ڏيئڙا!
نيڻن پيچرا سجائي،
هر گهڙي سکيا،
تولئ رات ڏيئڙا!
بري ٻري وساميا،
تولئ رات ڏيئڙا!

ريٽا شهاڻي

مان قربان

خود وشواسي نہ ريساڙو، ان مورت تي مان قربان،
جو آ اصلي ناهي نقلي، ان صورت تي مان قربان.
پر پيڙ مان هو ڇا ڇاڻي، خود ۾ پيهي پاڻ پڇائي،
آهي اٽل جو آهي اچل، ان پربت تي مان قربان.
سانگ نہ پائي جو ڪڏهن پي، ڪيئن بہ پنهنجي چهري تي،
جو اندر تس سو ئي ٻاهر، ان سيرت تي مان قربان.
ڇل ڪيپ ڪان جو آ آجو، مک نورَاني نور هجي،
ڪري گفتگو هو اکڙين سان، ان پريت تي مان قربان.
ساک گلا مان نہ ڪو مطلب، بس ڪرم ڪرڻ هو ڇاڻي،
قل جو ناهي جو اٻل آهي، ان عظمت تي مان قربان.
ان مورت جو ساهيو جيڪس، خود ۾ وهي آنءُ سمايان،
تيان مان اهڙي جيئن ڇاهيان، ان نوبت تي مان قربان.

مارگريٽ واڪر- آمريڪي شاعره

ورثو

منهنجيون نانيون ڏاڏيون ڏاڍيون سگهاريون هيون.
هر جو منيو پيڙي، ڌرتيءَ کي ڪيڙي،
سموري ٻنيءَ ۾ هٿ سان ٻج ڇٽيندیون هيون.
هنن جا هٿ سگهارا هئا،
جن جي ڇهاءُ سان
ڌرتي مان ان اسري ايندو هو
هو هردم ڳائيندیون رهندیون هيون.
منهنجيون نانيون ڏاڏيون ڏاڍيون سگهاريون هيون.
هنن وٽ ڪيڏيون زنده يادون آهن،
صابڻ، بصر ۽ آلي منيءَ جي بوءِ هاڻا،
اپريل نسن وارا محنتي کهرا هٿ هوندي.
ڪيڏا پيارا اجرا ٻول پيون ٻوليندیون آهن،
منهنجون نانيون ڏاڏيون ڏاڍيون سگهاريون هيون،
پوءِ آءُ انهن جهڙي ڇو ناهيان؟.

محمد اسلم ڪوري

آزاد نظم

اي صبا تون ئي ٻڌاءِ!
انتظارن ۾ اڃا،
اڪيلا جي سگهون ٿا،
يا انتظارن جا ڏيئا،
اجهائي ڇڏيون،
يا-ديپ اميدن جا اڃا،
جلندائي رهن.
اي صبا تون ئي ٻڌاءِ!
ڪي خواب اکين ۾
سجائي رکون،
ڀ ڪي جذبا اندر ۾،
لڪائي رکون.
اي صبا تون ئي ٻڌاءِ
لڙڪ ڪٽائي ڇڏيون؟
ديپ اجهائي ڇڏيون؟
خواب وساري ڇڏيون؟
ڀ پاڻ کي بہ ماري ڇڏيون؟
اي صبا تون ئي ٻڌاءِ.

فضل قادر نوتڪاڻي

غزل

سڳنڌ تنهنجي هوائن ۾، گلابن جو قسم آهي،
سمايل تون پساهن ۾، حجابن جو قسم آهي.
هلڻ تنهنجو عجب آهي، ڪلڻ تنهنجو غضب آهي،
ٽڪي تو تي نظر وئي آ، ڪتابن جو قسم آهي.
گهٽائن ۾ لڪو چنڊ يا پرين آ تو ڪيو پردو
پتو ناهي اسان کي پيو، نقابن جو قسم آهي.
ستارا ٿا پڇن تنهنجو، نظارا پي لڻچن تو لئ،
نظر آهي سندم آتي، خوابن جو قسم آهي.
جهڪائي نيڻ جڏهن جانان! ڏنئي منهنجي پڌر تي پير،
جنت تي پيو اڳڻ سارو، ثوابن جو قسم آهي.

اظهر ٻانيڻ

غزل

ئي وسي برسات ٻاهر، در تہ کوليو،
ڪو چوي پيو ٿو مسافر، در تہ کوليو.
امن جو ٿيندو الائي ڇا تہ يارو!،
پيو ٿئي فائر تي فائر، در تہ کوليو.
مان بہ سنڌ جي حق ۾ نعرو هڻان، ڀء،
روڍ تي ساڙيان ڪو ٽائر، در تہ کوليو.
چنڊ جهڙيون پوسٽون لکندو هزارين،
ڏسي منظر کي شاعر، در تہ کوليو.
منتظر هي ڪائنات آ جنهن جي خاطر،
حسن ٿيڻ چاهي ٿو ظاهر، در تہ کوليو.

فقير محمد سنڌي

غزل

روز نئين سر نينهن ٿو نسري،
اڄ تائين يار نٿو وسري.
باک ڦٽي ئي درد وڌي ٿو،
ڀ سورن جو ٿو سج اڀري.
ياد پوي ئي ننڊ ڦٽي ئي،
ڇڻ تو بن رات نٿي نبري.
پيڙا ڏاڍي پل پل ئي آ،
ٻوڏ مان ناؤ نٿي نڪري.
سائي موسم آئي آهي،
سنڌي تو بن پيو ٿو پڇري.

شريف ميراڻي

غزل

زندگي ناچڻي، وانگيان ٿي نچي!
يا خوشي ناچڻيءَ وانگيان ٿي نچي!
روز جنهنجا چمن، پير پازيب تا،
سا سکي ناچڻيءَ، وانگيان ٿي نچي.
مهڪندڙ گل ڏسي، مسرتن جا مڙئي،
دل ڪشي ناچڻيءَ، وانگيان ٿي نچي.
چنڊ تارا هئا رقص ۾ يا سندن،
چاندني ناچڻيءَ وانگيان ٿي نچي.
حسن جاڳي پيو، پر ڪشش جيئن آ،
عاشقي ناچڻيءَ، وانگيان ٿي نچي.
رات ساري رهيا نيڻ مدهوش يا،
مئ ڪشي ناچڻيءَ وانگيان ٿي نچي.
پنج گانہ ڪندڙ، تو کي سجده اجان،
بندگي ناچڻيءَ، وانگيان ٿي نچي
ٻن دلين درميان، روز شب اي شريف
دوستي ناچڻيءَ، وانگيان ٿي نچي!

سوز ملاح "سجاول"

غزل

وڃي چنڊ چئجانءِ، ستو ڪونہ آهي،
سندءِ ياد مان هو ٿڪو ڪونہ آهي.
ملڻ لئہ اوهان سان اچان روبرو پر!
اوهان جو پرين ڪو پتو ڪونہ آهي.
ڪري ياد توکي پيو پيار مان هو،
سندءِ ياد مان ٿيو ڪٿو ڪونہ آهي.
پري جانان اوهان جو پياريو،
نشو نينهن وارو لٿو ڪونہ آهي.
ملي محب آخر وجون پاڻ ها پر!
اوهان جو ارادو پڪو ڪونہ آهي.
لهي نانءَ دل تان وڃي يار تنهنجو،
سندم پيار اهڙو ڪچو ڪونہ آهي.
ڪري ناهہ هاڻي رهو يار گڏجي،
اجان وقت هٿن مان ويو ڪونہ آهي.
سوين سوز دل ۾ مياروں اوهان لئہ
مگر لفظ اوهان کي چيو ڪونہ آهي.

شير محمد جروار

غزل

انڌيرا، انڌيرا، انڌيرا، مليا.
نہ اسان کي ڪڏهن کي سويرا، مليا.
چاهت جو نہ پوءِ پي اظهار ٿيو،
هو اسان کي اڪيلي ڪئي پيرا، مليا.
جي منهن مان مسيحا لڳا ٿي مونکي،
سي ماڻهو بہ من جا ميرا مليا.
نہ مرڪ جي چپن، ماکي چکي ڪڏهن،
عمر ۾ غمن جا گهيرا مليا.
تڏهن هڻي شاعري لکين شير ويٺو،
لڳي ٿو توکي بہ دردن جا ديرا، مليا.

راحم صديقي

غزل

ڪيو زخمي نظر دل مئي منڌار جي هر هر،
ستائي سڪ سدا سهڻي سجڻ دلدار جي هر هر.
ڏسي لالي سدا لب تي چمڪ چوڌار چهري تي،
رڳو وائي اچي ٿي ياد پئي ديدار جي هر هر.
وٽي ڪاڏو نہ ٿو پيتو اٿڻ ويهڻ لڳي وه ٿو،
وڃي عرشن مئي ٿي آه هن بيمار جي هر هر.
پسي چهرو ٿيس چريو ڏنم دلڙي ڪڍي توکي،
ٿيس بوتو اچي لهہ سار ڪا بيڪار جي هر هر.
خدارا ڏس ڏسڻ وارا اچي ٿي روح کي راحت،
ڪيان تعريف "راحم" پرينءَ جي پيار جي هر هر.

آفتاب احمد لولائي

غزل

مون کي وکريل ۽ ويران ڏسي، اداس ٿي وئي،
بهار جي مند ۾ خزان ڏسي اداس ٿي وئي.
هو سمجهي وئي رنو آهيان سندس هجر ۾،
ڳلن تي ڳوڙهن جا نشان ڏسي، اداس ٿي وئي.
نہ ڪا منزل منهنجي نہ بڻيو ڪو همسفر منهنجو،
منهنجا رستا سڀ سنسان ڏسي، اداس ٿي وئي.
نہ رهيون بهارون هاڻ بس هن چمن ۾ ڪڏهن،
بلبل پنهنجو اجڙيل آشيان ڏسي، اداس ٿي وئي.
وڃوڙي جي واءُ ۾ وکري ويو منهنجو سڀ،
اجڙيل منهنجي زندگي جو گلستان ڏسي اداس ٿي وئي.
سوچيائين مون تائين پڇي ڪونہ سگهندو هاڻ "آفتاب"
هيس سير ۾ تنها، ڪناري کان ڏسي، اداس ٿي وئي.

"اداس" مختيار کوسو

غزل

تو سوا هي جيون گذارڻ ڏکيو آ،
توکي دل تان ڏتارڻ ڏکيو آ.
تو زبان تي رهي نانءُ تنهنجو،
نانءُ ٻئي جو اچارڻ ڏکيو آ.
آءُ هلي آءُ هلي او دلربا آءُ هلي،
ڏار تو کان تي گهارڻ ڏکيو آ.
تون ئي تون آن منهنجي من ۾ رڳو،
ٻئي کي من ۾ ويهارڻ ڏکيو آ.
دل کي تنهاين ۾ ڪيسين سنڀاليان "اداس"،
سنڀاليان پي ليکن، سنڀارڻ، ڏکيو آ.

ارباب علي "عادل" چوهاڻ

غزل

محبتي شام آ، نانءُ تنهنجي صنم،
سڪ جو پيغام آ، نانءُ تنهنجي صنم.
راحتون، قربتون، رونقون، مسرتون،
چين آرام آ، نانءُ تنهنجي صنم.
جي ادب ۾ مليا، تمغا، ميدل، رقم،
سارو انعام آ، نانءُ تنهنجي صنم.
قرب جون ساعتون، پيار جون گهڙيون،
محبتي مام آ، نانءُ تنهنجي صنم.
گهر گهاٽ، جهوپڙيون محل ماڙيون چمن،
سڀ سر عام آ، نانءُ تنهنجي صنم.
گل گلابي، چنبيلي ۽ رابيل جي،
يار هر لام آ، نانءُ تنهنجي صنم.
هر فڪر ۽ خيال، يار "عادل" سندو،
سوچ جي اڏام آ، نانءُ تنهنجي صنم.

محبوب "مصور" سومرو

غزل

دل ۾ درد جا خزانا،
ڏنئي اڙي او زمانا.
شمع جي شوق ۾،
جلي ويا ڪيئي پروانا.
پڇين ٿو هاڻ ڪهڙا،
اڄ جي پيار جا فسانا.
جدا ٿيا سي ئي اڄ،
ڳايا جن گڏ جي ترانا.
"محبوب" منجي ويا،
ڪري ڪوڙا بهانا.

شڪيل احمد هانيي

غزل

هرهڪ مشڪل کي حل ڪجي
غم کي بہ زندگيءَ ۾ شامل ڪجي.
ڏک ڏيئي پنهنجن پراون کي،
خوشي پنهنجي، نہ حاصل ڪجي.
محبت ملي جتي، اجازت ملي جتي،
قدم پنهنجو ان گهر ۾، داخل ڪجي.
سڏي ڏئي هرڪو، سڪ جي دولت،
پاڻ کي ان حيثيت جي قابل ڪجي.
جڏهن ڪو گهري قرباني ڪائي،
قربان ان تي ٿجي وڏي دل ڪجي.
چاڙهي جام شراب جو چپن تي "شڪيل"،
پاڻ کي پاڻ کان نہ غافل ڪجي.

غلام آدرش

غزل

دل لڳي جي ڪري ملبو.
دل چري جي ڪري ملبو.
پل زمانو رڪاوٽ ٿي،
هڪ گهڙي جي ڪري ملبو.
ساٿ پلجين متان پنهنجو،
دوستي جي ڪري ملبو.
ڪيئن پليون پلا دل کي،
عاشقي جي ڪري ملبو.
روز اوسيئڙو جنهن جو،
اجنبي جي ڪري ملبو.
پوءِ محبت رهي نہ رهي،
دل چري جي ڪري ملبو.
راهہ اونداهي آ جڳنو،
روشني جي ڪري ملبو.
پل وڃوڙو صدي جو ٿي،
ان صدي جي ڪري ملبو.
ڪاب ڳٺتي نہ ڪر تو سان،
دوستي جي ڪري ملبو.

مجيب سنڌي

غزل

اڄ اهو تون اعلان ڪرين ٿو،
صدقي پنهنجي جان ڪرين ٿو.
تنهنجو ڪڏهن ٿيڻو نہ آ،
جنهن جو ايڏو مان ڪرين ٿو.
قصو اصل ائين تہ ناهي،
جيئن تون بيان ڪرين ٿو.
تو سان هو ڪري نفرت،
هڪ زمين آسمان ڪرين ٿو.
پيار، آ پاڻهي ٿيندو،
زوري تون نادان ڪرين ٿو.
تنهنجو، تنهنجو ئي رهندو،
پاڻ ڇو پريشان ڪرين ٿو.
عشق جي جيت ٿيڻي آ،
جذبا ڇو نہ جوان ڪرين ٿو.

مير حسن ڪوسو

غزل

پنهنجي وفائن ۾، توکي ڳوليان ٿو،
تنهنجي ادائن ۾، توکي ڳوليان ٿو.
پوپٽ جي پرن، سنگيت جي سرن ۾،
پکين جي صدائن ۾، توکي ڳوليان ٿو.
سج جي ڪرڻن، چنڊ جي چانڊاڻ ۾،
اتر جي هوائن ۾، توکي ڳوليان ٿو.
جتان ملي، پوءِ وڃڻيا هئاسين،
انهن راهن ۾، توکي ڳوليان ٿو
بارش جي بوندن، گلن جي سرهاڻ،
من جي نگاهن ۾، توکي ڳوليان ٿو.
محبت ۾ مرڻ، "مير" لکيرن [illegible] آهي،
[illegible] کان مليل سزائن ۾، توکي [illegible] ٿو.

شاد راجڙ

غزل

پرين تون پنهنجي پناهه ۾ رکجان،
"اسان تنهنجا آهيون" ويساهه ۾ رکجان.
متان وساري ڇڏين اسان کي،
پنهنجي پويتر نگاهه ۾ رکجان.
گڏ گذاريل لمحا سمورا،
سانڍي تون پنهنجي ساهه ۾ رکجان.
هر محفل ۾ ٺهڪ وکيري،
دشمن کي به ڏهڪاءَ ۾ رکجان.
ڪير وکيري سگهندو توکي!،
پنهنجو پاڻ ته ناهه ۾ رکجان.
شاد جي توکي اها آهي دعا،
يا خدا! هن کي حياءَ ۾ رکجانءِ.

غلام قادر مگسي

غزل

مان به ڪنهن سان دل لڳائي ويٺس،
پنهنجو پاڻ وڃائي ويٺس.
نيٺن جا ڪي تير هنيا هن،
اکيون هن ۾ ڪپائي ويٺس.
محبت ڇڻ ڪو وهه جو ڍڪ هو،
سيني کي سمجهائي ويٺس.
گهايل دل کي گهاءُ ڏنا هن،
تخلص پنهنجو مٽائي ويٺس.
"قادر" چوي شاعري ڇا لکيم،
ويتر ماڻهو ڪلائي ويٺس.

"اداسي" جکراڻي

غزل

زندگي هيءَ وٽي نٽي هاڻي،
ڪا خوشي پي وٽي نٽي هاڻي.
جنهن ۾ تنهنجو نه عڪس آ، سا،
آرسي پي وٽي نٽي هاڻي.
تو سوا هن اداس نگريءَ جي،
ڪا، گهٽي پي وٽي نٽي هاڻي.
ڇو الڻ ڪر نگاهه ماڻهن جي،
دوستي پي وٽي نٽي هاڻي.
تون نه آهين ته هن حياتي جي،
ڪا گهڙي پي وٽي نٽي هاڻي.
ڇو "اداسي"، ماڻهن کي،
سادگي پي وٽي نٽي هاڻي.

صادق لاشاري

غزل

ميرمن ۾ رکڻو ناهي،
تو سان ته رسڻو ناهي.
دل به حاضر سر به حاضر،
ليکو تو سان ڪرڻو ناهي.
ڪنڌ پل ڪپجي وڃي،
جدا توکان ٿيڻو ناهي.
دولت پل بيشمار ملي،
ايمان هرگز وڪڻڻو ناهي.
هر پل ساريندس توکي،
ڪنهن ٻي کي سڏڻو ناهي.
تو کان گهربو تو کان وٺبو،
ٻي ڪنهن کان گهرڻو ناهي.
سر پل صدقو ٿئي،
ياري تان هٿ ڪڍڻو ناهي.
هر ڪنهن کان پيار گهري،
صادق ايڏو وسڪڻو ناهي.

نوشاد

غزل

وڏيرڪو ولر ۽ ڪتا!
زمين جو ڪلر ۽ ڪتا!
ڪارا نيڻ ۽ ڪاري چادر،
ڏس ڪاري نظر ۽ ڪتا!
اڌ رات اڌ وهي پوڙهو،
اڌ رات پهر ۽ ڪتا!
روز رات جو وجود ٽياس،
خالي شيشي زهر ۽ ڪتا!
اڇي عورت ۽ اڇو ڪفن،
سماج جو ڪهر ۽ ڪتا!
پين، پنو ۽ اڪيلو "نوشاد"
دل، درد، نثر ۽ ڪتا!

شيخ فرازي

غزل

حادثن ۾ حوصلا رکبا بلند،
ڪم ظرفن لاءِ ترٽلا رکبا بلند.
مشڪلاتن ۾ حوصلا رکبا بلند،
انقلابي قافلا رکبا بلند.
ناسازين ۾ حوصلا رکبا بلند،
سمجهه جا سلسلا رکبا بلند.
خودشناسيءَ جا علم هٿ ۾ ڪٽي،
روشني جا ولولا رکبا بلند.
مشعل فرازي! انقلاب جي هٿ ۾ ڪٽي،
محبتن جا معاملا رکبا بلند.

علي شاهد سنڌي

غزل

قرب ۾ ڪسجي وياسين،
محبت ۾ مجبور ٿي وياسين.
نفرت مان تون نهارين پيو،
محفل مان ان لاءِ اٿي وياسين.
تو نہ رکيو پرم دوستيءَ جو،
اسان تہ سراپا وفا بڻجي وياسين.
لڙڪ بڻجي ڏکايل نيڻن جا،
اسين مٽيءَ ۾ ملي وياسين.
هاٿي نہ ٿيندي وفا اوهان کان،
ڏسي بي رخي، سمجهي وياسين
تون نہ آئين موٽي "شاهد"،
توکي ساريندي مري وياسين.

علي محمد سولنگي .

غزل

پاڻ کان تون مونکي جدا نہ ڪجانءِ،
دل ڦري پو وري دغا نہ ڪجانءِ.
مان اڳيئي رئان رڙان پيو تو،
تون بہ ويتر ڪو غم عطا نہ ڪجانءِ.
جي خوشي ڪا نہ ڏئي سگهين مونکي،
ڏک ڏيڻ جي بہ ڪا سخا ڪجانءِ.
دوست آخر تہ دوست ئي آهن،
دشمن کي بہ بد دعا نہ ڪجانءِ.
تو سوا مان صفا مري ويندس،
دور مون کي ڪڏهن مٿا نہ ڪجانءِ.
تو کان وڇڙي جيئي علي محمد،
سولنگي، اهڙي ڪا دعا نہ ڪجانءِ.



آزاد. ايم طيب عباسي

قديم يوناني حسن جي شاهڪار، بزنطه جي مغرور راڻي ملڪ ٽيوڊورا جو داستان

رومن ايمپائر جي لاهن چاڙهن مان هڪ انوکو داستان، هڪ رقاصه جي ڪهاڻي جيڪا ناچ گهرن جي گندگيءَ مان نڪري بازنطين جي بادشاهت تي چائنجي وئي، هڪ اهڙي عورت جي ڪٿا، جيڪا قديم يوناني حسن جو شاهڪار هئي ۽ بلنديءَ تي پهچڻ هن جو خواب هو، ڇا هن پنهنجي خواب جي ساپيان ماڻي...!!!

"**نيري** پاڻيءَ واري سمونڊ جون غضبناڪ لهرون، عظيم مسيحي بادشاهت جي دل بازنطين جي ديوارن سان ٽڪرائجي پاش پاش ٿي رهيون هيون ۽ نيري پاڻيءَ وارو سمونڊ دهشتناڪ انداز ۾ شور مچائي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪري رهيو هو. ٽيوڊوميس جي چوڪ تي بيٺل ماڻهن ۾ آهستي آهستي واڌارو ٿيڻ لڳو هو. چوڪ جي ٻي طرف موجود گر جا گهر

جي عمارت تي پراسرار ۽ ماتمي خاموشي ڇانيل هئي. ايا پريان ڪليل سمنڊ ۾ ٻيڙيون ڪنارن سان لڳڻ لاءِ بيتاب هيون. هجوم جيڪو هاٿي وڏي آيو هو. پنهنجي بادشاهه اناسٽاسيوس خلاف نعرا هڻڻ لڳو. هجوم بادشاهه کي هٽائڻ جا مطالبا ڪري رهيو هو. جنهن يونانين جون دعائون تبديل ڪري ڇڏيون هيون جن کي "ٽراءِ ساجيون" چيو ويندو هو اهي دعائون صدين کان يوناني ڪليسا ۾ رائج هيون. بادشاهه چرچ جي اسقف اعظم وڏي پادريءَ کي به هٽاءِ ڇڏيو هو. هجوم ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪاوڙ به اسقف اعظم جي برطرفيءَ پيدا ڪئي هئي. مڇريل ميڙ بازارين مان زوردار نعرا هڻندو. شاهي محل وٽان گذري سينٽ اياصوفيه جي گر جا گهر ۾ پهتو. "رومين کي نئون بادشاهه گهرجي...!!!"

"اناسٽاسيوس مرده باد...!!" ڇڙواڳ بڻيل هجوم. ڪن ڦاڙ انداز ۾ نعره هڻي رهيو هو. سينٽ اياصوفيه مان نڪرڻ کان پوءِ هجوم "شاهراهه فتح" تي نڪري آيو. هنن اناسٽاسيوس جو مجسمو ڪيرائي ڇڏيو. ۽ فوجي سالار جي گهر کي باهه ڏني. شاهي فوج هجوم کي منتشر ڪرڻ پهتي ته. هجوم سخت پٿراءُ ڪري شاهي فوج کي پٺتي ٽيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. جنهن کان پوءِ شاهي فوج جي نقيب اعلان ڪيو ته. سڀاڻي صبح جو شهنشاهه اناسٽاسيوس، هپوڊروم ۾ عوام سان خطاب ڪندو...!!" ٻئي ڏينهن صبح جو چاليهه هزار ماڻهو شهنشاهه اناسٽاسيوس جو خطاب ٻڌڻ لاءِ هپوڊروم ۾ گڏ ٿيا. انهن جون نگاهون شاهي نشست گاهه جي پردن تي ڪتل هيون. جنهن جي ڀرسان فوجي تلوارون سنڀاليون بيٺا هئا. شاهي فوج جو پرچم جهڪيل هو. اعلان ڪرڻ واري نقيب اعلان ڪيو ته."بادشاهه مڙهيل ٽئڪس جا سمورا ڪاغذ ساڙي ڇڏيا آهن. ۽ ٽئڪس منسوخ ڪري ڇڏي آهي..."

"رومين کي نئون بادشاهه ڏيو...!!!" نقيب جي ڪيل اعلان جي رد عمل ۾ هپوڊروم ۾ گڏ ٿيل چاليهه هزار ماڻهن جي ميڙاڪي يڪ آواز ٿي نعرو بلند ڪيو. "شاهي فوج جي سربراهه کي جهنگلي درندن جي حوالي ڪيو...!!!" هپوڊروم جي ٻئي حصي مان نعرو بلند ٿيو. ٿوري دير کان پوءِ هجوم جي اڳيان بيٺل فوجي دستن جا جهنڊا بلند ٿيا. غلامن خوفناڪ دهل کي وڄائڻ شروع ڪيو. ڀاري دهل جي آواز چاليهه هزار ماڻهن جي هجوم جي دلين کي ڏڪاءِ ڇڏيو. نشست گاهه جا پردا هٽايا ويا ۽ اتان هڪ سفيد لباس پاتل شخص ظاهر ٿيو. مجمعي تي مانار ڇائنجي وئي. اهو اناسٽاسيوس هو. عظيم رومن ايمپائر جو تاجدار...!!! پر ان وقت هو شاهي لباس ۾ نه بلڪ عام ڪپڙن ۾ هو. اناسٽاسيوس جي ٿورو پويان شاهي نقيب بيٺو هو. اهو اڳتي وڌيو

"شهنشاهہ سمجهي ٿو تہ ان ڪوبہ جرم نہ ڪيو آهي...!!! جيڪڏهن عوام شهنشاهہ کي مجرم سمجهي ٿو تہ، شهنشاهہ اناسٽاسيوس تخت تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار آهي ٻڌايو توهان ڪنهن کي بادشاهہ بڻائڻ چاهيو ٿا...!!!"

شاهي نقيب جو آواز ٻڌي ميڙ کي سانت جو نانگ ڏنگي ويو. ڪافي دير کان پوءِ ميڙاڪي جو اڳواڻ اڳتي وڌيو ۽ شهنشاهہ سان مخاطب ٿيندي، ماڻار جو طلسم ٽوڙي ڇڏيائين، "تون ڪٿي وئين اناسٽاسيوس...!!!" هجوم جي اڳواڻ اڃا پنهنجو جملو پورو ئي مس ڪيو تہ، هجوم يڪ زبان ٿي نعرو بلند ڪيو." اناسٽاسيوس تون بهادر ۽ حوصلي وارو آهين، جيستائين تون زنده آهين تون ئي اسان جو شهنشاهہ آهين...!!!" شهنشاهہ هنگامي ۾ پڪڙيل سيني قيدين جي سزا معاف ڪري ڇڏي، ۽ عوام لاءِ رعايتن جو اعلان ڪيو، سموري بازنطين تي خوشي ۽ سڪون جي لهر ڇانئجي وئي.

بازنطين جي سمورن گهرن، گلين ۽ بازارن ۾ خوشي ۽ اطمينان هو، پر انهيءَ سڄي قصي کان بي نياز هڪ گهر ۾ ماتمي خاموشي ڇانيل هئي، اهو گهر بادشاهہ جي تفريح واري سرڪس جي انچارج جان جو هو. جان هڪ ريچ کي تربيت ڏئي رهيو هو تہ اوچتو ريچ هن تي حملو ڪيو، جان حملي ۾ بري طرح زخمي ٿي پيو ۽ زخمن جا سور نہ سهندي عدم جي سفر تي روانو ٿي ويو. جان گهر جو اڪيلو ڪمائيندڙ هو، سندس پوئين کي هن جي موت جي غم سان گڏوگڏ پيٽ جي فڪر بہ اچي ورايو. هو مسلسل ٽن ڏينهن کان بکيا هئا. سرڪس جي انچارج جان جي زال مايوسيءَ وچان پنهنجي ٻنهي جوان ڌيئرن ڏانهن نهاريو. جيڪي ڪنڊ ۾ چپ چاپ پنهنجي ماءُ ڏانهن ئي نهاري رهيون هيون. ٿوري دير کان ٻوءِ سندن ماءُ هنن جي پر سان اچي ويٺي. "ٿيو ڊورا! پوءِ تو ڇا سوچيو آهي...!!!" ماٽس خاموشيءَ کي ٽوڙيندي پڇيس موٽ ۾ سندس وڏي ڌيءَ ٿيوڊورا خالي خالي نظرن سان پنهنجي ماءُ کي ڏٺو. "مان اجا تائين ڪوبہ فيصلو ناهيان ڪري سگهي...!!!" ٿيوڊورا بنا تمهيد جي جواب ڏنس "ڏس ٿيوڊورا! تون اجان ڪيترو وقت سوچيندينءَ...!! جان کي فوت ٿئي تقريبن هفتو ٿيڻ وارو آهي. پاڻ ٽن ڏينهن کان بکايل آهيون. هن سڄي بزنطہ ۾ ڇڻ تہ پاڻ اڪيلا رهجي ويا آهيون. ٿيوڊورا مون کي تہ ائين ٿو لڳي ڇڻ تہ اسان خدا کان بہ وسري ويا هجون...!!! پياري! هيءَ شهر يا تہ بادشاهن جو آ، يا تہ اميرن جو...! يا وري رقاصائن جو...!!! هن شهر جا امير ۽ دولتمند ماڻهو پنهنجي دولت خوني راند ڏسڻ ۾ تہ وڃائڻ برداشت ڪري سگهن ٿا...!!! ناچ گهرن ۾ ناچڻين تان تہ پنهنجا خزانا لٽائي سگهن ٿا، پر ڪنهن غريب، ڪنهن بي سهارا جي سهائتا نٿا ڪري

سگهن...!!!" ٿيوڊورا! هيءَ بازنطين غريب پرور شهر ناهي...! هيءَ ته ناچ گهرن جو شهر آ...!! هيءَ ته عيش عشرت جو شهر آ...! هتي غريب زنده نٿو رهي سگهي...!! پوءِ جيڪڏهن پيٽ پالڻ لاءِ، مجبوريءَ ۾ تون رقاصه بڻجندينءَ ته ڪهڙو آسمان ڪري پوندو! هتي جيتري دولت ناچ گهرن ۾ رقاصائن تي لٽجندي نظر اچي ٿي، ان جي اڌ جيترو به گر جا گهرن ۾ دان ناهي ٿيندو پوءِ اسين ان دولت مان پنهنجو حصو ڇو نه کڻون...!؟! اسين ڇو بک مرون...!!!؟! ٿيوڊورا تون جوان آهين حسين و جميل آهين...!!!" ماٿس حقيقت سمجهائيندي چيس. ٿيوڊورا نيم رضامنديءَ جو اظهار ڪيو. ڪوميتو بلڪل خاموش ويني، پنهنجي وڏي پيٽ ۽ ماءُ جي گفتگو ٻڌندي رهي، ڪوميتو جو خيال هو ته سندس ماءُ بلڪل صحيح چئي رهي آهي. پري کان ڪٽان چرچ مان عشاءَ جون گهنٽيون وڄڻ لڳيون. ٿيوڊورا اضطراب وڃان اڻي بيني، خبر ناهي الاءِ ڇا سوچي رهي هئي، ڪوميتو هن جي بدلجندڙ ڪيفيت کي محسوس ڪيو هو. ماٿس به هن جي آخري ۽ اٽل فيصلي جي منتظر هئي. "نيڪ آ! مان راضي آهيان...! ڪوميتو ڇا تون به رضامند آهين...؟!!" پنهنجو آخري فيصلو ٻڌائيندي، ٿيوڊورا ڪوميتو ڏانهن ڏٺو "ٿيوڊورا اسان کي پيٽ پالڻ لاءِ زهر جو ڪڙو ڊڪ پرڻو پوندو...!!!" ڪوميتو، ٿيوڊورا جي اکين ۾ اکيون ملائيندي جواب ڏنس، ٻئي ڏينهن سج جيئن ئي بازنطين جي ڏرتيءَ تي پنهنجا ڪرڻا پکيڙيا، جان جي بيواهه پنهنجي ٻنهي ڌيئرن کي وني انطونينا وٽ پهتي، انطونينا رقص ۽ ناچ گهر جا آداب سيکاريندڙ نائڪ هئي. رقص سان گڏوگڏ هوءَ موسيقيءَ تي به عبور رکندڙ هئي، پوري بازنطين ۾ ان انطونينا جي رقص گاهه جون ناچڻيون حسن ۽ ادا ۾ يڪتا مڃيون ويونديون هيون. انطونينا جي جوهر شناس اکين، ٿيوڊورا کي ڏسندي ئي سڃاڻي ورتو ته، هڪ نه هڪ ڏينهن ٿيوڊورا بازنطين جي رهواسين جي دلين تي حڪمراني ڪندي. رقص ۽ موسيقيءَ جو فن سيکاريندي انطونينا پر اميد هئي ته ٻئي پينرون هن لاءِ هيرن جواهرن جون ڪاٽيون ثابت ٿينديون. پر خاموشيءَ جي زبان ۾ آسمان به ڪجهه چئي رهيو هو، ۽ ڪنهن به نه ٿي ڄاتو ته آسمان ڇا چئي رهيو هو....!؟!

پيٽروس سبيٽيس کي مقدونيه جي پهاڙن ۽ خاموش چراگاهن کي ڇڏي ڪافي عرصو گذري ويو هو، پر هن جي تصور ۾ اجا تائين پهاڙي پيچرا ۽ وسيع چراگاهون سمايل هيون، جتي هو پنهنجا جانور چاريندو هو. سندس پيءُ سبيٽيس کي فوت ٿئي ڪافي عرصو ٿيو هو، ماءُ ڪانسواءِ، هن دنيا ۾ سندس هڪ مامو هو. جيڪو هن کي روم (بازنطين) اچڻ لاءِ اتساهيندو هو. مقدونيه ڪان نڪري هو بازنطين ۾ رهڻ لڳو. سندس مامو جسٽينين ڪافي

عرصو پهريان مقدونيہ مان نڪري، قسمت آزمائيءَ لاءِ روم آيو هو. جتي هو بازنطيني فوج ۾ پرتي ٿي ويو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پيٽروس سبيٽيس بہ شاهي محل جي محافظ فوج ۾ پرتي ٿيو. محافظ فوج ۾ پرتي ٿئي هن کي اجا ڪجھ ئي عرصو ٿيو هو جو، وٽالين جهڙي فوجي سالار بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري، شاهي فوج سان مهاڏو اٽڪايو. شاهي محل جي محافظ دستن ۾ بہ وٽالين جا جاسوس ۽ همدرد موجود هئا. جيڪي هن کي شاهي محل ۾ هن جي خلاف ٿيندڙ چرپر جو اطلاع بروقت پهچائيندا هئا. بازنطيني شهنشاهہ اناسٽاسيوس کي سندس جاسوسن جو خفيہ اطلاع مليو تہ، جسٽن ۽ ان جو پاڻيجو پيٽروس سبيٽيس بہ باغي وٽالين جا همدرد آهن. شاهي فوج کارروائي ڪري ٻنهي کي گرفتار ڪري ورتو. ۽ بادشاهہ سندن موت جو پروانو جاري ڪري ڇڏيو. جيل جي سنگين ديوارن پٺيان پهچڻ کان پوءِ پيٽروس سبيٽيس کي يقين ئي نٿي آيو تہ شهنشاهہ هنن لاءِ موت جو پروانو جاري ڪري ڇڏيو آهي، ۽ ڦاسيءَ جو ڦندو هنن جو مقدر بڻجي چڪو آهي. جيئن جيئن جيل ۾ سندن قيد ڊگهو ٿي رهيو هو. تيئن تيئن پيٽروس سبيٽيس کي موت جو خوف ڏکاءِ رهيو هو. سزا ٻڌائڻ جي ڏهن ڏينهن کان پوءِ ٻنهي کي مقتل گاهہ ڏانهن نيو ويو پيٽروس سبيٽيس کي پنهنجي موت جو يقين ٿي ويو هو دل ئي دل ۾ خداوند کي ٻاڏائڻ لڳو تہ هو بيگناهہ ڦاسي چاڙهيو پيو وڃي. سندس نظرن اڳيان مقدونيہ ۽ پهاڙ، خاموش سرسبز چراگاهون ۽ پهاڙي پيچرا اچي ويا. هڪ حسرت ڀري آهہ ڀري هن وري پنهنجي ماءُ کي ياد ڪيو، دل درد وڃان نپوڙجڻ لڳيس. ٻنهي کي ڦاسيءَ ڏيڻ جي لاءِ تيار ڪيو ويو. پيٽروس دهشت وڃان اکيون بند ڪري ڇڏيون. نيڪ ان ئي وقت شاهي فوج جو سالار جان ڪپڙو پنهنجي خاص دستي سان مقتل گاهہ ۾ اچي پهتو. ۽ شهنشاهہ جو تازو فرمان پڙهي ٻڌايائين، شهنشاهہ اناسٽاسيوس ٻنهي جي جان بخشي ڇڏي هئي. پيٽروس تي کي گهڙيون سڪتو طاري ٿي ويو جان بخشيءَ کان پوءِ جسٽن هڪ وڏو لشڪر وٽي وٽالين تي حملو ڪيو ۽ هن کي شهر مان ڊوڙاءِ ڪري، شهر جي حدن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. سندس ان شاندار خدمت جي صلي ۾ هن کي شاهي محل جي محافظ دستن جو نگران مقرر ڪيو ويو. وٽالين، کي شڪست ملڻ جي خوشيءَ ۾ شهنشاهہ اناسٽاسيوس شاهي لباس زيب تن ڪري، جسٽس وٽ پهتو ۽ ان کي مبارڪباد ڏنائين. بعد ۾ شهنشاهہ معبد ۾ نذرانو پيش ڪيو. ۽ "نجات جي فرشتي" جي عبادت ڪئي.

انطونينا ڇڻ تہ پنهنجو سڄو فن ئي ٿيوڊورا ۾ منتقل ڪري ڇڏيو. انطونينا کي هن تي ناز هو. فن جي آخري مشق ڪرائڻ کانپوءِ هن، ٻنهي پينرن کي

پنهنجي ڪمري ۾ گهرايو. ڪمري ۾ گهڙڻ کان پوءِ انطونينا هڪ ڀرپور نظر ٿيوڊورا جي بدن تي وڌي، "ٿيوڊورا! پٽريلين ديوارن جي هن شهر بازنطين ۾ ڏاڍي گهٽ آ...!!! اسين رقص و سرود ذريعي انهيءَ گهٽ ٻوسٽ کي ڪجهه گهٽائيندا آهيون...!! اسان نہ هجون تہ هن شهر جا ماڻهو جيڪر ٻوساڻجي مرن ۽ بازنطين جي چوڏيواري ۾ خطرناڪ بدبوءَ ڦهلجي وڃي. سو پياري ٿيوڊورا! پاڻ کي ماڻهن جي مجبوريءَ مان وڌ ۾ وڌ فائدو وٺڻ گهرجي...!!!" ٿيوڊورا هڪ نظر وڏي آئيني ۾ پنهنجي سراپي تي وڌي، ۽ چپن ئي چپن ۾ پٽڪي "هيءُ ڪم مونکي سڄي عمر ٿورو ئي ڪرڻو آهي. اها تہ منهنجي ڏاڪڻ آهي. اهڙي ڏاڪڻ تي چڙهي آئون آسمان جي بلندين کي ڇهيندس...!!"

ڀر سان بيٺل انطونينا، چپن ئي چپن ۾ چيل ٿيوڊورا جو جملو ٻڌي ورتو."پنهنجي حيثيت کان ٻاهر نہ نڪر ڇوري...!!! منهنجي نصيحت کي دل سان هنداءِ. ۽ منهنجي ڳالهين تي اکيون ٻوٽي عمل ڪر نہ تہ ذليل ۽ خوار ٿي ويندينءَ...!!!" انطونينا ڪاوڙ وڃان نهاريندي چيس. انطونينا جي ڳالهہ ٻڌي ٿيوڊورا طنزيہ نگاهن سان هن کي ڏٺو. ۽ چپ چاپ ڍڳهي آئيني اڳيان اچي بيٺي. سورنهن سينگار ڪري آيل ٿيوڊورا جي ڳچي حسن جي غرور وڃان اڀي ٿي وئي، بدن ڪنهن قديم مندر جي شاهڪار مجسمي جيان سڌو ٿي ويس، بيضوي چهري تي جوانيءَ جي رنگيني هيس. اڻين پٽي لڳو ڇڻ تہ شفق تي لالاڻ ڦهليل هجي. پنهنجي قيامت خيز حسن کي ڏسي هڪ عجيب لهر سندس وجود تي ڇائنجي وئي. هن ڪنڌ موڙي انطونينا کي ڏٺو "منهنجي دنيا ناچ گهر کان ٻاهر آهي انطونينا...!!!"

"مان ڇٽيءَ طرح ڏسي رهي آهيان تہ بازنطين جي شاهي محل جا برج منهنجي حسن آڏو سجدو ڪري رهيا آهن!!!"

ٿيوڊورا جي واتان اهڙي بي سروپا ڳالهہ ٻڌي انطونينا ۽ ڪوميتو گهڙي ڪن لاءِ هڪبئي کي تڪڻ لڳيون "پنهنجي پيٽ کي سمجهاءِ! وڏين هوائن ۾ پٽي اڏرئي. ڪو باز گهت هٿندو. ۽ هن کي شڪار ڪري ويندو...!!!" انطونينا جي ڳالهہ ٻڌي، ڪوميتو پنهنجي پيٽ کي بيوسيءَ وچان ڏٺو. پر خاموش ئي رهي. هن کي خبر هئي تہ ٿيوڊورا خوابن خيالن ۾ مدهوش آهي. ڪوميتو کي خبر هئي تہ ٿيوڊورا سمجهائڻ جي باوجود بہ مڙڻ واري نہ هئي... ڪوميتو کي ٿيوڊورا جو انجام صاف نظر اچڻ لڳو. انطونينا جي گهر مان نڪري، هو سڌو نيري پاڻيءَ واري سمونڊ جي ساحل تي آيون...! ڪوميتو ڪافي دير هن کي سمجهائيندي رهي پر ٿيوڊورا تي جوانيءَ جو غرور ڇانيل هو "ڪوميتو ڏسجانءِ! مان بازنطين تي حڪمراني ڪنديس...!!! هو محل جيڪو سامهون

نظر تو اچي، ان ۾ منهنجو حڪم هلندو...!!!"

شاهي محل ڏانهن آگر جو اشارو ڪندي، ٿيوڊورا ڪوميتو کي ٻڌايو. "ٿيوڊورا اهو سڀ ڪجهه غلط آهي منهنجي پيٽ، چري نه ٿي! پاڻ غريب آهيون، اسان کي پيٽ پالڻو آ... پنهنجي پلائي انهيءَ ۾ ئي آهي ته پاڻ انطونينا جو چيو مڃيون...!!!"

ڪوميتو ٿيوڊورا کي سمجهائيندي چيو "پر مان ائين نه ڪنديس...! مون کي انطونينا جون پابنديون قبول ناهن!!! ڪوميتو ڇاڻي رهي هئي ته ٿيوڊورا جيڪو چيو اهو مشڪل نه پر ناممڪن هو... پوءِ به ٿيوڊورا ڪيڏي نه اعتماد وڃان اهو سڀڪجهه چيو!!! "مون دنيا کي فتح ڪرڻ جو گر سکي ورتو آهي، ڪوميتو...!!! تون ڪوبه فڪر نه ڪر! انطونينا چاهي ٿي ته هوءَ اسان جي ڪمائيءَ تي عيش ڪري...! اسان کي هن جو ناچ گهر آباد ناهي ڪرڻو...!! ائين ته هوءَ پاڻ ٻنهي کي ڳڙڪائي ويندي... ٿيوڊورا، ڪوميتو جي ڪلهن تي پنهنجا ٻئي هٿ رکندي سمجهايس ڪوميتو کي ٿيوڊورا جي ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي آئي، شهر جي مشهور ٿيٽر ۾ پهچندي ئي ٿيٽر جي مالڪ ٻنهي پينرن جو شاندار استقبال ڪيو، هو به انطونينا جيان ٻنهي پينرن کي سون جي ڪاڻ سمجهي رهيو هو، جيتوڻيڪ بازنطين جا شريف ماڻهو ٿيٽر کي گهڻو پسند نه ڪندا هئا، پر پوءِ به اهي ئي ان جا سرپرست هئا. بي سهارا خوبصورت عورتن کي ٿيٽر کان سواءِ ڪٿي به پناهه نه ملي سگهندي هئي. ڪجهه ئي عرصو گذرڻ کان پوءِ ٻنهي پينرن جي شهرت بازنطين جي آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. بازنطيني دربار جو مؤرخ به ٿيوڊورا جي حسن جا چرچا ٻڌي مجرو ڏسڻ لاءِ پهتو، هو جيئن ئي ٿيٽر ۾ داخل ٿيو ته رقص شروع ٿي چڪو هو.اسٽيج تي هڪ حشر برپا هو، هڪ قيامت متل هئي، هڪ بجلي هئي، جيڪا رکي رکي چمڪاٽ ڪري رهي هئي. "پرڪو پيوس" جون اکيون ڏنڏلائجي ويون. هن ٿيوڊورا جا جلوا ڏسي اندازو لڳائي ورتو هو ته ٿيوڊورا هڪ آفت آ... هڪ قيامت آ... حسن جو ساگر آ...!!! رقص کان پوءِ شاهي دربار جو مؤرخ پروڪو پيوس ٿيوڊورا سان مليو، هن محسوس ڪيو هو ته، ٿيوڊورا جو رقص ڏسڻ لاءِ بازنطين جو امير طبقو به آيل هو. بازنطين جا امير ڪنهن چقمق جيان ٿيوڊورا ڏانهن ڇڪجي رهيا هئا، پروڪو پيوس اندازو لڳايو ته، هوءَ صحيح معنيٰ ۾ بازنطيني تهذيب جي پيداوار هئي، هن جي شخصيت بازنطين جي شهري ذوق جي تقاضائن جي عين مطابق هئي. ٿيوڊورا پنهنجي قيامت خيز حسن سان شاهي دربار جي مؤرخ پروڪوپيوس تي پنهنجي مطلبي محبت جو ڇار اڇلايو. ۽ پروڪو پيوس ان ڇار ۾ مڪ جيان ڦاسي پيو، هو ٿيوڊورا سان خلوت ۽ جلوت ۾ ملڻ لڳو، پروڪو پيوس هن

کي شاهي محلاتن ۽ درٻار جا قصا ٻڌائيندو هو. شاهي محلاتن جا قصا ٻڌي ٿيوڊورا جي من ۾ اڳتي وڌڻ جي جستجو شديد ٿيڻ لڳي. ڏسندي ئي ڏسندي هن پنهنجو ٿيٽر قائم ڪري ورتو ۽ پنهنجن جلون سان بازنطيني اميرن جون دليون ڪسي ورتيون. بازنطين جي شهرين ٿيوڊورا جهڙي رقاصه ۽ هن جهڙو حسن نه پهريان ڏٺو هو نه ٻڌو هو. ٿيوڊورا جي مک تي معصوميت ته گلن جهڙي هئي. پر هوءَ منو زهر هئي...!! هڪ نانگڻ هئي... جنهن جو ڏنگيل پاٽي به نٿي گهري سگهيو. هن جي بيشمار چاهيندڙن کي مايوسيءَ وچان خودڪشيون ڪرڻيون پئجي ويون هيون... هن جي حسن ۾ آڳ هئي... تباهي هئي...! موت ئي موت هيو...!!! شاهي درٻار ڪانسواءِ هن جو ذڪر هاٿي اميرن جي ايوانن ۾ به ٿيڻ لڳو هو...!!! گلي گلي ٿيوڊورا جا چرچا هيا. پر رسائي هر ڪنهن جي وس ۾ نه هئي. ٿيوڊورا جي حيثيت بلڪل بدلجي وئي. هوءَ هڪ ننڍڙي گهر مان اٿي شاندار محل ۾ منتقل ٿي وئي. هن جو گهر تهذيب ۽ تمدن جو ڳڙهه بڻجي ويو جتي ڏن سان گڏوگڏ عقل ۽ دانش جي دولت به لٽجڻ لڳي. بازنطين جا وڏا وڏا رئيس ٿيوڊورا جا غلام بڻجي چڪا هئا. وقت جي سڀ کان وڏي ۽ شاندار مسيحي بادشاهت جي گاديءَ جو هنڌ عملي طور شراب خانن ۽ ناچ گهرن جو شهر بڻجي ويو. هر طرف عورتن جو راڄ هو. ٿيوڊورا جي شهرت آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. هوءَ مردن سان فريب ڪري، سندن سچي محبت، ۽ انهن جي خانداني زندگي لوڙهڻ لڳي. انهن جي دولت ٿيوڊورا جي ايوانن ۾ لٽجڻ لڳي. ٿيوڊورا جي ايوان ۾ ڪيڏي ويندڙ اهڙي بازيءَ جو مقابلو بازنطين جا جوا خانه به نٿي ڪري سگهيا. ٿيوڊورا جي شهرت بازنطين جي فضائن کان نڪري آس پاس ڦهلجڻ لڳي هئي. هڪ ڏينهن رقص ختم ڪرڻ کان پوءِ هڪ اجنبي رئيس ٿيوڊورا سان اڪيلائپ ۾ مليو. شاهي لباس پهريل پر ڪشش شخصيت ڏسي، ٿيوڊورا مٿس هڪ نظر وڌي هن جهڙا هزارين پر ڪشش مرد هن جي چائنٽ تي جوانيون لٽائي چڪا هئا. "مان ايڪبولس آهيان...!!! بازنطين سلطنت جي آفريڪي صوبي پينتي پوليس جو گورنر...!!! صوبي ۾ سون ۽ هيرن جون ڪاڻيون آهن. جيڪي منهنجي قبضي ۾ آهن. منهنجا اختيار بي پناهه آهن...!!"

"پوءِ آئون ڇا ڪريان...!!!"

ايڪبولس جي ڳالهه ٻڌي ٿيوڊورا طنزيه انداز ۾ چيس. ايڪبولس جي منهن جو پنو ئي لهي ويو. "منهنجي ڀاڻيجي تي تنهنجي حسن جو جادو چڙهي ويو آهي. هن کي پنهنجن زلفن مان آزاد ڪر...!" ان تي رحم ڪر...!!! هو سڀ ڪجهه تنهنجي چائنٽ تي لٽائي چڪو آهي...!!!" ايڪبولس پنهنجي ڳالهه پوري ڪري ٿيوڊورا ڏانهن نهاريو. جنهن جي چپن تي پراسرار

مرڪ ڇانيل هئي، غرور وڃان سندس جسم آڪڙجي ويو مون وٽ ڪوبہ زنجير، ڪوبہ جيل ڪونهي، پنهنجي پاڻيجي ڪي وڃي ڇئي تہ هو اڄ ڪان پوءِ آزاد آهي...!!" ايڪبولس ڏي ڏسڻ بنا ئي ٿيوڊورا هن ڪي چيو ۽ اندر هلي وئي. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ايڪبولس وري ٿيوڊورا سان مليو. "مان تنهنجو ٿورائتو آهيان، تو منهنجي پاڻيجي تي رحم ڪيو...!!"

"پوءِ...!!!" ٿيوڊورا ايڪبولس جو جملو ٻڌي بي رخيءَ سان وراڻيو، "پوءِ! پوءِ اهو تہ واپس پينتي پوليس وڃي رهيو آهيان. مون توکي ٻڌايو هو تہ اتي سون ۽ هيرن جون ڪاڻيون بہ منهنجي اختيار ۾ آهن ۽ منهنجا اختيار بي پناهہ آهن... اتي دولت منهنجي قدمن ۾ هوندي آهي...!!" ايڪبولس ٿيوڊورا جي جادوين حسن کي پنهنجين اکين ذريعي دل جي گهرائين ۾ لاهيندي چيس...! "مونکي دولت جي اهڙن ڍيرن سان ڪابہ دلچسپي ناهي، جيڪا منهنجي چائنڪ تي نہ هجي...!!!" ٿيوڊورا جو جواب ٻڌي، ايڪبولس تي مايوسي ڇائنجي وئي، پر ايڪبولس همت هارڻ وارو شخص نہ هو. هن دل ئي دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ هو ڪنهن بہ قيمت تي ٿيوڊورا کي پنهنجو بڻائيندو. ڪي ورهيہ گذري ويا ٿيوڊورا جي ايوان ۾ الاءِ ڪيتريون جانيون جلي خاڪ ٿي ويون، الائي ڪيتريون حسرتون نپوڙجي ويون، ۽ يڪايڪ هڪ ڏينهن ايڪبولس ٿيوڊورا جي ايوان ۾ اچي نڪتو. ڪافي سالن ڪان پوءِ بہ ٿيوڊورا ۾ ڪائي تبديلي نہ آئي هئي. اهو ئي حسن هيس، جيڪو ڏسڻ واري کي ڪيرو ڪري ڇڏيندو هو، ايڪبولس هن دفعي ٿيوڊورا کي ڪنڌ آيو هو، ٿيوڊورا هڪ نظر هن تي وڌي، پوءِ نظرون هٽائي ڇڏيائين، ايڪبولس کي صدمو رسيو، هن کي خبر هئي تہ ٿيوڊورا پنهنجن خوابن ۾ گم رهندڙ هڪ مغرور حسين آهي. هو ٿيوڊورا جي مزاج کي سمجهي چڪو هو، هن ٿيوڊورا جي ايوان ۾ چوڻطرف پنهنجون نظرون ڦيرايون. هو هر شيءِ کي غور سان ڏسڻ لڳو، ريشمي پردن کي پنهنجي هٿن سان ڇهي قيمت جو اندازو لڳايائين، قيمتي قالينن تي نظر ڊوڙايائين، هر شيءِ مان ذوق ۽ امارت جو اعليٰ معيار پسجي رهيو هو، ٿيوڊورا عجب وڃان هن جون اهي عجيب حرڪتون ڏسندي رهي. "ٿيوڊورا تو وٽ سڀ ڪجهہ آهي...!!! چين... سڪون...!!! ڌن دولت...! خدمت لاءِ چاهيندڙن جي فوج ظفر موج...!!! مطلب تہ دنيا جي هر آسائش تو وٽ آهي... پر! ... پر سڀ ڪجهہ هوندي بہ ڇڻ تہ تو وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي...!!!" ايڪبولس ٿيوڊورا جي من موهڻي مک کي چتاءِ ڏسندي چيو... گهڙي پل لاءِ ٿيوڊورا خاموش خاموش نظرن سان ايڪبولس جي منهن کي گهوريندي رهي. "ٿيوڊورا ڇا تو وٽ هڪ شيءِ جي ڪوٽ آهي...!!!"

ايڪبولس ريشمي پردن جي هن پار بيٺل ڪوميتو کي ڏسندي ٿيوڊورا کي چيو. ڪليل دريءَ جي تاڪ مان تازي تازي هوا اندر داخل ٿيڻ لڳي. هلڪي هلڪي هوا جي روش تي ريشمي پردن ۾ سر سراهٽ جو آواز اڀريو. "ڪهڙي شيءِ جي گهٽتائي آهي. مون وٽ، ايڪبولس...!!" ٿيوڊورا بي چين ٿيندي پڇيو ايڪبولس هڪ پرپور نگاهه، ٿيوڊورا جي خوبصورت جسم تي وڌي. "حڪومت جي...!!!"ٿيوڊورا جي ڪنڌن جهڙي جسم کي نظرن ئي نظرن ۾ چمندي ايڪبولس وراڻيو. ايڪبولس جو جواب ٻڌي، ٿيوڊورا جي جسم تي سنسيءَ جي هڪ لهر ڇائنجي وئي، پر ڪمال مهارت سان پنهنجي بدلجندڙ ڪيفيت کي لڪائي ورتائين. "حڪومت جو نشو... غضب جو نشو آ...!!! ٿيوڊورا مني!!! اجهو چڪي ته ڏس...!!" هڪ ڊگهو چڪر ڪاٽي، ايڪبولس ٿيوڊورا جي پويان اچي بيٺو ۽ سرهاڻ واري انداز ۾ چيائين خوشبوءَ جي هيڪار ايڪبولس کي مدهوش ڪرڻ لڳي. "چڱو ڏسنديس...!! جيڪڏهن موقعو مليو ته...!! ٿيوڊورا پنهنجي جسم کي موڙيندي ايڪبولس ڏانهن ڏٺو، ۽ لاپرواهيءَ سان جواب ڏنائين، پر سندس دل ڏڙڪي رهي هئي. "موقعو ته ملي رهيو اٿئي...! ڇا گورنر جي زال بڻجي، تون حڪومت جي نشي مان لطف اندوز ٿيڻ نه چاهيندينءَ...!!" ايڪبولس ٿيوڊورا جي بلڪل ويجهو وڃي سرهاڻ ڪيس، دل چئي رهي هيس ته، ڪاش ٿيوڊورا جي قيامت خيز بدن کي پنهنجن ٻانهن ۾ ڀري وٺان...!!! "اوهه! ته اها آهي تنهنجي پيشڪش...!!! خير ايتري بري به ناهي...!!!" ٿيوڊورا هڪ حسين ادا سان ايڪبولس ڏانهن ڏسندي چيو. ايڪبولس جي دل جي ڏڙڪن تيز ٿي وئي....!!!

"ٿيوڊورا! هتي ڪهڙي شيءِ جي گهٽتائي آهي جو تون پينتي پوليس جهڙي ڏورانهين آفريڪي صوبي پئي وڃين...!! ڪٿي بازنطين...! ڪٿي پينتي پوليس...!!! پرديس پرديس هوندو آ راڻي...!!!" انطونينا سمجهائيندي چيس، پر ٿيوڊورا تي حڪومت ڪرڻ جو نشو سوار ٿي چڪو هو. "دنيا جي ڪابه طاقت مونکي پينتي پوليس وڃڻ کان نٿي روڪي سگهي...! مان گورنر جي زال بڻجي پينتي پوليس تي حڪمراني ڪنديس...!!!"

"گورنر ۽ ان جي زال...!!!" ٿيوڊورا جي ڳالهه ٻڌي انطونينيا طنزيه انداز ۾ ڀڻڪي. "اڙي! گورنر هوندئي پينتي پوليس ۾...! بازنطين ۾ گورنرن جي ڪهڙي حيثيت...! هتي ته گورنرن کان به وڏيون هستيون تنهنجن پيرن ۾ پيون لتاڙجن...!!!" انطونينا جي سمجهائڻ جي باوجود، ٿيوڊورا ايڪبولس جي زال بڻجي پينتي پوليس هلي وئي، پينتي پوليس جي خاموش شاهي محلاتن جون اونداهيون ۽ لاهيون چاڙهيون ٿيوڊورا جي حسن سان چمڪڻ

لڳيون، پر ٿيوڊورا مطمئن نہ هئي شاهي محلات ۾ هوءَ نظر نہ ايندڙ پابنديون ۾ جڪڙيل هئي، ٿيوڊورا کي پابنديون قبول نہ هيون، "ايڪبولس! تون تہ مونکي حڪمرانيءَ جو نشو چڪائڻ لاءِ وٺي آيو هئين، پوءِ هيءُ پابنديون ڇا جون آهن...! آئون تہ پنهنجي مرضيءَ سان ٻاهر بہ نہ ٿي نڪري سگهان...!!!" ٿيوڊورا، ايڪبولس کي پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌائي، "ٿيوڊورا تون نٿي ڄاڻين... تنهنجي بدن جي خوشبوءِ ڪيتري تيز ۽ لطيف آهي...! هوا جو جهوٽو بڻجي گهلندي آ...! جيڪو بہ سنگهندو آهي تہ مدهوش ٿي ويندو آ...!!! ماڻهن کي انهيءَ خوشبوءَ کان دور رکڻ لاءِ اهو تمام ضروري آهي...!!!" ايڪبولس ٿيوڊورا کي پنهنجين ٻانهن ۾ پريندي چيو. "پر مونکي تنهنجون پابنديون قبول ناهن...!!!" ايڪبولس جي ٻانهن مان هوءَ مڇيءَ جيان تڙپندي نڪتي، "ٿيوڊورا! سمجهڻ جي ڪوشش ڪر...! تنهنجي حسن جو چرچو هتي بہ پهچي چڪو آ...! ماڻهو توکي ڏسڻ لاءِ بيتاب ٿي رهيا آهن...!!!" ايڪبولس جي بي وسي عروج تي هئي "نہ ايڪبولس نہ...!!! سونهن تہ ڏسڻ لاءِ هوندي آهي...! تون تہ مونکي قيد رکڻ ٿو چاهين...! ان ڪري جو آئون تنهنجي اقتدار لاءِ خطرو آهيان...!!! مون کي تنهنجون پابنديون قبول ناهن...!!! ٿيوڊورا کي ڪنهن جي غلامي ناهي ڪرڻي...! ٿيوڊورا تہ غلام بڻائڻ ڇاڻندي آهي...!!!" ايڪبولس چپ چاپ هن جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو. هو ڄاڻي رهيو هو تہ ٿيوڊورا ڪيڏي خطرناڪ عورت آهي. هوءَ فتنو هئي...! هڪ فتنو! هوءَ جنهن سان بہ اڪيون چار ڪندي ان کي پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيندي....!!!

بازنطين جي شاهي محل ۾ پراسرار ۽ ماتمي خاموشي ڇانيل هئي. عظيم بازنطيني سلطنت جو تاجدار شهنشاهہ اناسٽاسيوس موت جو شڪار ٿي ويو هو. اناسٽاسيوس جو پوڙهو وجود تخت تان لهي تختي تي پهچي چڪو هو. شهنشاهہ جي مڙهہ کي هيرن جواهرن سان سينگاريل لباس سان ڍڪيو ويو. هن جي مٿي ۽ پيرن جي طرف کان بہ بہ شمعون روشن هيون. شاهي محل جي محافظ فوج جي سالار جسٽن کي اطلاع ڏنو ويو. هن محل جي اندرين محافظ دستن کي اطلاع ڏنو ويو. هن محل جي اندرين محافظ دستن کي اطلاع پهچايو ۽ حڪم ڪيو تہ، امن و امان بحال رکيو وڃي "اسان جو شهنشاهہ خداوند مسيع جي حڪم سان فوت ٿي چڪو آهي...! هاڻي خداوند جي رهنمائيءَ ۾ نئين شهنشاهہ جي چونڊ لاءِ مشورو ٿيندو...!!!" خاص خدمتگار، شهنشاهيءَ جون خاص علامتون لباس، تلوار ۽ تاج کڻي آيو. عام قاصدن وڏي پادري ۽ وزيرن کي نئين بادشاهہ چونڊڻ جو اطلاع پهچايو. صبح جو جيئن ئي سج بازنطين جي ڌرتيءَ کي چميو، مذهبي پيشوا ڪارو

ماتمي لباس پهري شاهي دروازي تي پهتا ۽ شاهي محل کان ٻاهر هپوڊروم بازنطين جي شهرين سان ڀرجڻ لڳو. شاهي دربار جا وزير ۽ امير شهنشاهه جي چونڊ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا هئا، جن جي ڪيل چونڊ تي سينٽ اياصوفيه جو وڏو پادري پنهنجي تصديق جي مهر هڻندو هو. جنهن کان پوءِ سلطنت جا فوجي سالار رضامندي ظاهر ڪندا هيا. اناسٽاسيوس پنهنجي پويان ڪوبه اولاد نه ڇڏيو هو. شاهي محافظ فوج جو سالار جيسٽن، فوج جو سالار اعظم جان ڪپڙو، شاهي دفترن جو ناظم اعليٰ سيلر ۽ مها پادري، نئين بادشاهه جي نالي تي متفق نه پئي ٿيا. اوچتو هپوڊروم مان زوردار نعرا ٻڌڻ ۾ آيا. "رومي سينٽ زنده باد...! رومي سينٽ زنده باد...! اسان جو نئون بادشاهه ڪٽي آهي...!" پر صلاحڪار ڪائونسل تي پراسرار مانارطاري هئي. هوڏانهن هپوڊروم مان زبردست نعري بازيءَ جو شور ڪنن جا پردا ڦاڙڻ لڳو. آئيوري گيٽ تي خاص خدمتگار شهنشاهيءَ جون علامتون ڪنيون بيٺو هو، جن جي پويان سلطنت جي فوج ڪنهن سمونڊ جيان ڇوليون هڻي رهي هئي، هاڻي انهن مان به نعرا بلندا ٿيڻ لڳا هئا. ۽ هجوم ۾ بي چيني وڌڻ لڳي، وزير خزانه هيرن جواهرن جو ٿيلهيون ڀري آيو. جيئن نئون، چونڊيل بادشاهه خاص ماڻهن ۾ دان ڪري، ان ئي وقت فضا زبردست نعرن سان گونجي اٿي. ڪاوڙ ۽ قهر جي علامت بڻيل نعرا ٻڌي، صلاحڪار ڪائونسل جي ميمبرن جي چهرن تي اڻ ڏٺل ڀؤ جي لهر ڇائنجي وئي، جسٽن تڙ تڪڙ ۾ وزير خزانه کان ٿيلهو کسي هيرا جواهر ورهائڻ شروع ڪيا جسٽن سوچي رهيو هو ته، جيڪڏهن هن هڪ پل به دير ڪئي ته، هپوڊروم ۾ گڏ ٿيل لکين عوام هنن کي ڪيڙن ماڪوڙن جيان چيپاٽي ڇڏيندو. پراسرار جمود ٽٽي پيو، ۽ شاهي دفترن جي ناظم اعليٰ سيلر زبردست نعرو بلند ڪيو. "نئون بادشاهه جسٽن زنده باد اسان جو شهنشاهه...! خداوند جو عطيو...!!!" مهاپادري جسٽن ڏانهن نهاريو، هن سڄي هٿ جون به آگريون هوا ۾ بلند ڪيون، ۽ جسٽن ڪي دعا ڏني. مهاپاري جي آمين جي جواب ۾ شاهي نيري وردي پوش محافظ دستن زبردستن نعرا هڻڻ شروع ڪيا. نئون بادشاهه آئيوري گيٽ ٽپي، هپوڊروم ۾ گڏ ٿيل بازنطين جي لکين شهرين کي پنهنجو ديدار ڪرايو. "جسٽن زنده باد... نئون بادشاهه زنده باد... جسٽن تون ضرور فتح ماڻيندين...!!!" عوام جي ڇوليون هڻندڙ سمونڊ نعرا بلند ڪيا. جسٽن جي مٿان تلوارن ۽ ڍالن جي ڇانو هئي، سنهري زنجير هن جي مٿان رکي وئي، ۽ تاج پارايو ويو. هن هٿ بلند ڪري عوام کي دعا ڏني.

وشال سمنڊ جي تيز لهرن تي بحري جهاز لوڏا کائي رهيو هو، ٿيوڊورا خيالن ۾ ٻڏل هئي. ايڪبولس جي محل مان فرار ٿيڻ هن لاءِ پوائتو خواب

هو. ايڪبولس کي هن جي نئين عشق جي خبر پئجي وئي، ٿيوڊورا جو اهو عاشق ايڪبولس جو سيڪريٽري هو، جنهن کي ايڪبولس راز کلڻ کان پوءِ جهنگلي درندن آڏو اڇلائي ڇڏيو.

سندس ٻيو نشانو ٿيوڊورا هئي، پر ٿيوڊورا ايڪبولس جي محل ۾ پهچڻ کان اڳ ۾ ئي ان غلام سان محل مان فرار ٿي وئي، جنهن هن جي نئين عشق جو راز ايڪبولس آڏو کوليو هو. ٿيوڊورا غلام کي هيرن جواهرن جي ٿيلهي، ۽ دنيا جي حسين شهر بازنطين وٺي هلڻ جي لالچ ڏئي غداريءَ تي راضي ڪري ورتو هو. غلام هن لاءِ آفريڪي عورت جو لباس آندو، جيڪو پهري هوءَ محل مان فرار ٿي هئي. حفاظتي جهنگلي کي مضبوطيءَ سان پڪڙي هوءَ ڪنهن گهري سوچ ۾ گم هئي. غلام جو وجود هن کي ڪٽڪي رهيو هو. اهو سامهون بيٺو هن کي وحشياڻي انداز ۾ گهوري رهيو هو. رات جي پهر ۾ هن اڪيلي ساموندي ٻيڙي ۾ ٿيوڊورا جو خوبصورت جسم ۽ دلڪش حسن غلام کي بي قابو ڪري رهيو هو. غلام کي يڪ ٽڪ پاڻ ڏانهن تڪيندي، ٿيوڊورا هن کي ويجهو اچڻ لاءِ چيو. غلام خوشيءَ وچان هن ڏانهن ڇڪجي آيو. پر ٿيوڊورا جي حسن ۾ ته آڳ هئي...! فتنو هو...! هڪ تباهي هئي...!!!! ٿيوڊورا جي قيامت انگيز قربت محسوس ڪري هو مدهوش ٿيڻ لڳو. "هڪ ڳالهه پڇان...! صحيح جواب ڏجانءِ...!" ٿيوڊورا غلام کان پڇيو. "ها ها پڇ! ضرور جواب ڏيندس...!!!" ٿيوڊورا تي فدا ٿيندي غلام وراڻيو "تون مونسان نيڪي به ڪئي ته برائي به ڪئي... ائين ڇو ڪيئي...!!!" ٿيوڊورا جو اشارو جهنگلي درندن حوالي ڪيل بدنصيب سيڪريٽريءَ ڏانهن هو. جنهن کي غلام سندن عشق جو راز کولي، ايڪبولس هٿان سزا ڏياري هئي. ٿيوڊورا جي ڳالهه ٻڌي غلام جي منهن تي ڳاڙها پيلا رنگ اچي غائب ٿي ويا، سمونڊ جون دهشتناڪ لهرون بحري ٻيڙي کي ڪنهن رانديڪي جيان اٿلائي پٿلائي رهيون هيون. ائين ڪرڻ ضروري هو...!! ٻنهي مان مونکي فائدو پهتو، مون وٽ نه ڪا نيڪيءَ جي حيثيت آ، نه وري برائيءَ جي...!!! مون وٽ سنو ڪم اهو آهي، جيڪو فائدو پهچائي...!!!" غلام ساموندي لهرن کي ڏسندي ٿيوڊورا کي جواب ڏنو، ٿيوڊورا کان ٿڌو ساهه نڪري ويو. هن هڪ ڦهريلي نگاهه غلام تي وڌي، هن کي غلام ڀروسي جي قابل ئي نه لڳو. غلام ٿيوڊورا کان ڌار ٿي سمونڊ جي لهرن کي گهورڻ لڳو. وڏيون وڏيون شارڪ مڇيون ڪنهن ڪنهن مهل ظاهر ٿي پنهنجا خوفناڪ وات کولي وري، بي انت ساگر ۾ غائب ٿي رهيون هيون. يڪايڪ ٿيوڊورا غلام کي ٽنگن مان پڪڙي، ڪليل سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو ڪاري خاموش رات ۾ هڪ رڙ گونجي چپ ٿي وئي، بحري ٻيڙو ساموندي لهرن سان وڙهندو نيٺ

اسڪندريہ اچي پهتو. اسڪندريہ هڪ وڏي بندرگاهہ هئي. هر طرف عيسائيت جو چرچو هو. پر ان سان گڏوگڏ قديم يوناني تهذيب بہ اڃا زنده هئي "ازورائتي" ۽ "آئيسس" ديويون ماڻهن جي عقيدن جون محور بڻيل هيون. بازنطين جيان هتي بہ رقاصائن جو راڄ هو. ٿيوڊورا هتي نئين سري سان پنهنجو رنگ ڄمائڻ شروع ڪيو. اسڪندريہ جي رقاصائن جي ناچ گهرن تي ماڻار ڇانئجي وئي.

پورو شهر ٿيوڊورا جو ديوانو بڻجي ويو. پر اسڪندريہ جي رقاصائن شهر جي ڪوٽوال وٽ هن جي خلاف دانهيو. ڪوٽوال جي حڪم تي ٿيوڊورا کي گرفتار ڪري هن جي سامهون آندو ويو ڪوٽوال هن جي پٽيءَ کي گرم لوهي سيخن سان ساڙڻ جو حڪم ڏنو. ٿيوڊورا ڪڏهن تصور بہ نہ ڪيو هو تہ. هن سان اهڙو سلوڪ ڪيو ويندو. شاندار ايوانن مان نڪري هوءَ ڦٽ پاٽ تي اچي پهتي هئي. هڪ رات "بطريف نمونيءَ" جا راهب گشت ڪندا بندرگاهہ واري علائقي ۾ پهتا. ۽ ٿيوڊورا کي سڃاڻي ڪليسا ۾ کڻي آيا. هن اکيون کولي پادرين جي لشڪر کي ڏٺو. "مون بديءَ جي زندگي گذاري آهي...! هاڻي آئون پراشچت ڪرڻ چاهيان ٿي...!!!" ڪجهہ نہ سمجهندي هن نماڻائيءَ سان ڪليسا جي اسقف اعظم آڏو اعتراف ڪيو. بطريف نمونيءَ جي راهب هڪ نظر هن کي ڏٺو. "ها! مان گناهن جو اعتراف ڪيان ٿي...! مونکي پاڪ ڪيو وڃي...!!!" ٿيوڊورا بطريف نمونيءَ جي راهب آڏو اعتراف ورجايو. "ٺيڪ آ! تنهنجي درخواست قبول ڪئي وڃي ٿي...!!!" پادريءَ مختصر جواب ڏنس. صبح جو جڏهن هوءَ بطريف نمونيءَ جي ڪليسا مان ٻاهر نڪتي تہ. گناهن کان پاڪ ٿي آئي. هن پراشچت ڪيو هو. ڪليسا جي پادريءَ هن کي گناهن جي معافيءَ جو دستاويز ڏنو. ۽ هن لاءِ دعا ڪئي...!!! هوءَ بازنطين موٽي آئي. بازنطين هن کي اجنبي اجنبي محسوس ٿيڻ لڳو. ٽي سال اڳ هوءَ هتي پنهنجن عاشقن جو هجوم ۽ پنهنجي لاثاني حسن جا چرچا ڇڏي وئي هئي. پر هاڻي اهو سڀ ڪجهہ ماضي بڻجي چڪو هو...!! ٿيوڊورا کي صدمو رسيو. پر هوءَ مايوس نہ هئي. هن وٽ اڄ بہ اهو ئي حسن هيو. اها ئي رعنائي ۽ اها ئي عياري موجود هئي. جنهن سان ٽي سال اڳ هوءَ بازنطين جي شهرين کي پنهنجو غلام بڻائيندي هئي. ايڪبولس جي حڪمرانيءَ واري ڳالهہ جو نشو هن تي اڃا تائين غالب هيو. اکين ۾ اٿيل انهيءَ خواب جي سهاري هوءَ ڏيري، ڏيري اڳتي وڌڻ لڳي. هن ٿيٽر جي هڪ مشهور اداڪار کان پنهنجو تعارفي خط لکرايو. ۽ محافظن جي نظرن کان بچندي شاهي محل ۾ داخل ٿي وئي. هڪ شاهي ڪمري ۾ هڪ شخص نرم بستري تي ليٽيو ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول هو. هن نظرون کٽي ٿيوڊورا ڏانهن ڏٺو. ڪتاب بند

ڪري هو مبهوت ٿي ٿيوڊورا کي ڏسڻ لڳو. اهو پيٽروس سبيٽيس هو. شاهي محلات جي محافظ دستن جو سالار اعليٰ ۽ شهنشاهه جسٽن جو پاٽيجو...!!! جن کي شهنشاهه اناسٽاسيوس باغي جرنيل وٽالين جو همدرد هجڻ جي شڪ ۾ موت جي سزا ٻڌائي هئي، ۽ بعد ۾ فوج جي سالار اعظم جان ڪپڙي (John the Lunch back) جي سفارش تي معاف ڪيو هو. شهنشاهه اناسٽاسيوس جي مرڻ کان پوءِ جسٽن شهنشاهه بڻجي ويو، ۽ پيٽروس سبيٽيس جي حيثيت شهزادن کان گهٽ نه هئي. ٻئي مامو ۽ پاٽيجا مقدونيه جي پهاڙن ۽ خاموش چراگاهن مان نڪري، عظيم بازنطيني سلطنت جا وارث بڻجي ويا هئا. پيٽروس جي دل ۾ هلچل متل هئي. هو ٿيوڊورا جي رعنائين ۾ وڃائجڻ لڳو. ۽ دير تائين هن جي قيامت خيز حسن کي ڏسندو رهيو. ڪافي دير کان پوءِ چڻ ته هوش ۾ آيو." ڪير آهين تون...!! ۽ بنا اجازت ڪمري ۾ ڇو آئي آهين...! توکي خبر آ...! انهي گستاخيءَ جي سزا موت کان گهٽ ناهي...!!!" پيٽروس سبيٽيس شاهي دبدبي جو اظهار ڪندي چيس. ٿيوڊورا ڪمال ادا سان پيٽروس ڏانهن نهاريو. "شهزادا! جيڪا عورت تنهنجن محافظن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي، شاهي محل ۾ داخل ٿي، تنهنجي ڪمري ۾ اچي سگهي ٿي ته ان کي ڇا چوندين...!!! مان ڪا عام عورت ناهيان، پوري بازنطين ۾ مون جهڙي ڪابه عورت ناهي، جيڪا مونسان مقابلو ڪري سگهي، مقابلو ته پري جي ڳالهه، منهنجي پيرن جي ڌوڙ کي به نٿي پهچي سگهي...!!!" ٿيوڊورا خط اڳتي وڌائيندي چيس، پيٽروس خط ڦاڙي اڇلائي ڇڏيو. "تون ڪنهن به تعارف جي محتاج ناهين... حسين کي تعارف جي ضرورت ناهي هوندي...!!!" ٿيوڊورا پيٽروس جو جواب ٻڌي ٽهڪ ڏنو. پيٽروس کي ائين لڳو، چڻ ته جلترنگ ڇڙي پيو هجي، اهڙو مترنم ٽهڪ هن ڪڏهن به نه ٻڌو هو. هن هزارين ڪتاب پڙهيا، هزارين ڪتابن هن جو ڌيان ڇڪايو هو. پر اڄ جيڪو ڪتاب هن جي سامهون ڪليل هو، پيٽروس انهيءَ ۾ جذب ٿي رهيو هو. پيٽروس چاهيو ٿي ته، ٿيوڊورا ائين ئي بيٺي رهي، مسڪرائيندي رهي، ۽ پنهنجن شوخ نگاهن سان، هن جي دل... هن جي روح جي گهرائين ۾ لهندي وڃي...!!! شهنشاهه جسٽن کان پوءِ پيٽروس سبيٽيس وسيع اختيارن جو مالڪ هو. پيٽروس ئي شهنشاهه جا خط پڙهندو هو، ۽ انهن خطن جا جواب تحرير ڪندو هو. ٿيوڊورا، پيٽروس سبيٽيس جي ڏينهن ۽ راتين جي شريڪ بڻجي وئي. آهستي آهستي پيٽروس تي ٿيوڊورا جو رنگ غالب ٿيڻ لڳو.

پيٽروس به ٿيوڊورا کي بلندين تي پهچائڻ جو خواهشمند هو پر، شهنشاه جسٽن جي زال ملڪ يوني ميا حائل،

ٻنهي جي وچ ۾ ديوار بڻجي وئي، هوءَ ٿيوڊورا کي سخت ناپسند ڪرڻ لڳي..! پر هوءَ جلد ئي پراسرار نموني فوت ٿي وئي، ملڪ يوني ميا حائل جي مرڻ کان پوءِ ٿيوڊورا ۽ پيٽروس سک جو ساهه کنيو. هاڻي ٿيوڊورا پيٽروس سان شاديءَ جا خواب ڏسڻ لڳي، يوني ميا حائل ته هنن جي شاديءَ ۾ محل اندر رڪاوٽ هئي، پر شاهي محلاتن کان ٻاهر به هنن جي شاديءَ ۾ مذهبي فوجي ۽ آئيني رڪاوٽون حائل هيون. بازنطيني سلطنت جي قانون مطابق حڪومت جو منصب رکندڙ ڪوبه شخص ايڪٽريس يا رقاصه سان شادي ڪرڻ جو مجاز نه هو، ان کان علاوه ڪليسا اهڙي شاديءَ کي قانوني ۽ مذهبي شاديءَ جو درجو نه ڏنو هو، شاهي فوج اهڙي شاديءَ کي خراب تصور ڪندي هئي. پر ٿيوڊورا کي پنهنجي حسن تي ناز هو، هن پيٽروس سبيٽيس سان ملي، شهنشاهه جسٽن کان قانون جو پراڻو مسودو ڪلعدم قرار ڏياري ڇڏيو، ان سان گڏوگڏ ئي ڪليسا ۽ فوج جو نظريو خودبخود باطل ٿي ويو...!!! هاڻي ٿيوڊورا آزاد هئي، هن پيٽروس سبيٽيس سان شادي ڪري ڇڏي، دنيا جي حسين عورت پيٽروس جي پهلوءَ ۾ هئي، پر...!!! پر دنيا جي ان حسين عورت جي پهلوءَ ۾ ته آڳ هئي...!!! تباهي هئي...! هلاڪت ئي هلاڪت هئي...!!!

سينٽ ايا صوفيه "ايوان عمائدين"، ۽ شاهي محل جي وچ تي چوڪ جهڙي حيثيت رکندڙ ڪليسا هو. جتان، هڪ دستوري شاهراهه نڪرندي هئي، ان جي چئني طرفن کان محراب بڻيل هئا، انهيءَ چوڪ کي آگسٽس چوڪ سڏيو ويندو هو، سنهري سنگ ميل جي ٿورو پريان قيصر آگسٽس جو هڪ ديوقامت مجسمو شاندار ماضي ۽ خوشحال مستقبل جو پيامبر بڻيل، بيٺل هو. هتان ئي هن عظيم سلطنت جي سيني شاهراهن جي ابتدا ٿيندي هئي. چوڻڪ تي هميشه ميلي جو سمان رهندو هو، اتر طرف گهاٽن وڻن جي ڇانو هيٺيان ويٺل سائل شاهي محل جي گولڊن گيٽ کلڻ جا منتظر هئا به فوجي آفيسر گهاٽن وڻن جي گهاٽي ڇانو کان دور هڪبئي سان اچي مليا، بئي پيٽروس سبيٽيس جا مشير هئا، هڪ جو نالو مينڊس ۽ بئي فوجي جرنيل جو نالو بيلي سارپوس هو، ٻنهي بازنط جي فوجي اڪيڊميءَ مان تعليم پرائي هئي. ٻنهي جي ڳالهين جو موضوع پيٽروس ۽ ٿيوڊورا جي شادي ئي هو. باغي جرنيل وٽالين جو خطرو اجا ڪونه ٽريو هو. شهنشاهه جسٽن هن کي بازنط اچڻ لاءِ قائل ڪيو ۽ هن کي فوجي سالار، ۽ "ڪونصل" جي لقبن سان نوازيو، وٽالين اچڻ لاءِ آمده نه هو، پر پوءِ هن کي يقين ڏياريو ويو ته، شهنشاهه جسٽن هن سان واعدي ۾ سچو آهي ته، هو بازنط موٽي آيو، هي ان جو پنهنجو شهر هو، هن هتي سنا ڏينهن گذاريا هئا، ڪيٽريون ئي

خوشگوار ۽ سهانيون يادون بزنط سان وابستہ هيس. رات جي تاريڪيءَ ۾ هو جيئن ئي محلاتن جو مرڪزي گولڊن گيٽ ٽپي اندر داخل ٿيو تہ. اوچتو ٻن مسلح حملا آورن بي خبريءَ ۾ هن جو سر ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو. عوام وٽالين جو قاتل شهنشاهہ کي سڏڻ لڳو. فوج ۾ بہ سرگوشيون ٿيڻ لڳيون. پر پيٽروس سبيٽيس ۽ ٿيوڊورا ڏيري ڏيري بدلجندڙ سياسي فضا کان بينياز. هڪ ٻئي جي گهرائين لهي رهيا هئا. هو ٿيوڊورا کي شاهي محلاتن جي غلام گردشن مان ڊوڙائيندو. ٿيوڊوميس جي مناري تي چاڙهڻ لڳو. پيٽروس کي بہ ٿيوڊورا جيان بلندي پسند هئي. مناري تي چڙهي هنن بازنط جي شهر تي نگاهہ ڊوڙائي عجب منظر هو. چوڌاري گهرو نيرو پاڻي بزنط جي ڌرتيءَ کي پنهنجي ٻاڪر ۾ ڀريو بيٺل هو. لاتعداد روشنيون تاريڪيءَ ۾ آسمان جيان زمين تي بہ ستارن جهڙو منظر پيش ڪري رهيون هيون. نيري آڪاش تي چند. پنهنجن ستارن جي هجوم ۽ ڪمال ادا سان. ٿيوڊورا جي معصوم چهري تي پنهنجي چاندني لٽائي رهيو هو. ٿيوڊورا تخيل پسند عورت هئي. هن کي اسڪندريہ جا درد انگيز ڏکيا ڏينهن بلڪل ڪونہ وسريا هئا. هوءَ غربت کان ڏاڍو ڊڄندي هئي. سندس ڪشادي پيشانيءَ هيٺان. مليل ڀرون ۽ ڀاڻ ۾ مليل ڪمان جهڙيءَ ڀرون کان هيٺ ڪٽورا نيڻ ڪنهن پيمان جيان پيا ڇلڪندا هئا. نيڻن ۾ گهرائي هيس. بناپيتي مدهوشي طاري ٿيڻ لڳندي هئي. جڏهن ڪاوڙ ايندي هيس تہ. شاخ گل جيان لچڪندڙ بدن احساس وڃان آڪڙجي ويندو هيس. بيپناهہ اذيت پهچڻ تي بہ. هوءَ مسڪرائيندي رهڻ جو فن خوب ڄاڻندي هئي. هن کي چڱيءَ طرح پتو هو تہ. ڪي ورهيہ اڳ جڏهن هن جو پيءُ رچ جي اوچتي حملي ۾ مارجي ويو هو تہ. بازنط جي ماڻهن هنن جي ڪابہ پرگهور نہ لڌي هئي. ڏکين ڏينهن جي پيانڪ يادن کي ياد ڪندي سندس نظرن آڏو سرخ چادر تاڻجي ويندي هئي هن ڄاڻي ورتو هو تہ. ماڻهو مفاد پرست آهن. شهرت ۽ عزت جي بلندين تان بيهي هن جڏهن بازنط جي ماڻهن کي غور سان ڏٺو تہ. اهي هن کي بونا نظر اچڻ لڳا. هن جي هر آس پوري ٿي هئي. پر حڪمراني ڪرڻ واري آس اجا باقي هيس. مناري تان بيهي. هن چند تارن سان سينگاريل آسمان ڏانهن نهاريو...!!! خاموشيءَ جي زبان ۾ و شال آسمان ڪجهہ چئي رهيو هو...!!! ڇا چئي رهيو هو...!؟!!!

يوناني طبيب جسٽن جو زخم ڏسي تشويش جو اظهار ڪيو. جسٽن ڪافي عرصي کان بيمار هو. هن جي گوڏي جو پراڻو زخم ناسور بڻجي چڪو هو. ايسٽر جي مذهبي تهوار ۾ ڪجهہ ئي ڏينهن بچيا هئا. پر عظيم مسيحي بادشاهي جي گاديءَ واري هنڌ تي ڏک جي لهر طاري هئي. جسٽن کي نجاڻ ڇو يقين ٿي ويو هو تہ. هن جي زندگي.

موت جي طوفان ۾ گهيرجڻ واري آهي. هن جي زندگيءَ جو ڏيئو وسامڻ جي ويجهو هو. ڪيس ڪوبہ اولاد ڪانہ هو. هو خيالن ئي خيالن ۾. سلطنت کي انتشار جي ور چڙهندي ڏسڻ لڳو. سلطنت کي بچائڻ جي فقط هڪ صورت نظر اچي رهي هيس تہ. هو جلد کان جلد پنهنجي جانشين جو اعلان ڪري. ايسٽر جي عيد واري ڏينهن پوڙهي شهنشاهہ جسٽن. پنهنجي پاڻج پيٽروس سبيٽيس کي پنهنجو جانشين بڻائڻ جو اعلان ڪيو. پيٽروس. هن جي مرحوم پيڻ جي آخري نشاني ۽ دنيا ۾ جسٽن جو اڪيلو عزيز ۽ وارث هو. شاهي تخت تي ويٺل جسٽن ڪمزوريءَ سبب ڪافي تڪليف محسوس ڪري رهيو هو. محافظ ٻن قطارن ۾ چپ چاپ مستعد بيٺا هئا. ايوان عمائدين جا ممتاز ميمبر. شهنشاهہ جي ڳالهائڻ جا منتظر هئا. سڀ کان نمايان ڪرسيءَ تي ويٺل سينٽ ايا صوفيہ جو اسقف اعظم گهرا گهرا ساهہ کڻي. ڪنهن مهل جسٽن کي ۽. ڪنهن مهل جانشين بڻجندڙ پيٽروس سبيٽيس کي گهوري رهيو هو. شهنشاهہ جسٽن تخت تي پاسو ورايو. ۽ پنهنجو ساڄو هٿ ٿورو بلند ڪيائين. پوري شاهي دربار ۾ مانار ڇائنجي وئي. اسقف اعظم جي گهرن گهرن ساهن جو آواز عجب منظر پيش ڪري رهيو هو. "مان عوام جي مرضيءَ مطابق پنهنجي پاڻيجي پيٽروس سبيٽيس کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيان ٿو...!!! ۽ ايوان عمائدين جي ميمبرن. فوج جي سالار اعظم. شاهي دفترن جي ناظر اعليٰ. ۽ عزت مآب اسقف اعظم مان بہ اميد رکان ٿو تہ. اهي منهنجي فيصلي جي توثيق ڪندا...!!! خدواند چاهيو تہ. پيٽروس ڪامياب ٿيندو...!!!" پوڙهي شهنشاهہ جسٽن بمشڪل ڳالهايو. ايوان عمائدين ۽ رومي سينٽ جي ميمبرن. شهنساهہ جي فيصلي جي توثيق ڪئي. اسقف اعظم پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي پيٽروس سبيٽيس کي دعا ڏني. بادشاهہ جي مشاور تي ڪائونسل ۽ فوجي سالار اعظم اسقف اعظم جي دعا تي آمين جا لفظ چيا. پيٽروس اڳتي وڌي پوڙهي جسٽن جي پيرن وٽ اچي ويٺو. جسٽن ڏڪندڙ هٿن سان پيٽروس سبيٽيس کي هيرن جواهر سان سينگاريل تاج پهرايو. جيڪو جانشينيءَ جي علامت سمجهيو ويندو هو. جانشينيءَ جي ٻئي ڏينهن جسٽن فوت ٿي ويو. ۽ پيٽروس سبيٽيس جانشين مان شهنشاهہ بڻجي ويو. پيٽروس سونو تاج پائي. چانديءَ جي تارن مان ٺهيل سونو چولو اوڍي سينٽ ايا صوفيہ ۾ شهنشاهيءَ جو رسمون ادا ڪرڻ پهتو. بعد ۾ هو هيوڊروم ۾ پهتل لکين شهرين کي ديدار ڪرائڻ پهتو. ٿيوڊورا بہ هن سان گڏ هئي سنهري لباس ۾ ملبوس ٿيوڊورا ڪا آسماني حور معلوم ٿي رهي هئي. سندس شاخ گل جيان لچڪندڙ جسم تي اوڍيل لباس سون

جي تارن مان نهيل هو، ڊگهن زلفن ۾ سڄا موتي پرويل هيس، جن جو تجلو اکين کي کيرو ڪري رهيو هو. هوءَ پهريون دفعو ملڪ جي روپ ۾ عوام آڏو ظاهر ٿي هئي. سندس قيامت خيز حسن و جمال هپوڊروم ۾ گڏ ٿيل لکين بازنطيني شهرين کي موهي وڌو هو، هجوم "ٽڪ ٽڪ ديدم دم نه ڪشيدم" جو مثال بڻيو. ٿيوڊورا جي حسن ۾ محو هو، هپوڊروم مان جذبات ۽ هيجان ۾ ٻڏل نعرا درو ديوار لرزائي رهيا هئا، ٿيوڊورا پنهنجو ميندي رتو هٿ لوڏي عوام جي بي انتها محبت جو شڪريو ادا ڪرڻ لڳي... آسمان کي محسوس ٿي رهيو هو ته، سندس ميندي رتن هٿڙن جي لال حنائي رنگ ۾ لاتعداد بازنطيني نوجوانن جي آرزوئن ۽ امنگن جي خون جي آميزش به شامل هئي. هپوڊروم مان ڪن ڦاڙ نعرا ۽ مبارڪباد جا لفظ بلند ٿي رهيا هئا. مقدونيه جي پهاڙن ۽ ويڪرن خاموش چراگاهن ۾ پليل پيٽروس سبيٽيس ۽، ٿيٽر جي پستين ۾ جواني گذاريندڙ، ۽ پنهنجي حسن جا جلوا ڏيکاريندڙ رقاصه ٿيوڊورا، عظيم مسيحي بادشاهت جا وارث بڻجي ويا هئا. هو ٻئي هڪ ئي وقت شاهي تاج جا وارث هئا. پيٽروس سبيٽيس پنهنجو نانءُ بدلائي جسٽينين رکيو هو. آئيوري گيٽ جي ديدار گاهه، ۽ هپوڊرم جي وسيع و عريض شاهي ميدان کان دور نيري پاڻيءَ واري سمونڊ جي ساحل تي بيٺل، نراسيل ڪوميتو.

پري کان ايندڙ چولين کي پنهنجن قدمن ۾ دم ٽوڙيندي ڏسي رهي هئي، هيءَ اهو ئي ڪنارو هو... هيءَ اها ئي جڳهه هئي... جتي هڪ ڏينهن ٿيوڊورا بيهي ڪوميتو کي چيو هو ته "ڪوميتو ڏسجانءِ...! مان بازنطين تي حڪمراني ڪنديس هو مهل جيڪو سامهون نظر پيو اچي ان ۾ منهنجو حڪم هلندو...!!!" شاهي محلاتن ڏانهن آگر جو اشارو ڪري چيل ڳالهه ڪوميتو کي حرف به حرف ياد اچڻ لڳي... واقعي هن جي من موهڻي پيڻ بازنطه جي اڌ تاج جي وارث بڻجي وئي هئي شاهي محلاتن ۾ هن جو حڪم هلڻ وارو هو...!!! ٿيوڊورا گناهن جي پستين مان نڪري اقتدار جي بلندين تي چاڙهجي وئي.

بندرگاهه جي معائني کان پوءِ، عظيم مسيحي بادشاهت جي بادشاهه، شهنشاهه جسٽينين، نيري پاڻيءَ واري ڪليل سمونڊ تي هڪ نظر وڌي، هڪ سرد آهه سندس سيني ۾ پرجي وئي... دور هتان کان گهڻو دور... هن سمنڊ جي پرئين ساحل تي سندس سلطنت جو وڇڙي ويل شهر عظيم روم واقع هو، جنهن تي وحشي وندالين جي قبيلي جي حڪومت هئي، عظيم روم جيڪو بازنطيني سلطنت جو حصو هو، وحشين جي قبضي ۾ ڏکي رهيو هو... انهيءَ ئي روم کي ياد ڪري جسٽينين کان گهرو ساهه نڪري ويو، بندرگاهه جي معائني کان پوءِ هن شاهي محل ۾ مشاورتي ڪائونسل جو اجلاس گهرايو.

۽ روم تي حملي جي تجويز پيش ڪئي، پوري مشاورتي ڪائونسل جي ميمبرن تي ماٺار طاري ٿي وئي، ڪنهن جي واتان بہ هڪ لفظ نڪري نہ سگهيو. ٿوري دير کان پوءِ شاهي فوج جي سالار اعظم ڳالهائڻ لاءِ اجازت گهري، "عزت مآب شهنشاهہ!! توهان اسان جا مشورا ٻڌاندا آهيو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهي قبول بہ ڪندا آهيو...! اسان اوهان جي راءِ جي مخالفت بہ ڪندا آهيون تہ بہ، اوهان هرگز ناراض ناهيو ٿيندا... هاڻي مان صاف صاف لفظن ۾ عرض ڪيان تہ اوهان جي ڏنل تجويز معقول آهي، پر ان تي عمل ڪرڻ لاءِ وسيلن جي کوٽ آهي...! اسان جون فوجون سرحدن تي مشڪل حالتن سان منهن ڏئي رهيون آهن. نئين فوج لاءِ نوان ٽئڪس لاڳو ڪرڻا پوندا، عوام اهڙي فيصلي تي اتي ڪڙو ٿيندو، جيڪڏهن عوام مخالفت ۽ احتجاج جو جهنڊو بلند ڪيو تہ، اوهان جي شهنشاهي بہ خطري ۾ پئجي ويندي...!!!"

"پر جيڪڏهن آئون وسيلا مهيا ڪيان تہ پوءِ...!!!" سالار اعظم جي ڳالهہ ٻڌي شهنشاهہ جسٽينين وراڻيس. "ڇا اوهان جادوءَ جي زور تي فوجون پيدا ڪندا...! بالفرض جيڪڏهن اهو ممڪن بہ ٿي پوي تہ ويهہ هزار تلوار بردار جمع ڪيو، پگهار کي ڇڏي انهن کي لٽ مار تي آمده ڪيو... جيڪڏهن جنگي ٻيڙا ملي وڃن تہ انهن کي ٻيڙن ۾ سوار ڪرايو...!!! پر سوال تہ اهو ٿو پيدا ٿئي تہ، ڇا اهي وحشي وندالن جي جنگي ٻيڙن کي شڪست ڏئي سگهندا ڪو معجزو ئي وندالين کي برباد ڪري ڇڏي تہ بي ڳالهہ آ...!!!" سالار اعظم جي ڳالهہ ٻڌي، شهنشاهہ جسٽينين تسليم ڪيو تہ، واقعي فوج جو سالار اعظم سچ ڳالهائي رهيو هو. وڇڙي ويل عظيم روم جي فتح جو خواب جنگ جي ٿوس حقيقتن کي رد نٿي ڪري سگهيو. صحراءِ طرابلس مان گذري هزارين راهب باسفورس جي گهاٽ تي پهچي رهيا هئا، شاهي ايوان ۾ جڏهن هو شهنشاهہ جسٽينين ۽ ملڪ ٿيوڊورا جي دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پهچندا هئا تہ، ماني کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا هئا. "تون ڪهڙو مسيحي شهنشاهہ آهين...!؟!! ڇا خداوند کي ڇڏي دنياوي معبودن جو پوئلڳ ۽ خدمتگار بڻجي ويو آهين!!!" ڇا توکي انهن مسيحين جو ڪوبہ خيال ناهي، جيڪي عظيم روم کان نڪري آفريڪا ۾ بي يارو مددگار رهجي ويا آهن...!؟!!" شهنشاهہ راهبن جو اهڙو احوال ٻڌي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ٿيوڊورا بہ سوچن ٻڌي وئي.

هوءَ بطريف نمونيءَ جي ڪليسا ۾ وڏي پادريءَ آڏو پنهنجن گناهن جو اقرار ڪري توبهہ تائب ٿي چڪي هئي، پر سندس دل ۾ اجا تائين غرور جي جهلڪ باقي هئي. بازنط جي ماڻهن بہ هن جي پراشچت واري مذهبي رسم کي قبول ڪيو هو، هوءَ توبهہ تائب تہ ٿي وئي هئي، پر سندس سياهہ ماضي هن

کان دور اڃا ڪنهن بطريق نمونيءَ جهڙي ڪليسا جي ڳولا ۾ سرگردان هيو، ٿيوڊورا وٽ ڪوبه اهڙو طريقو ڪونه هيو، جنهن سان هوءَ پنهنجي سياهه ماضيءَ کي زعفراني مقدس پاڻيءَ سان پاڪ ڪري سگهي. هن سجده ريزيءَ جو پراڻو طريقو بحال ڪرايو هو، جيڪو ڪنهن وقت ۾ قديم مصري ۽ يوناني درٻارن ۾ رائج هو. ملڪ وٽ حاضري پرڻ لاءِ سندس خوبصورت پير چميا وڃڻ لڳا. هوءَ خود شاهي درٻار جو معائنو ڪندي هئي. جيڪڏهن درٻاري آدابن ۾ ٿوري به غلطيءَ محسوس ڪندي هئي ته غلامن کي عبرتناڪ سزا ڏيندي هئي، هن جي حضور ۾ زبان درازي گناهه هئي. ناچ گهرن کي بند ڪرائي رقص و سرود تي پابندي مڙهي ڇڏي، بازنطين جون شامون ويران ٿي ويون. ٿيوڊورا جي انهيءَ حڪم، ۽ عوام سان سگندليءَ واري رويي بازنطين جي شهرين کي پڙڪائي وڌو.

بازنطه جي فضائن ۾ خاموشي ڇائنجي وئي. هر طرف مانار ئي مانار ڦهلجي وئي، اهو طوفان جي اڃڻ جو اشارو هو، آسمان خاموشيءَ جي زبان ۾ وڏي واڪي ڪجهه چوڻ چاهي رهيو هو، پر ستارن جي زبان ڪنهن به نٿي ڄاتي، سينٽ ايا صوفيه جي پويان هڪ ننڍڙي گهر جي ڪليل آڳر ۾ ويٺل پوڙهو اينٿينوس اکين جا دوڙا ڦاڙي آسمان ڏانهن نهاري رهيو هو، آسمان تي باهه جا شعلا رقصان هيا، ڪنهن مهل هڪ چٽنگ چمڪي غائب ٿي رهي هئي، گهڙي ڪن لاءِ ستارا انهيءَ تيز چمڪي ۾ ڇڻ گم ٿي ٿي ويا، اينٿينوس جهڙي ماهر نجوميءَ آسمان جون رڙيون ٻڌي ورتيون هيون، جيڪي وڏي واڪي چئي رهيون هيون ته، عنقريب تباهي اچڻ واري آ...!! هلاڪت اچڻ واري آ...!! هڪ قيامت اچڻ واري آ...!!! پوڙهي اينٿينوس گهبرائجي اکيون بند ڪري ڇڏيون، صبح جو سياري جي خشڪ هوا زور زور سان گهلڻ لڳي، عوام جو هڪ وڏو هجوم هپوڊروم ڏانهن وڌي رهيو هو. هپوڊروم ۾ سالياني راندين جا مقابلا شروع ٿيڻ وارا هئا، اهو راندين جو پهريون ڏينهن هو. عوام ۾ افواهه ڦهليل هو ته شهنشاهه جسٽينين ۽ عوامي نمائندن ۾ هپوڊروم ۾ ٿيل فسادن تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي، جن ۾ لاتعداد شهري مارجي ويا هئا، فسادن جا مڪ، جن کي شهر جي ڪوتوال موت جي سزا ڏني هئي، عين قاسيءَ ڏيڻ ڏوران رسا ٽٽي پوڻ ڪري فرار ٿي ويا، جن کي شهرين ڀرپور مدد فراهم ڪئي. ۽ هو فرار ٿي سينٽ لارنس جي ڪليسا ۾ لڪي ويا، جيڪو يوناني معبد "ڪنواري بلاشنائي" جي صدر دروازي کان ٿورو پري آمهون سامهون هو، اڄ راندين جي پهرئين ڏينهن ان واقعي جو فيصلو ٿيڻ وارو هو، ماڻهو هزارن جي تعداد ۾ عوامي ميدان هپوڊروم ۾ گڏ ٿيڻ لڳا. رٿن جي ڊوڙ جيئن ئي اختتام پذير ٿي، هپوڊروم ۾ گڏ ٿيل عوام نعرا هڻڻ شروع ڪيا.

"شهنشاهه جسٽينين زنده باد! اوهان جي حڪومت هميشه قائم رهي...! سينٽ لارنس ڪليسا ۾ لڪيل قيدين جي سزا معاف ڪئي وڃي...!!" شهنشاهه خاموشيءَ سان نعرا ٻڌندو رهيو. هجوم جي ٻئي حصي مان اڀ ڏاريندڙ نعرا بلند ٿيڻ لڳا. "شهنشاهه انهن کي معاف ڪر جن کي ڪوٽوال موت جي سزا ڏني، پر خدا وٽ اهي بيگناهه آهن...!!" پر شهنشاهه خاموش ويٺو نعرا ٻڌندو رهيو. عوام جو هجوم هپوڊروم مان نعرا هڻندو ٻاهر نڪتو ۽ بازارين ۾ گشت ڪرڻ لڳو. هنن جو رخ بازنط جي ڪوٽوال جي گهر ڏانهن هو عوام جو هجوم جيئن ئي ڪوٽوال جي گهر ڀرسان پهتو، شاهي فوجن هجوم کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر بازنط جي عوام جو، سيلاب رڪجڻ وارو نه هو، ڪاوڙيل هجوم ڪوٽوال جي گهر کي ساڙي ڇڏيو. آگسٽس جي چوڪ تي بيٺل هجوم گولبن گيٽ کي باهه ڏئي ڇڏي. سياري جي گهلندڙ خشڪ هوا، شعلن کي پري پري تائين پهچايو، هر طرف آڳ هئي...! تباهي هئي...! هلاڪت ئي هلاڪت هئي...!!! ڪيترين ئي شاهي عمارتن سان گڏ عيسائين جو مقدس گر جا گهر سينٽ اياصوفيه به نذر آتش ٿي ويو، بازارن مان شعلا آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا. بازنط جي پر تشدد عوام سيمپسن جي خيراتي شفاخاني کي به باهه ڏئي ساڙيو، ۽ ڪيترائي مريض زنده سڙي ويا. ٻي ڏينهن عوام جو هڪ زبردست هجوم هپوڊروم ۾ اچي گڏ ٿيو." اسان کي نئون حڪمران گهرجي...! راڻي ٿيوڊورا جو سنگدلانه پاليسيون نامنظور...!!! پريان شاهي محل ۾ موجود شهنشاهه جسٽينين جي چهري تي مايوسيءَ جا ڪڪر ڇانيل هئا، هو اضطراب وچان اٿي بيٺو "آئون پاڻ عوام سان مخاطب ٿيندس...!!!" شاهي، دفترن جي ناظم اعليٰ ڏانهن منهن ڪندي جسٽينين چيو.

هپوڊروم مان وقفي وقفي سان نعرا گونجي رهيا هئا، جسٽينين شاهي لباس زيب تن ڪيو، ۽ شاهي محل جون ڏاڪڻيون ٽپي، عوامي ميدان هپوڊروم ڏانهن ڪلندڙ دريءَ وٽ اچي بيٺو خاص خدمتگار پردا هٽايا، عوام ۽ شهنشاهه آمهون سامهون هيا. "مان انهن سڄين غير قانوني ۽ وحشياڻين حرڪتن تي عوام کان معافي ٿو وٺان، جيڪي گذريل ڏينهن شر پسندن جي جواب ۾ شاهي فوج کان سرزد ٿي ويون آهن، ڪنهن کي به مجرم قرار نه ڏنو ويندو، ۽ ڪنهن جي خلاف به ڪاروائي نه ڪئي ويندي، صرف آئون ئي جوابده آهيان...!!! ۽ هن مقدس انجيل جو قسم کائي توهان سان واعدو ٿو ڪريان ته، ڪنهن جي خلاف به انتقامي ڪاروائي نه ڪئي ويندي...!!!" ساڄي هٿ ۾ پڪڙيل انجيل مقدس کي هوا ۾ لهرائيندي جسٽينين عوام آڏو اعتراف ڪيو، عوامي بغاوت جي اڳواڻن کي

خوف هو تہ. حالتون جيئن ئي سازگار ٿي ويندیون. بغاوت جي سرڪرده فردن کي موت جي گهاٽ ۾ لاٿو ويندو. هو جسٽينين جي زباني واعدي تي اعتبار نہ پئي ڪري سگهيا. "جسٽينين! هن واعدي جي پڪي هجڻ جو ثبوت ۽ ضمانت ڪهڙي آهي...!!! تون ۽ تنهنجي مامي بہ وٽالين سان اهڙو ئي زباني واعدو ڪيو هو...!! جسٽينين وٽالين ڪٿي آ...!؟! ان کي ظاهر ڪيو وڃي...!!!" هپوڊروم مان عوامي سمنڊ جي اتاريل ڳالهہ ٻڌي، جسٽينين تي خوف جي هڪ اٿڃاتل ڪيفيت طاري ٿي وئي. ريشمي پردا ڪري پيا، عوام ۽ شهنشاهہ جي وچ ۾ ريشمي ديوار حائل ٿي وئي. ريشمي پردن جي اوٽ ۾ شهنشاهہ جسٽينين تي موت جهڙي ماٺار ڇائنجي وئي. "محترم بادشاهہ! هاڻي فرار ٿيڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي...!!! منهنجو تہ اهو ئي مشورو آهي تہ، اوهين بازنطہ مان هليا وڃو...!!!" شهنشاهہ جي فوجي صلاحڪار بيلي ساريوس جسٽينين کي چپ جي سڪتي مان ڪڍي چيس. هپوڊروم مان زبردست گوڙ ۽ شور جو آواز اچي رهيو هو. عوام شهنشاهہ جي پسپائيءَ کي پنهنجي فتح قرار ڏئي رهيو هو. خود شهنشاهہ جسٽينين جو خيال بہ بيلي ساريوس کان مختلف نہ هو. عين انهيءَ وقت راڻي ٿيوڊورا، شاهي ڪمري ۾ داخل ٿي. خوشبوءِ جي هڪار سان سڄو ڪمرو واسجي ويو. شهنشاهہ جسٽينين، فوجي بيلي ساريوس ۽ اتي موجود بادشاهہ جي مشاورتي ڪائونسل جي ميمبرن راڻي ٿيوڊورا ڏانهن نهاريو. جيڪا نهايت پر سڪون نظر اچي رهي هئي، ڇڻ تہ سمونڊ تي ماڻ جي موسم ڇانيل هجي. هوءَ نڌيون نڌيون وڪون ڪڍندي اڳتي وڌي. فوجي صلاحڪار ۽ مشاورتي ڪائونسل جي ميمبرن تعظيم طور هن کي سجدو ڪيو. "شهنشاهہ! تون بي شڪ وڃي سگهين ٿو...! سمنڊ جو رستو ڪليو پيو آهي...!! توهان وٽ خزانو بہ موجود آ...!! پر جيڪڏهن اوهان هليا وڃو تہ، جلاوطنيءَ ۾ ڪڏهن بہ اهو سوچڻ جو موقعو نہ ملي سگهندو تہ. جيڪڏهن مان موجود هجان ها تہ ڇا ڪيان ها...!!! شهنشاهہ! منهنجو عقيدو آ تہ، جيڪي ماڻهو سنهري شاهي لباس کي هڪ دفعو زيب تن ڪري ڇڏين تہ، انهن کي اهو لباس مرڻ گهڙيءَ تائين لاهڻ نہ گهرجي. جنهن ڏينهن ماڻهن مونکي سجدو ڪرڻ ۽ راڻي چوڻ ڇڏي ڏنو. مان سمجهي ويندیس تہ. منهنجي زندگيءَ ۾ هاڻي ڪابہ دلچسپيءَ ناهي رهي...!!! ۽ منهنجا پيارا جسٽينين!!! اجا اهو وقت ناهي آيو...!!!" آخري اقتداري جملن تي زور ڏيندي هن بيڪ وقت جسٽينين ۽ بيلي ساريوس ڏانهن ڏٺو. سندس نيڻن ۾ هڪ لاءِ اٿاهہ گهرو پيار...!! ۽ پي لاءِ دنيا جهان جي حقارت هئي. سيني جون نظرون بي اختيار راڻي ٿيوڊورا ڏانهن ڪڇي ويون. هن جي چپن تي گهري مسڪراهٽ

ڇانيل هئي، پر ڪمري ۾ گهرو سڪوت هو. ڪنهن ڪنهن مهل جسٽينين جا گهرا گهرا ٽڪل ساهه ماحول کي گرمائي رهيا هئا. هپوڊروم مان بدستور اپ ڏاريندڙ نعرا بلند ٿي رهيا هئا. هن هڪ حقارت ڀري نظر سابق نائڪ انطونينا جي مڙس فوجي صلاحڪار بيلي ساريوس تي وڌي ۽ پر وقار شاهي ديدبي سان هلندي هپوڊروم ڏانهن ڪلندڙ دريءَ وٽ اچي بيٺي، ڪليل دريءَ جي تاڪن مان تازي تازي هوا اندر داخل ٿي رهي هئي. ريشمي پردا ٿيوڊورا جي مدهوش ۽ سحر خيز حسن کي محسوس ڪري ڪنهن شرابيءَ جيان جهومڻ لڳا. خاص نوڪر پردا هٽايا. راڻي ٿيوڊورا عوام آڏو ظاهر ٿي، سندس چهري تي عجيب دلفريب مسڪراهٽ طاري هئي، هپوڊروم مان بلند ٿيندڙ نعرن جو روح قبض ٿي ويو. راڻيءَ جو حسن ڏسي، مشتعل هجوم کي سانت جي ول وکوڙي وئي. راڻي ٿيوڊورا زبردست هجوم تي هڪ ڀرپور نظر وڌي، ۽ ان سان گڏ ئي سندس مک تي ڦهليل مسڪراهٽ گهري ٿي وئي. "اسان سڀني کي معاف ڪيو...! عوام کي معاف ڪيو، ڪنهن کي به نه ايذائيو ويندو... عوام جون سڀ خطائون معاف ڪيون وڃن ٿيون، انهن سان اڳي کان به وڌيڪ حسن سلوڪ ڪيو ويندو...!!! بازنطه جا معزز شهريو!!! پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي وڃو...!!!" راڻي ٿيوڊورا پنهنجي ڳالهه پوري ڪري پوئتي هٽي، ريشمي پردا برابر ٿي ويا. هپوڊروم ۾ بدستور سانت ڇانيل هئي. شاهي ڪمري ۾ موجود فردن جون دليون ڌڙڪي رهيون هيون. "اسان جي فياض ملڪ زنده باد...!!!" راڻي ٿيوڊورا زنده باد!!! اسانجين دلين تي حڪمراني ڪندڙ حسين ٿيوڊورا زنده باد!!! هپوڊروم مان يڪايڪ ئي زوردار نعرا بلند ٿيڻ لڳا. نعرا ٻڌي هن هڪ لمحي لاءِ اکيون بند ڪيون، ۽ پوءِ پنهنجون وڏيون وڏيون خمار آلود اکيون کولي، هن شاهي ڪمري ۾ موجود سڀني فردن کي ڏٺو. شهنشاهه جسٽينين کان سواءِ سڀ فرد هن جي تعظيم ۾ سجدي ۾ هئا...!!! ٿيوڊورا اقتدار جي بلندين تي پهچي وئي هئي...!!!

جون جي هڪ روشن صبح جو، اسقف اعظم ۽ شهنشاهه جسٽينين جلوس جي شڪل ۾ شاهي محل سان لاڳاپيل بندرگاهه تي پهتا. جلوس جي اڳيان مقدس بت هئا. جن کي راهب مورچل سان هوا ڏئي رهيا هئا. سامهون بيهر تعمير ٿيندڙ سينٽ اياصوفيه جا مناره ڪر ڪٽي رهيا هئا. اسقف اعظم دعا لاءِ هٿ بلند ڪيا. شهنشاهه جي جنگي بيڙي کي برڪت سان نوازيو. ۽ جنگي بيڙن لنگر کڻي ڇڏيو جنگي بيڙو وچ آفريڪا جي تسخير لاءِ نڪتو هو. بيلي ساريوس ان بحري مهم جو سالار هو. بيلي ساريوس هڪ عجيب شخص هو...! بي انتها بهادر هجڻ سان

گڏوگڏ حد درجي جو مڪار ۽ دوڪيباز بہ هو. هن جي لومڙيءَ جهڙي شخصيت پنيان انطونينا جهڙي گهاٽ جو پاڻي پيتل نائڪ هئي...!! جيتوڻيڪ انطونينا جي جواني جو سج آهستي آهستي لهي رهيو هو پر پوءِ بہ هوءَ هوشربا حسن جي مالڪياڻي هئي. حسن سان گڏ هن کي موسيقيءَ ۽ رقص تي عبور پڻ حاصل هو. خبر ناهي بيلي ساريوس هن جي ور ڪيئن چڙهي ويو هو...! بيلي ساريوس دل ئي دل ۾ شهنشاهہ ٿيڻ جي آرزو پاليون ويٺو هو. پر دولت عزت شهرت اقتدار تہ قسمت وارن کي نصيب ٿيندو آ. في الحال تہ قسمت جسٽينين ۽ ٿيوڊورا تي مهربان هئي. انطونينا کي ٿيوڊورا جي بلندي پسند نہ هئي. هن وٽ رقص سکندڙ ٽڪي جي ڇوڪري عظيم بازنطيني سلطنت جي مهاراڻي بڻجي وئي هئي.

بيلي ساريوس کي يقين هو تہ. هو اتر آفريڪا جي وحشي وندالين تي قابو پائي وٺندو. جنهن سان عظيم روم جي فتح جو رستو کلي پوندو اتر آفريڪا جي ساحلن تي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي وحشي وندالن کي پتو پئجي ويو تہ. عظيم بازطيني سلطنت جا جنگي بيڙا هنن تي حملو ڪرڻ لاءِ پهچڻ وارا آهن. وندالن جا تلوار بردار بي جگريءَ سان بازنطيني فوج جو مقابلو ڪرڻ لڳا پر. بيلي ساريوس ڪنهن طاقتور طوفان جيان اڳتي وڌندو رهيو. هنن قرطاجنہ کي فتح ڪري ورتو. وندالن ۾ هڪ قديم ڏند ڪٿا مشهور هئي تہ. جڏهن بہ سمنڊ پار جي فوج هنن سان مهاڏو اٽڪائيندي تہ. وندالن جي اقتدار جو سج لهي ويندو. اڄ بيلي ساريوس هتان. سندن بادشاهيءَ جو سج هميشہ جي لاءِ ٻڏي ويو هو. بيلي ساريوس فاتح جي حيثيت سان بازنطہ واپس موٽيو. عوام هن جو شاندار استقبال ڪيو. شهر ۾ جلوس ڪڍي وندالي حڪمران کي گهمايو ويو. هر طرف بيلي ساريوس جو نالو هو. هن کي سلطنت جو عظيم سپہ سالار چيو پئي ويو پر. ملڪ ٿيوڊورا ڪجهہ ٻيو سوچي رهي هئي. هن بيلي ساريوس کي نڪاڻي لڳائڻ جو حتمي فيصلو ڪري ڇڏيو. هن کي فوجي سالار جي شهرت نٿي وڻي. هن کي سندس جاسوسن اطلاع پهچايو هو تہ. بيلي ساريوس هڪ محفل ۾ تمام گهڻو شراب پيئڻ کان پوءِ وڏي واڪي اعلان ڪيو هو تہ هو شهنشاهہ ٿيڻ چاهي ٿو. ٿيوڊورا اهڙي ڳالهہ ٻڌي آپي کان ٻاهر نڪري وئي. ذليل حرافہ انطونينا جي ڪتي جي اها همت جو شهنشاهہ ٿيڻ جو خواب ڏسي. ٿيوڊورا کي انطونينا کان چڙ هئي. هوءَ جڏهن بہ انطونينا کي ڏسندي هئي هن کي پنهنجي بازاري زندگي ياد اچڻ لڳندي هئي. ٿيوڊورا ٻنهي کي شاهي قاصد جي هتان پيغام موڪلي شاهي دربار ۾ گهرايو. ٿيوڊورا هنن جي اچڻ کان اڳ ۾ شاهي دربار لڳائڻ جو حڪم ڏنو. شاهي

دربار کي معمول جيان سينگاريو ويو دفترن جي ناظر اعليٰ، فوج جي سالار اعظم ۽ شاهي محلات جي نيري وردي پوش محافظ دستن جي انچارج کان علاوه سينٽ لارنس ڪليسا جي پادريءَ، سينٽ ايا صوفيه جي اسقف اعظم، ۽ يوناني معبد جي راهب کي شاهي دربار جي خصوصي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت ڏني، سيئي مقرر ٿائيم تي دربار ۾ پهتا. بيلي ساريوس ۽ انطونينا بہ ٿيوڊورا جي ڳالهائڻ جا منتظر هئا. "معزز اسقف اعظم، بادشاهہ جي مشاورتي ڪائونسل ۽ رومي سينيٽ جا ميمبرؤ...! شاهي فوج جا سالار اعظم، ۽ نيري وردي پوش معزز انچارج!!! جيئن تہ اوهان کي خبر آهي تہ، محترم بيلي ساريوس اتر آفريڪا جي وحشي وندالن جي اقتدار جو خاتمو آڻي بازنطيني سلطنت لاءِ اهم خدمت انجام ڏني آهي، جنهن سان اسان کان وڃڙي ويل سمنڊ عظيم روم جي فتح جو رستو پڻ کلي ويو آهي، خداوند جي فضل سان اسان روم تي بہ فتح حاصل ڪنداسين، جيئن تہ عظيم سپہ سالار بيلي ساريوس سلطنت جي شاندار خدمت ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ اسان هن جي زال کي هڪ انمول تحفو ڏينداسين، جنهن سان بيلي ساريوس جي عزت کي چار چنڊ لڳي ويندا...!!!" ٿيوڊورا جي ڳالهہ ٻڌي انطونينا خوش ٿيڻ لڳي، پر بيلي ساريوس جي دل بي وقتائتي ڌڙڪڻ لڳي، ملڪ ٿيوڊورا خدمتگار کي اشارو ڪيو ٿوري دير کان پوءِ، ريشمي پردن جي اوٽ مان غلام سان گڏ هڪ نوجوان پڻ ظاهر ٿيو، پوري دربار تي الجهن طاري ٿي وئي پر، انطونينا جا چوڏهن طبق روشن ٿي ويا...!!! دربار ۾ پڻ پڻ مچي وئي. "سلطنت جا معزز مهمانو!! هيءَ نوجوان اوهان جي عظيم سپہ سالار جي زال جون راتيون گرمائيندو هو، جڏهن بيلي ساريوس مهم تي روانو ٿي ويو هو...!!! اميد تہ انطونينا سان گڏ بيلي ساريوس لاءِ بہ هيءَ تحفو قيمتي ثابت ٿيندو...!!!" ٿيوڊورا جو انڪشاف ٻڌي انطونينا جي چهري تي موت جهڙي زردي ڦهلجي وئي، بيلي ساريوس عزت جي بلندين تي پهچي، پري دربار ۾ ذليل ٿي ويو، دربار ۾ شور مچي ويو...!! "بي غيرت بيلي ساريوس مرده باد...! حرافہ انطونينا کي سزا ڏني وڃي...!!!" دربار ۾ لڳندڙ نعرا ٻڌي ٿيوڊورا دل ئي دل ۾ مسڪرائڻ لڳي. هن بيلي ساريوس کي برطرف ڪري سندس اڌ جائداد شاهي خزاني ۾ جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو، ۽ هنن کي بازنطہ مان جلاوطنيءَ جو شاهي حڪم ٻڌايائين...!!! انطونينا کي وهم گمان بہ ڪونہ هو تہ، ٿيوڊورا هن سان اهڙو سلوڪ ڪندي، انطونينا چپ چاپ سڀ ڪجهہ برداشت ڪري وئي، راند ۾ هار جيت تہ وقتي هوندي آهي، يقيني فتح تہ ان کي حاصل ٿيندي آهي، جنهن وٽ ترپ جو پتو هوندو آهي...!!! انطونينا

وٽ بہ ترپ جو هڪ پتو اڇا هو!!! هڪ دفعو ٻيهر آسمان خاموشيءَ جي زبان ۾ طوفان اچڻ جو نياپو ڏئي رهيو هو، ستارا ڳلو ڦاڙي تباهي...!! بربادي...!! هلاڪت ئي هلاڪت پڪاري رهيا هئا. پوڙهو اينٽينوس بہ هن دفعي ستارن جي چال سمجهڻ ۾ مات کائي ويو، موت تيزيءَ سان بازنط تي اچي ڪڙڪيو هو، طاعون تباهي ڦهلائي ڇڏي، هر طرف لاش ئي لاش ڦهليل هئا. قبرستانن ۾ قبرن لاءِ جڳهہ نہ رهي تہ، لاشن کي ٻيڙين ذريعي قريبي ٻيٽن تي ٽڪاڻي لڳايو وڃڻ لڳو، آسمان ڪاوڙجي پيو هو، ۽ پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار طاعون ذريعي ڪري رهيو هو، پر ستارن جي زبان سمجهڻ لاءِ اينٽينوس نہ رهيو هو، هو تہ طاعون جي ور چڙهي ويو، ظلم جو گهڙو جڏهن ڪنارن کان ڇلڪڻ لڳندو آ تہ، ڦاٽي پوندو آهي، ٿيوڊورا بہ ظلمن جي انتها ڪري ڇڏي هئي، عيسائيت ۾ خداوند يسوع کان سواءِ ڪنهن کي بہ سجدو روا نہ هو، هن پاڻ کي سجدو ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو، جيڪو عيسائين جي مذهبي عقيدي جي خلاف سنئون سڌو ڪفر هو، بازنط قحبہ خانن ۽ مجره خانن جو ڳڙهہ بڻجي ويو، هر طرف رقصائون ئي رقاصائون ڦهليل هيون، جنسيت جا ناپاڪ جراثيم شريفن جي گهرن ۾ ڪاهي پيا، بدن لٽڙجي ويا... روح گندا ٿي ويا...! نيڪي ختم ٿي وئي... هر طرف گناهہ ئي گناهہ هئا تہ، طائون ڦٽي پيو. سينٽ اياصوفيہ جا گهنڊ وڄڻ لڳا، اسقف اعظم جي حڪم تي راهب شهر ۾ گشت ڪري نيڪين جي تلقين ڪرڻ لڳا... پر نيڪي تہ بزنط جي شهرين جي دلين مان ڪڍي وئي هئي، اسقف اعظم طائون کي خدائي قهر قرار ڏنو هو، قديم يوناني تهذيب جي وارثن ۽ يوناني ديوي ديوتائين جي پوئلڳن ۽ يوناني معبدن جا راهب ملڪ ٿيوڊورا کي طائون جو سبب ڪوٺي رهيا هئا، سندن قديم عقيدي مطابق، جيڪڏهن ڪنهن سلطنت جي راڻي، ڪنهن وقت رقاصہ، ۽ عصمت فروش رهي هجي تہ، اتي ديوتائن جو قهر نازل ٿيندو آهي، يوناني عقيدو تمام عجيب هو، ڪنهن مهل درست پئي لڳو تہ، ڪنهن مهل عجيب و غريب ڏند ڪٿا پئي معلوم ٿيو. يوناني راهب وڏي واڪي شور مچائي رهيا هئا تہ، ٿيوڊورا بازنط سان گڏ اسڪندريہ ۽ پينتي پوليس ۾ بہ پنهنجي حسن جا جلوا ڏيکاريا هئا. عجب جهڙي ڳالهہ هئي تہ، مٿيان ٽئي عظيم شهر شديد، طائون جي لپيٽ ۾ اچي ويا هئا. عاليشان ايوان، خوبصورت گهر، وسيع و عريض گرجا گاهون ڳاٽ اوچون ڪنيون بيٺا هئا، پر انسان ڪٿي بہ نظر نٿي آيو، هر طرف سج واڪا ڪري رهي هئي، بازنط جي ڳاڙهين سرن ۽ پٿرن مان جڙيل شاهي محل ۾ جسٽينين بہ طاعون ۾ مبتلا طبيبن جي علاج هيٺ هو، پوري حڪومت ٿيوڊورا جي قبضي ۾ اچي وئي هئي، هوءَ صبح جو دربار

هلائيندي هئي تہ، رات جو پنهنجي محبوب مڙس جي سارسنيال ۾ جاڳندي هئي هن کي جسٽينين سان عشق هو، جسٽينين ئي تہ هن کي ٽيٽر جي پستين مان ڪڍي، اقتدار جي بلندين تي پهچايو هو. بيلي ساريوس ۽ انطونينا خاموشيءَ جي ڪنهن گهري ڏنڌ ۾ غائب هئا، پر انطونينا ۽ سندس مڙس طائون کان محفوظ هئا، ٿيوڊورا اقتدار جو جائزو وٺندي پنهنجا لاتعداد دشمن مارائي ڇڏيا، پر انطونينا ۽ بيلي ساريوس نڄاڻ ڪئي روپوش بڻيل هئا. هن وٽ ترت جو پتو هو، جنهن سان هوءَ ٿيوڊورا کي مات ڏئي ٿي سگهي. ان ترپ جي پتي کي ظاهر ڪرڻ جو وقت اچي ويو هو، هار جيت جي شطرنجي بساط تي انطونينا نئين سري سان مهرا وڇائڻ لڳي، راڻي ڪنهن جي هئي؟، گهوڙي سوار ڪنهن جو هو...!!؟ پيادو ڪنهن جو هو...!؟! تقدير جي ميدان تي موت جي بازي کيڏڻ جو وقت اچي ويو هو...! جيت ڪنهن جي مقدر ۾ هئي...!؟! هار ڪنهن جو نصيب بڻجڻ واري هئي...!؟! ستارا سڀ ٻڌائي رهيا هئا، پر ڪوبہ اينٽينوس انهن جي چال سمجهڻ لاءِ موجود ڪونہ هو!!! طائون ختم ٿي چڪو هو، بازنط جي بازارين ۾ رونق وري موٽي آئي، نيري پاڻيءَ واري سمونڊ جو ساحل وري بازنط وارن لاءِ دلڪش نظارو بڻجي ويو، هپوڊروم ساڳي شان سان راندين جو مرڪز بڻيو، ٿيوڊورا ميس ۽ آگسٽس جي چوٽڪن جي پراڻي رونق موٽي آئي هئي پر الاءِ ڇو ماحول تان خاموشيءَ جي ديو جو سحر نہ ٽٽو هو. شهنشاهہ جسٽينين طائون مان صحت ياب تہ ٿي ويو هو پر سندس دماغ صحيح طريقي سان ڪم نہ ڪري رهيو هو. چڙچڙاهٽ ڪانسواءِ هو جلد ڪاوڙ ۾ اچڻ جهڙين ڪيفيتين ۾ مبتلا هو، بيلي ساريوس جهڙي فاتح جي ذلت آميز شڪست کان پوءِ، بازنط جي ماڻهن تي ملڪ ٿيوڊورا جو خوف سوار هو، بازنط جي اخلاقي حالت، ذلتن جي پستيءَ ۾ ڪري پئي هئي. راڻي ٿيوڊورا طوائفن جي شادي امير ۽ صاحب النسب نوجوانن، ۽ شريف عورتن جي شادي لوفر ۽ گندي ذهنيت رکندڙ اوباش ۽ ٽيٽرن جي اداڪارن سان ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪيو. ملڪ ٿيوڊورا جو خيال هو تہ، انهيءَ عمل سان مساوات ۽ معاشري مان برائيءَ جو خاتمو ٿي ويندو، پر لاشعوري طور، هوءَ پنهنجي ذلت آميز زندگيءَ جو بدلو وٺي رهي هئي. سينٽ ايا صوفيہ جي اسقف اعظم ان عمل جي شديد مذمت ڪئي، ۽ اهڙي حڪم کي شيطاني چال قرار ڏنو، اسقف اعظم جي شديد احتجاج ملڪ ٿيوڊورا کي چيڙائي ڇڏيو، هن اسقف اعظم کي پنهنجي قاصد هٿان پيغام موڪليو. "زبان جي قئنچي هلائڻ بند ڪر نہ تہ، توکي ڪليسا جي قربان گاهہ تي ذبح ڪرائي ڇڏيندس...!!! تون ڇا تو سمجهين تہ، آئون ڪو وڏو انسان آهيان توهين سڀ ڪيڙا ماڪوڙا آهيو،

جن کي آئون پنهنجن پيرن ۾ لتاڙڻ جو جق رکان ٿي...!!!" ملڪ ٿيوڊورا جو خط پڙهي اسقف اعظم کي ايترو ته ڏک ۽ صدمو رسيو جو، هن ڪليسا مان ٻاهر نڪرڻ ڇڏي ڏنو. ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ هو بازنط مان نڪري جلاوطن ٿي ويو. هاڻي ٿيوڊورا کي روڪڻ وارو ڪو به نه رهيو، هوءَ آزاديءَ سان پنهنجي من ماني ڪرڻ لڳي، پر نيٺ هڪ ڏينهن راند ئي الٽي ٿي وئي...!!! عام دربار ۾ هڪ اجنبي ٿيوڊورا سان اچي مليو، پنهنجو نالو فيلقوس ٻڌايائين، سندس چوڻ مطابق هو اسڪندريه کان آيو هو، فيلقوس جي واتان اسڪندريه جو نالو ٻڌي، ٿيوڊورا کي گهڻو ڪجهه ياد اچڻ لڳو. "ايڪبولس...! آفريڪا جو ڏورانهون صوبو پينٽي پوليس...! حبشي غلام...!!! ساموندي ٻيڙو...!! اسڪندريه ۾ سندس حسن جو چرچو...!! ڪوٽوال جي سزا...!!! ۽ بطريف نموني جي ڪليسا ۾ ڪيل گناهن جو اعتراف...!!! واقعن جو هڪ تسلسل سندس ذهن جي ڪنئواس تي اڀريو. ملڪ! مون ارڙنهن سال تنهنجي امانت جي حفاظت ڪئي آ...! پر هاڻي آئون وڏيڪ، هن کي سنڀالي نٿو سگهان...!!" فيلقوس جي ڳالهه ٻڌي، ٿيوڊورا اضطراب وچان تخت تان اٿي بيٺي. فيلقوس منتظر نگاهن سان ملڪ ٿيوڊورا کي گهوريندو رهيو. ملڪ مان ارڙنهن سالن تائين تنهنجي پٽ کي پاليو آهي!! هاڻي وڏيڪ سنڀالڻ جي مون ۾ همت ناهي...!!!" فيلقوس جي ڳالهه ٻڌي ٿيوڊورا تي زلزلي جهڙي ڪيفيت طاري ٿي وئي هن کي اسڪندريه جا منحوس ڏينهن ياد اچڻ لڳا، جڏهن ڪوٽوال هن جي بي داغ ۽ سفيد پٽيءَ کي لوهه جي گرم سيخن سان ڏنپ ڏياريا هئا. انهن ئي منحوس ڏينهن ۾ هوءَ بندرگاهه تي ايندڙ ملاحن کي پنهنجي رقص سان وندرائيندي هئي، ٿيوڊورا کي سڀ ڪجهه ياد اچڻ لڳو، هڪ رات چند ملاحن رقص ڏسڻ کان پوءِ هن سان زوريءَ ڏاڍائي ڪئي هئي، تلوار جي نوڪ تي هن عصمت وڃائي ڇڏي، هوءَ بيوسيءَ وچان اسڪندريه جي رستن تي اجنبي اجنبي بڻجي گهمندي رهي. زيادتيءَ جو ثمر هن جي پيٽ ۾ پلي رهيو هو، هوءَ ناجائز ٻار جي ماءُ بڻجي وئي، جنهن کي هن، اسڪندريه جي هڪ رحمدل عورت حوالي ڪيو. ۽ پاڻ وري اسڪندريه جي رستن تي هلڻ لڳي، انهن ئي ڏينهن ۾ بطريق نموني جا راهب هن کي بندرگاهه واري علائقي مان ڪليسا کڻي آيا هئا، جتي هن گناهن جو اعتراف ڪيو. ۽ توبهه تائب ٿي هئي...!! هن جي اندر ۾ ڏماڪا ٿيڻ لڳا، گناهن جون منحوس گهڙيون پيانڪ روپ ڌاري هن جي اڳيان اچي بيٺيون هيون، فيلقوس سندس پٽ کي اندر سڏايو، هو ٿيوڊورا جي جسن جو پاڇو هو، چمڻ کان پوءِ ٿيوڊورا پنهنجي پيءُ جي نسبت سان هن جو نالو جان رکيو هو، جان کي

ڏسي ٿيوڊورا جي ممتا جاڳي پئي هوءَ هن سان ٿيل زيادتيءَ جي پيداوار هو ته، ڇا ٿي پيو، ٿيوڊورا هن کي جنم ڏنو هو...!!! سندس مامتا جو سمنڊ اٿلي پيو.

انطونينا، آخري چال کيڏڻ لاءِ بازنط موٽي آئي، هن جي هٿ ۾ ترپ جو پتو هو، هوءَ ٿيوڊورا کان اڳيون پويون حساب چڪتو ڪرڻ آئي هئي، هن ئي ته فيلقوس کي لالچ ڏئي، جان کي ٿيوڊورا وٽ پهچائڻ جو بندوبست ڪيو هو. جان هن جو اصل پٽ نه هو، سندس اصل پٽ ته، ڪافي سال اڳ هڪ بيماريءَ ۾ فوت ٿي چڪو هو، انطونينيا جڏهن ٿيوڊورا هٿان ذليل ٿي بازنط مان نڪري اسڪندريه پهتي ته، هن اتان جي ماڻهن واتان ٿيوڊورا جي پٽ جو تذڪرو ٻڌو، جيڪو تازو ئي بيماريءَ وگهي فوت ٿي ويو هو، انطونينا، ٿيوڊورا جي ڪيڏيل چال هن تي ئي اڇلائڻ جو فيصلو ڪري ورتو. ٿيوڊورا جان کي جنهن محل ۾ خفيه طور رهايو هو، ان جو پتو به انطونينا کي هو، ٿيوڊورا هر روز جان سان ملڻ ان محل ۾ ايندي هئي. بازنط پهچڻ کان پوءِ انطونينا سڌو، شهنشاهه جسٽينين جي درٻار ۾ پهتي. "شهنشاهه! مان اوهان کي هڪ برو اطلاع ڏيڻ آئي آهيان...!!! ملڪ ٿيوڊورا اوهان جي بيمار ٿيڻ کان پوءِ، هڪ نوجوان سان پنهنجي تنهائي دور ڪرڻ لڳي آهي...!!!" باريابيءَ جي اجازت ملندي ئي، هن شهنشاهه کي چيو، شهنشاهه سان ملڻ به هن جي منصوبي جو حصو هو، شهنشاهه طاعون جي حملي کان پوءِ شديد جذباتي ۽ جلدي ڪاوڙ جو شڪار ٿي ويندو هو، انطونينا وڏي چالاڪيءَ سان سندس بيماريءَ مان فائدو وٺي رهي هئي. "شهنشاهه اهو نوجوان ڪافي خوبصورت پڻ آهي...!!! ٻڌو آ ته، هو خاص ٿيوڊورا سان ملڻ لاءِ اسڪندريه کان آيل آهي...!!!" شهنشاهه جو چهرو دونهون دونهون ڏسي، انطونينا ٻرنديءَ تي تيل وارو ڪم ڪيو هو. انطونينا جي ڳالهه ٻڌي، جسٽينين آپي کان ٻاهر نڪري ويو، ۽ پنهنجي فوجي صلاحڪار کي گهرائي ان نوجوان جو سر قلم ڪرڻ جو شاهي فرمان صادر ڪيو، ڪاوڙ جي زيادتيءَ سبب هن جانچ ڪرڻ به مناسب نه سمجهو. انطونينا ته ائين ئي پئي چاهيو، شهنشاهه جو حڪم ٻڌي هن جي چپن تي مڪروهه مسڪراهٽ پکڙجي وئي، شاهي محلات جي محافظ دستن جي انچارج، نند ۾ ستل جان کي زنجيرن ۾ جڪري عقوبت خاني ۾ اڇلايو. ملڪ ٿيوڊورا کي جان جي گرفتار ٿيڻ جي خبر پئي ته، هوءَ چڪرائجي وئي" هوءَ تڙ تڪڙ ۾ شهنشاهه جي آرام واري ڪمري ۾ پهتي. "شهنشاهه! اهو نوجوان بيگناهه آهي.!! ان جو ڪوبه قصور ناهي...!!!" راڻي ٿيوڊورا، جان جي گرفتاري تي احتجاج ڪندي چيس. جسٽينين ڏک ۽ رنج ٻڌيو ٿيوڊورا کي ڏسندو رهيو، "جسٽينين خاموش ڇو

آهين...!؟! ڳالهائين ڇو نہ پيو...!!!"
"ٿيوڊورا ٻيهر وراڻيس. "پياري ٿيوڊورا! ڇا ڳالهايان...!؟! مو وٽ تہ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي بچيو...!؟!!!" ٿيوڊورا ڇا تنهنجي دل مون مان پرجي وئي هئي جو، تون اسڪندريہ مان نوجوان گهرائي ان سان پنهنجي تنهائي دور ڪرڻ لڳي هئينءَ...!!!" جسٽينين جي لهجي ۾ دنيا جهان جي حسرت جهلڪي رهي هئي. ٿيوڊورا جي اکين اڳيان نيريون پيليون چٽنگيون دکي پيون. "جسٽينين! خداوند يسوع جي واسطي اهڙيون واهيات ڳالهيون نہ ڪر...!! مهرباني ڪري سمجهڻ جي ڪوشش ڪر!! مون تو سان ڪابہ دوکيبازي ناهي ڪئي...!! ٿيوڊورا ڪا عام عورت ناهي...! بازنطہ، اسڪندريہ جا ماڻهو مون وٽ ڪيڙن مڪوڙن جي حيثيت رکندا آهن جسٽينين! مان ناچڻين واري زندگيءَ کان دور نڪري آئي آهيان...!!! ٿيٽر جي پستين ۾ هوندي بہ مون عصمت وڪڻڻ گوارا نہ ڪئي هئي تہ، اقتدار جي بلندين تي پهچي، آئون عزت ۽ عصمت لٽائڻ جو تہ تصور بہ نٿي ڪري سگهان...!!!" ٿيوڊورا جي لهجي ۾ دنيا جهان جي بيوسي ۽ درد سمايل هو، ٿوري دير لاءِ ڪمرو مانڌار جي ور چڙهي ويو. "جسٽينين! خاموش ڇو آهين...!؟! اوهان پهريان ان نوجوان کي آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو، پوءِ آئون توهان کي حقيقت ٻڌائينديس...!!!" ٿيوڊورا جسٽينين کي چپ ڏسي چيو. "مون ان جو سر ڏڙ کان ڪرڻ جو فرمان جاري ڪري ڇڏيو آهي...!!!" شهنشاهہ جسٽينين جي ڳالهہ ٻڌي، ٿيوڊورا جي اکين اڳيان اوندهہ اچي وئي، هوءَ ڊوڙندي شاهي محل مان ٻاهر نڪتي، سندس رخ قيد خاني ڏانهن هو. ٿيوڊوميس جي چوڻڪ تي بينل ماڻهن پهريان ملڪ ٿيوڊورا کي شاهي محل مان، قيد خاني ڏانهن ديوانہ وار ڊوڙندي ڏٺو، جنهن کان پوءِ شهنشاهہ جسٽينين بہ شاهي محلات جي محافظن جي هجوم ۾ قيد خاني ڏانهن وڃڻ لڳو، ٿيوڊوميس جا ماڻهو حيرت مان اهو منظر ڏسڻ لڳا، ملڪ ٿيوڊورا پيچ در پيچ راهداريون ٽپي مرڪزي قيد خاني ۾ پهتي. سنگين ديوارن سان ٽڪرائجي لاتعداد مظلومن جو چيخون هتي خاموش ٿي ويون هيون ٿيوڊورا کي ائين پئي لڳو، جڻ تہ قيد خاني ۾ ايذاءَ ڏئي ماريلن جا روح سندس بيوسيءَ تي پار ڪڍي روئندا هجن...!!! لاتعداد مظلومن جون دردناڪ چيخون هن جي تعاقب ۾ هيون. "جان...! جان!! ڪٿي آهين، جان...!!!" هن پيانڪ انداز ۾ رڙيون ڪري جان کي پڪاريو سندس چيخون، سنگين ديوارن سان ٽڪرائجي، پڙاڏو بڻجي هن وٽ موٽي آيو، ڪنن ۾ "جان ...! جان...! جان...!!" جا پڙاڏا گونجڻ لڳس، ٿوري دير کان پوءِ شهنشاهہ جسٽينين بہ محافظ دستي تي اچي پهتو، جلاد شهنشاهہ ۽ ملڪ،

ٻنهي کي هڪ وقت قيد خاني ۾ ڏسي خون آلود تلوار جهڪائي...!!! ٿيوڊورا ڪڏهن جلاد تہ ڪنهن مهل جسٽينين کي گهوري رهي هئي، تهہ خاني تي چپ جو راڪاس ڇانيل هو...! ڀاري تلوار مان خون ٽپ...!! ٽپ...!! ٽپ...!!" جو آواز پيدا ڪري تهہ خاني جي فرش تي ڪرڻ لڳو، "جان ڪٽي آ...!!! ملڪ، چريائي انداز ۾ جلاد کان پڇيو. جلاد هڪ نظر شهنشاهہ تي وڌي، سندس نظرن ۾ هزارين سوال پوشيده هئا. "عزت واري ۽ فياض ملڪ!! مون ان نوجوان کي بادشاهہ سلامت جي حڪم مطابق قتل ڪري ڇڏيو...!!!" جلاد جي ڳالهہ ٻڌي ٿيوڊورا جي من ۾ ڪائي شيءِ ٽٽي پورا پورا ٿي وئي، ڪنن ۾ جلاد جا لفظ گونجڻ لڳس. "قتل ڪري ڇڏيو...! قتل ڪري ڇڏيو...!!!" شهنشاهہ چپ چاپ حيرت آميز نظرن سان ٿيوڊورا کي تڪڻ لڳو هو. سڪتي ۾ ورتل ٿيوڊورا خالي خالي نظرن سان جسٽينين ڏي تڪڻ ڏي...! اف سندس ڪٽورا نيڻ اڄ، سڪل جيان خشڪ ۽ ويران ويران پئي لڳا، ذهن ڪئنواس تي واقعن جو هڪ تسلسل اڀريس، "ٿيٽر...!! سندس حسن جا جلوا...!! آراستہ ايوان...!! ايڪبولس...! اسڪندريہ...!!! اسڪندريہ ۾ سندس حسن جا چرچا...!!! بي وسي، محرومي...!!! بطريف نموني...!! بطريف نموني ۾ ڪيل گناهن جو اعتراف...!! بازنط ۾ سندس بلندين تي پهچڻ...!!!" هوءَ ايترو تہ بلندين تي پهچي وئي هئي، جو جڏهن هيٺ ڪري پئي تہ ديواني ٿي وئي، هن لٽڻ سڪيو هو، لٽائڻ جي احساس جي خبر هن کي اڄ ئي پئي هئي، لٽجي وڃڻ جو درد ڇا ٿيندو آ...!! اڄ هن کي پتو پئجي ويو. "سڀ ختم...!! سڀ ڪجهہ ختم...!!!" هوءَ چپن ئي چپن ۾ پڙڪي، سانت جي ول سندس شخصيت کي وکوڙي ڇڏيو. "ٿيوڊورا...!! ٿيوڊورا...! ڳالهائين ڇو نہ ٿي ٿيوڊورا...!!!" شهنشاهہ جسٽينين ڪلها لوڏيندي پڇيس، پر جواب ندارد، صرف خالي خالي نظرن سان جسٽينين کي تڪيندي رهي، هوءَ بستري سان لڳي وئي، جان جي غم هن کي پوڙهو ڪري ڇڏيو، ستيتاليهہ بهارون هن بازنط ۾ گذاريون هيون، پر هاڻي هن کي بازنط کان نفرت ٿي وئي هئي، رکي رکي هن کي خون جو الٽيون اچي رهيون هيون، ڇڻ تہ جان جي غم سندس جگر کي ڳاري ڇڏيو هو...!!! شاهي طبيب سرطان جو خدشو ظاهر ڪيو، هوءَ چپ چاپ شاهي محل جي چٽيل ڇت کي گهوريندي رهي، شاهي طبيب جي ڪوششن سان سندس سڪتو تہ ٽٽي پيو هو، پر هاڻي هوءَ موت جي منهن ۾ وڃي رهي هئي، نہ هن کي ڪا تمنا هئي نہ ڪا حسرت هيس...! رڳو درد ئي درد هيس، هڪ اڻ ڪٽ درد جيڪو آهستي آهستي سندس اندر کي ڪنهن ڳاراڻي جيان ڳاري رهيو هو، شهنشاهہ جسٽينين جي جان تمنا،

سندس من جي راڻي مري رهي هئي، غم ۾ ساڻو جسٽينين سندس پيرانديءَ کان وينو حسرت وياس جي تصوير بڻيو. هن کي پورا پورا ٽيندي ڏسي رهيو هو. اڌ دنيا جي زمين تي قائم بازنطيني سلطنت جو عظيم فرمانروا ڪيڏو نہ بيوس پئي پسيو. "شهنشاهہ! خبر ٿئي جان منهنجو پٽ هو...!!! جيتوڻيڪ هو مونسان ٽيل زيادتيءَ جو ٿمر هو، پر هيو تہ منهنجي جيءَ جو ٽڪرو...!!! شهنشاهہ!!! موت جو فرمان جاري ڪرڻ کان اڳ ۾ توري جانچ تہ ڪرين ها!!! پر...!! پر هاڻي... هاڻي ڇا...!؟! ختم سڀ ڪجهہ ختم...!!!" آخري جملا ادا ڪندي سندس لهجي ۾ درد ئي درد هو.

ٿيوڊورا جو انڪشاف ٻڌي، جسٽينين حيرت زده بڻيو ٿيوڊورا کي گهوريندو رهيو. "ٿيوڊورا...!! مون کي معاف ڪر ٿيوڊورا...!!!" پر ٿيوڊورا تہ معافيءَ ڏيڻ لاءِ موجود ئي ڪونہ هئي، هوءَ جيئن اوچتو ئي پيٽروس سبيٽيس جي زندگيءَ ۾ آئي هئي، تيئن اوچتو ئي هن وٽان هلي وئي...!!! پيٽروس هن جو عاشق... اڄ اڪيلو هو...! جسٽينين پنهنجي راڻيءَ کانسواءِ اڏورو بڻيل هو، جسٽينين، پيٽروس جي روپ ۾ هن جو عاشق هو تہ، جسٽينين جي روپ ۾، هوءَ سندس ٻاج جي اڌ ۾ پائيوار هئي...!!! راڻيءَ کان سواءِ بادشاهہ ڪهڙي ڪم جو...!!! ملڪ ٿيوڊورا جي آخري رسمن ۾ اسقف اعظم هن لاءِ خاص دعا ڪئي، آخري ڏينهن ۾ هن اسقف اعظم کان معافي ورتي هئي، اسقف اعظم خصوصي دعا ۾ خداوند يسوع کان هن جي گناهن جي معافي لاءِ ٻاڏايو. هپوڊروم عوامي سمنڊ سان ڀريل هو، اهي پنهنجي مغرور راڻيءَ جي آخري ديدار لاءِ پهتا هئا، هوءَ هنن تي ظلم بہ ڪندي هئي، پوءِ بہ هوءَ سندن دلين جي ڌڙڪنن ۾ رچيل هئي، عوام پنهنجي مغرور سنگدل ۽ حد درجہ ظالم بڻجي ويل محبوب ملڪ جي موت تي رنجيده هو. هو توڙي جو هن کان خوش نہ هئا، پر پوءِ بہ الاءِ ڇو غمگين هئا. نيري پاڻيءَ وارو سمونڊ دهشتناڪ انداز ۾ ڇوليون بلند ڪري پنهنجي درد جو اظهار ڪري رهيو هو. ٿيوڊوميس ۽ آگسٽس جا چوئڪ ويران هئا، پر انطونينا جي فتح ٿي هئي، هن نيٺ ٿيوڊورا کي مات ڏئي ڇڏي ۽ پنهنجي ذلت جو بدلو چڪائي ورتو. پر پوءِ بہ الاءِ ڇو اڄ هوءَ اداس اداس هئي، دور شاهي محل کان گهڻو دور هڪ عاليشان ايوان ۾ غم زده بڻيل ڪوميتو، پنهنجي پيٽ کي ياد ڪرڻ لڳي...!!! جيڪا هاڻي خواب و خيال بڻجي وئي هئي...!!!

■

ٽهڪ ٽائيم

☺ استاد (شاگرد کي): تون ڪلاس جو سست ۾ سست شاگرد ڇو آهين؟
شاگرد: "ان ڪري تہ جيڪو ڇوڪرو مون کان وڌيڪ سست هو، اهو اسڪول ڇڏي هليو ويو آهي...."

☺ ٻار: "انڪل، ڪلهہ مان بازار مان هڪ صابڻ وٺي آيو هئس... ان سان پنهنجي شرٽ ڌوتم تہ اها سڪڙجي ننڍي ٿي ويئي... ٻڌائي تہ مان ڇا ڪريان."
انڪل: "هيئن ڪر... تون بہ انهيءَ صابڻ سان وهنجي وٺ."

☺ هڪ عورت هڪ دڪان ۾ پنهنجي لاءِ هڪ ٽوپلو پسند ڪري رهي هئي. آخرڪار هن کي هڪ ڪلاڪ جي ڪوشش کان پوءِ هڪ ٽوپلو پسند اچي ئي ويو. هن سيلزمين کي چيو، "هيءُ ٽوپلو مون کي پسند آهي... ان کي پيڪ ڪري ڇڏ...."
سيلز مين ڪلي چيو، "محترمہ... ان کي پيڪ ڪرڻ ۾ مون کي اعتراض تہ ڪونهي... پر هي اهو ٽوپلو آهي جيڪو پائي توهان دڪان ۾ داخل ٿيا هيو."

☺ هڪ صاحب شاعري شروع ڪري ڏني. هو سڄي مهيني ۾ مختلف شهرن ۾ مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ويندو هو. پويان گهر ۾ فاقہ پيا ٿيندا هئا. شاعر جي زال هن کان ان ڪري تنگ اچي چڪي هئي. هڪ رات شاعر سمهڻ کان پهرئين پاڻيءَ جو گلاس زال کان گهريو. زال پاڻي کڻي آئي پر شاعر صاحب جي اک لڳي ويئي هئي. زال هن کي اٺارڻ مناسب نہ سمجهيو، ۽ گلاس هٿ ۾ پڪڙي اتي ئي بيٺل رهي. صبح سوير شاعر جي اک کلي تہ هن ڏٺو تہ هن جي زال جي هٿ ۾ پاڻيءَ جو گلاس آهي ۽ هيءَ بيٺي آهي. هيءُ جوش ۾ اچي ويو ۽ چوڻ لڳو، "بيگم... مان تنهنجي فرمانبرداريءَ سان ڏاڍو متاثر ٿيس... ٻڌائي ڇا ڪپئي؟"
زال هٿ ٻڌي چيو: "طلاق ڏيئي ڇڏ."

☺ ٻار هڪ ڏينهن گهر ۾ پهچي ڪري پنهنجي والدين سان شڪايت ڪئي تہ مون کي ڪلاس روم ۾ مونکي بليڪ بورڊ نظر نہ ٿو اچي.
والدين اهو ٻڌي ڪري پريشان ٿي ويا ۽ هن کي ڊاڪٽر کي ڏيکاريو. ڊاڪٽر هن جي پٺ جون اکيون چيڪ ڪري چيو تہ هن جون اکيون صحيح آهن. "توکي بليڪ بورڊ ڇو نظر نہ ٿو اچي؟" ڊاڪٽر ٻار کان پڇيو. ٻار معصوميت سان جواب ڏنو تہ، "منهنجي سيٽ آڏو هڪ ڊگهو ٻار ويٺل هو ان ڪري مون کي بليڪ بورڊ نہ پئي نظر آيو."

☺ ڪلاس ۾ شاگرد پنهنجو پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. ڪو چئي رهيو ته پڙهنداسين، ڪو چئي رهيو ته ڪيڏنداسين، آخر هڪ شاگرد چيو، "ان ڳالهه جو فيصلو ٽاس ذريعي ڪبو. جيڪڏهن ٽاس ڪئيسين ۽ ان جو منهن جو پاسو آيو ته ڪرڪيٽ ڪيڏنداسين... جيڪڏهن ان جو پويون پاسو آيو ته پوءِ فٽ بال ڪيڏنداسون ۽ جيڪڏهن سڪو سڌو بيٺل رهيو ته پوءِ پڙهنداسين."

☺ زال: جڏهن مان ڳايان ٿي ته توهان ٻاهر ڇو ٿا نڪري وڃو؟

مڙس: ان ڪري جو ماڻهو اهو نه سمجهن ته آئون توکي ماري نه رهيو آهيان.

☺ ماءُ آواز ڏنو، "رشيده ڇا پئي ڪرين؟"

رشيده جواب ڏنو، "امان خط پئي لکان."

ماءُ: پر توکي لکڻ ڪٿي ٿو اچي.

رشيده: جيئن خط لکان پئي، سهيلي کي وري ڪهڙو ڪهڙو پڙهڻ اچي ٿو.

☺ ماءُ (پيار مان پٽ کي): ڏس شرارتي ڇوڪرن کان پاسو ڪندو ڪر.

پٽ: ان ڪري ته مون سوچيو آهي ته آئون اسڪول هاڻي نه ويندس.

☺ دڪان جي مالڪ پڇيو: "توکي منشيءَ سڀ ڪم سيکاري ڇڏيو آهي نه؟"

نئين ملازم جواب ڏنو: "جي ها، هن مون کي سيکاري ڇڏيو آهي ته جڏهن توهان کي ڏسان ته هن کي فورن اتاري ڇڏيان."

☺ صاحب (مالهيءَ کي): "اڄ تو ٻوٽن کي ڇو پاڻي ڏنو آهي؟"

مالهي: جناب، اڄ ته برسات ٿي رهي آهي.

صاحب ڪاوڙ ۾ اچي وراڻيو: "گڏهه ڪنهن جاءِ جا ڇڻي ڪٽي پاڻي ڏين ها."

☺ هڪ پروفيسر پنهنجي زال کي ننڊ مان اتاريو ۽ چيو، "گهر ۾ ڪو چور گهڙي آيو آهي."

پروفيسر وٺي گوڙ ڪيو، "آهي ڪو ماڻهو جيڪو چور کي پڪڙي."

زال پنهنجو هٿ هن جي وات تي رکي چيو، "ڇا تون ماڻهو نه آهين؟"

"اڙي ها" پروفيسر کي ياد اچي ويو، "تو موقعي مناسب سان مون کي ياد ڏياريو ته مان ماڻهو آهيان."

☺ جيل ۾ قيديءَ کي اداس ڏسي پهريدار هن کان پڇيو، "ڇا ڳالهه آهي، تون اداس ڇو آهين؟"

قيديءَ جواب ڏنو، "منهنجي گهران ڏاڍي خراب خبر آئي آهي."

"ڇا ڪو مري ويو آهي؟"

"نه" قيدي آهه پريندي چيو، "منهنجي ڀاءُ نوڪري حاصل ڪري ورتي آهي. اسان خاندائي چور آهيون. اسان نسل درنسل اهو ڪم ڪري رهيا آهيون. منهنجي ڀاءَ پنهنجي اباڻي پيشيءَ کي ڇڏي ڪري اسان جو برادريءَ ۾ نڪ ڪپائي ڇڏيو آهي."

"ڪرزما" ڊائجسٽ جي خريداريءَ جي لاءِ
هيٺين سان لهه وچڙ ۾ اچو:

ڪراچي: راشد مسعود: 021-2750379، 0300-2118454
اتر وارا ضلعا: امر اياز مهر، سنڌيڪا اڪيڊمي، زونل آفيس، سکر. فون نمبر: 071-5628368، 0301-3433848
حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ميرپور خاص، ٿرپارڪر ضلعا ۽ ڪوٽڙي فاروق بهائي 0222-617313، 0300-3017413، 0321 - 3041291
ٿر ضلعو: ڪشور ڪمار، ٿر ڪتاب گهرمٽي، فون نمبر: 0232-261968
بدين (شهر): عبدالغفور پيپر ايجنسي، بدين، فون نمبر: 0297-861652
نواب شاهه ضلعو: ريحان برادرس، فون نمبر: 0244-360098
دادو ضلعو: سليم نيوز ايجنسي، دادو، فون نمبر: 0254-611315، 0301-3494392
ميرپور خاص: اقبال نيوز ايجنسي، ميرپور خاص، فون نمبر: 0233-872245، 0300-3312403
سانگهڙ ضلعو: عزيز منگي، سانگهڙ فون نمبر: 0235-542182، 0333-2913588
ٺٽو ضلعو: ندو مڇارو سجاول، فون نمبر: 0301-3317259
خيرپور ضلعو: تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس، فون نمبر: 0243-554293
سکر ضلعو: ملڪ محمد اسحاق، الفتح بڪ اسٽال، فون نمبر: 071-5613548
لاڙڪاڻو: فيض محمد ڇڇڙو، رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو.
شهداد ڪوٽ: عبدالڪريم شيخ، ڪرن نيوز ايجنسي، فون نمبر: 074-4013435
شڪارپور، مرتضيٰ ابڙو.
پنو عاقل: لالچند عرف لالو، سني بڪ اسٽال، پنو عاقل، فون نمبر: 071-5691989
سئي گئس علائقو (خيرپور ميرس): مير حسن ويسر، 0300-3138087، 0243-614201، 0243-614065
جيڪب آباد: علي مردان، جمالي نيوز ايجنسي، جيڪب آباد.
روهڙي (شهر): محمد علي شيخ، ريلوي اسٽيشن.
ڪشمور: گلزار حسين شيخ، نيوز پيپر سپلائر، فون نمبر: 0722-577773
نوشهروفيروز: غلام مرتضيٰ ڪنڊ، فون نمبر: 0333-7092392، 0300-3990825
ڪنڊڪوٽ: شملا پرنس، نيوز ايجنسي، ڪنڊڪوٽ، فون نمبر: 0722-573102
گمبٽ، راڻي پور، ڪنب، ڪوٽڏيجي، سوپوديرو: غلام قاسم گوپانگ، روشن علي
ملڪ نيوز پيپر ايجنٽ، فون نمبر: 0243-640626، 0243-640243
نئون ديرو: سڪندر علي برڙو، اخبارفروش، نئون ديرو.
رتوديرو: الطاف پرويز پٽو، رتوديرو
ڪنڊيارو: قائم خاني نيوز ايجنسي، ڪنڊيارو
ايڊريس: ڪاشف ميمڻ، ماشاءَ الله بڪ اسٽال مرچ منڊي روڊ ڪنري